A Farewell to Arms

اي پيار توکي الوداع

(ناول)



اي پيار توکي الوداع

A Farewell to Arms

ارنيسٽ هيمنگوي

سنڌيڪار: رشيدالله زهراڻي

ڊجيٽل ايڊيشن:
2017ع
سنڌ سلامت ڪتاب گهر

ارپنا

مان پنهنجو هي علمي پورهيو پنهنجن پيارن دوستن
آصف مهر، شهبان سهتي، ذوالفقار جتوئي ۽ راجا محمود سهتي
جي نانءِ ڪيان ٿو

رشيد الله زهراڻي

سنڌسلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”اي پيار توکي الوداع“** اوهان اڳيان پيش آهي. هي ڪتاب ناماياري آمريڪي ناولنگار ۽ ڪهاڻيڪار **ارنيسٽ هيمنگوي** “Ernest Hemingway” جي مشهور ناول “A Farewell to Arms” جو سنڌي ترجمو آهي. اهو مشهور ناول 1929ع ۾ ڇپيو. اهو ناول اسٽيج ڊرامي، فلم ۽ ٽي وي سيريل طور به پيش ٿيو. هن ڪتاب جو سنڌيڪار محترم رشيد الله زهراڻي آهي.

هن ناول جي اندر بنيادي ڪردار جنگ کان بيزاري ڏانهن مائل آهي جنهن کي نقادن پاران ڪوڙ هيرو جو لقب ڏنو ويو آهي. جنگ هن جي نظر ۾ ابنارمل عمل آهي جنهن ۾ سواءِ پيڙائن ۽ اهنجن ايذائن جي ٻيو ڪجھ به پلئه نه ٿو پوي، هو ڏيکاري ٿو ته سپاهي ڪيئن نه اهڙي قسم جي جنگي عمل کان ڪيترا نه بيزار آهن. هينري شروع کان جنگ کان فرار حاصل ڪرڻ جي چڪر ۾ هجي ٿو، هن کي جيڪڏهن فرصت پريا ڪجھ لمحا جيڪڏهن ملي به وڃن ٿا ته هو اهڙي حالت ۾ پنهنجي اندر ۾ موجود جنگ جي خلاف ذهني ڪوفت کان ڪجھ پلن لاءِ صحيح شرابن ۽ شبابن جي دنيا ۾ پاڻ کي ريجهائي رکي ٿو.

ڪوڙ سارن دوستن جو اهو زور هيو ته پرڏيهي ادب جا ڪتاب ترجمو ڪري سنڌ سلامت تي اپلوڊ ڪيا وڃن. جو ته اسان کي ترجميڪار يا ڪهاڻيڪار ناهيون تنهنڪري ضروري آهي ته دوست سهڪار ڪن. ٿورائتا آهيون سائين **رشيد الله زهراڻي** جا جنهن هن ناول جو ترجمو ڪري، ڪمپوز ڪري سنڌ سلامت کي موڪليو. رشيد پاڻ به سنڌ سلامت فورم جو سرگرم رڪن آهي ۽ سنڌس ڪهاڻيون فورم تي موجود آهن.

اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساجاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

محمد سليمان وساڻ
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ترجمي نگار پاران

ارنيسٽ هيمنگوي آمريڪي انگريزي ادب جي حوالي کان هڪڙو انتهائي ناميارو ليکڪ آهي. هي ناول ٻي مهاڀاري جنگ جي پس منظر ۾ لکيو ويو آهي جنهن جو مرڪزي ڪردار فريڊيرڪ هينري آهي جيڪو پنهنجي زباني پاڻ بيان پيش ڪري ٿو. جنگ و جدل جو عمل انساني تاريخ جو هزارين ورهين کان جاري و ساري رهيو آهي.

هن ناول جي اندر بنيادي ڪردار جنگ کان بيزاري ڏانهن مائل آهي جنهن کي نقادن پاران ڪوڙ هيرو جو لقب ڏنو ويو آهي. جنگ هن جي نظر ۾ ايبنارمل عمل آهي جنهن ۾ سواءِ پيڙائن ۽ اهنجن ايذائن جي ٻيو ڪجھ به پلئه نه ٿو پوي، هو ڏيکاري ٿو ته سپاهي ڪيئن نه اهڙي قسم جي جنگي عمل کان ڪيترا نه بيزار آهن. هينري شروع کان جنگ کان فرار حاصل ڪرڻ جي چڪر ۾ هجي ٿو هن کي جيڪڏهن فرصت پريا ڪجھ لمحا جيڪڏهن ملي به وڃن ٿا ته هو اهڙي حالت ۾ پنهنجي اندر ۾ موجود جنگ جي خلاف ذهني ڪوفت کان ڪجھ پلن لاءِ صحيح شرابن ۽ شبابن جي دنيا ۾ پاڻ کي ريجهائي رکي ٿو.

هو هڪڙي آئرلينڊ جي نرس ڇوڪري ڪيٿرائن بارڪلي سان اتفاقي طور تي ملي ٿو انهن جي اها ملاقات اڳتي هلي ڪري پيار ۾ بدلجي وڃي ٿي ۽ اهي ٻئي هڪٻئي جي محبت ۾ ايترو ته گم تي وڃن ٿا جو اهي هڪٻئي کان هڪ پل جي لاءِ به جدا رهڻ نه ٿا چاهن پر اتحادي فوجن جي جنگ هنن جي زندگيءَ کي جنجال بڻائي رکي ٿي اهي جيڏانهن به وڃن ٿا جنگ انهن جو پيڇو ڪندي رهي ٿي. آخرڪار مختلف صعوبتون، وڇوڙا ۽ درد سهندي سهندي اهي جنگ جي ميدان کان پڄي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿين ٿا اهي شادي رچائڻ بنا پاڻ کي شادي شده سمجهن ٿا. پيار جي ان عمل جي نتيجي ۾ ڪيٿرين حامله بڻجي وڃي ٿي اهي سمجهڻ لڳن ٿا ته شايد هاڻي انهن جي زندگي سڦل ۽ شانت بڻجي چڪي آهي، هينري توڙي ڪيٿرائن اچڻ واري ٻار جي آمد جي تيارين ۾ رڌل رهن ٿا ۽ سوئزلينڊ ۾ نهايت ئي پرسڪون زندگي گذارين ٿا پر شايد قسمت کي ڪجھ ٻيو ئي منظور هجي ٿو ۽ ڪيٿرائن ويم دوران فوت ٿي وڃي ٿي .

آخر ۾ مان سنڌ سلامت سٽ جي سرواڻ محترم سليمان وساڻ جو نهايت ئي ٿورائتو آهيان جنهن منهنجي هن ڪاوش جي حوصلا افزائي ڪندي ڪتاب کي منظر عام تي آڻڻ ۾ پاڻ ملهايو آهي. اميد ڪيان ٿو ته پڙهندڙ هن ناول مان لطف اندوز ٿيندا ۽ مانائتي موٽ ڏيندا .

وسلام

رشيد الله زهراڻي

ڪامران چورنگي، ڪراچي.

ڪتاب پهريون

1

ان سال جي پوئين اونهاري دوران اسان هڪڙي ڳوٺ جي گهر ۾ رهائش پذير هئاسين جيڪو درياه ۽ جابلو ميدان جي آرپار ڏيکارجي رهيو هو. درياه جي تري ۾ ڪنڪر ۽ وڏا پٿر پيل هئا، اهو سج جي روشنيءَ ۾ خشڪ اڇاڻ مائل ڏيکارجي رهيو هو. ان جو پاڻي ڪافي صاف هو جيڪو تيز رفتاري سان وهي رهيو هو. اهو تنگ آبي رستن ۾ نيرو نظر اچي رهيو هو. گهر جي پرڪان ۽ هيٺيين رستي ڏانهن فوجي جٿن جو گذر ٿي رهيو هو انهن جي حرڪت جي ڪارڻ اڏامندڙ مٽي وڻن جي پنن ۾ رائي جي صورت ۾ جمي ويئي. انهن وڻن جا ٿڙ بہ مٽيءَ هاڻا ٿي ويا هئا ۽ ان سال وڻن جا پن بہ وقت کان پهريان ڇڻي رهيا هئا، اسان فوجي جٿن کي رستن تان گذرندي، ڌوڙ اڏائيندي ڏٺو. جڏهن تہ تازي هوا جي جهونڪن جي ڪارڻ وڻن جا پن تيزيءَ سان لڏي ۽ ڇڻي رهيا هئا ۽ فوجي جٿا اڳتي وڌي رهيا هئا، هلندي هلندي رستا ايترا تہ ويران ٿي ويا جو انهن تي سواءِ ڇڻيل پنن جي ٻيو ڪجھ بہ نظر نہ پئي آيو. ميدان سرسبز ڪيتن سان شاداب هو. اتي ميون جي وڻن وارا ڪيترائي باغ موجود هئا ۽ ميدان کان پرڀرو خاڪ رنگي ويران جبل هئا. جبلن ۾ ممڻ متل هو ۽ رات جي وقت ۾ جنگي سازو سامان سان ليس ويڙهاڪ فوجين پاران هلايل هٿيارن جا چمڪاٽ ڏيکارجي رهيا هئا. انڌ انڌوڪار ۾ اونهاري جي ڪنوٽين جهڙا ڪيچ پئي لڳا، پر راتيون ٿڌيون هيون ۽ ڪنهن طوفان جي آمد جو ڪو امڪان ڪونہ پئي محسوس ٿيو. اونداه ۾ اسان کي درياءَ جي هينان فوجي جٿن جي گذرڻ ۽ موٽر وارن ٽريڪٽرن وسيلي وڏي جنگي ساز و سامان جي گهلجڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ اچي رهيو هو. رات جي وڳڙي ۾ ڪافي ٽريفڪ هئي ۽ رستن تي ڪيترائي خچر هلي رهيا هئا جن جي پاڪڙن جا ٻئي پاسا گولي بارود سان ڀريل هئا ۽ خاڪي ٽرڪون هيون جيڪي ماڻهن کي کنيو پئي ويون. ۽ ٻيون ٽرڪون جن تي وزنائتو سامان سٽيل هو ۽ اهي وڏي ڪپڙي سان ڍڪيل هيون. جيڪي ٽريفڪ ۾ ڏيمي ڏيمي هلي رهيون هيون. ڪافي وڏيون بندوقون بہ هيون جيڪي ٽريڪٽر وسيلي گهلجندي گذري رهيون هيون، بندوقن جون ڏگهيون ناليون ساون پنن وارين ٽارين سان ڍڪيل هيون ۽ ٽريڪٽرن جي مٿان انگوري ول ڏنل هئي. اتر پاسي اسان ڪنهن واديءَ جي آرپار ڏسي پئي سگهياسين ۽ اتي اسان کي شاه بلوط جا وڻ پئي نظر آيا ۽ انهن جي پويان درياه جي اورئين پاسي اسان کي هڪڙو ٻيو جبل بہ ڏيکارجي رهيو هو. ان جبل جي خاطر پڻ ويڙه وڙهي ويئي هئي، پر اها ناڪاميءَ جي ور چڙهي ويئي، ۽ خزان جي موسم ۾ جڏهن مينهن پوڻ لڳا شاه بلوط جي وڻن جا سمورا پن ڇڻي ويا ۽ انهن جون ٽاريون اجڙي ويون ۽ برسات جي ڪري انهن جا ٿڙ ڪاراٽجي ويا. انگورن جا فصل سنهڙا ٿي ويا ۽ انهن جون ڏانديون پڻ اجڙي ويون ۽ سارو ڏيه خزان جي ڪري گهم، موت ۽ خاڪ سان سراپجي ويو. درياه جي مٿان ڌنڌ ڇانئجي ويو ۽ جبلن تي ڪڪر ۽ ٽرڪين

رستن تي گپ جا ڦهنگا ڦهلائي ڇڏيا، ۽ فوجي جٿا پنهنجي توپن سميت گپ ۾ آلا ٿي ويا. توپن جي هيٺان انهن جون رائفلون ۽ انهن جي پٽن جي اڳيان لٽڪيل چمڙاوان ڪارتوسن وارا ٿيلها پڻ آلا ٿي ويا هئا. ساڍن ڇهن سُوتن وارن ڪارتوسن سان ڀريل لاتعداد سنهڙين ميخن وارا خاڪ رنگي ڳرا ٿيلها، انهن توپن جي هيٺان اهڙي نموني ٻاهر نڪري رهيا هئا. جو رستن تان گذرندڙ اهي فوجي جٿا ايئن هلي رهيا هئا ڄڻ اهي پنجين مهيني پيٽ سان هجن. اتي سياهي مائل سفيد رنگ جون موٽر واريون ڪارون هيون جيڪي تيزيءَ سان گذري رهيون هيون. انهن ڪارين ۾ اڪثر طور تي ڊرائيور جي سِيٽ جي ڀرسان هڪڙو آفيسر ويهندو هو ۽ گهڻا ٿڌا آفيسر پوئين سيٽ تي ويهندا هئا. انهن ڪارين ته ٽرڪن کان به ويتر وڌيڪ گپ پئي ڦهلائي ۽ اتي پوئين سيٽ تي جيڪڏهن ڪو ڊينبو آفيسر ٻن سپه سالارن جي درميان ويٺل هوندو ته اهو پاڻ سر ايترو ته بي قدو هوندو جو توهان کي صرف ان جي ٽوپي ۽ ننڍڙي پٺي ئي نظر ايندي، ۽ جيڪڏهن ڪار خاص طور تي تيز رفتار هلندي هجي ته يقين ڪجو اهو ڪو شهنشاهه هوندو. هو يُوڊائين جو رهاڪو هوندو هو ۽ هو ان ڳاله جو جائزو وٺڻ لاءِ ته معاملا ڪيئن هلي رهيا آهن، هيڏانهن ڀيرو ڀريندو رهندو هو ۽ معاملا ڪافي خراب هئا. سياري جي شروعات ۾ مستقل وسڪارو اچي ڏوٽيو وري وسڪاري سان گڏ پيچش جي بيماري ڦهلجي ويئي. پر ان تي قابو پاتو ويو ۽ پڇاڙيءَ ۾ فقط ست هزار فوجي جوان زندگيءَ تان هٿ ڌوئي ويٺا.

2

ٻئي سال ڪافي فتحون ڪيو ويون. واديءَ ۽ ٽڪرين جي پرسان وارو پهاڙ جتي شاهه بلوط جو جهنگ پيدا ٿي ويو هو ان تي غلبو پاتو ويو ۽ ڏکڻ پاسي مٿاڇري ميدان کي پڻ فتح ڪيو ويو ۽ اسان آگسٽ جي مهيني ۾ درياهه پار ڪيوسين ۽ گورِيزيا (Gorizia) ۾ هڪڙي گهر ۾ ٽڪياسين جتي هڪڙو پاڻيءَ جو چشمو ۽ ڪافي گهاٽي ڇانو وارا وڻ هئا ۽ گهر جي پاسي کان جمونءَ جي رنگ جهڙيون وِسٽيريائي نسل جون انگور جو وليون هيون. هاڻي جنگ هوڏانهن جبلن ۾ هلي رهي هئي جيڪي هڪڙو ميل بہ مس سان دور هئا. قصبو ڪافي دلڪش هو ۽ اسان جو گهر بہ عمدو هو. اسان جي پويان درياهه وهي رهيو هو. اهو قصبو ڪافي خوشنمائي سان هٿيڪو ڪيو ويو هو پر ان کان پريان وارا جبل اڃا فتح ڪو نہ ٿي سگهيا هئا ۽ مان ڪافي گد گد ٿي رهيو هوس ڇاڪاڻ جو ڏسڻ ۾ پئي آيو تہ جيڪڏهن جنگ رڪجي ويئي تہ آسٽريائي ماڻهو واپس قصبي ڏانهن اچڻ وارا هئا. ڇاڪاڻ جو حملي آورن ان تي تباهہ ڪن بمن جا حملا ڪو نہ ڪيا هئا پر ٿورو گهڻو فوجي انداز وارو حملو ڪيو هو. اتي ماڻهو آباد هئا ۽ اتي شفاخانا هئا ۽ ڪيفيز هئا ۽ مٿاهين ڳلين ۾ آرٽيلري (وڏي جنگي ساز وسامان وارو فوجي دستو) رهندي هئي ۽ اتي جسم فروشيءَ جا ٻہ اڏا هئا، هڪڙو فوجي جٿن لاءِ ۽ ٻيو اعليٰ عملدارن لاءِ ۽ اونهاري جي آخر ۾، سرد راتين جو اچڻ، قصبي جي پويان جبلن ۾ جنگ جو جاري هئڻ، ريلوي جي پُل جو گولن جي نشانن جهڙو لوهہ درياهه جي ڪري برباد ٿيل سرنگ جتي جنگ هلي رهي هئي، چورنگيءَ جي چوگرد وڻ ۽ وڻن جون ڊگهيون گذرگاهون جيڪي چورنگيءَ جي طرف وڃي رهيون هيون، اهي وڻن جو قطارون قصبي جي ڇوڪرين سان گڏ، بادشاهه جو پنهنجي ڪار ۾ اتان گذرڻ، ڪنهن ڪنهن محل پنهنجي منهن ۽ ڊگهي ڳچيءَ واري بدن ڏانهن نهارڻ ۽ ٻڪري جي ٻُچ جهڙي ان جي گهري سرمئي ڏاڙهي، اهو سڀ ڪجهہ ۽ گهرن جا داخلي رستا جن جون ديوارون گوليباريءَ جي ڪري ڊهي پيون هيون، انهن جي باغن ۾ ۽ ڪڏهن ڪڏهن گهٽين ۾ پيل پليسٽر ۽ ملبو ۽ ڪارسو (Carso) ۾ سڀ ڪجهہ معمول موجب هئڻ، خزان جي موسم کي گذريل سال جي بنسبت مختلف بڻائي ڇڏيو جڏهن اسان ملڪ ۾ موجود هوندا هئاسين. جنگ بہ بدلجي ويئي هئي.

قصبي کان پرانهون پهاڙن تي واقع شاهه بلوط جي وڻن جو ٻيلو غائب ٿي ويو هو. اونهاري ۾ جڏهن اسان قصبي ۾ آيا هئاسين ان وقت اهو ٻيلو سائو ستابو هو پر هاڻي وڻن جي ٿڙن ۽ ٽٽل تارين جا ڍڳ پيا هئا ۽ ميدان ۾ ڏار پئجي ويا هئا ۽ هڪڙي ڏينهن جڏهن خزان موڪلائي ويئي هئي جڏهن مان ٻاهر ويو هوس مون پهاڙ جي مٿان ڪڪر کي ايندي ڏٺو هو. اهو ڪافي تيزيءَ سان آيو ۽ سج مڌهم پيلو ٿي ويو ۽ ان کان پوءِ هر شيءِ سرمئي ٿي ويئي ۽ آسمان ڍڪجي ويو ۽ ڪڪر جبل تي هيٺ اچي ويٺو ۽ اچانڪ اسان ان ۾ گهڙي پياسين ۽ پوءِ برفباري ٿيڻ لڳي، ۽ برفباري هوا جي چوگرد جهڪي ٿي ويئي، اجڙيل ميدان ڍڪجي ويو، وڻن جا ٿڙ اپا ٿي ويا، بندوقن تي برف جمي ويئي ۽ ان

برف ۾ رستا هئا جيڪي خندقن جي پوبان اٺ ويھ وارين جاين ڏانهن وڃي رهيا هئا.
بعد ۾ قصبي جي هيٺان، مون برفباري ڏٺي، جسم فروشي واري اڏي جي هڪڙي گهر جي ڪڙڪيءَ مان نهاريندي، جيڪو اعليٰ عملدارن لاءِ مخصوص هو اتي مان پنهنجي هڪڙي دوست سان گڏ ويٺو هوس اسان جي آڏو ٻه گلاس پيل هئا اسان اطالوي شراب آستي پي رهيا هئاسون، ۽ ٻاهر آهستي آهستي وسندڙ برف کي ڏسي رهيا هئاسين. اسان ڄاتو پئي تہ ان سال لاءِ ڪافي برفباري ٿي چڪي هئي. درياه جي پاسي کان موجود جبلن تي اڃا قبضو ڄمي ڪو نہ سگهيو هو. اهو سڀ ڪجھ ايندڙ سال جي لاءِ ڇڏيو ويو هو. منهنجي دوست اسان جي ميس کان پادري کي ڏسي ورتو جيڪو گهٽيءَ مان لنگهي رهيو هو، هو ڳگهريل برف مان ڪافي احتياط سان گذري رهيو هو. منهنجي دوست دريءَ کي زور سان ڌڪ هنيو تہ جيئن پادري اسان ڏانهن متوجه ٿي سگهي. پادري اسان ڏانهن نهاريو. منهنجي دوست هن کي اسان ڏانهن اچڻ جو اشارو ڪيو. پادري پنهنجو ڪنڌ ڌوڻيندي اڳتي لنگهي ويو. ان رات ميس ۾ ڳوهيل اٽي مان ٺاهيل سيون کائڻ واري مرحلي پڄاڻان، جن کي هرهڪ ڪافي ڳنڀيرتا ۽ تڪڙ وچان کاڌو، سين کي ڏندائين چمچي وسيلي ايئين پئي ڦاسائي ڪنيائون جيئن انهن جو ڍريون لڙهيون لڙڪي بيهن تهان پوءِ انهن کي وات جي مٿان جهڪايائون پئي، ڪجھ فوجي وري لڳاتار طريقي سان ڪٽندي وات ۾ وجهندا پئي ويا اسان شراب پيئڻ دوران پنهنجي مدد پاڻ ڪري رهيا هئاسين ڇاڪاڻ جو اسان کي اهو گاه سان ڍڪيل گيلن ۾ رکيل ننڍڙين سوڙهين ڳچين وارين صراحين مان ٻاهر اوٽڻو پئي پيو. اهي بوتلون هڪڙي ڌاتوئي هندوري ۾ لڏي رهيون هيون ۽ اسان کي صراحي جي ڳچيءَ کي آڱرين سان چڪٽڻو پئي پيو. جنهن مان مازي يا ڪسي جي تيزاب مان ٺهيل شراب کي ساڳي ئي هٿ سان جهليل گلاس ۾ اوتيوسين، هن سلسلي ڪانپوءِ، ڪپتان پادريءَ کي سندس منشا تي ڇڏي ڏنو.
پادري نوجوان هو ۽ با آساني هن جي چهري جي رنگت شرم کان سرخ ٿي ويندي هئي، هن کي اسان جهڙي ئي وردي پاتل هئي پر هن جي ڏگهي سرمئي جُبي جي کاٻي پاسي واري کيسي کان سرخ گهرو مخملي صليب جو نشان لٽڪيل هوندو هو. ڪپتان منهنجي مشڪوڪ فائدي لاءِ، مخلوط اطالوي ٻاشا ۾ ڳالهائيندو هو تہ جيئن مان چڱي چوکي نموني سمجهي وڃان ۽ ڪابہ شيءِ ضايع نہ ٿي سگهي.
”اڄ پادري ڇورين سان گڏ هو“ ڪپتان مون ڏانهن ۽ پادريءَ ڏانهن نهاريندي چيو. پادري مسڪرائي ڏنو ۽ لڄي ٿي ويو ۽ پنهنجو مٿو ڌوڻيائين. هي ڪپتان اڪثر طور تي هن تي طنز ڪندو رهندو هو. ”ڇا مان صحيح ناهيان؟“ ڪپتان پڇيو. ”اڄ مان پادريءَ کي ڇورين سان گڏ ڏٺو“. ”نہ“. پادري جواب ڏيندي چيو. ٻيا عملدار اهڙي طنز تي ٻهڪي پيا. ”پادري ۽ ڇورين سان گڏ نہ هجي“، ڪپتان چوندو رهيو. ”پادري ڪڏهن بہ ڇورين سان گڏ نہ هوندو“ هن بيان ڪندي مون کي چيو. هن منهنجو گلاس سوري ان کي ڀري ڇڏيو، هر وقت منهنجي اکين ڏانهن نهاريندو رهيو. پر پادري مان بہ نظر نہ پئي ڪڍيائين.
”هڪڙو پادري هر رات پنجن پنجن سان گڏ.“ ميزن تي ويٺل هر ماڻهو مسڪرائيندو رهيو. ”توهان

سمجهو ٿا؟ پادري هر رات پنجن پنجن سان گڏ.“ هن هڪڙي قسم جو اشارو ڪندي چيو. پادري ان کي هڪڙي لطيفي طور قبول ڪيو. ”پاپاءِ اعظم (پوپ) چاهي ٿو تہ آسٽريا جنگ ۾ سوڀارو ٿئي،“ ميجر چيو. ”هو فرانز جوزف کي چاهي ٿو. اتان پئسو ملي ٿو. مان دهريو آهيان.“ ”ڇا توهان ’بليڪ پِگ‘ پڙهيو آهي.“ ليفٽيننٽ چيو. ”مان توهان کي ان جو نقل ڏيندس. ان منهنجي ايمان کي ڏوڏي ڇڏيو.“ ”اهو گندو ۽ قابلِ اعتراض ڪتاب آهي،“ پادريءَ چيو. ”تون واقعي ان کي پسند نہ ٿو ڪرين.“ ”اهو ڪافي اهميت جوڳو آهي.“ ليفٽيننٽ چيو. ”ان ۾ اهڙي قسم جي پادرين بابت بيان ڏنو ويو آهي. توکي پسند ايندو“ هن مون کي چيو. مون پادريءَ تي مسڪرائي ڏنو ۽ هن پڻ موم بتيءَ جي روشنيءَ جي آرپار مسڪرايو. ”ڇا تو نہ پڙهيو آهي،“ هن چيو. ”مان تو لاءِ کڻي ايندس،“ ليفٽيننٽ چيو. ”سمورا سوچيندڙ انسان دهريا هوندا آهن،“ ميجر چيو. ”ليڪن مان فري ميسنن (Freemasons:هڪڙي بين الاقوامي نظام جو رڪن جيڪو باهمي مدد ۽ رفاقت لاءِ قيام ۾ آندو ويو ۽ مفصل رازداراڻيون رسمون منعقد ڪندو آهي) کي ڪو نہ ٿو مڃان.“ ”مان فريميسنن (Freemasons) کي مڃان ٿو“. ليفٽيننٽ چيو. ڪو اندر گهڙي آيو ۽ جيئن ئي دروازو کليو مون کي ٻاهر برفباري نظر آئي. ”هاڻي ڪا جارحيت نہ ٿي سگهندي ڇاڪاڻ جو برفباري ٿي رهي آهي.“ مون چيو. ”بلڪل نہ ٿيندي، “ ميجر چيو. ”توکي موڪل تي وڃڻ گهرجي. توکي روم، نيپلز يا سِسلي وڃڻ گهرجي.“ ”هن کي اَمالفِي ڏانهن وڃڻ گهرجي.“ ليفٽيننٽ چيو. مان توکي امالفي ۾ پنهنجي خاندان جي لاءِ ڪارڊ لکي ڏيندس. اهي توکي پٽ سمجهي پيار ڪندا.“ ”هن کي پالِيريمو ڏانهن وڃڻ گهرجي.“ ”هن کي ڪيپري ڏانهن وڃڻ گهرجي.“ ”مان چاهيان ٿو تہ تون ابرُوزي ڏانهن وڃ ۽ اتي ڪيپاراڪوتا ۾ منهنجي خاندان سان مل،“ پادريءَ چيو. ”هن کي ٻڌو ابرُوزي جو ٿو چوي. اتي تہ هتان کان بہ وڌيڪ برفباري ٿيندي آهي. هن کي هارين سان ملڻ جو ڪو شوق ڪونهي. هن کي ثقافت ۽ تهذيب جي مرڪز ڏانهن وڃڻ ڏيو. ”هن وٽ زبردست ڇوريون هئڻ گهرجن. مان توکي نيپلز ۾ جاين جا ڏس پتا ڏيان ٿو. اتي سهڻيون ڇوڪريون پنهنجي مائرن سان گڏ ايندڙيون آهن. ها! ها! ها!“ ڪپتان پنهنجا هٿ ڦهلائي ڇڏيا، آڱوٺن سان ڪاميابيءَ جو اشارو ڏيندي، هن پنهنجون آڱريون ايئن ڦهلايون جيئن توهان پاڇولن واريون تصويرون جوڙيندا آهيو. هن جي هٿ جو پاڇو ديوار تي نهي بيٺو. هن هڪ دفعو ٻيهر مخلوط ٻوليءَ ۾ ڳالهائڻ شروع ڪيو. ”تون هيئن وڃ“، هن آڱوٺي ڏانهن اشارو ڪندي چيو، ”۽ هيئنئن موٽي اچ،“ هن ڇيچ کي ڇهندي چيو. هرڪو کل ۾ ويڙهجي ويو. ”ڏس،“ ڪپتان چيو. هن هڪ دفعو ٻيهر هٿ کي ڦهلايو. هڪ دفعو ٻيهر موم بتي جي ڪري ان جو ديوار تي پاڇو نهي بيٺو. هن آڱوٺي کي سڌو ڪندي چيو ۽ آڱوٺي ۽ چئن آڱرين جا ترتيبوار نالا ٻڌائڻ لڳو ”سوتوتينيت (آڱوٺو)، ”تينيت“ (ڏسٽي آڱر)، ”ميڄي اور“ (وچين آڱر)، ۽ ”تينينت ڪولونيلو“ (ڇاچ). ليفٽينٽ تون هليو وڃ ۽ سوبر موٽي اچجانءِ“. سڀئي کل ۾ ويڙهجي ويا. ڪپتان آڱرين واري راند ۾ ڪافي سڦلتا ماڻي رهيو هو. هن پادريءَ ڏانهن ڏسي دانهن ڪئي، ”پادري هر رات پنجن پنجن سان گڏ!“ سڀئي فوجي وري ٽهڪن ۾ ويڙهجي ويا. ”تون جلدي موڪل ڪري هليو وڃ،“ ميجر چيو. ”مان بہ توسان گڏجي هلڻ چاهيان ٿو ۽ توکي شيون ڏيکاريندس.“

ليفٽيننٽ چيو. ”موٽ تي مون لاءِ فونوگراف آڻجانءِ“. ”ڪا سٺي اوپيرا (ناٽڪ) جي ڊسڪ آڻجانءِ.“ ”ڪارُوسو (اطالوي راڳ) آڻجانءِ.“ ”ڪاروسو نہ آڻجانءِ. هي رڙيون ڪندو آهي.“ ”ڇا تون بہ هن وانگي روئڻ ۾ پنڻ چاهين ٿو؟“ ”هي دانهون ڪندو آهي. مان چوان ٿو هي دانهون ڪندو آهي!“ ”مان توکي چوان ٿو تہ تون ابرُوزي ڏي وڃ.“ پادريءَ وڏي واڪي چيو. ٻيا پڻ رڙيون ڪري رهيا هئا. ”اتي خاشو شڪار هوندو آهي. توکي ماڻهو وڻندا جيتوڻيڪ اتي ٿڌ پوندي آهي پر پوءِ بہ اتي ڇتائي ۾ خشڪي هوندي آهي. تون منهنجي خاندان وٽ ترسي سگهين ٿو. منهنجو بابو مشهور شڪاري آهي.“ هاڻي ڇڏيو انهي ٻائيتال کي“. ڪپتان وراڻيو. ”اسان کي حُسن جي بازار ڏانهن هلڻ گهرجي ان کان اڳ ۾ جو اها ڪٽي بند نہ ٿي وڃي.“ ”ڇگهو شب خير.“ مون پادريءَ کي چيو. ”شب خير.“ پادري وراڻيو.

3

جڏهن مان محاذ تي موٽي آيس تہ اسان اجا تائين ان قصبي ۾ ترسيل هئاسين. ملڪ جي چوگرد بندوقون نظر اچي رهيون هيون ۽ بهار پڻ اچي چڪو هو. ڪيٽ ساوا ٿي ويا هئا ۽ انگور جي ولين ۾ تازا گئونچ ڦٽي پيا هئا. رستن جي ڪنارن تي بيٺل وڻن ۾ ننڍڙيون پَتڙيون ڦٽي نڪتيون هيون ۽ سمونڊ کان تازي هوا اچي رهي هئي. مون هڪڙي پيالي ۾ قصبي جي ٽڪريءَ تي اڏيل شاهي محل کي ڏٺو جنهن جي پويان جبلن جون قطارون هيون. خاڪ رنگي جبل جن جي لهوارن تي هلڪي ساوڪ هئي. قصبي ۾ بندوقون گهٽيون اچي ويون هيون. اتي ڪجھ نوان شفاخانا جوڙيا ويا هئا. ڪڏهن ڪڏهن گهٽين ۾ برطانوي عورتون ۽ مرد ڏسجڻ ۾ پئي آيا. ۽ ڪجھ وڏيڪ گهرن تي بارود جا گولا ڪريا هئا. ڪافي گرمي ٿي رهي هئي بهار وانگي ۽ مان وڻن وارين گهٽين مان هيٺ ويس. ۽ ديوار تي ويهي پاڻ کي سج جي گرمائش ڏنم. ۽ ڏٺم تہ اسان اجا تائين ساڳي ئي گهر ۾ ترسيل هئاسين ۽ سڀ ڪجھ منهنجي وڃڻ کان اڳ جيان ئي هيو. دروازو کليل هو. هڪڙو سپاهي ٻاهر سج جي روشنيءَ ۾ هڪڙي ميز تي ويٺل هو پاسي واري دروازي کان هڪڙي ايمبولنس انتظار ۾ بيٺل هئي جيئن ئي مان دروازي جي اندر داخل ٿيس. مون کي اسپتال ۾ سنگِ مرمر جي فرش جي خوشبو اچڻ لڳي. اهو سڀ ڪجھ اهڙي جو اهڙو هيو جيئن مان پٺ تي ڇڏي ويو هوس سواءِ ان جي تہ هاڻي بهار اچي ويئي هئي. مون وڏي دروازي واري ڪمري ۾ نهاريو ۽ مون کي لکڻ واري ميز تي ميجر ويٺل نظر آيو. ڪڙڪي کليل هئي ۽ ڪمري ۾ سج جي روشني اچي رهي هئي. هن مون کي ڪو نہ ڏٺو ۽ مون نہ پئي ڄاتو تہ پهريان رپورٽ ڪيان يا ڏاڪڻيون چڙهي مٿي وڃي پاڻ کي ڌوئي صاف ڪيان. مون مٿي ويندڙ ڏاڪڻيون پار ڪرڻ جو سوچيو.

منهنجو ۽ ليفٽيننٽ رِنالڊي جو جيڪو مشترڪ ڪمرو هو اهو ٻاهرئين اڱڻ مان نظر ايندو هو. دري کليل هئي. منهنجي ڪمري ۾ ڪمبل وڇايل هئا ۽ منهنجون شيون ديوار تي ٽنگيل هيون. گيس وارو نقاب جيڪو قلعي ڪيل مستطيل دٻي ۾ پيل هو. فولادي ٽوپلو جيڪو ساڳي ئي چمڻي ۾ لڳل هو. منهنجي بستر جي پيراندي کان منهنجي سڌي پيٽي پيل هئي. منهنجي آسٽريائي سنائيپر (لڪي وار ڪندڙ) آئن دونالن واري نيري رائيفل ۽ مزيدار ڪارا اخروٽ. ڳلي ۾ پورو ايندڙ شُوزين وارو سامان. ٻن بسترن تي لٽڪيل هو. ان ۾ پوڻ واري دوربين مون کي ياد ٿو اچي. پيٽيءَ ۾ پيل هئي. ليفٽيننٽ رنالڊي. ٻئي بستري تي ننڊ پيل هو. منهنجي اچڻ جي آواز جي ڪري هو جاڳي پيو ۽ اٿي ويٺو. "سِي آئو (موڪلائڻ ۽ مرحبا ڪرڻ لاءِ اطالوي سلام). "تون ڪهڙي وقت تي آيو آهين؟" "عظيم الشان". اسان هڪٻئي سان هٿ ملاياسين ۽ هن منهنجي ڳچيءَ ۾ پنهنجون ٻانهون ورائي مون کي ڀڪراٽڙي پاتي. "اُف". مون چيو. "تون گندو آهين." "توکي پاڻ کي صاف ڪرڻ گهرجي. تون ڪاٿي ڪاٿي وئين ۽ ڇا ڇا ڪري آئين؟" مون کي هر هڪ شيءِ جو جلدي جلدي حال احوال ڏي. "مان هر هنڌ تان ٿي آيس. مِلان. فلورينس. روم. نيپلز. وِلا. سان ڪِيوواني.. ميسينا. تائورمينا." "تون ڪنهن وقت نامي جيان ٻڌائي رهيو آهين تون ڪي جوکي پريا خوبصورت ڪم ڪري آئين؟"

”ها.“ ”ڪٿي؟“ ”ملانو روما ۽ نيپولي ۾.“ ”ايترو ڪافي آهي. تون مون کي اهيو ٻڌاءِ ته ڪهڙي سڀ کان وڏيڪ بهتر هئي؟“ ”ملانو ۾“. ”اهو ان جي ڪري جو ڇهريان اتي ويو هوندين. تون هن کي ڪٿي مليين؟ ڪووا ۾؟ تون ڪٿي ويو هئين؟ تون ڪيئن پيو پائين؟ مون کي هرهڪ شيءِ بابت جلدي جلدي ٻڌاءِ .ڇا تو اتي ساري رات گذاري؟“ ”ها“. ”اهو ته ڪجه به ناهي. هاڻي هتي اسان وٽ به نيون ڇوڪريون آيون آهن. ها نيون ڇوڪريون جيڪي ڇهريان ڪڏهن جنگي محاذ تي نه آيل آهن.“ ”ڏاڍو سٺو“. توکي مون تي اعتبار نه ٿو اچي نه؟ اسان اج منجهند جي وقت هلنداسين ۽ ڏسنداسين. ۽ قصبي ۾ خوبصورت انگريزي ڇوڪريون ملنديون. هاڻي مون کي مس بارڪلي سان پيار ٿي ويو آهي. مان توکي هن سان ملائيندس. مان پڪ سان مس بارڪلي سان شادي ڪندس.“ ”مون کي پاڻ کي ڌوئي صاف ڪرڻو آهي ۽ رپورٽ به ڪرڻو آهي. ڇا هينئر ڪو ڪم تي موجود ناهي ڇا؟“ ”جڏهن کان تون هتان هليو وئين هتي اسان وٽ سردين لڳڻ، جسم جي ڪلن جي اڪڙي وڃڻ، يرقان، سوزاڪ، پاڻمرادو پيدا ٿيل زخمن، ڦڦڙن جي سوڄ ۽ سخت و نرم ڪوهِ زريا کان علاوه ٻيو ڪجه ڪونه ٿيو آهي. هر هفتي ڪو نه ڪو ٽٽل پٿراون ٽڪرن جي ڪارڻ زخمي ٿيو پوي. ڪن کي ڇڱا خاشا زخم ٿي پيا آهن. ٻئي هفتي وري ٻيهر جنگ شروع ٿي رهي آهي. شايد اها ٻيهر شروع ٿئي. ايئين ٻڌڻ ۾ اچي رهيو آهي. ڇا تون سمجهين ٿو ته جيڪڏهن جنگبنديءَ کان پوءِ مان مس بارڪلي سان شادي ڪري ڇڏيان ته ڇا اهو مون لاءِ ٺيڪ رهندو؟“ ”يقيناً،“ مون چيو ۽ مون ٻاٽي کي پاٽيءَ سان ٽُپ ڪري ڇڏيو. ” اج رات تون مون کي هر ڳاله ٻڌائيندين،“ رنالڊي چيو. ”هاڻي مون کي آرام ڪرڻ گهرجي ته جيئن مان مس بارڪلي خاطر تازو توانو ۽ خوبصورت بڻجي سگهان.“ ”مون پنهنجي قميض ۽ جبو لاهي ڇڏيو ۽ پاڻ کي پاٽيءَ جي ٻاٽي ۾ ڌوئڻ لڳس. جڏهن مان پاڻ کي ٽوال سان اگهي رهيو هوس مان ڪمري جي چوطرف ۽ ڪڙڪيءَ ڏانهن نظر ڊوڙائڻ لڳس ۽ رنالڊي ڏانهن پڻ نهاري رهيو هوس جيڪو اکيون بند ڪري بستري تي آهليو پيو هو. هو ڪافي سٺو نظر اچي رهيو هو. هو منهنجو همر عمر هو ۽ هو امالفي کان آيو هو. هن کي سرجن هئڻ پسند هو ۽ اسين ڪافي سٺا دوست هئاسين. جڏهن مان هن ڏانهن نهاري رهيو هوس هن پنهنجون اکيون کولي مون ڏانهن نهاريو. ”تو وٽ ڪجه پيسا آهن؟“ ”ها.“ ”مون کي پنجاه لاير اڌارا ڏي.“ مون پنهنجا هٿ سُڪايا ۽ ديوار تي لٽڪيل پنهنجي جُبي جي اندريان پنهنجو بٽون ڪنيو. رنالڊي نوٽ مون کان ورتو. هو بستر تي آهليل رهيو ۽ نوٽ کي گوڏي واري کيسي ۾ اندر کسڪائي ڇڏيائين. هو مسڪرائڻ لڳو“ مون کي مس بارڪلي مٿان ڪنهن پاڻ وهيٽي امير ماڻهوءَ جو تاثر پيدا ڪرڻ گهرجي. تون منهنجو عظيم ۽ بهترين دوست آهين ۽ منهنجو مالي محافظ.“ ”جهنم ۾ پئو.“ مون چيو.

ان رات مان ميس ۾ پادريءَ جي پرسان وينل هوس ۽ هو اچانڪ مايوس ۽ ڏکارو ٿي ويو ڇاڪاڻ جو مان ابروزي ڪونه ويو هوس. هن پنهنجي والد صاحب کي خط لکي ٻڌائي ڇڏيو هو ته مان هنن ڏانهن اچي رهيو آهيان ۽ انهن سمورا انتظام به ڪري ڇڏيا هئا. مان پڻ هن وانگي ناگوار محسوس ڪري رهيو هوس ۽ مان سمجهي ڪونه سگهيس ته مان اوڏانهن ڇو نه ويس. مون اوڏانهن وڃڻ چاهيو پئي ۽ مون هن کي وضاحت ڪندي ٻڌايو ته ڪيئن نه هڪڙي پنيان ٻي شيءِ ٿيندي رهي ۽ آخر ۾ هن ڏٺو

۽ سمجهي ويو تہ مون واقعي بہ اوڏانهن وڃڻ پئي چاهيو ۽ اهڙي قسم جي ٻي ڪا بہ ڳالهہ ڪو نہ هئي. مون ڪافي شراب واپرايو هو ۽ ان ڪان پوءِ ڪافي ۽ اسٽريگا (Strega)، شراب جي نشي ۾ ڏٽ، مون ڳالهائڻ شروع ڪيو اسان آخر اهي ڪم ڇو نہ ڪري سگهندا آهيون جن جي اسان خواهش رکندا آهيون، اسان ڪڏهن بہ اهڙيون شيون نہ ڪري سگهندا آهيون. اسان ٻئي هڪٻئي سان مخاطب هئاسين جڏهن تہ ٻيا پاڻ ۾ متي ماري ڪري رهيا هئا. مون ابرُوزِي ڏانهن وڃڻ پئي چاهيو. مان ڪنهن بہ اهڙي هنڌ ڏانهن ڪو نہ ويو هوس جتي رستا برف جي ڪري ڄمي ويل هجن ۽ اهي فولاد جيان سخت ٿي وڃن. جتي صاف ۽ خشڪ ٿڌ هجي، جتي پِينل ۽ خشڪ برف هوندي هجي ۽ اتي سيهڙن جون گذرگاهون هونديون هجن. ۽ هاري پنهنجي ٽوپي لاهي توهان کي سائين سائين ڪري مخاطب ٿيندا هجن ۽ اتي ڪافي سنو شڪار ٿيندو هجي. مان اهڙي ڪنهن بہ هنڌ ڏانهن ڪو نہ ويو هوس، پر ڪيفيز جي دونهي ۾ راتين ۾ جڏهن ڪمرا گول گول ڦرندي ڏيکاربا آهن ۽ ان کي روڪڻ لاءِ ديوارن ڏانهن واجهائبو آهي، بسترن ۾ گذاريل راتيون، شراب ۾ ٻُڏل، جڏهن توهان ڄاڻيندا آهيو تہ بس اهو ڪجهہ ئي آهي، ۽ سجاڳيءَ جو اهو عجيب احساس ۽ بي خبري جو اهو عالم تہ رات اسان سان گڏ ڪير ستل هو ۽ تاريڪي ۾ ٻڏل ڪوڙي دنيا، ايترو پڙڪائيندڙ رات، جنهن کي وري بيهر اختيار ڪرڻو پوي بي خبر ۽ لاغرض رات، اهو يقين تہ بس اهيو سڀ ڪجهہ آهي، سڀ ڪجهہ اهوئي آهي ۽ ٻي ڪا پرواهہ ڪرڻي ئي ناهي. ۽ اوچاتڪ ڪنهن ڳالهہ جو فڪر واري وڃڻ وري ننڊ ۾ گهيرجي وڃڻ ۽ ان سان گڏ صبح ويلي جاڳي پوڻ، ۽ جيڪو ڪجهہ اتي موجود هجي اهو وڃڙي وڃي ۽ هر شيءِ چيندڙ ۽ ڏُکي ۽ چٽي ۽ ڪڏهن ڪڏهن قيمت تي ٿي پوندڙ ڦڏو. ڪڏهن ڪڏهن اڃا وڌيڪ مزيدار ۽ لاڏڪوڏ ۽ گرم ۽ ناشتو ۽ مانجهاندو. ڪڏهن ڪڏهن سموري سُنائي جو موڪلائي وڃڻ ۽ ٻاهر گهٽيءَ ڏانهن نڪري وڃڻ خاطر خوشي محسوس ڪرڻ پر هميشہ ٻئي ڏينهن شروع ٿي وڃڻ ۽ وري ٻي رات پئجي وڃڻ. مون رات جي باري ۾ چوڻ پئي چيو ۽ رات ۽ ڏينهن جي درميان فرق ۽ رات ڪيئن بهتر هئي جيسين ڏينهن صاف ۽ ٿڌو ٿئي ۽ مان اهو بيان ڪري نہ سگهيس، چاڪاڻ جو مان اهو ڪجهہ هاڻي نہ ٿو ٻڌائي سگهان. پر جيڪڏهن توهان ايئين ڪيو آهي تہ توهان پاڻ ڄاڻي سگهو ٿا. هُن ڪڏهن ايئين ڪو نہ ڪيو هو پر هُن سمجهيو پئي تہ مون ابروزي وڃڻ پئي چاهيو پر وڃي ڪو نہ سگهيس ۽ اسان اڃا بہ دوست هئاسين، ڪافي هڪجهڙيون لڏتون رکڻ وارا، پر هڪٻئي ۾ فرق سان گڏ. هو هميشہ اهو ڪجهہ ڄاڻيندو هو جنهن کان مان بي خبر هوندو هوس، جنهن کي جڏهن بہ مان ڄاڻي ويندو هوس مان ان کي وساري ڇڏڻ جي صلاحيت رکندو هوس. پر ان وقت مون ان کي نہ پئي ڄاتو جيتوڻيڪ مون بعد ۾ سکي بہ ورتو. انهي سموري وقت دوران اسان ميس ۾ موجود هئاسين، ماني کائي ڇڏي هئي سين، ۽ بحث مباحثو هلي رهيو هو. اسان ٻنهي ڳالهائڻ بند ڪيو ۽ ڪپتان رڙ ڪندي چيو "پادري خوش ناهي. پادري کي ڇورين ڪانسواءِ مزو نہ ٿو اچي." "مان خوش آهيان،" پادري وراڻيو. "پادري خوش ناهي. پادري چاهي ٿو تہ آسٽريائي عوام جنگ ۾ سوڀارو ٿئي." ڪپتان چيو. ٻيا ٻڌي رهيا هئا. پادري پنهنجو ڪنڌ ڌوڻيو. "نہ" هن چيو. "پادري چاهي ٿو تہ اسان ڪڏهن بہ حملو ڪو نہ ڪيون. ڇا تون واقعي چاهين ٿو تہ اسان ڪڏهن بہ حملو ڪو نہ

ڪيون؟” ”نہ“. ”مان سمجهان ٿو تہ جيڪڏهن ڪو جنگ جي اڳرائي ڪري تہ پوءِ اسان کي حملو ڪرڻ گهرجي.“ ”لازمي طور تي حملو ڪرڻ گهرجي. ۽ حملو ٿيندو.“ پادري ڪنڌ لوڏيندي هائوڪار ڪئي. ”هن کي اڪيلو ڇڏي ڏيو.“ ميجر چيو ”هو صحيح پيو چوي.“ ”ان بابت ڪنهن بہ نموني ڪجه ڪرڻ هن جي وس ۾ ناهي،“ ڪپتان چيو. اسان سڀ اٿي بيٺاسين ۽ ميز خالي ٿي ويئي.

4

ٻئي باغيچي واري بيٽريءَ مون کي صبح جو جاڳائي وڌو ۽ مون سج جي روشنيءَ کي کڙڪيءَ مان اندر ايندي ڏٺو ۽ مان بستري تان اٿي ويٺس. مان کڙڪيءَ ڏانهن سُري ويس ۽ ٻاهر نهارڻ لڳس. روڙيدار پٽراوان رستا گهمجي ويا هئا ۽ گاهه ماڪ جي ڦڙن جي ڪري آلو ٿي ويو هو. بيٽريءَ مان ٻِٽيون چٽنگون نڪتيون هوا هر واري ڌڪا ڏيندي اندر اچي رهي هئي ۽ ان جي ڪري کڙڪي لڏي رهي هئي ۽ منهنجي پاجامي جو اڳيون حصو به لڏي رهيو هو. مان بندوقن کي ڏسي ڪو نه پئي سگهيس پر اهي ظاهر ظهور سڌي سنئين نموني اسان ڏانهن فائرنگ ڪري رهيون هيون. انهن جي اتي موجودگي تشويشناڪ هئي پر تسلي بخشيندڙ ڳالهه اها هئي ته اهي ايتريون وڏيون ڪو نه هيون. جيئن ئي مون باغيچي ڏانهن نهاريو مون موٽر واري ٽرڪ کي رستي تي اسٽارٽ ٿيندي ڏٺو. مون ڪپڙا پهريا، ڏاڪڻ کان هيٺ لهي ويس، بورچيخاني ۾ ڪجهه ڪافي پيتم ۽ ٻاهر گيريج ڏانهن هليو ويس.

ڏهه ڪاريون قطار ۾ هڪٻئي سان لڳولڳ ڇاپري / ڇڄي هيٺان بيٺيون هيون. اهي مٿان کان ڳريون، کنڊي ڏُون واريون ايمبولنسون هيون، جن تي سياهي مائل سفيد رنگ آيل هو ۽ انهن کي وينن (vans) جيان چرپر ڪرڻ لاءِ ٺاهيو ويو هو. مستري هڪڙي ٻاهر بيٺل گاڏيءَ تي ڪم ڪري رهيا هئا. ٻيا ٽي ڄڻا جبلن ۾ موجود مرمت واري اڏي تي بيٺل هئا. ”ڇا اهي ڪڏهن هن بيٽريءَ تي به گوليباري ڪري سگهن ٿا؟“ هڪڙي مستريءَ سوال ڪيو. ” نه، سائينور تينيٽ. اها ان ننڍڙي ٽڪريءَ جي امان ۾ آهي.“ ”سڀ ڪجهه ڪيئن پيو هلي؟“ ”ايترو خراب ناهي. هن ڪِل جو ڪو فائدو ڪونهي باقي ٻيون هلي رهيون آهن.“ هن ڪم ڪرڻ بند ڪيو ۽ مسڪرائڻ لڳو. ”ڇا توکي اجازت مليل هئي؟“ ”ها“. هن پنهنجا هٿ سُئيٽر سان اگهيا ۽ ڏند ڪڍي کلڻ لڳو. ”توکي سٺو وقت مليو آهي.“ ٻيا پڻ ڏند ڪڍي کلڻ لڳا. ”سٺو“، مون چيو. ”هن ڪِل سان ڪهڙو مسئلو آهي؟“ ”اها ڪنهن فائدي واري ناهي. هڪڙي مسئلي کان پوءِ ٻيو مسئلو پيو اچي.“ ”هاڻي ڪهڙو مسئلو آهي؟“ ”نيون رِنگُون“. مون هنن کي ڪم ڪندي ڇڏي ڏنو. ڪار بيڪار ۽ خالي ڏيکارجڻ ۾ پئي آئي جنهن جي انجڻ کليل هئي ۽ ان جا پرزا ڪم واري ميز تي پيل هئا. ۽ ڇاپري ۾ اندر گهڙيم ۽ هرهڪ ڪار ڏانهن نهاريم. اهي مناسب طور تي صاف سٿريون هيون، ڪجهه تازو ڌوتل، ٻين تي دز چڙهي ويئي هئي. مون ڦيٿن کي ڌيان سان ڏٺو انهن تي آيل وڍ يا پٿرن جي ڪري ٽُڪجڻ جا نشان ڏسڻ لاءِ.

بظاهر ان جو ڪو به فرق ڪو نه ٿي پيو ته مان شين جي سار سنڀار ڪري رهيو آهيان يا نه. ڪارين جي حالت بابت خيال ڪيم، ڇاهي شيون حاصل ٿي سگهن يا نه. مرمتي اڏي مان بيمار ۽ زخمي گاڏين کي هٽائڻ وارو سڌو سنئون عمل، انهن کي ٽرڪ جي وسيلي صفائي واري اڏي ڏانهن نيئي وڃڻ ۽ انهن کي انهن اسپتالن ۾ تقسيم ڪرڻ جن جي نالي تي انهن جا ڪاغذ ٺاهيل هئا، ڪافي

حد تائين ان جي ذميواري منهنجي مٿان عائد ٿيل هئي. بظاهر منهنجي موجود هئڻ يا نه هئڻ سان ڪو خاص فرق ڪو نه پوندو هو.

" پرزن ملڻ ۾ ڪو مسئلو ته درپيش ڪو نه آيو." مون سارجينٽ مستري کان معلوم ڪيو. "نه، سگنور تينيت." "هاڻي پيٽرول وارو پارڪ ڪٿي آهي." "ساڳي هنڌ تي." "ڏاڍو سٺو." مون چيو ۽ گهر ڏانهن واپس وري آيس ۽ ميس واري ميز تي ٻيهر ڪافيءَ جو پيالو پيتم. ڪافي هلڪي ميٽائين رنگ واري هئي جنهن ۾ اباريل کير ملايل هو. ڪڙڪيءَ کان ٻاهر بهار جي پياري صبح هئي. نڪ ۾ خشڪيءَ جي محسوسات شروع ٿيڻ لڳي جنهن جو مطلب هو ته بعد ۾ ڏينهن تکو ٿيندو. ان ڏينهن مان جبلن ۾ موجود مورچا گهمي آيس ۽ قصبي ڏانهن منجهند ڌاري موٽي آيس.

جڏهن مان پري هوس ته هر شيءِ صحيح هلندي محسوس ٿي رهي هئي. مون کي ٻڌڻ ۾ آيو ته جارحيت ٻيهر شروع ٿيڻ واري هئي. جنهن ڊويزن جي لاءِ اسان ڪم ڪري رهيا هئاسين اها درياه جي مٿان کان موجود هڪڙي هنڌان حملو ڪرڻ واري هئي ۽ مون کي ميجر ٻڌايو ته ان حملي دوران مان مورچن جي سار سنڀار لهندس. اهو حملو نديءَ جي آرپار مٿان واري سوڙهي کاهيءَ کان ٿيندو ٽڪرين جي طرف ڦهلايو ويندو. ڪارن لاءِ اهي مورچا ايترو نزديڪ هوندا جيئن اهي پوئتي پرڪندي پر / اوٽ طور ڪتب آڻي سگهجن. انهن جو انتخاب يقيناً پيادل فوجي دستا (infantry) ڪندا پر اسان جي لاءِ لازمي هو ته اسان ان تي ڪم ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيون. اها هڪڙي اهڙي ڳاله هئي جنهن سان توهان کي سپاهي هئڻ جو ڪوڙو احساس پيدا ٿيندو. مان مٽيءَ ۾ ڪافي ميرو ٿي ويو هوس ۽ پاڻ کي صاف ڪرڻ لاءِ پنهنجي ڪمري ڏانهن موٽي ويس. رنالڊي بستر تي هُوگو (Hugo) جي وياڪرڻ واري ڪتاب جو نقل پڪڙيون ويٺو هو. هن کي لباس پهريل هو هن پنهنجا ڪارا جوتا پهري رکيا هئا، ۽ هن جا وار چمڪي رهيا هئا.

"واها! واها!." مون کي ڏسندي هن چيو. "تون مون سان گڏ مِس بارڪليءَ سان ملڻ هلندين." " نه." "تون هلندين، مهرباني ڪري مون سان گڏجي هل ته جيئن هن تي سٺو اثرپوي." "چڱو ٺيڪ آ. صبر ڪر جيستائين مان وهنجي صاف سٺرو ٿيان." "وهنجي صاف ٿي اچ." مان وهنتس، پنهنجي وارن کي ڦٽي ڏني، ۽ اسان روانا ٿياسين. "هڪڙو منٽ بيه." هن پنهنجي پيتي کولي ان مان شراب جي شيشي ڪنئي. "استريگا نه کپي." مون چيو. "نه. مون گريپا (Grappa) کنئي آهي." "چڱو ٺيڪ آ." هن ٻه گلاس اوتيا ۽ اسان انهن کي مهڙين ٻن آڱرين سان ڇهيوسين. گريپا ڪافي تيز هئي. "اجا کپي؟ "چڱو ڀلا." مون چيو. اسان گريپا کي ٻيهر پيتوسين. رنالڊي بوتل کي واپس رکيو ۽ اسان ڏاڪڻين کان هيٺ لهڻ لڳاسين. قصبي مان لنگهندي ڏينهن ڪافي گرم لڳي رهيو هو پر سج لهڻ لڳو هو ۽ ڪافي مزواچي رهيو هو. برطانوي اسپتال ڪنهن وڏي محل نما (villa) هئي جيڪا جنگ کان پهريان جرمنن تعمير ڪرائي هئي. مس بارڪلي باغ ۾ ويٺي هئي. هڪڙي ٻي نرس به هن سان گڏ موجود هئي. اسان وڻن جي قطارن وچان انهن جي سفيد وردين کي ڏٺوسين ۽ انهن ڏانهن وک وڌائيسين. رنالڊي سلام ڪيو. مون به سلام ڪيو پر ڪافي ميانه روي سان.

"توهان ڪيئن آهيو؟" مس بارڪلي چيو. "تون اطالوي ناهين، ها نه؟" او نه؟" رنالڊي هڪڙي ٻي

نرس سان مخاطب هو. اهي مسڪرائي رهيون هيون. ”اطالوي فوج ۾ هجڻ ڪيترو نه عجيب آهي.“ ”اها حقيقت ۾ ڪا فوج ناهي فقط ايمبولنس آهي.“ ”البت اهو ڪافي عجيب آهي. پوءِ به توهان اتي نوڪري ڪيئن ڪري رهيا آهيو؟“ ”مان نه ٿو ڄاڻان.“ مون وراڻيو. ”هر شيءِ جي هميشه وضاحت نه ٿي ڏئي سگهجي.“ ”الا، ڇا ايئين نه هوندو آهي؟ مون کي پالي تاتي ٻڌايو ويو ته ايئين هوندو آهي.“ ”اهو بيحد بهتر آهي.“ ”ڇا اسان کي ايئين ئي گفتگو کي جاري رکڻو پوندو؟“

”نه.“ مون چيو. ”اهو سڪون ڏيندڙ آهي. آهي نه؟“ ”اهو لڪڻ ڇالاءِ آهي؟“ مون پڇيو. مس بارڪلي ڪافي قداور هئي. هن نرسن واري وردي پهري رکي هئي، هوءَ سونهري وارن واري عورت هئي جنهن جي چمڙي گندمي هئي ۽ هن جا نيڻ سياهي مائل سفيد هئا. مان سمجهان ٿو هوءَ نهايت ئي حسين هئي. هن وٽ هڪڙي سنهڙي بيد جي لٺ هئي جيڪا گهوڙي کي هڪلڻ واري رانديڪي نما ڇهبڪ جهڙي هئي، جنهن جي مٿان چمڙو ويڙهيل هو. ”اها هڪڙي ڇوڪري جي ملڪيت آهي جيڪو گذريل سال مارجي ويو هو.“ ”مان ڀيانڪ حد تائين پنهنجي افسوس جو اظهار ٿو ڪيان.“ ”هو ڪافي ڀلو ڇوڪرو هو مون سان شادي ڪرڻ وارو هو ۽ هو سوم (Somme) ۾ مارجي ويو.“ ”اهو ڪافي دل ڏاريندڙ نظارو هو.“ ”ڇا تون پاڻ اتي موجود هئينءَ؟“ ”نه.“ ”مون ان جي باري ۾ ٻڌو آهي.“ ”اهڙي قسم جي ڪا به ويڙه هتي نه هلي رهي آهي. انهن مون ڏانهن هي ننڍڙو لڪڻ ڏياري موڪليو. هن جي ماءُ مون ڏانهن ڏياري موڪليو. انهن هن جي سامان سميت هي به موٽائي موڪليو.“ ”ڇا تون ڪافي عرصي تائين مڱيل هئينءَ؟“ ”اٺن سالن تائين. اسان گڏ وڏيا ويجهاسين.“ ”۽ توهان شادي ڇو نه ڪئي؟“ ”مان نه ٿي ڄاڻان.“ هن چيو. ”مان شايد پاڳل هيس. گهٽ ۾ گهٽ مان هن لاءِ ايترو ته ڪري ڇڏيان ها. پر مون سمجهيو اهو ان لاءِ بهتر نه رهندو.“ ”مان سمجهي ويس.“ ”ڇا توهان ڪڏهن ڪنهن سان پيار ڪيو آهي؟“ ”نه.“ مون چيو. اسان هڪڙي ميز تي ويهي رهياسين مان هن ڏانهن نهارڻ لڳس. ”توهان جا وار ڏاڍا خوبصورت آهن.“ مون چيو. ”ڇا توهانکي اهي وڻن ٿا؟“ ”تمام گهڻو.“ ”مان هن جي مرڻ کان پوءِ سمورو مٿو ڪوڙائڻ چاهيان ٿي.“ ”نه، ٻيلي.“ ”مان هن لاءِ ڪجهه نه ڪجهه ڪرڻ چاهيان ٿي. تون سمجهي سگهين ٿو ته مون کي ٻين شين جي ڪا به پرواه ناهي ۽ هن کي اهو سڀ ڪجهه ئي ته ڏئي سگهجي ٿو“ جيڪڏهن مون کي خبر هجي ها ته هو مون کان جنهن به شيءِ جي گُهر ڪري ها مان اها ان کي سونپي ڇڏيان ها. مان هن سان شادي ڪري ڇڏيان ها يا وري ٻيو ڪجهه. مان اهو سڀ ڪجهه هاڻي ڄاڻان پئي. پر ان وقت هن جنگ ڏانهن وڃڻ پئي گهريو ۽ مون کي ڪا به خبر ڪو نه هئي. ”مون کي ڪنهن به شيءِ بابت تنهن وقت ڪو اندازو ڪو نه هو. مون سمجهيو هو ته اهو هُن جي لاءِ نيڪ نه رهندو ۽ ان کان پوءِ هو مارجي ويو ۽ ان جي اتي ئي پڄاڻي ٿي ويئي.“ ”مان نه ٿي ڄاڻان.“ ”اوه، هائو.“ هن چيو”اتي بس ڳاله پوري ٿي ويئي.“ اسان رنالڊي ڏانهن ڏٺوسين جيڪو هڪڙي ٻي نرس سان مخاطب هو. ”هن جو نالو ڇا آهي؟“ ”فرگُوسن“. هيلن فرگُوسن. توهان جي ساهيڙي ڊاڪٽر آهي، ها نه؟“ ”ها“. ”هوءَ ڏاڍي سٺي آهي.“ ”خوبصورت.“ هن محاذ جي ويجهڙائي ۾ توهان کي مشڪل سان ڪو ڇڱو ماڻهو نظر ايندو. هتان کان محاذ به ويجهو ٿو لڳي، ها نه؟“ ”بلڪل.“ ”هي احمقاڻو محاذ آهي،“ هن چيو. ”پر اهو ڪافي خوبصورت آهي. ڇا

اهي ڪنهن جارحيت ڏانهن وڌي رهيا آهن؟" "ها". "پوءِ اسان ڪم ۾ جُنبي ويندين سين. هاڻي اسان واندين آهيون." "ڇا توهان ڪافي وقت کان نرسنگ ڪري رهيا آهيو؟" "پندرنهن سالن جي اختتام کان وٺي. مون تڏهن شروع ڪيو جڏهن هُن آغاز ڪيو هو. مون کي ياد ٿو اچي تہ مون هڪڙو احمقاڻو خيال پچايو هو تہ مان جنهن اسپتال ۾ هيس هو اتي ايندو. ڪنهن خمدار تلوار سان ضربيل، مون ويچاريو هو ۽ هن جي مٿي تي ڪا پٽي لڳل هوندي. يا ڪلهي ۾ گولي لڳل هوندس. تصوير وانگي ڪا شيءِ." "هي احمقاڻو محاذ آهي." مون چيو. "ها." هن چيو. "ماڻهو سمجهي نہ ٿا سگهن تہ فرانس ڪيئن آهي. جيڪڏهن انهن کي سمجھ ۾ اچي وڃي تہ هي سڀ ڪجھ رڪجي ويندو. هن کي خمدار تلوار جو ڪو بہ گھاءُ ڪو نہ هو. هنن هن کي ٽُڪرا ٽُڪرا ڪري ڇڏيو." "مان وڌيڪ ڪجھ چئي نہ ٿي سگهان." "ڇا تون سمجهين ٿو تہ هميشہ ايئين ئي ٿيندو رهندو؟" "نہ." "ان کي ڪيئن روڪجي؟" "ڪٿي نہ ڪٿي تہ ان کي ڀُنجو اچي ويندو." "اسان ان کي ڀنجو ڏيندا سين. اسان فرانس ۾ ان کي روڪينداسين. اهي سوم ۾ پيش ايندڙ حالتن جيان جاري نہ ٿا رکي سگهن." "اهي هتي بس ڪو نہ ڪندا." مون چيو. "تون سمجهين ٿو تہ اهي بس ڪو نہ ڪندا؟" "نہ." "انهن گذريل سال ڪافي ڪجھ ڪيو." "اهي بس ڪري سگهن ٿا." هن چيو. "ڪو بہ انسان بس ڪري سگھي ٿو." "جرمن بہ بس ٿي سگهن ٿا." "نہ." هن چيو. "مان نہ ٿو سمجهان." اسان مس فرگُوسن ۽ رنالڊي ڏانهن مڙي نهاريوسين. "ڇا توهانکي اٽلي پسند آهي؟" رنالڊي انگريزي ۾ مس فرگُوسن کان معلوم ڪيو. "ڪافي سُٺي." "سمجھ ۾ نہ ٿو اچي." رنالڊي پنهنجو ڪنڌ ڌوڻيو. "اباس تان زا بي نِي Abbastanza bene، مون ان جو ترجمو ڪيو. "هي ڪو ايترو خاص ناهي. ڇا توهانکي انگلستان پسند آهي؟" "نہ ايترو نہ. مان اسڪاچ آهيان. توهان سمجهي سگهو ٿا." رِنالڊِي بنا ڪنهن تاثر جي مون ڏانهن نهاريو."هوءَ اسڪاچ آهي ان ڪري هوءَ انگلستان کان وڌيڪ اسڪاٽلينڊ کي پسند ڪري ٿي." مون اطالوي ٻاشا ۾ چيو. "پر اسڪاٽلينڊ بہ تہ انگلستان ۾ آهي". مون مس فرگُوسن لاءِ ان جو ترجمو ڪيو. "پاس اينڪور، Pas encore (حقيقت ۾ ايئن ناهي - مترجم) "ڪڏهن بہ نہ. اسان انگريزن کي پسند نہ ڪندا آهيون. "انگريزن کي پسند نہ ڪندا آهيو؟"، "مس بارڪلي کي پسند نہ ٿا ڪيو؟" "اوه، اها ٻي ڳالھ آهي. توهان هر شيءِ کي ايترو نہ اينگهايو." ڪجھ وقت کان پوءِ اسان انهن کي رات جو سلام ڪري اٿي پياسين. رستي ڏانهن موٽندي رنالڊي مون کي چيو "مس بارڪلي توکي مون تي ترجيح ڏئي ٿي. اها ڳالھ صفا چٽي آهي. پر اها ننڍڙي اسڪاچ ڪافي ڀلي آهي." "تمام گهڻي." مون چيو. مون هن ڏانهن غور ڪو نہ ڪيو هو. "ڇا هوءَ توکي وڻي ٿي؟" "نہ." رنالڊي چيو.

5

ٻئي ڏينهن منجهند جو مِس بارڪلِي جي گهرائڻ سبب مان ٻيهر هن سان ملڻ ويس. هوءَ باغيچي ۾ موجود ڪو نہ هئي ۽ مان شاهي محل جي پاسي واري دروازي ڏانهن سُري ويس جتي ايمبولنس آيل هئي. اتي مون کي هيڊ نرس نظر آئي، جنهن چيو مِس بارڪلِي ڊيوٽيءَ تي آهي، ”جنگ هلي رهي آهي، توکي ان بابت ڄاڻ آهي؟“ مون چيو مون کي خبر آهي. ”تون اطالوي فوج ۾ آمريڪي آهين؟“ هن مون کان پڇيو. ”هائو منهنجي امان.“ ”تو ايئين ڇو ڪيو؟ ”تون اسان سان شامل ڇو نہ ٿئين؟“ ”مان نہ ٿو ڄاڻان؟“ مون چيو. ”ڇا مان هاڻي شامل ٿي سگهان ٿو؟“ ”مون کي افسوس آهي هاڻي ايئين نہ ٿو ٿي سگهي. تون مون کي ٻڌاءِ تہ تون اطالوين سان ڪيئن گڏئين؟“ ”مان اٽليءَ ۾ هوس،“ مون چيو ”۽ مان اطالوي ٻاشا ڳالهائيندو هوس.“ ”او“ هن چيو. ”مان ان کي سکي رهي آهيان. اها ڪافي خوبصورت ٻاشا آهي.“ ”ڪنهن ماڻهوءَ ٻڌايو تہ اسان کي اها زبان هڪڙي هفتي اندر سکڻ جي قابل ٿيڻو پوندو.“ ”اوهہ مان هڪڙي هفتي اندر ڪو نہ سکنديس. مان ان جو مهينن کان مطالعو ڪري رهي آهيان. تون جيڪڏهن هن سان ملڻ چاهين ٿو تہ پوءِ تون ستين بجي ڌاران اچي سگهين ٿو. انهي مهل هو ڪم مان فارغ ٿي ويندي. پر گهڻا ئي اطالوي ماڻهو پاڻ سان گڏ وٺي نہ اچجانءِ.“ ”خوبصورت ٻوليءَ خاطر بہ نہ وٺي اچان؟“ ”نہ. نہ ئي وري خوبصورت وردين جي ڪارڻ.“ ”توکي شام جو سلام هجي،“ مون هن کي چيو. ”اي رِوي دَرسِي تينين تي“. ”اي رِوي ڊَرلا.“ مان هن کي سلام ڪري روانو ٿيس.

اطالوي هئڻ جي ناتي ڌارين کي بنا ڪنهن پشيمانيءَ جي سلام ڪرڻ مشڪل هوندو هو. اطالوي سلام ڪڏهن بہ روانگي لاءِ تيار ڪيل نہ لڳندو هو. ڏينهن ڪافي گرم هو. مان درياه جي مٿان پلاوا (Plava) واري هنڌ تي دشمن جي ويجهو موجود هڪڙي پل جي آخر ۾ هڪڙي دفاعي مورچي وٽ هوس. هي اهو هنڌ هو جتان جارحيت جو آغاز ٿيڻ وارو هو. هڪڙو سال اڳ پرانهين پاسي چڙهائي ڪرڻ ناممڪن هو ڇاڪاڻ جو ڪاٺ واري عارضي پل ڏانهن وڃڻ لاءِ هيٺيين لنگه لاءِ فقط هڪڙو ئي رستو موجود هو ۽ اهو لڳ ڀڳ هڪڙي ميل جي مفاصلي کان گهڻڊ مِشنُين ۽ گولي بارود جي نشاني تي هو. اهو ايترو ڪشادو بہ ڪو نہ هو جنهن منجهان ڪنهن جارحيت لاءِ سموري نقل وحمل (transport) کي نيئي سگهجي ۽ آسٽريا وارا ان کي ڪنهن مقتل گاه ۾ تبديل ڪري سگهن. پر اٽليءَ وارا ڪجه مفاصلي تائين پرانهين پار ڏانهن اڳتي ٽپندي ڦهلجي ويا هئا جتي اهي آسٽريا جي پاسي واري درياه کان ڏيڍ ميلن واري ايراضي کي گهيرو ڪري ويهي رهيا. اهو غليظ هنڌ هو ۽ آسٽريائي انهن کي جيڪر قبضو ڪرڻ نہ ڏين ها. مان سمجهان ٿو تہ اهو باهمي برداشت جي ڪري هو ڇاڪاڻ جو هيٺئر تائين آسٽريائي درياه جي هيٺان دشمن کان پريرو هڪڙي ڪاٺ جي عارضي پل رکيو ويٺا هئا.

آسٽريائي مورچا ٻهاڙن جي پاسي مٿان کان موجود هئا جيڪي اطالوي صفن کان ڪجه گزن جي مفاصلي تي هئا. اتي هڪڙو ننڍڙو قصبو هوندو هو پر هاڻي اهو ملبي جو ڍير بڻجي ويو هو. اتي

رهجي ويل ريلوي اسٽيشن هئي ۽ مستقل طور تي ٽٽي ويل پل جنهن جي مرمت ۽ واهپو ناممڪن هو ڇاڪاڻ جو اها واضح طور تي نظر ۾ ٽي آئي. مان هيٺ درياه ڏانهن ويندڙ سوڙهي رستي تان گذري رهيو هوس، ڪار کي پهاڙ جي هيٺان واري مرمتي اڏي تي ڇڏي ڏنو ڪاٺ واري عارضي پل کي پار ڪيو جنهن جو پهاڙ جو ڪلهو محافظ هو ۽ انهن مورچن منجهان گذرڻ لڳس جيڪي هيٺ مسمار ٿيل قصبي ۾ لاهيءَ جي حد ۾ واقعا هئا. هر ڪو زير زمين محفوظ ڪمرن ۾ ويٺو هو. اتي راڪيٽن جا شڪنجا هئا جيڪي ان صورت ۾ ڇهڻ لاءِ ڪڙا ڪيل هئا جڏهن آرٽيلري کان مدد جي ضرورت درڪار هجي يا وري ٽيليفون جي تارن جي ڪٽجي وڃڻ جي صورت ۾ اشارو ڏيڻو هجي. ڪافي گرم ۽ گندو ڏينهن هو. مون آسٽريائي صِفن جي آر پار تار کي ڏٺو. مون کي ڪو به ماڻهو نظر ڪو نه آيو. مون هڪڙي پيري هڪڙي ڪپتان سان گڏجي شراب پيتو هو زير زمين محفوظ ڪمري ۾ رهڻ واري ان ڪپتان کي مون سڃاڻي ورتو ۽ پل جي آر پار وڃڻ لڳس.

هڪڙو نئون ويڪرو رستو تاهي تيار ڪيو پئي ويو هو جيڪو جبل جي مٿان گذرندي ۽ ورن وڪڙن سان هيٺ پل ڏانهن پئي ويو. جڏهن هي رستو مڪمل ٿي ويندو ته جارحيت شروع ٿي ويندي. اهو جهنگ وچان تکن موڙن سان هيٺ وڃي رهيو هو. هن سرشتي جو مقصد هو ته هر شيءِ کي نئين رستي وسيلي هيٺ نيو وڃي ۽ خالي ٽرڪن، جانورن جي مدد سان هلندڙ گاڏين، پريل ايمبولنسن ۽ هر واپس موٽندڙ ٽريفڪ کي پراڻي سوڙهي رستي کان مٿي آندو وڃي. مرمتي اڏو آسٽريائي طرف واري درياه کان پهاڙ جي ڪناري وٽ هو اسٽريچر سنڀاليندڙ زخمين کي ڪاٺ واري عارضي پل جي آرپار واپس کڻي ايندا. جڏهن جارحيت جو آغاز ٿيندو ته ساڳيو ئي طريقيڪار اپنايو ويندو. جيستائين مان ان نئين تعمير ڪيل رستي جو آخري ميل يا ان جي لڳ ڀڳ وارو مفاصلو طئه ڪري وٺان جتي ان جا ور وڪڙ ختم ٿيڻ لڳن ٿا ته مان آساني سان آسٽريائي گوليباري جي نشاني تي اچي پئي سگهيس. لڳي رهيو هو جڻ اها ڪا بدحواسي هجي. پر مون کي هڪڙو هنڌ نظر آيو جتي ڪارين کي محفوظ ڪري سگهجي ٿو جڏهن اهي ان خراب نظر ايندڙ ٽُڪري مان گذري وڃن ۽ زخمين جي لاءِ انتظار ڪري پئي سگهيس جن کي ان عارضي ڪاٺ واري پل جي آرپار آندو ويندو. مون ان نئين رستي جي مٿان گاڏي هلائڻ پئي چاهي پر اهو اجا تهي راس نه ٿيو هو. اهو ڪشادو ۽ سٺي نموني تعمير ٿيل نظر اچي رهيو هو ۽ ان جا ور وڪڙ ڪافي موثر نظر اچي رهيا هئا جتان جهنگ ۾ پهاڙ جي پاسي وارا شگاف نظر پئي آيا. ڪاريون پنهنجي ڌاتوئي بريڪن سان گڏ ڪافي ٺيڪ رهنديون ۽ ڪٽي ڇا به ٿي پوي، هيٺ ويندي، انهن تي ڪو به وزن نه رکيو ويندو. مان واپس سوڙهي رستي تي هلڻ لڳس. به ڪيرابنيري (اطالوي پيرا ملٽري فورس جا رڪن / پوليس وارا) ڪار کي جهليو بيٺا هئا. هڪڙو بارودي گولو ڪريو هو ۽ جڏهن اسان انتظار ۾ بيٺا هئاسين بين ٽن گولن رستي تي اچي ڦهڪو ڪيو هو. اهي گولا 77 وارا هئا جيڪي هوا ۾ تيزيءَ سان زوڪاٽ ڪندا آيا، هڪڙي سخت جڳمڳائيندڙ چمڪ سان گڏ ڌماڪيدار آواز ۽ پوءِ رستي جي آرپار ڦاٽي پوڻ جي ڪارڻ ان مان پورو پورو دونهون اٿڻ لڳو. اطالوي پوليس (Carabinieri) اسان کي هٿ لوڏيندي اتان ٽري وڃڻ جو اشارو ڪيو. جتي گولا ڪريا هئا اتان لنگهندي مون ڏرا ٿيل زمين کان پاڻ بچائڻ

جي ڪوشش ڪئي ۽ مان ان وڏي ڌماڪي مان اٿندڙ بدبوءَ کي محسوس ڪري رهيو هوس ۽ ڌماڪي سان ڦاٽي پيل مٽي ۽ پٿر ۽ تازوئي چڪنا چور ٿي ويل چقمقي پٿر جي بدبو پڻ منهنجي حواسن کي واسو ڪري ڇڏيو. مان گوريزيا جي شاهي محل ڏانهن واپس ڊوڙڻ لڳس، تہ جيئن مس بارڪلي سان ملي سگهان جيڪا تنهن وقت ڊيوٽي ڪري رهي هئي.

رات جي ماني مون جلدي جلدي کائي ورتي ۽ شاهي محل ڏانهن روانو ٿي ويس جتي برطانيا وارن جي پنهنجي اسپتال هئي. اها ڪافي ڪشادي ۽ خوبصورت هئي ۽ ان جي ميدان ۾ ڪافي سهڻا وڻ هئا. مس فرگوسن هن سان گڏ هئي. اهي مون کي ڏسي ٻهڪي پيون ۽ ٿوري وقت کان پوءِ معذرت ڪندي هوءَ اسان کي اڪيلو ڇڏي روانو ٿيڻ لڳي. ”مان توهان ٻنهي کي ڇڏڻ ٿي چاهيان،“ هن چيو ”مون بنا توهان ٻئي سٺي نموني رهي سگهو ٿا،“ هن چيو. ”هيلن، تون نہ وڃ،“ مس بارڪلي چيو.”سچ پچ مان پڻ واپس وڃڻ چاهيان ٿو. مون کي ڪجھ خط لکڻا آهن.“ ”شب خير،“ مون چيو. ”شب خير مسٽر هينري،“ ”ڪا بہ اهڙي شيءِ نہ لکجانءِ جيڪا سينسر (حذف) ڪرڻ جي متصادم هجي.“ ”تون ان ڳاله جو ڪو بہ اونهو نہ ڪر مان فقط اهو لکندس تہ اسان ڪيتري نہ خوبصورت جاءِ ۾ رهائش پذير آهيون ۽ اطالوي ڪيترا نہ بهادر آهن.“ ”اهڙي نموني ئي توکي آراستہ ڪرڻو پوندو.“ ”اهو ئي بهتر هوندو. شب خير، ڪيٽرائن.“ ”مان توسان ٿوريءَ دير کان پوءِ ملان ٿي،“ مس بارڪلي چيو. مس بارڪلي تاريڪي ۾ هلي ويئي. ”هوءَ ڏاڍي سٺي آهي،“ مون چيو. ”اوه، هائو هوءَ واقعي ڏاڍي سٺي آهي. هوءَ نرس آهي.“ ”تون نرس ناهين ڇا؟“ ”اوه، نہ. مان وي.اي.ڊي (V.A.D.) آهيان. اسان ڪافي مشقت سان ڪم ڪنديون آهيون پر اسان تي ڪو بہ ڀروسو نہ ڪندو آهي.“ ”ڇا لاءِ؟“ ”جڏهن ڪجھ بہ هلي نہ رهيو هوندو آهي تہ اسان تي ڪو بہ ڀروسو نہ ڪندو آهي. جڏهن حقيقت ۾ ڪو ڪم ڪار شروع ٿي ويندو آهي تہ پوءِ اسان تي ڀروسو ڪيو ويندو آهي.“ ”انهن ٻنهي ڳالهين ۾ ڪهڙو تفاوت بيهي ٿو؟“ ”هڪڙي نرس ڊاڪٽر جيان هوندي آهي. وي.اي.ڊي. ٿيڻ لاءِ ڪافي عرصو لڳي ويندو آهي، اهو شارٽ ڪٽ (مختصر رستو آهي)“. ”مان سمجهي ويُس.“ ”اطالوي نہ ٿا چاهن تہ عورتون محاذ جي ايترو نزديڪ هجن. تنهن ڪري اسان مخصوص رويو اختيار ڪري ڇڏيو آهي. اسان ٻاهر نہ نڪرنديون آهيون.“ ”مان تہ هتي اچي سگهان ٿو نہ؟“ ”اوه، ها. اسان ڪنهن خانقاه ۾ ويٺل ناهيون.“ ”اچ تہ جنگ کي ترڪ ڪيون.“ ”ڪافي مشڪل آهي. ڪو اهڙو خانو ڪونهي جتي ان کي ڦٽو ڪري ڇڏجي.“ ”ڪنهن بہ نموني اچ تہ جنگ کي ترڪ ڪيون.“ ”ڇڱو نيڪ آهي.“

اسان رات جي تاريڪي ۾ هڪٻئي ڏانهن نهاريوسين. مون سوچيو هوءَ ڪافي حسين هئي ۽ مون هن جي هٿ کي پڪڙي ورتو. هن مون کي ان کي پڪڙي رکڻ لاءِ ڇڏي ڏنو ۽ مون سندس هٿ کي پڪڙي ئي رکيو ۽ پنهنجي ٻانهن کي هن جي ٻانهن جي اندريان کان ورائي ڇڏيم. ”نہ،“ هن چيو. مون پنهنجي ٻانهن کي پوءِ بہ نہ هٽايو. ”ڇو نہ،“ ”نہ“. هن انڪار ڪيو. ”ها.“ مون چيو. ”عنايت ڪر.“ ”مان رات جي تاريڪي ۾ هن کي ڳراٽڙي پائڻ لاءِ اڳتي سرڻ لڳس ۽ اتي تيز ڌار واري ڏنگيندڙ چمڪ هئي هن منهنجي منهن تي زوردار چنبو وهائي ڪڍيو. هن مون کي نڪ ۽ اکين ۾ چنبو هنيو ۽ اضطراب وچان منهنجي اکين مان ڳوڙها وهڻ لڳا. ”مون کي افسوس آهي،“ هن چيو.“ مون پاڻ کي

ٿورو برتر سمجهيو“ ”تو سڀ ڪجھ صحيح ڪيو“. ”مان بيحد افسوس ۾ آهيان ته مان تو کي سمجهي نه سگهيس. منهنجو مقصد تنهنجي دل آزاري ڪرڻ وارو نه هو. مون تنهنجي دل آزاري ڪئي، ها نه؟“ هوءَ رات جي تاريڪيءَ ۾ مون ڏانهن نهاري رهي هئي. مان غصي ۾ هوندي به پراعتماد هوس. ۽ ان سموري وارتا کي شطرنج جي راند جي چالن جيان ڏسي رهيو هوس. ”تو بلڪل صحيح ڪيو“ مون چيو.”مون کي بلڪل برو نه لڳو“ ”قابلِ رحم انسان“. ”تون چاهين ٿو ته مان انوکو جيون گهاري رهي آهيان. ۽ مان انگريزي ورلي ڳالهائيندي آهيان. ۽ پيو ته تون ڪافي حسين آهين“. مون هن ڏانهن نظر ڪٽي نهاريو. ”توکي ايتري بڪ بڪ ڪرڻ جي ڪا ضرورت ناهي. مون چيو مون کي پڻ افسوس آهي. اسان کي پاڻ ۾ هڪ ٻئي تي وچڻ گهرجي.“ ”ها“ مون چيو. ”۽ اسان جنگ کان جدا ٿي چڪا آهيون.“ هن ٿهڪ ڏنو. اهو پهريون دفعو هو جڏهن مون هن کي ٿهڪ ڏيندي ڏٺو هو. مون هن جي چهري کي ڏٺو. ”تون سُريلو آهين.“ هن چيو. ”نه، مان ناهيان.“ ”ها. تون پيارو آهين. توکي پيپي پائڻ ۾ مون کي ڪافي خوشي ملندي جيڪڏهن تون ان کي برو نه سمجهين ته.“ مون هن جي نيٽڻ ۾ نهاريو ۽ اڳ جيان مون پنهنجي ٻانهن کي هن جي چوگرد ورايو ۽ هن کي پيپي پائڻ لڳس. مون هن کي زور سان چمڻ شروع ڪيو ۽ هن کي پاڻ سان جڪڙي ورتو ۽ هن جي لبڙن کي کولڻ جي ڪوشش ڪئي، جيڪي مضبوطيءَ سان ٻيڪڙيل هئا. مان اڃا غصي ۾ هوس ۽ جيئن ئي مون هن کي زور سان ٻيڪڙي ڇڏيو هن جو جسم ڪنبڻي هٽڻ لڳو. مون هن کي پاڻ سان جڪڙي ڇڏيو ۽ مون هن جي دل جي ڌڙڪڻ جي آواز کي محسوس ڪيو ۽ هن جا لب کلي ويا ۽ هن جو مٿو منهنجي هٿ جي هيٺان ٿي ويو ۽ پوءِ هوءَ منهنجي ڪلهي تي دانهون ڪرڻ لڳي. ”منهنجا جاني، منهنجا دلبر،“ هن چيو. ”تون مون سان توڙ نڀائيندين، ها نه؟“ ڪهڙي دوزخ جي ڳاله پئي ڪري، مون سوچيو. مون هن جي وارن تي هٿ ڦيرايو ۽ هن جي ڪلهي کي زور ڏنو. هوءَ دانهون ڪري رهي هئي. ”تون نڀاءُ ڪندين نه؟“ هن پنهنجا نيڻ ڪٽي مون ڏانهن نهاريو. ”ڇاڪاڻ جو اسان ڪيڏي نه عجيب زندگي گهاري رهيا آهيون.“ ٿوريءَ دير کان پوءِ مان هن سان شاهي محل جي دروازي تائين ساڻ ويس ۽ هوءَ هلي ويئي ۽ مان گهر ڏانهن واپس ورڻ لڳس. واپسيءَ تي مان مٿي ڏاڪڻين تي چڙهي ويس. رنالڊي پنهنجي بستر تي ليٽيل هو. هن مون ڏانهن ڏٺو. ”چئبو ته تون مس بارڪلي سان واسطو وڌائي آئين؟“ ”اسان دوست آهيون.“ ”توکي گرميءَ ۾ ان ڪتي جي وٽندڙ هوا لڳي رهي آهي؟“ مون کي هن جي ڳاله سمجه ۾ ڪو نه آئي. ”ڇا جي؟“ هن وضاحت ڪئي. ”ڪتي جي وٽندڙ هوا جيڪا ـــــ“ ”اڙي هاڻي بس ڪر“، مون چيو. ”ٿوري وقت لاءِ اسان ذليل قسم جون ڳالهيون ڪنداسين.“ هو ٿهڪ ڏيڻ لڳو. ”چڱو شب خير،“ مون هن کي چيو. ”شب خير، ننڍڙا ڪُتڙا.“ مون هن جي ٻرندڙ ميڻ بتيءَ تي وهاڻو ڏئي ڇڏيو ۽ اونداه ۾ بستر ڏانهن هليو ويس. رنالڊي موم بتيءَ کي کڻي ان کي وري ٻاريو ۽ پڙهڻ لڳو.

6

مان ٻن ڏينهن لاءِ مٿي مورچن تي ويل هوس. جڏهن مان گهر ڏانهن واپس موٽي آيس ان وقت ڪافي دير ٿي چڪي هئي ۽ مان ٻي شام تائين مس بارڪلي سان ملي ڪو نه سگهيو هوس. هوءَ باغيچي ۾ ڪو نه هئي ۽ مان اسپتال جي دفتر ۾ هن جي اچڻ جو انتظار ڪرڻ لڳس. اتي ڪمري جي ديوارن جي پر وارن رنگ برنگي ڪاٺ جي ٿنڀن تي زائفاٽين ڇاتين واريون ڪيترين ئي مورتيون لڳل هيون جنهن کي دفتر طور استعمال ڪيو ويندو هو. هال ۾ پڻ، جتان دفتر کلندو هو, انهن مورتين جون قطارون هيون. اهي مڪمل طور تي سنگِ مرمر جي خاصيت واريون هيون جيڪي سموريون هڪجهڙيون لڳي رهيون هيون. هينئر تائين مجسمو موڳو ڏنڏو لڳي رهيو هو ڪنجهي وارا مجسما ڪا شيءِ لڳي رهيا هئا. پر سنگِ مرمر جا عورتائين ڇاتيءَ وارا مجسما ڪنهن قبرستان جو ڏيک ڏئي رهيا هئا. جيتوڻيڪ هڪڙو عمدو قبرستان پيزا ۾ موجود هو. جينووا بيڪار سنگِ مرمر وارو هنڌ هو. هي ڪنهن نهايت ئي امير جرمن جو شاهي محل هو ۽ عورتائين ڇاتي وارن انهن مجسمن تي هن جو ڪافي پئسو خرچ ٿيو هوندو. مون کي تعجب ٿي رهيو هو ته ڪنهن انهن کي ناهي راس ڪيو هوندو ۽ هن ڪيترو پئسو وصول ڪيو هوندو. مون تحرير ڪرڻ پئي چاهيو ته اهي ڪٿي ڪنهن خاندان جا فرد هئا يا وري ٻيو ڪجه, پر اهي يڪسان طور تي ڪلاسيڪي هئا. توهان انهن جي باري ۾ ڪجه چئي نه ٿا سگهو.

مان ڪرسيءَ تي پنهنجي ٽوپي پڪڙي ويٺس. اسان جي لاءِ گورزيا ۾ فولادي ٽوپلا پائڻ لازمي هو پر اهي تڪليف ڏيندڙ هئا ۽ گهڻي قدرناٽڪي انداز وارا هوندا هئا هڪڙي اهڙي قصبي ۾ جتي شهرين کي خطري واري هنڌ تان اجا ٻاهر نه ڪڍيو ويو هو. مان به جڏهن مٿي مورچن ڏانهن ويندو هوس ان وقت هڪڙو ٽوپلو پائيندو هوس ۽ هڪڙو انگريزي گيس جو نقاب پاڻ سان گڏ کڻندو هوس. اسان انهن کي هٿ ڪرڻ جي ويجهڙائي ۾ شروعات ڪئي هئي. اهي واقعي ۾ نقاب هئا. تان پڻ اسان لاءِ لازمي هو ته اسان خودڪار پستول پهريون. ايتري تائين جو ڊاڪٽرن ۽ صفائي وارن عملدارن لاءِ پڻ ان کي پهرڻ لازمي هو. مان جڏهن ڪرسيءَ تي ويٺل هوس ته اهو پستول منهنجي پٺيءَ کي لڳي رهيو. توهان جيڪڏهن ان کي اهڙيءَ طرح نه ٿا پهريو جنهن سان اهو صاف طور تي نظر نه ايندو هجي ته اهڙيءَ حالت ۾ توهان کي گرفتار به ڪيو ويندو. رنالڊي حاجتمندي واري ڪاغذ سان گڏ ان پستول کي چمڙي جي ڳوٿريءَ ۾ بند ڪري هلندو هو. مون سان اصلي پستول ساڻ هوندو هو ۽ جڏهن به مان ان کي هلائڻ جي مشق ڪندو هوس پاڻ کي ڪنهن گولي مار چوڻُوءَ جيان محسوس ڪندو هوس. اهو آسترا 7.65 قطر وارو هو جنهن کي ننڍڙي نالي هوندي هئي ۽ جڏهن ان کي هلائبو هو ته اهو اهڙيون ٽِپون ڪائيندو هو جو ڪنهن کي ماري سگهڻ جو سوال ئي پيدا ڪو نه پئي ٿيو. مون ان کي هلائڻ جي مشق ڪئي هئي, نشاني جي طرف جهليندي ۽ ڪل جهڙي ننڍڙي دونالي جي جهٽڪن تي مهارت حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ونندي جيستائين ويهن قدمن جي ڪجه مفاصلي ڪان پنهنجي مقصود نشاني کي ڇٽي سگهان ۽ پوءِ ان ڪل جهڙي پستول کي پاڻ وٽ رکڻو

پيو ۽ پوءِ مون ان کي سنت ٿي وساري ڇڏيو ۽ ان کي بنا ڪنهن محسوسات جي پنهنجي پٺ ۾ لڙڪائي ڇڏيو سواءِ ان جي ته جڏهن به ڪنهن انگريزي پاشا ڳالهائڻ واري شخص سان ملڻ ٿيندو هو ته هڪڙو مبهم قسم جو شرم محسوس ڪندو هوس. هاڻي مان ڪرسيءَ تي ويٺل هوس شايد ڪو پٽيوالو هو جنهن مون کي ان مهل ناپسنديدگي واري نظر سان پوبان رکيل ميز تان پئي ڏٺو جڏهن مان سنگِ مرمر جي فرش ۽ پليسٽر ڪيل ديوار جي نقشن کي ڏسي رهيو هوس ۽ مس بارڪلي جي اچڻ جو انتظار ڪري رهيو هوس.

پليسٽر ڪيل ديوارن تي ٺاهيل نقش ايترا خراب ڪو نه هئا. ڪو به نقش ان مهل پلو پئي لڳو جڏهن ان جون ڪلون لهڻ پئي لڳيون. مون ڪيٿرائن بارڪلي کي هال ڏانهن ايندي ڏٺو ۽ اٿي بيٺس. هوءَ ايتري قداور ڪو نه پئي لڳي پر هوءَ ڏاڍي پياري لڳي رهي هئي."مسٽر هينري، توهان کي صبح جو سلام هجي،" هن چيو. "توهان ڪيئن آهيو؟" مون چيو. پوبان ميز تي ويٺل پٽيوالو ٻڌي رهيو هو. "اسان کي هتي ويهڻ گهرجي يا ٻاهر باغيچي ڏانهن هلون؟" "ٻاهر ٺا هلون اهو ڪافي ٿڌو آهي." مان هن جي پويان ٻاهر باغيچي ڏانهن هلڻ لڳس، پٽيوالو اسان کي پويان کان ڏسي رهيو هو. جڏهن اسان ٻاهر روڙيدار رستي تي هئاسين ان وقت هن مون کي چيو، "تون ڪيڏانهن هليو ويو هئين؟" "مان ٻاهر مورچي ڏانهن ويل هوس." "تو مون ڏانهن ڪو يادداشت نامو به ڪو نه ڏياري موڪليو؟" "نه،" مون چيو. مون سوچيو مان هونئن ئي واپس موٽي ايندس." "منهنجا دلبر، تون لازمي طور تي مون کي اطلاع ڏئين ها." اسان سڙڪ کان پرپرو وڻن جي هيٺان هلي رهيا هئاسين. مون هن جي هٿن کي پڪڙيو پوءِ اسان بيهي رهياسين ۽ مون هن کي چمي پاتي." "هتي ڪو اهڙو هنڌ ناهي جيڏانهن اسان هلي سگهون؟" "نه،" هن چيو. "اسان هتي صرف گهمي سگهون ٿا. تون ڪافي وقت مون کان پري رهيو آهين." "هي ٽيون ڏينهن آهي. پر هاڻي مان واپس وري آيو آهيان." هن مون ڏانهن نهاريو. "۽ ڇا تون مون سان محبت ڪرين ٿو؟" "ها." "تو چيو ته تون مون سان پيار ڪرين ٿو ها نه؟" "ها،" مون ڪوڙ ڳالهايو. "مان توکي چاهيان ٿي. مون اڳ ۾ ڪڏهن اهي لفظ نه ٻوليا آهن. ۽ تون مون کي ڪيٿرائن جي نانو سان پڪاري سگهين ٿو."

اسان هڪڙي رستي تي هلي رهيا هئاسين ۽ هڪڙي وڻ جي هيٺان رڪجي وياسين. "چئو مان ڪيٿرائن ڏانهن رات جي وقت ۾ واپس وري آيو آهيان". "مان ڪيٿرائن ڏانهن رات جي وقت ۾ واپس وري آيو آهيان." "اوه، منهنجا دلبر، تون واپس وري آيو آهين، ها نه؟" "ها." "مان توسان بي پناه پيار ڪيان ٿي ۽ تنهنجي غير موجودگيءَ ۾ مان بي قرار هوندي هيس. تون مون کي ڇڏي هليو ته نه ويندين نه؟" "نه." "مان هميشه ورندو رهندس." "اوه، مان توسان بيحد پيار ڪيان ٿي، پنهنجو ڪرم ڪندي وري پنهنجو هٿ اتي ڦيراءِ" "تون ايڏو دور ڇو هليو ويو هئين." مون هن جو پاسو ورايو ته جيئن هن جو رخِ انور ڏسي سگهان ۽ ان کي چمي سگهان ۽ مون ڏٺو هن جون اکيون پورجي ويون هيون. مون هن جي ٻنهي بند ڪيل اکڙين کي چميو. مون سمجهيو هوءَ يقيناً ٿورڙي پڳلي هئي. جيڪڏهن آهي ته پوءِ ٺيڪ آ. مان ڪيڏانهن وڃي رهيو هوس ان جي مون کي ڪا به پرواه ڪا نه هئي. هي ان کان بهتر هو جڏهن هر شام آفيسرن جي گهرن ڏانهن وڃبو هو جتي ڇوڪريون اسان

جي مٿان چڙهي ويندي هيون ۽ اسان جي ٽوپين جو ڪيا ڙيءَ ڏانهن منهن ڪري پائيندي هيون اهو انهن جو پنهنجي آفيسر پائرن سان چاهت جو اظهار هوندو هو جن سان گڏجي هو اتي گهمڻ ڦرڻ ايندي هيون. مون چاتو پئي تہ مان ڪيٿرائن بارڪلي سان ڪا محبت ڪو نہ ٿو ڪيان نہ ئي هن سان پيار ڪرڻ جو مون وٽ ڪو تصور هو. اهو هڪڙي قسم جي برج واري (Bridge) راند جيان هو جنهن ۾ توهان پتا ڪيڏڻ بجاءِ شين بابت ڳالهائيندا آهيو. برج جي راند وانگي توهان کي ڊونگ رچائڻو آهي تہ توهان پئسن يا داو تي رکيل رقم جي لاءِ ڪيڏي رهيا آهيو. ڪنهن بہ ان ڳاله جو ذڪر نہ ڪيو آهي تہ داو تي رکيل مال ڪهڙي قسم جو آهي. مون لاءِ اهيو سڀ ڪجه صحيح هو. ”ڪاش ڪو اهڙو هنڌ هجي جتي اسان ٻئي هلي سگهون.“ مون چيو. گهڻي وقت تائين اپي سر بيهي پيار ڪندي مان مرداڻي مشڪلات واري تجربي کي منهن ڏيئي رهيو هوس. ”هتي اهڙي ڪا بہ جڳه ڪونهي.“ هن چيو. هوءَ جيڏانهن بہ ويئي هئي اتان واپس موٽي آئي. ”اسان هتي صرف ٿوري وقت لاءِ ويهي سگهون ٿا.“ اسان پٿر جي هڪڙي سڌي ميز تي ويهي رهياسين ۽ مون ڪيٿرائن بارڪلي جي هٿ کي پڪڙيو. هن منهنجي ٻانهن کي پنهنجي ڳچيءَ ۾ ورائڻ نہ پئي ڏنو. ”ڇا تون ڪافي ٿڪجي پيو آهين؟“ هن چيو. هن هيٺ ڪاه ڏانهن ڏٺو. ”اسان ڪيڏي نہ گندي راند رچائي رهيا آهيون, ها نہ؟“ ”ڪهڙي راند؟“ ”ڪند ذهن نہ ٿي.“ ”منهنجو ڪو ارادو ڪونهي.“ ”تون ڪافي سنو ڇوڪرو آهين.“ هن چيو. ”۽ تون نيڪ اهڙي ئي انداز سان ڪيڏي رهيو آهين جيئن تون بخوبي ڄاڻين ٿو. پر اها گندي راند آهي.“ ”ڇا تون هميشہ ماڻهن جي ارادن کي پرکي ويندي آهين.“ ”هميشہ تہ نہ. پر تنهنجي خاطر. مون سان پيار ڪرڻ جو توکي ڪو ڊونگ رچائڻ جي ڪا ضرورت ڪانهي. شام جي وقت لاءِ ختم ٿي ويو. ڪا ٻي شيءِ جنهن جي باري ۾ تون ڳالهائڻ چاهين؟“ ”پر مان تو سان پيار ڪيان ٿو.“ ”مهرباني ڪري ڪوڙ نہ ڳالهاءِ جڏهن اسان کي ڪرڻو ئي ناهي. مون کي هڪڙي عمدي شو ڏانهن ويڃڻو آهي. تون ڄاڻين ٿو تہ مان پاڳل نہ آهيان ۽ مان ايترو دور هلي نہ ويئي آهيان“ مون هن جي هٿ کي دٻائي ڇڏيو. ”هاڻي اهو ڪافي مزاحيہ لڳي ٿو—— ڪيٿرائن. پر تون ڪافي سنو آهين. تون هڪڙو سنو ڇوڪرو آهين.“ ”پادري بہ ايئين چيو هو.“ ”ها, تون ڪافي سنو آهين. ۽ تون ايندين ۽ مون سان ملندين؟“ ”پڪ سان.“ ”۽ توکي اهيو چوڻ جي ضرورت ناهي تہ تون مون سان پيار ڪرين ٿو. گهڙي ڪن جي لاءِ اهو ختم ٿي چڪو.“ هوءَ اٿي بيٺي ۽ مون کان پنهنجو هٿ ڇڏائي ورتائين. ”شب خير.“ مون هن کي چمڻ پئي چاهيو. ”نہ.“ هن چيو. ”مان تمام گهڻو ٿڪل آهيان.“ ”پلا مون کي ئي ڪٽي چمي پاءِ“, مون چيو. ”جاني, مان تمام گهڻو ٿڪجي پيئي آهيان.“ ”مون کي چمي پاءِ.“ ”ڇئبو توکي ايتري گهرج آهي؟“ ”ها.“ اسان چمي پاتي ۽ هن اچانڪ سلسلي کي ٽوڙي ڇڏيو. ”نہ ڪر. پليز پيارا.“ اسان دروازي ڏانهن هلڻ لڳاسين ۽ مون هن کي اندر ويندي ڏٺو ۽ احاطي کان هيٺ هن کي ويندو ڏسندي مون کي وٽي رهيو هو. هوءَ احاطي ڏانهن هيٺ هلي ويئي. مان گهر ڏانهن موٽڻ لڳس. اها هڪڙي گرم رات هئي ۽ مٿي پهاڙن ۾ ڪافي مانڌاڻ متل هو. مون سين گيبريل (San Gabriele) تي چمڪاٽ ڏٺا. مان ولا روزا (Villa Rossa) جي اڳيان رڪجي ويس. ڪو ڳائي رهيو هو. مان گهر ڏانهن هلندو رهيس. جڏهن مان ڪپڙا بدلائي رهيو هوس ان وقت رنالدي اندر

گهڙي آيو. ”اي، ها!“ هن چيو. ”مامرو ٺيڪ نہ پيو هلي. ٻچڙي جو منهن لٿل آهي.“ ”تون ڪيڏانهن ويو هئين؟“ ولا رواز ڏي. اهو ڪافي چمڪي رهيو هو. اسان سڀني ڳاتوسين. تون ڪاڏي ويو هئين؟“. ”انگريزن (برطانوين) کي سڏڻ.“ ”مالڪ جو ڪرم آهي! جو مان انگريزن سان شامل ڪو نہ ٿيس.“

7

ٻئي ڏينهن صبح جو مان اسان جي پهرين پهاڙي چونڪي کان واپس موٽي آيس ۽ پنهنجي ڪار/ وين کي سمستامينتو وٽ روڪيم جتي زخمي ۽ مردود گاڏين کي مختلف اسپتالن لاءِ نشان ڏنل انهن جي ڪاغذن وسيلي چڪاسيو ويندو هو. مان ڪار ۾ وينس ۽ مان ڊرائيونگ ڪري رهيو هوس ۽ ۽ ڊرائيور ڪاغذ کنيا. اهو ڪافي گرم ڏينهن هو ۽ آسمان نيرو هو ۽ رستو اڇو ۽ ميٽائون هو. مان فِي ايٽ (Fiat) جي مٿاهين گديءَ تي ويهي رهيس ۽ ڪنهن به شيءِ بابت ڪجھ به ويچاري نه رهيو هوس. هڪڙو فوجي دستو رستي تان گذري ويو ۽ مون انهن کي گذرندي ڏٺو. ماڻهو تپي ويا هئا ۽ اهي پگهر ۾ شل هئا. ڪجھ کي پنهنجا ٽوپلا پاتل هئا پر انهن منجهان گهڻن انهن کي پنهنجي جهولنڊڙ سامان جي ٿيلهن تي رکي ڇڏيو هو. گهڻي قدر ٽوپلا ڪافي وڏا هئا ۽ اهي ماڻهن جي ڪنن تائين آيل هئا. سمورن آفيسرن کي سٽي نمونې پورا ايندڙ ٽوپلا پاتل هئا. اها بيسِيليڪاٽا (Basilicata) جي اڏيڪي برگيڊ هئي. مون انهن کي انهن جي ڪالرن تي موجود ڳاڙهن ۽ سفيد فوجي نشانن مان سڃاتو. اهي آوارا گرد هئا جيڪي فوجي دستي جي گذري وڃڻ کان پوءِ پوئتي رهجي ويا هئا يعني اهي پنهنجي پليٽون (Platoon) سان گڏ نه هلي سگهيا. اهي پگهر ۾ شل، ميرا ۽ ٿڪل هئا. ڪي ته ڪافي ڪنا پئي ڏسڻ ۾ آيا. آخري آواره گردن جي بعد هڪڙو سپاهي آيو. اهو چنگه منڊڪائي هلي رهيو هو. هو بيهي رهيو ۽ رستي جي ڪناري تي ويهي رهيو. مان هيٺ اوڏانهن سرڻ لڳس. "ڇا مسئلو آهي؟" هن مون ڏانهن نهاريو ۽ پوءِ اٿي بيٺو. "تنهنجي چنگه کي ڇا ٿيو آهي؟" "اها منهنجي چنگه نه آهي. مان ترڪي پيو آهيان." "تون سواريءَ سان گڏ ڇو نه آهين؟" مون پڇيو. "تون اسپتال ڇو نه ٿو وڃين؟" "اهي مون کي وڃڻ نه ڏيندا. ليفٽيننٽ مون کي چيو ته تون ڪنهن مقصد جي ڪري ترڪي پٽي اکوڙي آهي." " مون کي محسوس ڪرڻ ڏي." "اهو ٻاهر جو رستو آهي." "اهو ڪهڙي پاسي کان ڪليل آهي؟" "هيڏانهن." "مان اهو محسوس ڪيان ٿو." "ڪنگهڪار ـــ" مون چيو. "مون کي افسوس آهي اهو (زخم) اڃا وڌي ويندو. جيئن اهو هن صبح جو هو ان کان ٻيڻ تي وڌي ويو آهي". "ويهي ره." مون چيو. "جيئن ئي مان انهن مردودن جا ڪاغذ ڏئي پورا ڪندس مان توکي رستي سان وٺي هلندس ۽ توکي طبعي عملدارن سان ڇڏي ڏيندس." "هو چوندو ته تو ڄاڻي واڻي ڪيو." "اهي ڪجھ به نه ٽا ڪري سگهن." مون چيو. "اهو ڪو زخم ناهي. اهو توکي اڳ ۾ هوندو هو ها نه؟" "پر مون کان پٽي وڃائجي ويئي آهي." "اهي توکي هڪڙي اسپتال ڏانهن موڪلي ڇڏيندا." "ڇا مان هتي ترسي نه ٿو سگهان، تينيٽ؟" "نه، مون وٽ تو لاءِ ڪي به ڪاغذ نه آهن." ڊرائيور زخمين جي ڪاغذن سان گڏ ڪار ۾ دروازي کان ٻاهر نڪري آيو. "105 لاءِ چار. 132 لاءِ ٻه." هن چيو. اهي درياه جي پار واريون اسپتالون هيون.

"تون هلاءِ،" مون چيو. مون گديءَ جي مٿان ڦٿيل سپاهي جي سهائتا ڪئي. "تون انگريزي ڳالهائيندو آهين؟" هن پڇيو. "يقيناً." "تون هن ڪمبخت جنگ کي ڪيئن ٿو پسند ڪرين؟" "مان چوان ٿو اها بدبودار آهي. يسوع مسيح جو قسم. مان چوان ٿو اها فرسوده آهي." "تون ڪهڙي رياست ۾ رهندو

آهين؟“ ”پڪ سان پٽسبرگ (Pittsburgh) ۾. مون ڄاتو پئي تون آمريڪي آهين“. ”ڇا مان اطالوي ٻاشا چڱي خاشي نہ ٿو ڳالهايان؟“ ”مون ڄاتو پئي تہ تون آمريڪي آهين، ٺيڪ.“ ”هڪڙو ٻيو آمريڪي،“ ڦتيل ماڻهوءَ ڊانهن نهاريندي ڊرائيور چيو. ”ڏس، لُوٽيننٽ. ڇا تون مون کي ان ريجمينٽ ۾ رکرائيندين ڇا؟“ ”ها.“ ”ڇاڪاڻ جو ڪيپٽن ڊاڪٽر ڄاتو پئي تہ مون کي هي زخم آهي. مون ڪمبخت پٽيءَ کي اڇلائي ڇڏيو تہ جيئن اهو اڃا خراب ٿئي ۽ مون کي ٻيهر صفن ڏانهن وڃڻو نہ پوي.“ ”مان سمجهان ٿو.“ ”ڇا تون مون کي ڪنهن ٻئي هنڌ ڏانهن نہ ٿو وٺي وڃي سگهين؟“ ”جيڪڏهن اهو محاذ جي ويجهو هجي ها تہ مان توکي پهريان ميڊيڪل واري چونڪي ڏانهن وٺي وڃان ها. ۽ هتي واپسيءَ تي لازمي آهي تہ تو وٽ ڪاغذ هجن.“ ”جيڪڏهن مان واپس موٽي ويندس تہ اهي مون کي وري ڪم ۾ جنبائي ڇڏيندا ۽ اهي مون کي سارو وقت صفن ۾ هٽي ڇڏيندا.“ ”مان ان کي ختم سمجهان ٿو“. ”تون سمورو وقت صفن ۾ هجڻ نہ ٿو چاهين، ها نہ؟“ هن پڇيو. ”نہ.“ ”يسوع مسيح جي واسطي، ٻڌايو تہ ڇا هي ڪمبخت جنگ نہ آهي؟ ”ٻڌ،“ مون چيو. ”تون ٻاهر نڪر ۽ رستي تي ڪري پئو ۽ پنهنجو مٿو زمين سان ٽڪراءِ ۽ مان توکي واپسيءَ تي مٿي کڻندس ۽ توکي هڪڙي اسپتال ڏانهن وٺي ويندس. ايلڊو، اسان هتي رستي جي پرسان رڪنداسين.“ اسان رستي جي ڪناري تي بيهي رهياسين. مون هن جي لهڻ ۾ مدد ڪئي. ”مان صفا هتي ئي هوندس، ليفٽيننٽ،“ هن چيو. ”ڪافي وقت لڳندو“ مون چيو. اسان هلي پياسين ۽ هڪڙو ميل اڳيان ريجمينٽ ٽپياسين، پوءِ درياه پار ڪيوسين، اهو برفاني پاڻيءَ سان جهڙالو ۽ پل جي ٽُنگڙن مان وڏي تيزيءَ سان وهي رهيو هو. ميدان جي هن پار سواري ڪندي ۽ مردودن کي ٻن اسپتالن جي حوالي ڪرڻ لاءِ. واپسيءَ تي مان هلائي رهيو هوس ۽ خالي ڪار کي تيز ڀڄائي رهيو هوس پٽسبرگ واري همراه کي ڳولهڻ لاءِ. پهريان اسان ريجيمينٽ ڪان مٽياسين، جيڪا پهريان کان آهستي ۽ گرم هئي: ان ڪان پوءِ آواره گردن وٽان.

انهي ڪان پوءِ اسان هڪڙي ٽانگي واري ايمبولنس کي رستي جي ڪناري ڪان بيٺل ڏٺوسين. ٻہ ماڻهو ان زخمي همراه کي ان ۾ وجهڻ لاءِ بينا هئا. اهي هن لاءِ واپس آيا هئا. هن مون ڏانهن ڏسندي پنهنجو ڪنڌ ڌوڻيو. هن جو ٽوپلو لٿل هو ۽ سينڌ واري وارن جي قطار جي هيٺان ۽ هن جي پيشانيءَ مان خون وهي رهيو هو. هن جو نڪ رهڙجي ويو هو ۽ هن جي خون واري داغ جي مٿان مٽي لڳل هئي ۽ هن جي وارن ۾ پڻ مٽي هئي. ”ليفٽيننٽ، منهنجو ٽڪرائڻ ڏس!“ هن وڏي واڪي چيو. ”ڪجه بہ ڪري نہ ٿو سگهجي. اهي مون لاءِ واپس موٽي آيا آهن.“

جڏهن مان ولا ڏانهن واپس موٽي آيس ان مهل پنج وڄي رهيا هئا ۽ مان اوڏانهن ويس جتي اسان ڪاربون ڌوئيندا هئاسين، وهنجڻ لاءِ. ان ڪان پوءِ مون پنهنجي ڪمري ۾ پنهنجي رپورٽ تيار ڪئي، پنهنجي پتلون ۽ هڪڙي گنجي پاتل کليل کڙڪيءَ جي اڳيان. ٻن ڏينهن جي اندر جارحيت شروع ٿيڻ واري هئي ۽ مون کي ڪارين سميت پلاوا وڃڻو هو. ان کي ڪافي عرصو گذري ويو هو جو مون رياستن (آمريڪا) ڏانهن لکيو هو ۽ مون ڄاتو پئي تہ مون کي لکڻ گهرجي پر مون ان کي ايترو وقت ايتري تہ دير ڏئي ڇڏي هئي جو هاڻي لکڻ زري گهٽ ناممڪن بڻجي ويو هو. مون زونا ڊي گيرا

(Zona di Guerra) وارن ٽپال وارن خطن جا ڪجھ جوڙا ڏياري موڪليا، هر هڪ شيءِ تي ضرب جو نشان لڳايم سواءِ ان جي، مان خوش آهيان. اهي انهن کي ملڻ گهرجن.

آمريڪا ۾ اهي پوسٽ ڪارڊ ڪافي عمده هوندا، عجيب ۽ پراسرار. هي هڪڙو عجيب ۽ پراسرار جنگي علائقو هو پر مون فرض ڪيو ته اهو آسٽرين سان ٻين جنگين جي بنسبت ڪافي سٺي نموني هلي رهيو هو ۽ ڪافي پيانڪ پڙ. آسٽريائي فوج کي نيپولين جي فتحن لاءِ جوڙيو ويو هو. ڪو به نيپولين. مون سوچيو ڪاش اسان وٽ به ڪو نيپولين هجي ها پر بجاءِ ان جي اسان وٽ جرنيل ڪيڊورنا (Generale Cadorna) هجي ها، ٿلهو متارو ۽ امير ۽ وتوريو اعمانُوعيل (Vittorio Emmanuele)، ڊينبڙو سنهڙي ڳچيءَ ۽ ٻڪر جهڙي ڏاڙهيءَ وارو همراه. مٿي ساڄي پاسي کان انهن وٽ آئوسٽا (Asota) جو حڪمران هوندو هو. ٿي سگهي ٿو هو هڪڙي عظيم جرنيل جيان ڏسڻ ۾ ايندو هجي پر هو فقط هڪڙي ماڻهوءَ جهڙو هو. ڪيترائي هن جي بادشاه ٿيڻ کي پسند ڪن ها. هو بادشاه جيان نظر ايندو هو. هو بادشاه جو چاچو هو ۽ ٽئين فوج جي ڪمان هن جي هٿ ۾ هوندي هئي. اسان ٻين فوج ۾ هوندا هئاسين. ٽين فوج سان ڪجھ برطانوي بيٽريون هونديون هيون.

مان مِلان (Milan) ۾ انهي ڊويزن سان واسطو رکندڙ ٻن توپچن سان مليو هوس. اهي ڪافي سٺا هئا ۽ اسان هڪڙي ڊگهي شام گڏ گذاريسين. اهي ٿلها متارا ۽ لڄارا ۽ شرمسار هئا ۽ جيڪا به شيءِ اتي ٿي گذري اهي گڏوگڏ ان جي ڪافي تعريف ڪري رهيا هئا. مون سوچيو ڪاش مان به برطانوين سان گڏ هجان ها. اهو ڪافي آسان هجي ها. هن مهل تائين يقيناً مان مارجي وڃان ها. ايمبيولنس واري ڪم ۾. ها، ايتري تائين جو ايمبولنس واري هن ڪم ۾. ڪڏهن ڪڏهن برطانوي ايمبولنس ڊرائيور مارجي ويندا هئا. چڱي نموني، مون ڄاتو پئي ته مان ماريو نه ويندس. هن جنگ ۾ نه. ان جو مون سان ڪو به ناتو نه آهي. مون کي اها فلمن ۾ نظر ايندڙ جنگ کان وڌيڪ خطرناڪ نظر نه پئي آئي. مون خدا کان دعا پئي گهري ته من جنگ ختم ٿي وڃي. ٿي سگهي ته اها گرميءَ جي هن موسم ۾ ختم ٿي وڃي. ٿي سگهي آسٽريا وارا ٽٽي پون. اهي ٻين جنگين ۾ هميشه ٽٽي پيا هئا. هن جنگ سان ڪهڙو مسئلو هو؟ هر ڪو چئي رهيو هو ته فرانسيسي پورا ٿي ويا آهن. رنالڊي چيو ته فرانسيسي ڪر ڪٽي رهيا هئا ۽ جٿا پيرس ڏانهن وڌي رهيا هئا. مون هن کان پڇيو ڇا ٿيو ۽ هن چيو"او، انهن هنن کي روڪي ورتو." مون جنگ کان پاڪ آسٽريا ڏانهن وڃڻ پئي چاهيو. مون ڪاري جهنگ ڏانهن وڃڻ پئي چاهيو. مون هارٽز (Hartz) جي جبلن ڏانهن وڃڻ پئي چاهيو. مون هرحال ۾ ڄاڻڻ پئي چاهيو ته هارٽز جا اهي پهاڙ هئا ڪٿي؟ اهي ڪارپاٿِيَنز (Carpathians) ۾ وڙهي رهيا هئا. مون ڪنهن به صورت ۾ اوڏانهن وڃڻ نه پئي چاهيو. جتيوٽيڪ اوڏانهن وڃڻ سٺو به ٿي پئي سگهيو. جيڪڏهن ڪا به جنگ نه هجي ته مان اسپين ڏانهن وڃي سگهيس پئي. سج لهي رهيو هو ۽ ڏينهن نري رهيو هو. رات جي مانيءَ کان پوءِ مان ڪيٽرائن سان ملڻ ويندس. منهنجي دل چاهيو پئي ته ڪاش هوءَ هتي هجي ها. مون خواهش ڪئي ته ڪاش مان ملان (Milan) ۾ هن سان گڏ هجان ها. مون ڪووا (Cova) ۾ ڪجھ کائڻ پئي گهريو ۽ پوءِ ويا مينزوني (Via Manzoni) جي هينان گرم شام ۾ هلڻ پئي چاهيو ۽ نهر جي مٿان گذرڻ ۽ ان جي پرسان واري رستي تان مَڙڻ ۽

ڪيٿرائن بارڪلي سان گڏ هوٽل ڏانهن وڃڻ پئي چاهيو. ٿي سگهي ٿو هوءَ مون سان گڏ هلي. ٿي سگهي ٿو هوءَ بهانو ڪري ته مان هن جي لاءِ مري چڪو آهيان ۽ اسان مهڙين دروازي ڪان داخل ٿينداسين ۽ بيرو پنهنجي ٽوپي لاهيندو ۽ مان دربان واري ميز وٽ بيهي رهندس ۽ هن کان چاٻي گهرندس ۽ هوءَ لفٽ جي پرسان بيهندي ۽ پوءِ اسان لفٽ ۾ اندر گهڙنداسين ۽ اها آهستي آهستي سيني منزلن سان ٽڪ ٽڪ ڪندي مٿي هلڻ لڳندي ۽ پوءِ اسان جو فلور ايندو ۽ بيرو دروازو کوليندو ۽ اتي بيهي رهندو ۽ هوءَ ٻاهر نڪرندي ۽ مان به ٻاهر نڪرندس ۽ اسان هال ڏانهن هيٺ هلڻ لڳنداسين ۽ پوءِ ٽيليفون کڙڪائيندس ۽ انهن کي چوندس ته برف سان ڀريل ڪيپري بيانڪا (Capri Bianca) جي بوتل چانديءَ جي هڪڙي ٻالٽيءَ ۾ وجهي کڻي اچو ۽ برف ٻالٽيءَ ۾ ڪِجهه جي نشان پنيان کڙڪندي ۽ ڇوڪرو دروازو کڙڪائيندو ۽ مان هن کي چوندس ته ان کي مهرباني ڪري دروازي جي ٻاهريان ڇڏي ڏي. ۽ چاڪاڻ جو گرمي هوندي ان ڪري اسان ڪو به لباس ڪو نه پهرينداسين ۽ کڙڪي کليل هوندي ۽ گهرن جي ڇتين جي مٿان ابابيلن جون اڏارون هونديون ۽ جڏهن اتي بعد ۾ رات ٿيندي کڙڪيءَ ڏانهن وڃبو ۽ ڪافي ننڍڙا چمڙا گهرن جي مٿان ۽ هيٺ وڻن جي ويجهو شڪار ڪري رهيا هوندا ۽ اسان ڪيپري پيئنداسين ۽ دروازو بند هوندو ۽ اتي گرمي هوندي ۽ فقط هڪڙي چادر هوندي ۽ سڄي ساري رات هوندي ۽ اسان ٻئي ملان (Milan) ۾ سموري گرم رات ۾ هڪٻئي سان پيار ڪنداسين. اهو سڀ ڪجه اهڙيءَ طرح ٿيڻ گهرجي. مان جلدي جلدي ماني کائي وٺندس ۽ ڪيٿرائن بارڪلي سان ملڻ ويندس.

انهن ميس ۾ تمام گهڻو ڳالهايو ۽ مون مئه پيتي چاڪاڻ جو چيو ويو هو ته جيڪو نه پيئندو اهو اسان جو ياءُ ناهي مون ٿورو پيتو ۽ پادريءَ سان آئرلينڊ جي ڪاهنن جي سردار (Archbishop) بابت ڳالهايم جيڪو لڳي رهيو هو ته هڪڙو عظيم انسان هو جنهن سان ناانصافيون ٿيون هيون. ۽ انهن ۾ مان هڪڙي آمريڪي جي حيثيت ۾ شامل ٿيو هوس. ۽ جنهن جي باري ۾ مون ڪڏهن ڪو نه ٻڌو هو. مون واقفيت جو ڍونگ رچايو. انهن جي باري ۾ اڻڄاڻائي جو اظهار ڪرڻ رُڪائپ هجي ها. جڏهن مون انهن جي سببن جي اهڙي شاندار وضاحت ٻڌي. ته آخرڪار مون محسوس ڪيو ته اهي غلط فهميون لڳي رهيون هيون.

مون سمجهيو ته هن جو هڪڙو ڏاڍو عمدو نالو هو ۽ هو منيسوٽا (Minnesota) ڪان آيل هو جنهن هڪڙو پيارو نالو بڻايو: منيسوٽا (Minnesota) جو آئرلينڊ. وسڪونسِن (Wisconsin) جو آئرلينڊ. مِشيگن (Michigan) جو آئرلينڊ. جنهن ان کي خوبصورت پئي بڻايو اهو هو ان جو هڪڙي ٻيٽ جهڙو هئڻ. نه اهو ايئين نه هو. اهو ان کان اجا به وڌيڪ هو. ها. فادر. اهو سچ آهي. فادر. شايد. فادر. نه. فادر. ڇڱو ٿي به سگهي ٿو فادر. تون مون کان وڌيڪ ڄاڻين ٿو. پادري ڏاڍو سٺو هو پر جڏو هو. آفسير ڀلا نه هئا پر سست هئا. بادشاه سٺو هو پر سست هو. شراب خراب هو پر سست نه هو. انهي ڏندن جو مراهيون ڇلي پئي ڇڏيون انهن کي وات جي ڇت تي پئي پهچايو.

”۽ پادريءَ کي قيد ڪيو ويو“ روڪا چيو ”چاڪاڻ جو انهن کي هن جي نالي تي ٽي سيڪڙو بانڊ مليا. يقيناً اهو فرانس ۾ هو. اتي اهي هن کي ڪڏهن به گرفتار نه ڪن ها. هن پنج سيڪڙو بانڊن

واري جاڻ کان انڪار ڪيو. اهو واقعو بيزيئرس (Béziers) ۾ پيش آيو. مان اتي هيس ۽ ان جي باري ۾ اخبار ۾ پڙهي رهيو هوس. مان قيدخاني ڏانهن ويس ۽ انهن کي پادريءَ سان ملڻ جو چيو. اهو واضح آهي تہ هن باندين چورايا هئا. ”جيئن توهان کي وڻي.“ روڪا چيو. ”پر مان اهو هتي اسان جي پادري لاءِ ٻڌائي رهيو آهيان. اهو ڪافي معنيٰ خيز آهي. هي پڻ پادري آهي اهو هن جي تعريف ڪندو.“ پادري مسڪرايو. ”اڳتي وڌ.“ هن چيو. ”مان ٻڌي رهيو آهيان.“ ڪجھ باندين جوشمار نہ ڪيو ويو هو پر پادريءَ وٽ سمورا ٿي سيڪڙو باندہ هئا ۽ ڪيترين ئي علاقائي ذميدارين پڻ. مان صحيح معنيٰ ۾ وساري ويٺو آهيان تہ اهي ڪهڙيون هيون. اهڙي نموني مان جيل ڏانهن ويس. هاڻي هي ڪهاڻيءَ جو نقطو آهي، ۽ مان هن جي خوليءَ جي ٻاهريان بينس ۾ مون چيو جڻ تہ مان اعترافِ جرم ڪري رهيو هوس. ”فادر مون کي آشيرواد ڏي ڇاڪاڻ جو تو ڏوھ ڪيو آهي.“ اتي هر هڪ ماڻهو ٿهڪن ۾ ويڙهجي ويو. ”۽ هن ڇا چيو؟“ پادريءَ پڇيو. روڪا ان کي نظرانداز ڪري ڇڏيو ۽ مون کي لطيفي جي وضاحت ڪرڻ لڳو. ”توکي نقطو سمجھ ۾ اچي ٿو ها نہ؟“ جيڪڏهن توهان ان کي مناسب طريقي سان سمجهي سگهو تہ اهو ڪافي مزاحيہ لطيفو لڳي رهيو هو. انهن مون لاءِ وڌيڪ شراب اوتيو ۽ مون هڪڙي خانگي انگريز سپاهي جي ڪهاڻي ٻڌائي جنهن کي وهنجڻ واري ٻاٿي ۾ وڌو ويو هو. تنهن کان پوءِ ميجر يارنهن چيڪوسلاويائي ۽ هنگري جي فوجي آفيسرن جي ڪهاڻي سڻائي جن هڪڙي پائِي لڌي هئي. ميجر چيو تہ اتي هڪڙي اطالوي ڪهاڻي هئي جيڪا ڪنهن جاگيردار جي گهر واريءَ جهڙي هئي جنهن کي رات جو ننڊ نہ ايندي هئي. هن جاءِ تي پادري هليو ويو ۽ مون هڪڙي گهورڙيي جي ڪهاڻي ٻڌائي جيڪو پنجين وڳي مارسيلز ۾ پهتو جڏهن اتر جي ٿڌڙي هوا گهلي رهي هئي. ميجر چيو تہ هن کي خبر پئي آهي تہ مان پي سگهان ٿو. مون ان کان انڪار ڪيو. هن چيو تہ اهو سچ هو ۽ بيڪس (Bacchus) (بيڪس ـ يوناني ڏند ڪٿا مطابق مئہ جو ديوتا ـ مترجم) جي لاش جي وسيلي اسان آزمائينداسين تہ ڪٿي اهو سچ آهي يا نہ. ”بيڪس نہ.“ مون چيو. ”بيڪس نہ.“ ”ها، بيڪس.“ هن چيو. مون کي باسي (Bassi)، فِلِيپو (Fillipo) ونسينزا (Vincenza) سان پيالي جي بدلي پيالو ۽ گلاس جي بدلي گلاس پيئڻ گهرجي. باسي چيو نہ اها ڪا آزمائش نہ آهي ڇاڪاڻ جو هن اڳ ۾ ئي مون جيترو پي رکيو آهي. مون چيو اهو گندو ڪوڙ هو. بيڪس يا بيڪس نہ. فليپو ونسينزا باسي، يا باسي فلِيپو ونسيزا سموري شام تائين هڪڙو ڊڪ بہ نہ پيتو آهي ۽ هن جو نالو ڇا هو بحرحال ڪٿي جيڪو بہ هجي؟ مون چيو بهترين شخص کي ڪنڻ ڏيو. بيڪس جو شراب خانو ۽ ميجر اسان کي منگهن ۾ سرخ شراب اوتڻ سان شروع ڪيو. شراب جي اڌ دوران مون کي وڌيڪ طلب ڪو نہ پئي ٿي. مون ڇاتو پئي تہ مان ڪيڏانهن وڃي رهيو هوس.

”باسِي کٽي ويو.“ مون چيو ”هو مون کان ڀلو آهي.“ ”هو واقعي کٽي ويو.“ رنالڊي چيو. ”هن کي ڪنهن سان ملڻو آهي. مان اهو سڀ ڪجھ ڄاڻان ٿو.“ ”مونکي وڃڻو آهي.“ ”ڪنهن ٻِي رات جو.“ باسِي چيو. ”ڪنهن ٻي رات جو جڏهن تون پاڻ ۾ ڀل پائيئن.“ هن مون کي ڪلهي تي ٿڦڪي هنئي. اتي ميز تي موم بتيون ٻريل هيون. سيئي آفيسر خوش هئا. ”حضرات، رات جي لاءِ موڪلاڻي،“ مون

چيو. رنالڊي مون سان گڏ هلي پيو. اسان دروازي جي ٻاهريان پيوندڪاري وٽ ويهي رهياسين ۽ هن چيو ”بهتر آهي ته تون مٿي نشي ۾ ڏت نه هل.“ ”مان نشي ۾ ٻڏل ناهيان رينِي. واقعي.“ ”بهتر آهي ته تون ڪجھ ڪافي ڇٻاڙي ڇڏ.“ ”بيوقوف.“ ”ٻچا، مون کي ٽورا ڪپن. تون هيٺ مٿي هلندو هل.“ هو پڪل ڪافيءَ جي داڻن جي هڪڙي لپ کڻي آيو. ”ٻچڙا، انهن کي ڇٻاڙي ڇڏ. ۽ خدا توکي پنهنجي امان ۾ رکندو.“ ”بيڪس،“ مون چيو. ”مان توسان گڏ هيٺ هلندس.“ ”مان بلڪل نيڪ آهيان.“ ”اسان شهر منجهان گڏوگڏ هلندا رهياسين ۽ مون ڪافيءَ کي ڇٻاڙيو. داخلا واري سڙڪ وٽ جيڪا برطانوي ولا تائين پئي ويئي، رنالڊي رات جو الوداعي سلام ڪيو. ”شب خير،“ مون چيو. ”تون ڇو نه ٿو هلين؟“ هن پنهنجو ڪنڌ ڌوڻيو. ”نه.“ هن چيو. ”مون کي ساديون خوشيون گهرجن.“ ”ڪافيءَ جي داڻن لاءِ تنهنجي مهرباني.“ ”ڪا ڳالهه ناهي ٻچڙا. ڪا ڳاله ناهي.“

مون داخلا واري سڙڪ ڏانهن هيٺ هلڻ شروع ڪيو. صنوبر جي وڻن جي هلڪي جهلڪ پئي نظر آئي جيڪي ان جي ڪنارن سان بيٺل هئا اهي نوڪدار ۽ چٽا هئا. مون ڪنڌ ورائي پوئتي نهاريو ۽ ڏٺم ته رنالڊي بيٺي پير مون ڏانهن نهاري رهيو هو ۽ مون هن ڏانهن هٿ لوڏيو. مان ولا جي خير مقدم واري هال ۾ ويهي رهيس، ڪيٿرائن بارڪلي جي اچڻ جو انتظار ڪري رهيو هوس. هال واري رستي کان ڪو اچي رهيو هو. مان اٿي بيٺس، پر اها ڪيٿرائن نه هئي. اها مس فرگُوسن هئي. ”هيلو“ هن چيو. ”مون کي ڪيٿرائن چيو ته مان توهانکي ٻڌايان ته هن کي افسوس آهي جو هوءَ توهان سان اڄوڪي شام نه ٿي ملي سگهي.“ ”مان اميد ٿو ڪيان ته هوءَ بيمار نه آهي.“ ”هوءَ ايتري نيڪ ناهي.“ ”ڇا توهان هن کي ٻڌائيندئو ته مون کي ڪيترو نه افسوس آهي.“ ”ها، مان ٻڌائيندس.“ ”ڇا توهان سمجهو ٿا ته سڀاڻي هتي اچي هن کي ڏسڻ جي ڪوشش فائيديمند رهندي؟“ ”ها، مان ڪوشش ڪنديس.“ ”توهان جي وڏي مهرباني.“ مون چيو. ”شب خير.“ مان دروازي کان ٻاهر نڪري آيس ۽ اچانڪ مون پاڻ کي تنها ۽ خالي خالي محسوس ڪيو. مون ڪيٿرائن سان ملاقات ڪرڻ کي ڪافي غيرسنجيدگي سان ورتو هو. مان ڪنهن حد تائين پيتل هوس ۽ زري گهٽ اچڻ کي وساري ڇڏيو هوم پر جڏهن مان هن سان ملي نه سگهيس ته اتي مان پاڻ کي تنها ۽ ڪوڪلو محسوس ڪري رهيو هوس.

8

ٻئي ڏينهن منجهند جو اسان ٻڌوسين تہ مٿي درياہ تي ان رات حملو ڪيو ويو هو ۽ اسان ڪي اوڏانهن چار گاڏيون ڪاهي وڃڻيون هيون. جيتوڻيڪ ڪنهن کي بہ ان بابت ڪا بہ معلومات ڪو نہ هئي اهي سڀ وڏي مثبت طريقي سان ۽ حڪمت عملي سان پريل ڄاڻ سان ڳالهائي رهيا هئا. پهريان مان گاڏي هلائي رهيو هوس ۽ اسان برطانوي اسپتال جي داخلا ڪان گذرياسين مون ڊرائيور کي گاڏي روڪڻ جو چيو. ٻيون گاڏيون زور سان مٿي نڪري ويون. مان ٻاهر نڪتس ۽ ڊرائيور کي وڃڻ جو چيو ۽ جيڪڏهن اسان انهن کي ڪارمونس (Cormons) جي رستن جي ميلاپ وٽ نہ پڄي سگهياسن تہ اسان انهن جو اتي ئي ٻيهي انتظار ڪنداسين. مان مٿي داخلي واري سڙڪ ڏانهن جلدي جلدي هلڻ لڳس ۽ خير مقدم واري احاطي ۾ ڪيٿرائن بارڪلي بابت معلوم ڪيوم.
”هوءَ ڊيوٽي تي آهي.“ ”ڇا مان هن کي فقط هڪڙي ڪن پل لاءِ ڏسي سگهان ٿو؟“ انهن هڪڙي پٽيوالي کي ڏسڻ لاءِ موڪليو ۽ هوءَ هن سان گڏ هلي آئي. ”مان هتي ان جي ڪري ٻيهي رهيس تہ جيئن توکان معلوم ڪري سگهان تہ تون ٺيڪ تہ آهين نہ. انهن مون کي ٻڌايو تہ تون نوڪريءَ تي هئينءَ. تنهن ڪري مون هنن کي توکي ڏسڻ لاءِ چيو.“ ”مان بلڪل ٺيڪ آهيان،“ هن چيو. ”مان سمجهان ٿي تہ ڪالہ مون کي ڏينهن لڳو هو.“ ”مون کي وڻٺو آهي.“ ”مان هڪڙي منٽ جي اندر دروازي ڪان ٻاهر هليو ويندس.“ ”۽ تون بلڪل ٺيڪ آهين نہ.“ مان ٻاهر ڪان هن ڪان پڇا ڪئي. ”ها، جاني. ڇا تون رات جو اچي رهيو آهين؟“ ”نہ. مان هاڻي مٿي پلاوا تي هڪڙي تماشي کي ڏسڻ لاءِ وڃي رهيو آهيان.“ ”هڪڙو تماشو؟“ ”مان نہ ٿي سمجهان تہ اهو ڪا اهڙي شيءِ آهي.“ ”۽ تون واپس وري ايندين؟“ ”سپاڻي.“ هوءَ پنهنجي ڳچيءَ مان ڪاشيءِ ڍري ڪري رهي هئي. ان کي هن منهنجي هٿ تي رکي ڇڏيو.“ ”اهو بزرگ اينٿوني آهي،“ هن چيو. ”۽ سپاڻي رات جو موٽي اچجانءِ.“ ”تون ڪيٿولڪ آهين يا نہ؟“ ”نہ. پر چوندا آهن تہ بزرگ اينٿوني ڪافي ڪارآمد آهي.“ ”مان تنهنجي ڪري ان جي پرگهور لهندس. خدا حافظ.“ ”نہ،“ هن چيو.”موڪلاڻي ناهي.“ ”چڱو ٺيڪ آهي.“ ”هڪڙو سنو چوڪرو ٿي ۽ پنهنجو خيال رک. نہ، تون مون کي هتي چمي پائي نہ ٿو سگهين. تون نہ ٿو ڪري سگهين.“ ”چڱو ٺيڪ آهي.“ مون پوئتي نهاريو ۽ هن کي ڏاڪن تي بيٺل ڏٺم. هن مون ڏانهن هٿ لوڏيو ۽ مون هن ڏانهن نهاريندي پنهنجي هٿ کي چمي پاتي. هن هڪ دفعو ٻيهر پنهجو هٿ لوڏيو ۽ ان ڪان پوءِ مان داخلا واري رستي ڪان ٻاهر نڪري آيس ۽ ايمبولنس جي سيٽ تي ويهڻ لاءِ مٿي چڙهڻ لڳس ۽ اسان هلڻ لڳاسين.
بزرگ اينٿوني هڪڙي ننڍڙي سفيد ڏاتوءَ جي خول ۾ بند هو. مون ان خول کي کوليو ۽ ان کي ٻاهر ڪڍي پنهنجي هٿ ۾ رکيم. ”بزرگ اينٿوني آهي نہ؟“ ڊرائيور پڇيو. ”ها.“ مون وٽ بہ هڪڙو آهي. هن گاڏيءَ جي هينڊل تان ساڄو هٿ پري ڪيو ۽ پنهنجي ڪڙتي جو هڪڙو ٽُڪمو (بٽڻ) کولي پنهنجي قميض جي اندريان ڪان مون کي ڏيکاريو. ”ڏسين ٿو؟“ مون پنهنجي بزرگ اينٿوني کي واپس خول ۾ وجهي ڇڏيو ۽ سوني زنجيري کي کولي ان ۾ وجهي ڪري، پنهنجي ڇاتيءَ جي اڳيان

واري خيصي ۾ وجهي ڇڏيو. ”تون اهو پائي نہ رهيو آهين ڇا؟“ ”نہ.“ ”سنو آهي تہ تون ان کي پائي ڇڏ. اهو پائڻ جي لاءِ ئي تہ آهي.“ ”چڱو نيڪ آهي،“ مون چيو. مون سوني زنجيري کي ڍرو ڪيو ۽ ان کي پنهنجي ڳچيءَ ۾ وجهي پاڻ سان ٻڌي ڇڏيو. بزرگ منهنجيورديءَ جي ٻاهريان لڙڪي رهيو هو ۽ مون جبي جي ڳلي واري حصي کي ڍرو ڪيو ۽ قميض جي ڳلي بند (ڪالر) جا بٽڻ کولي ڇڏيا ۽ان کي قميض جي اندريان ورائي ڇڏيم. جڏهن اسان گاڏي هلائي رهيا هئاسين ان مهل مون ان کي پنهنجي ڇاتيءَ جي پٺيان لڳندي محسوس ڪيو. ان کان پوءِ مون هن کي وساري ڇڏيو. منهنجي زخمي ٿيڻ کان پوءِ مون ان کي وري ڪڏهن ڪو نہ ڏٺو. ڪنهن نہ ڪنهن کي يقيناً اهو مرمتي اڏي وٽان هٿ آيو هوندو.

جڏهن اسان پل جي مٿان هئاسين تنهن مهل اسان وڏي تيزيءَ سان گاڏي هلائي رهيا هئاسين ۽ جلد ئي اسان رستي جي اڳيان ٻين گاڏين جي ڊوڙ کي اڏامندي ڏٺو. رستو مڙڻ لڳو ۽ اسان ڪافي ننڍڙين گاڏين کي ڏٺوسين، گاڏين جي ڦيٿن مان ڊوڙ اڏامي رهي هئي ۽ اها مٿي وڻن ۾ تحليل ٿي رهي هئي. اسان انهن کي پٺتاسين ۽ انهن کان اڳ هنيوسين ۽ هڪڙي رستي تان ورياسين جيڪو ٽڪرين تي مٿي چڙهي رهيو هو. جيڪڏهن توهان پهرين گاڏيءَ ۾ آهيو تہ پوءِ قافلي ۾ گاڏي هلائڻ مزي کان خالي نہ هوندو آهي ۽ مان پوئتي گديءَ تي آهلجي پيس ۽ رستي تان گذرندڙ ڪيتن کي ڏسي رهيو هوس. اسان درياه جي بلڪل قريب ٽڪرين جي قدمن ۾ هئاسين ۽ جيئن جيئن رستو مٿي چڙهندو ويو اتي اتر پاسي اوچا پهاڙ هئا جن جي چوٽين تي خاموش برف ڄميل هئي. مون پٺتي ڪنڌ ورائي نهاريو ۽ ٽن ڪارين کي مٿي چڙهندي ڏٺو جن جي مفاصلي جي وچ ۾ انهن جي ڊوڙ جو وقفو هو. اسان وزن سان ستيل خچرن جي هڪڙي ڊگهي قطار ڏٺي سين، انهن کي هڪليندڙ انهن جي ڀرسان پيدل هلي رهيا هئا انهن کي سرخ ترڪي ٽوپيون پاتل هيون. اهي برساليگيري هئا. (Bersaligeri: اطالوي فوج ۾ رائيفل وارا نشاني باز سپاهي). خچرن جي ڪاروان جي پٺيان وارو رستو خالي هو ۽ اسان پهاڙن جي وچان چڙهياسين ۽ پوءِ اسان هڪڙي واديءَ ۾ هڪڙي ڊگهي پهاڙ جي ڪلهي تي هيٺ وياسين. رستن جي ٻنهي پاسن کان وڻن جو قطارون هيون ۽ وڻن جي ساڄي قطار کان مون درياه کي ڏٺو جنهن جو پاڻي صاف، تيز ۽ تراڪڙو هو. درياه هيٺ هو ۽ اتي واري ڦهليل هئي ۽ پاڻيءَ جي هڪڙي سوڙهي لنگه ۾ ڪنڪر هئا ڪنهن ڪنهن مهل پاڻي هڪڙي چمڪ جيان ڪنڪر جي تري مٿان ڦهلجي رهيو هو. ڪناري جي ويجهو مون گهرا تالاب ڏٺا، پاڻي آسمان جيان نيرو هو. مون درياه جي مٿان خمدار پٿر جون پليون ڏٺيون جتان پٽڙيون رستن کان جدا پئي ٿيون ۽ اسان پٿرن وٽان گذرياسين. زرعي زمين سان گڏ وارين حويلين ۾ ناشپتيءَ جا وڻ هئا انهن جي ڏاکڻين ديوارن جي پٺيان چراغ ٻري رهيا هئا ۽ ڪيتن ۾ پٿر جون ننڍڙيون ديوارون آيل هيون. مٿي واديءَ ڏانهن ويندڙ رستو هڪڙو ڊگهو رستو هو ۽ پوءِ اسان ڦيرو ڪاڏوسين ۽ ٽڪرين تي چڙهڻ شروع ڪيوسين. شاه بلوط جي ٻيلي منجهان رستو نشيبي انداز ۾، اڳيان ۽ پويان، هيٺ مٿي چڙهي رهيو هو جيڪو آخرڪار هڪڙي ڊگهي پهاڙي سان هموار ٿي ويو. مان ٻيلي منجهان نهاري سگهيس پئي، ۽ مون، چمڪندڙ سج جي روشنيءَ ۾ درياه جي ان سلسلي ڏانهن، گهڻو هيٺ نظر

ڦيرائي ڏنو جنهن ٻن فوجن کي هڪٻئي کان جدا ڪري رکيو هو.
اسان ناهموار نئين فوجي رستي جي پرسان وياسين جيڪو ان ڊگهي پهاڙ جي چوٽيءَ تي هو ۽ مون اتر ۾ جبلن جون ٻه قطارون ڏٺيون. جيڪي برفاني قطارن واريون سايون ۽ ڪاريون هيون ۽ پوءِ سج جي روشنيءَ ۾ اهي سفيد ۽ دلڪش لڳي رهيون هيون. ۽ پوءِ جيئن ئي رستو ڊگهي پهاڙ جي چوٽيءَ تي چڙهڻ لڳو مون جبلن جي هڪڙي ٽين قطار ڏٺي، اهي اوچا برفاني پهاڙ هئا. جيڪي چن جيان سفيد هئا انهن جي درميان ناليون هيون. عجيب هموارين سان. ۽ پوءِ انهن سيني کان گهڻو پري پڻ جبل موجود هئا. جن کي جيڪڏهن توهان حقيقت ۾ ڏسو ٻه ته ٻه انهن جو مشڪل سان بيان ڪري سگهندا. اهي سڀ آسٽريائي پهاڙ هئا ۽ اسان وٽ انهن جهڙي ڪا ٻه شيءِ ڪو نه هئي. اڳيان اتي رستي ۾ ساڄي پاسي کان هڪڙو گول ڦيرو هو ۽ هيٺ نهاريندي مون رستي کي وڻن درميان ڪرندي ڏٺو. هن رستي تي جٿا موجود هئا ۽ موٽرن واريون ٽرڪون ۽ پهاڙي بندوقن سان ڀريل خچر هئا. ۽ جيئن جيئن اسان هيٺ ويندا رهياسين. پاسي وٽان، مان ڪافي هيٺ درياه کي ڏسي پئي سگهيس، ان جي پرسان رسين ۽ پٽڙين جي قطار هئي، پراڻي پل جتان ٻئي پاسي ۽ آرپار ريلوي لائن گذري رهي هئي، هڪڙي ٽڪريءَ جي هيٺان درياه جي پريان، ننڍڙي قصبي جا ٽٽل گهر هئا جنهن تي قبضو ٿيڻو هو.
جڏهن اسان هيٺ آياسين اتي زري گهٽ رات ٿي ويئي ۽ اسان مکيه رستي تي مڙياسين جيڪو درياه جي پرسان هلي رهيو هو.

9

رستو پريل هو ۽ اتي ان جي ٻنهي پاسن کان مڪئي ۽ ڪڪاوُن تڏن جا مٿان کان ڍڪيل اهڙا تہ شاميانا هئا جو اهي هڪڙي سرڪس يا ڪنهن ديسي ڳوٺ جي داخلي دروازي جيان لڳي رهيا هئا. اسان تڏن سان ڍڪيل ان سرنگ مان مزي مزي سان نڪري آياسين ۽ هڪڙي ويران صاف جڳه جي مٿان پهتاسين جتي ريلوي اسٽيشن هئي. هتي رستو درياه جي سطح کان هيٺ هو ۽ ڍراڻيل رستي جي سموري پاسي کان درياه جي ڪنارن ۾ کڏون کوٽيل هيون جتي پيادل فوجي دستا (Infantry) ترسيل هئا. سج لهي رهيو هو ۽ هلندي هلندي مٿي ڪناري جي پرسان نهاريندي مون ٻئي طرف پهاڙن تي نظرداري ڪندڙ آسٽريائي ڦوڪڻا ڏنا جيڪي سج جي برعڪس تاريڪ نظر اچي رهيا هئا. اسان گاڏين کي سرن جي هڪڙي ٻني جي پنيان ڪڙو ڪيوسين. ڪجه اونهن کڏن ۾ تندورن کي مرمتي اڏن طور سٽيو ويو هو. اتي تي ڊاڪٽر هئا جن کي مون سڃاتو پئي. مون ميجر سان ڳالهايو ۽ مون کي معلومات ملي تہ جڏهن اها (جنگ) شروع ٿئي ۽ اسان جون گاڏيون ڀريون وڃن تہ اسان کي گهرجي تہ اسان انهن کي واپس شاميانن واري رستي ڏانهن ڪاهي وڃون ۽ اوچي پهاڙ واري ان مکيہ رستي ڏانهن جتي هڪڙي چوڪي هئڻ گهرجي ۽ انهن مان وزن لاهڻ لاءِ ٻيون گاڏيون پڻ هئڻ گهرجن. هن اميد ڪئي تہ رستو جام نہ ٿيندو. اهو هڪڙي رستي جو ڏيکاءُ هو. رستي تي شاميانا کڙا ڪيا ويا هئا ڇاڪاڻ جو اهو درياه جي هن پار آسٽريائي فوج جي نظر ۾ هو. هتي سرن جي ٻني وٽ اسان رائفلن يا گهندِ مِشنُين جي نڪاون کان درياه جي ڪناري وسيلي حفاظت ۾ هئاسين. اتي درياه جي آر پار هڪڙي مسمار ٿيل پل هئي.
انهن هڪڙي ٻي پل وڃائڻ پئي چاهي، جڏهن بمباري شروع ٿيندي ۽ ڪجه جٿا درياه جي موڙ وٽان گهٽ گهرائي واري پاڻيءَ جي مٿان گذرڻ وارا هئا. ميجر هلڪي قد وارو انسان هو جنهن جون مڇون نڪ ڏانهن ورايل هيون. هو لبيا جي جنگ مان ٿي آيو هو ۽ هن کي ٻن زخمن وارا فوجي نشان لڳل هئا. هن چيو تہ جيڪڏهن مامرا نيڪ رهيا تہ هو ڏسندو تہ مون کي ڪيئن نہ سڃايو ويندو. مون هن کي چيو تہ مان اميد ٿو ڪيان تہ مامرا نيڪ رهن پر اهو بہ تہ هو ڏاڍو مهربان هو. مون هن کان پڇيو تہ اتي ڪو هڪڙو زيرِ زمين ڪمرو آهي جتي ڊرائيور رهي سگهن ۽ هن مون کي اهو ڏيکارڻ لاءِ هڪڙي سپاهي ساڻ روانو ڪيو. مان هن سان گڏجي ويس ۽ ان زيرِ زمين ڪمري کي ڏٺم جيڪو ڪافي سٺو هو. ڊرائيور ان کي ڏسي ڪافي سرها ٿيا ۽ مون انهن کي اتي ڇڏي ڏنو. ميجر مون کي پاڻ سان ۽ ٻن ٻين آفيسرن سان گڏجي هڪڙو جام نوش ڪرڻ جو چيو. اسان رَم پيتوسين ۽ اهو ڪافي دوستاڻو هو. ٻاهر تاريڪي ڇانئجي رهي هئي. مون معلوم ڪيو تہ ڪهڙي وقت حملو ٿيڻو هو ۽ انهن چيو تہ جيئن ئي رات ٿي ويندي نيڪ اهڙي مهل حملو ڪيو ويندو. مان ڊرائيورن ڏانهن واپس موٽي ويس. اهي زيرِ زمين ڪمري ۾ ويٺا هئا ۽ پاڻ ۾ ڳالهائي رهيا هئا ۽ جڏهن مان داخل ٿيس تہ اهي چپ ٿي ويا. مون هر هڪ کي ميسيڊونيا جي سگريٽن جي دٻي ڏني، اهي ڍري نموني ڀريل سگريٽ هئا جن جو تماڪ وهي رهيو هو ۽ ڇڪڻ کان اڳ ۾ انهن جي پڇاڙيءَ کي وراڻ لازمي هو. منِيرا

(Manera) پنهنجو لائيٽر دکايو ۽ ان کي چوگرد ڦيرايو. لائيٽر جي شڪل هڪڙي فِيِ ايٽ (fiat) جي پاڻي گرم ڪندڙ اوزار (Radiator) جهڙي هئي. مون جيڪي ڪجھ بہ ٻڌو هو اهو انهن کي ٻڌائي ڇڏيم. ”جڏهن اسان هيٺ آياسين تہ اسان کي چونڪي چو نہ ڏسجڻ ۾ آئي؟“ پاسِيني پڇيو. ”جتان اسان مڙيا هئاسين اها بلڪل ان جي پريان هئي.“ ”اهو رستو هڪڙي گندي ترتيب بڻبو.“ منِيرا چيو. ”اهي اسان جي پنيان گولا اڇلائيندا.“ ”ٺي سگهي ٿو.“ ”ليفٽيننٽ، ڪاڏي پيتي جو ڇا ٿيندو؟“ ”جڏهن هن قسم جو مامرو شروع ٿيندو تہ اسان کي ڪائڻ پيئڻ جو هڪڙو موقعو بہ ورلي ميسر ٿيندو.“ ”مان وڃان ٿو ۽ هاڻي ئي ڏسان ٿو“ مون چيو. ”تون اسان جو هتي رهڻ پسند ڪرين ٿو يا اسان آسپاس نظر ڦيرائي سگهون ٿا؟“ ”بهتر آهي تہ توهان اتي ٽڪيا پيا هجو.“ مان واپس ميجر جي زيرِ زمين ڪمري ڏانهن ويس ۽ هن چيو تہ ميدانِ جنگ جو بورچي خانو اتي پرسان ئي هوندو ۽ ڊرائيور اتي اچي ڪري پنهنجو ڪاڏو پچائي سگهن ٿا. جيڪڏهن اهي انهن وٽ دستياب نہ آهن تہ هو انهن کي ميس وارا ٽِن / دٻا ڪجھ وقت جي لاءِ ڏيندو. مون هن کي چيو تہ منهنجي خيال ۾ اهي انهن وٽ موجود آهن. مان واپس وري آيس ۽ ڊرائيورن کي ٻڌايم تہ جيئن ئي ڪاڏو پهچندو تہ مان انهن کي وٺي ويندس. منِيرا چيو تہ هن کي اميد آهي تہ اهو بمباري شروع ٿيڻ کان اڳ ۾ اچي ويندو. اهي اوستائين خاموش هئا جيستائين مان ٻاهر هليو نہ ويس. اهي سڀ مستري هئا ۽ اهي جنگ کان نفرت ڪري رهيا هئا.

مان ڪارين کي چڪاسڻ ۽ اهو ڏسڻ لاءِ ٻاهر نڪري آيس تہ ڇا وهي واپرجي رهيو هو ۽ پوءِ واپس وري آيس ۽ زيرِ زمين ڪمري ۾ هيٺ چئن ڊرائيورن سان گڏ ويهي رهيس. اسان فرش تي ويٺا هئاسين اسان جا پنا ديوار سان ٽيڪيل هئا ۽ اسان سگريٽ ڇڪي رهيا هئاسين. ٻاهر ڪافي انڌيرو هو. زيرِ زمين ڪمري جي مٽي ڪافي گرم ۽ خشڪ هئي ۽ مون پنهنجي ڪلهن کي ديوار سان ٽيڪي ڇڏيو ۽ پرسڪون طريقي سان پنهنجي پاسراٽي کي ٽيڪ ڏئي ويٺو هوس.

”حملي ڏانهن ڪير ٿو وڃي؟“ گاوُوزي (Gavuzzi) پڇيو. ”برسالِيگيرِي؟“ ”سموري برسالِيگيرِي؟“ ”مان ايئين سمجهان ٿو.“ ”اهي هتي هڪڙي حقيقي حملي لاءِ ناڪافي جٿا آهن.“ ” اهو جتان حقيقي حملو ٿيندو اتان ڪان ڌيان ڇڪرائڻ لاءِ آهي.“ ”ڇا ماڻهو ڄاڻن ٿا تہ حملو ڪير ڪندو؟“ ”مان نہ ٿو سمجهان.“ ”يقيناً اهي نہ ٿا ڄاڻن.“ منِيرا چيو.

"”جيڪڏهن انهن حملو ڪيو تہ اهي (ماڻهو) حملو ڪو نہ ڪندا.“ ”ها، اهي ڪندا،“ پاسيني چيو. ”برساليگيري نادان آهن.“ ”اهي بهادر آهن ۽ انهن وٽ سٺو نظم وضبط آهي.“ مون چيو. ”ماپ جي لحاظ کان انهن جا سينا موڪرا آهن، ۽ اهي تندرست آهن. پر اهي پوءِ بہ نادان آهن.“ ”گراناتائيري (گراناتائيري: دستي بمن وارو فوجي يونٽ، جيڪو ٻلوان ۽ ڄاڻنن جوان سپاهين تي مشتمل هو ـــ مترجم) (granatieri) قداور آهن،“ منِيرا چيو. اهو هڪڙو لطيفو هو. اهي سڀ ٽهڪن ۾ ويڙهجي ويا. ٽينينٽ، ڇا تون اتي هئين، جڏهن انهن حملو نہ پئي ڪيو ۽ جڏهن انهن هر ڏهين ماڻهوءَ کي گولي پئي هنئين؟“ ”نہ.“ ”اهو سچ آهي. انهن بعد ۾ هنن کي قطار ۾ ڪڙو ڪيو ۽ هر ڏهين ماڻهوءَ جو انتخاب ڪيو. ڪيرابِنائيرين انهن کي گولي هنئي. ”ڪيرابنائيري،“ پاسني چيو ۽ هن زمين تي

ٽُڪ اچلائي. ”پر اهي دستي بمن وارا، جيڪي سڀ ڇه فٽ ڊگها آهن. اهي حملو ڪو نہ ڪندا.“ ”جيڪڏهن هر ماڻهو حملو نہ ڪندو تہ پوءِ جنگ ختم ٿي ويندي،“ منيرا چيو. ”گريناٽائيرين سان ايئين ڪو نہ هو. اهي هيسيل هئا. سمورا آفيسر اهڙن سنن خاندانن منجهان هئا.“ ”ڪجه آفيسر اڪيلي سر ويا.“ ”هڪڙي سارجينٽ ٻن آفيسرن کي گولي هنئي جيڪي ٻاهر نہ پئي نڪتا.“ ”ڪجه جٿا ٻاهر نڪري آيا.“ ”اهي جيڪي ٻاهر نڪري آيا انهن کي قطار ۾ کڙو ڪو نہ ڪيو ويو جڏهن انهن ڏهن ماڻهن جو انتخاب ڪيو هو.“ ”ڪيرابنيرين هٿان مارجي ويلن مان هڪڙو ڇڙو منهنجي قصبي کان هو“ پاسني چيو. ”هو هڪڙو ڊگهو حسين ڇوڪرو هو جيڪو گريناٽائيرين سان هوندو هو. هميشہ روم ۾ هوندو هو. هميشہ ڇوڪرين سان گڏ هوندو هو. هميشہ ڪيرابنيرين سان گڏ هوندو هو.“ هن ٽهڪ ڏنو. ”هاڻي هنن هن جي گهر جي ٻاهران هڪڙو محافظ بيهاري ڇڏيو آهي جنهن جي هٿ ۾ خنجر هوندو آهي ۽ هن جي ماءُ کي ۽ ڀينرن کي ڏسڻ لاءِ ڪو بہ شخص نہ ايندو آهي ۽ هن جي والد کان سندس شهري حق بہ کسيا ويا آهن ايتري تائين جو هو ووٽ بہ نہ ٿو ڏئي سگهي. انهن کي بچائڻ لاءِ ڪو بہ قانون ڪونهي. ڪو بہ شخص هنن جي ملڪيت ڦٻائي سگهي ٿو.“ ”جيڪڏهن انهن جي خاندانن سان اهڙو ورتاءُ نہ ڪيو ويندو تہ پوءِ ڪو بہ شخص حملي ڏانهن نہ ويندو.“ ”ها الپني (Alpini) ڪندو. اهي وِي اِي سپاهي ڪندا. ڪي برساليگيري ڪندا.“ ”برساليگيري پڻ ڀڳوڙا آهن. هاڻي اهي ان کي وسارڻ چاهن ٿا.“ ”تينينٽ، تون اسان کي هڙي نموني ڳالهائڻ نہ ڏي.“ ايوِي وا ايل ايسيرسِيتو“ (اطالوي ـ فوج زنده آباد ـ مترجم) پاسني طنزيہ طور تي چيو. ”مان سمجهان ٿو توهان ڪيئن ڳالهائي رهيا آهيو.“ ”پر جيستائين توهان گاڏي هلايو ٿا..........ءِ ورتاءُ ڪيو ٿا..........“ ”..........ءِ اهڙي نموني نہ ڳالهايو جو ٻين آفيسرن کي سڻڻ ۾ اچي.“ منيرا پورو ڪيو. ”مان سمجهان ٿو تہ اسان کي جنگ پوري ڪرڻ گهرجي،“ مون چيو. ”جيڪڏهن هڪڙي ڌر وڙهڻ بند ڪيو تہ ان سان اها پوري ڪو نہ ٿيندي. ۽ جيڪڏهن اسان وڙهڻ ڇڏي ڏنو تہ اهو تہ اڃا بہ برو هوندو.“ ”اها خراب ٿي نہ ٿي سگهي،“ پاسني ادب مان وراڻيو. ”جنگ کان بري ڪا ٻي شيءِ ناهي.“ ”شڪست بري آهي.“ ”مان ان کي نہ ٿو مڃان،“ پاسني اڃا وڌيڪ ادب وچان چيو. ”شڪست ڇا آهي؟ توهان گهر ڏانهن موٽي وڃو.“ ”اهي توهان جي پويان ايندا. اهي توهان جي گهر تي قبضو ڪندا. اهي توهان جي ڀينرن کي ڪٽي ويندا.“ ”مان ان کي نہ ٿو مڃان.“ ”اهي هر هڪ ماڻهوءَ سان ايئين نہ ٿا ڪري سگهن. هر ماڻهوءَ کي پنهنجي گهر جي حفاظت ڪرڻ ڏيو. انهن کي ڇڏيو تہ اهي پنهنجي ڀينرن کي گهر ۾ سنڀاري رکن.“ ”اهي توهان کي ٽنگي ڇڏيندا. اهي موٽي ايندا ۽ توهان کي وري بہ هڪڙو سپاهي بڻائيندا. خودڪار ايمبولنس ۾ نہ، پيادل دستي ۾.“ ”اهي هر ڪنهن کي ٽنگي نہ ٿا سگهن. “ ”هڪڙي ڌاري قوم توهان کي هڪڙو سپاهي بڻائي نہ ٿي سگهي،“ منيرا چيو. ”پهرين لڙائيءَ ۾ توهان سڀ ڀڄي ويندئو چيڪن (چيڪوسلاويائي قوم) جيان“ ”مان سمجهان ٿو تہ توکي مفتوح ٿي وڃڻ بابت ڪا بہ ڄاڻ ڪونهي ۽ ان ڪري تون سمجهين ٿو تہ اهو برو نہ آهي.“ ”تينيٽ،“ پاسني چيو. ”اسان سمجهون ٿا تہ تون اسان کي ڳالهائڻ ڏئين ٿو. ٻڌ. جيتري جنگ بري آهي نہ اوتري ٻي ڪا بہ شيءِ بري ناهي. اسان تان جو

خودڪار ايمبولنس ۾ ڪنهن به قيمت تي اهو سمجهي نه ٿا سگهون ته اها ڪيتري نه گندي آهي. جڏهن ماڻهو سمجهن ٿا ته اها ڪيتري نه گندي آهي اهي ان کي روڪڻ لاءِ ڪجه به نه ٿا ڪري سگهن ڇاڪاڻ جو اهي بدمست ٿي وڃن ٿا. اتي ڪي اهڙا ماڻهو به آهن جن کي سمجه ۾ نه ٿو اچي. اتي اهڙا ماڻهو به آهن جيڪي پنهنجي آفيسرن کان ڊڄن ٿا. هي اهي ماڻهو آهن جن سان جنگ جُڙي ٿي." "مان سمجهان ٿو ته اها بري آهي پر اسان کي لازمي طور تي ان کي ختم ڪرڻ گهرجي." "اها ختم ٿي نه ٿي سگهي. هڪڙي جنگ جو خاتمو لامحال آهي." "ها ان جو خاتمو ممڪن آهي." پاسني پنهنجو ڪنڌ ڌوڻيو. "جنگ فتح سان فتح ڪئي نه ويندي آهي. ڇا ٿي پيو جيڪڏهن اسان سين گيبريل (San Gabriele) کي پنهنجي مٺ ۾ ڪيون؟ ڇا ٿي پيو جيڪڏهن اسان ڪارسو، مونفالڪون (Monfalcone) ۽ ٽرائيسٽ (Trieste) کي حاصل ڪيون؟ ته پوءِ اسان ڪٿي آهيون؟ ڇا توکي اڄ اهي پرانهان جبل نظر اچن ٿا؟ ڇا تون سمجهين ٿو ته اسان انهن سڀني کي پڻ حاصل ڪري سگهون ٿا؟ فقط جيڪڏهن آسٽريائي وڙهڻ بند ڪن. ڪنهن ڌر کي لازمي طور ويڙه بند ڪرڻ گهرجي. اسان وڙهڻ ڇو نه ٿا ڇڏيون؟ جيڪڏهن اهي هيٺ اٽليءَ ڏانهن ايندا اهي ٿڪجي پوندا ۽ هليا ويندا. انهن کي پنهنجو وطن به آهي. پر نه، بجاءِ ان جي اتي هڪڙي جنگ پيئي هلي." "تون هڪڙو مقرر آهين." "مان سمجهان ٿو. اسان پڙهون ٿا. اسان هاري نه آهيون. اسان مستري آهيون. پر ايتري تائين جو هاري پڻ هڪڙي جنگ کي مڃڻ جي بهتر ڄاڻ رکن ٿا. هر شخص هن جنگ کان نفرت ٿو ڪري." "اتي هڪڙو طبقو آهي جيڪو هڪڙي ملڪ تي حاوي آهي جيڪو نادان آهي ۽ ڪنهن به شيءِ جي باري ۾ ادراڪ نه ٿو رکي ۽ ڪڏهن رکي به ڪو نه سگهندو." "جنهن جي ڪري اسان وٽ هي جنگ هلي رهي آهي ۽ پڻ اهي ان مان مال ميڙي رهيا آهن." "انهن مان گهڻي قدر ايئين ناهن،" پاسني چيو. "اهي پڻ نادان آهن. اهي بيڪار ۾ ايئين ڪري رهيا آهن. ڇسائپ جي ڪري." "اسان کي لازماً پنهنجي زبان بند ڪرڻ گهرجي،" منيرا چيو."اسان گهڻو ڳالهائي رهيا آهيون، ايتري قدر جو ٽيننٽ کان به وڌيڪ." "هو ان کي پسند ڪري ٿو" پاسني چيو. "اسان هن کي قائل ڪنداسين." "پر هاڻي اسان بس ڪنداسين،" منيرا چيو."ٽيننٽ، ڇا اسان هاڻي به ڪجه ڪائي سگهون ٿا؟" گاوُوزي پڇيو. "مان ويندس ۽ ڏسندس،" مون چيو. گورديني اٿي کڙو ٿيو ۽ مون سان گڏ ٻاهر هلڻ لڳو. "ٽيننٽ، اتي اهڙي ڪاشيءِ آهي جيڪا مان ڪري سگهان؟ ڇا مان ڪنهن به نموني سان ڪا مدد ڪري سگهان ٿو؟" هو چئن منجهان واحد شخص هو جيڪو گهٽ ڳالهائي رهيو هو. "جيڪڏهن تون چاهين ٿو ته پوءِ مون سان گڏ هل،" مون چيو. "۽ اسان ڏسنداسين."

ٻاهر اونداه ڇانيل هئي ۽ سرچ لائيٽن مان نڪرندڙ طويل روشني جبلن تي چر پر ڪري رهي هئي. اتي ان محاذ تي ٽرڪين تي وڏيون سرچ لائيٽون هيون جن وٽان اسان ڪڏهن ڪڏهن رات جي وچڙي ۾ گذرندا هئاسين، صفن جي ٿورو پنيان، رستي کان ٿورو اڳيرو ٽرڪون بيٺل هيون، هڪڙو آفيسر روشنيءَ جو حڪم صادر ڪري رهيو هو ۽ عملو خوف ۾ ورتل هو. اسان سرن جو بنو ٽپياسين، ۽ مکيه مرمتي اڏي وٽ بيهي رهياسين. ٻاهر داخلي دروازي جي مٿان ساين ٽارين جي هڪڙي

پناهگاه هئي ۽ تاريڪ رات ۾ سج جي ڪري سڪي ويل پٽن کي هوا کڙڪائي رهي هئي. ان جي اندر هڪڙي روشني هئي. ميجر ٽيليفون وٽ هڪڙي دٻي جي مٿان ويٺل هو طبعي ڪپتانن منجهان هڪڙي چيو حملو هڪڙي ڪلاڪ لاءِ اڳتي وڌايو ويو آهي. هن مون کي هڪڙي ڪوگنيڪ جي آڇ ڪئي. (ڪوگنيڪ: فرانسيسي برانڊي جيڪا فرانس جي شهر ڪونياڪ سان منسوب آهي ــ مترجم) مون ڪاٺ واري ميز ڏانهن ڏٺو رات جي اونداهي ۾ بند بوتلن ۽ برتنن وارو سامان چمڪي رهيو هو. گورڊيني منهنجي پٺيان بيهي رهيو. ميجر ٽيليفون تان اٿي کڙو ٿيو. ”هاڻي اهو شروع ٿئي ٿو“ هن چيو. ”اهو ٻيهر واپس وڌو ويو آهي.“ مون ٻاهر نهاريو اها انڌيري رات هئي ۽ آسٽريائي سرچ لائيٽون اسان جي پٺيان جبلن ۾ چر پر ڪري رهيون هيون. اجا هڪڙي ڪن پل لاءِ اتي خاموشي هئي، ۽ پوءِ اسان جي پٺيان وارين سمورين بندوقن مان بمباري جو وسڪارو شروع ٿي ويو. ”ساوو اِيا،“ ميجر چيو. ”ميجر، يخني جي باري ۾،“ مون چيو. هن مون کي ڪو نہ ٻڌو. مون ان کي ورجايو. ”اها اجا ڪو نہ پهتي آهي.“

هڪڙو وڏو گولو آيو ۽ اهو سرن جي بني جي ٻاهران ڦاٽي پيو هڪڙو ٻيو گولو ڦاٽو ۽ ان جي آواز سان سرن جو هلڪو آواز اٿيو ۽ هيٺ مٽي وسڻ لڳي. ”اتي کائڻ جي لاءِ ڇا پيو آهي؟“ ”اسان وٽ ٿورڙيون پاستا ايسسِي يُوٽا آهن،“ ميجر چيو.”جيڪو ڪجه بہ توهان ڏئي سگهو ٿا مان اهو پاڻ سان کڻي ويندس. ميجر هڪڙي پٽيوالي سان ڳالهايو جيڪو پوئتي نظرن کان اوجهل ٿي ويو ۽ هو واپس پاڻ سان گڏ هڪڙي ڌاتوئي ٿانو ۾ ٿڌيون ميڪاروني کڻي آيو. مون اهي گورڊيني جي حوالي ڪيون. ”توهان وٽ ڪجه پنير هوندو؟“ ميجر بخيلي مان پٽيوالي سان مخاطب ٿيو جيڪو وري واپس اندر موٽي ويو ۽ چوٿين حصي جيتري هڪڙي سفيد پنير سان واپس وري آيو. ”توهان جي وڏي مهرباني،“ مون چيو. ”بهتر آهي تہ تون ٻاهر نہ وڃ.“ داخلي دروازي جي ٻاهريان ڪاشيءِ مقرر ڪئي ويئي هئي. جيڪي ان کي کنيو بيٺا هئا انهن ٻنهي منجهان هڪڙي ماڻهوءَ اندر نهاريو. ”انهي کي اندر آڻيو“ ميجر چيو. ”ڇا توهان چاهيو ٿا تہ اسان ٻاهر اچي ان کي وٺرايون؟“ اسٽريچر وارن ٻن ماڻهن همراه کي ٻانهن جي هيٺان جنگهن وٽان کنيو ۽ ان کي اندر کڻي آيا. ”جُبو ڦاڙيو“ ميجر چيو. هن هڪڙو چمٽو کنيو جنهن جي پڇاڙيءَ ۾ مرهم پٽي لڳل هئي. ٻن ڪپتانن پنهنجا ڪوٽ لاهي ڦٽا ڪيا. ”هتان نڪري وڃو“ ميجر اسٽريچر سنڀاليندڙ ٻن همراهن کي چيو. ”اچ،“ مون گورڊيني کي چيو. ”بهتر آهي تہ تون تيستائين انتظار ڪر جيستائين گوليباري ختم نہ ٿي ٿئي.“ ميجر هن جي ڪلهي وٽان چيو. ”اهي کائڻ گهرن ٿا،“ مون چيو.”تنهنجي مرضي.“

اسان ٻاهر سرن جي بني جي آرپار ڊوڙڻ لڳاسين. هڪڙو گولو درياه جي ڪناري جي پرسان ڦاٽو. ان کان پوءِ ٻيو گولو ڦاٽو جنهن جو آواز اسان پنهنجي وٽ پڪڙ جي ڪري ٻڌي ڪو نہ سگهياسين. اسان ٻئي سڌا وياسين ڌماڪي جي چمڪ ۽ ٽڪرائجڻ سان اسان کي بدبو وکوڙي ويئي ۽ اسان کي ٽٽل ٽڪرن جي وجت ٻڌڻ ۾ آئي ۽ ڪرندڙ سِرُن جي کڙ کڙ جو آواز اچڻ لڳو. گورڊيني اٿي بيٺو ۽ زيرِ زمين ڪمري ڏانهن ڊوڙڻ لڳو. مان هن جي پٺيان هيس، منهنجي هٿن ۾ پنير هو جنهن جو لسو مٿاڇرو سرن جي ڌوڙ سان ڍڪجي ويو هو. زيرِ زمين تهہ خاني ۾ ٽي ڊرائيور ديوار سان ٽيڪ ڏئي

سگريٽن جا سُوٽا هڻي رهيا هئا. ”هي وٺو ديش پڳتو“ مون چيو. ”گاڏيون ڪيئن آهن؟“ منيرا چيو. ”بلڪل سلامت آهن.“ ”ليفٽيننٽ، ڇا انهن توکي ڊيجاري ڇڏيو؟“ ”تون انتهائي سچ پيو چوين،“ مون چيو. مون پنهنجو چاقو ٻاهر ڪڍيو ان کي کولي، ان جي ڌار کي اگهي صاف ڪيو ۽ پنير جي مٿان واري سطح وارو گندو حصو هٽائي ڇڏيم. گاوُوزي ميڪاروني وارو ٿانءُ منهنجي حوالي ڪيو. ”تينينٽ، ان کي ڪائڻ شروع ڪر.“ ”نہ،“ مون چيو. ”ان کي فرش تي رک. اسان سڀ گڏجي ڪائينداسين.“ ”هتي ڏنداوان چمچا ڪونهن.“ ”ڇا مصيبت آهي.“ مون انگريزيءَ ۾ چيو. مون پنير کي ٽڪڙن ۾ ڪٽيو ۽ انهن کي ميڪاروني تي لڳائي ڇڏيو. ”ان تي ويهو“ مون چيو. اهي ويهي انتظار ڪرڻ لڳا. مان ميڪاروني ۾ آڱوٺو ۽ آڱريون وجهي ڪڍي رهيو هوس. ان جو ڪجه حصو ڊرو ٿي ويو. ”تينينٽ، ان کي مٿي ڪيو.“ مون ان کي هٿ جي لمبائي جيترو مٿي ڪنيو ۽ ان جي لڙين کي صاف ڪيو. مون ان کي وات تائين آندو، ان جي پڇاڙين تائين ان کي هٿ ۾ پڪڙي چوسيو ۽ چباڙيو، ان کان پوءِ پنير جو هڪڙو گرنهن ڪڍي ان کي چباڙيو ۽ پوءِ شراب جا ڍڪ ڀرڻ لڳس. ان مان زڱجي ويل ڌاتوءَ جهڙو سواد اچي رهيو. مون پاڻيءَ جي بوتل واپس پاسني جي حوالي ڪئي. ”اها بدبودار آهي،“ هن چيو. ”اها ڪيتري وقت کان اتي پيل هئي. مون ان کي ڪار ۾ واپرايو هو.“ اهي سڀ کائڻ پيئڻ ۾ جنبيل هئا، پنهنجي ڪاڏين کي ٿانءُ جي مٿان ويجهو کان رکيو بيٺا هئا، پنهنجا ڪنڌ پوئتي جهڪائي رهيا هئا، ۽ آخر ۾ ان جا چسڪا لڳائي رهيا هئا. مون پنير سان مليل هڪڙو ٻيو گرنهن کنيو ۽ شراب جو ڍُڪ ڀريو. ٻاهر ڪاشيءِ ڪري جنهن زمين کي ڌوڏي وڌو. ”چار سئو ويه يا ٻري کان گولا اڇلائيندڙ توپ.“ ”اتي جبلن ۾ چار سئو ويه ناهن،“ مون چيو. ”انهن وٽ اسڪوڊا واريون وڏيون بندوقون آهن. مون ڏرن ۾ ڏٺو آهي،“ مون چيو. ”ٽي سئو پنجاه.“ اسان کائڻ ۾ جنبيل رهياسين. اتي کنگه جي هڪڙي کنئون کنئون لڳي پيئي هئي، ريل جي انجڻ جي شروع ٿيڻ جهڙو هڪڙو آواز ٿيو جنهن ڪانپوءِ هڪڙو ڌماڪو ٿيو جنهن ڌرتيءَ کي ڌوڏي ڇڏيو. ”هي ايترو گهرو ته خانو نہ آهي،“ پاسني چيو. ”اهو هڪڙو وڏو خندقي مارٽر گولو هو.“ ”هائو سائين.“ مون پنهنجي پنير جي پڇاڙي ڪاڏي ۽ شراب جي هڪڙي ڍڪ کي ڳيتيو. هڪڙي ٻئي آواز سان وري هڪڙي کنئون کنئون ، جنهن کان پوءِ زو زو زو زو ۽ پوءِ هڪڙو چمڪاٽ ٿيو جنهن سان ڀٽيءَ جو دروازو زور سان کلي ويو هڪڙي گونج جيڪا سفيد رنگ سان شروع ٿيندي سرخ ٿي ويئي ۽ اها تيز گهلندڙ هوا ۾ هلندي رهي. مون ساه کڻڻ جي ڪوشش ڪئي پر منهنجو ساه واپس نہ پئي وريو ۽ مون جسماني طور تي پنهنجي پاڻ ۾ ڪنهن شيءِ کي تيز حرڪت ڪندي محسوس ڪيو. اها هوا ۾ سارو وقت ٻاهر ۽ ٻاهر ۽ ٻاهر ايندي رهي، مان پنهنجو پاڻ، وڏي تيزيءَ سان ٻاهر هليو ويس، ۽ مون ڄاڻي ورتو تہ مان مري چڪو آهيان ۽ اهو سوچڻ تہ ڪو مرڻ تي آهي اهو سڀ ڪجه هڪڙي غلطي ٻڌيل رهيو. ان کان پوءِ مون ترڻ شروع ڪيو ۽ اڳتي هلڻ جي بجاءِ مون پنهنجو پاڻ کي پوئتي کسڪندي محسوس ڪيو. مون ساه کڻڻ شروع ڪيو ۽ مان واپس وري آيس. زمين ۾ ڏار پئجي ويا هئا ۽ منهنجي اڳيان اتي ڪاٺ جي ٽٽل ڪانين جو شعاع هو. جهٽڪن ۾ ورتل پنهنجي مٿي ۾ مون ڪنهن کي دانهون ڪندي ٻڌو. مان سمجهان ٿو ڪو شخص وڏي واڪي رڙيون ڪري رهيو هو. مون چرڻ جي ڪوشش

ورتي پر مان چري نہ پئي سگهيس. مون درياه جي آرپار ۾ ان جي پرسان رائفلن ۽ مشين گنن جي فائرنگ ٻڌي. اتي وڏي پئماني تي پاڻيءَ جا ھڪڙا ڦهنگا اٿي رهيا هئا ۽ مون ستارن نما گولن کي مٿي اڏامندي ۽ ڦاٽندي ۽ هيڏانهن هوڏانهن لامارا ڏيندي ڏٺو ۽ راڪيٽن کي مٿان اڏامندي ۽ بمن جي وسڪارن کي ڏٺو اهو سڀ ڪجھ هڪڙي لمحي ۾ ٿي ويو ۽ پوءِ مون پنهنجي پرسان ڪنهن کي "ماما مِي آ! او ماما مِي آ!" چوندي ٻڌو. مان پاڻ کي ڇڪيندي گيسيون ڏيڻ لڳس ۽ آخرڪار مون پنهنجي ٽنگهن کي ڊرو ڪيو ۽ پاسو ورائي هن کي ڇهيم. اهو پاسني هو ۽ جڏهن مون هن کي ڇهيو هن دانهن ڪئي. هن جون ٽنگهون مون ڏانهن هيون ۽ رات جي وڪڙي ۾ روشنيءَ جي تجلن ۾ مون ڏٺو تہ هن جون اهي ٻئي ٽنگهون گوڏن کان ڇڃي پيون هيون. هن جي هڪڙي ٽنگه ٻاهر نڪتل نسن سان لڙڪي رهي هئي ۽ هن جا ٻنڊڻ ۽ هن جي پتلون جا ڪجھ حصا اهڙي نموني ڦڙڪي رهيا هئا ڄڻ اهي پاڻ ۾ ڳنڍيل نہ هجن. هن پنهنجي ٻانهن کي چڪ پاتو ۽ ڪنجھڻ لڳو "او ماما، مِي آ، ماما مِي آ،" ۽ پوءِ "ڊِيو تي سلوَ ماريا. ڊِيو تي سلوَ ماريا .Dio te salve, Maria (بيبي مريم، مون تي مرهم رک ـ اسپيني ٻاشا ـ مترجم). او حضرت عيسيٰ مسيح مون کي ماري ڇڏ، مسيح مون کي ماري ڇڏ مِي ماما مِي آ ماما مِي آ او پاڪدامن بيبي مريم مون کي گولي هڻ. بس ڪر. بس ڪر. بس ڪر. او عيسيٰ او پاڪدامن بيبي مريم ان کي روڪيو. او او او او" ان کان پوءِ ڳلي جي گُهٽجڻ جو آواز "ماما ماما مِي آ." ان کان پوءِ هو خاموش ٿي ويو. پنهنجي ٻانهن کي چڪ پائيندي، هن جا ٻنڊڻ ڦڙڪي رهيا هئا. مون ٻڪ جهليندي وڏي واڪي دانهون ڪرڻ شروع ڪيون، "پورتا فيرِيتي......Porta Feriti ـ اطالوي ٻاشا ـ اسٽريچر کڻي اچو ـ مترجم). "اسٽريچر کڻي اچو!" مون پاسني جي قريب وڃڻ پئي چاهيو ان جي ٽنگهن تي خون کي روڪڻ لاءِ پٽي ٻڌڻ لاءِ پر مان چري پري ئي ڪو نہ پئي سگهيس. مون وري بہ ڪوشش ڪئي ۽ منهنجون ٽنگهون ڪجھ ورڻ لڳيون. مان پنهنجي ٽنگهن ۽ ٽونين جي ذريعي پوئتي پرڪي پئي سگهيس. پاسني هاڻي خاموش ٿي ويو هو. مان هن جي پرسان ويهي رهيس، مون پنهنجي ڊگهي جبي کي کوليو ۽ پنهنجي قميض جي پڇاڙيءَ کي ڦاڙڻ جي ڪوشش ڪئي. اها نہ پئي ڦاٽي ۽ مون ان کي ڦاڙڻ لاءِ ڪپڙن جي ڪُنڊين کان چڪ پائڻ شروع ڪيو. تهان پوءِ مون کي ان جي چمڙي وارن جورابن جو خيال آيو. مون کي ريشمي جوراب پاتل هئا پر پاسني چمڙي جا جوراب پائيندو هو. سڀيئي ڊرائيور چمڙي جا جوراب پائيندا هئا پر پاسني کي فقط هڪڙي ٽنگه هئي. مون هن جا جوراب کوليا جڏهن مان اهو سڀ ڪجھ ڪري رهيو هوس مون ڏٺو تہ اهو ڪجھ ڪرڻ جي ڪابہ ضرورت ڪو نہ هئي، نہ ئي خون کي روڪڻ لاءِ ڪا پٽي لڳائڻ جي ڇاڪاڻ جو هو اڳ ۾ ئي مري چڪو هو. مون کي يقين ٿي ويو تہ هو مري چڪو آهي. ٻيا ٽي ڄڻا پڻ نظر اچي رهيا هئا. مان مٿي سڌو ٿي وينس ۽ جيئن ئي مون ائين ڪيو ڪاشيءِ ڪنهن گڏيءَ جي اکين ۾ وزن جيان منهنجي مٿي منجھ گهري ويئي ان مون کي اکين جي تارن جي پٺيان اندريان ڏڪ هنيو. منهنجون ٽنگهون ڪوسيون ۽ آليون محسوس ٿيڻ لڳيون منهنجا جوراب آلا ٿي ويا ۽ اهي اندريان گرم پئي لڳا. مان ڄاڻي ويس تہ مون کي ڏڪ لڳو آهي ۽ مان پنتي جهڪي ويس ۽ مون پنهجا هٿ گوڏن تي رکي ڇڏيا. منهنجو گوڏو اتي ڪو نہ هو. منهنجو

هٽ هيٺ هليو ويو ۽ منهنجو گوڏو هيٺ پنيءَ وٽ هو. مون پنهنجو هٽ پنهنجي قميض سان اگهيو ۽ هڪڙي ٻي ترندڙ روشني ڪافي ڊيمي ڊيمي هيٺ آئي ۽ مون پنهنجي جنگه ڏانهن نهاريو ۽ مون کي ڪافي خوف ورائي ويو. يا خدا، مون چيو مون کي هتان ٻاهر ڪڍ. البت، مون ڄاتو پئي تہ اتي ٽي ڄڻا ٻيا بہ هئا. اتي ڪل چار ڊرائيور هئا. پاسني مري چڪو هو. باقي ٽي بچيا هئا. ڪنهن مون کي هيٺان کان پنهنجي ٻانهن ۾ ڪنيو ۽ ڪنهن منهنجون جنگهون مٿي ڪيون. ”اتي ٽي ڄڻا ٻيا بہ آهن.“ مون چيو. ”هڪڙو مري ويو آهي.“ ”اهو منيرا آهي. اسان اسٽريچر جي لاءِ وياسين پر اتي ڪو اسٽريچر نظر ڪو نہ آيو. ٽينينٽ.“ ”گورديني ۽ گاوُوزي ڪٿي آهن؟“ ”گورديني مرهم پٽيءَ لاءِ چونڪي وٽ آهي. منهنجي ڳچيءَ کان جهلي رک، ٽينينٽ. ڇا توکي بريءَ طرح سان ڌڪ لڳو؟“ ”جنگه ۾.“ گورديني ڪيئن آهي؟“ ”هو بلڪل ٺيڪ آهي. اهو وڏو خندقي مارٽر گولو هو.“ ”پاسني مري چڪو آهي.“ ”ها، هو مري ويو.“ هڪڙو گولو ويجهڙائي کان ڪريو ۽ اهي ٻئي زمين تي ڪري پيا ۽ مان بہ ڪري پيس. ”ٽينينٽ، مون کي افسوس آهي.“ منيرا چيو. ”منهنجي ڳچيءَ سان پڪڙي رک.“ ”توهان مون کي متان ٻيهر نہ ڪيرايو.“ ”اهو ان جي ڪري ٿيو ڇاڪاڻ جو اسان ڊنل هئاسين.“ ”ڇا تون بي زخم آهين؟“ ”اسان ٻئي ٿورا زخمي آهيون.“ ”ڇا گورديني گاڏي هلائي سگهي ٿو؟“ ”مان ايئين نہ ٿو ڀايان.“ انهن مون کي چونڪي جي پهچڻ کان اڳ ۾ هڪ دفعو ٻيهر ڪيرائي وڌو. ”توهان ڪتيءَ جا ڦرو“ مون چيو. ”مون کي افسوس آهي، ٽينينٽ،“ منيرا چيو. ”اسان توکي ٻيهر نہ ڪيرائيندا سين.“ چونڪيءَ جي ٻاهران رات جي اونداهي ۾ اسان منجهان ڪيترا فرش تي پيل هئا. انهن زخمين کي اندر نيئي وري ٻاهر پئي آندو. مون مرهم پٽي واري اڏي وٽان ايندڙ روشنيءَ کي ڏٺو جڏهن پردو هٽايو ويو ۽ انهن ڪنهن کي اندر يا ٻاهر آندو. مري ويلن کي هڪڙي ٻئي پاسي ڏانهن رکيو ويو هو. ڊاڪٽر پنهنجي ٻانهن کي ڪلهن تائين کُنجي ڪم ڪري رهيا هئا ۽ اهي ڪاسائين جيان رت ۾ ڳاڙها هئا. انهن وٽ اسٽريچر ناڪافي هئا. ڪجھ زخمي ڪنجهي رهيا هئا پر گهڻي قدر خاموش هئا. مرهم پٽي واري اڏي جي دروازي مٿان جنهگلن ۾ چاڙهيل ولين جي پنن تي هوا گهلي رهي هئي ۽ رات ٿڌڻ لڳي هئي. سارو وقت اسٽريچر سنڀاليندڙن جي اچ وڃ جاري رهي، انهن پنهنجا اسٽريچر هيٺ رکي انهن کي خالي پئي ڪيو ۽ پوءِ هليا پئي ويا. جيئن ئي مان مرهم پٽي واري اڏي وٽ پهتس منيرا هڪڙي طبعي سارجينٽ کي پاڻ سان وٺي آيو ۽ هن منهنجي ٻنهي جنگهن تي پٽيون ٻڌيون. هن چيو تہ زخم ۾ ڪافي مٽي گهري ويئي هئي جنهن جي ڪري ايترو خون نہ وهي ويو آهي. اهي جيترو جلدي ٿي سگهيو مون کي ڪڍندا. هو واپس اندر هليو ويو. منيرا چيو گورديني گاڏي هلائي نہ سگهندو. هن جو ڪلهو ڦاٽي پيو آهي ۽ هن جي مٿي ۾ ڌڪ لڳو آهي. هن ناگوار محسوس نہ پئي ڪيو پر هاڻي هن جو ڪلهو آڪڙجي ويو آهي. هو مٿي سرن جي هڪڙي ديوار جي ڀرسان ويٺو هو. منيرا ۽ گاوُوزي مان هر هڪ ڪوڙ ساترن زخمن سان هليا ويا. اهي ڇڱي نموني گاڏي هلائي سگهن ٿا. برطانوي ٽن ايمبولنسن سان گڏ آيا هئا ۽ انهن وٽ هر هڪ ايمبولنس ۾ ٻہ ماڻهو هئا. انهن منجهان هڪڙو ڊرائيور منهنجي مٿان آيو جنهن کي گورديني وٺي آيو هو جيڪو ڪافي اڇو ۽ بيمار لڳي رهيو هو. برطانوي مٿان جهڪي بيٺا. ”ڇا توکي بريءَ طرح ڌڪ

لڳو آهي؟“ هن پڇيو. هو هڪڙو قداور شخص هو ۽ هن فولادي ڪنارن وارو چشمو پائي رکيو هو. ”جنگهن ۾.“ ”مان اميد ٿو ڪيان ته اهو ايترو ڳنڀير ناهي. ڇا تون هڪڙو سگريٽ پيئندين؟“ ”مهرباني.“ ”انهن مون کي ٻڌايو ته توهان ٻن ڊرائيورن کان محروم ٿي ويا آهيو.“ ”ها. هڪڙو مارجي ويو ۽ ٻيو اهو ساڳي جيڪو توهان کي هتي وٺي آيو.“ ”ڪيڏي نه بدقسمتي آهي. ڇا تون اهو پسند ڪندين ته اسان پاڻ سان گاڏيون ڪاهي وڃون؟“ ”اهو ئي ته مون توهان کان پڇڻ پئي چاهيو.“ ”اسان انهن جي بلڪل چڱي نموني سنڀار لهنداسين ۽ انهن کي واپس 206 ولا ۾ ڇڏي ڏينداسين توهان اتي رهندا آهيو نه؟“ ”ها“. ”اها هڪڙي دلڪش جاءِ آهي. مون شايد توهان کي ڏٺو آهي. انهن مون کي ٻڌايو ته توهان آمريڪي آهيو.“ ”ها.“ ”مان انگريز آهيان.“ ”نه.“ ”ها، انگريز. ڇا توهان سمجهيو ته مان اطالوي آهيان؟ اسان جي هڪڙي يونٽ سان گڏ اطالوي هئا.“ ”جيڪڏهن توهان گاڏيون پاڻ سان نيئي ويندا ته اهو بهتر رهندو“ مون چيو. ”مان انهن جو تمام گهڻو خيال رکندس،“ هو سڌو ٿي بيٺو. ”تو وارو هي همراه منهنجي لاءِ بيتاب هو ته مان توکي ڏسان.“ هن گورديني کي ڪلهي وٽان ٺڪي هنئي. گورديني جي چهري تي ڏک جو تاثر نهي بيٺو ۽ هن هلڪو مسڪرايو. انگريزي ڳالهائڻ وارو شخص وڏي تيز رواني ۽ فصاحت سان ڳالهائي رهيو هو ۽ ڪافي صاف اطالوي ياشا ڳالهائي رهيو هو. ”هاڻي هر هڪ شيءِ جو انتظام ٿي ويو آهي. مون توهان جي تينينٽ (ليفٽيننٽ) کي ڏٺو آهي. اسان ٻه گاڏيون ڪاهي ويندا سين. توهان کي هاڻي ڪنهن به ڳاله جي ڪا به چنتا نه ڪرڻ گهرجي. تون هاڻي ڳٽتي ڳارو نه ڪندين.“ هو هليو ويو. هن مون کي چڪيو”توکي هتان ٻاهر ڪيڻ لاءِ مون کي لازماً ڪجه نه ڪرڻ گهرجي. مان ڪنهن طبعي پيشي سان لاڳاپيل ماڻهوءَ کي ڏسان ٿو. اسان توکي واپس پاڻ سان گڏ کڻي ويندا سين.“ هو مرهم پٽي جي اڏي جي آرپار هلڻ لڳو زخمين وچان وڏي محتاط طريقي سان قدم کڻي رهيو هو. مون چادر کي کليل ڏٺو. روشني اچڻ لڳي هو اندر هليو ويو. ”تينينٽ، هو تنهنجي سار سنڀار لهندو“ گورديني چيو. ”فرانڪو تون ڪيئن آهين؟“ ”مان بلڪل نيڪ آهيان.“ هو هيٺ منهنجي پرسان ويهي رهيو. ٿوري گهڙيءَ ۾ مرهم پٽي واري اڏي جي اڳيان واري چادر کلي ويئي ۽ اسٽريچر سنڀالڻ وارا ٻه همراه ٻاهريان آيا انهن جي پٺيان اهو قداور انگريز به هو. هو انهن کي منهنجي ويجهو وٺي آيا. ”هتي آمريڪي تينينٽ آهي،“ هن اطالوي ياشا ۾ چيو. ”مان بلڪ انتظار ڪندس،“ مون چيو. اتي مون کان وڌيڪ گهايل پيا آهن. مان بلڪل نيڪ آهيان.“ ”اچ، اچ،“ هن چيو. ”هڪڙو انتهائي بيوقوف سورمو ٿيڻ جي ڪا ضرورت ڪونهي.“ ان کان پوءِ اطالوي ياشا ۾: ”هن کي هن جي جنگهن کان وڏي احتياط سان کڻو. هن کي جنگهن ۾ ڪافي سور آهي. هو صدر ولسن جو جائز پٽ آهي.“ انهن مون کي مٿي کنيو ۽ مون کي مرهم پٽي واري ڪمري ڏانهن کڻي ويا. اندر اهي سمورين ميزن تي آپريشن ڪري رهيا هئا. ننڍڙي ميجر اسان ڏانهن سنگدليءَ سان ڏٺو. هن مون کي سڃاتو ۽ مون ڏانهن هڪڙو چمٽو جهولايو. ”ڪا وا بائن Ca va bien ـ فرانسيسي ـ اهو ڪيئن پيو هلي؟ ـــ مترجم) ”ڪا وا "Ca va“ (بس هلي رهيو آهي ـــ فرانسيسي ـ مترجم). ”هن کي مون آندو آهي،“ قداور انگريز اطالوي ۾ چيو.”آمريڪي سفير جو اڪيلو پٽ. هي اوستائين هتي هوندو جيستائين توهان هن کي

ڪٽڻ جي لاءِ تيار آهيو. ان کان پوءِ مان هن کي پنهنجي پهرين چڙهائي سان ڪٽي ويندس." "هو منهنجي مٿان جهڪي بيٺو." "مان انهن جي ايڊجوٽنٽ (اعليٰ عملدارن ۽ ماتحت فوجين جي درميان رابطي جو ڪم ڪندڙ) کي ڏسندس ته اهو تنهنجا ڪاغذ تيار ڪري ۽ اهو سڀ ڪجه وڌي تيزيءَ سان ڪيو ويندو." هو چائنٽ جي هيٺان ٿورو رڪيو ۽ پوءِ هليو ويو. هاڻي ميجر چمٽي جي ڪنڍن کي ڪيڏي رهيو هو ۽ انهن کي گيندٻيءَ ۾ ڦٽو ڪري رهيو هو. مان پنهنجي اکين سان هن جي هٿ جو پيڇو ڪري رهيو هوس. هاڻي هو پٽي ٻڌي رهيو هو. ان ڪانپوءِ اسٽريچر سنڀاليندڙ ان همراه کي ميز کان پري کڻي ويا. "مان آمريڪي کي کڻندس، ٽينينٽ،" هڪڙي ڪپتان چيو. انهن مون کي ميز جي مٿان کان ڪنيو. اها سخت ۽ ترڪڻي هئي. اتي ڪيميائي مادن ۽ مٺي خون جي ڪافي تيز حوَس اچي رهي هئي. انهن منهنجي پتلون لاٿي ۽ طبعي سارجينٽ ايڊجوٽنٽ سارجينٽ تي حڪم هلائڻ شروع ڪيو جڏهن هو ڪم ڪري رهيو هو. "ساڄي ۽ کاٻي پاسي واري سٿر ۽ ساڄي ۽ کاٻي گوڏي ۽ ساڄي پير کان ڪيترائي سطحي زخم. کاٻي گوڏي ۽ پير ۾ گهرا گهاو. مٿي جي مٿان واري کل اکڙي ويئي آهي (هن پڇيو ڇا توکي اتي سور ٿئي ٿو؟. مسيح جو قسم، ها!) کوپڙيءَ جي هڏيءَ جي ٽٽڻ جي امڪان سان گڏ. ڊيوٽيءَ جي صفن ۾ پيش آيو. جنهن جي ڪري تون پاڻ کي پاڻ گهاو ڏيڻ جي جرم ۾ ڪورٽ مارشل ٿيڻ کان محفوظ آهين،" هن چيو. "ڇا تون براندِيءَ جو هڪڙو پيالو پيئندين؟ هن قسم جي وارتا تو سان ڪيئن پيش آئي؟ تو ڇا پئي ڪرڻ چاهيو؟ آپگهات ڪرڻ پئي چاهيو؟ اينٽِي ٽيٽا نُوس مهرباني ڪيو ۽ ٻنهي ڄنگهن تي ضرب جو نشان لڳايو. مهرباني. مان ان کي ٿورو صاف ڪندس، ان کي ڌوئيندس، ۽ هڪڙي مرهم پٽي لڳائيندس. تنهنجو خون سهڻي نموني سان ڄمي ٿو." ايڊجوٽنٽ، ڪاغذن مان نهاريندي، "زخم ڪيئن رسيا؟" طبعي ڪپتان، "توکي ڇا لڳو؟" مان پنهنجون اکيون ٻوٽيندي، "هڪڙو خندقي مارٽر گولو." ڪپتان، اهي شيون ڪندي جن سان ڪافي درد پئي ٿيو ۽ نسون الڳ پئي ٿيون. "ڇا توکي يقين آهي؟" مان خاموشي سان رهڻ جي ڪوشش ڪندي جڏهن منهنجو شڪم ڦڙڪي رهيو هو. جڏهن گوشت ڪپيو پئي ويو. "مان ايئين سمجهان ٿو." ڪپتان ڊاڪٽر (ان شيءِ ۾ دلچسپي وٺندي جنهن جي هو ڳولها ڪري رهيو هو)، "دشمن جي خندقي گولن جا ٽڪرا. مان هاڻي هن جي باري ۾ ڪجه معلوم ڪندس پر اهو ضروري ناهي. مان ان سموري جي تصوير ٻڌائيندس ۽ ڇا اهو ڪُري ٿو؟ ٺيڪ آ، جيڪو بعد ۾ محسوس ٿيندو ان جي بنسبت هي ته ڪجه به ناهي. اڃا درد شروع نه ٿيو آهي. هن جي لاءِ براندي جو هڪڙو پيالو کڻي اچو. جهٽڪو درد جي شدت کي گهٽائي ٿو. پر اهو سڀ ڪجه صحيح آهي، جيڪڏهن اهو جراثيمن کان متاثر ٿئي ته تون ان جو اونهو نه ڪر ۽ اهو هاڻي ورلي ٿيندو. تنهنجو مٿو ڪيئن آهي." "مسيح جي ڪرم سان ٺيڪ آهي." "ته پوءِ بهتر آهي ته تون ايتري گهڻي براندي نه پيءُ. جيڪڏهن تنهنجي ڪا هڏي ٽٽي پيئي آهي ته تون چاهيندين ته اها سُڄي پوي. اهو ڪيئن پيو محسوس ٿئي؟" منهنجو سمورو جسم پگهرجي ويو هو. "مسيح جو ڪرم!" مون چيو. "مان سمجهان ٿو ته تنهنجو کو هڏو ٽٽي پيو آهي، صحيح آهي نه. مان توکي ويڙهي ڇڏيندس ۽ هر هر پنهنجو ڪنڌ نه ڦيراءِ." هن مون کي پٽي ٻڌي، هن جا هٿ تيزيءَ سان حرڪت ڪري رهيا

هئا ۽ هو چڪ ڏئي وڏي يقين سان پٽي ٻڌي رهيو هو. ”چڱو ڀلو ٺيڪ آهي، وِيو لا فرانس Vive la France (فرانس زنده آباد- فرانسيسي- مترجم). ”هو هڪڙو آمريڪي آهي،“ هڪڙي ٻئي ڪپتان چيو. ”مون سمجهيو تو چيو هُو هڪڙو فرانسيسي آهي. هو فرانسيسي ٻاشا ڳالهائي ٿو،“ ڪپتان چيو. ”مان هن کي پهريان کان سڃاڻان ٿو. مون هميشہ اهيو سمجهيو تہ هو فرانسيسي آهي.“ هن ڪوگنيڪ جو اڌيڪو پيالو پيتو. ”ڪا شيءِ ڳنڀير ڪٽي اچ. اينٽِي ٽيٽانُوس اچا ڪجه سوايو ڏي.“ ڪپتان مون ڏانهن جهولايو. انهن مون کي مٿي کنيو ۽ جيئن ئي اسان ٻاهر وياسين چادر جو پيش بند منهنجي ڇهري جي آرپار ٿي ويو. سارجينٽ ايڊجُوٽنٽ ٻاهر جتي مان ليٽيل هوس اتي منهنجي پرسان جهڪندي، ”نالو“ هن نرميءَ وچان پڇيو. ”وچون نالو؟ پهريون نالو؟ رينڪ؟ ڪٿي ڄائين؟ ڪهڙي طبقي مان؟ ڪهڙي ڪور سان؟ ۽ وغيره وغيره.“ ”مون کي افسوس آهي، ٽينينيٽ. مون کي اميد آهي تہ تون بهتر محسوس ڪري رهيو آهين. هاڻي مان توکي انگريزي ايمبولنس سان موڪلي رهيو آهيان.“ ”مان بلڪل ٺيڪ آهيان،“ مون چيو. ”توهان جي وڏي مهرباني.“ جنهن درد جو ميجر ذڪر ڪيو هو اهو شروع ٿي ويو هو ۽ جيڪي ڪجه بہ وهي واپرجي رهيو هو اهو بنا ڪنهن مفاد ۽ تعلق جي هو. ڪجه لمحن کان پوءِ انگريزي ايمبولنس آئي ۽ انهن مون کي هڪڙي اسٽريچر تي رکيو ۽ اسٽريچر کي ايمبولنس جي سطح سان لڳايو ۽ ان کي اندر ڌڪو ڏئي ڇڏيو. پرسان هڪڙو ٻيو اسٽريچر پيو هو جنهن تي هڪڙو همراه رکيل هو جنهن جو نڪ مون کي ڏسجڻ ۾ اچي رهيو هو، اهو مرهمي پٽين منجهان موم جيان نظر پئي آيو. هو ڳرو ساه کڻي رهيو هو. اتي مٿي ڪنيل اسٽريچر هئا جيڪي لوهي رسين ۾ اندر کسڪايا ويا هئا. قداور انگريز ڊرائيور ڦري آيو ۽ اندر نهاريائين. ”مان ان کي وڏي آرام سان هلائيندس،“ هن چيو. ”مان اميد ٿو ڪيان تہ توهان آرام سان رهندا.“ مون انجڻ جي چالو ٿيڻ جي آواز کي محسوس ڪيو هن جي اڳيان واري گديءَ تي چڙهڻ کي محسوس ڪيم. بريڪ ۽ ڪلچ جي آواز اچڻ کي محسوس ڪيم. ۽ پوءِ اسان هلڻ لڳاسين. مان خاموش پيو رهيس ۽ درد کي پاڻ هلڻ لاءِ ڇڏي ڏنم. جيئن ئي ايمبولنس رستي جي مٿان چڙهي، اها ٽريفڪ ۾ ڊري ٿي ويئي، ڪنهن ڪنهن مهل اها رڪجي ٿي ويئي، ڪنهن ڪنهن مهل، هڪڙي موڙ وٺان پوئتي پئي پرڪي، تنهن کان پوءِ اها ڪافي تيزيءَ سان هلڻ لڳي. مونکي ڪنهن شيءِ جي ٽِپ ٽِپ جو آواز محسوس ٿيڻ لڳو. پهريان اهو آهستي آهستي وهي رهيو هو ۽ پوءِ لڳاتار. ۽ پوءِ اهو هلڪي بارش جيان هڪڙي نهر ۾ بدلجي ويو. مون ڊرائيور کي پڪارڻ شروع ڪيو. هن گاڏيءَ کي روڪيو ۽ هن پنهنجي پنيان گاڏيءَ واري سوراخ مان نهاريو. ”اهو ڇا آهي؟“ ”منهنجي مٿان اسٽريچر تي رکيل همراه جو خون وهي رهيو آهي.“ ”اسان مٿاهين کان گهٽو پري نہ آهيون. مان اڪيلي سر اسٽريچر کي وٺي نہ ٿو سگهان.“ هن گاڏيءَ کي چالو ڪيو. خون جو درياه وهندو رهيو. رات جي تاريڪيءَ ۾ مان اهو ڏسي نہ سگهيس تہ مٿان واري ڪينواس مان اهو ڪٿان کان اچي رهيو هو. مون پنهنجا پاسا ورائڻ جي ڪوشش ڪئي تہ جيئن اهو منهنجي مٿان نہ ڪري. اهو هيٺ منهنجي قميض جي جنهن حصي جي هيٺان ڪريو هو اهو گرم ۽ لڳلڳدار ٿي ويو هو. مان ٿڌو ٿي ويو هوس ۽ منهنجي ڄنگه ڏُکي رهي هئي جنهن ڪري مان بيزار ٿي رهيو هوس. ٿوريءَ دير کان پوءِ اسٽريچر جي مٿان وارو

وهڪرو گهڻجي ويو ۽ پوءِ وري وهڻ شروع ٿي ويو ۽ مون مٿان ڪان ڪينواس جي هلچل ڪي محسوس ڪيو جهڙي نموني اسٽريچر تي پيل همراه وڏيڪ آرام لاءِ پاسو ورايو. ”هو ڪيئن آهي؟“ انگريز شخص واپس سڏ ڏنو. “اسان زري گهٽ مٿي پهچڻ وارا آهيون.“ ”مان سمجهان ٿو هو مري ويو“ مون چيو. خون جا ڦڙا ڪافي آهستي آهستي ڪِري رهيا هئا, جهڙي نموني برف جي هڪڙي قلم مان سج پچاڻان پاڻيءَ جا ٽيپا ڪرندا آهن. جيئن ئي رستو مٿي چڙهڻ لڳو گاڏيءَ ۾ رات جي وقت ۾ ٿڏڪار ٿي ويئي. مٿي چونڪيءَ تي انهن اسٽريچر کي ٻاهر ڪڍيو ۽ اتي ٻيو اسٽريچر رکي چڏيائون ۽ اسان هليا وياسين.

10

ميدانِ جنگ جي اسپتال جي ڪمري (وارڊ) ۾ انهن مون کي ٻڌايو ته منجهند جو مون کي ڏسڻ جي لاءِ هڪڙو معائنيڪار اچي رهيو هو. اهو ڪافي گرم ڏينهن هو ۽ ڪمري ۾ ڪيترائي فائيل پيا هئا. منهنجي چپراسي پني کي ڏگهين پترين پٽين ۾ ڪٽي ڇڏيو هو ۽ انهن پٽين کي هڪڙي لڪڙيءَ سان ويڙهي ڇڏيو هو هڪڙي برش جي صورت ۾ جنهن فائلن کي رونقدار بڻائي ڇڏيو. مان انهن کي ڇت ڏانهن ڏسي رهيو هوس. جڏهن هن انهن کي سجائڻ بند ڪيو ۽ سمهي پيو ۽ اهي اندر آيا مون انهن کي واپس موٽائي ڇڏيو ۽ پنهنجي منهن کي پنهنجي هٿن سان ڍڪي سمهي پيس. اتي ڪافي گرمي هئي ۽ جڏهن مان سجاڳ ٿيس منهنجي ڄنگهن ۾ خارش ٿي رهي هئي. مون پٽيوالي کي اٿاريو ۽ هن منهنجي پٽين تي منرل واٽر هاريو. ان سان بسترو گهميل ۽ ٿڌو ٿي ويو. اسان منجهان جيڪي جاڳي رهيا هئا انهن وارڊ جي آرپار ڳالهايو پئي. صبح جو پهر ڪافي خاموش هو. صبح جو اهي واري واري سان هر هڪ بستر تي آيا، ٽي مرد نرسون ۽ هڪڙو ڊاڪٽر انهن اسان کي بستري کان ٻاهر ڪيو ۽ مرهم پٽي واري ڪمري ڏانهن کڻي ويا ته جيئن انهي دوران اسان جا بسترا سڌا ڪيا وڃن. جڏهن اسان جي زخمن تي مرهم لڳي رهيو هجي.

مرهم پٽين وارو سفر ناخوشگوار هو ۽ مون بعد تائين اهو نه پئي ڄاتو ته مريض جي بستر تي هوندي به انهن کي ٺيڪ ڪري سگهجي ٿو. منهنجي پٽيوالي پاڻي هارڻ پورو ڪيو هو ۽ بسترو ڪافي ٿڌو ۽ دلڪش محسوس ٿي رهيو هو مان هن کي ٻڌائي رهيو هوس ته هن کي منهنجي پير جي پنيان خارش واري ڪهڙي هنڌ تي کنهڻ گهرجي جڏهن هڪڙو ڊاڪٽر پاڻ سان گڏ رنالڊي کي وٺي آيو. هو ڪافي تکڙو اندر گهڙي آيو ۽ بستر جي مٿان جهڪي پيو ۽ مون کي ڀاڪرڙي پاتائين. مون ڏٺو هن هٿن تي جوراباپهري رکيا هئا. "ٻچڙا، ڪيئن آهين؟ تون ڪيئن پيو محسوس ڪرين؟ مان تنهنجي لاءِ هي آندو آهي ــــ" اها ڪوگنيڪ جي بوتل هئي. پٽيوالو هڪڙي ڪرسي کڻي آيو ۽ هو (رنالڊي) ان تي ويهي رهيو "۽ سٺي خبر. توکي سجايو ويندو. اهي توکي ميڊالگيا ڊِي ارجينٽينو ڏيڻ چاهن ٿا پر شايد اهو ڪنجهي جو هوندو." "ڇالاءِ؟" "ڇاڪاڻ جو تون ڪافي گهايل آهين. اهي چئي رهيا آهن ته جيڪڏهن تون ثابت ڪري سگهين ٿو ته توکو بهادري وارو ڪم ڪيو ته تون چانديءَ جو ميڊل حاصل ڪري سگهين ٿو. نه ته اهو صرف ڪنجهي جو هوندو. "تون مون کي ٻڌاءِ ته حقيقت ۾ ڇا ٿيو هو؟ ڇا تو ڪو بهادري جو ڪارنامو سر انجام ڏنو؟" "نه،"مون چيو. "مان ان مهل ڌماڪي جو شڪار ٿي ويس جڏهن مان پنير کائي رهيو هوس." "سنجيده ٿي. تو لازمي طور تي اڳ ۾ يا ان کان پوءِ ڪو نه ڪو بهادري جو ڪارنامو سر انجام ڏنو هوندو." چڱيءَ طرح ياد رک. مون ڪو به ڪانامو سرانجام نه ڏنو آهي. "ڇا تو ڪنهن ماڻهوءَ کي پنهنجي پٺيءَ تي به ڪو نه کنيو؟ گورڊيني چوي پيو ته تو پنهنجي پٺيءَ تي ڪيترن ئي ماڻهن کي کنيو پر پهرين چونڪيءَ تي موجود طبعي ميجر ان کي ناممڪن قرار ڏئي ٿو. هن کي اعزاز جي تجويز تي صحيح ڪرڻي آهي." "مون ڪنهن

بہ ماڻهوءَ کي کو نہ کنيو. مان تہ هلڻ کان هلاک هوس.“ ”ان سان کو بہ فرق کو نہ ٿو پوي،“ رنالڊي چيو. هن پنهنجي هٿن جا جورابا لاهي ڇڏيا. ”مان سمجهان ٿو تہ اسان توکي چانديءَ جو ميڊل ڏيارائي سگهون ٿا. ڇا تو ٻين کان پهرين طبعي مدد کان انڪار کو نہ ڪيو هو؟“ ”ايتري پڪ سان نہ.“ ”ان سان کو بہ فرق کو نہ ٿو پوي. ڏس تون ڪيترو نہ گهايل آهين. تون پنهنجي ان دليراڻي چال چلت ڏانهن ڏس جو تون هميشہ پهرين صف ڏانهن وڃڻ جو چوندو آهين. انهي کان علاوه، آپريشن بہ ڪامياب رهيو. ڇا انهن درياه پار ڪيو، ٺيڪ آ نہ؟ “ ”نهايت.“ ”انهن هڪ هزار سپاهين کي باندي بڻايو آهي. اهو خبرن جي سرخين ۾ اچي ٿو. ڇا تو ان کي نہ ڏٺو آهي.“ ”نہ.“ ”مان تو لاءِ کڻي ايندس. اهو حيرت ۾ وجهندڙ هڪڙو ڪامياب حملو آهي.“ ”هر شيءِ ڪيئن پئي هلي؟“ ”شاندار. اسان سڀ شاندار آهيون. هر کو ماڻهو تو تي فخر ڪري رهيو آهي. تون مون کي ٻڌاءِ تہ اهو حقيقت ۾ ڪيئن ٿي گذريو. مان مثبت آهيان توکي چاندِيءَ جو تمغو ملندو. جاري رک مون کي ٻڌاءِ. مون کي ان جي باري ۾ سڀ ڪجه ٻڌاءِ.“ هو رڪجي ويو ۽ سوچڻ لڳو. ”ٿي سگهي ٿو تہ توکي هڪڙو انگريزي تمغو پڻ ملي. اتي هڪڙو انگريز بہ هو. مان هن ڏانهن ويندس اهو ڏسڻ لاءِ جيڪڏهن هو تنهنجي لاءِ سفارش ڪري. هو هر شيءَ ڪرڻ جي قابل هئڻ گهرجي. ڇا تو ڪافي سَنو؟ هڪڙو پيالو پيئندين. چپراسي، وڃ ڊڪڻ کولڻ جو هڪڙو اوزار کڻي اچ.“ ”او تون لازماً ڏس تہ مون ننڍڙي آنڊي جا ڇه ميٽر ڪيڏرائڻ دوران ڇا ڪيو ۽ هاڻي اهو پهريان کان بهتر آهي. اهو لينسٽ Lancet جي لاءِ آهي تون مون کي هڪڙو ترجمو ڪري ڏيندين ۽ مان اهو لينسٽ ڏانهن ڏياري موڪليندس. مان روزانو بهتر ٿي رهيو آهيان. پيارا صغير ٻچڙا، تون ڪيئن پيو پائيئين. اهو ڪمبخت ڊڪڻو کولڻ جو اوزار ڪٿي آهي؟ تون ڪافي بهادر ۽ خاموش آهين مون وساري ڇڏيو تہ تون تڪليف ۾ آهين“. هن بستر جي ڪناري تي پنهنجا جورابا ڦهڪايا. ”هي وٺو ڊڪڻو کولڻ وارو اوزار، سگنور تينينٽ،“ چپراسي چيو. ”بوتل کي کول. هڪڙو گلاس کڻي اچ. ٻچا، انهي کي پي. تنهنجو مٿو ڪيئن آهي؟ مون تنهجن ڪاغذن تي نظر ڦيرائي هئي. تنهنجو کو بہ هڏ ٽٽو ناهي پهرين چونڪي وارو ميجر هڪڙو سوئر ڪاسائي آهي. مان توکي پاڻ سان وٺي ويندس ۽ ڪڏهن بہ توکي ڪا تڪليف نہ ڏيندس. مون ڪڏهن بہ ڪنهن انسان کي ڪا تڪليف نہ ڏني آهي. مون سکي ورتو آهي تہ اهو ڪيئن ڪجي. هر ڏينهن مان شين کي سڌي ۽ بهتر نموني ڪرڻ جي سکيا حاصل ڪندو آهيان. ٻچا، مون طرفان گهڻو ڳالهائڻ جي لاءِ تون مون کي معاف ڪري ڇڏجانءِ. توکي بريءَ طرح گهايل ڏسي ڪري منهجي دل پرجي آئي آهي. اتي، انهي کي پيءُ. اهو ڪافي سٺو آهي. اهو پندرنهن لايرن جو خريد ڪيل آهي. اهو لازماً سٺو هئڻ گهرجي. پنجن ستارن وارو. جڏهن مان هتان کان روانو ٿي ويندس مان ان انگريز شخص ڏانهن ملڻ ويندس ۽ هو توکي هڪڙو انگريزي تمغو وٺرائي ڏيندو.“ ”اهي اهڙي نموني سان نہ ڏيندا آهن.“ ”تون ڪافي خاڪسار آهين. مان معاون آفيسر کي موڪليندس. هو انگريز کي سڌو ڪندو.“ ”ڇا تون مس بارڪلي سان مليو آهين؟“ ”مان هن کي هتي وٺي ايندس. مان هاڻي وڃان ٿو ۽ ان کي وٺي ٿو اچان. “تون نہ وڃ،“ مون چيو. ”مون کي گوريزيا جي باري ۾ ڪجه ٻڌاءِ. ڇوڪريون ڪيئن آهن؟“ ”اتي ڪا بہ ڇوڪري کونهي. هاڻي ٽن

هفتن کان انهن انهن کي نہ مَتايو آهي. مان هاڻي اوڏانهن نہ ويندو آهيان. اها بيهودگي آهي. اهي ڇوڪريون نہ آهن، اهي جنگ جون پوڙهيون ساٿياڻيون آهن." "تون اوڏانهن صفا نہ ويندو آهين؟" "مان تہ بلڪل ويندس اهو ڏسڻ جي لاءِ تہ ڪا نئين شيءِ آئي آهي يا نہ؟ مان اتان گذرندي بيهندو آهيان. اهي سڀ تنهنجي باري ۾ پڇنديون آهن. اها بيهودگي آهي جو اهي لازماً ايترو وقت ٽڪي پون جو اهي اسان جون دوست بڻجي وڃن." "ٿي سگهي ٿو تہ ڇوڪريون وڏيڪ لاءِ محاذ ڏانهن اچڻ نہ چاهينديون هجن." "يقيناً اهي نہ ٿيون اچڻ چاهن. انهن وٽ ڇوڪرين جا ڍير آهن. انتظاميہ جو ڪو چاڙهو ڪونهي. اهي انهن کي پوبان ته خاني ۾ لڪلن جي مزي لاءِ رکيون وينا آهن." "غريب رنالدي،" مون چيو. "نين ڇوڪرين کان سواءِ جنگ ۾ صفا تنها آهيان." رنالدي پنهنجي لاءِ ڪوگنيڪ جو هڪڙو ٻيو گلاس اوتيو. "ٻچا، مان نہ ٿو سمجهان تہ ان سان تنهجي دل ڏکاري ٿيندي. تون ان کي پيءُ."

مون ڪوگنيڪ پيتو ۽ ان کي اندر تائين گرم محسوس ڪيم. رنالدي هڪڙو ٻيو گلاس اوتيو. هو هاڻي خاموش هو. هن گلاس کي مٿي ڪنيو. "تنهنجي دليراڻن زخمن جي نالي. چانديءَ جي تمغي جي نالي. ٻچا، مون کي ٻڌاءِ تہ جڏهن تون سارو وقت گرم موسم ۾ هتي پيو هوندو آهين تڏهن ڇا تون پاڻ کي بي قابو محسوس نہ ڪندو آهين؟" "ڪڏهن ڪڏهن." "مان اهڙي طرح پيو هجڻ جو تصور بہ نہ ٿو ڪري سگهان. مان پاڳل ٿي ويندس." "تون پاڳل آهين." "ڪاش تون واپس وري اچ. رات جو جوکن پريا ڪم ڪرڻ کان پوءِ ڪو بہ نہ ٿو اچي. ڪو ناهي جنهن سان ڪل پوڳ ڪجي. ڪو ناهي جيڪو مون کي پيسا اڌارا ڏئي. ڪو رت جي رشتي جهڙو عزيز ياءُ ڪونهي ڪو هڪڙي ڪمري ۾ گڏ رهڻ وارو ساٿي ڪونهي. تون ڇو گهائجي پئين؟" "تون پادريءَ سان ڪل پوڳ ڪري سگهين ٿو." "اهو پادري، ان سان مان ڪٿي مذاق ڪندو آهيان. ان سان تہ ڪپتان مذاق ڪندو آهي. مان هن کي پسند ڪندو آهيان. جيڪڏهن لازماً توهان وٽ ڪو هڪڙو پادري هئڻ گهرجي تہ اهو هن جهڙو ئي هئڻ گهرجي. هو توکي ڏسڻ لاءِ اچي رهيو آهي. هو وڏيون تياريون ڪندو آهي." "مان هن کي پسند ڪندو آهيان." "او، مون اهو ڄاتو پئي. ڪڏهن ڪڏهن مان سوچيندو آهيان تہ تون ۽ هُو ڪِي قدر هڪجهڙا ئي آهيو. توکي خبر آهي." "نہ، توکي ناهي." "ها، ڪڏهن ڪڏهن مون کي هوندي آهي. ڪجھ هن طرح جيئن بريگاٽا اينڪونا (Brigata Ancona) جي پهرين ريجمينٽ جو نمبر هوندو آهي." "او، جهنم ۾ پئو." هو اٿي بيٺو ۽ پنهنجا جوراب پهريائين. "توکي تنگ ڪرڻ ۾ مونکي ڪافي مزو ايندو آهي، ٻچا. تو واري پادري ۽ تو واري انگريز ڇوڪريءَ سميت تون اندريان بلڪل مون جهڙو آهين." "نہ، مان ناهيان." "ها، اسان آهيون. تون حقيقت ۾ هڪڙو اطالوي آهين. سموري باه ۽ دونهي جي هوندي سوندي بہ اندريان ڪوڪلو آهين. تون آمريڪي هئڻ جو فقط ڍونگ رچائيندو آهين. اسان ڀائر آهيون ۽ اسان هڪٻئي کي چاهيون ٿا." "جڏهن مان هليو وڃان تہ تون نيڪ ٿي وڃ،" مون چيو. "مان مس بارڪلي کي تو ڏانهن موڪليندس. مون کان سواءِ، تون هن سان بهتر هوندو آهين. تون خالص ترين ۽ مٺي کان مٺو آهين." "او جهنم ۾ پئو." "مان هن کي تو ڏانهن موڪليندس. تنهنجي پياري نماڻي ديوي، انگريزي ديوي. منهنجا خدا! اهڙي قسم جي هڪڙي

عورت سان هڪڙو ماڻهو سواءِ ان کي پوڄڻ جي ٻيو ڇا ڪري سگهندو؟“ ”هڪڙي انگريز عورت ٻي کهڙي پلائي جي ڪم اچي سگهي ٿي؟“ ”تون گندين نظرن وارو هڪڙو ناسمجھ پرديسي اطالوي آهين.“ ”ڇا ڇيئي؟“ ”هڪڙي ابوجه اطالوي خاندان مان.“ ”ابوجه اطالوي خاندان مان. تون هڪڙي سرد مُهر صورت وارو...ابوجه اطالوي خاندان مان آهين.“ ”تون ناسمجھ آهين. نادان.“ مون ڏنو اهو لفظ هن کي مشڪل لڳي رهيو هو ۽ هو چوندو رهيو. ”بي خبر. اناڙي، تجربي کان بيوقوف.“ ”واقعي؟ مان توکي توهان جي ڪجھ سٺين عورتن جي باري ۾ ٻڌايان ٿو. توهان جون ديويون. هڪڙي ڇوڪري جيڪا هميشہ ڪان سٺي رهي آهي ۽ هڪڙي عورت جي درميان فقط هڪڙو ئي فرق آهي. هڪڙي ڇوڪري سان اهو دردناڪ آهي. اهو سڀ ڪجھ مان ڄاڻان ٿو.“ هن پنهنجي جورابي سان بستر کي ٺڪي هنئي. ”۽ تون ڪڏهن بہ نہ ڄاڻيندين تہ واقعي ۾ ڇوڪري ان کي پسند ڪندي.“ ”ڪاوڙ نہ ڪجانءِ.“ ”مان ڪاوڙ نہ ٿو ڪيان.“ ”مان ٻچڙا، توکي فقط تنهنجي پلائيءَ جي لاءِ چئي رهيو آهيان. توکي ڏکيائي کان بچائڻ لاءِ.“ ”فقط اهو ئي فرق آهي؟“ ”ها. پر تو جهڙا لکين نادان ان کان اڻ واقف آهن.“ ”تون مون کي پيارو آهين تنهن ڪري توکي چوان پيو.“ ”ٻچا، اسان جهيڙو ڪو نہ ڪنداسين. مان تو سان بي پناه پيار ڪيان ٿو. پر تون ڇريو نہ ٿي.“ ”نہ. مان تو جيان سياڻو سيبتو ٿيندس.“ ”ٻچا ڪاوڙ نہ ڪر. ڪِلُ. هڪڙو پيالو پيءُ. مون کي واقعي ۾ وڃڻ کپي.“ ”تون هڪڙو سٺو پوڙهو ڇوڪرو آهين. مون کي چمي پاءِ. خدا حافظ“

”تون گندو آهين.“ ”نہ. مان وڏيڪ ملڻسار آهيان. مون هن جي ساه کي پنهنجي نزديڪ ايندي ڏٺو. ”خدا حافظ. مان وري توکي ڏسڻ لاءِ سڀاڻ ايندس.“ هن جو ساه مون کان جدا ٿي ويو. ”جيڪڏهن تون چاهيندين تہ مان توکي چمي نہ پائيندس. مان تنهنجي انگريزي ڇوڪريءَ کي موڪليندس. ٻچا، الوداع. ڪوگنيڪ بستري جي هيٺان رکيل آهي. جلدي ۾ چاق چڱو ٿي وڃ.“ هو هليو ويو.

11

اهو سومهڻيءَ جو وقت هو جڏهن پادري آيو. انهن (اسپتال وارن) پاڻ سان گڏ سُوپ آندو هو ۽ بعد ۾ پيالا پاڻ سان کڻي ويا ۽ مان آهليو پيو هوس ۽ بسترن جي قطارن ڏانهن ڏسي رهيو هوس ۽ کڙڪيءَ کان ٻاهر وڻن جي چوٽين ڏانهن نهاري رهيو هوس جيڪي شام جي ٿڌڙي هوا جي جهوٽن ۾ ڏيمي ڏيمي لڏي رهيون هيون. ٿڌڙي هوا دريءَ مان اندر اچي رهي هئي ۽ اها شام سان گڏ فرحت بخشيندڙ هئي. هاڻي مکيون ڇت سان هيون ۽ اهي بجليءَ سان روشن بلبن جي تارن تي لٽڪيل هيون. روشني فقط ان وقت ٻاري ويندي هئي جڏهن ڪنهن کي رات جي وقت اندر آندو ويندو هو يا جڏهن ڪا شيءِ سرانجام ڏني ويندي هئي. سومهڻي کان پوءِ اونداه جي ڇانئجي وڃڻ واري عمل سان مان پاڻ کي جوان محسوس ڪرڻ لڳندو هوس. اهو ايئن لڳندو هو ڄڻ رات جي ماني سويرو کائڻ کان پوءِ بستر ۾ رکيو ويو هجي. پٽيوالو بسترن منجهان هيٺ آيو ۽ رڪجي ويو. ڪو هن سان گڏ هو. اهو پادري هو. هو اتي بيهي رهيو پوري صورت وارو ۽ شرمنده.

"توهان ڪيئن آهيو؟" هن پڇيو. هن ڪجه پيڪيٽ بستر جي پرسان هيٺ فرش تي رکيا. "مان بلڪل نيڪ آهيان, فادر." هو ان ڪرسيءَ تي ويهي رهيو جيڪا رنالڊيءَ جي لاءِ آندي وئي هئي ۽ شرمساري وچان دريءَ کان ٻاهر نهاري رهيو هو. مون ڏيان ۾ آندو تہ هن جو چهرو ڪافي ٿڪل لڳي رهيو هو. "مان فقط هڪڙو منٽ ترسي سگهان ٿو" هن چيو. "ڪافي دير ٿي وئي آهي." "دير ڪٿي ٿي وئي آهي. ميس ڪيئن آهي؟" هن مسڪرايو "اجا تائين منهنجو ڪافي مذاق اڏايو ويندو آهي," هن جي آواز مان پڻ هو ٿڪل لڳي رهيو هو. "خدا جو شڪر آهي جو اهي سڀ صحيح سلامت آهن." "مون کي ڪافي خوشي آهي تہ تون بلڪل نيڪ آهين," هن چيو. "مان اميد ٿو ڪيان تہ تون تڪليف کان ٻاهر نڪري ايندين." هو ڪافي ٿڪل لڳي رهيو هو ۽ هن کي ٿڪل ڏسي مون کي سٺو نہ پئي لڳو. "هاڻي وڏيڪ تڪليف ڪونهي." "مان توکي ميس ۾ ڪافي ياد ڪندو آهيان." "ڪاش مان اتي هجان ها. مون هميشہ تنهنجي ڳالهائڻ مان مزو پئي ورتو." "مون تنهنجي لاءِ ڪجه ننڍڙيون شيون آنديون آهن," هن چيو. هن پيڪيج کي کنيو. "هي مڇرن جو ڄارو آهي. هي خوشبودار ٻوٽين سان معطر شراب جي هڪڙي بوتل آهي. ڇا توکي خوشبودار ٻوٽين سان معطر شراب پسند آهي؟ هي انگريزي اخبارون آهن." "مهرباني ڪري انهن کي کوليو." هو خوش هو ۽ هن انهن کي کولي ڇڏيو.

مون مڇرن جو ڄارو هٿن ۾ جهليو. خوشبودار ٻوٽين سان معطر شراب جي بوتل کي هن مون کي ڏيکارڻ جي لاءِ مٿي کيو ۽ پوءِ ان کي بستر جي پرسان فرش تي رکي ڇڏيو. مون شين جي انبار مان هڪڙي انگريزي اخبار کنئي. مان ان جي سرخين کي اهڙي نموني پڙهي پئي سگهيس جو دريءَ مان ايندڙ اڏيڪي روشني ان تي پئجي رهي هئي. اها - نيوز آف دي ورلڊ - اخبار هئي "ٻين ۾ تصويري خاڪا آهن," هن چيو. "انهن کي پڙهڻ ۾ وڏي مسرت ايندي. تو اهي ڪٿان آنديون آهن؟" "مون انهن لاءِ پروفيسر کي روانو ڪيو هو. مان اجا وڏيڪ آڻيندس." "فادر, تنهنجو اچڻ سٺو رهيو. ڇا تون

خوشبودار شراب پيئندين؟“ ”تنهنجي مهرباني. تون اهو پاڻ وٽ رکي ڇڏ. اهو تو لاءِ آهي.“ ”نه، هڪڙو پيالو ئي ڪڻي پيئو.“ ”چڱو ٺيڪ آ. ته پوءِ مان تو لاءِ اچا سوايو آڻيندس.“
پٽيوالو پيالا کڻي آيو ۽ شراب جي بوتل کولي ڇڏيائين. هن ان جو ڍڪڻ پيچي ڇڏيو ۽ ان جي پڇاڙيءَ کي بوتل جي اندر ڏکو ڏيڻو هو. مان ڏسي پئي سگهيس ته پادري ڪافي نراس هو پر هن چيو ”اهو سڀ ڪجه ٺيڪ آهي. ڪو مسئلو ناهي. ”فادر هي تنهنجي صحت جي نانءِ آهي.“ ”تنهنجي بهتر صحت جي نانءِ“ بعد ۾ هن گلاس کي پنهنجي هٿ ۾ جهلي رکيو ۽ اسان هڪٻئي ڏانهن نهاريوسين. اسان هڪٻئي سان ڳالهائيندا هئاسين ۽ سٺا دوست هوندا هئاسين پر اڄوڪي رات اهو ڪافي مشڪل هو. ”فادر چا ڳاله آهي؟ تون ڪافي ٿڪل ٿو لڳين. ”مان ٿڪل آهيان پر مون کي ٿڪجڻ جو ڪو به حق نه ٿو پهچي. ”اهو گرميءَ جي ڪري آهي.“ ”نه. اها فقط بهار آهي. مان ڪافي اداسي محسوس ڪيان ٿو. تون جنگ کان بيزار آهين.“ ”نه. پر مان جنگ کان نفرت ٿو ڪيان.“ ”مان ان مان مزو نه وٺي رهيو آهيان،“ مون چيو. هن پنهنجو ڪنڌ ڌوڻيو ۽ دريءَ کان ٻاهر ڏٺائين. ”توکي ان تي ڪو اعتراض ڪونهي. تون ان کي نه ڏسي رهيو آهين. تون لازماً مون کي معاف ڪري ڇڏ. مان ڄاڻان ٿو ته تون گهايل آهين. “ ”اهو هڪڙو اتفاق آهي.“ ”هاڻي به گهايل هئڻ جي باوجود به تون ان کي نه ٿو ڏسين. مان ٻڌائي سگهان ٿو. مان پاڻ ان کي ڏسي نه ٿو سگهان پر مان ان کي ڪي قدر محسوس ڪيان ٿو.“ ”جڏهن مان زخمي ٿي پيو هوس اسان ان جي باري ۾ ڳالهائي رهيا هئاسين. پاسني ان جي باري ۾ ڳالهائي رهيو هو.“ ”پادري گلاس هيٺ رکي ڇڏيو. هو ڪنهن ٻي شيءَ جي باري ۾ سوچي رهيو هو. ”مان انهن کي سڃاڻان ٿو ڇاڪاڻ جو مان به انهن جهڙو آهيان،“ هن چيو. ”البت تون مختلف آهين.“ ”پر واقعي مان هنن جهڙو آهيان.“ ”آفيسرن کي ڪا به شيءِ نظر ڪا نه ٿي اچي.“ ”انهن منجهان ڪجه کي ئي نظر اچي ٿو. ڪي ڪافي نازڪ آهن اسان منجهان ڪنهن کان به وڌيڪ برو محسوس ڪن ٿا.“ ”اهي گهڻي قدر مختلف نه آهن.“ ”اها ڪا تعليم يا پئسو ناهي. جيڪڏهن انهن وٽ پئسو يا تعليم هجي به ها ته به پاسنيءَ جهڙا ماڻهو آفيسر ٿيڻ جي خواهش نه رکن ها. مان هڪڙو آفيسر نه هجان ها.“ ”تنهنجي رينڪ هڪڙي آفيسر جي آهي. مان هڪڙو آفيسر آهيان.“ ”مان حقيقت ۾ نه آهيان. ايتريقدر جو تون هڪڙو اطالوي به ناهين. تون هڪڙو غيرملڪي آهين. پر تون جيترو عوام جي قريب آهين ان کان وڌيڪ آفيسرن کي ويجهو آهين.“ ”فرق ڪهڙو آهي؟“ ”مان آسانيءَ سان چئي نه ٿو سگهان. اتي ماڻهو آهن جيڪي جنگ ڪندا. هن ملڪ ۾ انهن جهڙا ڪوڙ آهن. اتي ٻيا ماڻهو آهن جيڪي جنگ نه ڪندا.“ ”پر پهريان وارا انهن کي ايئين ڪرڻ لاءِ آماده ڪن ٿا. ”ها.“ ”۽ مان انهن جي مدد ڪيان ٿو.“ ”تون هڪڙو غيرملڪي آهين. تون هڪڙو ديش ڀڳت آهين.“ ”۽ اهي جيڪي جنگ ڪرڻ نه چاهيندا. ڇا اهي ان کي روڪي سگهن ٿا؟“ مان نه ٿو ڄاڻان.“ هن هڪ دفعو ٻيهر کڙڪيءَ جي ٻاهريان ڏٺو. مون هن جي چهري کي ڏٺو. ”ڇا اهي ڪڏهن به ان کي روڪڻ جي قابل بڻيا آهن؟“ ”اهي شين کي روڪڻ لاءِ متحد نه آهن ۽ جڏهن اهي متحد ٿين ٿا انهن جا اڳواڻ انهن کي نيلام ٿا ڪري ڇڏين.“ ”اها ته پوءِ نراسائي آهي؟“ ”اها ڪڏهن به نراسائي ناهي. پر ڪڏهن ڪڏهن مان اميد نه ٿو ڪري سگهان. مان

سدائين اميد ڪرڻ جي ڪوشش ڪيان ٿو پر ڪڏهن ڪڏهن مون کان نہ ٿو پڄي. “ ”ٿي سگهي ٿو تہ جنگ ختم ٿي وڃي. “ ”مان اميد ڪيان ٿو.“ ”انهي کان پوءِ تون ڇا ڪندين؟“ ”جي اهو ممڪن آهي تہ پوءِ مان ابروزيءَ ڏانهن واپس موٽي ويندس.“ هن جو پورو چهرو اچانڪ خوشيءَ مان ٻهڪي پيو. ”تون ابروزيءَ کي پسند ڪرين ٿو؟“ ”ها، مان ان سان بيحد پيار ڪيان ٿو.“ ”تہ پوءِ توکي اوڏانهن وڃڻ گهرجي. “ ”مان پڻ ڏاڍو خوش ٿيندس. جيڪڏهن مان اتي رهي سگهان ۽ خدا سان پيار ڪيان ۽ ان جا فرض نڀايان. “ ”۽ معزز بڻجي وڃين,“ مون چيو. “ها ۽ معزز بڻجي وڃان. ڇو نہ؟ ڪو سبب نہ بہ بڻجي پر توهان جي عزت ٿيڻ گهرجي.“ ”اهو ڪو مسئلو ناهي. پر اتي منهنجي وطن ۾ اهو سمجهيو ويندو آهي تہ هڪڙو انسان خدا سان پيار ڪري سگهي ٿو. اهو ڪو گندو چرچو ناهي.“ ”مان سمجهان ٿو.“ هن مون ڏانهن نهاريو ۽ مسڪرائي ڏنو. ”تون سمجهين ٿو پر تون خدا سان پيار نہ ٿو ڪرين.“ ”نہ.“ ”ڇا تون هن سان صفا پيار نہ ٿو ڪرين؟“ ”نہ مان ايترو پيار ڪو نہ ٿو ڪيان.“ ”ها،“ هن چيو. ”تون واقعي نہ ٿو ڪرين. تون جيڪو راتين ۾ مون کي ٻڌائيندو آهين. اهو پيار ناهي. اها فقط حَوَس ۽ جذبات آهي. جڏهن توهان پيار ڪيو ٿا تہ توهان ان لاءِ شيون ڪرڻ جي خواهش رکو ٿا. توهان ان لاءِ قرباني ڏيڻ جي خواهش رکو ٿا. توهان ان جي فرضن کي نڀائڻ جي خواهش رکو ٿا.“ ”مان پيار نہ ٿو ڪيان.“ ”تون ڪندين. مان ڄاڻان ٿو تون ڪندين. تڏهن تون خوش رهندين.“ ”مان خوش آهيان. مان هميشہ خوش رهيو آهيان.“ ”اها ٻي شيءِ آهي. تون ان بابت ڪجھ بہ ڄاڻي نہ ٿو سگهين جيستائين تون ان کي حاصل نہ ٿو ڪرين.“ ”ڇگُو“ مون چيو. ”جڏهن بہ مون ان کي حاصل ڪيو مان توکي ٻڌائيندس.“ ”مان گهڻو رڪجي ويو آهيان ۽ گهڻو ڳالهائي رهيو آهيان.“ هو واقعي ان لاءِ پريشان هو تہ هن ڪافي گهڻو پئي ڳالهايو. ”نہ. نہ وڃ. عورت سان پيار ڪرڻ بابت ڇا خيال آهي؟ جيڪڏهن مان سچ ۾ ڪنهن عورت سان پيار ڪيان تہ ڇا اهو بہ ائين ئي هوندو؟“ ”مان ان جي باري ۾ نہ ٿو ڄاڻان. مون ڪڏهن بہ ڪنهن عورت سان پيار نہ ڪيو آهي.“ ”تنهنجي ماءُ جي باري ۾ ڇا خيال آهي؟“ ”ها، مون لازماً پنهنجي ماءُ سان پيار ڪيو هوندو.“ ”ڇا تون شروع کان خدا سان محبت ٿو ڪرين؟“ ”جڏهن کان مان هڪڙو ننڍڙو ڇوڪرو هوندو هوس.“ ”ڇگُو“ مون چيو. ”مان نہ ٿو ڄاڻان تہ ڇا چوڻ گهرجي.“ ”تون هڪڙو عمدو ڇوڪرو آهين,“ مون چيو. ”مان هڪڙو ڇوڪرو آهيان,“ هن چيو. ”پر تون مون کي فادر چئو.“ ”اها شائستگي آهي.“ هن مسڪرايو. ”واقعي، مون کي لازماً هلڻ گهرجي,“ هن چيو. ”نہ. صرف ڳالهائيندو رهہ.“ ”مان تنهنجا سلام ميس ۾ پهچائيندس.“ ”ڪيپٽن عمدن تحفن لاءِ مهرباني.“ ”ڪا ڳاله ناهي.“ ”مون سان وري ملڻ لاءِ اچجانءِ.“ ”ها. الوداع،“ هن منهنجي هٿ تي ٿڦڪي هنئي. ”ايترو طويل,“ مون هن کي لهجي ۾ چيو. سِي آئو "Ciaou“ (الوداع ـ اطالوي ٻاشا ـ مترجم) هن دهرايو.

ڪمري ۾ اونداه ڇانيل هئي ۽ پٽيوالو جيڪو بستري جي پيرانديءَ کان وينو هو اٿي بيٺو ۽ هن سان ٻاهر گڏجي ويو. مان هن کي ڪافي پسند ڪندو هوس ۽ مون اميد ڪئي تہ هو ڪنهن وقت ابروزيءَ ڏانهن واپس موٽي ويندو. هو ميس ۾ فرسوده جيون گهاري رهيو هو پر هن ان کي درگذر پئي ڪيو ۽ مون ويچاريو تہ هو پنهنجي وطن ۾ ڪيئن هوندو. هن مون کي ٻڌايو هو تہ ڪيپاراڪوٽا

(Capracotta) ۾، قصبي جي هيٺان نهر ۾ سينگاريون مڇيون هيون. اتي رات جي وقت ۾ بانسري وڄائڻ کان منع ٿيل هئي. ڇو مون هن کان معلوم ڪيو هو. چاڪاڻ جو اهو ڇوڪرين جي لاءِ صحيح نہ هو تہ اهي رات جي وڳڙي ۾ بانسري جو آواز ٻڌن. سمورا هاري توهان کي ”ڊان“ (Don) (سائين) چوندا ۽ جڏهن توهان انهن سان ملندئو تہ اهي پنهنجون ٽوپيون لاهي ڇڏيندا. هن جو ابو روزانو شڪار ڪندو هو ۽ هارين جي گهرن وٽان ڪاٺ بند ڪري ڇڏيندو هو. انهن جي هميشہ تعظيم ڪئي ويندي هئي. جيڪڏهن ڪو پرڏيهي شڪار ڪرڻ چاهي ٿو تہ هو لازمي طور تي هڪڙي سَنَد ڏيکاري تہ هو ڪڏهن بہ گرفتار نہ ڪيو ويو هو. اتي گِران ساسو ڊِي' اِٽاليا (Gran Sasso D'Italia) تي رڇ هئا پر اهو ڪافي ڊگهو رستو هو. ايڪئيلا (Aquila) هڪڙو عمدو شهر هو. اهو سانوڻ جي مند ۾ رات جي وقت ٿڌو هوندو هو ۽ بهار ابروزي ۾ ساري اٽليءَ ۾ سڀ کان وڌيڪ خوبصورت هوندو هو. پر جيڪو وڌيڪ دلڪش هو اهو هو خزان جي موسم ۾ شاه بلوط جي ٻيلي ۾ شڪار لاءِ اُسهڻ. سمورا پکي ڪافي سٺا هئا چاڪاڻ جو اهي انگور کائيندا هئا ۽ توهان کي ڪڏهن بہ هڪڙو بہ مانجهاندو ڪرڻ جي ڪا بہ ضرورت ڪا نہ هئي چاڪاڻ جو هميشہ هارين ان کي پنهنجو اعزاز پئي سمجهيو جيڪڏهن توهان انهن جي گهرن ۾ انهن سان گڏجي کائو. ٿوريءَ دير کان پوءِ مان سمهي پيس.

12

ڪمرو ڪافي ڊگهو هو جنهن جي ساڄي پاسي کان ڪڙڪيون هيون ۽ ڪافي پرانهين پڇاڙيءَ وٽ هڪڙو دروازو هو جيڪو مرهم پٽي واري ڪمري ڏانهن پئي ويو. منهنجي بستر سان لڳ بسترن جي اندريان واري قطار جو مُنهن درين ۽ ٻي قطار ڏانهن هو. درين جي هيٺان ديوار جو رخ هو. جيڪڏهن توهان پنهنجي کاٻي پاسي تي آهلجي پئو ته توهان مرهم پٽي واري ڪمري کي ڏسي پئي سگهيئو. دور واري پڇاڙي کان هڪڙو ٻيو دروازو هو جنهن ۾ ڪنهن ڪنهن مهل ماڻهو داخل ٿي رهيا هئا. جيڪڏهن ڪو مرڻ وارو هوندو هو ته اهي بستر جي چوگرد هڪڙو پردو ڏئي ڇڏيندا هئا ته جيئن ڪو ان کي مرندو نه ڏسي سگهي، پرپردي جي هيٺان فقط ڊاڪٽرن ۽ مرد نرسن جا جوتا ۽ انهن جي پنين تي پهريل جورابا نظر ايندا هئا ۽ ڪڏهن ڪڏهن آخر ۾ اتي سرگوشيون ٻڌڻ ۾ ايندڀون هيون. تهان پوءِ پردي جي پٺيان پادري ايندو هو جنهن جي بعد مرد نرسون پردي جي پويان ويندا هئا ٻيهر اچي ان مري ويل ماڻهوءَ کي هڪڙي چادر ڍڪي بسترن جي درميان واري گذرگاه کان کڻڻ لاءِ ۽ ڪو پردي کي ويڙهي ڇڏيندو هو ۽ اهي ان کي اتان کڻي ويندا هئا.

ان ڏينهن صبح جو وارڊ جي انچارج ميجر مون کان معلوم ڪيو ته ڇا مان ٻئي ڏينهن سفر لاءِ اسهڻ جو ست ساريان ٿو يا نه. مون چيو ها. هن چيو ته پوءِ اهي مون کي صبح جو ساجهر هتان منتقل ڪندا. هن چيو ته هاڻي سفر ڪرڻ بهتر رهندو ان کان اڳ جو ڏينهن ڪافي تپي وڃي.

جڏهن اهي ڪنهن کي بستر کان ٻاهر مرهم پٽي واري ڪمري ڏانهن کڻي ويندا هئا اهو دريءَ کان ٻاهر ڏسي سگهندو هو ۽ باغيچي ۾ نين قبرن کي پڻ. هڪڙو سپاهي دروازي جي ٻاهريان ويٺل هوندو هو جيڪو باغيچي وٽان کُلندو هو. هو جيڪي ماڻهو باغيچي ۾ دفنايا ويا هئا انهن جي قبرن لاءِ صليبون جوڙيندو هو ۽ انهن تي انهن جا نالا، رينڪ ۽ ريجمينٽ اُڪاريندو هو. هو وارڊ جون خدمتون پڻ سرانجام ڏيندو هو ۽ هن مون کي آسٽريائي رائفل جي هڪڙي خالي ڪارتوس مان سگريٽ دکائڻ لاءِ هڪڙو لائيٽر پڻ ٺاهي ڏنو هو. ڊاڪٽر ڪافي ڀلا هئا ۽ اهي ڪافي اهل هئا. اهي مون کي ملان (Milan) ڏانهن منتقل ڪرڻ جي لاءِ ڪافي فڪرمند هئا اتي ايڪس - ري جون بهترين سهولتون ميسر هيون ۽ جتي، آپريشن ڪانپوءِ مان ميڪينو ٿيراپي (mechano-therapy) ڪرائي پئي سگهيس. (ميڪينو ٿيراپي mechano-therapy - ڪسرت لاءِ ڪارگر اصطلاح آهي جيڪو بحالي لاءِ تجويز ڪيو ويندو آهي ڇاڪاڻ جو تنتن جي درستگي جو عمل ميڪانوٽرانسڊڪشن (mechanotransduction) جي جسماني عمل سان متحرڪ ڪيو ويندو آهي - مترجم - وڪيپيڊيا) مون پڻ مِلان ڏانهن وڃڻ پئي چاهيو. انهن اسان سڀني کي جيترو جلدي ٿي پئي سگهيو واپس موٽائڻ پئي گهريو ڇاڪاڻ جو سمورا بسترا ڪنهن به وقت شروع ٿي سگهندڙ جارحيت جي ڪري گهربل هئا.

هڪڙي رات پهريان جڏهن مان ميدانِ جنگ جي اسپتال کي ڇڏي آيو هوس اسان جي ميس کان

رنالڊي ميجر سان گڏ مون کي ڏسڻ آيو. انهن چيو ته مان ملان ۾ تازو اڏيل هڪڙي آمريڪي اسپتال ڏانهن ويندس. ڪجه آمريڪي ايمبولنسن جا يونٽ موڪليا ويا هئا ۽ هيءَ اسپتال انهن جي ۽ اٽليءَ ۾ موجود ڪنهن به پيشيور فوجي جي سار سنڀار لهندي. ريڊ ڪراس ۾ اتي ڪيترائي آمريڪي هئا. آمريڪا جرمنيءَ جي خلاف اعلانِ جنگ ڪيو هو پر آسٽريا جي خلاف نه. اطالوين کي يقين هو ته آمريڪا آسٽريا جي خلاف پڻ اعلانِ جنگ ڪندو ۽ اهي ڪنهن به آمريڪي جي آمد تي سرهائي محسوس ڪري رهيا هئا. تان جو ريڊ ڪراس ۾ پڻ. انهن مون کان معلوم ڪيو ته ڇا مان سمجهان ٿو ته صدر ولسن آسٽريا جي خلاف اعلانِ جنگ ڪندو ۽ مون هنن کي ٻڌايو ته اهو فقط چند ڏينهن جو معاملو هو. مون اهو نه پئي ڄاتو ته اسان آسٽريا جي خلاف ڇو پئي ٿي سگهياسين پر اهو منطقي لڳي رهيو هو ته جيڪڏهن انهن جرمني جي خلاف اعلانِ جنگ ڪيو ته پوءِ اهي آسٽريا جي خلاف به لازماً اعلانِ جنگ ڪندا. انهن مون کان پڇيو ته ڇا اسان ترڪيءَ جي خلاف اعلانِ جنگ ڪنداسين. مون انهن کي چيو ته اهو شڪ ۾ آهي. ترڪي، مون چيو، اسان جو قومي پکي هو پر اهو لطيفو ڪافي خراب طريقي سان ورتو ويو ۽ اهي ايترو منجهي پيا ۽ مشڪوڪ بڻجي ويا جو انهن سمجهيو ته منهنجي چوڻ جو مقصد هو اسان يقيناً ترڪيءَ جي خلاف اعلانِ جنگ ڪنداسين. ۽ بلغاريه تي؟ اسان برانڊيءَ جا ڪافي گلاس پي رکيا هئاسين مون چيو ها خدا جو قسم بلغاريه تي پڻ ۽ جاپان تي به. پر، انهن چيو جاپان ته انگلستان جو اتحادي آهي. توهان حرامي انگريزن تي اعتبار نه ٿا ڪري سگهو. جاپانين کي هوائِي (Hawaii) گهرجي، مون چيو. هوائي ڪٿي آهي؟ دنيا جي سڀ کان وڏي سمنڊ بحرالڪاهل (Pacific Ocean) ۾ آهي. جاپانين کي اها ڇاڪاڻ کپي؟ اهي حقيقت ۾ ان کي نه ٿا چاهن. اهي سڀ مڙيئي ڳالهيون آهن. اهي جاپاني ڪافي سٺا ننڍي قد وارا ماڻهو آهن جيڪي هلڪن شرابن ۽ ناچ گاني جا شوقين آهن. فرانسيسن جيان، ميجر چيو. اسان فرانس کان سيوويا (Savoia) جو علائقو ونڊداسين. اسان ڪارسيڪا (Corsica) ايڊرياٽڪ (Adriatic coast-line) جي سموري ساموندي پٽي ونڊداسين، رنالڊي چيو. (ايڊرياٽڪ ڪوسٽ لائن - Adriatic coast-line - مغربي سلووانيا ۽ مونٽي نيگرو ۽ مشرقي البانيا ۽ اٽليءَ جي درميان بحيره روم جي هڪڙي ٻانهن - مترجم) مون چيو اهو گرم آهي ۽ خون چوسيندڙ ڪيڙن / پسوئن سان ڀريو پيو آهي. ڇا توکي روم پسند نه آهي؟ ها، مان روم کي پسند ڪيان ٿو. روم قومن جي امڙ آهي. مان رومولوس سڪلنگ دي ٽبر کي ڪڏهن به وساري نه ٿو سگهان. ڇا؟ ڪجه به نه. اچو ته روم هلون. (رومولوس Romulus به جاڙا ڀائر روم جي بنياد بابت ڏند ڪٿائي مکيه ڪردار- مترجم).

اچو ته اجوڪي رات روم ڏانهن هلون ۽ اتان ڪڏهن واپس نه اچون. روم هڪڙو حسين شهر آهي، ميجر چيو. قومن جو ابو ۽ امڙ، مون چيو. روما مونث آهي، رنالڊي چيو. اهو ابو نه ٿو ٿي سگهي. ته پوءِ ابو ڪير آهي، روح القدس؟ ننڊا نه ڪر. مان ننڊيان نه ٿو مان ڄاڻ خاطر پڇان ٿو. ٻچا، تون پيٽل آهين. مون کي ڪنهن پيئاريو؟ مون توکي پيئڻ تي مجبور ڪيو ميجر چيو. مون توکي پيئڻ تي ان جي لاءِ مجبور ڪيو ڇاڪاڻ جو مان توسان پيار ڪيان ٿو ۽ ڇاڪاڻ جو آمريڪا جنگ جي حالت

۾ آهي. مڪمل طور تي، مون چيو. ٻچا، تون صبح جو هليو وڃ، رنالڊي چيو. روم ڏي، مون چيو. نه، ملان ڏي. ملان ڏي، ميجر چيو. ڪرسٽل پيليس ڏانهن، ڪووا ڏانهن، ڪيمپاري ڏانهن، ٻفِي ڏانهن، گيليريا ڏانهن. تون خوشقسمت ڇوڪرا. گِران اِٽاليا ڏانهن، مون چيو. جتان مان جارج کان اڌارا پئسا وٺندس. اسڪالا ڏانهن، رنالڊي چيو. تون اسڪالا ڏانهن ويندين. هر رات، مون چيو. تون هر رات ان کي پوري سگهڻ جي قابل نه ٿي سگهندين، ميجر چيو. ٽڪيٽون ڪافي مهانگيون آهن. مان پنهنجي ڏاڏي جي نالي تي هڪڙو سائيٽ ڊرافٽ (sight draft) ڪيرائيندس. (sight draft: متاستا جي هڪڙي بل جي قسم وانگي هوندو آهي، جنهن ۾ برآمدڪاري موڪليل شين جو دستاويزي انتقال رکي ٿو جيستائين درآمدڪاري انهن کي حاصل ڪري ۽ انهن جي ادائگي ڪري. سائِيٽ ڊرافٽ بين الاقوامي واپار ۾ سامان جي سرمايه ڪاري جي ڏي وٺ جي لاءِ هوائي ۽ سامونڊي ٻنهي ڪيپن جي ذريعن سان ڪتب آندو ويندو آهي - مترجم) ڇا چيئي؟ هڪڙو سائيٽ ڊرافٽ. هن کي ادائگي ڪرڻي پوندي يا وري مان جيل ۾ وڃو ويندس. بينڪ ۾ مسٽر ڪننگهام ايئين ڪندو آهي. مان سائيٽ ڊرافٽن تي گذارو ڪندو آهيان. ڇا ڪو ڏاڏو پنهنجي هڪڙي ديش ڀڳت پوٽي کي جيل ۾ وجهرائي سگهي ٿو جيڪو اٽلي جي بقا لاءِ مري رهيو آهي؟ آمريڪي ٻلُوزي (American Garibaldi) عورتن جيان گذار، رنالڊي چيو. (گيرِيبالڊي جنهن کي عربيءَ ۾ ٻلُوزي چيو ٿو وڃي. بي ڪشش ۽ ناپسنديده عورت جنهن سان ڪو حيران ڪن ۽ تواني نموني سان صحبت رچائي. مترجم). سائيٽ ڊرافٽن جي باري ۾ زباني آزمائش وٺ، مون چيو. اسان کي لازمي طور تي خاموش ٿيڻ گهرجي، ميجر چيو. اڳ ۾ اسان کي ڪيترائي ڀيرا خاموش ٿيڻ جي لاءِ چيو ويو آهي. ڇا تون واقعي سياٽي وڃين ٿو فيڊريڪو؟ مان توهان کي ٻڌايان ٿو ته هو آمريڪي اسپتال ڏانهن وڃي ٿو. رنالڊي چيو. خوبصورت نرسن ڏانهن. ميدانِ جنگ واري اسپتال جي ڏاڙهي وارين نرسن ڏانهن نه. ها، ها، ميجر چيو، مان ڄاڻان ٿو هو آمريڪي اسپتال ڏي پيو وڃي. مون کي انهن جي ڏاڙهين تي ڪو اعتراض نه آهي، مون چيو. جيڪڏهن ڪو به ماڻهو ڏاڙهي رکرائڻ چاهي ٿو ته ان کي رکڻ ڏيو. سگنور ميگِي اور، توهان ڏاڙهي ڇو نه ٿا رکرايو؟ اها گيس جي هڪڙي نقاب ۾ نه ماپندي. ها اها ماپي ويندي. گيس جي هڪڙي نقاب ۾ ڪا به شيءِ ماپي سگهي ٿي. مان گيس جي هڪڙي نقاب ۾ اُلٽي پڻ ڪري چڪو آهيان. ٻچا، ايڏيون رڙيون نه ڪر، رنالڊي چيو. اسان سڀ ڄاڻون ٿا ته تون محاذ تي رهي چڪو آهين، او سنا ڇوڪرا، جڏهن تون هليو ويندين ته مان ڇا ڪندس؟ اسان کي هلڻ گهرجي، ميجر چيو. هي ڪافي جذباتي ٿي وڃي ٿو. ٻڌ، مون وٽ تنهنجي لاءِ هڪڙي حيرت انگيز ڳاله آهي. تو واري انگريزياڻي. توکي خبر آهي؟ انگريزياڻي جنهن سان تون روزانو رات جو انهن جي اسپتال ڏانهن ملڻ ويندو آهين؟ اها پڻ ملان وڃي رهي آهي. هوءَ هڪڙي ٻي ڄڻيءَ سان گڏ آمريڪي اسپتال ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ وڃي رهي آهي. انهن اڃا تائين آمريڪا کان نرسون نه گهرايون آهن. مون انهن جي مکيه معاون سان اڄ ڳالهايو آهي. انهن وٽ هتي محاذ تي ڪوڙ ساتريون عورتون آهن. اهي ڪجه کي واپس موٽائي رهيا آهن. ٻچا، توکي اهو ڪيئن لڳو؟ بلڪل نيڪ. ها؟ تون هڪڙي وڏي شهر ۾ رهڻ لاءِ روانو ٿي ۽ اتي پنهنجي انگريزياڻي کي پيار جي ڀاڪر ۾ ڀري ويهي ره.

مان گهايل ڇو نہ ٿيس؟ ٿي سگهي ٿو تہ تون ٿي پوين، مون ڇيو. اسان کي هلڻ گهرجي. ميجر ڇيو. اسان پي رهيا آهيون ۽ شور مچائي رهيا آهيون ۽ فيڊريڪو جو سڪون برباد ڪري رهيا آهيون. نہ وڃ. ها، اسان کي هلڻ گهرجي. الوداع. پلا پاڳ هجن. ڪيٽريون ٺي شيون. سِي آئو. سِي آئو. سِي آئو. ٻچا، جلدي موٽي اچجانءِ. رنالڊي مون کي چمي پاتي. تو مان لائيسول (lysol) جي بوءِ ٿي اچي. (lysol: صابڻ ۾ تيل جو ڳار). الوداع، ٻچڙا. الوداع. ڪيٽريون ٺي شيون. ميجر منهنجي ڪلهي تي ٿڦڪي هنئي. اهي پيرن جي پڇن تي هلندي ٻاهر ويا. مون ڏٺو تہ مان شراب جي نشي ۾ صفا ٻڏل هوس پر مان سمهي پيس.

ٻئي ڏينهن صبح جي وقت اسان ملان جي لاءِ روانا ٿياسين ۽ انيتاليهن ڪلاڪن کان پوءِ اتي پهتاسين. اهو ڪافي خراب سفر هو. اسان هڪڙي ڊگهي وقت تائين رستا متائيندا رهياسين ۽ ٻار آيا ۽ جهاتيون پائڻ لڳا. مون ڪوگنيڪ جي بوتل وٺي اچڻ جي لاءِ هڪڙي ننڍڙي ڇوڪري کي هٿ ڪيو پر هو واپس موٽي آيو ۽ هن چيو تہ هو فقط گريپا آڻي سگهي ٿو. مون هن کي چيو تہ اها وٺي اچ ۽ جڏهن هو واپس وري آيو مون هن کي کليا پيسا ڏنا ۽ مون ۽ منهنجي پرسان ويٺل همراه گڏجي شراب پيتوسين ۽ تيسين ننڊ پئجي ويس جڏهن وِسينزا کان گذري رهيا هئاسين اتي مان جاڳي پيس ۽ فرش تي ڪافي بيزار ٿي پيو هوس. ان جو ڪو مسئلو ڪو نہ هو ڇاڪاڻ جو ان پاسي وارو شخص اڳ ۾ ڪيترائي دفعا فرش تي بيزار ٿي چڪو هو. بعد ۾ اچ پڇائي ڪو نہ سگهيس ۽ ويرونا کان ٻاهر احاطي ۾ مون هڪڙي سپاهيءَ کي سڏ ڪيو جيڪو ٽرين جي پرسان هيٺ مٿي گهمي رهيو هو ۽ هن مون کي پاڻي پيئاريو. مون هڪڙي ٻئي ڇوڪري جارگيتي کي اٿاريو جنهن پي رکيو هو ۽ هن کي ڪجه پاڻيءَ جي آڇ ڪيم. هن چيو تہ اهو هن جي ڪلهي تي هاري ڇڏيان ۽ هو ايئن ڇئي سمهي پيو. مون سپاهيءَ کي هڪڙي پائِيءَ جي آڇ ڪئي جنهن کي هن نظرانداز ڪري ڇڏيو ۽ هو منهنجي لاءِ هڪڙي نرم نارنگي وٺي آيو. مون ان کي ڇَسڪا ڏنا ۽ ان جي جوهر کي ٿوڪاري ڇڏيو ۽ ٻاهريان گذرندڙ مال بردار گاڏيءَ تي هيٺ مٿي ٿيندڙ سپاهيءَ کي ڏسڻ لڳس ۽ ڪجه گهڙين کان پوءِ ٽرين هڪڙو جهٽڪو ڏنو ۽ هلڻ لڳي

ڪتاب پيون

13

اسان صبح جو سوير ملان پهتاسين ۽ انهن اسان کي مال بردار گاڏين واري احاطي ۾ لاٿو. هڪڙي ايمبولنس مون کي آمريڪي اسپتال ڏانهن کڻي ويئي. ايمبولنس جي اندر اسٽريچر تي ويٺي سواري ڪندي مون کي سمجهه ۾ نه پئي آيو ته اسان شهر جي ڪهڙي حصي منجهان گذري رهيا هئاسين پر جڏهن انهن اسٽريچر کي هيٺ لاٿو مون کي بازار جو هڪڙو هنڌ نظر آيو ۽ مون کي هڪڙو ڪليل شراب خانو نظر آيو جنهن جي ٻاهران هڪڙي ڇوڪري ٻهارو ڏئي رهي هئي. اهي گهٽيءَ کي پاڻي ڏئي رهيا هئا ۽ صبح جي وقت ۾ اتان بوءِ اچي رهي هئي. انهن اسٽريچر کي هيٺ لاٿو ۽ اهي اندر هليا ويا. حمالي انهن سان گڏ ٻاهر آيو. هن جون سياهي مائل سفيد مڇون هيون، هن کي هڪڙي چوڪيدار جي ٽوپي پاتل هئي ۽ هن کي پورين ٻانهن واري قميض پهريل هئي. اسٽريچر لفٽ ۾ نه پئي وڃي سگهيو ۽ انهن هڪٻئي سان بحث مباحثو ڪيو ته آيا مونکي اسٽريچر تان لاهي لفٽ ۾ مٿي هلڻ بهتر هو يا ان کي مٿي ڏاڪڻين جي وسيلي نيو وڃي. مان انهن کي بحث مباحثو ڪندي ٻڌي رهيو هوس. انهن لفٽ ۾ هلڻ تي اتفاق ڪيو. انهن مون کي اسٽريچر تان لاٿو. ”آرام سان هلجو.“ مون چيو. ”ان کي آرام سان وٺو.“ اسان لفٽ ۾ سٽيل هئاسين ۽ جيئن ئي منهنجون ڄنگهون مڙيون مونکي ڪافي گندو سور ٿيڻ لڳو. ”ڄنگهون سڌيون ڪيو.“ مون چيو. ”سگنور ٽينينٽ، اسان نه ٿا ڪري سگهون. ايتري جاءِ ڪونهي.“ جنهن ماڻهوءَ اهيو چيو ان جي ٻانهن منهنجي چوگرد ورايل هئي ۽ منهنجي ٻانهن پڻ هن جي چوگرد ورايل هئي. هن جو ساهه منهنجي منهن تائين پئي پهتو جنهن مان ڳاڙهي شراب ۽ ٿوم جي سخت بدبو اچي رهي هئي. ”مهذب ٿي.“ هڪڙي ٻئي ماڻهوءَ چيو. ”ڪتيءَ جا پٽ ڪير مهذب ناهي!“ ”مان چوان ٿو ته مهذب ٿي.“ منهنجي پيرن کي پڪڙي رکندڙ همراهه مون کي چيو. مون لفٽ جي دروازي ۽ ان جي گِرل کي بند ٿيندي ڏٺو ۽ حماليءَ پاران چوٿين منزل جي بٽڻ کي دٻائڻ واري عمل ڏانهن نهاريو. حمالي ڪافي پريشان نظر اچي رهيو هو. لفٽ آهستي آهستي مٿي هلي رهي هئي.

”ڳرو ٿو لڳي؟“ مون ٿوم جي ڏپ واري ماڻهوءَ کان پڇيو. ”ڪا ڳالهه ناهي،“ هن چيو. هن جي چهري مان پگهر وهي رهيو هو ۽ هو ڇنگهي رهيو هو. لفٽ آرام سان مٿي هلندي هلندي رڪجي ويئي. پير پڪڙيندڙ همراهه دروازو کوليو ۽ قدم ٻاهر ڪيائين. اسان هڪڙي ڇڄي (بالڪوني) تي هئاسين. اتي پِتل جي مُٺين وارا ڪيترائي دروازا هئا. پير جهليندڙ همراهه هڪڙو بٽڻ دٻايو جنهن سان هڪڙي گهنٽي وڄڻ لڳي. اسان کي اها دروازي جي اندريان ٻڌڻ ۾ پئي آئي. ڪو به نه آيو. تهان پوءِ حمالي ڏاڪڻ تان مٿي چڙهي آيو. ”اهي ڪٿي آهن؟“ اسٽريچر سنڀاليندڙن پڇا ڪئي. ”مان نه ٿو ڄاڻان،“

حمالي چيو. ”اهي ڊاڪٽر جي هيٺان سمهندا آهن.“ ”ڪنهن هڪڙي کي وٺي اچ.“
حمالي گهنٽي وڄائي، جنهن کان پوءِ هن دروازو کڙڪايو. ان کان پوءِ هن دروازو کوليو ۽ ان ۾ اندر گهڙي ويو. جڏهن هو واپس آيو هن سان هڪڙي عمر رسيده عورت ساڻ هئي جنهن کي چشمو پاتل هو. هن جا وار ڍرا هئا ۽ اڌ وٽان ڇڄي رهيا هئا ۽ هن هڪڙي نرس وارو لباس اوڍيل هو. ”مون کي سمجه ۾ نہ ٿو اچي،“ هن چيو. ”مان اطالوي ڀاشا سمجهي نہ ٿي سگهان.“ ”مان انگريزي ڳالهائي سگهان ٿو“ مون چيو. ”اهي مون کي ڪٿي نہ ڪٿي رکڻ چاهن ٿا“. ”ڪو بہ ڪمرو تيار ناهي. اتي ڪو بہ مريض متوقع ناهي. هن پنهنجي وارن جي چوٽي کي مٿي ڪيو ۽ مون کي صفا قريب کان ڏسڻ لڳي. ”انهن کي ڪو بہ ڪمرو ڏيکاريو جتي اهي مون کي رکي سگهن.“ ”مان نہ ٿي ڄاڻان،“ هن چيو. ”اتي ڪو بہ مريض متوقع ناهي. مان توکي ڪنهن بہ ڪمري ۾ بلڪل بہ نہ ٿي رکي سگهان.“ ”ڪو بہ ڪمرو هلي ويندو،“ مون چيو. ان کان پوءِ حماليءَ کي اطالوي ۾، ”هڪڙو خالي ڪمرو ڳولهي لہ.“ ”اهي سڀ خالي آهن،“ حمالي چيو. ”توهان پهريان مريض آهيو.“ هن پنهنجي ٽوپي پنهنجي هٿن ۾ پڪڙي رکي ۽ بزرگ عورت ڏانهن ڏسڻ لڳو. ”منٿڙي حضرت عيسيٰ مسيح جي صدقي مون کي ڪنهن ڪمري ڏانهن وٺي هلو.“ مڙيل ڄنگهن سان درد وڌندو ۽ وڌندو رهيو مان ان کي هڏن مان ايندي ۽ ويندي محسوس ڪري رهيو هوس.
حمالي دروازي جي اندر گهڙي ويو، ان جي پويان سفيد وارن واري عورت هئي، ۽ پوءِ هو ستت ئي واپس وري آيو. ”منهنجي پويان اچو“ هن چيو. اهي مون کي هيٺ هڪڙي ڊگهي دالان ڏانهن هڪڙي اونداهي ڪمري ڏانهن نيئي ويا. اتي نئين سازوسامان (فرنيچر) جي خوشبو اچي رهي هئي. اتي آرسي واري ڪپڙن جي هڪڙي وڏي الماڙي سان گڏ هڪڙو پلنگ هو. انهن مون کي اتي پلنگ تي رکيو.
”مان چادرون نہ ٿي رکي سگهان،“ عورت چيو. ”انهن جي تالا بندي ڪيل آهي.“ مون هن سان نہ ڳالهايو. ”اتي منهنجي کيسي ۾ پيسا پيل آهن،“ مون حماليءَ کي چيو. ”کيسي جي هيٺان واري بٽڻ ۾.“ حمالي پيسا ٻاهر ڪڍيا. ٻہ اسٽريچر سنڀاليندڙ پنهنجون ٽوپيون هٿن ۾ جهلي بستر جي پرسان بيهي رهيا. ”انهن مان هر هڪ کي في ڪس پنج لاير ڏيو ۽ پنج لاير پنهنجي پاران.“ ”منهنجا ڪاغذ ٻئي کيسي ۾ رکيل آهن. تون اهي نرس کي ڏئي سگهين ٿو.“
اسٽريچر سنڀاليندڙن مون کي سلام ڪيو ۽ انهن منهنجو شڪريو ادا ڪيو. ”الوداع،“ مون چيو. ”۽ گهڻيون مهربانيون.“ انهن ٻيهر سلام ڪيو ۽ اهي هليا ويا. ”اهي ڪاغذ،“ مون نرس کي چيو. ”منهنجي ڪيس جي وضاحت ڪن ٿا ۽ ان اعلاج جي جيڪو مون کي اڳ ۾ ڏنو ويو آهي.“ عورت انهن کي کنيو ۽ پنهنجي چشمي وسيلي انهن تي نظر ڦيرائي. اتي ٽي ڪاغذ هئا ۽ اهي بند ڪيل هئا. ”مون کي سمجه ۾ نہ ٿو اچي تہ ڇا ڪرڻ گهرجي،“ هن چيو. مون کي اطالوي پڙهڻ ۾ نہ ٿي اچي. مان ڊاڪٽر جي حڪم جي بنا ڪا بہ شيءَ ڪري نہ ٿي سگهان. هن دانهن ڪئي ۽ ڪاغذ پنهنجي پيش بند (ڇيله جي چوگرد پاتل ڪپڙي) جي کيسي ۾ وجهي ڇڏيو. ”ڇا تون هڪڙو آمريڪي آهين؟“ هن دانهن ڪندي پڇيو. ”ها. مهرباني ڪري ڪاغذ بستر جي پرسان واري ميز تي رکو.“

ڪمري ۾ ڏنڌ ۽ ٺڏڪار هئي. جيئن ئي مان بستر تي ليٽيس مان ڪمري جي ٻئي پاسي کان وڏي آرسيءَ کي ڏسي پئي سگهيس پر مون کي اهيو نظر نہ پئي آيو تہ ان ۾ ڇا جو عڪس ٻٽيل هو. حمالي بستر جي لڳولڳ بيٺل هو. هن جي صورت ڪافي سني هئي ۽ هو ڪافي رحمدل هو. ”تون وڃي سگهين ٿو،“ مون هن کي چيو. ”توهان پڻ وڃي سگهو ٿا،“ مون نرس کي چيو. ”تنهنجو نالو ڇا آهي؟“ ”مسز واڪر.“ ”مسز واڪر توهان وڃي سگهو ٿا. مان سمجهان ٿو تہ مون کي ننڊ اچي رهي آهي.“ مان ڪمري ۾ اڪيلو هوس. اهو ٿڌو هو ۽ ان مان هڪڙي اسپتال جهڙي بدبو ڪو نہ پئي آئي. گدو نوس ۽ آرامده هو ۽ مان بنا ڪنهن چر پر جي ان تي ليٽي پيس، مشڪل سان ساهہ کڻي رهيو هوس، درد ۾ گهٽتائي جي محسوسات جي سبب خوش هوس. ٿوريءَ دير کان پوءِ مون پاڻيءَ جي طلب محسوس ڪئي ۽ مونکي بستر جي پرسان هڪڙي ڏوريءَ تي گهنٽي ڏسڻ ۾ آئي ۽ مون ان کي وڄايو پر ڪو بہ حاضر ڪو نہ ٿيو. مان سمهي پيس.

جڏهن مون سجاڳ ٿيس مون آسپاس نظر ڊوڙائي. پردي مان سج جي روشني داخل ٿي رهي هئي. مون وڏي الماڙي، ننگيون ديوارون ۽ ٻہ ڪرسيون ڏٺيون. بستر ۾ سڌيون ڪيل، گندين پٽين واريون منهنجون ڄنگهون. ان تي ڄمي ويون. مان انهن کي چورڻ پورڻ لاءِ محتاط هوس. مون کي اڃ لڳي هئي ۽ مان گهنٽيءَ تائين پهتس ۽ بٽڻ کي دٻائي ڇڏيم. مون دروازي جي کلڻ جو آواز ٻڌو ۽ اوڏانهن نهاريو ۽ اتي هڪڙي نرس هئي. هوءَ ڪافي جوان ۽ حسين ڏيکارجي رهي هئي. ”صبح جو سلام هجي“. مون چيو. ”توهان کي بہ صبح جو سلام هجي،“ هن چيو ۽ هوءَ بستري ڏانهن سري آئي. ”اسان ڊاڪٽر کي وٺي اچڻ جي قابل نہ ٿي سگهيا آهيون. هو ليڪ ڪومو (Lake Como) ڏانهن ويل آهي. ڪنهن بہ نہ پئي ڄاتو تہ هڪڙو مريض اچڻ وارو آهي. بحرحال توسان ڇا مسئلو آهي؟“ ”مان گهايل آهيان. ڄنگهن ۽ پيرن ۾ ۽ مونکي مٿي ۾ ڏڪ لڳو آهي.“ ”تنهنجو نالو ڇا آهي؟“ ”هينري. فريڊيرڪ هينري.“ ”مان توکي ڌوئي صاف ڪنديس. پر اسان پٽين جي باري ۾ تيستائين ڪجهہ بہ نہ ٿا ڪري سگهون جيستائين ڊاڪٽر نہ ٿو موٽي اچي.“ ”ڇا مس بارڪلي هتي آهي؟“ ”نہ. انهي نالي سان هتي ڪو بہ ڪونهي.“ ”اها عورت ڪير هئي جنهن منهنجي اچڻ کان پهريان دانهن ڪئي؟“ نرس ٽهڪ ڏنو. ”اها مسز واڪر آهي. اها هڪڙي رات جي لاءِ ڊيوٽيءَ تي هئي ۽ اها ننڊ پيل هئي. هن کي ڪنهن جي بہ آمد متوقع ڪو نہ هئي.“ جڏهن اسان ڳالهائي رهيا هئاسين ان وقت هوءَ منهنجا ڪپڙا لاهي رهي هئي، ۽ جڏهن سواءِ پٽين جي هن منهنجا ڪپڙا لاهي ڇڏيا، هن مون کي ڪافي نرمي ۽ سئولائي سان ڌوتو. ڌوئڻ سان مون کي ڪافي سٺو محسوس ٿيو.

منهنجي مٿي تي پٽي لڳل هئي جنهن جي سموري پاسي کان هن اگهي صاف ڪيو. ”تون ڪٿي زخمي ٿئين؟“ ”پلاوا جي اتر ۾اِسونز وٽ.“ ”اهو ڪٿي آهي؟“ ”گوريزيا جي اتر ۾.“ مان ڏسي پئي سگهيس تہ انهن هنڌن مان ڪنهن بہ هنڌ سان هن کي ڪو سروڪار ڪو نہ هو. ”ڇا توکي تمام گهڻو درد آهي؟“ ”نہ. هاڻي ايترو ناهي.“ هن منهنجي وات ۾ ٿرماميٽر وجهي ڇڏيو. ”اطالوي ان کي ٻانهن جي اندر وجهندا آهن،“ مون چيو. ” ڳالهاءِ نہ.“ جڏهن هن ٿرماميٽر کي ٻاهر ڪڍيو هن ان کي پڙهيو ۽ ان کي لوڏو ڏنائين. ”ڪيترو بخار آهي؟“ ”اهو ڄاڻڻ تو لاءِ ضروري نہ آهي.“ ”مون کي ٻڌايو

اهو ڪيترو آهي.“ ”اهو ڪافي ضابطي ۾ آهي.“ ”مون کي ڪڏهن به ڪو بخار نه هوندو آهي. منهنجون ٽنگهون پڻ پراڻي لوهه سان ڀريل آهن.“ ”تنهنجو ڇا مقصد آهي؟“ ”اهي خندقي مارٽر گولن، پراڻن پيچن ۽ بستر جي اسپرنگن ۽ ٻين شين سان ڀريل آهن.“ هُن پنهنجو ڪنڌ لوڏيو ۽ مسڪرائي ڏنو. ”جيڪڏهن توکي تنهنجي ٽنگهن ۾ ڪي خارجي جزا پيل آهن ته اهي انهن ۾ هڪڙي سوزش پيدا ڪندا ۽ توکي بخار ايندو.“ ”ٺيڪ آ،“ مون چيو. ”اسان ڏسئون ٿا ته انهن مان ڇا ٿو اچي.“ ۽ هوءَ ڪمري کان ٻاهر هلي ويئي ۽ صبح جو سوير پوڙهي نرس سان گڏجي آئي. انهن گڏجي منهنجي لاءِ نئون بستر لڳايو. اها منهنجي لاءِ نئين ۽ تعريف جوڳي ڪارروائي هئي. ”هتان جو نگران ڪير آهي؟“ ”مِس وان ڪيمپين.“ ”هتي ڪل ڪيترين نرسون آهن؟“ ”فقط اسان ٻه.“ ”ڇا اتي وڌيڪ نه ايندين.“ ”ڪجه وڌيڪ اچي رهيون آهن.“ ”اهي هتي ڪڏهن پهچنديون؟“ ”مان نه ٿي ڄاڻان. هڪڙي بيمار ڇوڪري جي حيثيت ۾ تون اِلاهي سوال ٿو ڪرين.“ ”مان بيمار نه آهيان،“ مون چيو. ”مان گهايل آهيان.“ انهن بستري کي تيار ڪري ڇڏيو هو ۽ مان پنهنجي هيٺان ۽ مٿان هڪڙي صاف ستري چادر سان ليٽي پيس. مسز واڪر ٻاهر هلي ويئي ۽ واپسيءَ تي هڪڙي پاجامي وارو جيڪيٽ کڻي آئي. هنن اهو مونکي پارائي ڇڏيو ۽ مون پاڻ کي صاف سٿرو اوڙهيل محسوس ڪيو. ”توهان منهنجي لاءِ تمام سٺيون آهيو“ مون چيو. نرس سڏ ڏنو جنهن تي مس گيج احمقن وانگي وات ڦاڙي ٺهڪ ڏنو. ”ڇا مون کي ٿورو پاڻي ملي ويندو.“ مون پڇيو.”يقيناً. ان کان پوءِ تون ناشتو ڪري سگهين ٿو.“ ”مون کي ناشتي جي طلب نه آهي. ڇا مون لاءِ پردا کلي سگهن ٿا.“ ڪمري ۾ روشني ميرانجهڙي هئي ۽ جڏهن پردا کوليا ويا اتي سج جي چٽي روشني اچي ويئي ۽ مون ٻاهر هڪڙي ڇڄي (بالڪوني) ڏانهن نهاريو ۽ ان جي ڀريان گهرن جي ڇتين تي ٽائيلن واريون سرون ۽ چمنيون هيون. مون ٻاهر ٽائيلن جي سرن وارين ڇتين ڏانهن نهاريو ۽ مون سفيد ڪڪر ۽ ڪافي نيرو آسمان ڏٺو.

”ڇا توهان کي اها ڄاڻ نه آهي ته ٻيون نرسون ڪڏهن اچي رهيون آهن؟“ ”ڇو؟“ ” اسان تنهنجي نيڪ نموني سان سار سنڀار نه لهي رهيون آهيون ڇا؟“ ”توهان تمام گهڻيون سٺيون آهيو.“ ”ڇا تون بستر وارو ٿانءُ ڪتب آڻڻ پسند ڪندين؟“ ”مان ڪوشش ڪندس.“ انهن منهنجي مدد ڪندي مونکي مٿي اٿارڻ جي ڪوشش ڪئي پر اها ڪنهن ڪم جي ڪو نه هئي. بعد ۾ مان اتي ئي ليٽي پيس ۽ ٻاهر ڇڄي جي مٿان کليل دروازن ڏانهن ڏسڻ لڳس. ”ڊاڪٽر ڪڏهن ٿو اچي؟“ ”جڏهن هو پاڻ واپس وري. اسان ليڪ ڪومو ڏانهن هن کي ٽيليفون ڪئي آهي.“ ”اتي ڪي ٻيا ڊاڪٽر نه آهن ڇا؟“ ”اسپتال لاءِ اهو ڊاڪٽر آهي.“ مس گيج پاڻيءَ جو هڪڙو جڳ ۽ هڪڙو گلاس کڻي آئي. مون ٽي گلاس پاڻيءَ جا پيتا ۽ پوءِ انهن مونکي ڇڏي ڏنو ۽ مون ڪجه پلن لاءِ دريءَ کان ٻاهر نهاريو ۽ پوءِ واپس سمهي پيس. مون ڪجه مانجهاندو ورتو ۽ منجهند جي منتظم مس وان ڪيمپين، مون کي ڏسڻ آئي. نه هوءَ مونکي پسند ڪندي هئي ۽ نه ئي وري مان هن کي پسند ڪندو هوس. هوءَ ننڍي قد واري صاف طور تي وهمي ۽ پنهنجي حيثيت تي تمام گهڻو گهمنڊ رکندي هئي. هن مون کان ڪيترائي سوال پڇيا ۽ اهو سمجهڻ لڳي ته منهنجو اطالوين سان هئڻ ڪي قدر شرمناڪ هو. ”ڇا

مان مانيءَ سان گڏ شراب واپرائي سگهان ٿو؟“ مون هن کان پڇيو. ”صرف ان وقت جڏهن ڊاڪٽر ان کي تجويز ڪري.“ ”جيستائين هو تجويز نه ٿو ڪري تيستائين مان ائين نه ٿو ڪري سگهان؟“ ”قطعي نه.“ ”توهان آخرڪار هن جي اچڻ جو ارادو رکو ٿا يا نه؟“ ”اسان هن کي ليڪ ڪومو ڏانهن تار ڪئي آهي.“ هوءَ ٻاهر هلي ويئي ۽ مس گيج واپس موٽي آئي.“ ”تون مس ڪيمپبين سان ايتري گستاخيءَ سان ڇو پيش اچي رهيو هئين؟“ جڏهن هن منهنجي لاءِ ڪا شيءِ ڪافي مهارت سان ڪري ورتي ان وقت هن مون کان پڇيو. ”منهنجو اهڙو ڪو به مقصد ڪو نه هو. پر هوءَ مغرور هئي.“ ”هوءَ چئي رهي هئي ته تون جابر ۽ مغرور هئين.“ ”مان ڪو نه هوس. پر هڪڙي ڊاڪٽر کان سواءِ هڪڙي اسپتال جو ڪهڙو تصور جڙي ٿو؟“ ”هو اچي رهيو آهي. هنن هن جي لاءِ ليڪ ڪومو ڏانهن تار موڪلي آهي.“ ”هو اتي ڇا ڪندو آهي؟ ترندو آهي؟“ ”نه. اتي هن جي هڪڙي ڪلينڪ آهي.“ ”اهي پوءِ ڪنهن ٻئي ڊاڪٽر جو انتظام ڇو نه ٿا ڪن؟“ ”هَش ــ هَش. (خاموش ڪرائيندي). هڪڙو سٺو ڇوڪرو ٿي ۽ هو ايندو.“

مون حماليءَ کي آڻڻ لاءِ هڪڙي ماڻهوءَ کي روانو ڪيو ۽ جڏهن هو آيو مون هن کي اطالويءَ ۾ چيو ته مون لاءِ شراب خاني مان سِنزانو (Cinzano) جي هڪڙي بوتل، ۽ شِيانتِي (chianti ــ اطالوي شراب) جي هڪڙي بوتل ۽ شام جون اخبارون وٺي اچ. هو هليو ويو ۽ انهن کي اخبار ۾ ويڙهي کڻي آيو مون ان کي کوليو مون هن کي چيو انهن جا ڍڪڻ کولي ۽ شراب ۽ مهڪ واري شراب کي بستر جي هيٺان رک.

انهن مونکي اڪيلو ڇڏي ڏنو ۽ مان بستر ۾ آهلجي ڪجه گهڙين لاءِ اخبار پڙهڻ ۾ لڳي ويس. اڳيان واريون سرخيون، ۽ مري ويل آفيسرن جي فهرست ۽ انهن کي ادا ڪيل اعزاز ۽ پوءِ هيٺ پهتس ۽ سِزانو جي بوتل کي مٿي ڪيم ۽ ان کي پنهنجي پيٽ جي مٿان رکيم، ۽ ٿڌا گلاس پنهنجي پيٽ جي پويان، ۽ هلڪا هلڪا جام وٺندو رهيس اتي جامن جي درميان بوتل کي پڪڙيندي پنهنجي پيٽ تي گول گول دائرا ٺاهيندو رهيس، ۽ ٻاهر شهر جي ڇتين جي مٿان ڇائنجنڊڙ اونداه کي تڪيندو رهيس. ۽ راتوڪا باز جيڪي ڇتين جي مٿان اڏارون پيري رهيا هئا ۽ سِزانو کي اوتيندو رهيس. مس گيج هڪڙو گلاس آڻي ڏنو جنهن سان انڊي جي ملائي وارو مرڪب به ساڻ هو. جڏهن هوءَ اندر آئي تنهن مهل مون مهڪدار شراب جي بوتل کي بستر جي ٻئي پاسي ڏانهن سوري ڇڏيو.

”مس وان ڪيمپبين ان ۾ ڪجه شيري (sherry ـ هڪڙي قسم جو شراب) ملائي ڇڏيو هو“ هن چيو. ”تون هن سان ايترو اُبهرو نه ٿي. هوءَ ايتري جوان نه آهي ۽ هن جي مٿان هن اسپتال جي هڪڙي وڏي ذميداري عائد ٿيل آهي. مسز واڪر پڻ ڪافي جهوني آهي ۽ اها هن جي لاءِ ڪنهن به ڪم جي ناهي.“ ”هوءَ ڪافي دلڪش عورت آهي،“ مون چيو. ”هن جي تمام گهڻي مهرباني.“ ”مان تو لاءِ فوراً رات جي ماني کڻي ٿي اچان.“ ”اهو سڀ ٺيڪ آهي،“ مون چيو. ”مونکي بک نه لڳي آهي.“

جڏهن هوءَ طشتري کڻي آئي ۽ جڏهن ان کي بستر واري ميز تي رکيائين ان مهل مون هن جو شڪريو ادا ڪيو ۽ رات جي مانيءَ مان ٿورو کاڌو. ان کان پوءِ اتي ٻاهر اونداه ٿي ويئي هئي ۽ مان سرچ لائيٽن جون شعاعون ڏسي پئي سگهيس جيڪي آسمان ڏانهن هلي رهيون هيون. مون کن پل لاءِ نهاريو ۽

پوءِ سمهڻ جي ڪيم. مان مشڪل سان سمهي پئي سگهيس هڪ دفعي مان جاڳي پيس مون کان پگهر ٽمي رهيو هو ۽ مان ڊنل هوس تهان پوءِ مان واپس سمهي پيس ۽ پنهنجي پياڪ سپني کان ٻاهر رهڻ جي ڪوشس ڪرڻ لڳس. مان ڪافي دير سان سج ايرڻ کان اول وري جاڳي پيس ۽ مرغن کي ٻانگون ڏيندي ٻڌم ۽ جيستائين اتي ڏينهن ٿيڻ لڳو تيستائين جاڳندو رهيس. مان ڪافي ٿڪل هوس ۽ هڪ لڳا اتي جيئن ئي روشني ڦٽڻ لڳي مان وري واپس ننڊ ڏانهن هليو ويس.

14

جڏهن مان سجاڳ ٿيس ان مهل سج جي چمڪندڙ روشني اچي رهي هئي. مون سمجهيو ڇڻ مان واپس محاذ تي هجان ۽ مون بستر تي ڪر موڙيا. منهنجي چنگهن ۾ سور پئي اٿيو ۽ مون انهن ڏانهن هيٺ نهاريو اهي اجا تائين گندين پٽين ۾ويڙهيل هيون. ۽ انهن کي ڏسندي ئي ڄاڻي ويس تہ مان ڪٿي هوس. مان مٿي گهنٽيءَ جي ڏوريءَ تائين پهتس ۽ بٽڻ کي دٻائي ڇڏيم. مون ان جي ٻُون ٻُون جي آواز کي دالان تائين ويندي ٻڌو ۽ ان کان پوءِ مون ڪنهن کي هال جي ربڙ وارن ترن تان ايندي ڏٺو. اها مس گيج هئي ۽ هوءَ چمڪندڙ سج جي روشنيءَ ۾ ٿوري پوڙهي لڳي رهي هئي ۽ ايتري سهڻي نہ پئي لڳي. "صبح جو سلام هجي،" هن چيو. "ڇا توهان جي رات سٺي گذري؟" "ها. تنهنجي تمام گهڻي مهرباني،" مون چيو. "ڇا مون کي هڪڙو حجم ملي سگهي ٿو؟" "مان توکي ڏسڻ جي لاءِ اندر آئي هيس پر تون هن سان گڏ بستر ۾ ستل هئين." هن وڏي الماڙيءَ جو دروازو کوليو ۽ خوشبودار شراب جي بوتل کي مٿي ان ۾ رکي ڇڏيو. اها زري گهٽ خالي ٿي ويئي هئي. "مون اتان بستر جي هيٺان هڪڙي بوتل پڻ ڪنئي آهي،" هن چيو. "توهان مونکي هڪڙي گلاس جي آڇ جو ڇو نہ چيو؟" "مون سمجهيو متان تون مونکي اهو پيئڻ نہ ڏئين." "مان توسان گڏجي ٿورو پيئڻ چاهيان ٿو." "تون هڪڙي سٺي ڇوڪري آهين." "اهو اڪيلي سر پيئڻ تنهنجي لاءِ بهتر ناهي ڇا،" هن چيو. "تو کي لازماً ايئين نہ ڪرڻ گهرجي." "نيڪ آ نہ." "تنهنجي دوست مس بارڪلي اچي ويئي آهي،" هن چيو. "واقعي؟" "ها. مان هن کي پسند نہ ٿي ڪيان." "تون هن کي پسند ڪندينءَ. هو بيحد سٺي آهي." هن پنهنجو ڪنڌ لوڏيو. "مون کي يقين آهي تہ هوءَ نيڪ آهي. ڇا تون ان کي ٿورو هن طرف ڏڪو ڏيندين؟ اهو نيڪ آهي. مان توکي ناشتي لاءِ صاف ڪنديس." هن مونکي هڪڙي ڪپڙي ۽ صابڻ ۽ گرم پاڻيءَ سان صاف ڪيو. "پنهنجو ڪلهو مٿي جهلي رک،" هن چيو. "نيڪ آهي." "ڇا ناشتي کان پهريان مونکي حجم ملي ويندو؟" "مان حماليءَ کي ان جي لاءِ موڪليندس." هوءَ ٻاهر وڃي موٽي آئي. "هو ان لاءِ ويو آهي،" هن چيو ۽ ڪپڙي کي پاڻيءَ ۾ آلو ڪري هن ان کي پاڻيءَ جي بيسڻ ۾ رکي ڇڏيو.

حجم حماليءَ سان گڏ آيو. هو لڳ ڀڳ پنجاه سالن جي عمر وارو شخص هو جنهن جو مڇون مٿي وريل هيون. مِس گيج جو ڪم پورو ٿي ويو هو ۽ هوءَ ٻاهر هلي ويئي ۽ حجم منهنجي منهن تي صابڻ جي جهڳ هڻي منهنجي ڏاڙهي ڪوڙڻ لڳو. هو ڪافي سنجيده هو ۽ ڳالهائڻ کان پرهيز پئي ڪيائين. "ڇا مسئلو آهي؟ ڇا توکي ڪا بہ خبر نہ آهي؟" مون پڇيو. "ڪهڙي خبر؟" "ڪا بہ خبر. شهر ۾ ڇا ٿيو آهي؟" "هي جنگ جو دور آهي،" هن چيو. "دشمن هر طرف کان پنهنجا ڪن ڏريو ويٺو آهي." مون ڪنڌ مٿي ڪري هن ڏانهن نهاريو. "مهرباني ڪري پنهنجو ڪنڌ سڌو ڪيو" هن چيو ۽ ڏاڙهي ڪوڙڻ کي لڳي ويو. "مان ڪنهن کي ڪجه بہ نہ ٻڌائيندس." "توسان ڪهڙو مسئلو آهي؟" مون پڇيو. "مان هڪڙو اطالوي آهيان. مان دشمن سان رابطو نہ رکندس." ان تي مون هن کي ڇڏي

ڏنو. جيڪڏهن هو پاڳل آهي تہ مون کي جيترو جلدي ٿي سگهي هن جي پاڪيءَ جي هيٺان بهتر نموني سان گذري وڃڻ گهرجي. هڪ دفعو مون هن ڏانهن سنئيءَ طرح سان نهارڻ جي ڪوشش ڪئي. "خبردار" هن چيو. "پاڪي تکي آهي." مون هن کي قيمت ادا ڪئي ۽ هن کي هڪڙي ليرا جو آڌيو پڻ بخشش (ٽِپ) طور ڏنو. هن سڪا موٽائي ڏنا. "مان نہ وٺندس. مان جنگ جي محاذ تي نہ آهيان. مان هڪڙو اطالوي آهيان" "هتان ٽري وڃ." "توهان جي اجازت سان." هن چيو ۽ هن پنهنجي پاڪين کي اخبار ۾ ويڙهي ڇڏيو. هو ٽامي جا پنج سڪا بستر جي پرسان واري ميز تي رکي هليو ويو. مون گهنٽي وڄائي. مس گيج اندر گهڙي آئي. "مهرباني ڪري توهان حماليءَ کي اندر موڪليندا؟" "نيڪ آ." حمالي اندر گهڙي آيو. هو کلڻ کان پرهيز ڪري رهيو هو. "ڇا اهو حجم پاڳل آهي؟" "نہ، سگنورِينو. هن کان هڪڙي غلطي ٿي وئي. هو چڱي نموني سمجهي ڪو نہ سگهيو ۽ هن سمجهيو تہ مون هن کي چيو تہ توهان هڪڙا آسٽريائي آفيسر آهيو." "او" مون چيو. "هو هو. هو" حمالي ٺهڪ ڏيڻ لڳو. هن چيو توهان پنهنجي پاران رڳو هڪڙو قدم کڻو ها ۽ هو ــــــ" هن پنهنجون آڱريون پنهنجي ڳلي جي آرپار ڏئي ڇڏيون. "هو هو هو" هن کل کي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي. "جڏهن مون هن کي ٻڌايو تہ توهان آسٽريائي نہ هئا. "هو هو هو." "هو هو هو" مون تلخيءَ وچان چيو. "جيڪڏهن هو منهنجو ڳلو ڪپي وجهي ها تہ اهو ڪيڏو نہ عجيب هجي ها. هو هو هو." "نہ، سگنورِينو. نہ، نہ. هو هڪڙي آسٽريائي کان ايترو تہ خوفزده هو. هو هو هو." "هو هو هو" مون چيو. "هتان ٽري وڃ." هو ٻاهر هليو ويو ۽ مون هن کي هال وٽان ٺهڪ ڏيندي ٻڌو. مون ڪنهن کي دالان جي هيٺان ايندي ڏٺو. مون دروازي ڏانهن ڏٺو. اها ڪيٿرائن بارڪلي هئي. هوءَ ڪمري ۾ آئي ۽ بستر جي مٿان ٻيٺي. "هلو جاني،" هن چيو. هوءَ ڪافي تازي تواني جوان ۽ بيحد سهڻي لڳي رهي هئي. مون سوچيو مون ڪڏهن هن جهڙو حسين ڪو نہ ڏٺو هو. "هلو" مون چيو. مون هن کي ڏٺو تہ مونکي هن سان محبت ٿي وئي. منهنجي اندر مان هرشيءِ ڪک پن ٿي وئي. هن دروازي ڏانهن ڏٺو هن ڏٺو اتي ڪو بہ ڪو نہ هو. ان کا پوءِ هوءَ بستر جي پرسان ويهي رهي ۽ مٿان جهڪي مون کي چمي پاتائين. مون هن کي ڇڪي هيٺ ڪيو ۽ هن کي چمڻ لڳس ۽ هن جي دل جي ڌڙڪڻ کي محسوس ڪرڻ لڳس. "تون منڙي،" مون چيو. "ڇا تنهنجو هتي اچڻ ڪافي عمدو ناهي؟" "اهو ايترو مشڪل ڪو نہ هو. هتي رهڻ مشڪل ٿيندو." "توکي رهڻو پوندو،" مون چيو. "او تون تمام سٺي آهين." مان هن جي لاءِ ديوانو هوس. مونکي يقين ئي نہ پئي آيو تہ ڪو هوءَ حقيقت ۾ مون وٽ هئي ۽ مان هن کي پاڻ سان ڀيڪڙيو وينو هوس. "تون لازماً ايئين نہ ڪر،" هن چيو. "تون ايترو چاڪ ناهين." "ها. مان آهيان. سري اچ." "نہ. تون ايترو ڀلوان ناهين." "ها. مان آهيان. ڪرم ڪر." "ڇا تون مون سان پيار ڪرين ٿو؟" "مان سچ پچ توسان پيار ڪيان ٿو. مان تو لاءِ پاڳل آهيان. مهرباني ڪري اچ." "اسان جي دلين جي ڌڙڪ کي محسوس ڪرين ٿو." "مان اسان جي دلين جي ڪا بہ پرواه نہ ٿو ڪيان." "ڇا تون واقعي ۾ مون سان پيار ڪرين ٿو؟" "ايئين چوڻ جاري نہ رک. اچ. قرب ڪر. قرب ڪر." ڪيٿرائين بستر جي پرسان واري ڪرسيءَ تي ويهي رهي. دروازو هال جي پاسي کان کليل هو. وحشت موڪلائي وئي ۽ مون پنهنجو پاڻ کي ايترو اجرو اجرو محسوس ڪيو جو مون شايد ئي

ڪڏهن پهريان محسوس ڪيو هجي. هن پڇيو ”هاڻي تہ توکي يقين اچي ويو نہ تہ مان توسان پيار ڪيان ٿي.“ ”او، تون تمام گهڻي پياري آهين،“ مون چيو. ”توکي رهڻو پوندو. اهي توکي پري نہ ٿا اماڻي سگهن. مان تنهنجي پيار ۾ پاڳل آهيان.“ ”اسان کي بيحد محتاط رهڻو پوندو. اها بلڪل ديوانگي هئي. اسان ايئين نہ ٿا ڪري سگهون. توکي ٻين ماڻهن جي اڳيان محتاط رهڻو پوندو.“ ”مان رهندس.“ ”توکي رهڻو ئي پوندو. تون پيارو آهين. تون مون سان پيار ڪرين ٿو نہ، ها نہ؟“ ”وري ٻيهر ايئين نہ چئجانءِ. تون نہ ٿي ڄاڻين تہ ان سان مون تي ڇا ٿو وهي واپرجي.“ ”تہ پوءِ مان محتاط رهندس. مان توسان وڌيڪ ڇيڙ ڇاڙ ڪو نہ ڪندس.“ ”جاني، واقعي ۾، هاڻي مونکي وڃڻو آهي.“ ”جلدي واپس ورڻ جي ڪجانءِ.“ ”مان تڏهن ورنديس جڏهن مونکان پڇي سگهيو.“ ”الوداع.“ ”الوداع، منڙا.“ هوءَ ٻاهر هلي ويئي. خدا ڄاڻي ٿو مان هن جي پيار ۾ گرفتار ٿيڻ نہ پئي چاهيو. مان ڪنهن جي بہ محبت ۾ گرفتار ٿيڻ نہ پئي چاهيو. پر خدا ڄاڻي ٿو تہ مان هن جي پيار ۾ گرفتار ٿي ويو هوس ۽ مان ملان ۾ اسپتال جي ڪمري تي آهلجي پيس ۽ منهنجي دماغ ۾ هر قسم جون شيون اچڻ ۽ وڃڻ شروع ٿي ويون پر مون پاڻ کي حيرت انگيز محسوس ڪيو ۽ آخرڪار مس گيج اندر گهڙي آئي. ”ڊاڪٽر اچي رهيو آهي،“ هن چيو. ”هن ليڪ ڪومو مان تار موڪلي آهي.“ ”هو هتي ڪڏهن پهچندو؟“ ”هو اڄوڪي منجهند ڌاران هتي پهچي ويندو.“

15

منجهند تائين ڪجھ بہ ڪو نہ ٿيو. ڊاڪٽر هڪڙو ڪافي سنهڙو ۽ ننڍي قد وارو انسان هو جيڪو جنگ جي ڪري ڪافي بيزار نظر اچي رهيو هو. هن ڪافي مهارت ۽ مهذب نموني واري ڪراهت سان منهنجي سٿرن مان فولاد جي ننڍڙين ڇيتين جو ڪافي مقدار ڪڍي ٻاهر ڪيو. هن بيهوشي جي دوا طور علاقائي شيءِ جو استعمال ڪيو جنهن کي "برف" جهڙي ڪنهن شيءِ سان منسوب ڪيو پئي ويو جنهن نسن کي ڄمائي ڇڏيو ۽ زخمن کي ڇڪاسيندڙ اوزار جي ڇڪاس تائين درد کي روڪي رکيو. جراحي وارو چاقو توڙي چمٽو انهي ڄميل حصي جي اندر تائين هليو ويو. بيهوش ڪيل حصو واضح طور تي مريض وسيلي بيان ڪيو ويو ۽ ڪجھ وقت کان پوءِ ڊاڪٽر جي نازڪ مهارت جواب ڏيئي ڇڏيو ۽ هن چيو اهو بهتر رهندو تہ هڪڙو ايڪسري ڪڍيو وڃي. هن چيو اوزار وسيلي ڇڪاس خاطرىَ جوڳي ڪو نہ هئي.

ايڪسرا اوسپيڊيل ميگِي اور (Ospedale Maggiore) وٽ ڪڍيا ويا ۽ جنهن ڊاڪٽر اهو ايڪسري ڪيو اهو قابلِ اشتعال، لائق ۽ مسرور هو. ان جو انتظام ڪجھ هن طرح ڪيو ويو جو منهنجا ڪلها اهڙي نموني مٿي ڪيا ويا جيئن مريض ذاتي طور تي لازماً ڪجھ خارجي جزا ڪِل وسيلي ڏسي سگهي. پليٽون مٿان ڪان موڪلٽِيون هيون. ڊاڪٽر مون کي سندس کيسي واري نوٽ بوڪ ۾ پنهنجو نالو ۽ ريجمينٽ ۽ ڪجھ احساس لکڻ جو عرض ڪيو. هن تسليم ڪيو تہ خارجي جزا بدصورت، غليظ ۽ وحشتناڪ هئا. آسٽريائي ڪتِيءَ جا ڦر هئا. مون ڪيترن کي موت جي حوالي ڪيو هو؟ مون ڪنهن کي ڪو نہ ماريو هو پر مان خواهشمند هوس مهرباني ـــــ ۽ مون چيو تہ مون ڪيترن کي ماريو هو. مس گيج مون سان گڏ هئي ۽ ڊاڪٽر پنهنجي ٻانهن هن جي چوگرد ورائيندي چيو تہ هوءَ قِلوپطرا کان وڌيڪ سهڻي هئي. ڇا هن کي سمجھ ۾ آيو؟ قلوپطرا مصر جي اڳوڻي راڻي. ها، خدا جو قسم هوءَ هئي. اسان ايمبولنس ۾ ننڍڙي اسپتال ڏانهن واپس موٽي آياسين ۽ ٿوريءَ دير کان پوءِ گهڻي وٽ پڪڙ کان پوءِ مان ٻيهر ڏاڪڻين کان مٿي بستر ۾ هوس. انهي ڏينهن منجهند کان پوءِ پليٽون پهچي ويون ڊاڪٽر خدا جو قسم کڻي چيو هو تہ هو انهن کي انهي منجهند ڏاران ڏياري موڪليندو ۽ هن ايئين ڪري ڏيکاريو. ڪيٿرائن بارڪلي مونکي اهي ڏيکاريون. اهي ڳاڙهن لفافن ۾ بند هيون ۽ هن انهن کي لفافن کان ٻاهر ڪڍيو ۽ انهن کي مٿي روشنيءَ ڏانهن جهلي بيٺي ۽ اسان ٻنهي گڏجي انهن کي ڏٺوسين. "اهيا تنهنجي ساڄي ڄنگه آهي،" هن چيو. تهان پوءِ هن پليٽ کي واپس لفافي ۾ رکي ڇڏيو. "هيءَ تنهنجي کاٻي ڄنگه آهي." "انهن کي پاسي تي ڪر،" مون چيو "۽ مٿي بستري تي چڙهي اچ." "مان نہ ٿي اچي سگهان،" هن چيو. "مان اهي توکي ڏيکارڻ لاءِ صرف هڪڙي سيڪنڊ لاءِ اندر ڪٽي آيس." هوءَ ٻاهر هلي ويئي ۽ مان اتي ليٽي پيس. اها ڪوسي منجهند هئي ۽ مان بستر ۾ ليٽي ليٽي بيزار ٿي پيو هوس. مون حماليءَ کي اخبارون آڻڻ لاءِ روانو ڪيو، سموريون اخبارون جيڪي بہ هن کي ملي سگهن. هن جي اچڻ کان

پهريان ٽي ڊاڪٽر ڪمري ۾ اندر گهڙي آيا. مون ڏيان ۾ آندو ته اهي ڊاڪٽر جيڪي دوائن جي مشق ۾ ناڪام ويا هئا انهن ۾ هڪٻئي جي سنگت ۾ رهڻ ۽ مشاورت ۾ هڪٻئي جي سهائتا ڪرڻ جو رجحان هو. هڪڙو ڊاڪٽر جيڪو مناسب طريقي سان توهان جو اپينڊڪس به نه ٿو ڪڍي سگهي اهو توهان کي هڪڙي اهڙي ڊاڪٽر جي تجويز ڏيندو جيڪو ڪاميابيءَ سان توهان جي ڳلي جا غدود ڪڍڻ جي به لائق نه هوندو. اتي اهڙي قسم جا ٽي ڊاڪٽر هئا. "هي جوان شخص آهي،" هائوس جاب واري ڊاڪٽر چيو جنهن جا هٿ نازڪ هئا. "توهان ڪيئن آهيو؟" ڏاڙهيءَ واري قداور نبل ڊاڪٽر چيو. ٽئين ڊاڪٽر، جنهن جي هٿ ۾ ڳاڙهي لفافي ۾ ايڪسري ڪنيل هو ان ڪجه به نه ڪڇيو. "ڪپڙا لاهيونس؟" ڏاڙهيءَ واري ڊاڪٽر چيو. "يقيناً. نرس، مهرباني ڪري، هن جا ڪپڙا هٽايو." هائوس جاب واري ڊاڪٽر مس گيج کي چيو. مون هيٺ ڄنگهن ڏانهن نهاريو. ميدانِ جنگ واري اسپتال ۾ انهن (زخمن) رڳڙي هموار ڪيل گوشت جي ٽڪڙن وارو تازو منظر ڪو نه پئي ڀَسايو. هاڻي اهي خولدار ٿي ويا هئا ۽ گوڏو سُڄي ويو هو ۽ بي رنگ ٿي ويو هو ۽ پِنيون اندر هليون ويون هيون پر انهن ۾ ڪا به پونءِ ڪا نه هئي. "ڪافي صاف، ڪافي صاف،" هائوس جاب واري ڊاڪٽر چيو. "ڪافي صاف ۽ سنو." "آرن،" ڏاڙهي واري ڊاڪٽر چيو. ٽئين ڊاڪٽر هائوس جاب واري ڊاڪٽر جي ڪلهي جي مٿان نهاريو. "مهرباني ڪري گوڏي کي حرڪت ۾ آڻيو،" ڏاڙهيءَ واري ڊاڪٽر چيو. "مان نه ٿو ڪري سگهان." "جوڙن جي چڪاس ورتي ويئي؟" ڏاڙهيءَ واري ڊاڪٽر پڇيو. هن جي ٻانهن تي موجود ٽن ستارن جي پرسان هڪڙي پٽي ڏنل هئي. ان مان مراد هئي ته هو پهريون ڪپتان آهي. "يقيناً،" هائوس جاب واري ڊاڪٽر چيو. انهن منجهان ٻن ڄڻن منهنجي ساڄي ڄنگه کي انتهائي هوشياريءَ سان پڪڙيو ۽ ان کي موڙي ڇڏيو. "ان سان مونکي سور ٿو ٿئي،" مون چيو. "ها. ها. اڃا ٿورو وڌيڪ، ڊاڪٽر." "هاڻي گهڻو ٿيو. اها ان کان وڌيڪ اڳتي وري نه ٿي سگهي،" مون چيو. "جوڙ اڌورو آهي،" پهرين ڪپتان چيو. هو مٿي اڀو ٿي بيٺو. "ڊاڪٽر، توهان جي مهرباني، ڇا مان پليٽن کي ٻيهر ڏسي سگهان ٿو؟" ٽئين ڊاڪٽر هن کي انهن منجهان هڪڙي پليٽ حوالي ڪئي. "نه. مهرباني ڪري، کاٻي ڄنگه واري ڏجو." "ڊاڪٽر، اها کاٻي ڄنگه واري ئي آهي."توهان صحيح آهيو. مان هڪڙي ٻئي زاويي کان ڏسي رهيو هوس." هن پليٽ واپس ڪئي. هن ڪجه وقت لاءِ ٻي پليٽ جو جائزو ورتو. "ڊاڪٽر، توهان کي نظر اچي رهيو آهي؟" هن هڪڙي خارجي جزي ڏانهن نشاندهي ڪئي جيڪو روشنيءَ جي پنيان چٽو ۽ گول گول نظر اچي رهيو هو.

انهن ڪجه وقت جي لاءِ پليٽ جو جائزو ورتو. "مان صرف هڪڙي شيءَ چئي سگهان ٿو" ڏاڙهي واري پهرين ڪپتان چيو. "اهو وقت سان تعلق رکڻ وارو هڪڙو سوال آهي، ٽي مهينا، غالباً ڇه مهينا." "يقيناً زلالِي رطُوبت (synovial fluid) ۾ لازماً سڌارو اچڻ گهرجي." "يقيناً اهو هڪڙي وقت جو سوال آهي. مان هڪڙي گوڏي کي انتهائي لگن سان پروجيڪٽائل (projectile) کي ٿيلهيءَ ۾ بند ڪرڻ کان اڳ ۾ اهڙي نموني کولي نه پئي سگهيس. "ڊاڪٽر، مان توهان سان اتفاق ڪيان ٿو." "ڇه مهينا ڇا لاءِ؟" مون پڇيو. "پروجيڪٽائل (projectile) جي ٿيلهي - بند ٿيڻ (encyst) لاءِ ڇه مهينا لڳندا ان کان اڳ جو گوڏي کي بنا ڪنهن خوف ۽ خطري جي کوليو وڃي."

”مان ان کي نہ ٿو مڃان،“ مون چيو. ”نوجوان ڇا تون پنهنجو گوڏو پاڻ سان رکڻ چاهين ٿو؟“ ”نہ،“ مون چيو. ”ڇا،“ مان ان کي ڪپرائڻ چاهيان ٿو“ مون چيو. ”تہ جيئن مان ان جي مٿان هڪڙو ڪُنڍو ٻڌي سگهان.“ ”تنهنجو ڇا مطلب آهي؟“ ”هڪڙو ڪُنڍو؟“ ”هو مذاق پيو ڪري،“ هائوس جاب (گهراڻي نوڪري) واري ڊاڪٽر چيو. هن وڏي نرميءَ سان منهنجي ڪلهي تي ٿڦڪي هنئي. ”هو پنهنجو گوڏو پاڻ سان گڏ رکڻ چاهي ٿو. هو هڪڙو ڪافي بهادر نوجوان آهي. هن لاءِ بهادري وارو هڪڙو چانديءَ جو تمغو تجويز ڪيو ويو آهي.“ ”منهنجي پاران گهڻيون گهڻيون واڌايون،“ پهرين ڪپتان چيو. هن منهنجي هٿ کي لوڏو ڏنو. ”مان صرف اهو چئي سگهان ٿو تہ حفاظت خاطر توهان گهٽ ۾ گهٽ هڪڙي اهڙي گوڏي جي کولڻ کان اڳ ۾ ڇهن مهينن جو انتظار ڪيو. جيڪڏهن توهان وٽ ڪا ٻي راءِ آهي تہ ان جو آڌر ڀاءُ ڪجي ٿو.“ ”توهان جي تمام گهڻي مهرباني،“ مون چيو. ”مان توهان جي راءِ جو احترام ڪيان ٿو.“ پهرين ڪپتان پنهنجي گهڙيءَ ڏانهن ڏٺو. ”اسان کي هلڻ گهرجي،“ هن چيو. ”منهنجون نيڪ تمنائون توهان سان گڏ آهن.“ ”منهنجون نيڪ تمنائون پڻ توهان سان گڏ هجن ۽ توهان جا لک لائق،“ مون چيو. مون ٽئين ڊاڪٽر سان هٿ ملايا. ”ڪيپيِتانو ويريني تينينٽ اينري،“ ۽ اهي ٽئي ڄڻا ڪمري کان ٻاهر هليا ويا. ”مس گيج،“ مون سڏ ڪيو. هوءَ اندر آئي. ”مهرباني ڪري هائوس جاب واري ڊاڪٽر کي چئجو تہ هو هڪڙي منٽ لاءِ واپس اچي.“ هو پنهنجي ٽوپي هٿ ۾ جهليو اندر آيو ۽ بستر جي پرسان بيهي رهيو. ”ڇا توهان مون سان ملڻ چاهيو ٿا؟“ ”ها. مان ڇهن مهينن تائين جراحي جي عمل مان گذرڻ جو انتظار نہ ٿو ڪري سگهان.“ ”منهنجا رب، ڊاڪٽر ڇا توهان ڪڏهن ڇهن مهينن جي لاءِ بستر ۾ گهاري سگهو ٿا؟“ ”تون هر وقت بستر ۾ نہ هوندين. لازماً پهريان تون زخمن کي سج ۾ سڪڻ ڏي. تهان پوءِ تون بيساکين تي هلي سگهندين.“ ”ڇهن مهينن لاءِ ۽ ان کان پوءِ مان هڪڙي جراحي ڪرائي سگهان ٿو؟“ ”اهو ئي محفوظ طريقيڪار آهي. خارجي جزن کي لازماً ٿيلهي - بند ٿيڻ لاءِ ڇڏڻ گهرجي ۽ زلالي رتوبت ۾ سڌارو اچي ويندو. ان کان پوءِ گوڏي کي کولڻ آسان ٿيندو.“ ”ڇا توهان پنهنجو پاڻ واقعي اهو سمجهو ٿا تہ مونکي ايتري وقت جي لاءِ انتظار ڪرڻو پوندو؟“ ”اهو ئي محفوظ طريقو آهي.“ ”اهو پهريون ڪپتان ڪير آهي؟“ ”هو مِلانَ جو هڪڙو ڪافي عمدو جراح (سرجن) آهي.“ ”هو هڪڙو پهريون ڪپتان آهي. ها نہ؟“ ”ها. پر هو هڪڙو ڪافي عمدو جراح آهي.“ ”مان پنهنجي ٽنگہ هڪڙي پهرين درجي واري ڪپتان هٿان وڃائڻ نہ ٿو چاهيان. جيڪڏهن هو ايترو ڀلو هجي ها تہ هن کي هڪڙو ميجر بڻايو وڃي ها. ڊاڪٽر، مان ڄاڻان ٿو تہ هڪڙو پهرين درجي وارو ڪپتان ڇا هوندو آهي.“ ”هو هڪڙو عمدو جراح آهي ۽ مان بجاءِ ڄاڻ سڃاڻ واري ڪنهن ٻئي ڊاڪٽر جي هن جي فيصلي کي پڌڻ پسند ڪندس.“ ”ڇا ٻيو ڪو جراح ان کي ڏسي سگهي ٿو؟“ ”يقيناً جيڪڏهن تون چاهين تہ. پر مان پاڻ سر ڊاڪٽر ويريلا (Varella) کان راءِ طلب ڪرڻ چاهيندس.“ ”ڇا توهان ڪنهن ٻئي جراح کي چئي سگهو ٿا تہ جيئن اهو اچي ۽ ڏسي وڃي؟“ ”مان ويلنٽِيني کي اچڻ جو چوندس.“ ”هو ڪير آهي؟“ ”هو اوسپيدِيل ميگِي اور جو جراح آهي.“ ”ڏاڍو سٺو. مان ان کي تمام گهڻو واکاڻيان ٿو. ڊاڪٽر، توهان سمجهو ٿا نہ تہ مان ڇهن مهينن جي لاءِ بستر ۾ ٽڪي نہ ٿو سگهان.“ ”تون بستر ۾ نہ

رهندين. تون پهريان هڪڙي سج وارو هڪڙو اعلاج وٺندين. ان کان پوءِ تون هلڪي مشق ڪري سگهندين. پوءِ جڏهن اهو ٺيڪ ٿيلهي ـ بند ٿي ويندو اسان جراحي ڪري سگهنداسين.“ ”پر مان ڇهن مهينن جو اوسيئڙو نه ٿو ڪري سگهان.“ ڊاڪٽر پنهنجون نفيس آڱريون پنهنجي هٿ ۾ جهليل ٽوپيءَ جي چوگرد ڦيرايون ۽ مسڪرائي ڏنائين. ”توکي واپس محاذ تي وڃڻ جي صفا ايتري جلدي آهي ڇا؟“ ”ڇو نه؟“ ”اهو ڪافي خوبصورت آهي،“ هن چيو. ”تون هڪڙو اعليٰ نوجوان آهين.“ ”هو مٿي اٿي بيٺو ۽ مونکي وڏي نرميءَ سان نرڙ تي چمي پاتائين.“ ”مان ويلينيٽي کي تو ڏانهن موڪليندس. ڪو ڳڻتي ڳارو نه ڪر ۽ پنهنجي جذبن کي گرمائي رک. هڪڙو سنو ڇوڪرو ٿي.“ ”ڇا توهان هڪڙو ڇڪو پيئڻ چاهيندا؟“ مون پڇيو. ”نه توهان جي مهرباني. مان ڪڏهن به شراب نه پيئندو آهيان. ”نه. نه توهان جي مهرباني. اهي منهنجي انتظار ۾ بيٺا آهن. ”الوداع.“ ”الوداع،“ مون چيو.

ٻن ڪلاڪن کان پوءِ ڊاڪٽر ويلينيٽي ڪمري ۾ گهڙي آيو. هو ڪافي جلديءَ ۾ هو ۽ هن جي مڇن جون ڇنهبون مٿي اُڀريل هيون. هن جو چهرو اس جي ڪري گهرو ٻڙجي ويو هو ۽ هو هر وقت کلي رهيو هو. ”توهان ههڙي گندي شيءِ جي ور ڪيئن چڙهي ويئو؟“ هن پڇيو. ”مونکي پليٽون ڏسڻ ڏيو. ها. ها. اها ڳاله آهي. تون هڪڙي ٻڪريءَ جيان بلڪل صحتمند آهين. اها حسين ڇوڪري ڪير آهي؟ ڇا هوءَ تنهنجي سُريت آهي؟ مون ايئين سمجهيو. ڇا هي هڪڙي واهيات جنگ ناهي؟ اهو ڪيئن پيو محسوس ٿئي؟ تون هڪڙو سنو ڇوڪرو آهين. مان توکي نئين کان نئون ٺاهيندس. ڇا ان سان سور ٿئي ٿو؟ تون مون سان شرط لڳاءِ ان سان سور ٿيندو. اهي ڊاڪٽر، توکي ايذاءُ ڏيڻ کي ڪيڏو نه پسند ڪن ٿا. انهن هن مهل تائين تولاءِ ڪيو ڇا آهي؟ ڇا اها ڇوڪري اطالوي ڀاشا ڳالهائي نه ٿي سگهي؟ هن کي سکڻ گهرجي. ڪيڏي نه پياري ڇوڪري آهي. مان هن کي پڙهائي سگهان ٿو. مان پاڻ هتي هڪڙو مريض ٻڻجي ايندس. نه، پر مان توهان جو مامتا وارو سمورو ڪم مفت ۾ ڪندس.“ ”ڇا ان کي اهو سڀ ڪجه سمجه ۾ اچي رهيو آهي؟ هوءَ توکي هڪڙو سنو ڇوڪرو ٻڻائيندي. گورو ۽ سونهري رنگت وارو جهڙي هوءَ پاڻ آهي. اهو نيڪ آهي. اهو بلڪل نيڪ آهي. ڇا ته پياري ڇوڪري آهي. هن کان پڇ مٽان هوءَ مون سان رات جي ماني گڏجي کائي. نه مان هن کي توکان پري نه وٺي ويندس. تنهنجي مهرباني، مِس. بس ايترو ئي.“ ”مان بس ايترو ئي ڄاڻڻ چاهيان ٿو.“ هن مونکي ڪلهي تي ٿڦڪي هنئي. ”زخمن جي پٽين کي کولي ڇڏ.“ ”ڊاڪٽر ويلينٽيني، ڇا توهان هڪڙو ڇڪو پيئڻ پسند ڪندا؟“ ”هڪڙو ڇڪو؟“ ”يقيناً. مان ڏه ڇڪا پيئندس. اهي آهن ڪٿي؟“ ”وڏي الماڙيءَ ۾. مس بارڪلي بوتل ڪڍي ايندي.“ ”واه! واه! مِس تو کي واه! واه! ڇا ته هڪڙي پياري ڇوڪري آهي. مان تو لاءِ هن کان به پلي ڪوگنيڪ آڻيندس.“ هن پنهنجون مڇون صاف ڪيون. ”توهان ان جي جراحي بابت ڪڏهن ٿا پانيو؟“ ”سڀاڻي صبح جو. ان کان اڳ نه. تنهنجو پيٽ خالي هئڻ کپي. تون ڌوتل هجين. مان هيٺ جهوني عورت کي ڏسندس ۽ ان جي لاءِ هدايتون جاري ڪندس. الوداع. مان توسان سڀاڻي ملندس. مان تو لاءِ انهي کان به پلي ڪوگنيڪ آڻيندس. تون هتي ڪافي پرسڪون آهين. الوداع. سڀاڻي تائين. سٺي ننڊ ڪجانءِ.

مان توکي سوير پرو ڏسندس.“ هن دروازي جي چائنٽ کان هٿ لوڏيو. هن جون مڇون مٿي هليون ويون، هن جو خاڪ رنگي چهرو مسڪرائڻ لڳو. هن جي ٻانهن تي هڪڙي صندوق ۾ هڪڙو ستارو هو ڇاڪاڻ جو هو هڪڙو ميجر هو.

16

انهي رات جو ڪمري جي اندر هڪڙو چمڙو اڏامي آيو انهي ڪليل دروازي جي وسيلي جيڪو ڇڄي (بالڪوني) ڏانهن ويندو هو ۽ جنهن وچان اسان شهر جي ڇتين جي مٿان وارو رات جو نظارو ڪندا هئاسين. اتي اسان جي ڪمري ۾ اونداهي ڇانيل هئي سواءِ ان ننڍڙي روشنيءَ جي جيڪا رات جي وڳڙي ۾ شهر جي مٿان هئي ۽ چمڙي کي ڪو به ڊپ ڪونه هو پر هو ڪمري ۾ ائين شڪار ڪري رهيو هو ڄڻ ته هو ٻاهر هجي. اسان ليٽيل رهياسين ۽ ان کي تڪيندا رهياسين ۽ مان نه ٿو سمجهان ته ڪو هن اسان کي ڏٺو هجي ڇاڪاڻ جو اسان چپ چاپ ليٽيل هئاسين. هن جي ٻاهر وڃڻ پڄاڻان اسان هڪڙي سرچ لائيٽ کي ايندي ڏٺو ۽ شعاع کي آسمان جي آرپار حرڪت ڪندي ڏٺوسين ۽ ان کان پوءِ اهو غائب ٿي ويو ۽ اتي ٻيهر اونداه ڇائنجي وئي. رات جو تازي هوا گهلي رهي هئي ۽ اسان ٻرسان واري ڇت تي طياره شڪن توپ وارن همراهن کي هڪٻئي سان ڳالهائيندي ٻڌوسين. اتي ڪافي ٿڌڪار هئي ۽ انهن کي پنهنجون ٽوپيون پاتل هيون. مونکي مٿي ڪنهن جي اچڻ جي ڳڻتي ورائي وئي پر ڪيٿرائن چيو ته اهي سڀ ستل هئا. رات جو هڪڙي پيري اسان سمهي پيا هئاسين ۽ جڏهن مان سجاڳ ٿيس هوءَ اتي ڪو نه هئي پر مون هن کي هال جي پرسان ايندي ٻڌو ۽ دروازو کليو ۽ هوءَ بستري ڏانهن واپس وري آئي ۽ چيائين ته اتي سڀ ڪجه ٺيڪ هو هوءَ هيٺ ڏاڪڻين ڏانهن وئي هئي ۽ اهي سڀ ستا پيا هئا. هوءَ ٻاهر مس وان ڪيمپين جي دروازي ڏانهن وئي هئي ۽ هن کي ننڊ ۾ کونگهارا هڻندي ڏٺائين. هوءَ پاڻ سان نمڪين بسڪوٽ ڪٽي آئي ۽ اسان اهي کاڌاسين ۽ ڪجه مهڪدار شراب پيتوسين. اسان ڪافي بکايل هئاسين پر هن چيو ته ان سان سڀ ڪجه گڙ ٻڙ ٿي ويندو ۽ هن کي صبح تائين مون کان جدا رهڻو پوندو. مان صبح جو جڏهن باک ڦٽي چڪي هئي وري ننڊ پئجي ويس ۽ جڏهن مان جاڳي پيس مون ڏٺو ته هوءَ وري ٻيهر هلي وئي هئي. هوءَ واپس موٽي آئي ۽ ڏاڍي تازي تواني ۽ پياري لڳي رهي هئي ۽ هوءَ بستر تي ويهي رهي ۽ سج ايريو جڏهن منهنجي وات ۾ ٿرماميٽر پيل هو اسان کي ڇت تي پيل شبنم جي خوشبو اچي رهي هئي ۽ ان کان پوءِ ٻي ڇت تي بندوق وارن همراهن جي ڪافيءَ جي مهڪ اچي رهي هئي. ”مان هڪڙو چڪر لڳائڻ جي خواهشمند آهيان.“ ڪيٿرائن چيو. ”جيڪڏهن اسان وٽ هڪڙي ڦيٿن واري ڪرسي هجي ها ته مان توکي چڪر هڻايان ها.“ ”مان ڪرسيءَ ۾ ڪيئن گهڙي سگهندس؟“ ”اسان اهو ڪنداسين.“ ”اسان پارڪ ۾ ٻاهر هلي سگهنداسين ۽ ٻاهر ناشتو به ڪري سگهنداسين.“ ”مون ٻاهر کليل ڇائنٽ ڏانهن ڏٺو. ”اسان تحقيق جيڪو ڪجه به ڪنداسين.“ هن چيو. ”اهو آهي توکي تنهنجي دوست ڊاڪٽر ويلينٽِني لاءِ تيار ڪرڻ.“ ”مان سمجهان ٿي ته هو تمام گهڻو عظيم انسان هو.“ ”مان هن کي ايترو پسند ڪو نه ٿو ڪيان جيترو تون ڪرين ٿي. پر مان سمجهان ٿو ته هو ڪافي سنو آهي.“ ”ڪيٿرائن، مهرباني ڪري، بستر جي قريب اچ.“ مون چيو. ”مان نه اينديس. ڇا تون نه ٿو سمجهين ته اسان هڪڙي

حسين رات گذاري ڇڏي سين؟“ ”ءِ ڇا تون اڄ رات رات جي نوڪريءَ تي هجي سگهين ٿي؟“ ”غالباً مان هونديس. پر توکي منهنجي طلب ڪو نہ ٿيندي.“ ”ها، مونکي تون گهرجين.“ ”نہ، توکي ضرورت نہ پوندي. تو ڪڏهن جراحي ڪو نہ ڪرائي آهي. تون نہ ٿو ڄاڻين تہ تون ڪيئن هوندين.“ ”مان بلڪل ٺيڪ هوندس.“ ”تون مرخين هوندين ءِ مان تنهنجي لاءِ ڪا معنيٰ نہ رکي رهي هونديس.“ ”تہ پوءِ هينئر اچ.“ ”نہ،“ هن چيو. ”جاني، مونکي منصوبا بندي ڪرڻي آهي ءِ توکي تيار ڪرڻو آهي.“ ”ڇا تون مون سان واقعي ۾ پيار نہ ٿي ڪرين يا تون واپس وري ايندينءَ. ”تون صفا ٻار آهين؟“ هن مونکي چمي پاتي. ”اهو سڀ ڪجھ منصوبا بندي جي لاءِ ٺيڪ آهي. تنهنجو بخار هميشہ ضابطي ۾ رهي ٿو. توکي اهڙو تہ پيارو بخار آهي جو بس.“ ”تو هر شيءِ کي واڪاڻ جوڳو ٻڌائي ڇڏيو آهي.“ ”او نہ. توکي پيارو بخار آهي. مان تنهنجي بخار تي بيحد ناز ٿي ڪيان.“ ”ٿي سگهي ٿو تہ اسان جي سمورن ٻارن جو بخار مناسب رهي.“ ”اسان جي ٻارن جو بخار حيواني خصلتن وارو هوندو.“ ”تون مونکي ويلينٽيني جي لاءِ تيار ڪرڻ لاءِ ڇا ڪندينءَ؟“ ”ايترو نہ. پر اهو ايترو خوشگوار بہ نہ هوندو.“ ”مان خواهشمند آهيان جيڪر توکي اهو سڀ ڪجھ نہ ڪرڻو پوي.“ ”مان نہ ٿي چاهيان. مان نہ ٿي چاهيان تہ ڪو ٻيو توکي ڇهي. مان پاڳل آهيان. جيڪڏهن اهي توکي ڇهنديون تہ مان غضبناڪ ٿي ويندس.“ ”پلي اها فرگوسن ڇو نہ هجي؟“ ”خاص طور تي فرگوسن ءِ گيج ءِ ٻيون، هن جو نالو ڇا آهي؟“ ”واڪر؟“ ”ها اها. هاڻي انهن وٽ هتي ڪيتريون ئي نرسيون آهن. هتي وڏيڪ مريضن جو هجڻ لازمي آهي نہ تہ اهي اسان کي پري موڪلي ڇڏيندا. هاڻي انهن وٽ چار نرسيون آهن“ ”ٿي سگهي ٿو اتي ڪجھ ٻئي بہ اچن. انهن کي ايتريون ساريون نرسيون گهرجن. اها ڪافي وڏي اسپتال آهي.“ ”مونکي اميد آهي کي قدر ٻيون بہ اينديون. جيڪڏهن اهي مونکي پري موڪلي ڇڏيندا تہ مان ڇا ڪنديس؟ جيڪڏهن گهڻا مريض هوندا تہ ايئين نہ ٿيندو.“ ”مان بہ هليوويندس.“ ”ڇريو نہ ٿي. تون اڃا هلڻ چلڻ جهڙو بہ ناهين. پر جاني جلديءَ ۾ چاق ٿي، ءِ اسان ڪيڏانهن نہ ڪيڏانهن هليا وينداسين.“ ”ءِ پوءِ ڇا ڪنداسين؟“ ”ٿي سگهي تہ جنگ ختم ٿي وڃي. اها سدائين جاري رهي نہ ٿي سگهي.“ ”مان خوش ٿي ويندس،“ مون چيو. ”ويلينٽيني مونکي ٺيڪ ڪندو.“ ”لازماً هو پنهنجي انهن شهپرن سان مونکي ٺيڪ ڪري ءِ، جاني، جڏهن تون اِيٿر(Ether) (آتشگير ءِ جلدي بخارن ۾ بدلجندڙ شيءِ جيڪا گهڻي قدر مخدد ءِ محلل جي طور تي استعمال ٿيندي آهي - مترجم) جي هيناں وچين ان مهل اسان جي بجاءِ ڪنهن ٻي شيءَ جي باري ۾ سوچجانءِ. ڇاڪاڻ جو ماڻهو بيهوشي واري دوا هيٺ ڪافي وقلندا آهن.“ ”مون کي ڇا بابت سوچڻ گهرجي؟“ ”ڪا بہ شيءِ. ڪا بہ شيءِ سواءِ اسان جي. پنهنجي ماڻهن جي باري ۾ سوچجانءِ. يا تان جو ڪنهن ٻي ڇوڪريءَ جي باري ۾.“ ”نہ،“ ”پوءِ پاڻ لاءِ دعائون گهرجانءِ. انهي سان هڪڙو شاندار تاثر پيدا ٿيڻ گهرجي.“ ”متان مان مرڳو ڳالهايان ئي ڪو نہ.“ ”اهو سچ آهي. اڪثر طور تي ماڻهو نہ ڳالهائيندا آهن.“ ”مان نہ ڳالهائيندس.“ ”جاني، ڏيکاءُ نہ ڪجانءِ. مهرباني ڪري، ڏيکاءُ نہ ڪجانءِ. تون ڪافي منڙو آهين ءِ توکي ڏيکاءُ ڪرڻ جي ڪا بہ ضرورت ڪونهي.“ ”مان هڪڙو لفظ بہ نہ ڳالهائيندس.“ ”هاڻي تون ڏيکاءُ ڪري رهيو آهين، جاني. تون سمجهين ٿو نہ تہ توکي ڏيکاءُ نہ ڪرڻو آهي. بس پنهنجون

دعائون شروع ڪر يا شاعري يا ڪجھ ٻيو جڏهن اهي توکي اونهو ساھ کڻڻ جي لاءِ چون. تون اهڙي نموني پيارو لڳندين ۽ مان توتي فخر ڪنديس. بحرحال مان توتي فخر ڪيان ٿي. تنهنجو بخار ڪيڏو نہ سنو آهي ۽ تون وهاڻي کي ڀاڪر ۾ ڀري ننڊڙي ٻار جيان سمهي پوندو آهين ۽ سمجهڻ لڳندو آهين تہ اهو وهاڻو نہ پر مان آهيان. يا ڪا ٻي ڇوڪري سمجهندو آهين؟ ڪا خوبصورت اطالوي ڇوڪري؟" "اها تون آهين." .يقيناً مان ئي تہ آهيان. او مان توسان پيار ڪيان ٿي ۽ ويلينٽيني توکي هڪڙي سني جنگه عطا ڪندو. مان خوش آهيان ڇاڪاڻ جو مونکي ان ڏانهن ڏسڻو ڪو نہ پوندو." "۽ تون رات جو رات جي ڊيوٽيءَ تي هوندينءَ؟" "ها. پر توکي ان جو اُلڪو نہ هوندو." "تون انتظار ڪجانءِ ۽ ڏسجانءِ." "اتي، جاني. هاڻي تون اندريان ٻاهريان اڇو اجرو آهين." "مونکي ٻڌاءِ تہ تو ڪڏهن بہ ڪيترن ڪِن ٻين مردن کي چاهيو آهي؟" "ڪنهن کي بہ ڪو نہ." "مونکي بہ نہ؟" "ها. تون." "سچي پچي ٻيا ڪيترا هئا؟" "ڪو بہ نہ." "ڪيتريون (ڇوڪريون) تنهنجي زندگيءَ ۾ــــ تون ان جو بيان ڪيئن ڪندين؟" "ـــــ ڪيترن سان تو گڏ گذاريو؟" "ڪنهن سان بہ نہ." "تون مون سان ڪُوڙ تو ڪرين." "ها." "اهو سڀ ڪجھ ٺيڪ آهي. ڀلي مون سان ڪوڙ ڳُڻيندو رهہ. مان چاهيان ٿي تہ تون ايئين ئي ڪر. ڇا اهي حسين هيون؟" "مان ڪڏهن بہ ڪنهن وٽ ڪو نہ ترسيو آهيان." "اهو ٺيڪ آهي. ڇا اهي پرڪشش هيون؟" "مان انهن جي باري ۾ ڪجھ بہ نہ ٿو ڄاڻان." "تون صرف منهنجو آهين. اهو ئي سچ آهي ۽ تنهنجو ڪڏهن بہ ڪنهن ٻِي سان ڪو بہ تعلق نہ رهيو آهي. پر جيڪڏهن رهيو بہ آهي تہ مونکي ان جي ڪا بہ پرواه ناهي. پر مونکي انهن جي باري ۾ ڪجھ بہ نہ ٻڌاءِ. جڏهن ڪو مرد ڪنهن ڇوڪريءَ وٽ ٽڪي ٿو اها کهڙي مهل ان جي قيمت بابت پڇندي آهي؟" "مان نہ ٿو ڄاڻان." "يقيناً نہ. ڇا هوءَ ايئين چوندي آهي تہ هوءَ ان سان پيار ڪري ٿي؟ مونکي ان جي باري ۾ ٻڌاءِ. مان ان جي باري ۾ ڄاڻڻ چاهيان ٿي." "ها. جيڪڏهن هو واقعي ۾ هن کي پسند ڪندي تہ." "ڇا هُو پڻ هُن کي چوندو آهي تہ هُو بہ هُن کي چاهي ٿو؟ مهرباني ڪري مونکي ٻڌاءِ. اهو اهم آهي." "هو تڏهن ڪندو جڏهن هو ان کي پسند ڪندو." "پر تو ڪڏهن بہ ايئين ڪو نہ ڪيو؟ سچي؟" "نہ." "سچ پچ نہ. مونکي سچ سڻاءِ؟" "نہ،" مون ڪوڙ ڳالهايو. "تو نہ ڪيو هوندو،" هن چيو. "مونکي پڪ هئي تہ تو ايئين نہ ڪيو هوندو. او، جاني، مان توسان پيار ڪيان ٿي." ٻاهر سج ڇتين جي مٿان هو ۽ مون گرجا گهر جي گُنبذين تي سج جي روشني پوندي ڏٺي. مان اندريان توڻي ٻاهريان اڇو اجرو هوس ۽ طبيب جي اچڻ جو انتظار ڪري رهيو هوس. "هوءَ اهو فقط تنهن وقت چوندي آهي جڏهن هو ان کان اهڙي قسم جي اميد رکندو هجي؟" "هميشہ نہ." "پر مان ڪنديس. جيڪو تون چاهيندين مان اهو ئي چونديس ۽ جيڪو تون چاهيندين مان اهو ئي ڪنديس ۽ پوءِ تون ڪڏهن ڪِن بہ ٻين ڇوڪرين کي نہ چاهيندين، ها نہ؟" هن مون ڏانهن وڏي خوشيءَ وچان نهاريندي چيو. "مان اهو سڀ ڪجھ ڪنديِس جيڪو تون چاهين ٿو ۽ چوندس جيڪو توکي گهرجي ۽ پوءِ مان عظيم ڪاميابي ماڻينديس، ها نہ؟" "ها." "تو لاءِ هاڻي مان ڇا ڪريان جنهن لاءِ تون صفا تيار آهين؟" "وري بستر تي اچ." "ٺيڪ آهي. مان اچان ٿي." "او، جاني، جاني،" مون چيو. "تون ڏسين پيو" هن چيو. "مان ڪا بہ شيءِ ڪري سگهان ٿي جنهن جي

توکي طلب آهي.“ ”تون تمام گهڻو پيارو آهين.“ ”مان ڊڄان ٿي ته مان ان ۾ اجا ايتري پڙ ناهيان.“ ”تون بيحد پيارو آهين.“ ”مان اهو طلبيان ٿي جيڪو تون طلبين ٿو. هاڻي اتي ڪنهن به ”مان“ جي ڪا گنجائش نه رهي آهي. صرف جيڪو تون چاهين. ”تون منڙا.“ ”مان سٺي آهيان. ڇا مان سٺي ناهيان؟ تون ڪن به ٻين ڇوڪرين کي نه چاهيندين، ها نه؟“ ”نه.“ ”تون ڏسين ٿو؟ مان سٺي آهيان. مان اهو ڪجه ڪيان ٿي جيڪو تون چاهين ٿو.“

17

جڏهن مان جراحي کان پوءِ سجاڳ ٿيس مان ڪيڏانهن دور ڪو نه نيو ويو هوس. ان سان ڪنهن کي ڪاڏي وڃڻ جي ضرورت ناهي. اهي توهان کي صرف سُن ڪري رکندا آهن. اهو مري وڃڻ جهڙي عمل جيان نه آهي اهو جسم کي سُن ڪرڻ جو صرف هڪڙو ڪيميائي طريقيڪار آهي جنهن سان توهان جي محسوسات کي ڌڪ پهچندو آهي. ۽ جنهن جي پڄاڻان توهان جڻ ته مدهوش ٿي ويا هجو سواءِ ان جي جو جڏهن توهان پاڻ کي قئو ٿا ڪيو ته زردات (bile) (bile: زردات جيڪو جگر ۾ تيار ٿيندو آهي ۽ پتي ۾ ذخيرو ٿيندو آهي ۽ هاضمي ۾ سهائتا ڪندو آهي ـ مترجم) کان سواءِ ٻيو ڪجھ ڪو نه ٿو اچي ۽ توهان ان کان پوءِ ٺيڪ محسوس نه ڪندا آهيو.

مون بستر جي پڇاڙيءَ ۾ واريءَ سان ڀريل ٿيلهيون ڏٺيون. اهي نالين تي هيون جيڪي ريشيدار مواد مان ٻاهر نڪتيون هيون. ٿوريءَ دير کان پوءِ مون مِس گيج کي ڏٺو ۽ هن چيو ”هاڻي اهو ڪيئن پيو لڳي؟“ ”بهتر،“ مون چيو. “هن تنهنجي گوڏي تي حيرت انگيز ڪم ڪيو. ”انهي کي ڪيترو وقت لڳو؟“ ”اڍائي ڪلاڪ.“ ”ڇا مون ڪا به احمقاڻي ڳاله ڪئي؟“ ”ڪجھ به نه. نه ڳالهاءِ. بس چپ ره.“ مان بيمار هوس ۽ ڪيٿرائن سچ چيو هو. انهي جو ڪو به فرق ڪو نه پيو ته رات جي ڊيوٽيءَ تي ڪير هو. هاڻي اتي اسپتال ۾ ٽي ٻيا مريض به اچي ويا هئا. جارجيا جو هڪڙو سنهڙو ڇوڪرو جيڪو ريڊ ڪراس ۾ هو جنهن کي مليريا هئي، هڪڙو زبردست ڇوڪرو. جيڪو پڻ سنهڙو هو. جيڪو نيويارڪ جو هو ۽ هن کي مليريا ۽ يرقان هو. جنهن هڪڙي يادگار جي لاءِ هڪڙي گولِيدار گولي جي مرڪب جي فَتيلي (فِيوز) جي ڍڪڻي ۽ وڏي ڌماڪيدارگولي جي ڍڪڻ کي ڦيرائي ڍرو ڪرڻ پئي چاهيو. اهو هڪڙو گولِيدار گولو هو جيڪو آسٽريائن پاران جبلن ۾ استعمال ڪيو ويو هو جنهن تي هڪڙو ڌاتوئي غلاف چڙهيل هو جيڪو ڇٽڻ کان پوءِ ڦاٽي ڪو نه سگهيو ۽ ان سان هٿ چراند ڪرڻ جي نتيجي ۾ اهو ڦاٽي پيو. نرسون ڪيٿرائن بارڪلي کي ڪافي پسند ڪري رهيون هيون ڇاڪاڻ جو هن رات جو مقرر وقت کان وڌيڪ نوڪري سرانجام پئي ڏني. هوءَ مليريا جي مريضن جو ٿوري وقت ۾ ئي ڪم ڇڏائي وٺندي هئي، جنهن ڇوڪري ڌاتوئي غلاف کي ڍرو ڪيو هو اهو اسان جو هڪڙو دوست بڻجي ويو هو ۽ اهو ڪڏهن به رات جي وقت گهنٽي کي نه وڄائيندو هو. جيستائين صفا لازمي نه هجي پر انهن جي ٿهل ٽڪور جي دوران اسان گڏ هوندا هئاسين. مان هن سان تمام گهڻو پيار ڪندو هوس ۽ هوءَ به مون سان پيار ڪندي هئي. مان ڏينهن جي وقت سمهي پوندو هوس ۽ اسان ان وقت دوران يادداشت ناما لکندا هئاسين ۽ انهن کي فرگوسن جي هٿان ڏيارائي موڪليندا هئاسين. فرگوسن هڪڙي سٺي ڇوڪري هئي. مون هن جي باري ۾ ڪڏهن به ڪنهن به شيءِ جي باري ۾ ڪو نه ٻڌو هو سواءِ ان جي ته هن جو هڪڙو ڀاءُ پنجاهين سيڪنڊ ڊويزن ۾ هو ۽ هڪڙو ڀاءُ ميسوپوٽاميہ ۾ هو هوءَ ڪيٿرائن بارڪلي سان ڪافي سٺو ورتاءُ ڪندي هئي. ”فرگُوسن، ڇا تون اسان جي شاديءَ ۾ ايندينءَ؟“ مون هڪڙي ڀيري هن کي چيو.

”توهان ڪڏهن شادي ڪندا ئي ڪو نه.“ ”اسان ڪنداسين.“ ”نه توهان نه ڪندئو.“ ”ڇو نه؟“ ”توهان شادي ڪرڻ کان اڳ ۾ هڪٻئي سان ڦٽائي ڇڏيندئو.“ ”اسان ڪڏهن به جهيڙو ڪو نه ڪنداسين.“ ”توهان وٽ اجا به وقت پيو آهي.“ ”اسان نه وڙهنداسين.“ ”ته پوءِ توهان ڊيڄري ٿي ويندئو. ماڻهو ايئين ئي ته ڪندا آهن. اهي شادي ڪو نه ڪندا آهن.“ مان هن جي هٿ کي پڪڙڻ لاءِ سري ويس. ”مونکي پڪڙڻ جي نه ڪر.“ هن چيو. ”مان رئان نه ٿي. ٿي سگهي ٿو ته توهان ٻئي بلڪل ٺيڪ هجو. پر خيال ڪجانءِ متان تون هن کي ڪڏهن ڪنهن مصيبت ۾ وجهين. جيڪڏهن تو هن کي ڪنهن مصيبت ۾ وڌو ته مان تنهنجو خون ڪري ڇڏينديس.“ ”مان هن کي ڪنهن به مشڪل ۾ ڪو نه اڙائيندس.“ ”تون پوءِ خيال ڪجانءِ. مان اميد ٿي ڪريان ته توهان صحيح سلامت رهندئو. توهان وٽ سٺو وقت آهي.“ ”اسان وٽ هڪڙو سٺو وقت آهي.“ ”ته پوءِ جهيڙو جهٽو نه ڪجو ۽ هن کي ڪنهن به مشڪل ۾ ڪو نه اڙائجانءِ.“ ”نه مان نه اڙائيندس.“ ”تون ڏسنديئن. مان هن کي انهن جنگي ٻارن مان ڪنهن به هڪڙي ڇٽي سان ڏسڻ پسند نه ٿو ڪيان“. ”فرگي، تون هڪڙي نهايت ئي سٺي ڇوڪري آهين.“ ”مان نه آهيان. منهنجي چاپلوسي ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪر. تنهنجي ڇنگه ڪيئن آهي؟“ ”ٺيڪ آهي.“ ”تنهنجو مٿو ڪيئن آهي؟“ هن پنهنجي آڱرين سان ان جي مٿان ڇهيو. اهو هڪڙي ننڊ ورتل پير جيان حساس هو. ”ان سان مون تي ڪڏهن به ڪو فرق ڪو نه ٿو پوي.“ ”اهڙي قسم جو ٽڪراءُ ڪنهن کي به پاڳل بڻائي سگهي ٿو. ان سان تو تي ڪو به فرق نه ٿو پوي؟“ ”نه.“ ”تون هڪڙو خوشنصيب نوجوان آهين. ڇا تو خط لکي پورو ڪيو آهي؟ مان هيٺ پئي وڃان.“ ”هي وٽ.“ مون چيو. ”تون هن کي ڇئو ته ڪجه وقت جي لاءِ هوءَ رات جي ڊيوٽيءَ کان ڪناره ڪشي اختيار ڪري.“ ”مان هن کي ڇوڻ چاهيان ٿو.“ ”تون نه ڪندين. پر جيڪڏهن تون هن کي ان تي آماده ڪندين ته مان ان لاءِ تنهنجي تعظيم ڪنديس.“ ”مان هن کي ان تي آماده ڪندس.“ ”مان ان تي يقين نه ٿي ڪيان.“ هن يادداشت نامو ورتو ۽ هلي ويئي. مون گهنٽي وڄائي ۽ ٿوريءَ گهڙيءَ کان پوءِ مِس گيج اندر گهڙي آئي. ”ڇا ڳاله آهي؟“ ”مان ته صرف توسان ڳالهائڻ پئي گهريو. ڇا تون نه ٿي سمجهين ته مس بارڪلي کي ڪجه وقت جي لاءِ رات جي ڊيوٽيءَ کان پرهيز ڪرڻ گهرجي؟ هوءَ ڪافي ٿڪل ٿي لڳي.“ ”هوءَ ايترو وقت ترسي ڇاڪاڻ ٿي؟“ مس گيج مون ڏانهن نهاريو. ”مان توهان جي هڪڙي دوست آهيان.“ هن چيو. ”توکي مون سان ايئين ڳالهائڻ جي ڪا به ضرورت ڪونهي.“ ”تنهنجو ڇا مطلب آهي؟“ ”معصوم بڻجڻ جي ڪا به ضرورت ناهي. ڇا اهو سڀ ڪجه تنهنجي رضامندي سان نه پئي ٿيو؟“ ”ڇا توکي هڪڙو مهڪدار شراب گهرجي؟“ ”ٺيڪ آهي. ته پوءِ مونکي ويڄو آهي.“ ”هن وڏي الماڙيءَ مان هڪڙي بوتل ٻاهر ڪڍي ۽ هڪڙو گلاس کڻي آئي. ”تون گلاس کڻي وڃ.“ مون چيو. ”مان بوتل ۾ ئي پيئندس.“ ”آ هي وٽ. تو لاءِ بوتل حاضر آهي.“ مس گيج چيو. ”صبح جو دير تائين سمهڻ واري مس وان ڪيمپين منهنجي باري ۾ ڇا چوندي آهي؟“ ”هوءَ تو بابت فقط سرزنش ڪندي آهي. هوءَ توکي اسان جو مراعت يافته مريض ڪوٺيندي آهي.“ ”جهنم ۾ پوي.“ ”هوءَ ايتري ويل ناهي.“ مس گيج چيو. ”هوءَ بلڪل پوڙهي ۽ چيڙاڪ آهي. هن توکي ڪڏهن به پسند ڪو نه ڪيو آهي.“ .نه.“ ”ڇڱو مان

ڪيان ٿي. ۽ مان تنهنجي دوست آهيان. تون اهو نہ وسارجانءِ.“ ”تون بيحد سٺي آهين.“ ”نہ. مان ڄاڻان ٿي تہ تون ڪنهن کي سٺو سمجهين ٿو. پر مان تنهنجي دوست آهيان. تنهنجي ڄنگھ ڪيئن آهي؟، ”ٺيڪ آهي.“ ”مان ان جي مٿان هارٽ لاءِ ڪجھ صاف ٽڏو پاٽي آڻيان ٿي. ان سان ريشي ۾ لازمي خارش ٿيندي. اهو ٻاهريان گرم آهي. ”تون بيحد سٺي آهين.“ ”ڇا ان سان گهڻي خارش ٿيندي؟“ ”نہ. اهو ٺيڪ آهي.“ ”مان انهن وارياسين ٽيلهين کي سٺي نموني ڄمائي ڇڏيندس.“ هوءَ مٿان جهڪي بيهي رهي. ”مان تنهنجي دوست آهيان.“ ”ها مان ڄاڻان ٿو.“ ”نہ نہ تون نہ ٿو ڄاڻين. پر ڪنهن نہ ڪنهن ڏينهن تون ڄاڻي ويندين.“ ڪيٿرائن بارڪلي ٽي راتيون موڪل تي هئي ۽ ان کان پوءِ هوءَ وري واپس وري آئي. اهو ائين لڳي رهيو هو ڄڻ اسان ٻئي هڪٻئي کان هڪڙي ڊگهي سفر جي جدائي کان پوءِ ملياسين.

18

اسان انهي اونهاري دوران هڪڙو پيارو وقت گذاريوسين. جڏهن مان هلڻ جهڙو ٿي ويس اسان پارڪ ۾ ٽانگي تي سواري ڪئي سين. مونکي ٽانگي جي اها سواري اڃا به ياد آهي، گهوڙو آهستي آهستي هلي رهيو هو ۽ مٿي ڊرائيور جي پٺيءَ جي اڳيان جيڪو پنهنجي لاک لڳل اوچي ٽوپيءَ سان وينل هو اتي ڪيٿرائن بارڪلي منهنجي پرسان ويٺي هئي. جڏهن اسان هڪٻئي جي هٿن کي ڇهڻ لاءِ ڇڏي پئي ڏنو يا جڏهن منهنجي هٿ جو صرف هڪڙو پاسو هن جي هٿ سان لڳي رهيو هو تنهن سمي اسان بي قابو ٿي رهيا هئاسين. بعد ۾ جڏهن مان بيساکين تي چوگرد هلي پئي سگهيس اسان بِفي يا گران اِٽاليا ڏانهن رات جي ماني کائڻ وياسين اسان ٻاهر گيليريا جي فرش تي رکيل ميزن تي ويهي رهياسين. بيرا اندر ۽ ٻاهر اچي وڃي رهيا هئا ۽ اتي ماڻهن جي اچ وڃ جاري هئي ۽ ميز جي ڪپڙن تي ٻرندڙ موم بتين جا ڇاچولا پئجي رهيا هئا ۽ آخرڪار اسان ان ڳاله تي اتفاق ڪيوسين ته اسان گران اٽاليا کي بهتر نموني سان پسند پئي ڪيو جارج، جيڪو مکيه بيرو هو ان اسان لاءِ هڪڙي ميز مخصوص ڪئي. هو ڏاڍو سٺو بيرو هو ۽ اسان ماڻهن ۽ عظيم گيلريا ۽ هڪٻئي ڏانهن شام ويلي نهارڻ دوران هن کي مانيءَ جو حڪم ڏنوسين. اسان سفيد رنگ وارو ڪيپري (شراب) پيتوسين جيڪو هڪڙي ننڍڙي ٻالٽي ۾ برف سان گڏ هو. جڏهن ته اسان فريسا، باربيرا ۽ سفيد رنگ وارن خوشبودار شرابن جا ٻيا به ڪيترائي قسم واپراياسين. انهن وٽ جنگ جي ڪري شراب آڻڻ جي لاءِ ڪو به بيرو ڪو نه هو ۽ مون جڏهن هن کي فريسا جهڙي شراب بابت پئي پڇيو ته جارج شرم وچان مسڪرائي رهيو هو. ”جيڪڏهن توهان ڪنهن ملڪ جو گمان ڪيو جيڪو هڪڙو شراب ٺاهيندو آهي ڇاڪاڻ جو ان جو سواد فرنگي توتن (اسٽرا بيري) جهڙو آهي،“ هن چيو. ”اهو ڇو نه هجي؟“ ڪيٿرائن چيو. ”اهو ڪافي عمدو پاسي ٿو.“ ”محترمه توهان ان کي آزمائي ڏسو،“ جارج چيو. ”جيڪڏهن توهان چاهيو ٿا ته. پر مونکي ٽينينٽ جي لاءِ هڪڙي مارگوڪس جي ننڍڙي بوتل آڻڻ گهرجي.“ ”جارج، مان به ان کي آزمائڻ چاهيان ٿو.“ ”سائين، مان توهان کي ان جي تجويز نه ٿو ڏئي سگهان. اهو تان جو فرنگي توتن جهڙو سواد به نه ٿو ڏئي.“ ”اهو ڏئي به سگهي ٿو،“ ڪيٿرائن چيو. ”جيڪڏهن ان منجهان اهڙي قسم جي خوشبو آئي ته پوءِ اهو ڪافي حيرت انگيز هوندو.“ ”مان اهو آڻيندس،“ جارج چيو“۽ جڏهن محترمه مطمئن ٿي ويندي مان ان کي واپس کڻي ويندس.“ ”اهو گهٽي قدر ڪنهن شراب جيان ڪو نه هو. جهڙي نموني هن چيو پئي، نه ئي وري ان مان ڪو فرنگي توتن جهڙو سواد پئي آيو. اسان واپس ڪيپري ڏانهن مڙياسين. هڪڙي شام ڏاران منهنجا پيسا کٽي پيا ۽ جارج مونکي هڪ سئو لاير اڌارا ڏنا. ”انهي جو خير آهي، ٽينينٽ،“ هن چيو. ”مان ڄاڻان ٿو ته ايئين ٿيندو رهندو آهي. مان ڄاڻان ٿو ته هڪڙو انسان ڪيئن ڪُٺي پوندو آهي. جيڪڏهن توهان يا محترمه کي پئسا گهربل هجن ته مون وٽ هميشه پيسا هوندا آهن.“

رات جي ماني کائڻ کان پوءِ اسان گيليريا منجه گهمياسين، ٻين هوٽلن وٽان مٽياسين ۽ انهن

دوڪانن وٽان جن جا شٽر بند هئا، ۽ هڪڙي ننڍڙي هنڌ تي بيهي رهياسين جتي اهي سموسا، مرونءَ جي ران ۽ سلاد جي پتن وارا سموسا ۽ چٽ پٽي ذائقي واري هڪڙي ننڍي مڇي (اينڪووي) وارا سموسا جيڪي ڪافي ننڍڙن خاڪي روغن وارن ويڙهن (رولن) مان ٺهيل هئا ۽ اهي صرف هٿ جي آڱرين جيترا ڊگها هئا، وڪرو ڪري رهيا هئا. اهي رات جي وقت ۾ ڪاٽا هئا جڏهن اسان کي بک محسوس ٿئي. ان کان پوءِ اسان گرجا گهر جي اڳيان گيليريا کان ٻاهر هڪڙي ڪليل ٽانگي ۾ گهڙياسين ۽ اسپتال ڏانهن هليا وياسين. اسپتال جي دروازي وٽ حمالي بيساکين جي سهائتا لاءِ ٻاهر نڪري آيو. مون ٽانگي واري کي اجورو ڏنو ۽ ان کان پوءِ اسان مٿي لفٽ ۾ مٿي وياسين. ڪيٿرائن هيٺين منزل تي لهي ويئي جتي نرسون رهنديون هيون ۽ مان مٿي هلندو رهيس ۽ بيساکين وسيلي هيٺ هال ڏانهن پنهنجي ڪمري ڏانهن ويس، ڪنهن ڪنهن مهل مان پاڻ کي بي لباس ڪري بستر ۾ آهلجي پئي رهيس تہ ڪنهن ڪنهن مهل وري مان ٻاهر ڇڄي (بالڪوني) وٽ هڪڙي ٻي ڪرسيءَ تي ڄنگهون رکي پئي وينس ۽ ڇتين جي مٿان اڏامندڙ ابابيلن کي ڏسي رهيو هوس ۽ ڪيٿرائن جو انتظار ڪري رهيو هوس. جڏهن هوءَ مٿي ڏاڪڻين تان چڙهي آئي ايئين لڳو ڄڻ هوءَ ڪنهن ڊگهي سفر تي مونکان دور ويل هئي ۽ مان هن سان گڏ بيساکين تي هال جي پرسان ويس ۽ پاڻ کي هلڪو ڪيم ۽ دروازي جي ٻاهريان انتظار ڪرڻ لڳس، يا وري هن سان گڏ بہ پئي ويم، تنهن جو دارومدار ان تي هو تہ اهي اسان جا دوست هئا بہ يا نہ، ۽ جڏهن هن سڀ ڪجھ پورو ڪيو اسان مون واري ڪمري جي ڇڄي جي ٻاهران ويهي رهياسين.

بعد ۾ مان بستر ڏانهن هليو ويس ۽ جڏهن اهي سڀ ننڊ پئجي ويا ۽ هن کي پڪ ويقين ٿي ويو تہ اهي هن کي سڏ نہ ڪندا هوءَ اندر گهڙي آئي. مونکي هن جي وارن کي لاڏ ڪوڏ سان هيٺ مٿي ڪرڻ وڻيو پئي ۽ هوءَ بستر تي ويهي رهي ۽ ڪافي خاموش هئي، سواءِ ان جي جو هوءَ مونکي چمڻ لاءِ اوچانڪ هيٺ جهڪي پئي ويئي جڏهن مان مصروف هوس، ۽ مون هن جي وارن ۾ پيل ميخون پئي ڪڍيون ۽ انهن کي چادر جي مٿان پئي رکيم ۽ اهي وکري پئي ويا ۽ مون هن کي ٽڪيو پئي جڏهن هوءَ صفا خاموش بڻجي پئي ويئي ۽ ان کان پوءِ آخري ٻن ميخن جو نڪرڻ جنهن سان سموري جا سمورا وار هيٺ پئي آيا ۽ هن پنهنجي ڪنڌ کي ڦٽو پئي ڪيو ۽ اسان ٻئي ان منجهہ گهڙي وياسين، ۽ اها ڪنهن خيمي جي اندر واري محسوسات هئي يا ڪنهن هڪڙي آبشار جيان. هن جا وار حيرت انگيز حد تائين حسين هئا ۽ مان ڪڏهن ڪڏهن بستر تي ليٽندي هن کي پنهنجي وارن کي کليل دروازي وٽان ايندڙ روشنيءَ ۾ مٿي ورائيندي ڏسندو هوس ۽ اهي تان جو رات جي تاريڪيءَ ۾ پڻ چمڪندا هئا جهڙيءَ طرح ڪڏهن ڪڏهن سج اڀرڻ کان پهرين رات جو پاڻي چمڪندو آهي. هن جي هڪڙي سهڻي صورت هئي ۽ هڪڙو من موهيندڙ جسم هو ۽ هن جا لڱ لسا هئا. اسان ٻئي گڏجي آهلبا هئاسين ۽ مان هن جي ڳلن ۽ پيشاني ۽ ڪاڏڙي ۽ سندس نيڻن جي هيٺان پنهنجي آڱرين جي چوٽين سان ڇهندو هوس ۽ هن کي چوندو هوس، ”پيانو جي چاٻين جيان هموار،“ ۽ هوءَ منهنجي ڪاڏيءَ تي پنهنجي آڱر ڦيرائيندي چوندي هئي،”ريگ مال جي پني جيان لسو ۽ پيانو جي چاٻين تي گهڻو گهڻو سخت.“ ”ڇا اها کُهري آهي؟“ ”نہ جاني مان تہ فقط توسان مذاق ڪري رهي

هيس.“ ”اهو رات جي وچڙي ۾ ڪافي دلفريب هوندو هو ۽ جيڪڏهن اسان فقط هڪٻئي ڪي ڇهي پئي سگهياسين تہ ان سان اسان کي مسرت ملي رهي هئي. وڏن وڏن لمحن کان علاوه اسان وٽ پريت ڪرڻ جا ڪيترائي ٻيا بہ ننڍڙا وسيلا هئا ۽ جڏهن اسان مختلف ڪمرن ۾ هوندا هئاسين اسان هڪٻئي جي دماغن ۾ خيال وجهڻ جون ڪوششون ونندا هئاسين. اهو ڪڏهن ڪارگر لڳندو هو پر اهو غالباً ان جي ڪري هوندو هو جو بحرحال اسان ساڳي ئي شيءِ بابت سوچيندا هئاسين. اسان هڪٻئي کي چوندا هئاسين تہ اسان انهي پهرين ڏينهن تي ئي شادي رچائي ڇڏي هئي جڏهن هوءَ اسپتال ڏانهن آئي هئي ۽ اسان پنهنجي شاديءَ جي ڏينهن جي تنهن ڏينهن کان ڳڻپ شروع ڪري ڏني. مون حقيقت ۾ شادي شده ٿيڻ پئي چاهيو پر ڪيٿرائن چيو تہ جيڪڏهن اسان شادي ڪنداسين تہ اهي هن کي پري موڪلي ڇڏيندا ۽ جيڪڏهن اسان فقط دستورن جي شروعات ڪنداسين اهي هن تي نظرداري رکندا ۽ اسان ٻنهيءَ کي هڪٻئي کان جدا ڪري ڇڏيندا. اسان کي اطالوي قانون جي مطابق شادي ڪرڻي پوي ها ۽ ان جون رسمون ڀيانڪ هيون. مون ان لاءِ شادي شده هئڻ پئي چاهيو ڇاڪاڻ جو مونکي ٻار جي پيدا ٿي وڃڻ جو فڪر لاحق ٿي ويو جڏهن مون ان جي باري ۾ سوچيو پئي، پر اسان هڪٻئي سان شادي شده هئڻ جو ڍونگ رچائي ڇڏيوسين ۽ ان جي ايتري پرواه ڪو نہ ڪندا هئاسين ۽ مان سمجهان ٿو تہ حقيقت ۾ مون بنا شاديءَ جي ڪافي خوشي پئي محسوس ڪئي. مونکي ياد آهي تہ اسان هڪڙي رات ڏاران ان بابت ڳالهايو هئوسين ۽ ڪيٿرائن چيو ”پر، جاني، اهي مونکي دور موڪلي ڇڏيندا.“ ”ايئين بہ تہ ٿي سگهي ٿو تہ اهي نہ بہ موڪلن.“ ”اهي ايئين ڪندا. اهي مونکي گهر ڏانهن روانو ڪري ڇڏيندا ۽ اسان هڪٻئي کان جنگ جي خاتمي تائين جدا ٿي ويندا سين.“ ”مان موڪل ڪري ايندس.“ ”تون هڪڙي موڪل تي اسڪاٽلينڊ ڏانهن اچي وڃي ڪو نہ سگهندين. انهي کان علاوه، مان توکي ڇاڻ کان الڳ ڪو نہ ڪنديس. هاڻي شادي ڪرڻ مان ڪهڙو فائدو ملندو؟“ ”مان صرف تولاءِ لچان ٿي.“ ”اتي ڪا ”مان“ رهي ئي ناهي. ”مان“ ”تون“ آهيان. تون هڪڙي عليحده ”مان“ نہ بڻاءِ. ”مان سمجهان ٿو تہ ڇوڪريون هميشہ شادي شده هئڻ کي پسند ڪنديون آهن.“ ”اهي ڪنديون آهن. پر، جاني، منهنجي تو سان شادي ٿي چڪي آهي. ڇا مان تو لاءِ هڪڙي سني گهر واري ناهيان؟“ ”تون هڪڙي پياري زال آهين.“ ”جاني، تون سمجهي سگهين ٿو. مان شادي رچائڻ جي انتظار واري هڪڙي تجربي منجهان گذري چڪي آهيان.“ ”مان ان جي باري ۾ ٻڌڻ نہ ٿي چاهيان. تون ڄاڻين ٿو تہ مان تو کان سواءِ ٻيو ڪنهن سان بہ پيار ڪو نہ ٿي ڪريان. تون ان کي دل ۾ نہ ڪر تہ ڪنهن ٻئي مون کي چاهيو هو.“ ”مان نہ ٿو ڪيان.“ ”تون ڪنهن اهڙي ماڻهوءَ سان حسد نہ ڪر جيڪو هن دنيا ۾ رهيو ئي ناهي جڏهن توُوٽ سپ ڪجه آهي.“ ”نہ، پر مان ان جي باري ۾ ٻڌڻ پسند نہ ٿو ڪيان.“ ”غريب دلبر. ۽ مان ڄاڻان ٿي تہ تون هر قسم جي ڇوڪرين سان رهيو آهين ۽ ان سان مون تي ڪو بہ فرق ڪو نہ ٿو پوي.“ ”ڇا اسان ڪنهن بہ طريقي سان خانگي طور تي شادي شده بڻجي نہ ٿا سگهون؟ تہ پوءِ جيڪڏهن مونکي ڪجه بہ ٿي پوي يا توکي ڪو ٻار ڄمي پوي.“ ”اتي شادي ڪرڻ جو بنا ڪنهن رياست ۽ گرجا گهر جي ٻيو ڪو بہ رستو ناهي. اسان خانگي طور تي شادي شده آهيون. جاني، تون

سمجهي سگهين ٿي، اهو سڀ ڪجه مون لاءِ ڪا معنيٰ تڏهن رکي ها جڏهن منهنجو ڪو دين ڌرم هجي ها. پر منهنجو ڪو بہ دين ڌرم ڪونهي.“ ”تو مونکي بزرگ اينٿوني ڏنو هو.“ ”اهو ياڳ جي لاءِ هو. مونکي پڻ ڪنهن ڏنو هو“. ”تہ پوءِ توکي ڪو بہ ڳڻتي ڳارو ڪونهي ڪو؟“ ”صرف توکان الڳ ٿي وڃڻ جي مونکي ٻيو ڪو بہ فڪر ڪونهي. تون ئي منهنجو دين ڌرم آهين. منهنجو سڀ ڪجه تون ئي آهين.“ ”چڱو ٺيڪ آهي. پر مان توسان تنهن ڏينهن شادي ڪندس جنهن ڏينهن تون پاڻ چوندينءَ.“ ”تون اهڙيءَ طرح نہ چئو جو لڳي تہ تون مونکي هڪڙي ايماندار عورت بڻائڻ جي چڪر ۾ هجين. جاني. مان تمام گهڻي پرخلوص عورت آهيان. تون ڪنهن بہ اهڙي شيءِ جي باري ۾ شرمسار ٿي نہ ٿو سگهين جنهن بابت تون فقط سرهائي محسوس ڪرين ٿو ۽ ان تي ناز ٿو ڪرين. ڇا تون خوش نہ آهين؟“ ”پر تون مونکي ڪنهن ٻئي جي ڪري ڇڏي نہ ويندينءَ.“ ”نہ، جاني. مان ڪنهن ٻئي جي ڪري توکي ڪو نہ ڇڏي ويندس. مان سمجهان ٿي تہ اسان سان هر قسم جون ڀيانڪ شيون پيش اينديون. پر توکي انهن جي باري ۾ ڪا بہ چنتا نہ ڪرڻي آهي.“ ”مان نہ ڪندس. پر مان توسان بيحد پيار ڪيان ٿو ۽ تون اڳ ۾ ڪنهن ٻئي سان پيار ڪري چڪي آهين.“ ۽ هن ڪي ڇا ٿيو؟“ ”هو مري ويو.“ ”ها ۽ جيڪڏهن هو مري نہ وڃي ها تہ مان توسان ملي نہ سگهان ها. مان بي وفا ناهيان، جاني. مون ۾ عيب اپار آهن پر مان تمام گهڻي وفادرا آهيان. تون مون مان بيزار ٿي وئين تہ منهنجي وفا اجا وڌي ويندي.“ ”مونکي محاذ ڏانهن جلدي واپس ورڻو آهي.“ ”مان ان جي باري ۾ تيستائين ڪو خيال نہ ٿي ڪري سگهان جيسين تون اوڏانهن موٽي وڃين. جاني، تون سمجهي سگهين ٿو تہ مان خوش آهيان ۽ اسان هڪڙو پيارو وقت گهاريون پيا. مان ڪيتري وقت کان ناخوش هوس ۽ جڏهن مان توسان مليس مان زري گهٽ پاڳل ٿي ويس. شايد مان پاڳل هيس. پر هاڻي اسان خوش آهيون ۽ اسان هڪٻئي سان پيار ڪيون ٿا. مهرباني ڪري اچ تہ بلڪل خوش رهون. تون خوش آهين نہ، ها نہ؟ ڇا مون ڪا اهڙي شيءِ ڪئي آهي جيڪا توکي پسند ناهي؟ ڇا مان توکي خوش ڪرڻ جي لاءِ اجا ڪجه ڪيان؟ ڇا تون اهو پسند ڪندين تہ مان پنهنجا وار تولاءِ وکيري ڇڏيان؟ ڇا تون راند رچائڻ چاهين ٿو؟“ ”ها ۽ بستري ڏانهن اچ.“ ”ٺيڪ آهي. مان ويندس ۽ پهريان مريضن کي ڏسنديس.“

19

اهڙي نموني سانوڻ گذري ويو. مونکي ڏينهن جي باري ۾ ايترو ياد نہ ٿو اچي، سواءِ ان جي تہ اهي گرم هئا ۽ اهو تہ اتي اخبارن ۾ ڪيترين ئي فتحون نظر اچي رهيون هيون. مان ڪافي صحتياب هوس ۽ منهنجون ڄنگهون ڪجه اهڙيءَ طرح جلديءَ ۾ شفاياب ٿي ويون جو مان ٻهريان بيساکين تي روان ٿيس ۽ پوءِ هڪڙي لٺ جي مدد سان هلڻ لڳس.
انهي کان پوءِ مون اوسپيڊيل ميگِي اور ۾ گوڏن جي موڙ وارو اعلاج شروع ڪرايو اهو شيشن جي هڪڙي پيتيءَ ۾ بنفشي شعائن سان دم پختو ڪرڻ، مساج ۽ شنان ڪرڻ جو هڪڙو مصنوعي اعلاج هو. مان اوڏانهن منجهند ڌاران ويندو هوس ۽ بعد ۾ ڪيفي وٽ رڪندو هوس ۽ هڪڙو جام پيئندو هوس ۽ اخبارون پڙهندو هوس. مان شهر جي چوگرد هرويرو گشت ڪو نہ ڪندو هوس، پر اسپتال کان جلدي گهر ڏانهن اچڻ جي ڪندو هوس. مان اهو سڀ ڪجه ڪيٽرائن کي ڏسڻ جي لاءِ ڪندو هوس. باقي وقت پورو ڪرڻ ۾ مونکي خوشي ٿيندي هئي. اڪثر ڪري مان صبح جي وقتن تي سمهي پوندو هوس، ۽ منجهند جو ڪڏهن ڪڏهن، مان گوءِ ڏسڻ ويندو هوس، ۽ دير سان ميڪينوٿراپي وارن اعلاجن لاءِ ويندو هوس. ڪڏهن ڪڏهن مان اينگلو- آمريڪن ڪلب وٽ ويهي رهندو هوس ۽ ڪڙڪيءَ جي اڳيان گهري چمڙائين گديءَ واري ڪرسيءَ تي ويهي رهندو هوس ۽ رسالا پڙهندو هوس. جڏهن مان بنا بيساکين جي هلڻ لڳس اهي اسان ٻنهي کي گڏجي ٻاهر وڃڻ جي لاءِ نہ ڇڏيندا هئا ڇاڪاڻ جو اهو هڪڙي نرس جي لاءِ نازيبا هو تہ هوءَ هڪڙي اهڙي مريض سان ٻاهر ساڻ هجي جنهن کي ڏسندي ايئن محسوس ٿئي تہ هن کي ڪنهن نگهباني جي ڪا بہ ضرورت ڪو نہ هئي، تنهنڪري اسان منجهند جو ايترو گڏ نہ هوندا هئاسين. البت اسان ڪڏهن ڪڏهن جيڪڏهن فرگوسن ساڻ هوندي هئي تہ پوءِ رات جي ماني کائڻ لاءِ ٻاهر ويندا هئاسين. مس وان ڪيمپين اهو تسليم ڪري ورتو هو تہ اسان عظيم دوست هئاسين ڇاڪاڻ جو هن ڪيٽرائن کان ڪم جو وڏو مقدار حاصل ڪيو هو. هن سمجهي ورتو تہ ڪيٽرائن ڪنهن گهراڻي گهر منجهان هئي ۽ انهي سان هوءَ آخرڪار هن جي طرفداري ڪرڻ لڳي. مس ڪيمپين ڪيٽرائن جي خاندان جي واڪاڻ جا ڍڪ پيرڻ لڳي ۽ هوءَ پاڻ سر پڻ هڪڙي زبردست گهراڻي مان هئي. اسپتال پڻ ڪافي مصروف هئي، ۽ انهي هن کي مشغول بڻائي رکيو هو. اهو گرم سانوڻ هو ۽ ملان ۾ منهنجي ڪيترن ئي ماڻهن سان واقفيت هئي پر جيئن ئي منجهند پوري ٿي ويندي هئي مونکي اڪثر ڪري اسپتال واري گهر ڏانهن جلدي ورڻ جي اُڃ تڃ هوندي هئي. محاذ تي اهي ڪارسو ڏانهن وڌي رهيا هئا، انهن پلاوا جي آرپار ڪُڪ تي قبضو ڄمائي ورتو هو ۽ اهي بينسزا واري مٿاهين پٽ ڏانهن محاذ آرائي ڪري رهيا هئا. مغربي محاذ ايترو سنو نہ پئي لڳو. ايئين لڳي رهيو هو ڄڻ جنگ هڪڙي ڊگهي عرصي تائين جاري رهڻ واري هئي. هاڻي اسان جنگ منجه هئاسين پر مون سمجهيو تہ جتن جو هڪڙو وڏو تعداد مٿي اماڻڻ لاءِ ۽ انهن کي وڙهڻ جي سکيا ڏيڻ لاءِ هڪڙو سال درڪار هو. ٻيو سال

هڪڙو ٻرو سال تي سگهي ٿو ۽ اهو هڪڙو سئو سال ٻہ ٿي سگهي ٿو. اطالوي ماڻهن جو هڪڙو پيانڪ انگ ڪتب آڻي رهيا هئا. مونکي اهو سمجهڻ ۾ ڏکيو پئي لڳو تہ اهو سڀ ڪجه ڪيئن هلندو رهندو. تان جو اهي بينسِزا ۽ مونٽِي سين گيبريل جو سارو حصو والاري ٻہ وڃن تڏهن ٻہ آسٽريائن جي لاءِ پرئين پاسي ڏانهن ڪوڙ سارا جبل موجود هئا. سمورا اوچا پهاڙ انهي طرف کان هئا. ڪارسو کان اهي اڳتي وڌي رهيا هئا پر اتي هيٺ سمونڊ وٽان ڏٻٽيون ۽ نشيبي علائقا هئا. ميدانن ۾ نيپوليئن آسٽريائن جي مٿان ڪڙڪو ڪري ها. هو انهن سان جبلن ۾ وڙهي ئي نہ ها. هو انهن کي هيٺ اچڻ جي ترغيب ڏئي ها ۽ انهن کي ويرونا جي چئوگرد سوڙهو ڪري ها. هينئر تائين اوله واري محاذ وٽان ڪير ٻہ ڪنهن تي ڪڙڪي ڪو نہ رهيو هو. شايد تاحال جنگيون سوڀاريون ڪو نہ رهيون هيون. شايد اهي هميشہ جاري پئي رهيون. شايد اها سئو سالن واري هڪڙي ٻي جنگ جو ڏيک ڏئي رهي هئي. مون اخبارون واپس ڪبٽ ۾ رکي ڇڏيون ۽ ڪِلب کان نڪري آيس. مان هوشياري سان ڏاڪڻين کان هيٺ لٿس ۽ اڳتي مِيا مينزونِي ڏانهن هلڻ لڳس. گران هوٽل جي ٻاهريان مان جهوني ميئرز ۽ هن جي گهر واريءَ کي هڪڙي ٽانگي مان لهندي مليس. اهي گوءِ ٿان واپس وري رهيا هئا. هوءَ هڪڙي وڏي اُره واري عورت هئي جنهن کي چمڪندڙ ريشمي لباس اوڍهيل هو. هو ننڍي قد وارو ۽ جهونو مڙس هو جنهن کي سفيد مڇون هيون ۽ هو هڪڙي لٺ جي مدد سان پير سڌا ڪري هلي رهيو هو. ”توهان ڪيئن آهيو؟“ ”توهان ڪيئن آهيو؟“ هن هٿ کي لوڏو ڏنو. ”هيلو“ ميئرز چيو.”گويون ڪيئن هيون؟“ ”سنيون. اهي بلڪل پياريون هيون. مون وٽ شرط ڪٽڻ وارا ٽي سوار لڳا“ ”توهان اهو ڪيئن ڪيو؟“ مون ميئرز کان پڇيو. ميئرز جي گهر واريءَ چيو. ”نيڪ آ. مونکي شرط ڪٽيندڙ هڪڙو سوار لڳو.“ ”مان ڪڏهن ٻہ ڄاڻي نہ سگهي آهيان تہ هو اهو ڪيئن ڪري ويندو آهي.“ ”هو مونکي ڪڏهن ٻہ ڪو نہ ٻڌائيندو آهي.“ ”مان سڀ ڪجه صحيح ڪندو آهيان.“ ميئرز چيو. هو پرخلوص ٿي رهيو هو. ”توکي ٻاهر اچڻ گهرجي.“ جڏهن هو ڳالهائي رهيو هو انهي دوران هو ڪنهن ڏانهن ٻہ نہ نهاري رهيو هو يا وري هو ڪنهن کي ٻہ غلطيءَ وچان ڪو ٻيو سمجهي رهيو هو. ”مان ايندس،“ هن چيو. ”مان توکي ڏسڻ جي لاءِ مٿي اسپتال ڏانهن اچي رهي آهيان،“ هن جي گهر واريءَ چيو. ”مون وٽ پنهنجي نينگرن جي لاءِ ڪي شيون آهن. توهان سڀ منهنجا نينگر آهيو. توهان يقيناً منهنجا پيارا نينگرڙا آهيو.“ ”اهي توهان کي ڏسي خوش ٿيندا.“ ”اهي پيارا نينگر. تون پڻ. تون ٻہ منهنجي نينگرن منجهان هڪ آهين.“ ”مونکي واپس وڃڻو آهي،“ مون چيو. ”تون انهن سڀني پيارن ٻچڙن کي منهنجو پيار ڏجانءِ. مون آڻڻ لاءِ ڪيتريون ئي شيون گڏ ڪيون آهن. مون وٽ ڪجه عمدا مرسالا (marsala: گهري رنگ وارو مٺو الڪوحل آميز شراب جيڪو کاڌو کائڻ کان پوءِ پيتو ويندو آهي ـــ مترجم) ۽ ڪيڪ آهن.“ ”الوداع،“ مون چيو. ”اهي توهان کي ڏسي ڪافي سرها ٿيندا.“ ”الوداع،“ ميئرز چيو. ”توهان گيليريا جي ارد گرد اچو. توهان ڄاڻو ٿا تہ منهنجي ميز ڪٿي آهي. اسان سڀيئي هر منجهند ڏاران اتي هوندا آهيون.“ ”مان مٿي گليءَ ڏانهن هلڻ لڳس. مون ڪووا مان ڪيٽرائن جي لاءِ ڪا نہ ڪا شيءِ خريد ڪرڻ پئي چاهي. اندر، ڪووا وٽ، مون چاڪليٽن جي هڪڙي دٻي خريد ڪئي ۽ جڏهن ڇوڪري ان کي ويڙهي رهي

هئي مان مئخاني ڏانهن وڌڻ لڳس. اتي ڪجه برطانوي ۽ ڪجه هواباز (پائليٽ) موجود هئا. مون فقط هڪڙو مارٽيني (martini : شراب جنهن ۾ بک کي وڌائڻ وارو مشروب شامل ڪيل هوندو آهي - مترجم) ورتو ان جي ادائگي ڪيم. ٻاهرئين دخل تان چاڪليٽن جي دٻي ڪنيم ۽ اسپتال واري گهر ڏانهن واپس ورڻ لڳس. اسڪيلا جي پرسان ننڍڙي مئخاني جي ٻاهريان اتي ڪجه ماڻهو ويٺا هئا جن مان ڪجه کي مون سڃاتو پئي، هڪڙو وائيس قونصل، ٻه همراه جيڪي راڳ جو مطالعو ڪندا هئا، اِيٽور موريٽي، هڪڙو سين فرانسيسڪو وارو اطالوي جيڪو اطالوي فوج ۾ هو. مون انهن سان گڏجي هڪڙو جام نوش ڪيو. هڪڙي ڳائڻي جو نالو رالف سائمن هو ۽ هو اينرِيڪو ديل ڪِريڊو جي تخلص سان ڳائي رهيو هو. مون ڪڏهن نه پئي ڄاتو ته هو ڪهڙيءَ طرح سٺو ڳائي وڃائي سگهندو پر هو هميشه ڪنهن تمام وڏي واقعي واري نقطي تي هوندو هو. هو ٿلهو متارو هو نڪ ۽ وات مان وري وري ورجائڻ جي ڪري ڪافي بي تکو ٿي پئي ويو جڏهن ته هو ڪنهن ڪاهيءَ واري ٽپ ۾ ورتل هجي. هو پياسينزا مان ڳائي واپس آيو هو. هن توسڪا راڳ پئي ڳاتو هو ۽ اهو حيرت انگيز رهيو هو. ”يقيناً توهان مونکي ڪڏهن به ڳائيندي ڪو نه ٻڌو آهي،“ هن چيو. ”تون هتي ڪڏهن ڳائيندين؟“ ”مان خزان جي رت ۾ اسڪالا ۾ هوندس.“ ”مان شرط ٿو لڳايان ته اهي توتي ميزن جو وسڪارو ڪري ڏيندا،“ اِيٽور چيو. ”ڇا توهان اهو ٻڌو ته موڊينا ۾ هن تي انهن ڪيئن بينچون وسايون هيون؟“ ”اهو سراسر ڪوڙ آهي.“ ”انهن هن ڏانهن ميزون اڇلايون هيون،“ اِيٽور چيو. ”مان اتي هوس. مون پاڻ سِر ڇه ميزيون اڇلايون هيون. تون فِريسڪو جو هڪڙو اطالوي نزاد شخص آهين.“ ”هي اطالوي پاشا اچاري نه ٿو سگهي،“ ايٽور چيو. ”هو جيڏانهن به ويندو آهي اهي هن ڏانهن ميزون ڦٽيون ڪندا آهن.“ ”اتر اٽليءَ ۾ پِياسينزا ڳائڻ لاءِ هڪڙو مشڪل ترين گهر آهي،“ موسيقي ۾ بلند مرداڻي آواز واري هڪڙي ٻئي شخص چيو. ”مون تي يقين ڪيو ته اهو ڳائڻ جي لاءِ هڪڙو مشڪل گهر آهي.“ بلند آواز واري هن شخص جو نالو ايڊگر سانڊرز هو ۽ هن ايڊُوارڊو جِيووانِي جي تخلص هيٺ ڳاتو پئي. ”مان اتي انهن کي توڏانهن ميزون الارڻ ۽ اڇلائڻ واري نظاري کي ڏسڻ لاءِ پاڻ اچڻ پسند ڪندس.“ ايٽور چيو. ”تون اطالوي ۾ ڳائي نه ٿو سگهين.“ ”هو هڪڙو چرياڻ آهي،“ ايڊگر سانڊرز چيو. ”هو رڳو ميزون اڇلائڻ بابت ئي ڄاڻي ٿو.“ ”سو ڪيئن ڪجي اهو ئي ته اهي (ٻڌندڙ) ڄاڻيندا آهن جڏهن توهان ٻئي ڳائيندا آهيو“ ايٽور چيو. ”بعد ۾ توهان جڏهن آمريڪا ويندئو توهان اسڪيلا ۾ پنهنجي ڪاميابين جا ڳُڻ ڳائيندا.“ ”مان اسڪيلا ۾ ڳائيندس،“ سائمنز چيو. ”مان آڪٽوبر ۾ توسڪا راڳ ڳائڻ پيو وڃان. ”اسان به اوڏانهن ايندا سين، ميڪ ها نه؟“ ايٽور وائيس قونصل کي چيو. ”اهي پاڻ بچائڻ لاءِ ڪنهن نه ڪنهن ماڻهوءَ جي ضرورت محسوس ڪندا.“ ”ٿي سگهي ٿو ته آمريڪي فوج اتي اچي انهن کي بچائي،“ وائس قونصل چيو. ”سائمنز ڇا تون هڪڙو ٻيو جام پيئڻ چاهين ٿو؟ سانڊرز توکي هڪڙو جام کپي؟“ ”چڱو نيڪ آهي،“ سانڊرز چيو. ”مون ٻڌو آهي ته توکي چانديءَ جو تمغو ملڻ وارو آهي،“ ايٽور مونکي چيو. ”توکي ڪهڙي قسم جو اعزاز ملڻ وارو آهي؟“ ”مان نه ٿو ڄاڻان. مان نه ٿو ڄاڻان ته اهو مونکي ملڻ وارو آهي.“ ”اهو توکي ملڻ وارو آهي. او ڇوڪرا، ڪووا جون ڇوڪريون ته پوءِ اهو سمجهڻ لڳنديون ته تون شاندار آهين. اهي

سمجهنديون تہ تو بہ سئو آسٽريائن کي ماريو يا هڪڙي سموري خندق اڪيلي سر گرفتار ڪئي. مون تي يقين ڪر، مونکي پنهنجي اعزاز ماڻڻ لاءِ ڪم ڪرڻو آهي.“ ”تو ڪيترا اعزاز ماڻيا آهن؟“ ايتور وائيس قونصل کان پڇيو. ”هن کي هرشيءِ ملي آهي،“ سائمنز چيو. ”هي اهو ڇوڪرو آهي جنهن تي اهي ويڙهہ برقرار رکيو اچن.“ ”مون بہ ٽيرا ٽتل جا ۽ ٽي ٽيرا چانديءَ جا تمغا ماڻيا آهن.“ ايتور چيو. ”پر فقط هڪڙي جا ڪاغذ مليا آهن.“ ”ٻين جو ڇا مسئلو آهي؟“ ”فعل ناڪام رهيو.“ ايتور چيو. ”جڏهن فعل ناڪام ويندو آهي اهي سمورا تمغا روڪي ڇڏيندا آهن.“ ”ايتور، تون ڪيترا ٽيرا زخمي ٿيو آهين.“ ”بريءَ طرح ٽي دفعا. مون زخمن واريون ٽي پٽيون ماڻيون. ڏسندين؟“ هن پنهنجي ٻانهن جي چوگرد ڇڪ ڏني. اهي پٽيون ڪاري پس منظر سان هموار چانديءَ جون قطارون هيون جيڪي ٽي سُوٽ ڪلهي جي هيٺان ٻانهن جي ڪپڙي تي سِيتل هيون. ” ”تو بہ هڪڙي ماڻي هئي،“ ايتور مونکي چيو. ”مان تہ تمغن جي بجاءِ انهن جي هئڻ کي پسند ڪندس. ڇوڪرا، مون تي يقين ڪر، جڏهن توهان تي ماڻيو ٽا تہ توهان ڪجھ نہ ڪجھ حاصل ڪيو ٽا. توهان کي هڪڙي فقط انهي حالت ۾ ملي ٽي جڏهن هڪڙي زخم جي ڪري توهان کي ٽي مهينا اسپتال ۾ رکيو وڃي.“ ”اِيتور، تون ڪٿي زخمي ٿيو هئين؟“ وائيس قونصل پڇيو. ”اِيتور پنهنجي ٻانهن کي مٿي ڪيو. ”هتي،“ هن گهرو ڳاڙهو داغ ڏيکاريو. ”هتي منهنجي ڄنگھ تي. مان توکي اهو نہ ٿو ڏيکاري سگهان ڇاڪاڻ جو مون انهن جي مٿان چمڙاوان جورابا پهري رکيا آهن؛ ۽ پيرن ۾. منهنجي پير ۾ هڪڙي ناڪاره هڏي آهي جنهن مان هن مهل تائين ڏپ ايندي آهي. هر صبح جو مان ان مان نوان نوان زرا ڪيڍي ٻاهر ڪندو آهيان ۽ انهي مان هر وقت ڏپ ايندي رهندي آهي.“ ”توکي ڇا لڳو هو؟“ سائمنز پڇيو. ”هڪڙو دستي بم. انهن پٽاٽن جو ڪُچومر ڪيڻ وارن مان هڪ. انهي منهنجي پير جي هڪڙي پاسي کي صفا اڏائي ڇڏيو؟“ هو مون ڏانهن راغب ٿيو. ”يقيناً.“ ”مون هڪڙي ڪٽيءَ جي ڦر کي ان کي اڇلائيندي ڏٺو“ ايتور چيو. ”انهي سان مان هيٺ ڪري پيس ۽ مون سمجهيو تہ مان صفا مري ويُس پر انهن آلوءَ جو ڪچومر ڪيندڙ ڪمبختن ان ۾ ڪجھ بہ ڪو نہ ملايو هو. مون ڪٽيءَ جي پٽ کي پنهنجي رائيفل جي گوليءَ سان پورو ڪري ڇڏيو. مان هميشہ ٻاڻ سان هڪڙي رائيفل کڻندو هوس تنهنڪري اهي ٻڌائي نہ سگهندا تہ مان ڪو آفيسر آهيان.“ ”هو ڏيکارجڻ ۾ ڪيئن هو؟“ سائمنز چيو. ”انهي کي فقط اهو هڪڙو ئي (دستي بم) هو“ ايتور چيو. ”مان نہ ٿو ڄاڻان تہ هن ان کي ڇاڪاڻ اڇلايو. هن غالباً ڪڏهن بہ ڪا حقيقي لڙائي ڪا نہ ڏٺي هئي. مون ڪٽيءَ جي ڦر کي اُٿ ماري ڇڏيو.“ ”جڏهن تو هن کي گولي هنئي تہ هو ڪيئن پئي نظر آيو؟“ سائمنز پڇيو. ”ڪڏ جي تري ۾ پوي، مان ڪيئن پئي ڄاڻي سگهيس،“ اِيتور چيو. ”مون هن کي پيٽ ۾ گولي هنئي. مونکي ان تي افسوس ٿي رهيو هو تہ جيڪڏهن مان هن کي مٿي ۾ گولي هڻندس تہ اها گُسي ويندي.“ ”اِيتور، تون ڪيتري وقت کان آفيسر رهيو آهين؟“ مون پڇيو. ”ٻہ سال. مان ڪپتان ٿيڻ وارو آهيان. تون ڪيتري وقت کان ليفٽيننٽ رهيو آهين؟“ ”ٽن سالن کان وٺي.“ ”توهان هڪڙو ڪپتان ٿي نہ ٿا سگهو ڇاڪاڻ جو توهان کي اطالوي ٻاشا سٺي نموني ڳالهائڻ ڪو نہ ٿي اچي،“ اِيتور چيو. ”توهان ڳالهائي تہ سگهو ٿا پر توهان سٺي نموني لکي ۽ پڙهي نہ ٿا سگهو.

توهان کي هڪڙو ڪپتان ٿيڻ لاءِ هڪڙي تعليم پراڻي پوندي.“ ”تون آمريڪي فوج ۾ ڇو نہ ٿو وڃين.؟“ ”ٿي سگهي ٿو مان وڃان.“ ”مان رب کي ٻاڏايان ٿو ته ڪاش مان ٿي سگهان. او ڇوڪرا، هڪڙي ڪپتان کي ڪيتري پگهار ملندي آهي؟“ ”مان ٺيڪ سان نہ ٿو ڄاڻان. لڳ ڀڳ ٻہ سئو ۽ پنجاه ڊالر. مان سمجهان ٿو.“ ”يسوع مسيح جو قسم مان ٻہ سئو پنجاه ڊالرن مان ڇا ڪري سگهندس. فِريڊ، بهتر آهي تہ تون جلد ڪان جلد آمريڪي فوج ۾ شامل ٿي. ڏس جيڪڏهن تون مونکي شامل نہ ٿو ڪرائي سگهين.“ ”ٺيڪ آ.“ ”مان اطالوي ۾ هڪڙي ڪمپنيءَ کي حڪم ڏئي سگهان ٿو. مان ان کي انگريزيءَ ۾ آسانيءَ سان سکي سگهان ٿو.“ ”تون هڪڙو سپہ سالار ٿيندين.“ سائمنز چيو. ”نہ مان هڪڙي سپہ سالار لاءِ ايتري ڄاڻ نہ ٿو رکان. هڪڙي سپہ سالار کي خاشي ڄاڻ هئڻ گهرجي. توهان ماڻهو سمجهو ٿا تہ جنگ ۾ ڪا بہ ڳاله ناهي. توهان کي ايترو عقل بہ ناهي جو هڪڙي ثانوي درجي وارا ڪارپورل (corporal) ٿي سگهو.“ ”رب جي ڪرم سان مان ٻڻجڻ بہ نہ ٿو چاهيان.“ سائمنز چيو. ”ٿي سگهي توکي ٻڌايو وڃي جڏهن اهي توهان جي سيني ڪم ڇورن جي تڏا ويڙه ڪن. او ڇوڪرا، مان توهان ٻنهيءَ کي پنهنجي پليٽون ۾ ڏسڻ گهران ٿو. ميڪ پڻ. ميڪ، مان توکي پنهنجو پٽيوالو ٻڌائيندس.“ ”اِيتور، تون هڪڙو عظيم ڇوڪرو آهين.“ ميڪ چيو. ”پر مونکي افسوس آهي جو تون جنگ پسند آهين.“ ”مان جنگ جي خاتمي ڪان پهريان هڪڙو ڪولونيل ٿيندس.“ اِيتور چيو. ”جيڪڏهن انهن توکي ماري نہ ڇڏيو تہ.“ ”اهي مونکي نہ ماريندا.“ هن پنهنجي آڱوٺي ۽ شهادت واري آڱر سان گلي بند (ڪالر) وٽان پنهنجي ستارن کي ڇهيو. ”ڇا مونکي ايئين ڪندي ڏسو ٿا؟ جڏهن بہ ڪو مارجي وڃڻ جو ذڪر ڪندو آهي اسان پنهنجن ستارن کي ڇهندا آهيون.“ ”سِم، اچ تہ هلون.“ ساندرز مٿي اٿندي چيو. ”ٺيڪ آ.“ ”سدائين لاءِ.“ ”مونکي پڻ وڃڻو آهي.“ اندر مئخاني جي گهڙيال ۾ پوڻا ڇه وڃي رهيا هئا. ”سِي آئو اِيتور.“ ”سِي آئو فريڊ.“ اِيتور چيو. ”توکي چانديءَ جو تمغو ملي رهيو آهي اهو ڪافي شاندار آهي.“ ”مان نہ ٿو ڄاڻان تہ اهو مونکي ملندو. فريڊ، تون اهو ماڻيندين. مون ٻڌو آهي تہ اهو توکي ملڻ وارو آهي.“ ”ڇڱو تيستائين.“ مون چيو. ”اِيتور، مشڪل ڪان ٻاهر نڪر.“ ”منهنجو فڪر نہ ڪر. مان نہ پيئندو آهيان ۽ مان هيڏي هوڏي نہ ڀوڙندو آهيان. مان شرابي ناهيان ۽ مان رنڊيباز ناهيان. مان ڄاڻان ٿو تہ مون لاءِ ڇا بهتر آهي.“ ”تيستائين.“ مون چيو. ”ڪپتان مونکي خوشي آهي تہ تنهنجي ترقي ٿيڻ واري آهي.“ ”مونکي ترقيءَ جو انتظار ڪرڻو ناهي. مان جنگ جي قابليت جي بنياد تي هڪڙو ڪپتان ٻڻجي رهيو آهيان. تون ڄاڻين ٿو. آرپار تلوارن سان ٽي ستارا ۽ انهن جي مٿان وارو تاج. اهو مان آهيان.“ ”ڀلا ڀاڳ.“ ”ڀلا ڀاڳ. تون محاذ ڏانهن واپس ڪڏهن وڃي رهيو آهين؟“ ”تمام جلد.“ ”ٺيڪ آهي مان توکي آسپاس ڏسندس.“ ”تيستائين.“ ”تيستائين. ڪا گندي نقلي چاندي نہ ونجانءِ.“ مان هڪڙي پوئين گهٽيءَ ڏانهن هيٺ هلڻ لڳس جيڪو اسپتال ڏانهن وڃڻ لاءِ هڪڙو مختصر رستو هو. اِيتور ٽيويهن سالن جو هو. هن کي سين فرانسيسڪو ۾ سندس هڪڙي چاچي پالي تاتي وڏو ڪيو هو ۽ جڏهن جنگ جو اعلان ڪيو ويو هو هُو تورينو ۾ پنهنجي ابي ۽ امڙ سان ميل جول رکندو پئي آيو. هن کي هڪڙي ڀيڻ هئي، جنهن کي هن سان گڏ پنهنجي چاچي وٽ رهڻ جي لاءِ روانو ڪيو ويو هو.

جيڪا هن سال روايتي مڪتبي مان گريجوئيشن پوري ڪرڻ واري هئي. هو جائز سورمو هو جيڪو هر ملندڙ ماڻهوءَ کي بيزار ڪري ڇڏيندو هو. ڪيٿرائن هن کي برداشت ڪري نہ سگهندي هئي. ”اسان وٽ پڻ سورما آهن،“ هن چيو. ”پر جاني، اڪثر طور تي اهي خاموش رهندا آهن.“ ”مونکي هن تي ڪوبہ اعتراض ڪونهي.“ ”مان هن تي ڪوبہ اعتراض ڪو نہ ڪنديس جيڪڏهن هو ايترو بي مقصد نہ هجي ۽ مونکي بيزار نہ ڪري، ۽ هو مون ۾ بيزاريءَ جي مٿان بيزاري ٿو پيدا ڪري.“ ”هو مونکي بيزار ڪندو آهي.“ .جاني تون ايئين چوندي سٺي ٿي لڳين. پر توکي ايئين چوڻ جي ڪا ضرورت ناهي. تون هن جي تصوير کي اڳيان آڻي سگهين ٿي تون ڄاڻين ٿي تہ هو ڪارائتو آهي پر هو گهڻي قدر اهڙي قسم جو ڇوڪرو آهي جنهن جي مان پرواه نہ ٿو ڪيان. ”مان ڄاڻيان ٿي.“ ”تون اهو ڄاڻڻ لاءِ بيحد منڙي آهين، ۽ مان هن کي پسند ڪرڻ جي ڪوشش ڪيان ٿو پر هو حقيقت ۾ هڪڙو ڀيانڪ ۽ ڀيانڪ ڇوڪرو آهي.“ ”هن چيو تہ اڄوڪي منجهند ڏاران هو ڪپتان ٿي رهيو آهي.“ ”مونکي خوشي ٿي،“ ڪيٿرائن چيو. ”ان سان هن کي بہ خوشي ٿيڻ گهرجي.“ ”ڇا تون اهو پسند نہ ڪندينءَ تہ مونکي ڪجھ وڏيڪ اعليٰ درجو ملڻ گهرجي؟“ ”نہ، جاني. مان بس تو لاءِ ايترو ئي درجو ڪافي سمجهان ٿي جو اسان سٺن کان سٺن هوٽلن ۾ هلي سگهون.“ ”بس منهنجي رينڪ ايتري ئي تہ آهي.“

”تنهنجو هڪڙو شاندار عهدو آهي. مان تو لاءِ ڪو ٻيو درجو نہ ٿي گهران. اهو تنهنجي دماغ کي واسو ڪري سگهي ٿو. او، جاني، مان تمام گهڻي خوش آهيان تہ تون مغرور ناهين. تون جيڪڏهن وڏائي پسند هجين بہ ها تہ بہ مان توسان شادي ڪيان ها پر هڪڙي نادِم مڙس جو هئڻ ڪافي آرامده آهي.“ ”اسان ٻاهر ڇڄي تي نرميءَ سان ڳالهائي رهيا هئاسين. چنڊ جو ايرڻ لازمي هو پر اتي شهر جي مٿان ڌنڌ ڇانيل هو ۽ اهو ظاهر ڪو نہ ٿيو ۽ ٿوري دير کان پوءِ بوندا باري پوڻ لڳي ۽ اسان اڳتي سري وياسين. ٻاهر ڌنڌ برسات ۾ بدلجي ويو ۽ ٿوري گهڙيءَ جي اندر اهو وڏڦڙي ۾ بدلجي ويو ۽ اسان ڇت تي ان جو ڪڙڪو ٻڌي رهيا هئاسين. مان دروازي وٽان بيهي رهيس اهو ڏسڻ لاءِ تہ مٿان اتان مينهن وسي رهيو هجي پر اتي اهڙو ڪجھ بہ نظر نہ آيو. ”تو ٻيو ڪنهن کي ڏٺو؟“ ڪيٿرائن پڇيو. ”مسٽر ۽ مسز ميئرز کي.“ ”اهي ڪافي عجيب آهن.“ ”هن کي لڳي ٿو تہ گهر ۾ هڪڙي اصلاحي قيدخاني ۾ رهڻ لاءِ ڇڏيو ويو هو. هنن هن کي ٻاهر مرڻ لاءِ ڇڏي ڏنو هو.“ ”۽ هو بعد ۾ ملان ۾ خوش وخرم زندگي گهارڻ لڳو.“ ”مان نہ ٿو ڄاڻان تہ هو ڪهڙيءَ طرح زنده دلي سان رهيو.“ ”مان سمجهان ٿي تہ قيد وبند ڪانپوءِ ڪافي خوشيءَ سان رهيو.“ ”هوءَ هتي ڪجھ شيون ڪٺي اچڻ چاهي ٿي.“ ”هوءَ عمديون شيون آڻيندي آهي. ڇا تون هن جي پيارن ٻچڙن مان هئين؟“ ”انهن منجهان هڪ.“ ”توهان سڀ هن جا پيارا ٻچڙا آهيو“ ڪيٿرائن چيو. ”هوءَ پيارن ٻارن کي ترجيح ڏئي ٿي. ٻڌ مينهن وسي رهيو آهي.“ ”اهو ڪافي تيز وسي رهيو آهي.“ ”۽ تون هميشہ مونکي چاهيندو رهندين، ها نہ؟“ ”ها.“ ”۽ برسات پوڻ سان ڪو بہ فرق ڪو نہ پوندو؟“ ”نہ.“ ”اهو نيڪ آهي. ڇاڪاڻ جو مان برسات کان ڊڄندي آهيان.“ ”ڇو؟“ مونکي پنڪيون اچي رهيون هيون. ٻاهر باقاعده مينهن وسي رهيو هو. ”مان نہ ٿي ڄاڻان، جاني.“ ”مان هميشہ مينهن کان ڊڄندي رهي آهيان.“ ”مونکي اهو وڻندو آهي.“ ”مونکي

ان ۾ هلڻ وڻندو آهي. اهو پيار تي ڪافي ڀاري آهي.“ ”مان توسان هميشہ جي لاءِ پيار ڪندو رهندس.“ ”مان توسان وسندڙ مينهن ۾ برف ۾ ۽ ڳڙي ۾ پيار ڪندو رهندس ۽ باقي اتي اجا ڇا رهجي ويو؟“ ”مان نہ ٿوڄاڻان. مان سمجهان ٿو تہ مونکي ننڊ ورائي وئي آهي.“ ”جاني، آرام ڪرڻ لاءِ وڃ، ۽ ڪٽي ڇا بہ ٿيندو هجي مان توسان پيار ڪندي رهنديس.“ ”تون واقعي بہ مينهن کان نہ ٿي گهبرائين، ها نہ؟ ”جڏهن مان توسان گڏ هجان ان وقت تہ نہ.“ ”تون ان کان ڇالاءِ خوفزده هوندين آهين؟“ ”مان نہ ٿي ڄاڻان.“ ”مونکي ٻڌاءِ.“ ”مونکي زور نہ ڪر.“ ”مونکي ٻڌاءِ.“ ”ٺيڪ آ. مان مينهوڳي کان ان جي لاءِ خوفزده هوندي آهيان ڇاڪاڻ جو ڪڏهن ڪڏهن مان پنهنجو پاڻ کي ان ۾ مري ويل ڏسندي آهيان. ”نہ.“ ”۽ ڪڏهن ڪڏهن مان توکي بہ ان ۾ مري ويل ڏسندي آهيان.“ ”اهو ڪافي ممڪن آهي.“ ”نہ اهو ناهي، جاني. ڇاڪاڻ جو مان تنهنجي حفاظت ڪري سگهان ٿو. مان ڄاڻان ٿو تہ مان ڪري سگهان ٿو. پر ڪو بہ پنهنجي حفاظت پاڻ نہ ٿو ڪري سگهي.“ ”مهرباني ڪري ايئين نہ چئو. مان توکي اڄوڪي رات ۾ اسڪاچ ۽ پاڳل ٿيندي نہ ٿو ڏسڻ گهران. اسان گهڻو وقت گڏ نہ هونداسين.“ ”نہ، پر مان اسڪاچ ۽ پاڳل آهيان. پر مان انهي کي روڪي ڇڏينديس. اهو سڀ ڪجه بيڪار آهي.“ ”ها اهو سڀ ڪجه بيڪار آهي.“ ”اهو سڀ ڪجه بيڪار آهي. اها صرف بڪواس آهي. مان مينهوڳي کان خوفزده نہ آهيان. او، او خدايا. ڪاش مان نہ هجان.“ هوءَ روئي رهي هئي. مون هن کي آٿت ڏني ۽ هن روئڻ بند ڪيو. پر اتي ٻاهر اڃا تائين برسات وسي رهي هئي.

20

هڪڙي ڏينهن منجهند ڏاران اسان گوبون ڏسڻ وياسين. فرگوسن پڻ ساڻ هئي ۽ ڪرووبل راجرز اهو ڇوڪرو جنهن کي گولي جو ڊڪڻ ڪوليندي ڌماڪي جي سبب اکين ۾ زخم رسيا هئا سو پڻ ساڻ هو. ڇوڪريون ڪپڙا بدلائي مانجهاندي لاءِ روانيون ٿي ويون جڏهن مان ۽ ڪرووبل هن جي ڪمري ۾ بستر تي ويٺا هئاسين ۽ گهوڙن جي اڳوڻين حاصلاتن جو مطالعو ڪري رهيا هئاسين ۽ گوڙ واري اخبار ۾ انهن جي باري ۾ اڳڪٿيون پڙهي رهيا هئاسين. ڪرووبل جي مٿي تي پٽي لڳل هئي ۽ هو انهن گوبن جي باري ۾ گهڻو فڪر ڪو نه ڪندو هو پر اڪثر ڪري گوڙ واريون اهي اخبارون پڙهندو رهندو هو ڪجه نه ڪجه ڪرڻ جي لاءِ سڀني گهوڙن جي ڊوڙ جي ميدانن جي ڄاڻ رکندو هو. هن چيو خوفناڪ حد تائين گهوڙن جو تعداد گهڻو هو پر اسان وٽ انهن ئي گهوڙن جو احوال موجود آهي. پوڙهو ميئرز هن کي پسند ڪندو هو ۽ هن کي بخششون (ٽپس) ڏيندو هو. ميئرز لڳ ڀڳ هر گوڙ ۾ سوڀارو ٿيندو هو پر هن کي بخششون ڏيڻ پسند ڪو نه هو ڇاڪاڻ جو ان سان قيمتن ۾ گهٽتائي ٿي آئي. گوڙ ڪافي دغابازي واري هئي. سبزه زار واري ميدان کان جن ماڻهن جي خلاف هر ٻئي پاسي کان فيصلو صادر ڪيو ويو هو اهي اٽليءَ ۾ گوبون پڄائي رهيا هئا. ميئرز جي معلومات ڪافي سٺي هئي پر مان هن کان پڇڻ کان نفرت ڪندو هوس ڇاڪاڻ جو ڪڏهن ڪڏهن هو جواب ئي نه ڏيندو هو ۽ هميشه توهان کي نظر ايندو ته توهان کي ٻڌائڻ ۾ هن کي تڪليف محسوس ٿيندي هئي، پر ڪنهن سبب جي ڪري هو اسانکي ٻڌائڻ جي لاءِ پابند محسوس ڪندو هو ۽ هو ڪرووبل کي ٻڌائڻ کان گهٽ نفرت ڪندو هو. ڪرووبل جون اکيون گهايل هيون، هڪڙي صفا بريءَ طرح گهايل هئي، ۽ ميئرز کي سندس اکين ۾ تڪليف هوندي هئي جنهن جي ڪري هو ڪرووبل کي پسند ڪندو هو. ميئرز ڪڏهن به پنهنجي گهر واريءَ کي ڪو نه ٻڌائيندو هو ته هو ڪهڙي گهوڙي تي شرط رکي رهيو آهي، هن کي ان جي کٽڻ ۽ هارائڻ سان به ڪو سروڪار ڪو نه هوندو هو، هوءَ اڪثر طور تي هارائيندي رهندي هئي، ۽ هر وقت ڳالهائيندي رهندي هئي.

اسان چارئي ڄڻا ٻاهر سين سِيرو ڏانهن هڪڙي ٽانگي ۾ سوار ٿياسين. اهو هڪڙو مزيدار ڏينهن هو ۽ اسان پارڪ وچان گذرياسين ۽ شهر کان ٻاهر هڪڙي پٽڙيدار رستي جي ڀرسان گذرياسين جتي رستو مٽيءَ هاڻو هو. اتي لوهي جهنگلن وارا وڏا محل هئا ۽ حد کان وڌيل باغيچا هئا ۽ خندقون هيون جن ۾ پاڻي وهي رهيو هو ۽ ساين سبزين وارا باغيچا هئا جن جي پنن تي مٽي آيل هئي. اسان ميدانن جي آرپار زرعي زمين تي حويلين کي ۽ سرسبز ساون کيتن کي انهن جي زرعي خندقن سميت ڏسي پئي سگهياسين ۽ اتر ۾ جبلن کي پڻ ڏٺوسين. گوڙ جي ميدان وارن دڳن تي ڪيتريون ئي بگيون هلي رهيون هيون ۽ دروازي تي بيٺل ماڻهن اسان کي ڪارڊن جي بغير اندر وڃڻ ڏنو ڇاڪاڻ جو اسان کي ورديون پاتل هيون. اسان ٽانگي تان هيٺ لٿاسين، ڪاريڪرمن (پروگرامن) کي خريد ڪيوسين ۽ راند جي ميدان جي مربع جي آرپار هلياسين ۽ ان کان پوءِ گهوڙن کي سڌو ڪري

بيهارڻ لاءِ لسي گاه واري ميدان جي آرپار وياسين. ميدان ۾ ويهڻ وارين نشستون پراڻيون هيون ۽ اهي ڪاٺ جون ٺهيل هيون شرط وارين ننڍڙيون جايون ٻاهر اسطبلن جي ويجهو هڪڙي قطار ۾ گهوڙين (اسٽينڊ) جي هيٺان هيون. گهوڙن کي سڌو ڪري بيهارڻ واري جاءِ واري جهنگلي وڻان فوجين جو هڪڙو هجوم بيٺل هو. راند جي ميدان جو مربعو ماڻهن جي چڱي خاشي تعداد سان ڀريل هو ۽ اهي گهوڙن کي انهن کي سڌو ڪري بيهارڻ واري جاءِ جي پٺيان وڻن جي هيٺان هڪڙي ميدان ۾ گهمائي رهيا هئا. اسان انهن ماڻهن کي ڏٺوسين جن کي اسان سڃاڻيندا هئاسين ۽ فرگوُسن ۽ ڪيٿرائن جي لاءِ ڪرسيون گهرايون سين ۽ گهوڙن کي ڏٺوسين. اهي چئوگرد هليا ويا، هڪٻئي جي پٺيان، انهن جا ڪنڌ هيٺ هئا اسطبل ۾ گهوڙن جي سنڀار ڪندڙ ماڻهو انهن جي اڳواٽي ڪري رهيا هئا. هڪڙو بنفشي سياه گهوڙو جنهن جي باري ۾ ڪرو ويل قسم کڻي چيو تہ ان جو رنگ خضاب ڪيل هو. اسان ان کي ڏٺوسين ۽ اهو ممڪن لڳي رهيو هو. اهو بلڪل ان مهل آيو جڏهن ان تي پاڪڙو رکڻ جي لاءِ گهنڊ وڄايو ويو. اسان اسطبل ۾ گهوڙي کي سنڀاليندڙ شخص جي ٻانهن تي لڳل عدد وچان ان کي ڪاريڪرم ۾ ڇڪاسيوسين ۽ اهو جيپاليڪ جي نالي سان هڪڙي خصي گهوڙي طور فهرست ۾ درج ڪيل هو. اها گوءِ انهن گهوڙن جي باري ۾ هئي جن ڪڏهن هڪڙي هزار لايرن جي قيمت کان وڌيڪ سوپ نہ ماڻي هئي. ڪيٿرائن کي ان جي باري ۾ يقين هو تہ ان جو رنگ مٽايو ويو هو. فرگوسن چيو تہ هوءَ ان جي باري ۾ ڪجھ چئي نہ ٿي سگهي. مون سمجهيو تہ اهو مشڪوڪ لڳي رهيو هو. اسان سيني ان تي اتفاق ڪيوسين تہ اسانکي ان تي ڪجھ لڳائڻ گهرجي ۽ اسان هڪ هزار لاير جي شرط لڳائيسين. ڪرو ويل مٿي ويو ۽ ٽڪيٽون وٺي آيو جڏهن تہ اسان پيشيور گهوڙي سوار کي هڪڙو دفعو ٻيهر سواري ڪندي ڏسي رهيا هئاسين ۽ ان کان پوءِ ان کي وڻن جي هيٺان واري رستي ڏانهن ويندي ڏٺوسين ۽ هو آهستي آهستي ٽاپ ٽاپ ڪندي گوءِ جي منڍ کان ٿي بيٺو. اسان ميدان جي ڇت وارين نشستن ڏانهن وياسون ۽ گوءِ ڏسڻ لڳاسين. انهن کي تڏهن اتي سين سِيرو وٽ لچڪدار رڪاوٽون ڪو نہ هيون ۽ الا توهار ڪندڙ سيني گهوڙن کي قطارن ۾ لڳايو. اهي رستي ڏانهن رخ ڪندي ڪافي ننڍڙا نظر اچي رهيا هئا، ۽ ان کان پوءِ هن پنهنجي ڊگهي ڇهبڪ جو ان کي هڪڙو زيپٽ وهائي ڪري روانو ڪيو. اهي اسان وٽان گذري ويا جن ۾ ڪارو گهوڙو اڳيان اڳيان هو ۽ پوءِ وري موڙ وٽان اهو ڊوڙ ۾ ٻين کان پوئتي پئجي ويو. مون انهن کي پري کان عينڪن جي مدد سان ڏٺو ۽ گهوڙيسوار کي اڳ وٺڻ لاءِ هن تي ضابطو ڪندي ڏٺو پر هو ان تي ضباطو آڻي نہ سگهيو ۽ جڏهن اهي موڙ ۽ ۽ انتهائي حد وٽ پهتا ڪارو گهوڙو ٻين گهوڙن کان پندرنهن قدم پوئتي هو. هو خاتمي کان پوءِ اڳتي واري رستي ۽ موڙ وٽ پهتو. ”ڇا اهو حيرت انگيز ناهي،“ ڪيٿرائن چيو. ”اسان کي گهٽ ۾ گهٽ ٽي هزار لاير ملندا. اهو پڪ سان هڪڙو عمدو گهوڙو ٿي سگهي ٿو.“ ”مان اميد ڪيان ٿو تہ اهي رقم جي ادائگي ڪرڻ کان پهريان ان جو رنگ نہ مٽائيندا. “ ڪرو ويل چيو. ”اهو واقعي ۾ هڪڙو پيارو گهوڙو هو“ ڪيٿرائن چيو. ”مونکي حيرت ٿيندي جيڪڏهن مسٽر ميئرز هن جي پنيرائي ڪئي هوندي“ ”ڇا توهان وٽ ڪو سوپ ماڻيندڙ آهي؟“ مون مسٽر ميئرز کي سڏ ڪيو. هن ڪنڌ لوڏيو. ”مون نہ ڪتيو“ مسز ميئرز چيو. ”توهان ٻچڙن

کهڙي تي شرط لڳائي؟“ ”جيپاليڪ.“ ”واقعي؟ اهو هڪ تي پنجتيه آهي!“ ”اسان هن جي رنگ کي پسند ڪيوسين.“ ”مون نہ ڪيو. مون سمجهيو اهو ڦيڦو آهي. انهن مونکي چيو تہ ان جي پنيرائي نہ ڪجانءِ.“ ”اهو ايتري رقم نہ ڏيارائيندو“ ميئرز چيو. ”حوالي ۾ ان تي هڪ تي پنجتيه جو نشان ڏنل هو“ مون چيو. ”اهو آخري منٽ ۾ ڪا رقم نہ ڏيارائيندو.“ ”انهن هن تي ڪوڙ ساتري رقم لڳائي آهي.“ ”نہ.“ ”ڪيمپٽن ۾ چوڪرا. توهان ڏسجو. اهو ٻن تي هڪ جي ڪا ادائگي نہ ڪندو.“ ”تہ پوءِ اسان ٿي هزار لاير حاصل ڪري نہ سگهنداسين،“ ڪيٽرائن چيو. ”مان اهڙي دغابازي واري گوءِ کي پسند نہ ٿي ڪيان!“ ”اسان ٿي سئو لاير حاصل ڪنداسين.“ ”اهي تہ ڪجه بہ نہ آهن. انهن سان اسان کي ڪو بہ فائدو ڪو نہ پوندو. مون سمجهيو اسان ٿي هزار لاير وٺڻ وارا آهيون.“ ”اها ڌوڪيازي ۾ نفرت جوڳي آهي،“ فرگوسن چيو. ”يقيناً،“ ڪيٽرائن چيو. ”جيڪڏهن اهو دغاباز نہ هجي ها تہ اسان ان جي ڪڏهن بہ پنيرائي نہ ڪيون ها. پر مان ٿي هزار لايرن کي پسند ڪيان ها.“ ”اچو تہ هيٺ هلون ۽ هڪڙو مشروب پيئون ۽ ڏسون تہ اهي ڪيتري ادائگي ڪن ٿا،“ ڪرويل چيو. اسان اوڏانهن وياسين جتي انهن عدد لڳائي رکيا هئا ۽ ادائگي لاءِ گهنڊ وڄايو ويو ۽ انهن جيپاليڪ جي کٽڻ لاءِ 18.50 لڳائي ڇڏيو. ان جو مطلب هو تہ ان ڏهن ليرن جي شرط کان بہ گهٽ رقم ادا پئي ڪئي.اسان نشستن جي هيٺان مئخاني ڏانهن وياسين ۽ هڪڙي وسڪي ۽ سوڊا في ڪس ورتي سين. اسان اطالوين جي هڪڙي جوڙي سان گڏياسين جن کي اسان سڃاتو پئي ۽ مِڪ ايڊمز وائيس قونصل، ۽ جڏهن اسان ڇوڪرين سان گڏياسين اهي مٿي اسان ڏانهن آيا. اطالوي ڪافي سليقي وارا هئا ۽ جڏهن اسان وري ٻيهر شرط لڳائڻ وياسين مِڪ ايڊمز ڪيٽرائن سان ڳالهايو. مسٽر ميئرز باهم شرطاٽي وٽ بيٺل هو. ”ان کان معلوم ڪر تہ هن ڇا ڪيڏيو آهي،“ مون ڪرويل کي چيو. ”مسٽر ميئرز توهان ڪٿان کوليو آهي؟“ ڪرويل پڇيو. ميئرز پنهنجو ڪاريڪرم کوليو ۽ پينسل سان عدد پنج ڏانهن نشاندهي ڪئي. ”ڇا جيڪڏهن اسان ان تي ئي کيڏون تہ توهان اعتراض تہ نہ ڪندا؟“ ڪرويل پڇيو. ”اڳتي وڌو. اڳتي وڌو. پر منهنجي گهر واريءَ کي نہ ٻڌائجو تہ توهان کي مون اهو ڏنو آهي.“ ”ڇا توهان هڪڙو ڇڪو پيئڻ چاهيندا؟“ مون پڇيو.”نہ. مهرباني. مان ڪڏهن بہ نہ پيئندو آهيان.“ اسان پنج عدد تي کٽڻ لاءِ هڪ سئو لاير لڳايا ۽ پوءِ هڪڙي ٻي وسڪي ۽ سوڊا في ڪس گهرائيسين. مان ڪافي سٺو محسوس ڪري رهيو هوس ۽ اسان اطالوين جي ڪجه ٻين جوڙن سان گڏياسين انهن مان هر هڪ اسان سان گڏجي جام نوشي ڪري، واپس ڇوڪرين ڏانهن هليو ويو. اطالوي پڻ ڪافي سليقي وارا هئا ۽ انهن جو سليقو انهن سان ملي رهيو هو جن کي اسان پهريان کان گڏيا هئاسين. ٿوريءَ دير کان پوءِ ڪو بہ ويهي نہ پئي سگهيو. مون ٽڪيٽون ڪيٽرائن کي ڏنيون. ”اهو کهڙو گهوڙو آهي؟“ ”مان نہ ٿو ڄاڻان. اهو مسٽر ميئر جي پسند آهي.“ ”تون تان جو نالو بہ نہ ٿو ڄاڻين؟“ ”نہ. تون ان کي ڪاريڪرم ۾ ڳولهي سگهين ٿي. مان سمجهان ٿو شايد عدد پنج آهي.“ ”توکي ان تي پڪو ويساه آهي،“ هن چيو. پنج عدد کٽيو پر انهي مان ڪا ادائگي ڪا نہ ٿي. مسٽر ميئر غصي ۾ هو. ”توهان کي ٻہ سئو لاير لڳائڻا پوندا انهن مان ويه ڪرڻ جي لاءِ،“ هن چيو. ”ڏهن لاءِ ٻارنهن لاير. اهو ان جي قابل نہ آهي. منهنجي گهر واري جا ويه لاير ضايح ٿي ويا.“ ”مان

توسان هيٺ هلندس،“ ڪيٿرائن مونکي چيو. سمورا اطالوي اٿي کڙا ٿيا. اسان ڏاڪڻين کان هيٺ وياسين ۽ ٻاهر گهوڙن کي سڏو ڪري بيهارڻ واري هنڌ ڏانهن آياسين. ”ڇا تون ان کي پسند ڪرين ٿو؟“ ڪيٿرائن پڇيو. ”ها. مان سمجهان ٿو ته ها.“ ”مان سمجهان ٿي ته اهو سڀ ڪجه ٺيڪ آهي.“ هن چيو. ”پر، جاني، مان ڪيترن ماڻهن کي بيهي نه ٿي ڏسي سگهان.“ ”اسان ڪيترن کي نه ٿا ڏسون.“ ”نه. پر اهي ميئرز وارا ۽ بينڪ وارو همراه پنهنجي زال ۽ ڌيئرن سميت. منهنجي سائيٺ ڊرافٽن مان ڪيش ڪرائي رهيو آهي.“ مون چيو. ”پر جيڪڏهن اهي نه ڪندا ته ڪو ٻيو ڪرائيندو. اهي آخري ٽي ڇوڪرا ڪافي پيانڪ آهن.“ ”اسان هتي ٻاهر ترسي ڪري جهنگلي وٿان گوءِ ڏسي سگهون ٿا.“ ”اهو ڪافي مزيدار هوندو. ۽ جاني، اڄ ته هڪڙي اهڙي گهوڙي جي پنيرائي ڪيون جنهن جي باري ۾ اسان ڪڏهن به ڪو نه ٻڌو آهي ۽ مسٽر ميئرز پڻ ان جي پنيرائي نه ڪري رهيو هجي.“ ”ٺيڪ آهي.“ اسان هڪڙي گهوڙي جي پنيرائي ڪئي سين جنهن جو نالو هو لائيٺ فار مِي جيڪو پنجن جي هڪڙي ميدان ۾ چوٿين اختتام وٽ هو. اسان جهنگلي تي آهلجي پياسين ۽ گهوڙن کي ويندي ڏٺوسين، اهي جڏهن اسان وٽان گذري رهيا هئا انهن جي سنبن مان ڌمڪ اچي رهي هئي، ۽ مفاصلي تي جبل ڏٺاسين ۽ وڻن ۽ کيتن کان پري ملان کي ڏٺوسين. ”مان ڪافي صاف محسوس ڪيان ٿي،“ ڪيٿرائن چيو. گهوڙا دروازي کان واپس اچي رهيا هئا. گهميل ۽ پگهر ۾ شل، گهوڙيسوار انهن کي مانو ڪري رهيا هئا انهن تان لهڻ لاءِ وڻن ڏانهن ڪاهي رهيا هئا. ”ڇا تون هڪڙو ڇڪو پيئڻ پسند نه ڪندينءَ؟ اسان هتان کان ٻاهر هڪڙو پي سگهون ٿا ۽ گهوڙا به ڏسي سگهون ٿا.“ ”مان اهي وٺي ايندس،“ مون چيو. ”ڇوڪرو اهي کڻي ايندو“ ڪيٿرائن چيو. هن پنهنجو هٿ مٿي ڪيو ۽ ڇوڪرو اسطبل جي پرسان مناري واري مئخاني مان ٻاهر نڪري آيو. اسان هڪڙي گول ميز وٽ ويهي رهياسين. ”ڇا تون انهي کان ان کي پسند نه ڪندو آهين جڏهن اسان اڪيلا هوندا آهيون؟“ ”ها،“ مون چيو. ”جڏهن اهي سڀ اتي هوندا آهن مان پاڻ کي ڪافي تنها محسوس ڪندو آهيان.“ ”هتي هئڻ شاندار آهي،“ مون چيو. ”ها. اهو حقيقت ۾ هڪڙو خوبصورت دڳ آهي.“ ”اهو عمدو آهي.“ ”مونکي پنهنجو مزو ڦٽائڻ نه ڏي، جاني. مان جڏهن به تون چاهيندين واپس هلي ويندس.“ ”نه،“ مون چيو. ”اسان هتي ويهي ڪري پنهنجي مئه پيئنداسين. تهان پوءِ اسان هيٺ ويندسين ۽ رڪاوٽي ڊوڙ لاءِ پاڻيءَ واري ٻُل وٽ بيهنداسين.“ ”تون مون لاءِ تمام گهڻو سٺو آهين،“ هن چيو. ٿوري دير تائين اڪيلو رهڻ کانپوءِ اسان ٻيهر ٻين کي ڏسي خوش ٿياسين. اسان ڪافي سٺو وقت گذاريوسين.

21

سيپٽيمبر ۾ پهرين ٿڌي رات آئي، تنهن کان پوءِ ڏينهن ٿڌا ٿيڻ لڳا ۽ پارڪ ۾ وڻن جي پنن جو رنگ مٽجڻ لڳو ۽ اسان ڄاڻي وياسين تہ اونهارو موڪلائي ويو. محاذ تي جنگ ڪافي بري نموني جاري هئي ۽ اهي سين گيبريل کي حاصل ڪري ڪو نہ سگهيا. بينسِيزا واري اوچي ميدان تي هلندڙ ويڙه مهيني جي اڌ ڌاران پڄاڻيءَ تي پهتي سين گيبريل جي لاءِ لڙائي پڻ ختم ٿيڻ تي هئي. اهي ان تي قبضو ڄمائي ڪو نہ سگهيا. ايتور واپس محاذ ڏانهن هليو ويو هو. گهوڙا روم ڏانهن اماڻيا ويا هئا ۽ هاڻي گوڀون وڏيڪ لاءِ جاري ڪو نہ هيون. ڪرووِيل پڻ روم ڏانهن هليو ويو هو. اتان امريڪا ڏانهن روانو ٿيڻ جي لاءِ. جنگ جي خلاف شهر ۾ بہ ٻيرا فساد برپا ٿيا ۽ ٽُورِن (Turin) ۾ گندا فساد برپا ٿيا. هڪڙي برطانوي ميجر مونکي ڪِلب ۾ ٻڌايو تہ اطالوين بينسِيزا واري مٿاهين ميدان ۽ سين گيبريل ۾ هڪ سئو ۽ پنجاه هزار انسان وڃايا. هن مونکي ٻڌايو تہ انهن انهي کان علاوه ڪارسو ۾ چاليهہ هزار ماڻهو مارايا. اسان هڪڙو جام پي رهيا هئاسين ۽ هو ڳالهائي رهيو هو. هن چيو تہ هن سال هيٺ هتي جنگ پڄاڻيءَ تي پهچي چڪي هئي ۽ اطالوين کي وڏي مشڪل سان منهن ڏيڻو پئجي ويو. هن چيو تہ فِليندرز ۾ جارحيت بري صورت اختيار ڪري رهي هئي. جيڪڏهن اهي هن خزان جيان انسانن کي ماريندا رهيا تہ اتحادين کي ٻئي سال پڻ پڇايو ويندو. هن چيو تہ اسان مڙني کي پڇايو ويو هو پر اسان اوستائين صحيح هئاسين جيستائين اسان ان کان اڻڄاڻ هئاسين. اسان سڀ پڇايا ويا آهيون. ان کي تسليم نہ ڪرڻ جي ڳاله هئي. آخري ملڪ جيڪو ڄاڻي وٺي تہ انهن کي پڇايو ويو آهي اهو جنگ کٽي ويندو. اسان هڪڙو ٻيو جام پيتوسين. ڇا مان ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ جي عملي سان هوس؟ نہ. اهي سڀ مليل هئا. اسان ڪلب ۾ صفا اڪيلا هئاسين ۽ چمڙي جي وڏن صوفن تي ويٺا هئاسين. هن جا جوتا هموار طريقي سان پالش ڪيل مدهم چمڙي وارا هئا. اهي خوبصورت جوتا هئا. هن چيو اهي سڀ پاڻ ۾ ٻِٽ هئا. انهن صرف ڊويزنن ۽ افرادي قوت تي پئي ويچاريو. اهي سڀ ڊويزنن جي معمولي ڳاله تي پاڻ ۾ آنجي پئي پيا ۽ فقط ان مهل انهن کي ماري پئي ڇڏيائون جڏهن انهن ان کي حاصل پئي ڪيو. اهي سڀ پاڻ ۾ مليل هئا. جرمنن سوڀون ماڻيون. خدا جو قسم اهي واقعي ۾ سپاهي هئا. پوڙهو جرمن پڻ هڪڙو سپاهي هو. پر انهن کي پڻ پڇايو ويو. اسان سڀ پڇايا وياسين. مون روس جي باري ۾ پڇيو. هن چيو تہ انهن کي اڳ ۾ ئي پڇايو ويو هو. مان سنت ئي انهن جو ڪڙهڻ ڏسندس. انهي ڪانپوءِ آسٽريائن کي پڻ ڪاڙهيو ويندو. جيڪڏهن انهن ڪجه جرمن فوجي ڊويزنون حاصل ڪيون تہ اهي ان کي ڪري سگهن ٿا. ڇا هن سمجهيو پئي تہ اهي هن خزان دوران حملو ڪندا؟ يقيناً اهي ڪندا. اطالوي ڪاڙهيا ويا. هر ڪو ڄاڻي ٿو تہ انهن کي ڪاڙهيو ويو. پوڙها جرمن ٽرينٽينو جي ذريعي هيٺ ايندا ۽ وسينزا وٽان ريلوي کي ڪٽي ڇڏيندا تڏهن اطالوي ڪاڏي ويندا؟ انهن سورنهن ۾ ان کي آزمايو هو مون چيو. جرمنن سان نہ. ها. مون چيو. پر اهي يقيناً ايئين نہ ڪندا. هن چيو. اهو ڪافي سئولو هو. اهي ڪا

پيچيده شيءِ ڪندا ۽ اهي شاهاڻي طريقي سان ڪاڙهيا ويندا. مونکي وچڻو آهي مون چيو. مونکي اسپتال ڏانهن واپس ورڻو هو. ”الوداع.“ هن چيو. پوءِ خوشگوار انداز ۾، ”هر قسم جو ڀاڳ هجيئي!“ هن جي ذاتي خوشگواري ۽ هن جي دنيا بابت مايوسي وارن ويچارن جي درميان هڪڙو وڏو تضاد هو. مان هڪڙي حجم جي دوڪان تي رڪجي ويس ۽ حجامت ڪرايم ۽ اسپتال ڏانهن گهر ڏي ويس. منهنجي ڄنگه جي ٺيڪ ٿيڻ جي لاءِ اجا ڪافي عرصو درڪار هو. مان تي ڏينهن اڳ ۾ چڪاس جي لاءِ آيو هوس. اوسپيڊيل جي سلسلي ڪان پهريان اتي اجا ڪي اعلاج وٺا هئا. ميگي اور پورو ٿي ويو هو ۽ مان پاسي واري گهٽيءَ ڪان گذريس ڄنگه جي منڊڪ کي روڪڻ جي مشق ڪندي. هڪڙو پوڙهو شخص هڪڙي محرابي ڇت جي هيٺان ڪا خَطي تصوير ڪٽي رهيو هو. مان هن کي ڏسڻ لاءِ بيهي رهيس. ٻه ڇوڪريون پوز هٽي رهيون هيون ۽ هو انهن جون گڏوگڏ خطي تصويرون ٺاهي رهيو هو. هنن ڏانهن ڏسندي جلدي جلدي ڪٽيندي، هن جو منهن هڪڙي پاسي هو. ڇوڪريون کچڪار ڪري رهيون هيون. هن سفيد ڪاڳر تي لڳائڻ ڪان پهريان اهي خطي تصويرون انهن کي ڏيکاريون ۽ پوءِ انهن جي حوالي ڪري ڇڏيون. ”اهي خوبصورت آهن.“ هن چيو. ”تينينت، تنهنجي باري ۾ ڇا خيال آهي؟“ ڇوڪريون پنهنجي خطي تصويرن کي ڏسي ٽهڪ ڏيندي روانيون ٿي ويون. اهي ڏسڻ ۾ سٺيون ڇوڪريون هيون. انهن منجهان هڪڙي اسپتال جي آرپار مئخاني ۾ ڪم ڪندي هئي. ”ٺيڪ آ.“ مون چيو. ”پنهنجي ٽوپي لاه.“ ”نه. ان سميت.“ ”اها ايتري سهڻي نه بيهندي.“ پوڙهي همراه چيو. ”پر.“ هن روشني تيز ڪئي، ”اهو گهڻي قدر فوج جهڙو هوندو.“ ”هن ڪاري پني کي ڪٽي ڏار ڪيو“ ۽ پوءِ ٻه ٿلها حصا الڳ ڪيا ۽ هڪ طرفي تصوير هڪڙي ڪارڊ تي لڳائي ۽ اها منهنجي حوالي ڪئي؟“ ”گهڻا ٿيا؟“ ”اهو سڀ ٺيڪ آهي.“ هن پنهنجو هٿ لوڏيو. ”مون اهي صرف تولاءِ ٺاهيون.“ ”مهرباني.“ مون ڪجه ٽامي جا سڪا ٻاهر ڪڍيا. ”مزي لاءِ.“ ”نه. مون انهن کي تفريح لاءِ جوڙيو. اهي پنهنجي يارڙيءَ کي ڏئي ڇڏجانءِ.“ ”وڏيون مهربانيون جيسين پاڻ ملون.“ ”جيسين پاڻ ملون.“

مان اسپتال ڏانهن هلڻ لڳس. اتي ڪجه سرڪاري ۽ ٻيا خط هئا. مان ٽن هفتن جي روبصحت موڪل ڪري رهيو هوس ۽ ان کي واپس محاذ ڏانهن موڪلي رهيو هوس. مون ان کي محتاط طريقي سان پڙهي پورو ڪيو. روبصحت موڪل چوٿين آڪٽوبر ڪان شروع ٿيڻ واري هئي جڏهن منهنجو ڪورس پورو ٿي ويندو. ٽي هفتا مطلب ايڪويه ڏينهن. ان سان آڪٽوبر ڇه پئي جڙي. مون هنن کي ٻڌايو ته مان اڃي نه سگهندس ۽ اسپتال ڪان ٿورو اڳتي گهٽيءَ ڪان مٿي رات جي ماني کائڻ لاءِ هوٽل ڏانهن ويس ۽ پنهنجون اخبارون ۽ ڊيلا سيرا جا ڪوريئر پڙهڻ لڳس. اتي هڪڙو خط منهنجي ڏاڏي جو هو جنهن ۾ خاندان جون خبرون چارون هيون. ديش ڀڳت ٿيڻ لاءِ حوصلا افزائي هئي. هڪڙو ٻه سئو ڊالرن جو ڊرافٽ هو ۽ ڪجه اخباري ڪتوتيون هيون. اسان جي ميس ڪان پادري جو هڪڙو موڳو خط هو. هڪڙو خط هڪڙي ان ماڻهوءَ جو هو جنهن کي مان ڄاڻيندو هوس جيڪو فرانسيسن سان گڏ اڏارون پري رهيو هو ۽ هڪڙي خطرناڪ غنڊن جي تنظيم ۾ شامل ٿي ويو هو ۽ ان جو احوال لکيو هئائين. ۽ هڪڙو رنالڊي پاران لکيل يادداشت نامو جنهن ۾ هو پڇي رهيو هو ته مان بيماريءَ جو

ٻهانو ٻڌائي ڪيستائين ملان ۾ وينو هوندس ۽ پڇيو هئائين ته ٻيون ڪهڙيون خبرون چارون آهن؟ هن چاهيو پئي ته مان هن جي لاءِ فونوگراف جا ريڪارڊ آڻيان ۽ انهن جي هڪڙي فهرست پڻ شامل ڪئي هئائين. مون مانيءَ سان گڏ شيانتي (chianti: اطالوي شراب) جي هڪڙي ننڍڙي بوتل پيتي، بعد ۾ ڪوگنيڪ جي هڪڙي گلاس سان ڪافيءَ جو هڪڙو گلاس پيتو اخبار پڙهي پوري ڪيم، پنهنجا خط پنهنجي ڪيسي ۾ وجهي ڇڏيم، اخبار کي بخشش (ٽپ) سان گڏ ميز تي رکي ڇڏيم ۽ ٻاهر هليو ويس. اسپتال ۾ پنهنجي ڪمري ۾ مون ڪپڙا بدلايا، ۽ سمهڻ وارو لباس (پاجاما) پاتا ۽ هڪڙو چوغي نما (گائون) پهريو. ڇڄي وٽان ڪلنڊڙ دروازي جي پردي کي سٽ سان هيٺ ڪيم ۽ بستر ۾ ويهي باسٽن جون اخبارون پڙهڻ لڳس انهن اخبارن جو انبار مسز ميئرز ٻاران اسپتال جي ڇوڪرن لاءِ ڇڏيو ويو هو. شڪاگو وائيٽ ساڪس آمريڪي ليگ پيننٽ کٽي رهيا هئا ۽ نيويارڪ جاينٽس نيشنل ليگ جي اڳواڻي ڪري رهيا هئا. باب رُوٿ هڪڙو پِچر هو جيڪو تڏهن باسٽن جي لاءِ کيڏي رهيو هو. اخبارون موڳيون هيون، جن ۾ مقامي ۽ بدبودار خبرون هيون، ۽ جنگ جون خبرون سڀ پراڻيون هيون. آمريڪا جون سموريون خبرون تربيتي ڪيمپن جي باري ۾ هيون. مان خوش هوس جو مان ڪنهن تربيتي ڪيمپ ۾ ڪو نه هوس. مون بيس بال جي باري ۾ سموري خبر پڙهي ۽ مونکي ان ۾ ٿورڙي به دلچسپي ڪا نه هئي. اخبارن جي پاڻ ۾ مليل هڪڙي وڏي تعداد انهن کي دلچسپيءَ سان پڙهڻ کي ناممڪن پئي بڻايو. مون انهن کي ٿوري گهڙيءَ جي لاءِ پڙهيو. مونکي ان ڳاله تي تعجب پئي ٿيو جيڪڏهن آمريڪا حقيقي معنيٰ ۾ جنگ ۾ گهڙي پوي ۽ اهي وڏيون وڏيون جميعتون (leagues) بند ڪري ڇڏين. غالباً اهي ايئن نه ڪندا. ملان ۾ اجا گوءِ هلي رهي هئي ۽ جنگ ايڏي هاجيڪار ڪو نه هئي. انهن فرانس ۾ گوءِ بند ڪري ڇڏي هئي. اٽان اسان جو گهوڙو جيپاليڪ آيو هو. نائين بجي تائين ڪيٿرائين ڊيوٽيءَ تي ڪو نه آئي هئي. مون هن کي فرش وٽان گذرندي ٻڌو جڏهن هوءَ پهريان ڊيوٽيءَ تي آئي ۽ هڪڙو ڀيرو هن کي هال وٽان گذرندي ڏٺو. هوءَ ڪيترن ٻين ڪمرن ڏانهن ويئي ۽ آخرڪار مون ڏانهن آئي. "جاني، مونکي دير ٿي ويئي،" هن چيو. اتي گهڻو ڪجه ڪرڻو پئجي ويو. تون ڪيئن آهين؟" مون هن کي پنهنجي ڪاغذن ۽ موڪل جي باري ۾ ٻڌايو. "اهو ڪافي دلڪش آهي،" هن چيو. "تون ڪيڏانهن وڃڻ چاهين ٿو؟" "ڪيڏانهن به نه. مان هتي ٽڪڻ چاهيان ٿو." "اهو پاڳل پڻو آهي. تون ڪنهن هنڌ ڏانهن وڃڻ جو انتخاب ڪر ۽ مان پڻ اوڏانهن ايندس." "تون اتي ڪم ڪيئن ڪندين؟" "مان نه ٿو ڄاڻان. پر مان ڪندس." "تون ڪافي حيرت انگيز آهين." "نه. مان ناهيان. پر زندگيءَ کي ترتيب ڏيڻ تنهن مهل مشڪل نه ٿو هجي جڏهن توهان وٽ وڃائڻ جي لاءِ ڪجه به نه هجي." "تنهنجو مطلب ڪهڙو آهي؟" "ڪجه به نه. مان هميشه اهو سوچيندو آهيان ته جيڪي رڪاوٽون ڪڏهن ايڏيون وڏيون هونديون هيون اهي ڪيئن نه ننڍڙيون پيون ڏيکارجن." "مونکي اهو سمجهڻ گهرجي ته انهي کي سنڀالڻ مشڪل ٿي سگهي ٿو." "نه جاني، اهو نه هوندو. جيڪڏهن ضروري هوندو ته مان ان کي محض ڇڏي ڏيندس. پر اهڙي ڪا به نوبت ڪا نه ايندي." "اسان کي ڪيڏانهن هلڻ گهرجي؟" "مونکي ڪا به پرواه ناهي. جيڏانهن به تنهنجي دل گهري. ڪٿي به جتي اسان ماڻهن کان

اجنبي هجون.“ ”ڇا توکي ان جي پرواه ناهي تہ اسان کي ڪيڏانهن هلڻ گهرجي؟“ ”نہ. مان ڪنهن نہ ڪنهن هنڌ کي پسند ڪري وٺندس.“ هوءَ پريشان ۽ اداس لڳي رهي هئي. ”ڪجه بہ ناهي. ڪو مسئلو ناهي.“ ”ها اتي ڪا ڳاله آهي.“ ”نہ. ڪجه بہ ناهي. سچي ڪجه بہ ناهي.“ ”مان ڄاڻان ٿو ڪجه نہ ڪجه ضرور آهي. جاني، مونکي ٻڌاءِ. تون مونکي ٻڌائي سگهين ٿي.“ ”ڪا ڳاله ناهي.“ ”مونکي ٻڌاءِ.“ ”مان نہ ٿي چاهيان. مونکي پڪو ٿو ٿئي تہ مان توکي ناخوش ۽ پريشان ڪري ڇڏيندس.“ ”نہ اهو مونکي نہ ڪندو.“ ”ڇا توکي يقين آهي؟ اهو مونکي پريشان نہ ڪندو پر مونکي پڪو ٿو ٿئي تہ ان سان تون پريشان ٿي ويندين.“ ”جيڪڏهن اهو توکي پريشان نہ ڪري تہ.“ ”مان توکي نہ ٿي ٻڌائڻ چاهيان.“ ”ٻڌاءِ.“ ”ڇا مونکي ٻڌائڻ گهرجي؟“ ”ها.“ ”مونکي ٻار ٿيڻ وارو آهي، جاني. اهو لڳ ڀڳ ٽن مهينن جي عرصي جو آهي. تون پريشان نہ آهين، ها نہ؟“ ”مهرباني ڪري نہ ٿي. تون لازماَ پريشان نہ ٿي.“ ”ٺيڪ آهي.“ ”اهو سڀ ڪجه ٺيڪ آهي؟“ ”يقيناَ.“ ”مون سڀ ڪجه ڪيو. مون سڀ ڪجه واپرايو پر ان سان ڪو بہ فرق ڪو نہ پيو.“ ”مان پريشان نہ آهيان.“ ”مان ان لاءِ ڪجه نہ ٿي ڪري سگهان، جاني، ۽ مان ان جي باري ۾ پريشان نہ آهيان. تون ڪو بہ ڳڻتي ڳارو نہ ڪر نہ ئي انهي جي باري ۾ ڪا بري محسوسات رک.“ ”مان صرف تنهنجي باري ۾ فڪرمند هوندو آهيان.“ ”اهو ئي تہ. جنهن جي ڪري ئي توکي ڪو اونهو نہ ڪرڻ گهرجي. ماڻهن کي سدائين ٻار ٿيندا آهن. هر ڪنهن وٽ ٻار آهن. اهو فطري عمل آهي.“ ”تون تمام گهڻو سٺو آهين.“ ”نہ مان ناهيان.“ ”پر پيارا، تون ان کي برو نہ سمجه. مان ڪوشش ڪنديس ۽ تنهنجي لاءِ ڪا بہ مشڪلات ڪڙي ڪو نہ ڪنديس. مان ڄاڻان ٿي تہ هينئر مون مشڪلات پيدا ڪئي آهي. پر ڇا هن مهل تائين مان هڪڙي سٺي ڇوڪري نہ رهي آهيان؟ توکي ان جي باري ۾ ڪڏهن بہ ڪا ڄاڻ ڪو نہ هئي، يا هئي؟“ ”نہ.“ ”اهو سڀ ڪجه ايئين ئي رهندو. تون بلڪل بہ ڪو فڪر نہ ڪر. مان ڏسي رهيو آهيان تہ توکي ان جو اونهو ورائي ويو آهي. ان کي روڪ. انهي کي اتي ئي روڪي ڇڏ. مان ڄاڻان ٿو تہ هڪڙو جام هميشہ توکي خوشيءَ سان ڀرپور ڪري ڇڏيندو آهي.“ ”نہ. مان پائنيان پيئي تہ مان خوش آهيان. ۽ تون ڪافي سٺو آهين.“ ”نہ مان ناهيان. پر جيڪڏهن تون اسان جي لاءِ ڪنهن جاءِ جو انتخاب ڪندين تہ اسان ٻئي اتي گڏجي سڏجي هر مسئلي کي حل ڪري وٺنداسين. اهو آڪٽوبر ۾ تمام گهڻو دلڪش هئڻ گهرجي. اسان هڪڙو سٺو وقت گهاريندا سين، جاني. ۽ مان توکي هر روز لکندي رهنديس جڏهن تون محاذ تي هوندين.“ ”تون ڪٿي هوندين؟“ ”هن مهل تائين نہ ٿو ڄاڻان. پر ڪنهن نہ ڪنهن شاندار هنڌ تي. مان ان سموري معاملي جي نگهباني ڪندس.“ اسان ٿوري گهڙيءَ جي لاءِ خاموش ٿي وياسين ۽ ڪجه بہ نہ ڳالهايوسين. ڪيٿرائن بستر تي ويٺي هئي ۽ مان هن ڏانهن نهاري رهيو هوس پر اسان هڪٻئي کي ڇهي ڪو نہ رهيا هئاسين. اسان هڪٻئي کان ڪمري ۾ ڪنهن جي بہ آمد جي احساس کان خود آگاهي ۾ ورتل هئڻ جي ڪارڻ هڪٻئي کان پري ٿي ويٺاسين. هن پنهنجو هٿ ٻاهر ڪڍيو ۽ منهنجي هٿ کي پڪڙي ورتو. ”جاني، تون ناراض تہ ناهين نہ؟“ ”نہ.“ ”۽ تون پنهنجو پاڻ کي گهيريل محسوس نہ ٿو ڪرين؟“ ”ٿورو گهڻو ٿي سگهي ٿو. پر تنهنجي ڪري نہ.“ ”منهنجو مقصد منهنجي ڪري ڪو نہ

هو. تون نادان نہ ٿي. منهنجو مقصد مجموعي طور تي ڦاسي پوڻ وارو هو.“ ”تون هميشہ حياتياتي طور تي ڦاسي پوڻ جو سوچيندو آهين.“ هوءَ پنهنجو هٿ ڇڏائڻ توڙي پنهنجي جذبات کي پڙڪائڻ جي چڻ تہ ڪنهن ڏکي رستي ۾ وڃائجي ويئي. ”’هميشہ‘ هڪڙو خوبصورت لفظ ناهي.“ ”مونکي افسوس آهي.“ ”اهو سڀ ڪجھ ٺيڪ آهي. پر تون سمجھين ٿو تہ مونکي ڪڏهن بہ ڪو ٻار نہ ٿيو هو ۽ مون ڪڏهن ڪنهن سان پيار نہ ڪيو هو. ۽ مون جيئن تو چاهيو پئي تيئن ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ پوءِ تون هميشہ جي باري ۾ ڳالهائيندو رهيين.“ ”مان پنهنجي ڇپ وڍي سگهان ٿو.“ مون هن کي آڇ ڪئي. ”او، پيارا!“ هوءَ جيڏانهن بہ ويئي هئي اتان کان واپس آئي. ”تون مونکي برو مَ پانءِ.“ اسان ٻئي وري گڏ هئاسين ۽ خود آگاهي غائب ٿي ويئي. ”اسان سچ پچ هڪ آهيون ۽ اسان کي ڄاڻي واڻي ڪجھ غلط نہ ڪرڻ گهرجي.“ ”اسان نہ ڪنداسين.“ ”پر ماڻهو ڪندا آهن. انسان هڪٻئي سان پيار ڪندا آهن ۽ اهي ڄاڻي واڻي خطائون ڪندا آهن ۽ اهي وڙهندا آهن ۽ پوءِ اهي اچانڪ بدلجي ويندا آهن.“ ”اسان نہ وڙهنداسين.“ ”اسان کي لازماً نہ وڙهڻ گهرجي. ڇاڪاڻ جو هن ساري دنيا ۾ فقط اسان ٻہ ڄڻا آهيون ۽ اتي باقي ساري دنيا آهي. جيڪڏهن اسان ٻنهي جي درميان ڪا شيءِ حائل ٿئي ٿي تہ اسان ٻئي هڪٻئي کان وڇڙي وينداسين ۽ پوءِ اهي اسان کي ڪٽي ويندا.“ ”اهي اسان کي پڪڙي نہ ويندا،“ مون چيو. ”ڇاڪاڻ جو تون تمام گهڻي بهادر آهين.“ ”اهي (بهادر/دل وارا) مرندا تہ ضرور آهن.“ ”پر صرف هڪڙو ڀيرو.“ ”مان نہ ٿو ڄاڻان تہ اهو ڪنهن چيو آهي؟“ ”بزدل هزارين موت مرندو آهي، بهادر صرف هڪڙو ڀيرو مرندو آهي.“ ”يقيناً. اهو ڪنهن چيو هو؟“ ”مان نہ ٿو ڄاڻان.“ ”اهو (چوڻ وارو) غالباً ڪو بزدل هو.“ هن چيو. ”هن بزدلن جي باري ۾ تمام گهڻو ڄاتو پئي پر بهادرن جي باري ۾ ڪجھ بہ نہ. شايد بهادر جيڪڏهن عقلمند آهي تہ اهو ٻہ هزار موت مري ٿو. هو قطعي طور تي ان جو تذڪرو نہ ٿو ڪري،“ ”مان نہ ٿو ڄاڻان. بهادر جي دماغ ۾ ليئو پائي ڏسڻ مشڪل آهي.“ ”ها. اهوئي سبب آهي جو اهي ان کي اهڙيءَ طرح رکندا آهن.“ ”تون پاڻ با اختيار آهين.“ ”تون صحيح پئي چوين جاني. اهو ان جي لائق هو.“ ”تون بهادر آهين،“ ”نہ،“ هن چيو. ”پر مان ٿيڻ چاهيان ٿي.“ ”مان نہ آهيان،“ مون چيو. ”مان ڄاڻان ٿو تہ مان ڪٿي بيٺو آهيان. مون گهڻي وقت کان ان کي ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. مان ڪنهن بال جي کيڏاري جيان آهيان جيڪو ٻہ سئو ٽيہ بيٽون هڻي ٿو ۽ ڄاڻي ٿو تہ هو بهتر ناهي.“ ”اهو بال جو کيڏاري ڇا هوندو آهي جيڪو ٻہ سئو ٽيہ بيٽون ورائيندو آهي؟ اهو تمام گهڻو متاثر ڪندڙ آهي.“ ”اهو ناهي. ان مان مراد آهي تہ اهوبيس بال ۾ معمولي درجي جو بليباز هوندو آهي“. ”پر پوءِ بہ هڪڙو بليبازئي هوندو آهي،“ هن مونکي هلڪي نوٽ هنئي. ”مان سمجهان ٿو تہ اسان ٻئي بي حقيقت آهيون،“ مون چيو. ”۽ جڏهن مونکي هڪڙو جام پيتل هوندو آهي مان تمام گهڻو بهادر هوندو آهيان.“ ”اسان شاندار انسان آهيون،“ ڪيٿرائن چيو. هوءَ وڏي الماڙي ڏانهن ويئي ۽ مون لاءِ ڪوگنيڪ ۽ هڪڙو گلاس کڻي آئي. ”جاني، هڪڙو جام پيءُ،“ هن چيو. ”تون تمام گهڻو سٺو آهين. ”مونکي طلب ناهي.“ ”هڪڙو پيءُ.“ ”ٺيڪ آهي.“ مون پاڻيءَ جي هڪڙي گلاس ۾ ٽئين حصي جيتري ڪوگنيڪ ملائي ان کي ڳيتي ڇڏيو. ”اهو ڪافي گهڻو هو.“ هن چيو ”مان ڄاڻان ٿي برانڊي سورما پيئندا آهن. پر تون مبالغہ آرائي

نہ ڪر.“ ”اسان جنگ کان پوءِ ڪٿي رهنداسين؟“ ”غالباً ڪن بزرگ ماڻهن جي گهرن ۾،“ هن چيو. ”ٽن سالن لاءِ مون ابهم ٻار جيان ناتال (ڪرسمس) تي جنگ جي خاتمي ڏانهن واجهايو. پر هاڻي مان ان لاءِ واجهائي رهي آهيان جڏهن اسان جو پٽ هڪڙو ليفٽيننٽ ڪمانڊر بڻجي.“ ”تي سگهي ٿو تہ اهو هڪڙو سپہ سالار ٿئي.“ ”جيڪڏهن اهيا جنگ سئو سالا جنگ جيان جاري رهي تہ هن کي ٻنهي خدمتن جو موقعو فراهم ٿي ويندو.“ ”ڇا توکي هڪڙو جام نہ گهرجي؟“ ”نہ. پياري، اهو توکي هميشہ خوش رکندو آهي، ۽ اهو مونکي صرف چڪر ڏيارائيندو آهي.“ ”ڇا تو ڪڏهن براندي نہ پيتي آهي؟“ ”نہ پيارا، مان ڪافي دقيانوس زال آهيان.“ ”مان فرش تي پيپل بوتل تائين پهتس ۽ هڪڙو ٻيو جام ملايم.“ ”بهتر رهندو تہ مان تنهنجي هم وطنن کي هڪ نظر نهاري اچان،“ ڪيٿرائن چيو. ”شايد تون تيستائين اخبار پڙهندو رهندين جيسين مان واپس اچان.“ ”ڇا توکي وچڙو آهي؟“ ”هاڻي يا پوءِ،“ ”نيڪ آهي هاڻي.“ ”مان اخبارون پڙهي پوريون ڪندس،“ مون چيو.

22

اها رات سرديءَ ۾ بدلجي ويئي ۽ ٻئي ڏينهن برسات پوڻ لڳي. اوسپيڊيل ميگي اور کان واپس گهر ڏانهن ايندي اتي ڪافي تيز برسات پئجي رهي هئي ۽ مان جڏهن واپس موٽي آيس ته پِجي ويو هوس. مٿي منهنجي ڪمري ۾ ڇڄي جي ٻاهريان مينهن وسي رهيو هو ۽ شيشي جي دروازن سان هوا ٽڪرائي رهي هئي. مون پنهنجا ڪپڙا بدلايا ۽ ڪجه براندي پيتي پر ان جو ذائقو سٺو ڪو نه هو. مون رات جو پاڻ کي بيمار محسوس ڪيو ۽ صبح جو ناشتي کان پوءِ مونکي الٽيءَ جو احساس ٿيڻ لڳو."انهي ۾ ڪو به شڪ ڪونهي،" هائوس جراح (سرجن) مونکي چيو. "مس، هن جي اکين جي ملتحمن ڏانهن ڏسو" مس گيج نهاريو. انهن مونکي هڪڙي شيشي ۾ نهارڻ جو چيو. اک جا ملتحما پيلا هئا ۽ اها يرقان جي علامت هئي. مان ٽن هفتن کان ان بيماري ۾ ورتل هوس. انهي سبب جي ڪارڻ اسان روبصحت واري هڪڙي موڪل گڏ گهاري نه سگهياسين. اسان لاگو ميگي اور تي پيلينزا ڏانهن وڃڻ جو منصوبو جوڙيوسين. اتي خزان ۾ هئڻ سٺو هجي ٿو جڏهن پن ڇڻندا آهن. اتي گهمڻ ڦرڻ جي لاءِ راهون آهن ۽ ڍنڍ ۾ سينگاريون مڇيون مارڻ جي لاءِ رستا جوڙيل آهن. اهو اسٽريسا کان بهتر هو ڇاڪاڻ جو اتي پيلينزا کان گهٽ ماڻهو هوندا آهن. ملان کان نڪرڻ کان پوءِ اسٽريسا ڏانهن وڃڻ ڪافي آسان آهي جو اتي اڪثر سجاٽپ وارا ماڻهو هوندا آهن. اتي پيلينزا وٽ هڪڙو زبردست ڳوٺ آهي ۽ توهان ونجه وسيلي ٻيٽن ڏانهن وڃي سگهو ٿا جتي مهاڻن جو بسيرو آهي ۽ اتي وڏي ٻيٽ تي هڪڙو هوٽل آهي. پر اسان ڪو نه وياسين.

هڪڙي ڏينهن جڏهن مان يرقان سان بستر تي هوس مس وان ڪيمپين ڪمري ۾ اندر گهڙي آئي، وڏي الماڙيءَ جو دروازو کولي اتي پيل خالي بوتلون ڏٺائين. مون انهن جو هڪڙو وڏو تعداد حماليءَ وسيلي هيٺ ڪٽائي ڇڏيو هو ۽ مان سمجهان ٿو ته هن لازمي طور تي انهن جي اندر ٻاهر اچڻ کي ڏٺو هوندو ۽ ڪجه وڌيڪ انهن کي ڦٽوڙي رهي هئي. اهي گهٽي قدر مهڪدار شراب جون بوتلون، مرسالا جون بوتلون، ڪيپريءَ جو بوتلون، شيانتيءَ جون سوڙهي ڳچيءَ واريون خالي بوتلون ۽ ڪجه ڪوگنيڪ جون بوتلون هيون. حمالي وڏيون بوتلون کڻي ويو هو جن ۾ مهڪدار شراب، ۽ شيانتيءَ جون سوڙهي ڳچيءَ واريون ٻُوسي سان ڍڪيل بوتلون شامل هيون، ۽ هن براندي جون بوتلون آخر ۾ کڻي وڃڻ جي لاءِ ڇڏي ڏنيون هيون. اهي براندي‌ءَ جون بوتلون هيون ۽ هڪڙي بوتل جيڪا هڪڙي بيئر جي شڪل جهڙي هئي، جنهن ۾ ڪُميل (kümmel: منو روسي شراب) پيل هو جيڪو مس ڪيمپين کي هٿ اچي ويو. هوءَ بيئر جي شڪل واري بوتل تي خاص طور تي ڏمرجي پيئي. هوءَ ان کي مٿي ڪيو بيٺي هئي، بيئر هن جي کلهي تي لڳي ويو هو ۽ هن جا چنبا مٿي هئا، هن جي عينڪ جي مٿان هڪڙو ڍڪڻ آيل هو ۽ ان جي هيٺان لڳلڳدارسنگِ مردار لڳل هو. مون ٿهڪ ڏنو. "اهو ڪُميل آهي،" مون چيو. "بهترين ڪُميل انهن بيئر جي شڪل جهڙين بوتلن ۾ ايندو آهي. اهو روس مان ايندو آهي." "اهي سڀ براندي‌ءَ جون بوتلون آهن، ها نه؟" مس وان ڪيمپين پڇيو. "مان

انهن سيني کي ڏسي نہ ٿو سگهان،“ مون چيو. ”پر غالباً اهي آهن.“ ”اهو سلسلو گهڻي وقت کان پئي هليو آهي؟“ ”مون اهي پاڻ خريد ڪيون آهن ۽ مان پاڻ ڪٺي آيو آهيان،“ مون چيو. ”مون سان ملڻ جي لاءِ اڪثر اطالوي آفيسر ايندا رهندا آهن ۽ مان انهن کي آڇڻ جي لاءِ اهي رکيون آهن.“ ”تون پاڻ سر اهي نہ پيئندو رهيو آهين؟“ هن پڇيو. ”مون پاڻ بہ پيتو آهي.“ ”برانڊي،“ هن چيو. ”برانڊيءَ جون يارنهن خالي بوتلون ۽ اها پاڻياني بيئر جي بوتل.“ ”ڪُميل.“ ”مان انهن کي هٽائڻ جي لاءِ ڪنهن نہ ڪنهن کي موڪليان ٿي. بس تو وٽ ايتريون ئي خالي بوتلون آهن نہ؟“ ”هن مهل تائين اهي ئي آهن.“ ”۽ مان توتي ترس کائي رهي هئس تہ توکي يرقان آهي. رحم ڪا اهڙي شيءِ آهي جنهن تنهنجو خانو خراب ڪري ڇڏيو آهي.“ ”تنهنجي مهرباني.“ ”مان سمجهان ٿي محاذ ڏانهن نہ وڃڻ لاءِ توتي ڪو الزام مڙهي نہ ٿو سگهجي. پر مونکي اهو سمجهڻ گهرجي تہ تون الڪوحل وسيلي يرقان پيدا ڪرڻ کان اڳا وڌيڪ ٻي ڪا چالاڪي سوچيندو هوندين. تو اهو ٻڌو نہ.“ مون ڪجھ بہ نہ ڪڇيو. ”جيستائين تون ٻي ڪاشيءِ معلوم ڪري وٺين مونکي افسوس آهي جڏهن تون يرقان مان نجات ماڻي وٺندين توکي واپس محاذ ڏانهن وڃڻو پوندو. مان نہ ٿي ميجان تہ پاڻ تي پاڻ طاري ڪيل يرقان توکي هڪڙي روبصحت موڪل جو حق عطا ڪري ٿو.“ ”توکي ناهي نہ؟“ ”مونکي ڪونهي.“ ”مس وان ڪيمپين ڇا توکي ڪڏهن يرقان ٿي آهي؟“ ”نہ، پر مون ان جو هڪڙو وڏو انگ ڏٺو آهي.“ ”تو ڏيان ۾ آندو آهي تہ مريض ان مان ڪيئن مزو وٺندا آهن؟“ ”مان سمجهان ٿو تہ اها محاذ کان بهتر آهي.“ ”مس وان ڪيمپين،“ مون چيو ”ڇا تو ڪڏهن اهڙي ماڻهوءَ کي ڄاتو جنهن پنهنجي خصن کي ڏک هڻي ناڪاره بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي هجي؟“ مس وان ڪيمپين حقيقي سوال کي نظرانداز ڪري ڇڏيو. هن کي يا تہ ان کي نظرانداز ڪرڻو هو يا وري ڪمرو ڇڏي ڏيڻو هو. هوءَ وڃڻ لاءِ تيار نہ هئي هن مونکي ڪيتري وقت کان ناپسند پئي ڪيو هو ۽ هاڻي هوءَ مون کان حساب چڪتو ڪري رهي هئي. ”مون ڪيترن ئي ماڻهن کي ڄاتو آهي جيڪي محاذ تان فرار ٿيڻ جي لاءِ پاڻ مٿان پاڻ زخم طاري ڪندا آهن.“ ”مون اهو سوال ڪو نہ پڇيو.“ ”مون پاڻ سر پاڻ تي پاڻ طاري ڪيل گهاو ڏٺا آهن.“ ”مون تو کان پڇيو تہ ڇا تو ڪڏهن هڪڙي اهڙي شخص کي ڏٺو آهي جنهن پنهنجي خصن کي پاڻ ڏک هڻي ناڪاره ڪيو هجي. ڇاڪاڻ جو اهو يرقان سان قريبي تعلق رکندڙ احساس آهي ۽ اهو هڪڙو اهڙو احساس آهي جيڪو مان سمجهان ٿو شايد ئي چند عورتون ڪڏهن ان جي تجربي مان گذريون هجن. جنهن جي ڪري ئي مون، مس وان ڪيمپين، توکان معلوم ڪيو ، ڇاڪاڻ جو ـ“ مس وان ڪيمپين ڪمري مان نڪري ويئي. بعد ۾ مس گيج اندر گهڙي آئي. ”تو مس وان ڪيمپين کي ڇا پئي چيو؟“ هوءَ ڏمريل هئي. ”اسان احساسن کي پيٽي رهيا هئاسين.“ ”تون احمق آهين،“ گيج چيو. ”هوءَ تنهنجي پنيان پئجي ويئي آهي.“ ”هوءَ منهنجي پويان پئجي ويئي آهي،“ مون چيو. ”هن منهنجون موڪلون وڃرائي ڇڏيون آهن ۽ هوءَ ڪوشش ڪري مونکي ڪورٽ مارشل ڪرائي سگهي ٿي. هوءَ ڪافي ويل آهي.“ .هن توکي ڪڏهن بہ پسند ڪو نہ ڪيو آهي،“ گيج چيو.”هاڻي ڇا تي آئيئو؟“ ”هوءَ چوي ٿي تہ مون شراب پي ڪري پاڻ کي پاڻ يرقان ۾ مبتلا ڪيو آهي تہ جيئن مان محاذ ڏانهن وڃي نہ سگهان.“ ”لاحول ولا،“ مس گيج چيو. ”مان قسم

ڪٽنديس تہ تو ڪڏهن بہ شراب نہ واپرايو آهي. هر شخص قسم ڪٽندو تہ تو ڪڏهن بہ شراب نہ واپرايو آهي.“ ”هن بوتلون ڳولهي لڌيون.“ ”مون توکي سئو ڀيرا چيو آهي تہ اهي بوتلون هٽرائي ڇڏ. هاڻي اهي ڪٿي آهن؟“ ”وڏي الماڙيءَ ۾“. ”تو وٽ ڪو سوٽ ڪيس آهي؟“ ”نہ. انهن کي ڪپڙن جي ان ٿيلهي ۾ وجهي ڇڏ.“ مس گيج بوتلون ڪپڙي جي ٿيلهي ۾ وجهي ڇڏيون. ”مان اهي حماليءَ جي حوالي ڪنديس،“ هن چيو. هوءَ دروازي ڏانهن هلڻ لڳي. ”هڪڙو منٽ بيهجو“ مس ويڻ ڪيمپين چيو. ”اهي بوتلون مان ڪٽنديس.“ هوءَ حماليءَ کي ساڻ وٺي آئي هئي. ”مهرباني ڪري انهن کي کڻو“ هن چيو. ”جڏهن مان پنهنجي رپورٽ تيار ڪنديس تہ مان اهي ڊاڪٽر کي ڏيکاريندي.“ هوءَ هيٺ هال ڏانهن هلي ويئي. حمالي ٻوري پاڻ سان کنئي. هن ڄاتو پئي تہ انهن ۾ ڇا هيو. ڪجه ڪو نہ ٿيو سواءِ ان جي جو منهنجي موڪل ضايع ٿي ويئي.

23

انهي رات مونکي محاذ ڏانهن واپس وڃڻو هو مون هيٺ حماليءَ کي موڪليو ٽرين جي هڪڙي سيٽ وٺڻ لاءَ جڏهن اها ٽُورن کان واپس اچي. ٽرين کي اڌ رات جو روانو ٿيڻو هو. اها ٽُورن کان تيار ٿي ۽ ملان ۾ ساڍي ڏهين بجي ڌاران پهتي ۽ اسٽيشن ۾ هلڻ جي وقت تائين بيٺل رهي. مونکي ان جي اچڻ مهل اتي هئڻو هو. هڪڙي نشست وٺڻ لاءِ. حمالي پاڻ سان هڪڙي دوست کي ساڻ ڪري ويو. هڪڙو مشين گن وارو همراه جيڪو موڪل تي هو ۽ انهي دوران هو هڪڙي درزي جي دوڪان تي ڪم ڪندو هو ۽ ان کي پڪ هئي ته انهي وقت دوران اهي ڪا هڪڙي جاءِ حاصل ڪري وٺندا. مون انهن کي پليٽ فارم تان ٽڪيٽون وٺي اچڻ جي لاءِ پيسا ڏنا ۽ انهن کي سفر جي سامان سان پريل ٿيلها ڪٽي وڃڻ جي لاءِ ڏنا. انهن ۾ هڪڙو وڏو ڪپڙن جو ٿيلهو ۽ ٻه ننڍڙيون فرانسيسي مشڪ بينون هيون. مون پنجين وڳي ڌاران اسپتال کي الوداع ڪيو ۽ ٻاهر نڪري ويس. حمالي منهنجو سامان پنهنجي سراءِ ۾ رکيو هو ۽ مون هن کي ٻڌايو ته مان اڌ رات کان ٿورو وقت پهريان اسٽيشن تي هوندس. هن جي گهر واري مونکي "سگنورينو" ڪري پڪاريو ۽ روئڻ لڳي. هن پنهنجي اکين مان وهندڙ لڙڪ اگهيا ۽ هٿ لوڏيا ۽ هڪ دفعو ٻيهر روئڻ لڳي. مون هن جي پٺيءَ تي هلڪي ٿڦڪي هنئي ۽ هن هڪ دفعو ٻيهر سڏڪڻ شروع ڪيو. هن مونکي ٻيهرگهمڻ ڦرڻ ۾ سهائتا ڪئي هئي ۽ هوءَ پستڙي، خوشمزاج صورت واري خاتون هئي جنهن جا وار سفيد هئا. جڏهن هو روئي رهي هئي هن جو سمورو چهرو زرن زرن ۾ تقسيم ٿي رهيو هو.

مان هيٺ ڪنڊ ڏانهن هليو ويس جتي هڪڙو مئخانو هو ۽ اتي اندريان ويهي ڪري دريءَ جي ٻاهريان نهاريندي انتظار ڪرڻ لڳس. ٻاهر اونداه ڇانيل هئي ۽ ٿڌ ۽ ڌنڌ هو. مون پنهنجي ڪافي ۽ گريپا جي ادائگي ڪئي ۽ دريءَ کان روشنيءَ ۾ ماڻهن جي اچ وڃ کي ڏٺو. مون ڪيٿرائن کي ڪڙڪيءَ وٽان ٽڪ ٽڪ ڪندي ڏٺو. هن نهاريو مونکي ڏٺائين ۽ مسڪرايائين، ۽ مان هن سان ملڻ لاءِ ٻاهر ويس. هن هڪڙي گهري نيري رنگ جو بغير آستين وارو هڪڙو ڪوٽ پهري رکيو هو ۽ هڪڙو نرم محسوس ٿيندڙ ٽوپلو. اسان ٻئي گڏجي هلڻ لڳاسين، فٽ پاٿ تي هلندي مئخاني وٽان گذرياسين، تنهن کان پوءِ بازار جي مربع جي آرپار ۽ مٿي گهٽيءَ ڏانهن ۽ ڏيوڍي کان گرجا گهر واري مربع تائين. اتي بجليءَ تي هلڻ واري گاڏيءَ جون پٽڙيون هيون ۽ انهن جي پنيان گرجا گهر هو. اهو ڪوهيڙي جي ڪري اڇو ۽ گهميل هو. اسان ٽرام واري پٽڙيءَ وٽان گذرياسين. اسان جي کاٻي پاسي کان دوڪان هئا، انهن جون دريون روشن هيون، ۽ گيليريا جو داخلي دروازو. مربع ۾ ڌنڌ هو ۽ اسان گرجا گهر جي اڳيان صفا نزديڪ آياسين اهو ڪافي وڏو هو ۽ ان جا پٿر گهميل هئا. "ڇا تون اندر هلڻ پسند ڪندينءَ؟" "نه." ڪيٿرائن چيو. اسان اڳتي هلندا رهياسين اتي اسان کي ٿورڙو پريرو پٿر جي سهاري واري پاڇولي جي هيٺان هڪڙو سپاهي پنهنجي يارڙي سان گڏ بيٺل نظر آيو ۽ اسان انهن وٽان گذرياسين. اهي پٿر کي زور سان ٽيڪ ڏيو بيٺا هئا ۽ هن پنهنجو بغير آستين وارو ڪوٽ

هن جي چوگرد ڏٺي ڇڏيو هو. ”اهي اسان جهڙا آهن،“ مون چيو. ”ڪو به اسان جهڙو ناهي،“ ڪيٿرائن چيو. هن اهو خوشيءَ وچان ڪو نه چيو. ”مان چاهيان ٿو ڪاش انهن کي ڪو نڪاٽو ملي وڃي.“ ”انهي سان انهن کي ڪهڙو فائدو پوندو.“ ”مان نه ٿو ڄاڻان. هر ماڻهوءَ کي ڪاڏي نه ڪاڏي وڃڻ جي لاءِ ڪو نه ڪو هنڌ هئڻ گهرجي.“ ”انهن وٽ گرجا گهر آهي،“ ڪيٿرائن چيو. هاڻي اسان اتان گذري چڪا هئاسين. اسان مربع جي آخري حد وٽان گذر ڪيوسين ۽ لئوٽو ڦيرائي گرجا گهر ڏانهن نهاريوسين. اهو ڏنڌ ۾ ڪافي عمدو هو. اسان چمڙي جي شين واري دوڪان جي اڳيان بيٺا هئاسين. اتي گهوڙي سواري ڪرڻ وارا جوتا پيا هئا، ڪڙڪيءَ ۾ هڪڙو ڪپڙن وارو ٿيلهو ۽ برف تي ترڪڻ جي لاءِ پتريءَ نما جوتا پيا هئا. هر وکر جدا طور تي هڪڙي نمائش جيان رکيل هو. ڪپڙن وارو ٿيلهو مرڪز ۾، گهوڙي سواري ڪرڻ وارا جوتا ٻئي پاسي ۽ برف تي ترڪڻ جي لاءِ پتري نما جوتا ٻئي پاسي. چمڙو لسو ۽ تيلدار هو هڪڙي ڪتب آندل پاڪڙي جيان. اڻ ڇتي تيلدار چمڙي تي بجليءَ جي روشنيءَ کي تيز ڪيو ويو هو. ”اسان ڪجه وقت جي لاءِ برف تي ترڪنداسين.“ ”ٻن مهينن جي اندر مفلرين وٽ برفاني ڊوڙ شروع ٿي ويندي،“ ڪيٿرائن چيو. ”اڄ ته اوڏانهن هلون.“ ”نيڪ آهي،“ هن چيو. اسان ٻين ڪڙڪين کي اڳتي وڌندي ڏسندا وياسين ۽ هڪڙي پاسي واري گهٽيءَ کان مڙياسين. ”مان ڪڏهن به هن رستي سان نه آئي آهيان.“ ”هي اهو رستو آهي جتان مان اسپتال ڏانهن ويندو آهيان،“ مون چيو. اها سوڙهي گهٽي هئي ۽ اسان ساڄي پاسي کان هلندا رهياسين. اتي ڪيترائي ماڻهو ڪوهيڙي مان گذري رهيا هئا. اتي دوڪان هئا ۽ سموريون ڪڙڪيون روشن هيون. اسان هڪڙي دريءَ ۾ نهاريوسين جتي پنيرن جو هڪڙو ڪوڙو پيو هو. مان هڪڙي هٿيار ساز جي دوڪان جي اڳيان بيهي رهيس. ”هڪڙي منٽ جي لاءِ اچ. مونکي هڪڙي بندوق خريد ڪرڻي آهي.“ ”ڪهڙي قسم جي بندوق؟“ ”هڪڙو پستول.“ مان اندر ويس مون پنهنجي بيلٽ جو بٽڻ کوليو ۽ ان کي پستول رکڻ واري چمڙي جي خالي ٿيلهيءَ سميت دخل تي رکيو. ٻه عورتون دخل جي پويان بيٺيون هيون. عورتون ڪيترائي پستول ڪڍي آيون. ”هي ان ۾ پورو اچي سگهي ٿو.“ مون پستول رکڻ واري خالي ٿيلهيءَ کي کولنيدي چيو. اها پوري چمڙي واري ٿيلهي هئي ۽ مون اها شهر ۾ ڦيري هلڻ لاءِ استعمال شده خريد ڪئي هئي. ”ڇا انهن وٽ سٺا پستول آهن؟“ ڪيٿرائن پڇيو. ”اهي سڀ لڳ ڀڳ هڪجهڙا آهن. ڇا مان هن کي آزمائي سگهان ٿو؟“ مون عورت کان پڇيو. ”هاڻي گولي هلائڻ جي لاءِ مون وٽ ڪا جاءِ ڪونهي،“ هن چيو. ”پر اهو ڪافي سٺو آهي. تون ان سان ڪا غلطي ڪري نه ٿو سگهين.“ مون ان کي هٿ ۾ پڪڙي ان جي گهوڙي کي ڇڪ ڏني. ان جو اسپرنگ ڪافي مضبوط هو پر انهي همواري سان ڪم پئي ڪيو. مون ان تي نظر ڏري ۽ ان کي وري ٻيهر هٿ ۾ پڪڙيو. ”اهو استعمال ٿيل آهي،“ عورت چيو. ”اهو هڪڙي آفيسر جو آهي جيڪو زبردست نشاني باز هو.“ ”ڇا توهان اهو هن کي وڪرو ڪيو هو؟“ ”ها.“ ”توهان اهو واپس ڪيئن ورتو؟“ ”هن جي پٽيوالي کان.“ ”ٿي سگهي توهان منهنجو به وٺو“ مون چيو. ”اهو ڪيتري جو آهي؟“ ”پنجاه لايرن جو. اهو ڪافي سستو آهي.“ ”نيڪ آهي. مونکي به واڌو ڪلپون گهرجن ۽ ڪارتوسن جو هڪڙو دٻو.“ ”ڇا توهانکي هڪڙي تلوار جي گهرج آهي؟“ هن چيو. ”مون وٽ ڪجه استعمال شده ڪافي

سستيون تلوارون آهن. ”مان محاذ ڏانهن وڃي رهيو آهيان،“ مون چيو. ”او ها، تہ پوءِ توهانکي تلوار جي ڪا گهرج ناهي،“ هن چيو. مون ڪارتوسن ۽ پستول جي ادائگي ڪئي، ميگزين کي ڀري ڪري ان کي هڪ جاءِ تي رکيم. پستول کي پنهنجي خالي ٿيلهي ۾ وجهي ڇڏيم. واڌو ڪلپن کي ڪارتوسن سان ڀري ڇڏيم ۽ انهن کي ٿيلهيءَ جي مٿان چمڙي جي کانچن ۾ وجهي ڇڏيم ۽ پوءِ پنهنجي بيلٽ جي مٿان ويڙهي ڇڏيم. پستول بيلٽ تي ڳرو محسوس ٿي رهيو هو. اجا بہ، مون سوچيو، هڪڙي ضابطي واري پستول جو هئڻ پڻ بهتر رهندو. ڇاڪاڻ جو اڪثر گولا لڳندا رهندا هئا. ”هاڻي اسان مڪمل طور تي هٿيار بند آهيون،“ مون چيو. ”اها هڪڙي اهڙي شيءِ هئي جنهن کي اڪلائڻ جي لاءِ ياد رکيو آيس پئي. ڪنهن منهنجو ٻيو (پستول) اسپتال ڏانهن ويندي ورتو هو. ”مان اميد ٿي ڪريان تہ اهو سنو پستول آهي،“ ڪيٿرائن چيو. ”ڇا اجا ٻيو ڪجھ گهرجي؟“ عورت پڇيو. ”مان نہ ٿو سمجهان.“ . پستول ۾ ڳلي سان لڙڪائڻ جي لاءِ هڪڙي ڏوري آهي،“ هن چيو. ”اهو مون بہ ڏيان ۾ آندو آهي.“ عورت ٻيو ڪجھ بہ وڪرو ڪرڻ پئي چاهيو. ”ڇا توهان کي هڪڙي سيٽي نہ گهرجي؟“ ”مان نہ ٿو سمجهان.“ عورت اسان کي الوداع چيو ۽ اسان ٻاهر فٽ پاٿ ڏانهن هليا وياسين. ڪيٿرائين ڪڙڪيءَ ۾ نهاريو. عورت ٻاهر ڏسندي اسان جي لاءِ ڪنڌ نمايو. ”اهي ننڍڙا آئينا ڪاٺ ۾ ڇا لاءِ رکيا ويا آهن؟“ ”اهي پکين کي دلبو ڏيڻ جي لاءِ رکيا ويا آهن. اهي ٻاهر ڪليل کيتن ۾ انهن کي گولائيءَ ۾ ڦيرائيندا آهن ۽ ٻاپيها انهن کي ڏسي ٻاهر ايندا آهن ۽ اطالوي انهن کي ماريندا آهن.“ ”اهي چالاڪ ماڻهو آهن،“ ڪيٿرائن چيو. ”پيارا، تون تہ ٻاپيهن کي آمريڪا ۾ نہ ماريندو آهين نہ؟“ ”خاص طور تي نہ.“ اسان گهٽيءَ مان پار پياسين ۽ اڳتي ٻئي پاسي ڏانهن هلڻ لڳاسين. ”هاڻي مان سنو پئي محسوس ڪيان،“ ڪيٿرائن چيو. ” جڏهن اسان شروع ڪيو هوسين تنهن مهل مونکي پيانڪ لڳي رهيو هو.“ ”اسان جڏهن بہ گڏ هوندا آهيون اڪثر سٺو محسوس ڪندا آهيون.“ ”اسان هميشہ گڏ هونداسين.“ ”ها، سواءِ ان جي جو مان آڌيءَ رات جو توکان وڇڙي رهيو آهيان.“ ”پيارا، انهي بابت نہ سوچ.“ اسان اڳتي گهٽيءَ ۾ هلندا رهياسين. ڪوهيڙي روشنيءَ کي پيلو ڪري ڇڏيو هو. ”ڇا تون ٿڪجي نہ پيو آهين؟“ ڪيٿرائن چيو. ”تنهنجي باري ۾ ڇا خيال آهي؟“ ”مان بلڪل بہ ٺيڪ آهيان. هلڻ ۾ مزو ٿو اچي.“ ”پر اچ تہ ان کي ايترو طويل نہ بڻايون.“ ”نہ.“ اسان هڪڙي پاسي واري گهٽي وٺان مڙياسين جتي ڪا بہ روشني ڪا نہ هئي ۽ گهٽيءَ ۾ گهمڻ لڳاسين. مان اتي بيهي رهيس ۽ ڪيٿرائن کي چمي ڏيڻ لڳس. جڏهن مان هن کي چمي پائي رهيو هوس تڏهن مون هن جي هٿ کي پنهنجي ڪلهي تي محسوس ڪيو. هن منهنجي بنا ٻانهن واري ڪوٽ کي پنهنجي چوگرد اهڙي نموني ڇڪي ورتو جو ان سان اسان ٻئي ڍڪجي وياسين. اسان گهٽيءَ ۾ هڪڙي اوچي ديوار کي ٽيڪ ڏيو بيٺا هئاسين. ”اچ تہ ڪنهن هنڌ ڏانهن هلون،“ مون چيو. ”چڱو،“ ڪيٿرائن چيو. اسان گهٽيءَ وٺان تيستائين هلندا رهياسين جيستائين اها هڪڙي ڪشادي گهٽيءَ ڏانهن نيئي ويئي جيڪا هڪڙي واه جي ڪناري سان هئي. ان جي ٻئي پاسي کان هڪڙي سرن جي ديوار هئي ۽ اتي عمارتون ڪڙو ڪيل هيون. اڳتي، گهٽيءَ جي هيٺان، مون هڪڙي پل تان بجليءَ تي هلندڙ گاڏيءَ کي گذرندي ڏٺو. ”اسان پل وٺان ڪرائي جي هڪڙي گاڏي هٿ ڪري سگهون ٿا،“ مون

چيو. اسان پل تي ڪوهيڙي ۾ هڪڙي گاڏيءَ جي انتظار ۾ بيهي رهياسين. ڪيترين ئي برقي گاڏيون گذري ويون. جيڪي گهرن ڏانهن واپس ورندڙ ماڻهن سان ستيل هيون. تهان پوءِ هڪڙي ڪرائي واري گاڏي آئي پر ان ۾ اندر ڪو سوار هو. ڪوهيڙو مينهن ۾ بدلجي رهيو هو. ”اسان گهمي سگهون ٿا يا هڪڙي ترام پڪڙي سگهون ٿا،“ ڪيٿرائين چيو. ”هڪڙي اڳيان واري پاسي کان هوندي،“ مون چيو. ”اهي هتان کان گذري رهيون آهن.“ ”هڪڙي هيڏانهن اچي رهي آهي،“ هن چيو. ڊرائيور پنهنجو گهوڙو روڪيو ۽ هن پنهنجي پٽماشي اوزار واري نشان کي هيٺ ڪيو. ٽانگي جو مٿيون حصو ڪافي مٿي هو ۽ ڊرائيور جي ڪوٽ تي پاڻيءَ جا قطرا هئا. گهم ۾ هن جو روغن ڪيل ٽوپلو چمڪي رهيو هو. اسان سيٽ تي گڏجي ويناسين ۽ ٽانگي جي مٿان واري جنگهلي ان کي اونداهو بڻائي ڇڏيو. ”تو هن کي ڪيڏانهن هلڻ جو چيو؟“ ”اسٽيشن ڏانهن. اسٽيشن جي آرپار هڪڙو هوٽل آهي جتي اسان هلي سگهون ٿا.“ ”اسان اوڏانهن اهڙي جا اهڙا هلي سگهون ٿا؟“ ”بنا سامان جي؟“ ”ها،“ مون چيو. اهو اسٽيشن تائين گهٽين جي مٿان وسندڙ مينهن ۾ هڪڙو ڊگهو سفر هو. ”ڇا اسان رات جي ماني نه کائينداسين؟“ ڪيٿرائن پڇيو. ”مونکي افسوس آهي ته مان بکايل هونديس.“ ”اسان ان کي پنهنجي ڪمري ۾ کائينداسين.“ ”مونکي اوڙهڻ لاءِ ڪجه به ڪونهي. مونکي رات وارو گائُون به ڪونهي.“ ”اسان هڪڙو وٺنداسين،“ مون چيو ۽ ڊرائيور کي سڏ ڪيو. ”وِيا مينزوني ۽ ان کان اڳتي هل.“ هن ڪنڌ لوڏيو ۽ ٻي ڪنڊ کان کابي پاسي ڏانهن مڙيو. هڪڙي وڏي گهٽيءَ وٽ ڪيٿرائن ڪنهن هڪڙي دوڪان لاءِ واجهايو. ”هتي هڪڙو هنڌ آهي،“ هن چيو. مون ڊرائيور کي روڪيو ۽ ڪيٿرائن ٻاهر نڪتي، فٽ پاٿ جي پرسان گهمندي اندر گهڙي وئي. مان واپس گاڏيءَ ۾ وينو رهيس ۽ هن جي اچڻ جو انتظار ڪرڻ لڳس. برسات وسي رهي هئي ۽ مان گهميل گهٽين جي مهڪ کي سنگهي پئي سگهيس ۽ گهوڙي جي وات مان وسندڙ مينهن ۾ ٻاڦ نڪري رهي هئي. هوءَ هڪڙي بنڊل سان ٻاهر نڪري آئي ۽ اندر گهڙي ويئي ۽ اسان سواري ڪرڻ لڳاسين. ”پيارا، اهو ڪافي مهانگو هو،“ هن چيو ”پر اهو رات جي لاءِ هڪڙو سنو چوغو آهي.“ هوٽل وٽ مون ڪيٿرائن کي ٽانگي گاڏيءَ ۾ ويهي انتظار ڪرڻ جو چيو ۽ مون اندر گهڙي وڃي مينيجر سان ڳالهايو. اتي ڪوڙ ساترا ڪمرا خالي پيا هئا. ان کان پوءِ مان ٻاهر ٽانگي گاڏيءَ ڏانهن هليو ويس، ڊرائيور کي پيسا ڏنم، ۽ ڪيٿرائن ۽ اسان اندر گهڙي وياسين. بٽڻن واري ننڍڙي ڇوڪري بنڊل کنيو. مينيجر لفٽ وٽان اسان جي اڳيان تعظيم وچان ڪنڌ نمايو. اتي ڪافي ڪپه وارا ڪپڙا ۽ پتل هو. مينيجر اسان سان گڏ مٿي لفٽ ۾ هليو. ”جناب ۽ ميڊم پنهنجي ڪمري ۾ رات جي ماني کائڻ جا خواهشمند آهن.؟“ ”ها. ڇا توهان طعام نامو مٿي کڻي ايندا؟“ مون چيو. ”ڇا توهان رات جي مانيءَ لاءِ ڪا خاص شيءِ کائڻ چاهيندئو. ڪا راند يا ڪو منو ۽ چٽ پٽي طعام وغيره؟“ لفٽ هر واري هڪڙي ٽڪ ٽڪ سان ٽي منزلون پار ڪري ويئي ۽ پوءِ بيهي رهي. ”توهان وٽ ڪنهن راند طور ڇا دستياب آهي؟“ ”مان هڪڙو چڪور يا هڪڙو هُد هُد دستياب ڪري سگهان ٿو.“ ”هڪڙو هُد هُد،“ مون چيو. اسان گذرگاه کان هيٺ هلڻ لڳاسين. ڪارپيٽ خسته حال هو. اتي ڪيترائي دروازا هئا. مينيجر رڪجي ويو ۽ هڪڙي دروازي کي چاٻيءَ سان کولي ڇڏيائين.“ ”هي توهان جو

ڪمرو آهي. هڪڙو پيارو ڪمرو.“ ٻتڻ واري ننڍڙي ڇوڪري بنڊل ڪمري جي مرڪز ۾ ميز تي رکي ڇڏيو. مينيجر پردا کولي ڇڏيا. ”ٻاهر ڪوهيڙو آهي،“ هن چيو. ڪمرو ڳاڙهه سُري ڪپهه واري ڪپڙي سان آراستہ هو. اتي ڪيترين ئي آرسيون هيون, ٻہ ڪرسيون ۽ هڪڙو وڏو پلنگ هو جيڪو اطلس سان ملندڙ جلندڙ چادرن سان ڍڪيل هو. هڪڙو دروازو غسل خاني ڏانهن وڃي رهيو هو. ”مان طعام نامو ڏياري موڪليان ٿو“ مينيجر چيو. هو تعظيم مان جهڪيو ۽ ٻاهر هليو ويو. مان دريءَ ڏانهن سري ويس ۽ ٻاهر جهاتي پائي نهاريم, ۽ پوءِ هڪڙي ڏوريءَ کي سٽ ڏنم جنهن سان ٿلها ڪپهه وارا پردا بند ٿي ويا. ڪيٿرائن پلنگ تي ويٺي هئي, هوءَ شيشي جي ڏراٽيل فانوسن ڏانهن ڏسي رهي هئي. هن پنهنجو ٽوپلو لاهي ڇڏيو هو ۽ هن جا وار روشنيءَ جي هيٺان چمڪي رهيا هئا. هن هڪڙي آرسيءَ ۾ پاڻ کي ڏٺو ۽ پنهنجا هٿ پنهنجي وارن تي ڦيرائڻ لڳي. هوءَ خوش نظر نہ پئي آئي. هن ٻنا ٻانهن واري ڪوٽ کي پلنگ تي اڇلائي ڇڏيو. ”جانِ من, ڇا ڳاله آهي؟“ ”مون هن کان پڇريان ڪڏهن پاڻ کي هڪڙي رنڊي محسوس نہ ڪيو آهي،“ هن چيو. مان متي ڪڙڪيءَ ڏانهن ويس ۽ پردي کي هٽائي ٻاهر نهاريم. ”مون نہ سمجهيو هو تہ اهو ايئين هوندو.“ ”تون ڪا رنڊي نہ آهين.“ ”مان ان کي ڄاڻان ٿي, دلبر؟ پر ڇا ڪنهن هڪ جيان اهڙو محسوس ڪرڻ سٺو ناهي.“ هن جو آواز خشڪ ۽ هموار هو. ”هي ڪنهن بہ هوٽل کان بهترين هوٽل آهي،“ مون چيو. مون ٻاهر ڪڙڪيءَ کان نهاريو. مربع جي آرپار اسٽيشن جون روشنيون هيون. اتي گهٽين ۾ گاڏين جي اچ وڃ هئي ۽ مون پارڪ جي وڻن ڏانهن نهاريو. هوٽل مان نڪرندڙ روشنيون گهميل فٽ پاٿن تي چمڪي رهيون هيون. ”او دوزخ, مون سوچيو ڇا هاڻي اسان کي متي ماري ڪرڻي پوندي؟“ ”مهرباني ڪري هيڏانهنس سُري اچ،“ ڪيٿرائن چيو. هن جي آواز جي سموري همواري موڪلائي چڪي هئي. ”هيڏانهن سُري اچ, مان وري سٺي ڇوڪري ٿي ويئي آهيان.“ مون پلنگ جي مٿان نهاريو. هوءَ مسڪرائي رهي هئي. .تون منهنجي سٺي معشوقہ آهين.“ ”مان يقيناً تنهنجي آهيان،“ هن چيو. جڏهن اسان ڪائي بس ڪئي سين تڏهن اسان ڪافي سٺو محسوس ڪيوسين, ۽ ان کان پوءِ اسان ڪافي سرهائي محسوس ڪئي سين ۽ ڪمرو اسان کي پنهنجي گهر جيان محسوس ٿيڻ لڳو. اسپتال ۾ منهنجو ڪمرو اسان جو پنهنجو گهر هوندو هو ۽ ساڳي ئي نموني سان هي ڪمرو پڻ اسان جو پنهنجو گهر هو.

جڏهن اسان ماني کائي رهيا هئاسين تنهن وقت ڪيٿرائن پنهنجي ڪلهي جي مٿان منهنجو ڪوٽ اوڙهي رکيو هو. اسان کي ڪافي بک لڳي هئي ۽ ماني مزيدار هئي ۽ اسان ڪيپريءَ جي هڪڙي بوتل پيتي سين ۽ هڪڙي بوتل سينٽ ايسٽيف جي. مون ان جو گهڻو مقدار پيتو پر ڪيٿرائن گهٽ پيتو ۽ ان سان هن شاندار محسوس پئي ڪيو. رات جي مانيءَ جي لاءِ اسان وٽ هڪڙو هُد هُد (پکي) ڦونڊيل پٽاٽن سان گڏ ۽ پُري دي ميرون (purée de marron), هڪڙو سلاد ۽ مني ۾ زبيبي اون (zabaione: (اطالوي) بيضن جو مشروب) هو. ”اهو ڪافي سٺو ڪمرو آهي،“ ڪيٿرائن چيو. ”اهو سٺو ڪمرو آهي. جيستائين اسان ملان ۾ هئاسين تيستائين اسان کي هتي ترسڻ گهرجي ها.“ ”اهو ڪافي ڪل جهڙو ڪمرو آهي. پر اهو سٺو آهي. ”بيهودگي حيرت انگيز شيءِ آهي،“ ڪيٿرائن

چيو. ”جيڪي ماڻهو ان ۾ گهڙي پوندا آهن انهن کي ان مان سٺي لذت لڳندي محسوس ٿيندي آهي. ٻاڙهسُري ڪپه سچ پچ سٺي آهي. فقط اها ئي ڪا شيءِ آهي. ۽ آرسيون ڪافي من موهيندڙ آهن. ”تون هڪڙي تمام پياري ڇوڪري آهين.“ ”مان نه ٿو ڄاڻان هن قسم جو ڪمرو صبح ويلي جاڳڻ مهل ڪهڙو هوندو. پر اهو سچ پچ شاندار آهي.“ مون سينٽ ايسٽيف جو هڪڙو ٻيو گلاس اوتيو. ”مان چاهيان ٿي ڪاش اسان واقعي ۾ ڪا فاسقاڻي شيءِ ڪري سگهون،“ ڪيٿرائن چيو. ”هر شيءِ جيڪا اسان ڪيون ٿا اها ڪافي معصوم ۽ سادي لڳي ٿي. مان نه ٿي سمجهان ته اسان ڪجه به غلط ڪيو آهي.“ ”تون هڪڙي عظيم ڇوڪري آهين.“ مان صرف بک محسوس ڪري رهي آهيان. مون کي ڳٽتي جوڳي حد تائين بک ورايو آهي.“ ”تون هڪڙي سادي سودي سٺي ڇوڪري آهين،“ مون چيو. ”مان هڪڙي سادي سودي ڇوڪري آهيان. اهو توکان سواءِ ٻيو ڪو به ڪڏهن سمجهي ڪو نه سگهيو.“ ”جڏهن مان توسان پهريان پهريان مليو هوس هڪڙي دفعي مون هڪڙي منجهند اهو سوچڻ ۾ گهاري ڇڏي هئي ته اسان هوٽل ڪيوور ۾ گڏ ڪيئن هلي سگهنداسين ۽ اهو ڪيئن ٻاسندو.“ ”اهو تنهنجي پاران ڪافي بدتميزي وارو هو. هي ڪيوور ناهي ها نه؟“ ”نه. اهي اسانکي اوڏانهن نيئي نه پئي سگهيا.“ ”اهي اسان کي ڪنهن وقت ۾ اوڏانهن نيئي ويندا. پر اهو ئي ڪارڻ آهي جو اسان مختلف آهيون، جاني. مون ڪڏهن به ڪنهن به شيءِ جي باري ۾ نه ويچاريو هو.“ ”ڇا تو ڪڏهن ڪنهن به شيءِ جي باري ۾ ويچاريو هو؟“ ”ٿورو گهڻو“ هن چيو. ”او، تون هڪڙي پياري ڇوڪري آهين.“ مون شراب جو هڪڙو ٻيو گلاس اوتيو. ”مان هڪڙي ڪافي سادي ڇوڪري آهيان،“ ڪيٿرائن چيو. ”مون پهريان ايئين نه سمجهيو هو. مون سمجهيو هو ته تون هڪڙي پاڳل ڇوڪري آهين.“ ”مان ٿوري پڳلي هوندي هيس. پر مان ڪنهن پيچيده نموني سان پڳلي ڪو نه هيس. جاني، مان توکي منجهائي نه رهي آهيان، ها نه؟“ ”شراب هڪڙي اعليٰ شيءِ آهي،“ مون چيو. ”اهو توهان کان هر بري شيءِ وسرائي ٿو ڇڏي.“ ”اهو سٺو آهي،“ ڪيٿرائن چيو. ”پر انهي منهنجي والد کي بريءَ طرح سان پيشاب ۾ ساڙو پيدا ڪيو آهي.“ ”ڇا تنهنجو والد آهي؟“ ”ها،“ ڪيٿرائن چيو. ”هن کي پيشاب ۾ ساڙو آهي. توکي ڪڏهن به هن سان ملڻو ڪو نه پوندو. ڇا تنهنجو ڪو ابو ڪونهي؟“ ”نه،“ مون چيو. ”هڪڙو ويڳو ڏاڏو.“ ”ڇا هن کي مان پسند ڪنديس؟“ ”تون هن سان ملي ڪو نه سگهندينءَ.“ ”اسان وٽ ڪيڏو نه هڪڙو بهترين وقت آهي،“ ڪيٿرائن چيو. ”مان وڏيڪ لاءِ ڪنهن به ٻي شيءِ ۾ ڪا به دلچسپي نه ٿي رکان. مان توسان شادي ڪري بيحد خوش آهيان.“ بيرو اندر گهڙي آيو ۽ شيون ٻاهر ڪڍي ويو. ٿوريءَ دير کان پوءِ اسان ڪافي خاموش ٿي وياسين ۽ مينهن جو وسڪارو ٻڌڻ ۾ ڪو نه پئي آيو. هيٺ گهٽيءَ تي هڪڙي موٽر ڪار پان پان ڪري رهي هئي. ”پر مان پنهنجي پٺيءَ تي هميشه وقت جي اڏامندڙ رَٿَ کي جلدي جلدي ايندي ٻڌان ٿو،“ مون چيو. ”مان اهو نظم ڄاڻان ٿي،“ ڪيٿرائن چيو. ”اهو مارويل جو آهي. پر اهو ان ڇوڪريءَ جي باري ۾ آهي جيڪا هڪڙي ماڻهوءَ سان گڏ رهڻ پسند نه ٿي ڪري.“ ”منهنجو مٿو واضح ۽ ٿڌو محسوس ٿي رهيو هو ۽ مون حقيقتن جي باري ۾ ڳالهائڻ پئي چيو. ”تون ٻار کي ڪٿي جنم ڏيندينءَ؟“ ”مان نه ٿي ڄاڻان. ڪو سٺو هنڌ جيڪو مونکي نظر آيو.“ ”تون ان جو انتظام ڪيئن ڪندين؟“ ”بهتر کان بهتر

طريقو جيڪو مان ڪري سگهان ٿو. جاني، ڳڻتي نہ ڪر. جنگ جي اختتام کان اول اسان ڪيترائي ڀار پيدا ڪنداسين.“ ”اهو لڳ ڀڳ هلڻ جو وقت آهي.“ ”مان ڄاڻان ٿي. تون جيڪڏهن چاهين تہ وقت ڪڍي سگهين ٿو.“ ”نہ.“ ”تہ پوءِ گهٻراءِ نہ. جاني، تون هينئر تائين ٺيڪ هئين ۽ هاڻي تون گهٻرائين ٿي.“ ”مان نہ ٿي گهٻرايان. تون مونکي اڪثر ڪيترا پيرا لکندو رهندين؟“ ”هر روز. ڇا اهي تنهنجا خط پڙهندا آهن؟“ ”اهي انگريزي کي ايترو پڙهي ڪو نہ سگهندا آهن جو ڪنهن کي ڪو نقصان ڏئي سگهن.“ ”مان انهن کي ڪافي مونجهاري ۾ وجهي ڇڏينديس،“ ڪيٿرائن چيو. ”پر ايترو گهڻو مونجهارو بہ نہ هجي. ”مان هنن کي فقط ٿورو منجهائينديس. .مونکي افسوس آهي جو اسان کي هلڻ شروع ڪرڻ گهرجي.“ ”چڱو ٺيڪ آهي، جاني.“ ”مان اسان جي عمدي گهر کي ڇڏڻ کان نفرت ٿي ڪيان.“ ”مان بہ.“ ”پر اسان کي هلڻو آهي.“ ”ٺيڪ آهي. پر اسان ڪڏهن بہ گهڻي وقت تائين پنهنجي گهر ۾ مقيم نہ رهيا آهيون.“ ”اسان رهنداسين.“ ”جڏهن تون واپس موٽي ايندين مان تو لاءِ هڪڙو عمدو گهر هٿ ڪنديس.“ ”ٿي سگهي مان جلدي واپس موٽي اچان.“ ”ٿي سگهي توکي ٿورو پير ۾ ڌڪ لڳل هجي.“ ”يا وري ڪن جي پاپڙيءَ ۾.“ ”نہ مان تنهنجا ڪن اهڙي جا اهڙا ڏسڻ گهران ٿي.“ ”۽ منهنجا پير نہ؟“ ”تنهنجا پير اڳ ۾ ئي گهايل آهن.“ ”جاني، اسان کي هلڻ گهرجي. واقعي.“ ”ٺيڪ آهي. پهريان تون اڳيان ٿي.“

24

اسان لفٽ ۾ چڙهڻ جي بجاءِ ڏاڪڻين تان هيٺ لٿاسين. ڏاڪڻين وارو قالين خستہ حالت ۾ هو. مون رات جي ماني جي رقم بيري کي ان مهل ادا ڪئي هئي جڏهن هو مٿي آيو هو ۽ هو هاڻي دروازي جي ڀرسان هڪڙي ڪرسيءَ تي ويٺو هو. هو ٽپ ڏئي مٿي اٿي بيٺو ۽ تعظيم ۾ اسان جي اڳيان ڪنڌ نوائي بيٺو ۽ مان هن سان ڀرسان واري ڪمري ۾ ويس ۽ ڪمري جي بل جي ادائگي ڪيم. مينيجر مونکي هڪڙي دوست جي حيثيت ۾ ياد ڪيو هو ۽ هن ايڊوانس ۾ مون کان ادائگي وٺڻ کان انڪار ڪيو هو پر جڏهن هو موٽي ويو هن بيري ڇوڪري کي (ادائگي) جي يادگيري لاءِ دروازي وٽان بيهاري ڇڏيو هو تہ جيئن مان ادائگي ڪرڻ کان ڦيريان ٻاهر نہ نڪران. مان سمجهان ٿو تہ اهو پنهنجي دوستن سان ايئين ڪندو رهندو هو. ان جا هڪڙي جنگ ۾ ڪيترائي دوست هئا. مون بيري کي هڪڙي ٽانگي جي آڻڻ جو چيو ۽ هن ڪيٿرائن وارو اهو بنڊل جيڪو مان کنيو بيٺو هوس مون کان ورتو ۽ ٻاهر هڪڙي ڇٽيءَ سان ٻاهر ويو. ٻاهر ڪڙڪيءَ منجهان اسان هن کي برسات ۾ گهٽيءَ کي پار ڪندي ڏٺوسين. اسان ڀرسان واري ڪمري ۾ بيٺاسين ۽ دريءَ کان ٻاهر نهاريوسين.
”ڪيٽ، تون ڪيئن پئي محسوس ڪرين؟“ ”ننڊاڪڙو.“ ”مان کوکلوءِ بکايل پئي محسوس ڪيان.“
”تو وٽ کائڻ لاءِ ڪا شيءِ آهي؟“ ”ها، مون واري فرانسيسي مشڪ بين ۾.“ ”مون ٽانگي کي ايندي ڏٺو. اهو بيهي رهيو برسات ۾ گهوڙي جو ڪنڌ لٽڪي رهيو هو ۽ بيرو اڳتي وڌي آيو هو پنهنجي ڇٽي کولي، هوٽل ڏانهن آيو. اسان هن کي دروازي وٽ ملياسين ۽ ڇٽيءَ جي هيٺان حاشيي وٽ بيٺل ٽانگي تائين پٿل رستو ٽپي پهتاسين. پاڻي گٽر ۾ وهي رهيو هو. ”توهان جو بنڊل هتي سيٽ تي پيل آهي،“ بيري چيو. هو اتي تيستائين بيٺو رهيو جيستائين اسان اندر نہ گهڙياسين ۽ مون هن کي بخشش ڏني. ”تمام گهڻيون مهربانيون. سفر آسان رهي،“ هن چيو. ڪوچ بان مهارن کي سٽ ڏني ۽ گهوڙي هلڻ شروع ڪيو. بيرو ڇٽيءَ هيٺ واپس هوٽل ڏانهن هليو ويو. اسان هيٺ گهٽيءَ ڏانهن راهي ٿياسين ۽ کاٻي پاسي ڏانهن مڙياسين، تنهن کان پوءِ اسٽيشن جي اڳيان چوگرد ڦري آياسين. اتي ٻاهر مينهن ۾ ٻہ ڪيرابنيري بيٺا هئا. انهن جي ٽوپلن تي روشني چمڪي رهي هئي. روشني جي برعڪس برسات اسٽيشن کان ڇٽي ۽ شفاف نظر اچي رهي هئي. اسٽيشن جي هيٺان واري پناه گاه مان هڪڙو حمالي ٻاهر نڪري آيو هن جا ڪلها برسات جي برعڪس مٿي ڪيل هئا. ”نہ،“ مون چيو. ”مهرباني. مونکي توهان جي ضرورت ناهي.“ هو واپس ڊيوڍي جي پناه گاه ڏانهن هليو ويو. هن جو چهرو ٽانگي جي مٿان واري جهنگلي جي پاڇولي هيٺ هو. ”اسان انهي سان گڏوگڏ الوداع چئي سگهون ٿا.“ ”مان اندر نہ ٿي هلي سگهان؟“ ”نہ.“ ”ڪيٽ، الوداع.“ ”ڇا تون هن کي اسپتال جو ٻڌائيندين؟“ ”ها.“ مون ڊرائيور کي اسپتال ڏانهن واپس ورائڻ جو ڏس پتو ٻڌايو. هن ڪنڌ لوڏيو. ”الوداع،“ مون چيو. ”پنهنجو چڱي نموني خيال رکجانءِ ۽ نوجوان ڪيٿرائن.“ ”الوداع، منهنجا پرين.“ ”الوداع،“ مون چيو. مون مينهن کان ٻاهر قدم وڌايا ۽ ٽانگو هلڻ لڳو. ڪيٿرائن ٻاهر جهڪي

۽ مون روشنيءَ ۾ هن جو چهرو ڏٺو. هن مسڪرايو ۽ پنهنجو هٿ لوڏيو. ٽانگو مٽي گهٽيءَ ڏانهن ويو. ڪيٽرائن ڏيوڍي ڏانهن اشارو ڪيو. مون ڏٺو اتي ٻه ڪيرابنيري ۽ ڏيوڍي هئي. مون کي احساس ٿيو ته هن چوڻ پئي چاهيو ته مان مينهن مان ٻاهر نڪري وڃان. مان اندر هليو ويس ۽ ٽانگي کي ڪنڊ وٺان مڙندي ڏٺم. حمالي پليٽ فارم تي مون لاءِ انتظار ڪري رهيو هو. مان وسندڙ مينهن ۾ ٽرين جي اندر هن جي پويان هلڻ لڳس، پرهجوم ماڻهن منجهان گذرندي ۽ نشستن جي وچان واري رستي مان هلندي ۽ اندر هڪڙي دروازي ۾ جتي هڪڙي پريل ڪمري جي ڪنڊ ۾ گهنڊ مشينون هلائڻ وارا ويٺا هئا. منهنجو ڪپڙن وارو ٿيلهو ۽ فرانسيسي مشڪ بين هن جي مٿي تي سامان رکڻ واري ريڪ تي پيل هئا. اتي گذرگاهه وٽ ڪيترائي ماڻهو بيٺل هئا ۽ ڪمري ۾ ويٺل سمورا ماڻهو جڏهن اندر گهڙياسين اسان ڏانهن ڏسي رهيا هئا. ٽرين ۾ ايتري جاءِ ڪو نه هئي ۽ هرڪو مخالفانه انداز ۾ ورتاءُ ڪري رهيو هو. گهنڊ مشينون هلائڻ وارن منجهان هڪڙو جڻو منهنجي ويهڻ لاءِ پاڻ اٿي بيٺو. ڪنهن منهنجي ڪلهي تي ٺڪي هنئي. مون ڪنڌ ورائي ڏٺو. اهو هڪڙو ڊگهو ۽ سڪڙو پيادل فوج وارو ڪپتان هو جنهن جي جباڙيءَ تي هڪڙو سرخ داغ هو. هن گذرگاهه جي شيشي منجهان نهاريو هو ۽ پوءِ سري آيو. ”توهان ڇا پيا چئو؟“ مون پڇيو. مون مڙي منهن هن ڏانهن ڪري ڇڏيو. هو مون کان وڏيڪ قداور هو ۽ هو پنهنجي ٽوپيءَ جي ڪناري جي هيٺان واري پاڇولي ۾ ڪافي سيپڪڙو لڳي رهيو هو ۽ هن جو داغ نئون ۽ چمڪندڙ هو. ڪمري جي اندر هر ڪو مون ڏانهن ڏسي رهيو هو. ”توهان ايئين نه ٿا ڪري سگهو“ هن چيو. ”توهان هڪڙي سپاهيءَ کان پنهنجي ويهڻ لاءِ نشست خالي نه ٿا ڪرائي سگهو.“ ”مون ان کي پورو ڪيو آهي.“ هن ڳيٽ ڏني ۽ مون هن جي ڳلي واري ڪنٺ کي پهريان هيٺ ۽ پوءِ مٿي ٿيندي ڏٺو. ”توهان کي ايئين ڪرڻ جو ڪو به حق ڪونهي. مان توهان جي اچڻ کان اول ٻه ڪلاڪ پهريان هتي هوس.“ ”توهان ڇا ٿو چاهيو؟“ ”نشست.“ ”اها ته مونکي به کپي.“ مون هن جي چهري ڏانهن ڏٺو ۽ سموري ڪمري کي پنهنجي خلاف محسوس ڪيو. مون انهن تي ڪو به الزام نه مڙهيو. هو صحيح هو. پر مونکي سيٽ کپندي هئي. هنيئر تائين ڪنهن به ڪجه ڪو نه ڪڇيو. .او جهنم، مون سوچيو. ”سگنور ڪيپيٽانو ويهي رهو“ مون چيو. گهنڊ مشين هلائڻ وارو رستي تان هٽي ويو ۽ ڊگهو ڪپتان ويهي رهيو. هن مون ڏانهن ڏٺو. هن جو چهرو زخمي لڳي رهيو هو. پر هو سيٽ وٺي ويو. ”منهنجو سامان ڪڍو“ مون مشين گن هلائڻ واري کي چيو. اسان گذرگاهه جي اڳيان وياسين. ٽرين پريل هئي ۽ مون ڄاتو پئي ته اتي جاءِ جو ڪو به موقعو ڪو نه هو. مون حمالي ۽ مشين گن هلائڻ واري کي في ڪس ڏه لاير ڏنا. اهي ٻاهر پليٽ فارم تي ڪڙڪين ۾ نهاري رهيا هئا پر اتي ڪا به جاءِ ڪو نه هئي. ”ٿي سگهي ڪو نه ڪو بريسڪا ۾ لهي وڃي،“ حماليءَ چيو. ”بريسڪا ۾ گهٽائي لهي ويندا،“ مشين گن هلائڻ واري چيو. مون هنن کي الوداع ڪيو ۽ انهن سان هٿ ملايا ۽ اهي هليا ويا. انهن ٻنهي ڪافي برو محسوس ڪيو. جڏهن ريل رواني ٿي اسان سڀ گذرگاهه ۾ بيٺل هئاسين. جيئن ئي اسان روانو ٿيڻ لڳاسين مون اسٽيشن جي روشنين ۽ ريل گاڏين جي گيريج ڏانهن ڏٺو. اتي اڃا برسات وسي رهي هئي ۽ جلدئي دريون آليون ٿي ويون ۽ ٻاهر نظر نه پئي وڃي سگهي. بعد ۾ مان گذرگاهه واري فرش تي سمهي پيس، پهريان مون پنهنجا پيسا،

ڪاغذ ۾ ٻڌون پنهنجي قميض ۽ پتلون ۾ اهڙي نموني وجهي ڇڏيا جو اهي منهنجي ڄنگهن جي نيڪر جي اندريان هئا. مان ساري رات سٽل هوس، بريسڪا ۾ ويرونا ۾ جاڳي پيس جڏهن ڪوڙ ساترا ماڻهو ريل مان لهي ويا، پر وري جلدئي واپس سمهي پيس. منهنجو مٿو منهنجي هڪڙي فرانسيسي مشڪ تي رکيل هو ۽ ٻئي تي منهنجون ٻانهون ورايل هيون ۽ مان شين جي ڪثير تعداد کي محسوس ڪري پئي سگهيس ۽ اهي مونکي اورانگهي منهنجي مٿان گذري پئي سگهيا. سڀئي ماڻهو گذرگاه جي فرش تي سٽل هئا. ٻيا درين جي ڏنڊن کي جهليو بيٺا هئا يا وري در جي پٽيان ٽيڪ ڏيو بيٺا هئا. ريل هميشہ پرهجوم هوندي هئي.

ڪتاب ٽيون

25

هاڻي خزان جي موسم ۾ سمورا وڻ نوڙها هئا ۽ رستا مٽيءَ هاڻا. مان يُوڊائن کان گورِيزيا ڏانهن ٽرڪ تي سوار ٿي ويس. اسان رستي تي ٻين ٽرڪن کان اڳ هٽي آياسين ۽ مون ڪيترن ڏانهن ڏٺو. شهتوتن جا وڻ نوڙها هئا ۽ کيت خاڪ رنگي هئا. اتي رستي تي نوڙهن وڻن جي قطارن کان گهميل سڪل پن پيل هئا ۽ ماڻهو رستن تي ڪم ڪري رهيا هئا، اهي رستي جي پاسي کان وڻ جي قطارن جي درميان ٽٽل پٿرن جي ڍِڳ مان سڙڪن ۾ پيل ڏرن کي پٿرن سان پُري رهيا هئا. اسان شهر کي ڏٺوسين جنهن جي مٿان ڏنڊ چانيل هو اهو پهاڙن جو مختصر رستو هو. اسان درياهه ٽپياسين ۽ ڏٺوسين ته اهو تارون تار هو. اتي پهاڙن ۾ برسات وسي رهي هئي. اسان شهر ۾ آياسين صنعت گاهن مان گذرياسين ۽ پوءِ گهرن ۽ محلن مان ۽ مون ڏٺو ته اڄا ڪيترن گهرن کي نشانو بڻايو ويو هو. هڪڙي سوڙهي گهٽيءَ مان اسان هڪڙي برطانوي ريڊ ڪراس واري ايمبولنس وٽان گذرياسين. ڊرائيور کي هڪڙي ٽوپي پاتل هئي ۽ هن جو چهرو سنهڙو ۽ اس جي ڪري ڪافي سڙي ويو هو. مون هن کي نه پئي ڄاتو. مان شهر جي اڳيان ميجر جي گهر وٽان وڏي مربع ۾ ٽرڪ کان هيٺ لٿس، ڊرائيور ڪپڙن جو ٿيلهو منهنجي حوالي ڪيو ۽ مون ان کي کنيو ۽ ان کي ٻن فرانسيسي مشڪ بينن تي لٽڪايو ۽ پنهنجي ولا ڏانهن هلڻ لڳس. اها هڪڙي گهر ڏانهن واپسي واري محسوسات ڪو نه هئي. مان هيٺ گهميل روڙيدار گهر جي داخلي دروازي تي هلڻ لڳس ۽ وڻن وچان ولا ڏانهن نهاري رهيو هوس. سمورين درين بند هيون پر دروازو کليل هو. مان اندر گهڙي پيس ۽ ميجر کي قليل ڪمري ۾ هڪڙي ميز تي نقشن سان وينل ڏٺم ۽ هو ديوار سان ڪاغذ جي ٽڪرن کي ٽائيپ ڪري رهيو هو. ”هيلو“ هن چيو. ”تون ڪيئن آهين؟ هو پوڙهو ۽ سڪل پئي لڳو. ”مان ٺيڪ آهيان،“ مون چيو. ”هرشيءِ ڪيئن پيئي هلي؟“ ”اهو سڀ ختم ٿي ويو“ هن چيو. ”پنهنجو سامان لاهه ۽ ويهه.“ ”مون پنهنجو ٿيلهو ۽ مشڪ بين هيٺ فرش تي لاهي رکي ۽ پنهنجي ٽوپي ٿيلهي جي مٿان رکي ڇڏي. مان ديوار وٽان هڪڙي ٻي ڪرسي سوري آيس ۽ ميز جي پرسان ويهي رهيس. ”اهو هڪڙو خراب سانوڻ هو،“ ميجر چيو. ”ڇا هاڻي تون ڀلوان آهين؟“ ”ها.“ .ڇا توکي ڪڏهن کي اعزاز مليا؟“ ”ها. مون سٺي نموني ورتا. تنهنجي وڏي مهرباني.“ ”اڄ ته انهن کي ڏسون.“ ”مون پنهنجو بنا ٻانهن وارو ننڍڙو ڪوٽ کوليو ته جيئن هو ٻه پٽيون ڏسي سگهي. ”ڇا توکي تمغن سان گڏ ڊبيون مليون؟“ ”نه. صرف ڪاغذ.“ ”ڊبيون بعد ۾ ايندين. انهن لاءِ وقت درڪار آهي.“ ”مان تنهنجي لاءِ ڇا ڪيان؟“ ”سڀ ڪاريون پري آهن. مٿي اتر ۾ اتي ڪيپوريٽو ۾ ڇه بينيون آهن. توکي ڪيپوريٽو جي خبر آهي؟“ ”ها،“ مون چيو. اهو مونکي ننڍڙي سفيد قصبي طور ياد هو جيڪو گهنڊ

واري مينار سان هڪڙي واديءَ ۾ واقع هو. اهو هڪڙو صاف سٿرو ننڍڙو قصبو هو ۽ اتي مربع ۾ هڪڙو عمدو چشمو هو. ”اهي اتان کان ڪم ڪري رهيا آهن. هاٿي ڪيترائي بيمار پيا آهن. ويڙھ ختم ٿي ويئي آهي.“ ”ٻيا ڪٿي آهن؟“ ”ٻه مٿي پهاڙن ۾ آهن ۽ چار ڇٽا اچا بينسِيزا تي آهن. ٻه ٻيا ايمبولنس وارا سيڪشن ڪارسو ۾ آهن ٽين فوج سان گڏ. ”تون منهنجي لاءِ ڇا ڪرڻ جو خواهشمند آهين؟“ ”جيڪڏهن تون چاهين ته تون بينسيزا تي چار گاڏيون سنڀالي سگهين ٿو. گِينو گهڻي وقت کان اتي مٿي آهي. تو هن کي اتي مٿي نه ڏٺو آهي، يا ڏٺو آهي؟“ ”نه.“ ”اهو ڪافي برو هو. اسان جون ٽي گاڏيون ضايع ٿي ويون.“ ”مون انهن جي باري ۾ ٻڌو هو.“ ”ها رنالدي تو ڏانهن لکيو هو.“ ”رنالدي ڪٿي آهي؟“ ”هو هتي اسپتال ۾ آهي. هن سانوڻ ۽ خزان هتي گهاري آهي.“ ”مان اهو مجيان ٿو.“ ”اهو ڪافي خراب رهيو آهي،“ ميجر چيو. ”تون اعتماد نه ٿو ڪري سگهين ته اهو ڪيترو نه خراب رهيو آهي. مون هميشه ويچاريو آهي ته جڏهن توکي ڌڪ لڳو هو تون خوشنصيب هئين.“ ”مان ڄاڻان ٿو مان هئس.“ ”ٻيو سال خراب رهندو،“ ميجر چيو. ”ٿي سگهي ٿو ته اهي هاٿي حملو ڪن. اهي چون پيا ته اهي حملو ڪرڻ وارا آهن پر مان ان کي نه ٿو مڃان. هاٿي دير ٿي چڪي آهي. تو درياه ڏٺو؟“ ”ها. اهو اڳ ۾ ئي تارون تار آهي.“ .مان نه ٿو سمجهان ته اهي هاٿي حملو ڪندا ڇاڪاڻ جو مينهن وسي رهيا آهن. اسان وٽ جلد ئي برفباري پوڻ واري آهي. تنهنجي هم وطنن جو ڇا حال چال آهي؟ ڇا تو سان گڏ ڪي ٻيا آمريڪي به هوندا؟“ ”اهي ڏهن ملين جي هڪڙي فوج کي سکيا ڏئي رهيا آهن.“ ”مان اميد ٿو ڪيان ته اسان ڏانهن ڪجه ڏياري موڪليندا. پر فرانسيسي انهن سيني کي گهيري ويندا. اسان ڪڏهن به هتان کان هيٺ نه ويندا سين. ٺيڪ آهي. تون اڄوکي رات هتي ٽڪي پئو ۽ سياڻي ننڍڙي گاڏيءَ سان ٻاهر وڃي گِينو کي واپس موڪلجانءِ. مان تو سان ڪو نه ڪو گڏائي ڇڏيندس جيڪو رستي کان واقف هجي. گِينو توکي سڀ ڪجه ٻڌائيندو. اهي هاٿي به ٿوري گهڻي گوليباري ڪري رهيا آهن پر اهو سڀ ڪجه ختم ٿي چڪو آهي. تون بينسِيزا کي ڏسڻ جي آرزو ڪندين.“ ”مان ان کي ڏسي خوش آهيان. سگنور ميگي اور، مان ٻيهر تنهنجي واپس اچڻ تي خوش آهيان.“ ”هن مسڪرايو. ”تون ايئين چوندي ڪافي سنو ٿو لڳين. مان هن جنگ مان ڪافي ٿڪجي پيو آهيان. جيڪڏهن مان دور هجان ها ته مان نه ٿو سمجهان ته ڪو مان واپس موٽي اچان ها.“ ”ڇا اها ايتري بري آهي؟“ ”ها. اها ايتري بري ۽ بيڪار آهي.“ ”وڃ صاف سٿرو ٿي ۽ پنهنجي دوست رنالدي سان مل.“ مان ٻاهر هليو ويس ۽ پنهنجا ٿيلها ڏاڪڻين کان مٿي کڻي ويس. رنالدي پنهنجي ڪمري ۾ موجود ڪو نه هو پر هن جون شيون اتي پيون هيون ۽ مان پلنگ تي ويهي رهيس ۽ پنهنجا چمڙاوان جوراپا کوليم ۽ پنهنجي ساڄي پير جو جوتو لاٿم. ان کان پوءِ مان پلنگ تي واپس آهلجي پيس. مان ٿڪل هوس ۽ مونکي ساڄي پير ۾ سور پئي ٿيو. پلنگ تي هڪڙي جوتي سان آهلجي پوڻ ڪافي احمقاڻو لڳي رهيو هو تنهن ڪري مان مٿي اٿي وينس ۽ ٻئي جوتي جون ڪنهيون کوليم ۽ ان کي فرش تي ڦٿو ڪري ڇڏيم. ۽ پوءِ ٻيهر ڪمبل تي ليٽي پيس. ڪمرو ٻوساٽيل هو ان جون دريون بند هيون پر مان ايترو ته ٿڪل هوس جو اٿي ڪري انهن کي کولڻ جي ست به نه پئي ساري سگهيس. مون ڏٺو ته منهنجو سمورو سامان ڪمري جي هڪڙي

ڪنڌ ڪان پيو هو. ٻاهر اوانداه ٿي رهي هئي. مان پلنگ تي ليٽندي ڪيٿرائن جي باري ۾ سوچڻ لڳس ۽ رنالڊي جو انتظار ڪرڻ لڳس. رات جي وقت ۾ سمهڻ ويلي ڪيٿرائن کي ياد ڪرڻ کان علاوه باقي وقت مان هن جي باري ۾ نہ سوچڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هوس. پر هاڻي مان ٿڪل هوس ۽ اتي ڪجه ڪرڻ جي لاءِ ڪو نہ هو. تنهن ڪري مان آهلجي ڪري هن جي باري ۾ سوچي رهيو هوس. جڏهن مان هن جي باري ۾ سوچي رهيو هوس ان مهل رنالڊي اندر گهڙي آيو. هو اهڙي جو اهڙو نظر اچي رهيو هو. شايد هو ٿورو لهي ويو هو. "چڱو ٻچڙا." هن چيو. مان پلنگ تي اٿي ويٺس. هو مٿان سري آيو هيٺ ويهي رهيو ۽ پنهنجي ٻانهن منهنجي چوگرد ورايائين. "سنا پوڙها ٻچڙا." هن مونکي پٺيءَ ۾ زور سان ڌڪ هنيو ۽ مون هن جون ٻئي ٻانهون زور سان پڪڙي ورتيون. "پوڙها ٻچڙا." هن چيو. "مونکي پنهنجي جنگه ڏسڻ ڏي." "مونکي پنهنجي پتلون لاهڻي پوندي." "ٻچڙا، پنهنجي پتلون لاه. اسان هتي سڀيئي يار آهيون. مان ڏسڻ چاهيان ٿو تہ انهن ڪهڙي قسم جو ڪم ڪيو آهي." مان مٿي اٿي بيٺس، نيڪرن کي هٽايم ۽ گوڏي جي پٽين کي ڇڪڻ لڳس. رنالڊي فرش تي ويهي رهيو ۽ پٽيءَ کي نرميءَ سان اڳتي پوئتي ڪرڻ لڳو. هن داغ جي مٿان پنهنجي آڱر ڦيرائي؛ گوڏي جي ڍڪڻيءَ جي مٿان پنهنجا ٻئي آڱوٺا گڏائي رکيا ۽ پنهنجي آڱرين سان گوڏي کي نرميءَ سان هيڏانهن هوڏانهن لوڏي ڏنو. "ڇا اهو مڪمل طور تي جوڙيو ويو آهي؟" "ها." "توکي واپس موڪلڻ هڪڙو جرم آهي. انهن کي گهرجي تہ اهي مڪمل طور تي جوڙين." "اهو پهريان کان ڪافي بهتر آهي. اهو هڪڙي تختي جيان سخت هو." رنالڊي ان کي وڌيڪ موڙيو. مون هن جي هٿ ڏانهن نهاريو پئي. هن کي هڪڙي سٺي جراح جهڙو هٿ هو. مون هن جي مٿي جي مٿان ڏٺو هن جا وار چمڪندڙ ۽ هموار نموني سان جدا ڪيل هئا. هن گوڏي کي گهڻو پري موڙيو. "هاءِ!" مون چيو. "توکي مشينن سان ان تي وڌيڪ اعلاج ڪرائڻ گهرجي،" رنالڊي چيو. "اهو پهريان کان بهتر آهي." "ٻچا، اهو مان ڏسي رهيو آهيان. اها ڪجه اهڙي شيءِ آهي جنهن بابت مان توکان وڌيڪ ڄاڻان ٿو." هو اٿي بيٺو ۽ پلنگ تي ويهي رهيو. "بذات خود گوڏو نيڪ آهي." "هن گوڏي واري مامري کي اڪلائي ورتو." "مونکي هرشيءِ جي باري ۾ سڀ ڪجه ٻڌاءِ." "ٻڌائڻ لاءِ ڪجه آهي ئي ڪونہ." مون چيو. "مون ڪافي خاموش جيون گهاريو." "تون هڪڙي شادي شده شخص جيان ورتاءُ ڪري رهيو آهين." "اهڙو ڪجه بہ ناهي،" مون چيو. "توسان ڇا مسئلو آهي؟" "هيءَ جنگ مونکي قتل ڪري رهي آهي،" رنالڊي چيو. "مان ان کان ڪافي نراس آهيان." هن پنهنجا هٿ گوڏي سان ويڙهي ڇڏيا. "او،" مون چيو. "ڇا ڳاله آهي؟" "ڇا مون وٽ انساني جذبا تي نہ ٿا سگهن؟" "نہ. مان ڏسان پيو تہ تو هڪڙو سٺو وقت پئي گهاريو آهي. مونکي ٻڌاءِ. "مون سموري اونهاري ۽ خزان ۾ ڪم ڪيو آهي. مان سارو ڏينهن لوڙيندو آهيان. مان هر ماڻهوءَ جو ڪم ڪندو آهيان. ڪٽي ڪهڙو بہ مشڪل ڪم هجي جيڪو اهي منهنجي لاءِ ڇڏي ڏيندا آهن. خدا جو قسم، ٻچڙا، مان هڪڙو پيارو جراح ٿيندو پيو وڃان." "اهو ڪافي سٺو پيو لڳي." "مان ڪڏهن بہ نہ ٿو سمجهان. نہ، خدا جو قسم. مان نہ ٿو سمجهان، مان لوڙيان ٿو. "اهو درست آهي." "پر هاڻي، ٻچڙا، اهو سڀ ڪجه ختم ٿي ويو. مان هاڻي ڪم نہ ٿو ڪيان ۽ مان دوزخ جيان محسوس ٿو ڪيان. ٻچڙا، هي ڀيانڪ جنگ آهي. جڏهن مان

ايئين چوان ٿو توکي اعتماد اچي ٿو. هاڻي تون مونکي خوش ڪر. ڇا تو فونوگراف جا رڪارڊ آندا آهن؟“ ”اهي هڪڙي پاڻي واري دٻي ۾ منهنجي ڪپڙن واري ٿيلهي ۾ ويڙهيل هئا. مان ايترو ٿڪل هوس جو انهن کي ٻاهر ڪڍي ئي نه سگهيس.“ ”ٻچا، ڇا تون پنهنجو پاڻ کي سنو محسوس ڪرين ٿو؟“ ”مان دوزخ جيان محسوس ڪيان ٿو.“ ”هيءَ جنگ ڀيانڪ آهي،“ رنالڊي چيو. ”اچ. اسان ٻئي جام نوش ڪنداسين ۽ مسرور ٿينداسين. پوءِ اسان هلنداسين ۽ من مانيون ڪنداسين. تڏهن اسان سنو محسوس ڪنداسين.“ ”مونکي يرقان آهي،“ مون چيو ۽ مان پي نه ٿو سگهان.“ ”تون مون ڏانهن ڪيئن آيو آهين. تون هڪڙي جگر سان ونجي واپس آيو آهين. مان توکي چوان ٿو ته هي جنگ هڪڙي گندي شيءِ آهي. بحرحال اسان ان کي جوتيون ڇا لاءِ وينا آهيون.“ ”اسان هڪڙو جام پيئنداسين. مان پيئڻ نه ٿو چاهيان پر اسان هڪڙو جام پيئنداسين.“ رنالڊي ڪمري جي آرپار بيسڻ ڏانهن ويو ۽ واپسيءَ تي ٻه گلاس ۽ هڪڙي ڪوگنيڪ ڪٺي آيو. ”اها آسٽريائي ڪوگنيڪ آهي،“ هن چيو ”ستن ستارن واري. اهو سڀ ڪجھ انهن سين گيبريل وٽان هٿيڪو ڪيو.“ ”ڇا تون اتي مٿي هئين؟“ ”نه. مان ڪاڏي به ڪو نه ويو هوس. مان سڄو ڏينهن هتي ڪم ڪندو هوس. ٻچڙا، ڏس، هي تنهنجي ڏندن کي برش ڪرڻ وارو گلاس آهي. مون ان کي تنهنجي ياد کي تازو ڪرڻ لاءِ رکيو هو.“ ”پنهنجي ڏندن کي صاف ڪرڻ وقت منهنجي ياد.“ ”نه. مون وٽ پنهنجو الڳ سان آهي. مان هي ان جي لاءِ رکيو ته جيئن مان ان کي ياد ڪيان جڏهن تون ولا روزا ڏانهن وڃڻ کان پهريان صبح جو پنهنجا ڏند صاف ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هئين، ۽ بخار ۾ گهٽتائي جي لاءِ رنڊين کي پٽيندي ۽ لعنتون وجهندي ايسپائرن جي ٽڪي ڪائيندو هئين. جڏهن به مان ان گلاس ڏانهن نهاريندو هوس مان تنهنجي باري ۾ سوچيندو هوس تون پنهنجي ضمير کي ڏندن جي هڪڙي برش سان صاف ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي،“ هو پلنگ جي مٿان سري آيو. ”مونکي هڪڙو ڀيرو چمي پاءِ ۽ مونکي ٻڌاءِ ته تون ڳنڀير ناهين.“ ”مان توکي ڪڏهن به چمي نه پائيندس. تون هڪڙو باندر آهين.“ ”مان سمجهان ٿو ته تون هڪڙو سنو اينگلو- سيڪسن ڇوڪرو آهين. مان ڄاڻان ٿو. تون ندامتي ڇوڪرو آهين، مان ڄاڻان ٿو. مان تيستائين انتظار ڪندس جيستائين مان اينگلو - سيڪسن کي طوائف جي پيشي کي ڏندن جي هڪڙي برش سان صاف ڪندي ڏسان.“ ”ڪجھ ڪوگنيڪ گلاس ۾ اوت.“ اسان هڪٻئي سان جام ٽڪراياسين ۽ پيئڻ لڳاسين. رنالڊي مون تي کلي رهيو هو. مان توکي مدهوش ڪندس ۽ تنهنجو جگر ڇڪي ٻاهر ڪڍندس ۽ تو ۾ هڪڙو سنو اطالوي جگر وجهندس ۽ توکي وري هڪڙو انسان ٺاهيندس.“ مان وڌيڪ گوگنيڪ لاءِ گلاس جهلي بيٺس. هاڻي ٻاهر اونداه ٿي ويئي هئي. مينهن وسڻ شروع ٿي ويو هو. ٻاهر ٿڌڪار هئي ۽ اتي وٽن ۾ ڏنڊ ڇانيل هو. ”ڪوگنيڪ کي ڪڙڪيءَ کان ٻاهر نه اڇلاءِ،“ رنالڊي چيو. ”جيڪڏهن تون ان کي پي نه ٿو سگهين ته مونکي ڏي.“ ”تون پنهنجي سر پاڻ ڪجھ ڪر،“ مون چيو. مان رنالڊي کي ٻيهر ڏسي ڪري خوش هوس. هن مونکي زحمتون ڏينديءَ ٻه سال گهاريا هئا ۽ مون هميشه ان کي پسند ڪيو هو. اسان سني نموني سان هڪٻئي جي نس نس کان واقف ٿي ويا هئاسون. ”ڇا تون شادي شده آهين؟“ هن مون کان بستر وٽان پڇيو. مان ديوار جي مخالف دريءَ کان بيٺو هوس. ”ڇا تو

ڪي پيار تي ويو آهي؟" "ها." "انهي انگريزي ڇوڪريءَ سان؟" "ها." "غريب ٻچڙا. ڇا هوءَ تنهنجي لاءِ صحيح آهي؟" "يقيناً." "مان توڪان عملي طور تي ڳالهائيندي مطلب رکان ٿو تہ هوءَ تو لاءِ نيڪ آهي؟" "بس ڪر." "مان ڳالهائيندس. تون ڏسندين تہ مان هڪڙو وڏي نفاست وارو شخص آهيان. ڇا هوءَ؟" "رِينِي،" مون چيو. "مهرباني ڪري بس ڪر. جيڪڏهن تون منهنجو دوست رهڻ گهرين ٿو تہ بس ڪر." "ٻچا، مان تنهنجو دوست رهڻ نہ ٿو چاهيان مان تنهنجو دوست آهيان. "تہ پوءِ بس ڪر." "نيڪ آهي." مان متي بستر ڏانهن هليو ويس ۽ رنالڊي جي پرسان ويهي رهيس. هو پنهنجو گلاس جهليو ويٺو هو ۽ فرش ڏانهن نهاري رهيو هو. "رِينِي، تون ڏسين ٿو نہ تہ اهو ڪيئن آهي؟" "او، ها. مون پنهنجي سموري زندگيءَ ۾ پيانڪ عنوانن سان مهاڏو اٽڪايو آهي. پر توسان تمام ٿورڙو. مان سمجهان ٿو تہ تو بہ لازماً اٽڪايو هوندو." هن فرش ڏانهن نهاريو. "تو ڪن سان بہ نہ اٽڪايو آهي؟" "ڪنهن سان بہ نہ؟" "نہ." "مان اهو تنهنجي امڙ ۽ اديءَ جي باري ۾ چئي سگهان ٿو؟" "۽ تہ تنهنجي اديءَ جي باري ۾،" رنالڊي نرميءَ مان چيو. اسان ٻنهي ٺهڪ ڏنو. "پوڙها مافوق البشر،" مون چيو. "تي سگهي ٿو مان جلان ٿو" رنالڊي چيو. "نہ، تون نہ ٿو جلين." "منهنجو مطلب اهڙو نہ هو. منهنجو مطلب ٻيو ڪجھ هو. ڇا تنهنجا ڪي شادي شده دوست آهن؟" "ها،" مون چيو. "منهنجو ڪو بہ ناهي،" رنالڊي چيو. "نہ جيڪڏهن اهي هڪٻئي سان پيار ڪن ٿا." "ڇو نہ؟" "اهي مونکي پسند نہ ٿا ڪن." "ڇاڪاڻ؟" "مان نانگ آهيان. مان منطقي انداز سان سوچڻ وارو نانگ آهيان." "تون ان ڪي گڏِ مِڏِ ڪري رهيو آهين. صوف منطقي انداز هو. "نہ اهو نانگ هو." هو وڏيڪ مسرور هو. "تون تڏهن نيڪ هوندو آهين جڏهن ايتري گهرائيءَ ۾ نہ سوچيندو آهين،" مون چيو. "ٻچا، مان توسان پيار ڪيان ٿو،" هن چيو. "جڏهن مان عظيم اطالوي دانشور تي ويندو آهيان تون منهنجي هوا ڪيڍي ڇڏيندو آهين. پر مان ڪيتريون ئي اهڙيون شيون ڄاڻان ٿو جيڪي مان چئي نہ ٿو سگهان. مان تو ڪان وڌيڪ ڄاڻيندو آهيان." "ها تون ڄاڻين ٿو." "پر تون هڪڙو بهتر وقت گهاريندين." "تان جو پشيمانيءَ جي باوجود بہ تون هڪڙو سنو وقت ماڻيندين." "مان ايئين نہ ٿو سمجهان." "او، ها. اهو سچ آهي. اڳ ۾ ئي مان تڏهن خوش رهندو آهيان جڏهن مان ڪم ڪري رهيو هوندو آهيان." هن ٻيهر فرش ڏانهن ڏنو. "تون ان ڪي پورو ڪندين." "نہ. مان صرف بہ ٻيون شيون پسند ڪيان ٿو: هڪڙي منهنجي ڪم ڪار لاءِ بري آهي ۽ ٻي لڳ پڳ هڪڙو ڪلاڪ يا پندرنهن منٽن واري آهي. ڪڏهن ڪڏهن انهي کان بہ گهٽ." "ڪڏهن ڪڏهن وڏي حد تائين ڪمتر." "ٻچا، شايد مون ان ۾ سڌارو آندو آهي. تون نہ ٿو ڄاڻين. پر اتي فقط بہ شيون ۽ منهنجو ڪم آهي." "توکي ٻيون شيون بہ ملنديون." "نہ. اسان ڪڏهن بہ ڪاشيءِ حاصل نہ ڪندا آهيون. سڀ ڪجھ پيدائشي طور تي اسان وٽ آهي ۽ اسان ڪڏهن بہ سکندا ناهيون. اسان ڪڏهن بہ ڪاشيءِ نئين حاصل نہ ڪندا آهيون. اسان سڀ مڪمل سان شروع ڪندا آهيون. توکي هڪڙي لاطيني نہ هئڻ تي سرهائي ڪرڻ گهرجي. تون پنهنجي خامين تي ايتري تہ وڌائي ٿو ڪرين." رنالڊي متي نهاريو ۽ ٺهڪ ڏنائين. "ٻچا، اسان بس ڪنداسين. مان گهڻي سوچڻ جي ڪري ٿڪجي پيو آهيان." هو جڏهن اندر گهڙي آيو هو ان مهل هو ٿڪل لڳي رهيو هو. "اهو لڳ پڳ کائڻ پيئڻ جو وقت آهي. مونکي خوشي آهي تہ

تون موٽي آيو آهين. تون منهنجو بهترين دوست آهين ۽ منهنجو جنگي ڀاءُ.“ ”جنگي ڀائر ڪائيندا ڪڏهن؟“ مون پڇيو. ”ٿوريءَ دير ۾. اسان تنهنجي جگر جي خاطر هڪ دفعو ٻيهر پيئنداسين.“ ”سينٽ پال جيان.“ ”تون درست ناهين اهو شراب ۾ معدو هو. پنهنجي معدي جي خاطر ٿورو شراب پيءُ.“ ”تو وٽ بوتل ۾ جيڪي ڪجه بہ آهي،“ مون چيو. ”ڪنهن جي بہ خاطر تون ذڪر ڪر.“ ”تنهنجي يارڙيءَ جي خاطر،“ رنالدي چيو. هن پنهنجو گلاس ٻاهر جهليو. ”نيڪ آهي.“ ”مان ڪڏهن بہ هن جي باري ۾ ڪا خراب ڳاله ڪو نہ ڪندس.“ ”پاڻ تي دٻاءُ نہ وجه.“ هن ڪوگنيڪ ڪي ڳيتي چڏيو. .مان خالص آهيان،“ هن چيو. ”مان تو جيان آهيان، ٻچا. مان بہ هڪڙي انگريزي ڇوڪري هٿ ڪندس. حقيقت اها آهي تہ پهريان مون تو واري يارڙيءَ کي ڄاتو هو پر هوءَ مون کان ٿوري ڊگهي هئي. ڊگهي ڇوڪري هڪڙي ڀيڻ خاطر،“ هن حوالو ڏنو. ”تو وٽ هڪڙو پيارو خالص دماغ آهي،“ مون چيو. ”ڇا مون وٽ ناهي؟“ انهي جي ڪري ئي تہ مونکي اهي رنالڊو پُوريسِيمو چوندا آهن.“ ”رنالڊو اسپورڪِيسِيمو.“ ”اچ، ٻچا، اسان هيٺ کائڻ جي لاءِ هلنداسين جڏهن منهنجو دماغ اڃا وڌيڪ خالص ٿي ويندو.“ مون پاڻ کي ڌوتو، پنهنجي وارن کي ڦٽي ڏنم ۽ ڏاڪڻين کان هيٺ لهي ويس. رنالدي کي ٿورو پيتل هو. جنهن ڪمري ۾ اسان کائيندا هئاسين، ماني اڃا تيار نہ ٿي هئي. ”مان بوتل وٺڻ ويندس،“ رنالدي چيو. هو مٿي ڏاڪڻين تي چڙهي ويو. مان ميز وٽ ويهي رهيس ۽ هو بوتل سان گڏ واپس وري آيو ۽ اسان ٻنهي جي لاءِ هڪڙي لسي تري وارن ٻن گلاسن ۾ اڌ جيتري ڪوگنيڪ اوتيائين. ”گهڻو ٿي ويو“ مون چيو ۽ گلاس کي پڪڙي ميز جي چراغ وٽان انهي کي ڏٺو. ”ڪنهن هڪڙي خالي معدي لاءِ نہ. اها هڪڙي نهايت ئي عمدي شيءِ آهي. اها معدي کي مڪمل طور تي ساڙي ڇڏيندي آهي. تو لاءِ ڪجه بہ خراب ناهي.“ ”نيڪ آهي.“ ”ڏينهون ڏينهون پاڻ کي پاڻ ماريندڙ“ رنالدي چيو. ”اهو معدي کي برباد ڪري ٿو ۽ هٿن ۾ ڏڪڻي آڻي ٿو. فقط هڪڙي جراح جي لاءِ شيءِ.“ ”تون ان جي سفارش ڪرين ٿو؟“ ”دل وجان سان. مان ڪو ٻيو ڪتب نہ آڻيندو آهيان. ٻچا، انهي کي ڳيتي ڇڏ ۽ اڳيان پنهنجي بيمار ٿيڻ لاءِ ويچار.“ مون اڌ گلاس پيتو. مون هال ۾ پٽيوالي کي چوندي ٻڌو، ”يخني! يخني تيار آهي!“ ميجر اندر گهڙي آيو اسان ڏانهن ڪنڌ لوڏيائين ۽ ويهي رهيو. هو ميز تي ڪافي ننڍڙو لڳي رهيو هو. ”ڇا اسان سڀ آيل آهيون؟“ هن پڇيو. اردلي يخنيءَ جو پيالو هيٺ رکيو ۽ هڪڙي چمچي سان ڪيڏندي هڪڙي پليٽ کي پري ڇڏيو. ”اسان سڀيئي موجود آهيون،“ رنالدي چيو. .جيستائين پادري اچي. جيڪڏهن هن کي خبر آهي تہ فيدرِيڪو هتي آهي تہ هو هتي ايندو. ”هو ڪٿي آهي؟“ مون پڇيو. ”هو 307 وٽ آهي،“ ميجر چيو. هو پنهنجي يخنيءَ کي لڳو پيو هو. هن پنهنجو منهن اگهيو پنهنجي پورين مڇن کي هوشياري سان صاف ڪندي. مان سمجهان ٿو هو ايندو. مون هنن کي سڏ ڏنو ۽ سنيهو ڇڏيم تہ اهي هن کي ٻڌائن تہ تون هتي آيو آهين.“ ”مان ميس جي آواز کي ياد ڪيان ٿو،“ مون چيو. ”ها، اها خاموش ٿي ويئي آهي.“ ميجر چيو. ”مان شور مچائيندس،“ رنالدي چيو. ”اينرِيڪو ڪجه جام پيءُ،“ ميجر چيو. هن منهنجو گلاس پري ڇڏيو. ڳوهيل اٽي جون سيون اندر اچي ويون ۽ اسان سڀ مصروف هئاسين. اسان سين کي پورو ڪري رهيا هئاسين جو پادري پهچي ويو. هو هميشہ جيان ساڳيو ئي هو ننڍڙو ۽

خاڪ رنگي ۾ مجمل نظر ايندڙ. مان اٿي بيٺس ۽ اسان هٿ ملاياسين. هن پنهنجو هٿ منهنجي ڪلهي تي رکيو. ”مون جيئن ئي ٻڌو تيئن ئي جلدي جلدي هليو آيس.“ هن چيو. ”ويه.“ ميجر چيو. ”تون دير ڪري آيو آهين.“ ”سلامِ شام، پادري.“ رنالڊي چيو انگريزي جو لفظ ڪتب آڻيندي. انهن پادريءَ تي ڪپتان جي طنز ڪي ڪپتان ڏانهن موڙي ڇڏيو هو جيڪو ٿوري انگريزي ڳالهائيندو هو. ”سلامِ شام، رنالڊو.“ پادري چيو. اردلي هن جي لاءِ يخني کڻي آيو پر هن چيو ته هو سين سان گڏ شروع ڪندو. ”تون ڪيئن آهين؟“ هن مون کان پڇيو. ”ٺيڪ.“ مون چيو. ”شيون ڪيئن رهيون؟“ ”پادري، ڪجه شراب پيءُ.“ رنالڊي چيو. ”پنهنجي معدي جي خاطر ڪجه شراب پيءُ. اهو سينٽ پال آهي، تون ڄاڻين ٿو نه؟“ ”ها مان ڄاڻان ٿو.“ پادري شائستگي سان چيو. رنالڊي هن جو گلاس ڀريو. ”اهو سينٽ پال.“ رنالڊي چيو. ”هو اهو آهي جيڪو ساري مشڪل پيدا ڪري ٿو.“ پادري مون ڏانهن نهاريندي مسڪرائي ڏنو. مان ڏسي پئي سگهيس ته ان قسم جي طنز هن تي هاڻي ڪو به اثر ڪو نه پئي ڪيو. ”اهو سينٽ پال.“ رنالڊي چيو. ”هو هڪڙو اوباش ۽ ڇاڙيباز هو ۽ تڏهن جڏهن هن ۾ وڌيڪ گرمي نه رهي ته پوءِ هن چيو اهو ڪنهن فائدي جو ناهي. جڏهن هن پورو ڪيو ته هن اسان جي لاءِ قائدا گهڙيا جيڪي اڃا تائين گرم آهن. ڇا اهو سچ ناهي. فيڊريڪو؟“ ميجر مسڪرائي ڏنو. هاڻي اسان آبي گوشت کائي رهيا هئاسون. ”مان انڊيري ڪان پوءِ هڪڙي بزرگ (سينٽ) جو جائزو نه وٺندو آهيان.“ مون چيو. پادري آبي گوشت وٺان نهاريو ۽ مون ڏانهن ڏسي مسڪرائي ڏنائين. ”هو اتي آهي، پادري جي پاسي.“ رنالڊي چيو. ”سمورا سنا پراڻا پادريءَ جا طنزباز ڪيڏانهن هليا ويا؟ ڪيواڪلانتي ڪٿي آهي؟ ٻرونڊي ڪٿي آهي؟ سيزر ڪٿي آهي؟ ڇا مونکي بنا ڪنهن سهائتا جي اڪيلي سر هن پادريءَ تي طنز ڪرڻي آهي؟“ ”هو هڪڙو سنو پادري آهي.“ ميجر چيو. ”هو هڪڙو سنو پادري آهي.“ رنالڊي چيو. ”پر آهي ته پادري نه. مان پراڻن ڏينهن واري ميس جوڙڻ جي ڪوشش ڪيان ٿو. مان فيڊريڪو کي خوش ڪرڻ چاهيان ٿو. مان تنهنجي پرواه نه ٿو ڪيان، پادري!“ مون ميجر کي هن ڏانهن نهاريندي ڏٺو ۽ ڏيان ۾ آندم ته هو مدهوش هو. هن جو سنهڙو چهرو سفيد هو. هن جي نرڙ جي اڳيان واري وارن جي سفيد ڇڳ جي برعڪس هن جا باقي وار ڪافي ڪارا هئا. ”اهو سڀ ٺيڪ آهي، رنالڊو.“ پادري چيو. ”اهو سڀ ٺيڪ آهي.“ ”مان تنهنجي پرواه نه ٿو ڪيان.“ پادري چيو. ”سموري ڪمبخت دنيا جي پرواه نه ٿو ڪيان.“ هو واپس پنهنجي ڪرسيءَ تي ويهي رهيو. ”هو هڪڙي دٻاءُ هيٺ رهيو آهي ۽ هو ٿڪجي پيو آهي.“ ميجر مونکي چيو. هن پنهنجي حصي جو گوشت کائي پورو ڪيو ۽ مانيءَ جي هڪڙي ٽڪر سان گريبي اگهي ڇڏيائين. ”مان هڪڙي ڪمبخت نه ڏيندس.“ رنالڊي ميز کي چيو. ”سموري ڪمبخت دنيا جي پرواه ناهي.“ هن ميز جي چوگرد بي باڪيءَ سان ڏٺو هن جون اکيون سڌيون هيون. هن جو منهن پيلو هو. ”ٺيڪ آهي.“ مون چيو. ”سموري ڪمبخت دنيا جي پرواه ناهي.“ ”نه، نه.“ رنالڊي چيو. ”تون اهو نه ٿو ڪري سگهين. تون ان کي نه ٿو ڪري سگهين. مان چوان ٿو تون ان کي نه ٿو ڪري سگهين. تون خشڪ آهين ۽ تون خالي آهين ۽ اتي ٻيو ڪجه به ناهي. اتي ٻيو ڪجه به ناهي. مان توکي چوان ٿو. ڪا ڪمبخت هڪڙي شيءِ به ناهي. مان ڄاڻان ٿو جڏهن مان ڪم ڪرڻ بند ڪندس.“ پادري

پنهنجو ڪنڌ لوڏيو. اردلي آبي گوشت واري ٿالهي کڻي ويو. "تون گوشت ڇا لاءِ کائين ٿو؟" رنالڊي پادري ڏانهن ڦريو. "ڇا تون نہ ٿو ڄاڻين تہ اڄ جمعو آهي." "اڄ خميس آهي،" پادري چيو. "اهو هڪڙو ڪوڙ آهي. اهو جمعو آهي. تون اسان جي ڏٽي سڳوري جو جسم کائين ٿو. اهو خدا جو گوشت آهي. مان ڄاڻان ٿو. اهو مري ويل آسٽريائي آهي. اهو اهو ڪجھ آهي جيڪو تون کائين ٿو." "سفيد گوشت آفيسرن وٽان آهي،" مون چيو، پراڻي لطيفي کي پورو ڪندي. رنالڊي ٺهڪ ڏنو. هن پنهنجو گلاس ڀري ورتو. مونکي برو نہ سمجهجو" هن چيو. "مان فقط ٿورو پاڳل آهيان." "توکي هڪڙي موڪل کرڻ گهرجي،" پادري چيو. ميجر هن ڏانهن پنهنجو ڪنڌ ڌوڻيو. رنالڊي پادري ڏانهن ڏٺو. "ڇا تون سمجهين ٿو تہ مان هڪڙي موڪل وٺان؟" ميجر پادري ڏانهن پنهنجو ڪنڌ ڌوڻيو. رنالڊي پادري ڏانهن نهاري رهيو هو. "بلڪل جيئن توکي وڻي،" پادري چيو. "جيڪڏهن تون نہ ٿو چاهين تہ نہ." "تنهنجي پرواهہ ناهي،" رنالڊي چيو. "اهي مون مان جان ڇڏائڻ گهرن ٿا. هر رات اهي مون مان جان ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. مان هنن سان وڙهندس. جيڪڏهن مون کي ٿي پيو تہ ڇا ٿي پيو. اهو هر ماڻهو وٽ آهي. اهو سموري دنيا وٽ آهي. "ڀهريان،" هو چوندو رهيو، هڪڙي درس ڏيڻ واري (ليڪچرار) جو ڍنگ اپنائيندي. اهو ٿورو داٽيدار آهي. انهي کان پوءِ اسان ڪلهن ۾ هڪڙي سرخ بادي ڏيان ۾ آڻيون ٿا. انهي کا پوءِ اسان بلڪل بہ ڪجھ بہ ڏيان ۾ نہ ٿا آڻيون. اسان عطارد ۾ ايمان آڻيون ٿا. "يا سلواسن." (salvarsan: مرڪزي اعصابي نظام کي محرڪ ڪندڙ دوا ـ مترجم) ميجر سرگوشي وچان خلل وڌو. "هڪڙِي عطاردِي مصنوعات،" رنالڊي چيو. هاڻي هو ڪافي پرمسرت طريقي سان ورتاءُ ڪري رهيو هو. "مان انهن ٻنهي جي اهميت جهڙي ڪنهن شيءِ بابت ڄاڻان ٿو. سنا پراڻا پادري،" هن چيو. "تون ان کي ڪڏهن بہ حاصل ڪو نہ ڪندين. ٻچا اهو ان کي حاصل ڪندو. اهو ڪو صنعتي حادثو ناهي. اهو سادي سودي نموني صنعتي حادثو آهي." اردلي مناڻ ۾ ڪافي کڻي آيو. منو هڪڙي قسم جي ڪاري رنگ جي رائِيءَ مان ٺاهيل پاڻيءَ سان پڇايل تکي چٽنيءَ سان گڏ هو. چراغ مان دونهون اٿي رهيو هو. ڪارو دونهون جيڪو چمنيءَ جي اندريان مٿي وڃي رهيو هو. "ٻہ موم بتيون آڻيو ۽ چراغ کڻي وڃو" ميجر چيو. اردلي ٻہ ٻرندڙ موم بتيون هر هڪ هڪڙي ساسر ۾ کڻي آيو ۽ چراغ کي وسائي کنيائين. رنالڊي هاڻي خاموش هو. هو بلڪل ٺيڪ لڳي رهيو هو. اسان ڳالهائيندا رهياسين ۽ ڪافيءَ کان پوءِ اسان سڀ هال ۾ هليا وياسين. "تون پادريءَ سان ڳالهائڻ چاهين ٿو. مونکي شهر ڏانهن وڃڻو آهي،" رنالڊيءَ چيو. "شب خير، پادري،" "شب خير، رنالڊو،" پادريءَ چيو. "مان توسان ملندس، فريڊِي،" رنالڊيءَ چيو "ها،" مون چيو. "سوير ڀرو اچجانءِ." هن مون ڏانهن نهاريو ۽ دروازي کان ٻاهر نڪري ويو. ميجر اسان سان گڏ وينو هو. "هو ڪافي ٿڪل آهي ۽ هن حد کان وڌيڪ ڪم ڪيو آهي،" هن چيو. "هو اهو پڻ سمجهي ٿو تہ هن کي آتشڪ آهي. (syphilis: آتشڪ، انهي جو ڪارڻ ٽريپونيميا پيليڊم treponema pallidum) آهي مرض لڳڻ جي ڇئن يا پنجن هفتن ۾ عضو تناسل ۾ ڳوڙهي نڪرندي آهي ۽ سمورو جسم داڻن سان ڀرجي ويندو آهي 15 کان 30 سالن ۾ سمورا اعصاب بيڪار بڻجي ويندا آهن ـــ مترجم ـ وڪيپيڊيا) مان انهي کي نہ ٿو مڃان پر هُن کي ٿي بہ سگهي ٿي. هو ان جو اعلاج

پاڻ ڪري رهيو آهي. شب خير. تون سڄ اپرڻ کان اول ويندين، اينريڪو؟“ ”ها.“ ”تہ پوءِ الوداع،“ هن چيو. ”يلا ياڳ، پيبڙوڙي توکي اڻارينديو ۽ توسان گڏ هلندو.“ ”الوداع، سگنور ميگي اور.“ ”الوداع.“ ”اهي هڪڙي آسٽريائي جارحيت جي باري ۾ ڳالهائي رهيا آهن پر مان ان کي نہ ٿو مڃان. مونکي اميد آهي تہ اها نہ ٿي هوندي. پر بحرحال اها هتي ڪو نہ ٿيندي. ڳِينو توکي هرشيءِ ٻڌائيندو. هاڻي ٽيليفون ٺيڪ ڪم ڪري رهي آهي.“ ”مان مستقل ڳالهائيندو آهيان.“ مهرباني ڪري ڪجانءِ. رنالڊيءَ کي ايتري براندي پيئڻ نہ ڏي.“ ”مان ڪوشش ڪندس تہ هو نہ پيئي.“ ”الوداع، پادري.“ ”شب خير، سگنور ميگي اور.“ هو پنهنجي آفيس ۾ هليو ويو.

26

مان دروازي ڏانهن ويس ۽ ٻاهر نهاريم. اتي برسات پوڻ بند ٿي وئي هئي پر اتي ڪوهيڙو هو. ”ڇا اسان کي ڏاڪڻ کان مٿي هلڻ گهرجي؟“ ”مون پادريءَ کان پڇيو. ”مان صرف ٿوري وقت لاءِ ترسي سگهان ٿو.“ ”مٿي اچ.“ اسان ڏاڪڻ تان چڙهياسين ۽ مون واري ڪمري ۾ وياسين. مان هيٺ رنالڊيءَ جي بستري تي ليٽي پيس. پادري منهنجي کٽ تي ويٺو جنهن کي اردلي ٺيڪ ڪري رکيو هو. اتي ڪمري ۾ اونداهه هئي. ”ڇگهو“ هن چيو. ”تون سچ پچ ڪيئن آهين؟“ ”مان بلڪل ٺيڪ آهيان. مان اڄوڪي رات ٿڪل آهيان.“ ”مان پڻ ٿڪل آهيان, پر بنا ڪنهن سبب جي.“ ”جنگ جي باري ۾ ڇا خيال آهي؟“ ”مان سمجهان ٿو ته اها جلدي ختم ٿي ويندي. مان نه ٿو ڄاڻان ڇاڪاڻ, پر مان ان کي محسوس ڪيان ٿو.“ ”تون ان کي ڪيئن ٿو محسوس ڪرين؟“ ”تون ڄاڻين ٿو ته تنهنجو ميجر ڪيئن آهي؟ ٿڌي مزاج وارو؟ ڪيترائي ماڻهو هاڻي ايئين ٿي ويا آهن.“ ”مان پاڻ سر اهڙي نموني محسوس ڪيان ٿو“ مون چيو. ”اهو هڪڙو ڀيانڪ سانوڻ هو“ پادريءَ چيو. هاڻي هو منهنجي هتان وڃڻ کان پهريان کان وڌيڪ خود اعتماد هو.“ ”تون اعتماد نه ٿو ڪري سگهين ته اهو ڪيئن رهيو آهي. سواءِ ان جي جو تون هُتي رهيو پيو هئين ۽ تو ڄاتو پئي ته اهو ڪيئن ٿي سگهي ٿو. هن سانوڻ ۾ ڪيترن ماڻهن جنگ کي سمجهي ورتو آهي. اهي آفيسر جن جي باري ۾ مون سوچيو هو ته اهي ڪڏهن به سمجهي نه سگهندا هاڻي اهي ان کي سمجهي رهيا آهن.“ ”ڇا ٿيندو؟“ ”مون قالين تي هٿ ڦيرايو. ”مان نه ٿو ڄاڻان پر مان نه ٿو سمجهان ته اها ڪو ايترو وقت جاري رهي سگهي ٿي.“ ”ڇا ٿيندو؟“ ”اهي وڙهڻ بند ڪندا.“ ”ڪير؟“ ”ٻئي ڌريون.“ ”مان اهڙي اميد ڪيان ٿو“ مون چيو. ”توکي ان تي يقين نه ٿو اچي؟“ ”مان نه ٿو سمجهان ته ٻئي ڌريون يڪدم وڙهڻ بند ڪنديون.“ ”مان سمجهان ٿو نه. اها حد کان وڌيڪ توقع ڪرڻ آهي. پر جڏهن مان ماڻهن ۾ تبديليون ڏسان ٿو مان نه ٿو سمجهان ته اها جاري رهي سگهي ٿي.“ ”هن سانوڻ ۾ ڪنهن جنگ ۾ ڪير سوڀارو ٿيو؟“ ”ڪو به نه.“ ”آسٽريا وارن کٽيو“ مون چيو. ”انهن انهن کي سين گيبريل کان پري رکيو. اهي کٽي ويا آهن. اهي وڙهڻ بند ڪندا.“ ”جيڪڏهن اهي ايئين محسوس ڪري رهيا آهن جيئن اسان محسوس ڪري رهيا آهيون اهي بس ڪري سگهن ٿا. اهي ساڳي ئي شيءِ مان گذريا آهن.“ ”ڪو به ڪڏهن تڏهن بس ڪو نه ڪندو جڏهن اهو کٽي رهيو هجي.“ ”تون منهنجي حوصلہ شڪني ٿو ڪرين.“ ”مان صرف اهو چئي سگهان ٿو جيڪو مان سوچان ٿو.“ ته پوءِ تون سمجهين ٿو ته اها جاري و ساري رهندي؟ ڪڏهن ڪجه به ڪو نه ٿيندو؟ ”مان نه ٿو ڄاڻان. مان صرف اهو سمجهان ٿو ته آسٽريا وارن جڏهن هڪڙي سوڀ ماڻي آهي اهي بس نه ڪندا. اهو شڪست ۾ آهي جو اسان عيسائي ٿي وڃون ٿا. آسٽريائي سواءِ بوسنيا وارن جي عيسائي آهن.“ ”منهنجو مطلب ٽڪنيڪي طور تي عيسائي ناهي. منهنجو مطلب اسان جي ايشور جيان آهي.“ هو ڪجه نه ڪڇيو. ”اسان سڀيئي هاڻي نرم مزاج ٿي ويا آهيون ڇاڪاڻ جو اسان چوٽ کاڌي آهي. اسان جو ايشور ڪيئن هجي ها جيڪڏهن پطرس هن کي باغيچي ۾ خطري کان بچائي ها؟“ ”جيئن هو هجي ها بلڪل ساڳيءَ

طرح.“ ”مان ايئين نہ ٿو سمجهان،“ مون چيو. ”تون منهنجي حوصلہ شڪني ڪرين ٿو“ هن چيو. “مان مجان ٿو ۽ دعا ٿو ڪيان تہ ڪجه نہ ڪجه ٿيندو. مون ان ڪي ويڇهڙائيءَ ڪان محسوس ڪيو آهي.“ ”ڪجه نہ ڪجه ٿي سگهي ٿو“ مون چيو. “پر اهو فقط اسان سان ٿيندو. جيڪڏهن اهي اسان جيان محسوس ڪن ٿا، اهو بلڪل ٺيڪ رهندو. پر انهن اسان ڪي ماريو آهي. اهي ٻئي طريقي سان محسوس ڪن ٿا.“ ”شروعات انهن جي مارجڻ ڪان ٿي هئي. اهي ماريا ويا هئا تڏهن جڏهن هنن انهن کي انهن جي ڪيتن مان ڪٽي انهن ڪي فوج ۾ داخل ڪيو. جنهن جي ڪري هارين ۾ ڏاهپ آهي، چاڪاڻ جو هو شروع ڪان شڪستياب ٿيو هو. هن ڪي بااختيار بڻايو ۽ ڏسو تہ هو ڪيترو نہ ڏاهو آهي.“ ”هن ڪجه بہ نہ چيو. هو سوچي رهيو هو. ”هاڻي مان پاڻ سر افسرده آهيان،“ مون چيو. ”جنهن جي ڪري مان ڪڏهن بہ انهن شين جي باري ۾ نہ سوچيندو آهيان. مان ڪڏهن بہ نہ سوچيندو آهيان ۽ پوءِ بہ جڏهن مان ڳالهائيندو آهيان مان چوندو آهيان جيڪي شيون مون پنهنجي دماغ مان ڳولهي لڌيون آهن اهي سوچ ڪان خالي آهن.“ ”مون ڪنهن شيءِ جي باري ۾ اميد ڪئي هئي.“ ”شڪست؟“ ”نہ.“ ”ڪاشيءِ انهي ڪان وڌيڪ.“ ”اتي ڪا بہ وڌيڪ شيءِ ڪونهي. سواءِ سوڀ جي. اها خراب ٿي سگهي ٿي.“ ”مون گهڻي عرصي ڪان سوڀ جي اميد ڪئي هئي.“ ”مون پڻ.“ ”هاڻي مان اڻڄاڻ آهيان.“ ”ان ڪي هڪ نہ ٻي ٿيڻو آهي.“ ”مان وڌيڪ لاءِ فتح تي يقين نہ ٿو رکان.“ ”مان نہ. پر مان شڪست تي يقين رکان ٿو. البت اها بهتر ٿي سگهي ٿي.“ ”تون ڇا ۾ يقين رکين ٿو؟“ ”آرام ۾. هو اتي ٻيهي رهيو. ”مان گهڻو وقت ترسڻ لاءِ معذرت ٿو ڪيان. پر مون توسان ڳالهائڻ ڪي گهڻو پسند ڪيو.“ ”اهو وري ڳالهائڻ سنو آهي.“ ”مون اهو سمهڻ جي باري ۾ چيو جنهن جو مطلب هو ڪجه بہ نہ.“ اسان اٿي بيناسين اونداهي ۾ هڪٻئي سان هٿ ملاياسين. ”هاڻي مان 307 وٽ سمهندو آهيان،“ هن چيو. ”مان سپاڻي چوڪيءَ تي سويرو ويندس.“ ”جڏهن تون واپس وري ايندين مان توسان ملندس.“ ”اسان گڏجي گهمنداسين ۽ ڳالهائينداسين.“ مان هن سان دروازي تائين گڏجي ويس. ”هيٺ نہ هل،“ هن چيو. “اهو ڪافي سنو آهي جو تون واپس وري آيو آهين. جيتوڻيڪ تولاءِ ايترو سنو نہ آهي.“ هن پنهنجو هٿ منهنجي ڪلهي تي رکيو. ”اهو مون لاءِ بلڪل ٺيڪ آهي،“ مون چيو. “الوداع،“ ”الوداع. سِي آئوا!“ ”سِي آئوا!“ مون چيو. مونکي بيحد ننڊ ورائي ويئي.

27

مان تڏهن جاڳي پيس جڏهن رنالڊي اندر گهڙي آيو هن کو نہ ڳالهايو ۽ مان وري سمهي پيس. صبح جو مون لباس اوڙهيو ۽ پره ڦٽيءَ کان پهريان هليو ويس. جڏهن مان نڪتس رنالڊي اجا سجاڳ کو نہ ٿيو هو. مون اڳ ۾ بينسيزا کو نہ ڏٺو هو ۽ مٿي لاهي وٽ وڃڻ ڪافي عجيب هو جتي آسٽريائي موجود هوندا هئا، درياه جي پرسان انهي هنڌ کان پرتي جتي مان گهائجي ويو هوس. اتي هڪڙو چاڙهي وارو نئون رستو هو ۽ ڪيترين ئي ٽرڪون هيون. پري کان، رستو ٻاهر جي طرف هموار هو ۽ مون ڌنڌ ۾ ٻيلو ۽ اوچا پهاڙ ڏٺا. اتي ٻيلا هئا جن کي جلديءَ ۾ هٽايو ويو هو پر اهي ٽٽي کو نہ پيا هئا. پرتان جتي رستو پهاڙن جي تحفظ ۾ نہ هو ان کي پاسن کان ۽ مٿان کان تڏن جي آڙ ڏني ويئي هئي. رستو هڪڙي مسمار ٿيل ڳوٺ وٽ پورو پئي ٿيو. صفون اڳتي ان کان پرانهون هيون. ان جي چوگرد خاشي تعداد ۾ پيادل دستو بيٺو هو. گهر بريءَ طرح سان ٽٽي ويا هئا پر شيون سٺي نموني سان منظم هيون ۽ اتي هر طرف کان نشانن واريون تختيون (سائن بورڊز) لڳل هيون. اسان گِينو کي ڳولهي لڌوسين ۽ هن اسان کي ڪجه ڪافي پيئاري ۽ بعد ۾ هن سان گڏجي ويس ۽ ڪيترن ماڻهن سان مليس ۽ چوڪيون ڏٺم. گِينو ٻڌايو تہ برطانوي ڪاريون اجا هيٺ بينسيزا ۾ ربِون وٽان ڪم ڪري رهيون هيون. هو برطانوين کي ڪافي واڪاڻي رهيو هو. هن چيو تہ، هينئر تائين گوليباري جو ڪجه مقدار هلي رهيو هو پر ايترا گهايل نہ پئي ٿيا. هاڻي جڏهن برساتون پوڻ شروع ٿي ويون آهن ڪيترائي بيمار ٿيندا. آسٽريائن جي باري خيال ڪيو ٿو وڃي تہ اهي حملو ڪرڻ وارا آهن پر هو ان کي نہ ٿو مڃي. اسان جي باري ۾ پڻ اهو خيال ڪيو پئي ويو تہ اسان حملو ڪنداسين، پر انهن کي بہ نوان جٿا نہ آندا آهن تنهنڪري هن جي خيال ۾ اهو پڻ ختم هو. خوراڪ جي ڪمي هئي ۽ هن کي گوريزيا ۾ هڪڙي مڪمل ماني کائڻ سان خوشي محسوس ٿيندي. مون رات جي ماني کهڙي قسم جي کاڌي هئي؟ مون هن کي ٻڌايو ۽ هن چيو تہ اهو ڪافي سٺو رهندو. هو شيرين ۽ ملائم کان ڪافي متاثر هو مان سمجهان ٿو تہ هن سمجهيو پئي تہ اها پاڻيءَ ۾ پچايل مانيءَ کان وڌيڪ خالص هئي. ڇا مان ڄاڻي سگهان ٿو تہ هو ڪيڏانهن هلڻ وارو هو؟ مون چيو مان نہ ٿو ڄاڻان پر اهو تہ ڪجه ٻيون ڪاريون ڪيپوريٽو ۾ هيون. هن اميد ڪئي تہ هو مٿي انهي رستي ڏانهن هلندو. اهو هڪڙو ننڍڙو وٽندڙ هنڌ هو ۽ هن ٽرڪ وسيلي پرانهن اوچن پهاڙن مان گذرڻ کي پسند پئي ڪيو. هو هڪڙو سٺو ڇوڪرو هو ۽ لڳي رهيو هو تہ هر ڪنهن هن کي پسند پئي ڪيو. هن چيو تہ آسٽريائن وٽ ٽرنووا جي ڏکي پهاڙيءَ ۾ پريان اسان جي مٿان کان پيادل دستن جو هڪڙو وڏو مقدار هو ۽ اهي رات جي وقت ۾ رستن تي بريءَ طرح سان گوليباري ڪري رهيا هئا. اتي بحري بندوقن جو هڪڙو گروه هو جنهن هن جي نڪ ۾ دم ڪري رکيو هو. مان انهن کي انهن جي هڪڙي مستقل آواز واري خَطي حرڪت مان سڃاڻي ويندس. اطلاع ٻڌڻ ساعت ئي اتي شور شرابو لڳ ڀڳ هڪدم شروع پئي ٿي ويو. اهي اڪثر طور تي هڪدم ٻن بندوقن جا ٺڪاو

ڪندا هئا، هڪڙي نيڪ ٻڍيءَ جي پنيان، ۽ انهن جي ٽڪاون مان نڪرندڙ ٽٽل ٽڪڙا بي انتها هئا. هن مونکي هڪڙو ٽڪڙو ڏيکاريو هڪڙو هموار نموني سان نوڪدار ڏاتوئي ٽڪڙو جيڪو لڳ ڀڳ هڪڙي فٽ جيترو ڊگهو هو. اهو ٽامي جي ڏاتو جهڙو هو. ”مان نہ ٿو سمجهان تہ ڪو اهي ايترا اثرائتا آهن،“ گينو چيو. ”پر اهي مونکي ڊيڄاري ڇڏيندا آهن. انهن جي آواز مان ايئين لڳندو آهي ڄڻ اهي سڌو سنئون توهان ڏانهن اچي رهيا آهن. ڀهريان اتي هڪڙو ڀڙاڙو اٿي ٿو انهي کان پوءِ هڪڙي هڪدم پيدا ٿيندڙ رڙ ۽ پوءِ ڌماڪو. گهايل نہ ٿيڻ جو ڪهڙو فائدو جيڪڏهن اهي توهان ۾ موت جو خوف پيدا ڪن؟“ هن چيو تہ هاڻي اسان جي اڳيان صفن ۾ ڪروشيائي باشندا بيٺل هئا ۽ ڪجه هنگريءَ جا باشندا پڻ. اسان جا جٿا اڃا تائين حملي ڪرڻ جي حيثيتن ۾ هئا. ڳالهائڻ جي لاءِ ڪا تار ڪو نہ هئي ۽ جيڪڏهن ڪو آسٽريائي حملو ٿي پوي تہ اتي ڪو متبال هنڌ ڪو نہ هو. اتي تحفظ جي لاءِ ننڍڙين ٽڪرين ۾ عمدا هنڌ هئا جيڪي سطح مرتفع کان ٻاهر هئا پر انهن کي تحفظ جي لاءِ منظم ڪرڻ لاءِ ڪو قدم نہ کنيو ويو هو. بحرحال هن بينسِيزا جي باري ۾ ڇا پئي سوچيو؟ ما ان جي بلڪل سڌي هئڻ لاءِ متوقع هوس. گهٽي قدر هڪڙي ميدان مرتفع وانگي. مون ان جي باري ۾ اهو نہ سمجهيو آهي تہ اهو ايتري قدر ٽٽل آهي. ”ايلٽو پيانو“ گِينو چيو”پر ڪو بہ پيانو ڪو نہ. “ اسان گهر جي ته خاني ڏانهن وياسين جتي هو رهندو هو. مون چيو مان سمجهان ٿو هڪڙو ڊگهو پهاڙ جيڪو مٿي ٻاهر جي طرف هموار هو ۽ اهو ٿورو گهرو هو انهي تي گرفت رکڻ ننڍڙن جبلن جي هڪڙي سلسلي جي بجاءِ وڌيڪ آسان ۽ وڌيڪ قابل عمل هوندو. ڪنهن سطح جي بجاءِ ڪنهن جبل جي مٿان بيهي حملو ڪرڻ ايترو ڏکيو نہ هو مون دليل ڏنو. ”ان جو دارومدار پهاڙن تي آهي،“ هن چيو. ”سين گيبريل ڏانهن ڏس،“ ”ها،“ مون چيو. ”پر جتي انهن کي مشڪلات پيش آئي اها مٿاهين هئي جتان اهو هموار هو. “اهي مٿي چوٽيءَ تي آسانيءَ سان چڙهي ويا.“ ”ايتري آسانيءَ سان نہ،“ هن چيو. ”ها،“ مون چيو. ”پر اها خاص صورت هئي ڇاڪاڻ جو اهو بحرحال، هڪڙي جبل جي بجاءِ هڪڙو قلعو هو. آسٽريائي سالن کان ان جي قلعي بندي ڪري رهيا هئا.“ ”منهنجو مطلب هڪڙي جنگ ۾ چالن ۽ ماهراڻي جوڙ توڙ آهي جتي ڪجه تحرڪ موجود هو اتي جبلن جو هڪڙو سلسلو ڪنهن صف کي اوٽ ڏيڻ لاءِ ڪجه بہ نہ هو ڇاڪاڻ جو انهن کي منتشر ڪرڻ آسان هو. توهان وٽ لازماَ امڪاني حرڪت پذيري هئڻ گهرجي هڪڙو جبل ڪافي متحرڪ نہ ٿو هجي. پڻ، ماڻهو اڪثر هيٺ پهاڙ ڏانهن حدف يا حد جي پار نشانو وٺندا آهن. جيڪڏهن صف کي موڙيو وڃي، تہ بهتر کان بهتر ماڻهو اوچن پهاڙين تي رهجي ويندا. اهو جبلن ۾ هڪڙي جنگ تي اعتماد نہ ٿو ڏياري. مون ان جي باري ۾ گهڻو ڪجه سوچيو هو مون چيو. توهان هڪڙي جبل ۾ سوڙهو ڪيو ٿا ۽ اهي ٻئي ۾ سوڙهو ڪن ٿا پر جڏهن حقيقت ۾ ڪا شيءِ شروع ٿيڻ لڳي ٿي تہ انهن کي جبلن تان هيٺ لهڻو پوي ٿو. تون جيڪڏهن ڪنهن جبل واري محاذ تي هجين تہ ڇا ڪندين؟“ هن پڇيو. ”مون ان تي هن مهل تائين ڪو بہ ڪم نہ ڪيو آهي،“ مون چيو ۽ اسان ٻنهي ٽهڪ ڏنوسين. ”پر،“ مون چيو. ”آڳاٽن ڏينهن ۾ ويرونا جي آرپار آسٽريائن کي چوگوشي ۾ هميشہ رڳڙيو ويندو هو. انهن هنن کي هيٺ اچڻ لاءِ ڇڏي ڏنو ۽ اتي انهن کي رڳڙو ڏنائون.“ ”ها،“ گينو چيو. ”پر اهي فرانسيسي هئا ۽ توهان

فوجي مسئلن کي تنهن مهل مشقت سان واضح طور تي منهن ڏئي سگهو ٿا جڏهن توهان ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ جي ڏرتيءَ تي وڙهي رهيا هجو.“ ”ها.“ مون هن سان اتفاق ڪيو. ”جڏهن اهو توهان جو پنهنجو ملڪ آهي توهان ان کي سائنسي طريقي سان ڪتب آڻي نه ٿا سگهو.“ ”روس وارن، نيپولين کي ڦاسائڻ جي لاءِ ڪيو.“ ”ها، پر انهن وٽ جهجا ملڪ هئا. پر جيڪڏهن توهان نيپوليئن کي ڦاسائڻ لاءِ اٽليءَ ۾ پوئتي هٽڻ جي ڪوشش ڪندئو ته توهان پاڻ کي بِرِندِسِي (Brindisi) ۾ ڏسندئو.“ ”هڪڙو ڪافي ڀيانڪ هنڌ.“ گينو چيو. ”ڇا تون ڪڏهن اتي ويو آهين؟“ ”نه ٿو چئي سگهجي.“ ”مان هڪڙو ديش ڀڳت آهيان.“ گينو چيو. ”پر مان برندسي يا ٽَرانتو سان پيار ڪري نه ٿو سگهان.“ ”ڇا تون بينسِيزا سان پيار ڪرين ٿو؟“ مون پڇيو. ”ڌرتي خوفائتي آهي.“ هن چيو. ”پر مان چاهيان ٿو ته اها وڏيڪ پٽاٽا پيدا ڪري. تون ڄاڻين ٿو جڏهن اسان هتي آياسين اسان آسٽريائن پاران پوکيل پٽاٽن جا کيت ڏٺاسين.“ ”ڇا واقعي خوراڪ جي گهٽتائي اڇي ويئي آهي؟“ ”مون پنهنجي سر کائڻ لاءِ ناڪافي پايو آهي پر مان تمام گهڻو ٻرڙو/ کائُو آهيان ۽ مان بک کو نه مئو آهيان. ميس سراسر آهي. صفن ۾ بيٺل فوجي دستن کي ڪافي سٺي غذا ملي ٿي پر انهن جي سهائتا ڪندڙن لاءِ ناڪافي آهي. ڪٿي نه ڪٿي ڪجه غلط آهي. اتي غذا جي جهجهائپ هئڻ گهرجي. ”اهي شارڪ مڇيءَ کي ڪنهن ٻئي هنڌ ڏانهن وڪرو ڪري رهيا آهن.“ ”ها، اهي اڳين صفن وارن فوجي دستن کي جيترو ٿي سگهي ڏئي رهيا آهن پر اهي جيڪي انهن کان پوئتي آهن انهن کي صفا ٿوري ملي ٿي. انهن آسٽريا وارن جا سمورا پٽاٽا ۽ جهنگل ۾ موجود شاه بلوط جا ميوا کائي چٽ ڪري ڇڏيا آهن. انهن کي گهرجي ته اهي انهن کي سٺي غذا پهچائن. اسان تمام گهڻا کائُو آهيون. مونکي يقين آهي ته اتي کاڌي پيتي جي اڻاٺ ڪونهي. اهو سپاهين جي لاءِ برو آهي ته انهن وٽ کاڌي پيتي جي اڻاٺ هجي. ڇا ڪڏهن تو اهو ڌيان ۾ آندو آهي ته ان سان سوچ تي ڪهڙو اثر پوي ٿو؟“ ”ها.“ مون چيو. ”ان سان اهي ڪا جنگ کٽي ته ڪو نه ٿا سگهن پر هارائي ضرور سگهن ٿا.“ ”اسان هارائڻ جي ڳاله ڪو نه ڪنداسين. هارائڻ جي باري ۾ گهڻو ڳالهايو ويو آهي. هن سانوڻ ۾ جيڪو ڪجه به ڪيو ويو آهي اهو سڀ ڪجه بيڪار ۾ ڪيو ويو آهي.“ مون ڪجه به نه چيو. مان مقدس، عظيم الشان ۽ قرباني ۽ بيڪار جهڙن لفظن ۽ اظهارن تي هميشه شرمساري محسوس ڪندو هوس. اسان انهن کي ٻڌو هو ڪڏهن ڪڏهن بارش ۾ بيهندي انهي فاصلي تائين جيستائين آواز پهچي سگهي ٿو ڪجه اهڙي نموني جو رڙين وارا لفظ سڌو سنئون اچي رهيا هجن. جو اشتهار لڳائڻ وارن طرفان نهايت ئي پر تڪلف طريقي سان باضابطا اعلانن مٿان اعلان پئي ڪيا ويا، هاڻي ڪجه ڊگهي وقت لاءِ ۽ مون ڪجه به مقدس نه ڏٺو هو ۽ اهي شيون جيڪي عظيم الشان هيون اهي عظمت کان عاري هيون ۽ قربانيون شڪاگو ۾ چوپائي مال جي منڊين کان علاوه ٻيو ڪجه به ڪو نه هيون جتي گوشت کي سواءِ دفنائڻ جي ٻيو ڪجه به ڪو نه پئي ڪيو ويو. اتي ڪيترائي لفظ هئا جن کي پاڻ کي سيڙاهي ٻڌي سگهڻ جو توهان ست به ساري نه سگهندئو ۽ آخر ۾ فقط ڪن جاين جا نالا معتبر هئا. ڪي عدد ساڳي ئي طريبقيڪار وارا هئا ۽ ڪي تاريخون انهن جاين جي نالن سميت جن جي باري ۾ توهان چئي سگهو ٿا ته انهن جي ڪا معنيٰ ۽ ڪو مفهوم ٿي سگهي ٿو. مجرد لفظ

جهڙوڪ عظمت، شان، بهادري يا مقدس ڳوڻن جي حقيقي نالن، رستن جي تعدادن، درياهن جي نالن، فوجي دستن جي تعدادن ۽ تاريخن سميت بيهوده هئا. ڳِينو هڪڙو ديش ڀڳت هو. تنهنڪري هو اهڙيون ڳالهيون ڪندو هو جيڪي ڪڏهن ڪڏهن اسان جي درميان فاصلا پيدا ڪنديون هيون. پر هو هڪڙو سٺو ڇوڪرو پڻ هو ۽ مون هن جي ديش ڀڳت هئڻ کي سمجهيو پئي. هو پئدائشي طور تي هڪ هو. هو واپس گوريزيا ڏانهن وڃڻ جي لاءِ پيڊُوزي سان گڏ ڪار ۾ روانو ٿيو. هوا مينهن کي هيٺ ڌڪي آئي ۽ اتي ۽ هر هنڌ تي پاڻي ۽ مٽي گڏ ٿي ويئي. ٽٽل گهرن جو پليستر ميٽاهون ۽ گهميل هو. دير سان منجهند ڌاران مينهن وسڻ بس ٿي ويو ۽ ٻن چوڪين جي ٻاهرين عددن مان مون ٻي لباس گهميل خزان وارا کيت ڏٺا جبلن جي چوٽين تي ڪڪرن سان گڏ ۽ رستن جي مٿان ڪکن ڪانن جون جمع ٿي ويل رڪاوٽون هيون جن مان پاڻي ٽمي رهيو هو. سج هڪڙو دفعو ظاهر ٿيو اهو غائب ٿيڻ کان اڳ ڏٺڪي جبل جي پرتان بي لباس ٻيلن تي چمڪي رهيو هو. انهي ڏٺڪي جبل واري ٻيلي ۾ ڪيتريون ئي بندوقون تعينات ڪيل هيون پر فقط ڪجه مان فائرنگ ايندي هئي. مون اچانڪ آسمان ۾ زرعي زمين جي پرسان واري هڪڙي ٽٽل حويليءَ جي مٿان جتان صف قريب هئي اتي آسمان ۾ گوليدار گولي جو گول گول دونهون ڏٺو. نرم دونهون جنهن جي درميان ۾ هڪڙي پيلي سفيد چمڪ هئي. پهريان چمڪاٽ ٿيو پوءِ ڌماڪي جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. تهان پوءِ دونهي جو گول دائرو وکرڻ لڳو جيڪو هوا ۾ آهستي آهستي سنهڙو ٿيندو ويو. اتي گهرن جي ملبي ۾ گوليدار گولن جا ڪيترائي لوه جا بلور هئا ۽ ٽٽل گهرن جي پرسان وارن رستن تي پڻ جتي چوڪي موجود هئي. پر انهي منجهند جو هنن چوڪيءَ جي ويجهو گوليباري ڪو نہ ڪئي هئي. اسان ٻن ٽرڪن کي پريوسين ۽ هيٺ روڊ جي طرف هلڻ لڳاسين ۽ پاڇاٽو سج وقفي وقفي سان ٽڏن جي وٿين منجهان ليئا پائيندو رهيو. اسان جي صاف رستي تي اچڻ کان اول پهاڙن جي پويان سج لهي ويو. اسان هيٺ صاف سٽري رستي تي هلندا رهياسين ۽ جڏهن اسان هڪڙي ڪنڊ کان کليل ميدان کان چوسول ۾ ٽڏن جي محراب نما سرنگ ۾ اندر گهڙياسين وري ٻيهر برسات پوڻ لڳي. رات جي وقت ۾ هوا گهلڻ لڳي ۽ صبح جو ٽِين وڳي شين جي ٽُڪڙن سميت مينهن جي آمد سان گڏ اتي هڪڙي بمباري ٿيڻ لڳي ۽ ڪروشيائي جبل جي آرپار چراگاهن ۽ ٻيلي جي وٿين منجه ۽ اڳيان واري صف ۾ سُري آيا. اهي اونداه ۾ وسندڙ مينهن ۾ وڙهڻ لڳا ۽ ٻي صف جي ڏنل ماڻهن طرفان ڪيل هڪڙي جوابي حملي سان اهي پوئتي ڌڪجي ويا. اتي برسات ڪافي تيز ٿي ويئي ۽ گوليباري ۽ راڪيٽ ڇڏيا ويا ۽ صف جي ويجهو مشين گنن ۽ رائفلن جي فائرنگ ڪئي ويئي. اهي وري ٻيهر ڪو نہ آيا ۽ طوفان ۽ برسات جي درميان اسان دور اتر جي طرف هڪڙي وڏي بمباريءَ جو آواز ٻڌي رهيا هئاسين. زخمي ٿيل ماڻهو چوڪين ڏانهن اچي رهيا هئا. ڪجه کي اسٽريچر تي کنيو ويو ڪي پاڻ سر پنڌ ڪري رهيا هئا ۽ ڪجه کي ماڻهن جي پٺن تي آندو ويو جيڪي کيتن جي آر پار اچي رهيا هئا. انهن جا ڪپڙا مڪمل طور تي پنل هئا ۽ اهي خوف ۾ ورتل هئا. اسان ٻن ڪارين کي اسٽريچر جي پيتين سان سٿيوسين جيئن ئي اهي چوڪيءَ جي ته خاني مان آيا ۽ جيئن ئي مان ٻي ڪار جا دروازا بند ڪرڻ لڳس ۽ انهن کي ٻڌڻ لڳس مون پنهنجي ڇهري تي مينهن کي برف ۾ بدلجندي ڏٺو. برف جا

نئيڙا نئيڙا زرڙا وسندڙ مينهن ۾ ڳرا ۽ تيز ٿيندا پئي ويا. جڏهن ڏينهن ٿيو طوفان اڃا هلي رهيو هو پر برفباري رڪجي ويئي هئي. اها پنل ميدان تي ڪرڻ کان پوءِ پگهرجڻ لڳي ۽ هاڻي وري مينهن وسي رهيو هو. منجهند کان بلڪل بعد ۾ هڪڙو ٻيو حملو ٿيو جيڪو ناڪام رهيو. اسان سڄو ڏينهن هڪڙي حملي جي توقع ڪري رهيا هئاسين پر اهو تيستائين ڪو نه ٿيو جڏهن سج لهڻ لڳو. بمباري ڏکڻ ڏانهن وڏي جهنگ واري ڊگهي جبل ۾ شروع ٿي جتي آسٽريائي بندوقون مقرر ڪيون ويون هيون. اسان هڪڙي بمباري جي توقع ڪئي سين پر اها ڪو نه ٿي. اتي رات ٿيڻ لڳي. بندوقون ڳوٺ جي پٺيان ڪيتن کان ٺڪاٺوڪي ڪري رهيون هيون ۽ گذرندڙ گولا هڪڙو تسلي بخش آواز ڪري رهيا هئا. اسان اهو ٻڌوسين ته ڏکڻ جي طرف حملو ناڪام ٿي ويو هو. انهن ان رات جو حملو ڪو نه ڪيو پر اسان ٻڌوسين ته اهي اتر ۾ ڪاهي پيا آهن. رات جي وقت اسان کي حڪمنامو موصول ٿيو ته اسان پوئتي هٽڻ جي تياري ڪري رهيا هئاسين. اهو مون کي چوڪيءَ وٽ موجود ڪپتان ٻڌايو. هن اهو برگيڊ وٽان ٻڌو هو. ٿوريءَ دير کان پوءِ هو ٽيليفون کان تي آيو ۽ چيائين ته اهو ڪوڙ هو. برگيڊ کي حڪم موصول ٿيو هو ته بينسِيزا جي صف کي ڪٽي ڇا به ٿي پوي برقرار رکيو وڃي. مون رڪاوٽ جي عبوريءَ جي باري ۾ پڇيو ۽ هن چيو ته هن برگيڊ وٽان ٻڌو آهي ته آسٽريائن ڪيپوريتو کان اڳتي ستاويهين فوجي جٿي ۾ رڪاوٽ کي عبور ڪيو هو. اتي اتر ۾ سارو ڏينهن وڏي ويڙهاند هلندي رهي. "جيڪڏهن انهن حرامين انهن کي رڪاوٽ عبور ڪرڻ ڏني ته اسان جي ڪل لهي ويندي،" هن چيو "اهي جرمن آهن جيڪي حملو ڪري رهيا آهن،" هڪڙي طبعي آفيسر چيو. جرمن لفظ ڪجه ڊپائتو هو. اسان جرمنن سان ڪنهن به قسم جو ڪو به ٽڪراءُ ڪرڻ نه پئي چاهيو. "اتي جرمنن جون پندرنهن ڊويزنون آهن،" طبعي عملدار چيو. "اهي ڪاهي آيا آهن ۽ اسان کي ٻيرا ٻيرا ڪيو ويندو." "برگيڊ وٽ، اهي چون ٿا ته هن صف کي جاري رکيو ويندو. اهي چون پيا ته انهن بريءَ طرح رڪاوٽ کي پار نه ڪيو آهي ۽ اسان مونٽِي ميگِي اور کان جبلن جي آرپار هڪڙي صف کي ڪڙو ڪنداسين." "انهن اهو ڪٿان ٻڌو؟" "ڊويزن وٽان." "اسان جي پوئتي هٽڻ وارو حڪم ڊويزن وٽان آيو." "اسان فوجي جٿي هيٺ ڪم ڪري رهيا آهيون،" مون چيو. "پر هتي مان توهان جي ماتحت ڪم ڪري رهيو آهيان. فطري طور تي جڏهن توهان مون کي وڃڻ جو حڪم ڪندا ته مان ويندس. پر حڪمناما سڌا سنوان ڏيڻ گهرجن." "پر حڪمناما چون ٿا ته اسان هتي ترسيل هجون. تون زخمين کي هتان کان مرهم پٽي واري اڏي ڏانهن نيئي وڃ." "ڪڏهن ڪڏهن اسان مرهم پٽي واري اڏي کان فيلڊ واري اسپتال ڏانهن نيئي ويندا آهيون،" مون چيو. "مون کي ٻڌاءِ، مون ڪڏهن به پوئتي هٽڻ کي نه ڏٺو آهي جيڪڏهن پوئتي هٽڻ جو ڪو عمل جنم وٺي ٿو ته پوءِ سمورن زخمين کي خطري جي جاءِ کان ڪيئن ٻاهر ڪڍيو ويندو؟" "انهن کي نه ٿو بچائي سگهجي. اهي جيترن کي ڪٽي سگهيا ڪڻندا ۽ باقي کي ڇڏي ڏيندا." "مان ڪارين ۾ ڇا ڪڻندس؟" "اسپتال جو سازوسامان." "نيڪ آهي،" مون چيو. ٻي رات جو پوئتي هٽڻ جو عمل شروع ٿي ويو. اسان ٻڌوسين ته جرمن ۽ آسٽريائي اتر ۾ ڪاهي پيا آهن ۽ اهي جبلن جي واديءَ ۾ سِوِيڊيل ۽ يُوڊائن ڏانهن اچي رهيا آهن. واپسي باترتيب، پنل ۽ بدمزاج هئي. رات جو آهستي آهستي پرهجوم

رستن تان هلندي اسان جتن وٽان گذرياسين جيڪي برسات جي هيٺان هلي رهيا هئا, بندوقون, گاڏن کي گهليندڙ گهوڙا, خچر, موٽر واريون ٽرڪيون, سڀ محاذ کان پري هٽايون پئي ويون. هاٿي وڏيڪ جي لاءِ ڪا بدنظمي ڪا نہ هئي جيئن چڙهائيءَ وقت ڏسجڻ ۾ ٿي آئي. انهي رات جو اسان فيلڊ اسپتالن کي خالي ڪرڻ ۾ سهائتا ڪئي جيڪي گهٽ مسمار ٿيل ڳوٺن جي مٿانهن ميدانن ۾ اڏيون ويون هيون, درياه سان گڏ واري آبي گذرگاه تي زخمين کي هيٺ پلاوا ڏانهن نيئندي: ۽ ٻئي ڏينهن سڄو ڏينهن هلندڙ مينهن ۾ پلاوا وٽ اسپتالن ۽ مرهم پٽيءَ جي اڏن کي خالي ڪرڻ ۾ لڳايوسين. اتي باقائده مينهن وسي رهيو هو ۽ بينسِيزا جي فوج آڪٽوبر ۾ اوچي ميدان کان ۽ درياه جي آرپار کان ڪُوچ ڪيو جتي ان سال جي بهار ۾ فتحن جو آغاز ٿيو هو. اسان انهي سال جي وچ دوران گوريزيا ۾ آياسين. برسات بيهي ويئي هئي قصبو لڳ ڀڳ خالي ٿي ويو هو. جيئن ئي اسان مٿي ڳليءَ ۾ آياسين اهي سپاهين جي رنڊي خاني مان ڇوڪرين کي هڪڙي ٽرڪ ۾ ويهاري رهيا هئا. اتي ست ڇوڪريون هيون ۽ انهن کي پنهنجون ٽوپيون ۽ مٿان وارا غلاف پهريل هئا ۽ انهن کي ننڍڙا سوٽ ڪيس ڪنيل هئا. انهن منجهان ٻہ ڄڻيون روئي رهيون هيون. ٻين منجهان هڪڙي اسان ڏانهن ڏسي مسڪرايو ۽ پنهنجي زبان ٻاهر ڪڍي ان کي هيٺ مٿي ڪري رهي هئي. ان کي ڄڀرا ۽ ڀريل چپ هئا ۽ هن جون اکيون ڪاريون هيون. مون ڪار کي روڪيو ۽ مٿي ويس ۽ منتظم سان ڳالهايم. هن چيو تہ اعليٰ عملدارن جي گهرن واريون ڇوڪريون انهي صبح جو هليون ويون هيون. اهي ڪيڏانهن وڃي رهيون آهن؟ ڪونيگليانو ڏانهن, هن چيو. ٽرڪ هلڻ شروع ڪيو. ٿلهن چپن واري ڇوڪريءَ وري ٻيهر اسان ڏانهن زبان ڪڍي ٻرڪائِي. منتظم پنهنجا هٿ لوڏيا. ٻن ڇوڪرين روئڻ شروع ڪيو. ٻين دلچسپيءَ وچان شهر جي ٻاهريان ڏسڻ شروع ڪيو. مان واپس ڪار ۾ ويهي رهيس. "اسان کي هنن سان گڏجي هلڻ گهرجي," بونيلو چيو. "ان سان اسان هڪڙو سٺو سفر ڪنداسين." "مان بہ اهو ئي چاهيان ٿو" مون چيو. اسان ولا جي داخلي سڙڪ تائين آياسين. "مان تيستائين اتي رهڻ پسند ڪندس جيسين انهن منجهان ڪجه بدمعاش نِرتڪيون اندر گهڙن ۽ انهن کي مٿي ٽپا ڏئي سوار ٿيڻ جي ڪوشش ڪندي ڏسان." "ڇا تون سمجهين ٿو تہ اهي ايئين ڪنديون؟" "يقيناً. ٻي فوج وارو هر شخص انهي منتظم کي سڃاڻي ٿو" اسان وِلا جي ٻاهريان هئاسين. "اهي هن کي مهان امڙ جي نالي سان پڪاريندا آهن," بونيلو چيو."ڇوڪريون نيون آهن پر هر ڪو هن کي سڃاڻي ٿو. انهن هنن کي لازماً جنگ بندي کان بلڪل پهريان آندو هوندو." "انهن وٽ هڪڙو وقت ٿي سگهي ٿو." "مان چوان ٿو تہ انهن وٽ هڪڙو وقت ٿي سگهي ٿو. مان انهن سان مفت ۾ هڪڙي من ماني رچائڻ پسند ڪندس. بحرحال اهي ان اڏي تي تمام گهڻو معاوضو وٺندا آهن. اسان کي حڪومت ٺوڪي سان لٽي رهي آهي." "ڪار کي ٻاهر ڪڍ ۽ مسترين کي اوڏانهن وجڻ ڏي," مون چيو. " تيل مٽاءِ ۽ گراڙين جي چڪاس ڪر. انهن کي ڀري ڇڏ ۽ ڪجه آرام ڪر. "ٺيڪ آهي, سگنور تينينٽ." ولا خالي ٿي چڪو هو. رنالڊِي اسپتال وارن سان روانو ٿي چڪو هو. ميجراسپتال جي عملي کي عملي ڪٽڻ واري ڪار ۾ ڪٽڻ ويو هو. دريءَ تي منهنجي لاءِ هڪڙو يادداشت نامو لڳل هو تہ مان هال ۾ جمع ڪيل سامان کي ڪار ۾ ڀري پوردِينون ڏانهن روانو ٿيان.

مستري اڳ ۾ ئي روانا ٿي چڪا هئا. جڏهن مان اتي هوس اتي ٻه ٻيون ڪاريون پڻ آيون جن جا ڊرائيور هيٺ لهي بيٺا. اتي ٻيهر وسڪارو شروع ٿيڻ لڳو. ”مون تي تمام گهٽي ننڊ طاري ٿي ويئي آهي. مان پلاوا کان هتي اچڻ کان پوءِ ٿي پيرا سمهڻ جي ڪيم،“ پياني چيو. ”تينينٽ، تون ڇا ڪرڻ وڃي رهيو آهين؟“ ”اسان تيل مٽائينداسين، انهن کي مڪمل ڀرينداسين، پوءِ انهن کي اڳيان جي چوگرد ڦيرائينداسين انهن جيڪو ڪباڙ ڇڏيو آهي اهو انهن ۾ مٿي چاڙهينداسين.“ ”انهي کان پوءِ ڇا اسان روانا ٿيون؟“ ”نه، اسان ٽن ڪلاڪن جي لاءِ آرام ڪنداسين.“ ”يسوع مسيح جو قسم ننڊ ڪرڻ سان مون کي سڪون ملندو،“ بونيلو چيو. ”مان ننڊاڪڙي حالت ۾ گاڏي هلائي نه سگهندس.“ ”تنهنجي ڪار ڪيئن آهي، ايمو؟“ مون پڇيو. ”اها بلڪل نيڪ آهي.“ مون کي شام جي وقت پهرڻ وارو وڳو ڏيو ۽ مان توهان جي تيل ڀرڻ ۾ سهائتا ڪندس.“ ”تينينٽ، ڇا تون اهو نه ٿو ڪري سگهين،“ ايمو چيو. ”انهي جو ڪو مسئلو ناهي. توهان وڃو ۽ پنهنجو سامان بند ڪيو.“ ”منهنجو سمورو سامان سهيڙيل آهي،“ مون چيو. ”مان ويندس ۽ انهن جيڪو اسان جي لاءِ سامان ڇڏيو آهي انهي کي ٻاهر ڪڍي ايندس. جيترو جلدي گاڏيون تيار هجن انهن کي هيڏانهن ڦيرائي اچو.“ اهي ولا جي اڳيان چوگرد گاڏيون ڦيرائي آيا ۽ اسان انهن کي اسپتال جي سامان سان سٽيوسين جيڪو وسيع وعريض ڪمري ۾ ڍير لڳو پيو هو. جڏهن اهو سارو اندر ٿي ويو مينهن ۾ وٺن جي هيٺان داخلي سڙڪ وٽ گاڏيون قطار ۾ بيهاريون ويون. اسان اندر هليا وياسين. ”رڌڻي ۾ باه ٻاريو ۽ پنهنجي سامان کي سڪايو“ مون چيو. ”مون کي خشڪ ڪپڙن جي پرواه ناهي،“ پياني چيو. ”مان سمهڻ چاهيان ٿو.“ ”مان ميجر جي پلنگ تي سمهڻ ٿو وڃان،“ بونيلو چيو. ”مان اتي سمهڻ ٿو وڃان جتي پوڙهو شخص سمهندو آهي.“ ”مان ڪٿي ڪاٿي به سمهان مون کي ان جي پرواه ناهي،“ پياني چيو. ”هتي اندر ٻه بسترا آهن،“ بونيلو چيو. اهو مڇي جي شڪل جهڙي پوڙهي شخص جو ڪمرو هو“ پياني چيو. ”توهان ٻئي هتي اندر سمهو“ مون چيو. ”مان توهان کي جاڳائيندس.“ ”جيڪڏهن تون گهٽي وقت تائين ستو رهيين ته اسان کي آسٽريائي اچي اٿاريندا، تينينٽ،“ بونيلو چيو. ”مان ايتري گهٽي ننڊ ڪو نه ڪندس،“ مون چيو. ”ايمو ڪٿي آهي؟“ ”هو ٻاهر رڌڻي ڏانهن ويو.“ ”سمهي پئو،“ مون چيو ”مان سمهندس،“ پياني چيو. ”مون سڄو ڏينهن سڌو ٿي ويهندي ننڊ ڪئي آهي. منهنجي مٿي جو سڄو حصو منهنجي اکين تي ڪرندو رهيو.“ ”پنهنجا جوتا لاه،“ بونيلو چيو. ”اهو مڇي جي شڪل واري پوڙهي شخص جو ڪمرو آهي.“ ”مڇي جي شڪل وارو شخص مون لاءِ ڪجه به ناهي.“ پياني بستر تي ليٽي پيو، هن جا مٽيءَ هاڻا جوتا سڌي طور تي ٻاهر نڪتل هئا، هن پنهنجو مٿو پنهنجي ٻانهن تي رکي ڇڏيو هو. مان ٻاهر رڌڻي ڏانهن ويس. ايمو چلهي ۾ باه ٻاري ۽ ان جي مٿان پاڻيءَ جي ڪيتلي رکي ڇڏي هئي.“ ”مون سوچيو مون کي ڪجه پاستا ايسيئوتا ناهڻ گهرجن،“ هن چيو. ”جڏهن اسان جاڳنداسين ته اسان کي بک لڳندي.“ ”ڇا تو کي ننڊ نه ٿي اچي، بارتولومي او؟“ ”ايترو گهڻو ننڊاڪڙو ناهيان. جڏهن پاڻي ٻڙڪندو مان ان کي ڇڏي ڏيندس.“ ”باه جهڪي ٿي ويندي“ .بهتر آهي ته تون ڪجه ننڊ ڪر،“ مون چيو. ”اسان پنير ۽ باندر جو گوشت کائي سگهون ٿا.“ ”اهو بهتر آهي،“ هن چيو. ”انهن ٻن لاوجوديت جي قائلن

(انارڪسٽن) لاءِ ڪجھ گرم شيءِ بهتر رهندي.“ ”تون ننڊ ڪر، ٽينينٽ.“ ”اتي ميجر جي ڪمري ۾ هڪڙو بستر موجود آهي.“ ”تون اتي سمهي پئو.“ ”نہ مان مٿي پنهنجي پراڻي ڪمري ڏانهن وڃي رهيو آهيان. ڇا تون هڪڙو جام پيئڻ چاهين ٿو بارتولومي او؟“ ”ٽينينٽ، اسان ڪڏهن روانا ٿينداسين؟“ ”هاڻي اهو منهنجي ڪنهن فائدي جو ناهي.“ ”جيڪڏهن تون ٽن گهنٽن جي اندر جاڳي پوين ۽ جيڪڏهن مان توکي سڏ نہ ڪيان، مون کي اٿارجانءِ، ها نہ؟“ ”ٽينينٽ، مون وٽ ڪا بہ گهڙي ڪونهي.“ ”اتي ميجر جي ڪمري ۾ هڪڙو گهڙيال آهي.“ ”ٺيڪ آهي.“ مان ٻاهر ڪاڏو ڪاٺڻ واري ڪمري ڏانهن ويس ۽ هال ڏانهن ۽ مٿي سنگ مرمر وارين ڏاڪڻين ڏانهن انهي ڪمري ڏانهن جتي مان رنالڊيءَ سان گڏ رهندو هوس. اتي ٻاهر مينهن وسي رهيو هو. مان دريءَ ڏانهن ويس ۽ ٻاهر نظر ڦيرايم. اتي اونداه ٿي رهي هئي ۽ مون ٽن گاڏين کي وڻن جي هيٺان قطار ۾ ڏٺو. مينهن ۾ وڻ ٽمي رهيا هئا. اتي ٽڏڪار هئي ۽ مينهن جا ڦڙا وڻن جي ٽارين ۾ ٽنگجي پيا هئا. مان واپس رنالڊيءَ جي بستر ڏانهن ويس ۽ هيٺ ليٽي پيس ۽ پاڻ کي ننڊ جي حوالي ڪري ڇڏيم. اسان هلڻ کان اڳ ۾ رڌڻي ۾ کاڌو پيتوسين. ايمو وٽ ٻوهيل اتي وارين سين جو ٿانءُ هو جنهن سان گڏ بصر هئا ۽ دٻي بند گوشت جا ٽڪرا ان جي مٿان رکيل هئا. اسان ميز جي چوگرد ويناسين ۽ شراب جون بہ بوتلون پيتيوسين جيڪي ولا جي تہ خاني ۾ ڇڏيون ويون هيون. اتي ٻاهر اونداه ڇانيل هئي ۽ اجا برسات هلي رهي هئي. پياني ميز وٽ ڪافي ننڊاکڙي حالت ۾ ويٺو هو. ”مان چڙهائيءَ کان هڪڙي واپسيءَ کي بهتر نموني پسند ڪيان ٿو“ بونيلو چيو. ”اسان هڪڙي واپسيءَ تي باربيرا پيتوسين.“ ”اڄ اسان کي اهو پي ڇڏڻ گهرجي. ٿي سگهي سڀاڻي اسان کي مينهن جو پاڻي پيئڻو پوي،“ ايمو چيو. ”سڀاڻي اسان يُوڊائن ۾ هونداسين. اسان شيمپين پيئنداسين. اهو اهو هنڌ آهي جتي نڪما رهندا آهن. جاڳ، پياني! اسان سڀاڻي يُوڊائن ۾ شيمپين پيئنداسين!“ ”مان جاڳان ٿو“ پيانيءَ چيو. هن پنهنجي ٿالهيءَ کي ٻوهيل اتي وارين سين ۽ گوشت سان پري ڇڏيو. ”بارتو، ڇا تون ٽماٽن جي چٽڻي نہ ڳولهي سگهيين ڇا؟“ ”اتي ڪجھ بہ ڪونهي،“ ايمو چيو. ”اسان يُوڊائن ۾ شيمپين پيئنداسين،“ بونيلو چيو. هن پنهنجي گلاس ۾ صاف ڳاڙهو باربرا پيري ڇڏيو. ”اسان يوڊائن کان اڳ ۾ پي سگهون ٿا،“ پيانيءَ چيو. ”ڇا تو ڪافي کاڌو آهي، ٽينينٽ؟“ ايمو پڇيو. ”مون وٽ ڀڳل آهي. بارتولومي او، مون کي بوتل ڏي.“ ”مون وٽ ڪار ۾ ڪٽڻ لاءِ في ڪس بوتل آهي،“ ايمو چيو ”ڇا تو هر گز بہ ننڊ ڪا نہ ڪئي؟“ ”مون کي گهڻي ننڊ جي ضرورت ڪونهي. مون تمام ٿورڙي ننڊ ڪئي.“ ”سڀاڻي اسان بادشاه جي بستري ۾ سمهنداسين،“ بونيلو چيو. هو ڪافي سٺو محسوس ڪري رهيو هو. ”ٿي سگهي سڀاڻي اسان ـــ اندر سمهون،“ پيانيءَ چيو. ”مان راڻيءَ سان گڏجي سمهندس،“ بونيلو چيو. هن مون ڏانهن نهاريو اهو ڏسڻ لاءِ تہ مون کي لطيفو ڪيئن لڳو. ”تون ـــ سان سمهندين،“ پيانيءَ ننڊاکڙي حالت ۾ چيو.”اها غداري آهي، ٽينينٽ،“ بونيلو چيو. ”ڇا اها غداري ناهي؟“ ”بس ڪر،“ مون چيو. ”تون هڪڙي ٿورڙي شراب تي تمام گهڻو مزاحيہ ٿي وڃين ٿو.“ ٻاهر اتي تيزيءَ سان مينهن پئجي رهيو هو. مون پنهنجي گهڙيءَ ڏانهن نهاريو اتي ساڍا نو ٿي رهيا هئا.“ ”اهو رڙهڻ جو وقت ٿي ويو آهي،“ مون چيو ۽ مٿي کڙو ٿي بيٺس. ”ٽينينٽ، تون ڪنهن سان گڏجي سواري ڪري رهيو آهين؟“

بونيلو پڇيو. ”ايمو سان. انهي کان پوءِ تون اچ. انهي کان پوءِ پياني. اسان ٻاهر رستي تي ڪورمونس ڏانهن هلڻ شروع ڪنداسين. ”مون کي افسوس آهي تہ مان ننڊ پئجي ويندس،“ پيانيءَ چيو. ”ٺيڪ آهي. مان توسان گڏجي سفر ڪندس. انهي کان پوءِ بونيلو سان. انهي کان پوءِ ايمو سان. ”اهو بهترين طريقو آهي،“ پيانيءَ چيو. ”چاڪاڻ جو مان تمام گهڻو ننڊاکڙو آهيان.“ ”مان هلائيندس ۽ تون ٿوريءَ گهڙيءَ لاءِ آرام ڪجانءِ.“ ”نہ. مان بلڪل ايتري طويل گاڏي هلائي سگهان ٿو جيتري مان چاهيان ٿو جيڪڏهن مون کي ننڊ اچي ويئي تہ ڪو نہ ڪو مون کي جاڳائيندو.“ ”مان توکي جاڳائيندس. بارتو بتيون وسائي ڇڏ.“ ”تون انهن کي اهڙي جو اهڙو ڇڏي سگهين ٿو،“ بونيلو چيو. ”هيءَ جاءِ هاڻي اسان جي وڌيڪ ڪم جي ناهي.“ ”مون وٽ منهنجي ڪمري ۾ هڪڙي ننڍڙي تجوڙي واري صندوق آهي،“ مون چيو. ”ڇا تون ان کي هيٺ لاهڻ ۾ مدد ڪندين؟“ ”ايلڊو اچ.“ هو هال ڏانهن بونيلو سان گڏ هليو ويو. مون انهن کي مٿي ڏاڪڻين تي ويندي ٻڌو. ”اهو هڪڙو عمدو هنڌ هو“ ايمو چيو. هن شراب جو ٻہ بوتلون ۽ هڪڙي پنير جو اڌ پنهنجي ڪپڙن واري ٿيلهي ۾ وجهي ڇڏيو. ”اتي ڪڏهن بہ وري هن جاءِ جهڙي ڪا ٻي جاءِ نہ ٿي سگهندي. ٽينينٽ، اهي ڪيڏانهن واپس موٽ ڪائيندا؟“ ”اهي چون ٿا، ٽيگليامينٽو ڏانهن هلندا. اسپتال ۽ سيڪٽر پورڊينون وٽ هٽندا آهن. ”هي پورڊينون کان هڪڙو بهترين قصبو آهي.“ ”مان پورڊينون جي باري ۾ نہ ٿو ڄاڻان،“ مون چيو. ”مان اتان صرف گذريو آهيان.“ ”اهو گهڻي قدر ڪنهن جاءِ جهڙو ناهي،“ ايمو چيو.

28

جيئن ئي اسان قصبي وچان هلڻ لڳاسين اهو برسات ۾ خالي هو سواءِ جٿن جي قطارن ۾ بندوقن جي جيڪي مڪيہ ڳليءَ وچان وچي رهيون هيون. اتي ڪيتريون ئي ٽرڪيون پڻ هيون جانورن سان جوٽيل ڪجھ گاڏيون جيڪي ٻيءَ ڳليءَ وچان گذري رهيون هيون ۽ ٻئي رستي سان ملي رهيون هيون. جڏهن اسان ٻاهر هئاسين ان وقت اسان اتان مڪيہ رستي وٽ دباغ خاني (ڪلون گڏ ڪرڻ واري هنڌ)، فوجي جٿن، موٽر وارين ڪارين، گهوڙن ۾ جوٽيل گاڏين ۽ هڪڙي ڪشادي قطار سان ڏيمي هلندڙ بندوقن وٽان گذرياسين. اسان آهستي آهستي، پر وسندڙ مينهن ۾ باقائدگيءَ سان هلي رهيا هئاسين. اسان جي ڪار جي ريڊيئيٽر وارو ڍڪڻو لڳ ڀڳ هڪڙي ٽرڪ جي عقبي حصي سان هو جنهن ۾ ڪافي وزن ڪنيل هو اها ٽلهي ۽ مضبوط ڪپڙي واري وزن سان ڀريل هئي. سموري قطار رڪجي ويئي هئي. اها ٻيهر هلڻ شروع ٿي ۽ اسان ٿورو اڳتي وڌياسين. پوءِ وري بيهي رهياسين. مان ٻاهر نڪري آيس ۽ اڳتي هلڻ لڳس، ٽرڪين ۽ جانورن وارين گاڏين ۾ ۽ گهوڙن جي پنل ڳچين جي هيٺان. گهٽو اڳتي ڪان ناڪابندي ڪيل هئي. مان رستي تان لٿس، هڪڙي پائيدان تي خندق ڪان ٽپيس ۽ خندق ڪان پرپرو ڪيتن ۾ هلڻ لڳس. جيئن ئي مان ان ڪان آرپار اڳتي ڪيتن ۾ ويس مان وڻن جي درميان بارش ۾ بيٺل قطارن کي ڏسي پئي سگهيس. مان گهٽ ۾ گهٽ هڪڙو ميل هليس. قطار اجا بہ چُري پُري ڪو نہ رهي هئي، ٻئي پاسي ڪان بيٺل گاڏين جي قطار ڪان مان فوجي جٿن کي هلندي ڏسي پئي سگهيس. مان واپس ڪارين ڏانهن موٽي ويس. هي ناڪابندي يُوڊائن تائين ڦهليل ٿي سگهي ٿي. پياني ڦيٽي جي مٿان سٽل هو. مان هن جي پرسان مٿي چڙهي ويس ۽ پڻ ننڊ ڪرڻ لڳس. ڪيترن ڪلاڪن ڪان پوءِ مون اسان جي اڳيان هڪڙي ٽرڪ کي گيئر سان ڊران ڊران ڪندي ڏٺو. مون پيانيءَ کي جاڳايو. اسان ڪجھ گز هلياسين، ۽ وري ٽڪ لاهي، اڳتي هلندا رهياسين. اتي اجا تائين مينهن وسي رهيو هو. مان هيٺ لٿس ۽ واپس موٽي ايمو ۽ بونيلو کي ڏسڻ ويس. بونيلو سان گڏ هن جي ڪار واري نشست تي بہ ماهرِ فنيات (انجنيئر) ويٺا هئا. اهي منهنجي اچڻ تي سڌا ٿي ويٺا. ”انهن کي هڪڙي پل تي ڪجھ نہ ڪجھ ڪرڻ جي لاءِ ڇڏيو ويو هو“ بونيلو چيو. ” ”هي پنهنجي يونٽ کي لهي ڪو نہ سگهيا سو مون انهن کي سوار ڪيو.“ ”سائين ليفٽيننٽ جي اجازت سان.“ ”اجازت سان،“ مون چيو. ”ليفٽيننٽ هڪڙو آمريڪي آهي،“ بونيلو چيو. ”هو ڪنهن کي بہ سوار ڪري سگهي ٿو. هڪڙي آفيسر مسڪرايو. ٻئي بونيلو ڪان معلوم ڪيو تہ ڪٿي مان اتر يا ڏکڻ آمريڪا جو ڪو هڪڙو اطالوي تہ ڪو نہ هوس. ”هو هڪڙو اطالوي ناهي. هو اتر امريڪي انگريز آهي.“ ”آفيسر شائستا ٿي ويا پر انهن کي اعتبار نہ پئي آيو. مون هنن کي ڇڏي ڏنو ۽ ايمو ڏانهن واپس هليو ويس. هن سان گڏ بہ ڇوڪريون هيون ۽ هو پوئتي ڪنڊ تي ويٺو هو ۽ سگريٽ جا سُوٽا هڻي رهيو هو. ”بارتو بارتو“ مون چيو. هن ٽهڪ ڏنو. ”تيئينٽ، هنن سان ڳالهاءِ،“ هن چيو. ”مان هنن کي نہ ٿو سمجهي سگهان. هئا!“ هن ڇوڪريءَ جي سٿر تي هٿ رکي ڇڏيو انهي

کي هڪڙي دوستاڻي انداز ۾ دٻايائين. ڇوڪريءَ انهي جي چوگرد مضبوطيءَ سان پنهنجي شال اوڙهي ڇڏي هن هٿ کي ڇڪي پري ڪيو. "هئا" هن چيو. "تيننت کي پنهنجو نالو ٻڌاءِ ۽ ته تون هتي ڇا ڪري رهي آهين." ڇوڪريءَ مون ڏانهن سختيءَ وچان نهاريو. ٻي ڇوڪريءَ پنهنجون اکيون هيٺ ڪري ڇڏيون. جنهن ڇوڪريءَ مون ڏانهن نهاريو انهي هڪڙي اهڙي لهجي ۾ ڳالهايو جنهن جو مون کي هڪڙو لفظ به سمجه ۾ ڪو نه آيو. هوءَ گول مٽول ۽ سانوري هئي ۽ لڳ ڀڳ سورنهن سالن جي لڳي رهي هئي. "سوريلا؟" (اطالوي ـ ادي ـ مترجم) مون پڇيو ۽ ٻي ڇوڪريءَ ڏانهن اشارو ڪيو. هن پنهنجو ڪنڌ لوڏيو ۽ مسڪرايو. "نيڪ آهي" مون چيو ۽ هن جي گوڏي تي ٿڦڪي هنئي مون هن جي ان کي سڌي ڪرڻ جي چرپر کي محسوس ڪيو. هن جي ڀيڻ ڪڏهن به ڪنڌ مٿي ڪٽي ڪين نهاريو شايد هوءَ نوعمر هئي. ايمو وڏي ڀيڻ جي سٿر تي پنهنجو هٿ رکيو ۽ هن ان کي ڇڪي پرتي ڪيو. هن ان تي ٿهڪ ڏنو. "سنو ماٿهو" هن پاڻ ڏانهن اشارو ڪيو. "سنو ماٿهو" هن مون ڏانهن اشارو ڪيو. "تون گهٻراءِ نه." ڇوڪري هن ڏانهن خار وچان نهاريو. انهن ٻنهي جو جوڙ ٻن جهنگلي پکين جهڙو هو. "جيڪڏهن هو مون کي پسند نه ٿي ڪري ته پوءِ هن مون سان گڏ سواري ڇو ڪئي؟" ايمو پڇيو. "اهي بلڪل ان مهل مٿي گاڏيءَ ۾ چڙهي آيون جڏهن مون انهن کي اشارن سان اچڻ جو اظهار ڪيو." هو ڇوڪريءَ ڏانهن مڙيو. "گهٻراءِ نه." هن چيو. "ڪو به خطرو ڪونهي" هڪڙو نازيبا لفظ استعمال ڪندي. "ڪو هنڌ ڪونهي." مون ڏنو ته هُن ان لفظ کي سمجهي ورتو ۽ هُن هُن ڏانهن ڪاوڙمان نهاريو. هُن شال کي زور سان تن تي ويڙهي ڇڏيو. "سموري ڪار ڀريل آهي" ايمو چيو. "ڪو به خطرو ناهي. ڪو به هنڌ ڪونهي." جيئن جيئن هر واري هن اهو لفظ ورجايو ڇوڪري ٿوري ايپي ٿيندي ويئي. ۽ پوءِ سخت انداز سان ويهندي ۽ هن ڏانهن ڏسندي هن روئڻ شروع ڪيو. مون هن جي چپن کي ڦڙڪندي ۽ هن جي گول مٽول ڇهري تان ڳوڙهن کي وهندي ڏٺو. هن جي ڀيڻ، مٿي ڪنڌ ڪرڻ بنا، هن جي هٿ کان پڪڙيو ۽ پوءِ اهي ٻئي گڏجي ويهي رهيون. وڏي ڇوڪري جيڪا ڪافي سخت رهي هئي، سڏڪڻ لڳي. "مان پانيان ٿو ته مون هن کي ڊيڄاري وڌو" ايمو چيو. "منهنجو مقصد هن کي ڊيڄارڻ وارو ڪو نه هو." بارتولومي او پنهنجي ڪپڙي جو ٿيلهو ڪٽي آيو ۽ پنير جا ٻه ٽڪرا ڪٽي الڳ ڪيائين. "آ هي وٺ" هن چيو "روئڻ بند ڪر." وڏي ڇوڪريءَ پنهنجو ڪنڌ لوڏيو ۽ اڃا به روئي رهي هئي، پر نوعمر ڇوڪريءَ پنير ورتو ۽ کائڻ شروع ڪيائين. ٿوريءَ دير کان پوءِ نوعمر ڇوڪريءَ پنهنجي ڀيڻ کي پنير جو ٻيو حصو ڏنو ۽ اهي ٻئي گڏجي کائڻ لڳيون. وڏي ڀيڻ اڃا ٿورڙو سڏڪي رهي هئي. "هوءَ ٿوريءَ گهڙيءَ کان پوءِ نيڪ ٿي ويندي" ايمو چيو. هن کي هڪڙو خيال سُجهي آيو. "ڪنواري؟" هُن هُن جي ڀرسان واري ڇوڪريءَ کان پڇيو. هن پنهنجو ڪنڌ مضبوطيءَ سان لوڏيو. "تون به؟" "هن سندس ڀيڻ ڏانهن اشارو ڪيو. ٻنهي ڇوڪرين پنهنجا ڪنڌ لوڏيا ۽ وڏيءَ ڪنهن لهجي ۾ ڪجه چيو. "اهو سڀ نيڪ آهي" بارتولومي او چيو. "اهو سڀ نيڪ آهي" ٻئي ڇوڪريون خوش نظر اچڻ لڳيون. مون انهن کي پاڻ سان گڏ ايمو وٽ ڇڏيو جيڪو پويان هڪڙي ڪنڊ ۾ وينو هو ۽ واپس پيانيءَ جي ڪار ڏانهن ويس. گاڏين جو قطارون ڇُري پُري ڪو نه رهيون هيون پر فوجي جٿا ڀرسان گذري رهيا هئا. اتي اڃا تائين

تيز برسات وسي رهي هئي ۽ مون ويچاريو تہ قطارن ۾ ڪجھ رڪاوٽون انهن گاڏين جي رڪجي وڃڻ جي سبب بہ هيون جن جون تارون آليون ٿي ويون هيون. گهڻي قدر اهو ماڻهن ۽ گهوڙن جي ننڊ ۾ ونجي وڃڻ جي ڪارڻ بہ هو. پوءِ بہ، جڏهن هرڪو جاڳي پوندو تہ بہ شهرن ۾ ٽريفڪ جام ٿي ٿيل ٿي سگهي ٿي. اهو گهوڙن ۽ موٽر وارين گاڏين جو مجموعو هو. اهي ڪنهن بہ صورت ۾ هڪٻئي جي سهائتا نہ پئي ڪري سگهيا. هارين جون جانورن ۾ جوٽيل گاڏيون بہ وڏيڪ مدد نہ پئي ڪري سگهيون. بارتو سان ڇوڪرين جو هڪڙو عمدو جوڙو ساڻ هو. ٻہ ڪنوارين جي لاءِ پوئتي موٽڻ لاءِ ڪا بہ جاءِ ڪو نہ هئي. حقيقي ڪنواريون. غالباً گهڻيون مذهبي. جيڪڏهن اتي ڪا بہ جنگ نہ هجي ها تہ اسان غالباً سڀئي بستر ۾ هجون ها. مان بستر تي پنهنجو ڪنڌ ڦٽوڪيان ها. بسترو ۽ تختو. بستر ۾ هڪڙي تختي جيان سخت. هاڻي ڪيٿرائن ٻن چادرن جي درميان بستر ۾ هئي، هڪڙي هن جي مٿان ۽ هڪڙي هن جي هيٺان. هوءَ ڪهڙي پاسي ستل هئي؟ ٿي سگهي ٿو تہ هوءَ جاڳندي هجي. ٿي سگهي ٿو هوءَ ليٽيل هجي ۽ مون لاءِ سوچيندي هجي. گُهل، گُهل، تون اوله جي هوا. چڱو اها گُهلِي ۽ اهو هلڪو مينهن نہ هو وڏو مينهن جيڪو هيٺ وسندو رهيو. اهو ساري رات وسندو رهيو. ان ڏانهن نهار. يسوع مسيح، ڪاش منهنجو پيار منهنجي ٻانهن ۾ هجي ها ۽ مان ٻيهر پنهنجي بستر تي. اها منهنجي محبت ڪيٿرائن. تہ منهنجي منٺڙي محبت ڪيٿرائن مٿان برسات هيٺ پِڄندي هجي. انهي جي هيٺان منهنجي لاءِ، نيڪ، اسان ان منجھ هئاسين. هرڪو ان جي گرفت ۾ هو ۽ ننڍڙو وسڪارو ان کي خاموش ڪرائي نہ ٿو سگهي. ”شب خير ڪيٿرائن،“ مون وڏي واڪي چيو. ”مان اميد ٿو ڪيان تہ سڪون سان سمهندي هوندينءَ. جيڪڏهن اها ايتري آرامده ناهي تہ پوءِ، جانِ من، پاسو ورائي ڇڏ،“ مون چيو. .مان توکي ڪجھ ٿڌو پاڻي پيئاريندس. ٿوريءَ گهڙيءَ کان پوءِ اتي صبح ٿي ويندو ۽ تهان پوءِ اهو ايترو برو نہ لڳندو. مون کي افسوس آهي تہ اهو توکي ايترو تڙپائي رهيو آهي. ڪوشش ڪر، ۽ ننڊ ڏانهن واپس وري پئو منٺڙي،“ مان سارو وقت ستل هوس، هن چيو. تون پنهنجي ننڊ دوارن ڳالهائي رهيو هئين. ڇا تون نيڪ آهين؟ ڇا تون واقعي اِتي آهين؟ ها يقينا مان هِتي آهيان. ”مان ڪيڏانهن ڪو نہ ويندس. اهو اسان ٻنهي جي درميان ڪو بہ فرق پيدا ڪري نہ ٿو سگهي. تون تمام گهڻو پيارو ۽ منٺڙو آهين. تون رات جو ڇڏي هليو نہ ويندين، يا ويندين؟ يقيناً مان نہ ويندس. مان هميشہ هتي هوندس. جڏهن بہ تون چاهيندينءَ مان هليو ايندس.“ ”پياني ءَ چيو. ”انهن ٻيهر هلڻ شروع ڪيو آهي.“ ”مان احمق ٿي ويو هوس،“ مون چيو. مون پنهنجي گهڙيءَ ڏانهن نهاريو. انهي مهل صبح جي وقت ۾ ٽي وڄي رهيا هئا. مان نشست جي پنيان باربيرا جي هڪڙي بوتل تائين پهتس. ”تو ڏاڍيان ڳالهايو“ پيانيءَ چيو. ”مان انگريزيءَ ۾ سپنو ڏسي رهيو هوس. مينهن جو زور ٽٽي رهيو هو ۽ اسان اڳتي وڌي رهيا هئاسين. سج اڀرڻ کان پهريان اسان وري گڏ ٿي وياسين ۽ جڏهن اتي روشني ڦٽڻ لڳي اسان ٿورڙي اجالي ۾ ميدان ۾ هئاسين ۽ مون واپسيءَ وارو رستو گهڻو اڳتي ڦهليل ڏٺو هر شيءِ هڪ جاءِ تي بيٺل هئي سواءِ پيادل دستن جي جيڪي وچان گذري رهيا هئا. اسان وري هلڻ شروع ڪيوسين پر پيش قدميءَ جي شرح کي اجالي ۾ ڏسندي، مون ڄاڻي ورتو تہ جيڪڏهن اسان ڪڏهن يوڊائن تائين پهچڻ لاءِ اميد پئي رکي تہ اسان کي ڪنهن نہ

ڪنهن نموني مکيه رستي تان لهي ڪيتن جي آر پار وڃڻو هو. رات جو ڪيترائي هاري ڪيتن جي رستن کان قطار ۾ شامل ٿي ويا ۽ قطار ۾ اتي جانورن ۾ جوتيل گهريلو سازوسامان سان ڀريل گاڏيون هيون، اتي ڪپڙي جي غلافن ۾ گدن جي درميان ٻاهر نڪتل آئينا هئا. ۽ گاڏين سان ڪڪڙيون ۽ بدڪون ٻڌل هيون. اتي اسان جي اڳيان گاڏيءَ ۾ سلائيءَ واري هڪڙي مشين پيل هئي. انهن گهڻي قدر قيمتي شين کي محفوظ ڪري رکيو هو. ڪجه گاڏين تي عورتن مينهن جي خوف کان پنهنجي جسم کي سميٽي رکيو هو ۽ ٻيون ڪارين جي پرسان هلي رهيون هيون پاڻ کي جيترو انهن کان پڇي پئي سگهيو انهن جي قريب رکيو پئي آيون. هاڻي قطار ۾ ڪتا به هئا. اهي گاڏين جي هيٺان کان هلي رهيا هئا. رستا گپ ۾ آلا هئا. انهن جي پرسان واريون خندقون پاڻيءَ سان ڀُٽار هيون ۽ وڻن جي پرتان جيڪي رستي سان قطار ۾ هئا کيت پڻ آلا نظر اچي رهيا هئا ۽ انهن ۾ ايتري ته گپ هئي جو انهن مان گذرڻ جي ڪوشش ڪرڻ بيڪار هو. مان ڪار کان هيٺ لٿس ۽ رستي کان هڪڙي مٿانهين ڪناري کان هلڻ لڳس. هڪڙي اهڙي هنڌ جي ڳولها ۾ جتان مان اڳتان هڪڙي پرسان واري رستي کي ڳولهي سگهان. مون ڄاتو پئي ته اتي ڪيتريون ئي پرسان واريون راهون هيون پر ڪنهن به اهڙي راه تي راهي ٿيڻ جي تمنا نه پئي رکيم جيڪا ڪيڏانهن نيئي وڃڻ جي رهنمائي نه ڪري. مان انهن کي ياد ڪري نه پيئي سگهيس ڇاڪاڻ جو اسان اڪثر ڪري انهن وٽان تڙتڪڙ وچان مکيه رستي تان ڪار سان متبا هئاسين ۽ اهي سڀيئي گهڻي قدر هڪجهڙيون نظر ايندڀون هيون. هاڻي مون ڄاتو ته جيڪڏهن اسان نڪرڻ جا تمنائي هئاسين ته ڪنهن هڪ کي ڳولهي لهڻ گهرجي. ڪنهن به نه پئي ڄاتو ته آسٽريائي ڪٿي هئا نه ئي وري ته شيون ڪيئن هلي رهيون هيون پر مون کي يقين هو ته جيڪڏهن برسات بيهجي وڃي ۽ مٿان کان جنگي جهاز اچيو وڃن ۽ پنهنجو ڪم انهي قطار تي شروع ڪري ڇڏين ته سڀ ڪجه خلاص ٿي ويندو. اتي انهي سوڙه ۾ گُد واري عمل مان ڇوٽڪارو پائڻ جي لاءِ جيڪا شيءِ اشد ضروري هئي اهو هو ته ڪجه ماڻهو پنهنجن ٽرڪين کي ڇڏي ڏين ۽ يا ڪجه گهوڙن کي ماري ڇڏجي. هاڻي مينهن ايتري تيزيءَ سان نه وسي رهيو هو ۽ مون سوچيو ته اهو شايد صاف ٿي وڃي. مان اڳتي گس جي ڪناري سان ويس ۽ جڏهن اتي هڪڙو ننڍڙو رستو نظر آيو جيڪو ٻن کيتن جي درميان ٻنهي پاسن کان وڻن جي جهڳٽن سان اتر ڏانهن وڃي رهيو هو مون سوچيو بهتر هو ته اسان ان کي اختيار ڪيون مان جلدي جلدي واپس ڪارين ڏانهن موٽڻ لڳس. مون پياني‌ءَ کي ٻڌايو ته هو واپس موڙي ۽ واپس بونيلو ۽ ايمو ڏانهن هليو ويس. "جيڪڏهن اهو ڪيڏانهن به نه ٿو نيئي وڃي اسان چوگرد موڙي سگهون ٿا ۽ واپسيءَ تي واپس اندر ڏانهن ڪٽ هڻي سگهون ٿا،" مون چيو. "انهن جي باري ۾ ڇا خيال آهي؟"بونيلو پڇيو هن جا سارجنٽ هن جي پرسان واري سيٽ تي ويٺا هئا. انهن جي حجامت ڪو نه ٿيل هئي پر اهي هيئنئر به صبح جي پهر ۾ فوجي لڳي رهيا هئا. "اهي ڏکو ڏيڻ ۾ سٺو ڪم ڏيندا،" مون چيو. اسان واپس ايمو ڏانهن وياسين ۽ هن کي ٻڌايوسين ته اسان ان لاءِ کيتن جي آرپار ڏانهن ڪوشش وٺڻ وڃي رهيا هئاسين. "منهنجي ڪنواري خاندان جي باري ۾ ڇا ڪجي؟" ايمو چيو. ٻئي ڇوڪريون ننڊ ۾ هيون. اهي گهڻي قدر ڪارائتيون نه رهنديون،" مون چيو. "توکي ڏکي ڏيڻ لاءِ ڪنهن نه ڪنهن کي هٿ

ڪرڻ گهرجي.“ ”اهي واپس ڪار ڏانهن وڃي سگهن ٿيون،“ ايمو چيو. ”اتي ڪار ۾ جڳهه آهي.“ ”ٺيڪ آهي جيڪڏهن تون انهن کي چاهين ٿو ته،“ مون چيو. ”ويڪري پٽيءَ وارن ڪن ماڻهن کي هٿ ڪر جيڪي ڌڪو ڏئي سگهن.“ ”برساليگيرين کي،“ ايمو مسڪرايو. ”انهن جون پٽيون ويڪريون آهن. اهي انهن کي ماپيندا آهن. ”ٽينينٽ، تون ڪيئن پيو محسوس ڪرين؟“ ”سٺو. تون ڪيئن آهين؟“ ”سٺو. پر ڏاڍي بک لڳي آهي.“ ”اتي مٿي ان رستي تي ڪجهه نه ڪجهه هئڻ گهرجي ۽ اسان بيهنداسين ۽ ماني کائينداسين.“ ”تنهنجي ڄنگه ڪيئن آهي، ٽينينٽ؟“ ”ٺيڪ آهي،“ مون چيو. قدمن تي بيهندي ۽ مٿي اڳتي ڏانهن نهاريندي مون پياني‌ءَ جي ڪار کي پاسي واري ننڍڙي رستي تي ٻاهر چڪجندي ۽ ان کي چالو ڪندي ڏٺو. هن جي ڪار سڪل ٽارين جي جهڳٽي مان ڏيکارجي رهي هئي. بونيلو پاسي تي موڙيو ۽ مان هن جي پٺيان ويس ۽ ان کان پوءِ پيانيءَ پنهنجي لاءِ رستو ڪڍي ورتو ۽ اسان ٻن ايمبولنسن جي پوين جهڳٽن وچان نڪرندڙ سوڙهي رستي سان هلڻ لڳاسين. اهو هڪڙي شاداب کيتن جي حويلين ڏانهن نيو پئي ويو. اسان پيانيءَ ۽ بونيلو کي هڪِڙي ٻُوناٽي حويليءَ جي احاطي کان بيٺل ڏٺوسين. گهر دروازي وٽان هڪڙي انگوري ول سان هيناهون ۽ ڊگهو هو. اتي احاطي ۾ هڪڙو کوه هو ۽ پيانيءَ ان مان ريڊيئٽر جي لاءِ پاڻي ڪڍي رهيو هو. تمام گهڻي هيناهين گيئر ۾ هلائڻ سان اهو ٻڙڪي چڪو هو. کيتن ۾ حويليءَ وارو گهر تباهه ٿي ويو هو. مون واپس هيٺ رستي ڏانهن ڏٺو. کيتن ۾ حويليءَ وارو گهر ميدان کان هڪڙي ننڍڙي اوچائيءَ تي هو ۽ اسان کيتن جي مٿان نهاري پئي سگهياسين، ۽ رستي کي ڏٺوسين، جهڳٽن کي، کيتن کي ۽ مکيہ رستي کان وٽن جي قطارن تان جتان جنگ کان شڪستياب ٽيلن جي واپسي ٿي رهي هئي. ٻَئِي سارجنٽ شروع کان آخر تائين گهرن ڏانهن نهاري رهيا هئا. ڇوڪريون جاڳي پيون هيون ۽ اهي احاطن ڏانهن، کوه ڏانهن ۽ شاداب کيت جي حويليءَ جي اڳيان بيٺل ايمبولنس ڏانهن نهاري رهيون هيون. انهن سان ٽي ڊرائيور هئا جيڪي کوه جي پرسان بيٺا هئا. هڪڙو سارجنٽ هٿ ۾ هڪڙي گهڙيال سان گڏ ٻاهر نڪري آيو. ”انهي کي واپس رک،“ مون چيو. هن مون ڏانهن نهاريو. گهر جي اندر ويو ۽ بنا گهڙيال جي واپس آيو. ”تنهنجو دوست ڪٿي آهي؟“ مون پڇيو. ”هو ليٽرين ڏانهن ويو آهي.“ هو ايمبولنس جي سيٽ تي اٿي بيٺو. هو انهي خوف ۾ ورتل هو ته اسان هن کي ڇڏي ويندا‌سين. ”ناشتي جي باري ۾ ڇا خيال آهي، ٽينينٽ؟“ بونيلو پڇيو. ”اسان ڪاشيءِ کائي سگهون ٿا. ان کي ايترو گهڻو وقت نه لڳندو.“ ”ڇا توهان سمجهو ٿا ته هي رستو جيڪو ٻئي پاسي ڏانهن وڃي رهيو آهي اهو ڪنهن نه ڪنهن شيءِ ڏانهن نيئي ويندو؟“ ”يقيناً.“ ”ٺيڪ آهي. اچو ته کائون.“ پياني ۽ بونيلو گهر جي اندر گهڙي ويا. ”اچو“ ايمو ڇوڪرين کي چيو. هو انهن جي لهڻ ۾ سهائتا خاطر پنهنجو هٿ اڳتي جهلي بيٺو. وڏي ڀيڻ پنهنجو ڪنڌ لوڏيو. اهي ڪنهن به تباهه ٿيل گهر ڏانهن نه وڃي رهيا هئا. انهن اسان کي پويان کان ڏٺو. ”اهي ڏکيا (ماڻهو) آهن،“ ايمو چيو. اسان زمين واري حويليءَ جي اندر گڏجي وياسين. اها ڊگهي ۽ تاريڪ هئي، هڪڙِي متروڪ ڪيل محسوسات. بونيلو ۽ پياني رڌڻي ۾ هئا. ”اتي کائڻ جي لاءِ ايترو ڪجهه ڪونهي،“ ”انهن ان کي صاف ڪري ڇڏيو آهي.“ بونيلو هڪڙي وڏي پنير کي رڌڻي جي ڳري ميز تي ڪٽيو. ”پنير ڪٿي پيو هو؟“ ته خاني ۾.

پياني ۽ هڪڙو صوف ۾ شراب پڻ لڌو. ”اهو هڪڙو سنو نيرانو آهي.“ پياني ۽ هڪڙي وڏي بيدڪاري سان ڍڪيل شراب جي جڳ جي ڍڪڻي کي ڪڍي رهيو هو. هن ان کي هٿ سان هلڪي سٽ ڏني ۽ هڪِڙي پتل جي ڪٽڇي ۽ کي ٽُب ڪيو. ”ان مان نيڪ سان خوشبو اچي رهي آهي،“ هن چيو ”ڪجه پيالا ڳوله، بارتو.“ ٻئي سارجنٽ اندر گهڙي آيا. ”سارجنٽ، ڪجه پنير وٺو“ بونيلو چيو. ”اسان کي هلڻ گهرجي،“ هڪڙي سارجنٽ چيو پنهنجو پنير کائيندي ۽ شراب جو هڪڙو پيالو پيئندي. ”اسان هلنداسين. پريشان نہ ٿيو“ بونيلو چيو. ”هڪِڙي فوج پنهنجي شڪم سان هلندي آهي،“ مون چيو. ”ڇا؟“ سارجنٽ پڇيو. ”بهتر آهي تہ توهان کائو.“ ”ها. پر وقت قيمتي آهي.“ ”مان سمجهان ٿو حرامين اڳ ۾ کائي ڇڏيو آهي،“ پياني ۽ چيو. سارجنٽ هن ڏانهن ڏٺو. انهن اسان کان کافي نفرت پئي ڪئي. “ ”توهان کي رستو معلوم آهي؟“ انهن منجهان هڪڙي مون کان پڇيو. ”نہ،“ هن چيو. انهن هڪٻئي ڏانهن ڏٺو. ”اسان بهتر نموني شروعات ڪنداسين،“ پهرين چيو. ”اسان شروعات ڪري رهيا آهيون،“ مون چيو. مون ڳاڙهي شراب جو هڪڙو ٻيو پيالو پيتو. اهو پنير ۽ صوف کان پوءِ ڪافي زبردست سواد ڏئي رهيو هو. ”پنير آڻيو“ مون چيو ۽ ٻاهر هليو ويس. بونيلو ٻاهر شراب جو وڏو جڳ کڻي آيو. ”اهو ڪافي وڏو آهي،“ مون چيو. هن انهن ڏانهن معذرت خواهاڻي انداز ۾ نهاريو. ”مان سمجهان ٿو ها،“ هن چيو.“ ”مون کي پاڻي جون بوتلون ڏي تہ ڀريان.“ هن پاڻي ۽ جون بوتلون ڀريون ۾ شراب جو ڪجه مقدار احاطي جي پختي فرش بنائڻ واري مسالي تي هارجي ويو. ان کان پوءِ هن شراب جو جڳ کنيو ۽ ان کي دروازي جي بلڪل اندر رکي ڇڏيائين. ”آسٽريائي ان کي دروازي کي ٽوڙڻ جي بنا ڳولهي لهي سگهن ٿا،“ هن چيو. ”اسان مڙنداسين.“ مون چيو ”پيانِي ۽ مان اڳتي ويندا سين.“ ٻہ ماهر فنيات (انجنيئر) اڳ ۾ بونيلو جي پرسان سيٽ تي وينا هئا. ڇوڪريون پنير ۾ صوف کائي رهيون هيون. ايمو سگريٽ ڇڪي رهيو هو. اسان سوڙهي رستي جي هيٺان هلڻ لڳاسين. مون پنيان ايندڙ ٻن ڪارين ڏانهن ۽ کيت واري حويليءَ ڏانهن مڙي نهاريو. اهو هڪڙو نوس پٿر وارو گهر هو ۽ ان تي کوه تي لوه ڪاري جو ٿيل ڪم ڪافي سنو هو. اسان جي اڳيان رستو سوڙهو ۽ مٽيءَ هاڻو هو ٻئي پاسي کان جهڳٽن جي هڪِڙي اوچي رڪاوٽ هئي. پنيان ڪاريون، ويجهڙائي کان اچي رهيون هيون.

29

منجهند جو اسان هڪڙي گپ واري رستي ۾ ڦاسي پياسين. اسان لڳ ڀڳ جيترو شمار ڪري سگهياسين، انهي مطابق اهو يوڊائن کان ڏه ڪلوميٽر پري هو. صبح دوران مينهن وسڻ بند ٿي ويو هو ۽ اسان تي پيرا جهازن کي ايندي ڏٺو اهي اسان جي مٿان گذري ويا. ۽ انهن کي پرانهين کابي طرف کان ۽ مکيه شاهراه تي بمباري ڪندي ٻڌوسين. اسان ثانوي درجي وارن پيچرن جي هڪڙي چار تي هئاسين ۽ ڪيترن ئي اهڙن رستن کي اختيار ڪيو هئوسين جيڪي تاريڪ هئا، پر اڪثر، انهن جي پشت پناهيءَ وسيلي ٻين رستن کي ڳولهيندي، يُوڊائن جي ويجهو پهچي ويا هئاسين. هاڻي، ايمو جي گاڏي، پوئتي ورائيندي ته جيئن اسان هڪڙي اونداهي رستي کان ٻاهر نڪري سگهون، هڪڙي نرم مٽيءَ ۾ پاسي کان ڦيٿن سميت ڦاسي پئي، جلدي جلدي گهمائڻ جي سبب، کوٽيندي کوٽيندي گهرائي ۾ ايترو هيٺ هلي ويئي جو ڪار ان جي راڌ تي بيهي رهي. هاڻي جيڪو ڪرڻو هو سو هو ته ڦيٿن جي اڳيان مٽيءَ کي کوٽيو وڃي، انهي کي هيٺان کان جهنگلي ٻوٽن جي وسيلي ٽيڪ ڏجي ته جيئن چينون گرفت پڪڙن. ۽ ان کي تيستائين ڇڪ ڏجي جيستائين ڪار رستي تي اچي وڃي. اسان سڀ ڪار جي چوگرد رستي کان هيٺ هئاسين. ٻنهي سارجنٽن ڪار ڏانهن ڏٺو ۽ ان جي ڦيٿن کي چڪاسيو. انهي کان پوءِ اهي بنا ڪو لفظ ڳالهائڻ جي رستي کان هيٺ هلڻ لڳا. ”اچو“ مون چيو. ”جهنگلي ٻوٽي کي ٽورو وڍيو.“ ”اسان کي هلڻو آهي،“ هڪڙي ڄڻي چيو. ٻئي ڪجه به نه ڪڇيو. انهن کي چالو ڪرڻ جي وڏي تڪڙ هئي. اهي مون ڏانهن مرڳو ڏسي ئي ڪو نه رهيا هئا. ”مان توهان کي حڪم ٿو ڏيان ته واپس اچو ۽ جهنگلي ٻوٽي کي وڍيو“ مون چيو. هڪڙو سارجنٽ موٽي آيو. ”اسان کي هلڻو آهي. ٿوريءَ دير ۾ تون وڍجي ويندين. تون اسان تي حڪم هلائي نه ٿو سگهين. تون هڪڙو آفيسر نه آهين.“ ”مان توهان کي حڪم ٿو ڏيان ته جهنگلي ٻوٽي کي وڍيو“ مون چيو اهي اڳتي مڙي رستي کان هيٺ وڃڻ لڳا. ”بيهي رهو“ مون چيو. اهي گپ سان ڀريل رستي ڏانهن هيٺ هلندا رهيا، ٻئي طرف کان جهاڙيون هيون. ”مان توهان کي حڪم ٿو ڪيان ته بيهي رهو“ مون هنن کي سڏ ڪيو. اهي ٿورو پريرو ويا. مون چمڙي جي ٿيلهيءَ کي کولي پستول ٻاهر ڪڍيو ان کي ان ڏانهن تاڻي بينس جنهن گهڻو ڳالهايو پئي، ۽ فائر ڪيو. مان گُسي پيس ۽ اهي ٻئي ڊوڙڻ لڳا. مون تي دفعا فائر ڪيا ۽ هڪڙي ڄڻي کي ليٽائي وڌم. هڪڙو جهاڙين ۾ لڪي وينو ۽ نظرن کان اوجهل هو. هو جيئن ئي ڪيتن ڏانهن پيچرڻ لڳو مون هن ڏانهن پستول تاڻيو. پستول مان خالي ٺُش جو آواز نڪتو ۽ مون ان ۾ گولين جو بيو پٽو وڌو. مون ڏٺو ته ٻئي سارجنٽ ڏانهن گولي هلائڻ ڪافي پري هو. هو ڪيتن جي آرپار گهڻو اڳتي لنگهي ويو هو اچا پنهنجو ڪنڌ هيٺ ڪندي ڊوڙي رهيو هو. مون ٻيهر خالي پٽي ۾ گوليون وجهڻ شروع ڪيون. بونيلو مٿي آيو. ”مون کي ڇڏ ته مان هن کي وڃي پورو ڪري اچان،“ مون پستول هن جي حوالي ڪيو هو هيٺ هليو ويو جتي انجنيئرن جو سارجينٽ ڪنڌ هيٺ ڪيو پٽ تي پيو هو. بونيلو هن جي مٿان جهڪي بيٺو هن ان همراه جي مٿي جي پنيان پستول تاڻيو ۽ گهوڙو دٻائي ڇڏيائين پستول ڪو نه ڇٽو. ”تون انهي جو

چيمبر ٻيهر لوڊ ڪر،“ مون چيو. هن ان جو چيمبر لوڊ ڪيو ۽ ٻہ دفعا فائر ڪيائين. هن سارجنٽ جي ڄنگهن کان پڪڙي ان کي گهلي رستي جي پاسي تي ڦٽو ڪيو تہ جيئن هو جهاڙين جي پرسان پيو هجي. هو واپس آيو ۽ پستول مونکي واپس ڪيائين. ”ڪتيءَ جو پٽ،“ هن چيو. ”سارجينٽ تو ڏنو نہ مون هن کي ڪيئن ماريو؟“ ”اسان کي جلدي جلدي جهنگلي ٻوٽو ڪٽڻو آهي،“ مون چيو. ”ڇا ٻئي کي پڻ منهنجو نشانو لڳو يا نہ؟“ ”مان ايئين نہ ٿو سمجهان،“ ايمو چيو. ”هو پستول جي نشاني کان گهڻو پرتي هو.“ ”بيڪار ماڻهو“ پياني،ءَ چيو. اسان سڀ ننڍڙيون ڏانڊيون ۽ ٽاريون ڪٽي رهيا هئاسين. ڪار مان هرشيءِ ٻاهر ڪڍي ويئي. بونيلو ڦيٿن جي اڳيان ٻاهر کوٽي رهيو هو. جڏهن اسان تيار هئاسين ايمو ڪار کي چالو ڪيو گاڏيءَ کي گيئر ۾ وڌو ڦيٿا گول گول ڦرڻ لڳا جهنگلي ٻوٽي ۽ مٽيءَ کي ٻاهر ڦٽو ڪندي. اسان تيستائين ڇڪيندا رهياسين جيستائين اسان کي پنهنجي ڄنگهن جا جوڙ ڀڄندي محسوس نہ ٿيڻ لڳا. ڪار ڇُرڻ جو نالو ئي نہ پئي ورتو. ”بارتو ان کي اڳتي پوئتي ڌڪو ڏيو“ مون چيو. هن انجڻ کي پوئتي ڦيرايو وري اڳتي ڦيرايائين. ڦيٿا اڃا گهڻو هيٺ هليا ويا. وري ڪار راڌ تي بيهي رهي، ۽ ڦيٿا انهن سوراخن ۾ ڦرڻ لڳا جيڪي انهن کوٽي ڪڍيا هئا. مان سڌو ٿي بيهي رهيس. ”اسان ان کي رسيءَ جي مدد سان ٻاهر ڪڍڻ جي ڪوشش ونداسين. توهان سڌي سنئين نموني ان کي ڇڪي نہ ٿا سگهو.“ ”اسان کي ان جي ڪوشش ڪرڻي آهي،“ مون چيو. ”اها ٻئي ڪنهن طريقي سان ڪو نہ نڪرندي.“ پيانيءَ ۽ بونيلو جون ڪاريون فقط سڌيون سنيون هيٺ سوڙهي رستي ڏانهن هلي پئي سگهيون اسان ٻنهي ڪارين کي رسو ٻڌوسين ۽ ڇڪڻ لڳاسين. ڦيٿا فقط هڪڙي پاسي کان نالين جي مخالف ڦرڻ لڳا. ”انهي جو ڪو فائدو ڪونهي،“ مون وڏي واڪي چيو. ”انهي کي روڪ.“ پياني ۽ بونيلو پنهنجي ڪارين کان هيٺ لهي بيٺا ۽ واپس موٽي آيا. ايمو هيٺ لٿو. چوڪريون رستي کان لڳ ڀڳ چاليہ گزن جي دوريءَ تي پٿر جي هڪڙي ديوار تي ويٺيون هيون. ”تينينٽ، تنهنجي ڇا صلاح آهي؟“ بونيلو چيو. ”اسان ٻيهر کوٽينداسين ۽ جهنگلي ٻوٽي سان هڪ دفعو ٻيهر ڪوشش ڪنداسين.“ مون چيو. مون رستي کان هيٺ نهاريو. اها منهنجي غلطي هئي. مان هنن کي هيڏانهن مٽي وٺي آيو هوس. سڄ لڳ ڀڳ ڪڪرن کان ٻاهر نڪري آيو ۽ سارجينٽ جو لاش جهاڙيءَ جي پرسان پيو هو. ”اسان هن جو ڪوٽ ۽ ٽوپي ان جي هيٺان ڏينداسين،“ مون چيو. بونيلو انهن کي ڪٽڻ لاءِ ويو. مون جهنگلي ٻوٽي کي ڪٽيو ۽ ايمو ۽ پيانيءَ ان جي اڳيان ۽ ڦيٿن جي درميان کوٽيو. مون ٽوپيءَ کي ڪٽيو، پوءِ ان کي ڦاڙي ٻہ حصا ڪيم، ۽ انهن کي مٽيءَ ۾ ڦيٿن جي هيٺان ڏئي ڇڏيم. پوءِ جهنگلي ٻوٽي کي هيڏانهن هوڏانهن لوڏڻ لڳس تہ جيئن ڦيٿا ان کي پڪڙي سگهن. اسان چالو ڪرڻ لاءِ تيار هئاسين ۽ ايمو سيٽ جي مٿان ويهي رهيو ۽ ڪار کي چالو ڪيائين. ڦيٿا ڦرڻ لڳا ۽ اسان ڇڪ ڇڪان ۾ لڳي وياسين. پر اهو ڪنهن ٻہ ڪم جو ڪو نہ هو. ”اهو اتي ختم ٿي ويو“ مون چيو. ”بارتو تون ٻي ڪاشيءِ ڪار ۾ ڪرڻ گهرين ٿو؟“ ايمو بونيلو سان گڏ مٽي هليو ويو. پاڻ سان گڏ پنير ۽ شراب جون ٻہ بوتلون ۽ پنهنجي ٽوپي کڻي آيو. بونيلو ڦيٿي جي پوپان تي ويٺو. سارجنٽ جي ڪوٽ جي کيسن ڏانهن ڏسي رهيو هو. ”بهتر آهي تہ ڪوٽ کي ڦٽو ڪري ڇڏجي،“ مون چيو. بارتو جي ڪنوارين جي باري ۾ ڇا خيال آهي؟“ ”اهي

پٺيان کان بيهي سگهن ٿيون،“ پياني ۽ چيو. ”مان نہ ٿو سمجهان تہ اسان گهڻو دور هلي سگهون ٿا.“ .مون ايمبولنس جو پٺيون دروازو کوليو. ”اچو“ مون چيو. ”اندر گهڙو.“ ٻئي ڇوڪريون اندر چڙهي ويون ۽ هڪڙي ڪنڊ کان ويهي رهيون. لڳي پيو تہ انهن گولي هڻڻ واري عمل کي ڌيان ۾ ڪو نہ آندو هو. مون واپس مٿي رستي ڏانهن نهاريو. سارجنٽ پنهنجي ميري ڊگهي ٻانهن واري چيڊي ۾ پيو هو. مان پياني ۽ سان گڏ اٽي بينس ۾ اسان هلڻ شروع ڪيوسين. اسان ڪيتن مان گذرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئاسين. جڏهن رستو ڪيتن ۾ اندر گهڙيو مان هيٺ لهي اڳتي هلڻ لڳس. جيڪڏهن اسان ٻئي پاسي ڏانهن ٽپي سگهون، اتي ٻئي پاسي کان هڪڙو رستو موجود هو. اسان ان پاسي نہ ٽپي سگهياسين. اهو ڪارين لاءِ ڪافي نرم ۽ گپ هاڻو هو. جڏهن اهي آخرڪار ۽ مڪمل طور تي بيهجي ويون، ڦيٿا ڪَبن تائين کُپي ويا، اسان انهن کي ڪيتن ۾ ڇڏي ڏنوسين پُوڊائن ڏانهن پيرين پنڌ هلڻ لڳاسين. جڏهن اسان ان رستي تي پهتاسين جيڪو مکيہ شاهراه ڏانهن وڃي رهيو هو مون ان ڏانهن انهن ڇوڪرين کي اشارو ڪيو. ”اوڏانهن هيٺ هليون وڃو“ مون چيو. ”توهان کي اتي ماڻهو ملي ويندا.“ انهن مون ڏانهن نهاريو. مون پنهنجو بٽون ڪڍيو ۽ انهن مان هرهڪ کي ڏهن ليرن جو هڪڙو هڪڙو نوٽ ڏنم. ”هوڏي هيٺ هليون وڃو“ مون اوڏانهن اشارو ڪندي چيو. ”دوست! خاندان!“ انهن کي سمجهہ ۾ ڪو نہ آيو پر انهن پئسن کي سُڪ سان جهليو ۽ هيٺ رستي ڏانهن هلڻ لڳيون. انهن واپس مڙي نهاريو ڄڻ انهن کي ڊپ پئي ٿيو تہ مان انهن کان پيسا واپس وٺي سگهان ٿو. مون انهن کي هيٺ رستي ڏانهن ويندي ڏٺو انهن جون شالون انهن جي بدن سان زور سان ويڙهيل هيون، اسان ڏانهن فڪرمنديءَ سان ڏسنديون رهيون. ڊرائيور ٺهڪ ڏئي رهيا هئا. ”انهي طرف ڏانهن وڃڻ جي لاءِ تون مون کي گهڻا پيسا ڏيندين، ٽينيٽ؟“ بونيلو چيو. ”اهي ماڻهن جي هجوم ۾ بهتر رهنديون بجاءِ اڪيليون هئڻ جي متان ڪو انهن کي پڪڙي نہ وڃهي،“ مون چيو. ”مون کي ٻہ سئو ليرا ڏي ۽ مان پوئتي واپس سڌو سنئون آسٽريا ڏانهن هليو ويندس،“ بونيلو چيو. ”اهي توکان کسي ويندا،“ پياني ۽ چيو. ”تي سگهي جنگ ختم ٿي وڃي،“ ايمو چيو. اسان مٿي رستي تي جيترو جلدي ٿي پئي سگهيو هلندا رهياسين. سج جلدي لهڻ جي ڪري رهيو هو. رستي جي پرسان شهتوتن جا وڻ هئا. وڻن وچان مان ڪيتن ۾ ڦاٿل اسان جي ٻن چرندڙ پرندڙ ڪارين کي ڏسي پئي سگهيس. پياني ۽ پڻ ڪنڌ ورائي پوئتي نهاريو. ”انهن کي انهن گاڏين کي ٻاهر ڪڍڻ لاءِ هڪڙو رستو ٺاهي تيار ڪرڻو پوندو“ هن چيو. ”مان يسوع مسيح کي منٿ ٿو ڪيان تہ ڪاش اسان وٽ موٽر سائيڪلون هجن ها،“ بونيلو چيو. ”هتي اها هڪڙي اهم شيءِ آهي.“ ايمو چيو. ”ڇا اتي آمريڪا ۾ موٽر سائيڪلون هلائيندا آهن؟“ ايمو چيو. ”اهي استعمال ڪندا آهن.“ ”موٽرسائيڪل هڪڙي شاندار شيءِ آهي.“ ”مان يسوع مسيح کي منٿ ٿو ڪيان تہ ڪاش اسان وٽ موٽر سائيڪل هجي ها،“ بونيلو چيو. ”مان گهڻو پنڌ نہ ڪري سگهندو آهيان.“ ”ڇا اهو فائرنگ جو آواز آهي؟“ مون پڇيو. مان سمجهان ٿو تہ مون کي گهڻو اڳتي کان فائرنگ ٻڌڻ ۾ ٿي اچي. ”مان نہ ٿو ڄاڻان،“ ايمو چيو. هن اوڏانهن ورنايو. ”مان ايئين سمجهان ٿو“ مون چيو. ”پهريان اسان گهوڙيسوارن کي ڏسنداسين،“ پياني ۽ چيو. ”مان نہ ٿو سمجهان تہ انهن وٽ ڪي گهوڙيسوار آهن.“ ”مان يسوع مسيح

کان اميد ٿو ڪيان تہ ايئين نہ هجي،“ بونيلو چيو. ”مان ڪنهن گهوڙيسوار جي نيزي ۾ ڇيڇڻ نہ ٿو چاهيان.“ ”تينينٽ، توپ ڪ سان انهي سارجنٽ کي گولي هنئي،“ پياني چيو. اسان تيزيءَ سان هلي رهيا هئاسين. ”مون هن کي ماري ڇڏيو.“ ”مون هن جنگ ۾ ڪڏهن بہ ڪنهن ماڻهوءَ کي ڪو نہ ماريو ۽ مون ساري زندگيءَ ۾ هڪڙي سارجينٽ کي مارڻ پئي گهريو.“ ”تو هن کي ٻنڌڻ وٽان ماريو.“ ”ڪا ڳاله ناهي. اها هڪڙي اهڙي شيءِ آهي جيڪا مون کي سدائين ياد رهندي، تہ مون هڪڙي سارجنٽ کي ماري ڇڏيو.“ ”تون ان جو اعتراف ڪيئن ڪندين؟“ ايمو پڇيو. ”مان چوندس، فادر مون کي آشيرواد ڏي، مون هڪڙي سارجنٽ کي ماريو آهي.“ اهي سڀ ٽهڪن ۾ پئجي ويا. ”هو لاوجوديت جو قائل (انارڪسٽ) آهي.“ ”هو گِرجا گهر ڏانهن نہ ويندو آهي.“ ”پيانِي پڻ هڪڙو انارڪسٽ آهي،“ بونيلو چيو. ”ڇا تون واقعي لاوجوديت جو قائل آهين؟“ مون پڇيو. ”نہ. تينينٽ، اسان اشتراڪي (سوشلسٽ) آهيون. اسان جو تعلق اِمولا سان آهي.“ ”ڇا تون اتي ڪڏهن بہ نہ ويو آهين؟“ ”نہ.“ ”يسوع جو قسم اهو هڪڙو زبردست هنڌ آهي، تينينٽ. تون جنگ ختم ٿيڻ کان پوءِ اوڏانهن اچ ۽ اسان توکي ڪجه ڏيکاريندا سين.“ ”ڇا توهان سڀ سوشلسٽ آهيو؟“ ”هر ڪو.“ ”ڇا اهو هڪڙو زبردست قصبو آهي؟“ ”تمام سٺو. تو ڪڏهن بہ هڪڙو اهڙو قصبو ڪو نہ ڏٺو هوندو.“ ”توهان اشتراڪي ڪيئن بڻيا؟“ ”اسان سڀ اشتراڪي آهيون. هرماڻهو اشتراڪي آهي. اسان هميشہ کان سوشلسٽ رهيا آهيون.“ ”تينينٽ، تون اچ. اسان توکي بہ سوشلسٽ بڻائيندا سين.“ اڳيان رستو ساڄي پاسي ڏانهن مڙي رهيو هو ۽ اتي هڪڙي ننڍڙي ٽڪري هئي، هڪڙي پٿر جي ديوار جي پٺيان، صوفن جي ميون وارو هڪڙو نخلستان هو. جيئن ئي رستو مٿي ٽڪريءَ تي چڙهڻ لڳو انهن ڳالهائڻ بند ڪيو. اسان لڳولڳ هلي رهيا هئاسين هر ڪو وقت جي خلاف تيزيءَ سان هلي رهيو هو.

30

بعد ۾ اسان هڪڙي رستي تي هئاسين جيڪو درياه ڏانهن پئي ويو. اتي پل ڏانهن ويندڙ رستي تي چڙهي ڏنل ٽرڪين ۽ گاڏين جي هڪڙي ڊگهي قطار لڳل هئي. ڪو ماڻهو نظر نه پئي آيو. درياه تارون تار هو ۽ پل مرڪز وٽان ٽٽل هئي؛ پٿرائون محراب درياه ۾ ڪري پيو هو ميٺاهون پاڻي ان جي مٿان وهي رهيو هو. اسان مٿي پل ڏانهن وياسين ٽپڻ لاءِ ڪنهن هنڌ لاءِ واجهايوسين. مٿي اڳيان ڪان مون کي هڪڙي ريلوي جي پل جي هئڻ جي سُڌ هئي ۽ مون سوچيو ته اسان اتان ڪان آرپار ٿي پئي سگهياسين. رستو آلو ۽ ڳِچيل هو. اسان کي ڪو به فوجي جٿو ڏسجڻ ۾ ڪو نه آيو سواءِ چڙهي ڏنل ٽرڪين ۽ ذخيرن جي. درياه جي ڪنڌيءَ سان اتي ڪجه به ڪو نه هو سواءِ آلن ٻوٽن ۽ گپ چڪ جي. اسان مٿي ڪناري ڏانهن وياسين ۽ آخرڪار اسان کي ريلوي جي پل ڏسجڻ ۾ آئي. ”ڪيڏي نه خوبصورت پل آهي،“ ايمو چيو. اها آرپار هڪڙي ڊگهي هموار پل هئي جيڪا اڪثر طور تي درياه جي وٽ واري هڪڙي آبي گذرگاه هوندي هئي. ”بهتر آهي ته اسان تڙ تڪڙ ۾ آرپار ٿيون ان ڪان اڳ ۾ جو اهي ان کي اڏائي ڇڏين،“ مون چيو. ”اتي ان کي اڏائڻ جي لاءِ ڪو به ڪونهي،“ پياني‌ءَ چيو. ”اهي سڀ هليا ويا آهن.“ ”غالباَ اتي بارودي سرنگهون هونديون،“ بونيلو چيو. ”تينينٽ، تون پهريان ٽپي وڃ.“ ”انارڪسٽ کي ٻڌو،“ ايمو چيو. ”هن کي پهريان وڃڻ ڏيو.“ ”مان ويندس،“ مون چيو. ”اها هڪڙي ماڻهوءَ جي گذرڻ سان نه ڦاٽندي.“ ”تون ڏسين ٿو نه،“ پيانيءَ چيو ”انهي کي دماغ چئبو آهي. انارڪسٽ، توکي دماغ ڪونهي ڇا؟“ .جيڪڏهن مون وٽ دماغ هجي ها ته مان هتي نه هجان ها،“ بونيلو چيو. ”اهو ڪافي سٺو آهي، تينينٽ،“ ايمو چيو. ”اهو ڪافي سٺو آهي،“ مون چيو. هاڻي اسان پل جي ويجهو هئاسين. آسمان تي ٻيهر ڪڪر ڇائنجي ويا هئا ۽ اتي بارش پوڻ شروع ٿي ويئي هئي. پل ڊگهي ۽ ٺوس لڳي رهي هئي. اسان ڪناري جي مٿان چڙهياسين. ”واري واري سان اچو،“ مون چيو ۽ پل جي آرپار هلڻ شروع ڪيوسين. مون ڳنڍين ڏانهن نهاريو ۽ جلائي ڇڏيندڙ ڏماڪيدار خاردار تارن لاءِ پر مون کي ڪجه به نظر ڪو نه آيو. هيٺ ڳنڍين جي وٿين ۾ درياه گپ سان ڀريل ۽ تيزيءَ سان وهي رهيو هو. اڳتي آرپار آلن ڪيتن ۾ هلندڙ بارش ۾ مان يُوڊائن کي ڏسي پئي سگهيس. مون پل جي آرپار واپس مڙي ڏٺو. درياه جي بلڪل مٿان هڪڙي ٻي پل هئي. جيئن ئي مون ان ڏانهن ڏٺو، هڪڙي مٽيءَ هاڻي موٽر ڪار ان جي مٿان ٽپي ويئي. پل جا پاسا اوچا هئا، ۽ ڪار جو جسم، هڪ دفعو ڏيکاري ڏيڻ ڪان پوءِ، نظرن ڪان اوجهل ٿي ويو. پر مونکي ڊرائيور جو مٿو نظر آيو، هن جي ڀرسان هڪڙو ٻيو ماڻهو ويٺل هو ۽ ٻه ماڻهو پٺيان واري سيٽ تي. انهن سيٽي کي جرمن ٽوپلا پاتل هئا. انهي ڪان پوءِ ڪار پل جي مٿان ۽ وڻن جي پويان ۽ رستي تي چڙهي ڏنل گاڏين ۾ نظرن ڪان اوجهل ٿي ويئي. مون ايمو ۽ ان جي پٺيان ٽپندڙ ٻين کي هٿ لوڏي اڳتي وڌڻ جو اشارو ڪيو. مان هيٺين طرف چڙهڻ لڳس ۽ ريلوي جي ڀرسان ڪرونڊڙو ٿي ويس. ايمو مون سان گڏ هيٺ آيو. ”ڇا توهان ڪار کي ڏٺو؟“ ”نه.“ ”اسان توڏانهن نهاري رهيا هئاسين.“ هڪِڙي جرمن عملي واري

ڪار مٿين پل تان گذري ويئي.“ ”هڪڙي جرمن عملي واري؟“ ”ها.“ ”بيبي مريم جو قسم.“ ٻيون گاڏيون آيون ۽ اسان سڀ ڪناري وٽ گپ ۾ ڪرونڊڙا ٿي ويٺاسين. پل جي آر پار خاردار تارن، وڻن جي قطارن، خندق ۽ رستي ڏانهن نهاري رهيا هئاسين. ”تينينٽ، ڇا توهان سمجهو ٿا ته اسان انهن وٽان ٽپي ويندا سين؟“ ”مان نه ٿو ڄاڻان. مان فقط اهو ڄاڻان ٿو ته هڪڙي جرمن عملي واري ڪار انهي رستي تان هلي ويئي.“ ”تينينٽ، تون انوکو محسوس نه ٿو ڪرين؟“ ”تو کي عجيب قسم جا جذبات دماغ ۾ نه ٿا اچن؟“ ”مذاق نه ڪر، بونيلو؟“ ”هڪڙي جام جي باري ۾ ڇا خيال آهي؟“ پياني ۽ پڇيو. ”جيڪڏهن اسان اتان ٽپي وياسين ته اسان هڪڙو جام پي سگهنداسين.“ ”هن پنهنجي پاڻيءَ واري بوتل جو ڪنڊو کوليو ۽ ان جو ڍڪڻ لاهي ڇڏيو. ”ڏسو! ڏسو!“ ايمو چيو ۽ رستي ڏانهن اشارو ڪيو. پٿر واري پل جي مٿان اسان جرمن ٽوپلن کي چرپر ڪندي ڏٺوسين. اهي اڳتي جي طرف رخ اختيار ڪيون بيٺا هئا ۽ آهستي آهستي چري پري رهيا هئا زري گهٽ پرسان ڪنهن غيبي طاقت جيان. جيئن ئي اهي پل جي مٿان آيا اسان انهن کي ڏٺوسين. اهي موٽرسائيڪلين وارا جٿا هئا. مون پهرين ٻن ڄڻن جون شڪليون ڏٺيون. اهي سرخيءَ مائل ۽ جاننا جوان نظر اچي رهيا هئا. انهن جا ٽوپلا انهن جي نرڙ ۽ انهن جي چهرن جي پاسن کان هيٺ اچي رهيا هئا. انهن جو ننڍڙيون گهنڊ مِشنيون انهن جي موٽر سائيڪلن جي فريمن سان ٻڌل هيون. انهن جي پٽن (بيلٽن) مان ڪاٺ وارن بمن جا مُٺيا لٽڪي رهيا هئا. انهن جا هيلميٽ (ٽوپلا) انهن جون خاڪ رنگي ورديون آليون هيون ۽ اهي آهستي آهستي سواري ڪري رهيا هئا، اڳتي ۽ ٻنهي پاسن ڏانهن نهاريندي. اتي اهي به ڄڻا هئا، پوءِ هڪڙي قطار ۾ چار، وري به، انهي کان پوءِ هڪڙو درجن. انهي کان پوءِ اڪيلو هڪڙو ڄڻو. اهي پاڻ ۾ ڳالهائي ڪو نه رهيا هئا پر اسان درياه مان ايندڙ شور جي ڪري انهن کي ٻڌي به ڪو نه پئي سگهياسين. اهي مٿي رستي تي نظرن کان اوجهل ٿي ويا هئا. ”پاڪدامن بيبي مريم،“ ايمو چيو. ”اهي جرمن هئا،“ پيانيءَ چيو. ”اهي آسٽريائي نه هئا.“ ”هتي انهن کي روڪڻ لاءِ ڪو شخص موجود ڇو نه آهي؟“ مون چيو. ”انهن پل کي اڏائي ڇو نه ڇڏيو آهي؟ هتي هن سرحد جي پرسان مشين گنون ڇا ڪاڻ موجود ناهن؟“ .تينينٽ، تون اسان کي ٻڌاءِ،“ بونيلو چيو. مان ڪافي ڪاوڙ ۾ هوس. ”سمورو معاملو پاڳل پڻو آهي. هيٺ انهن هڪڙي ننڍڙي پل کي اڏائي ڇڏيو. هتي انهن مکيه رستي تي هڪڙي پل کي ڇڏي ڏنو آهي. هر ڪو ڪيڏانهن ويل آهي؟ ڇا اهي انهن کي ٻنجو ڏيڻ جي ڪوشش نه ٿا ڪن؟“ ”تينينٽ، تون اسان کي ٻڌاءِ،“ بونيلو چيو. مون بس ڪئي. اهو منهنجو ڪم نه هو. جيڪو ڪجه مونکي ڪرڻو هو سو هو پورڊينونَ مان ٽي ايمبولنسون ڪاهي اچڻ. مان ان ۾ ناڪام ويو هوس. هاڻي مون کي جيڪو ڪجه به ڪرڻو هو سو هو پورڊينون تائين پهچڻ. ڪرڻ جي جيڪا ڳاله هئي سا هئي ته خاموشي اختيار ڪجي ۽ پاڻ کي گولي لڳڻ يا گرفتار ٿيڻ کان بچائجي. ”ڇا تو پاڻيءَ جي هڪڙي بوتل ۾ پييل شراب کي نه کوليو آهي؟“ مون پيانيءَ کان پڇيو. هن اها منهنجي حوالي ڪئي. مون هڪڙو ڊگهو ڍڪ پريو. ”اسان انهيءَ سان گڏوگڏ شروع ڪنداسين،“ مون چيو. ”البت اتي ڪا جلدي ناهي. ڇا توهان ڪجه ڪائڻ گهرو ٿا؟“ ”هتي ڪو رڪجڻ جو هنڌ ناهي،“ بونيلو چيو. ”ٺيڪ آهي. اسان شروع ڪنداسين.“ ڇا اسان نظرن کان

اوجهل هن پاسي کان شروع ڪيون؟“ ”اسان مٿي واري پاسي کان بهتر رهنداسين. اهي هن پل جي پرسان پڻ اچي سگهن ٿا. اسان انهن کي ڏسڻ کان پهريان پنهنجي مٿان ڏسڻ نہ ٿا چاهيون.“ ”اسان ريل جي پٽڙين واري رستي جي پرسان هلياسين. اسان جي ٻنهي پاسن کان آلو ميدان ڦهليل هو. اڳتي ميدان جي آرپار يوڊائن جو پهاڙ هو. گهرن جون ڇتيون پهاڙيءَ کان هيٺ نميل هيون. اسان اطالوي گِهنڊ ۾ گهڙيال وارو مينار ڏسي پئي سگهياسين. اتي کيتن ۾ ڪيترائي شهتوتن جا وڻ هئا. اڳيان مون هڪڙو هنڌ ڏٺو جتي ريلون ٽڪر ٽڪر ٿيل هيون. انهن جا جوڙ پڻ ٻاهر نڪتل هئا ۽ اهي هيٺ ڪناري جي پرسان ڦٽو ڪيل هئا. ”هيٺ ٿيو! هيٺ ٿيو!“ ايمو چيو. اسان ڪناري جي پرسان هيٺ ليٽي پياسين. اتي موٽر سائيڪل سوارن جو هڪڙو ٻيو گروه هو جيڪو رستي تان لنگهي رهيو هو. مون مٿي ڪناري ڏانهن نهاريو ۽ انهن کي اتان گذرندي ڏٺم. ”انهن اسان کي ڏٺو پر اهي اڳتي هليا ويا،“ ايمو چيو. ”اسان مٿي ماريا ويندا سين، تينينٽ،“ بونليو چيو. ”اهي اسان کي مارڻ نہ ٿا چاهن،“ مون چيو. ”اهي ڪنهن ٻي شيءِ جي پٺيان آهن. اسان ان مهل وڌيڪ خطري ۾ گهيرباسين جڏهن اهي اچانڪ اسان ڏانهن اچن.“ .مان بلڪ هتان هنن جي نظرن کان ٽري وڃڻ چاهيندس،“ بونيلو چيو. ”ٺيڪ آهي. اسان پٽڙين جي پرسان هلنداسين“ ”ڇا تون سمجهين ٿو تہ اسان اتان پار پئجي وينداسين؟“ ايمو پڇيو. ”يقيناً. اتي انهن منجهان ڪيترائي ڪو نہ آهن. اسان رات جي انڌيري منجهان هلنداسين.“ ”اها عملي واري ڪار ڇا ڪري رهي هئي؟“ ”حضرت عيسيٰ ڄاڻي ٿو“ مون چيو. اسان مٿي پٽڙين تي هلندا رهياسين. ڪناري جي وٽ ۾ هلندي هلندي بونيلو ٿڪجي پيو ۽ هو اسان سيني جي آخر ۾ هو. ريل جون پٽڙيون هاڻي شاهراه کان پري ڏکڻ ڏانهن هلي رهيون هيون ۽ اسان ڏسي نہ پئي سگهياسين تہ رستي جي پرسان ڇا گذري رهيو هو. هڪڙي واه جي مٿان هڪڙي ننڍڙي موريءَ کي اڏايو ويو هو پر اسان ان جي بچيل سچيل حصن تان چڙهندي آر پار ٿياسين. اسان پنهنجي پٺيان فائرنگ ٻڌي سين. اسان واه کان پرتي ريل جي پٽڙين تي مٿي چڙهي آياسين. اهي ننڍڙن کيتن جي آرپارسڌو قصبي ڏانهن وڃي رهيون هيون. اسان هڪڙي ٻي ريلوي لائين کي پنهنجي اڳيان ڏسي پئي سگهياسين. اتر ۾ مکيہ رستو هو جتي اسان موٽرسوارن کي ڏٺو هئوسين; اتي ڏکڻ ۾ ٻنين جي آرپار هڪڙو ننڍڙي شاخ وارو رستو هو جنهن جي هر پاسي کان گهاٽا وڻ بيٺل هئا. مون سوچيو اسان جي لاءِ بهتر آهي تہ اسان ڪيمپوفورميو وارن کيتن جي آرپار ۽ تيگليامينتو واري مکيہ رستي کان ٿيندا ڏکڻ واري لاڙي ڏانهن هلون ۽ انهي رستي تان قصبي جي چوگرد ڦري اچون. يُوڊائن کان پرتي ثانوي رستن کان ٿيندي اسان شڪستياب واپسي وارِي مکيہ ڌارا کان پرهيز ڪري سگهنداسين. مون ڄاتو پئي تہ اتي ميدان جي آرپار ذيلي شاخن جي جهجهائپ هئي. مون ڪناري کان هيٺ هلڻ شروع ڪيو. ”اچو“ مون چيو. اسان ذيلي رستي تي هلنداسين ۽ شهر جي ڏکڻ ڏانهن ڪم ڪنداسين. اسان سيني ڪناري جي هيٺان هلڻ شروع ڪيوسين. ذيلي رستي وٽان هڪڙو ٺڪاءُ ڇڏيو ويو. گولي ڪناري جي مٽيءَ ۾ هلي ويئي. ”پٺيءَ پر هلو“ مون دانهن ڪئي. مون مٽيءَ ۾ ترڪندي مٿي ڪناري ڏانهن هلڻ شروع ڪيو. ڊرائيور منهنجي اڳيان هئا. مون کان جيترو تيز پڄي سگهيو مان مٿي ڪناري ڏانهن ويس. گهاٽين جهاڙين

وٽان ڀ وڏيڪ نڪاو آيا ۽ ايمو جيئن ئي هو پٽڙين تان ٽپي رهيو هو ساٿو تي پيو هو ٽاڻڙجي پيو ۽ منهن ڀر هيٺ ڪري پيو. اسان ٻئي پاسي ڪان هن کي هيٺ ڇڪيوسين ۽ هن کي سڌو ڪيوسين. ”هن جو منهن مٿي پهاڙ ڏانهن هئڻ گهرجي،“ مون چيو. پياني ٔ هن کي چوگرد ڦيرايو. ”هو ڪناري جي مٿيءَ تي آهلجي ويو. هن جي پيرن جو رخ هيٺ پهاڙي ڏانهن هو. ساهه ڪڻڻ مهل رکي رکي هن جي وات مان خون وهي رهيو هو. اسان منجهان تي ڇٽا هن جي مٿان اوڪڙو تي ويٺا. هن کي ڳچيءَ جي پٺيان هلڪو ڏڪ لڳو هو ۽ گولي هن کي مٿان ڪان رهڙو ڏئي گذرندي ٻاهر هن جي اک ۾ لڳي هئي. جڏهن مان هن جي ٻن سوراخن کي روڪڻ جي ڪري رهيو هوس هو ان مهل مري ويو. پيانيءَ هن جي ڪنڌ کي هيٺ ڪيو، هنگامي صورتحال ۾ ڪم ايندڙ ڪپڙي جي ٽڪري سان، هن جي منهن کي اگهي صاف ڪيو ۽ پوءِ هن کي تنها ڇڏي ڏنو. ”د ـــــــ،“ هن چيو. ”اهي جرمن نہ هئا،“ مون چيو. ”اتي ڪو بہ جرمن تي نہ ٿو سگهي.“ ”اطالوي،“ لفظ کي هڪڙي گار طور استعمال ڪندي، پيانيءَ چيو. ”اطالياني!“ بونيلو ڪجھ نہ ڪچيو. هو ايمو جي ڀرسان ويٺو هو ۽ هن ڏانهن ڏسي نہ رهيو هو. پيانيءَ ايمو جي ٽوپي کنئي جتي اها ڪناري سان هيٺ ليٽڙجي ويئي هئي ۽ ان کي پنهنجي منهن جي مٿان ڏيئي ڇڏيو. هن پنهنجي پاڻيءَ واري بوتل ۾ وڌل شراب کي ٻاهر ڪڍيو. ”توکي هڪڙو جام کپي؟“ پيانيءَ بونيلو کي بوتل ڏني. ”نہ،“ بونيلو چيو. هن مون ڏانهن وڌائي. ”اهو اسان سان ريل جي پٽڙين تي ڪنهن بہ مهل ٿي سگهيو پئي.“ ”نہ،“ مون چيو.”اهو ان جي ڪري ٿيو ڇاڪاڻ جو اسان ڪيتن جي آرپار ٽپياسين.“ بونيلو پنهنجو ڪنڌ لوڏيو. ”ايمو مري چڪو آهي،“ هن چيو. ”هاڻي ٻيو ڪير مرندو، ٽينينٽ؟ هاڻي اسان ڪيڏانهن وڃون؟“ ”جن گولي هلائي اهي اطالوي هئا،“ مون چيو. ”اهي جرمن نہ هئا.“ ”مان سمجهان ٿو جيڪڏهن اهي جرمن هجن ها تہ اهي اسان سڀنيءَ کي ماري ڇڏين ها،“ بونيلو چيو. ”اسان جرمن کان وڌيڪ اطالوين جي خطري ۾ آهيون،“ مون چيو. ”عقبي مقام سنڀاليندڙ محافظ هر هڪ شيءِ کان ڊنل آهن. جرمن ڄاڻن ٿا تہ اهي ڪنهن جي پٺيان آهن.“ ”تو ان جو دليل ڏئي ڇڏيو، ٽينينٽ،“ بونيلو چيو. ”هاڻي اسان ڪيڏانهن ويندا سين؟“ پيانيءَ پڇيو. ”اسان لاءِ بهتر آهي تہ اسان ڪنهن هنڌ تي لڪي وڃون جيستائين رات نہ ٿئي. جيڪڏهن اسان ڏکڻ ڏانهن پهچي سگهياسين تہ اسان ٺيڪ رهنداسين.“ ”انهن کي اسان سڀنيءَ کي ماري ڇڏڻو آهي اهو ثابت ڪرڻ جي لاءِ تہ اهي شروعاتي وقت کان درست هئا،“ بونيلو چيو. ”مان هنن کي اهڙي قسم جي ڪوشش ڪرڻ نہ ڏيندس.“ ”اسان يوڊائن کي جيترو ويجهو ٿي سگهي هڪڙو هنڌ ڳولهي لهنداسين ۽ پوءِ انهي درميان جڏهن رات ٿيندي اتان گذرنداسين. ”تہ پوءِ اچو تہ هلون،“ بونيلو چيو. اسان ڪناري جي اتر طرف ڏانهن وياسين. مون پوئتي نهاريو. ايمو مٿيءَ ۾ ڪناري جي پاسي کان پيو هو. هو ڪافي ننڍو هو ۽ هن جون ٻانهون هن جي پاسن کان هيون، چمڙاون جورابن ۾ ويڙهجي ويل هن جون ڄنگهون ۽ مٿيءَ هاڻا جوتا لڱلو لڳ هئا، هن جي ٽوپي هن جي چهري جي مٿان هئي. هو مڪمل طور تي مئل لڳي رهيو هو. اتي برسات پئجي رهي هئي. مان هن سان ايترو پيار ڪندو هوس جيترو شايد ئي مان ڪنهن سان ڪندي ڄاڻيندو هجان. مون وٽ منهنجي کيسي ۾ هن جا ڪاغذ پيل هئا ۽ اهي هن جي خاندان ڏانهن لکي موڪلڻا هئا. اتي هن جي چوگرد وڻ هئا ۽ ڪيتن

جون عمارتون گهرن جي برعڪس هيون اتي ٻي منزل جي پرسان هڪڙو ڇڄو هو جيڪو ٿنڀن جي سهاري بيٺل هو. "بهتر آهي ته اسان هڪٻئي کان ٿورو الڳ ٿيون،" مون چيو. مان اڳتي وڌندس." مون کيٽ واري گهر ڏانهن وڃڻ شروع ڪيو. اتي ٻنيءَ جي آرپار هڪڙو رستو هو. ٻنيءَ کان گذرنديءَ مون نه پئي ڄاتو سواءِ ان جي ته ٻنيءَ واري گهر جي پرسان وارن وڻن مان يا ٻنيءَ واري انهي گهر منجهان ئي ڪو نه ڪو اسان ڏانهن فائرنگ ڪندو. مان اوڏانهن هلڻ لڳس. ان کي صفا چٽيءَ طرح ڏسي پئي سگهيس. ٻي منزل وارو ڇڄو گودام سان ڳنڍيل هو اتان ٿنڀن مان ٻُوسو وهي رهيو هو. پٿرن جي بلاڪن وارو احاطو ۽ سمورا وڻ مينهن ۾ ٽمي رهيا هئا. اتي هڪڙي ٻن ڦيٿن واري خالي گاڏي بيٺل هئي، ان جي سِرائي اڳياڙيءَ ۾ مٿان کان اوچائي تي ٻڌل هئي. مان احاطي ڏانهن آيس، ان مان پار پيس، ۽ هيٺ ڇڄي جي پناه ۾ بيهي رهيس. گهر جو دروازو کليل هو ۽ مان ان ۾ اندر گهڙي ويس. بونيلو ۽ پياني مون کان بعد ان ۾ گهڙي آيا. اتي اندريان اونداه هئي. مان واپس رڌڻي ڏانهن هليو ويس. اتي هڪڙي وڏي کليل آتشدان تي باه جي خاڪ پيل هئي. ٿانو خاڪ جي مٿان ٽنگيل هئا، پر اهي خالي هئا. مون آسپاس نظر ڊوڙائي پر مون کي کائڻ جي لاءِ ڪا به شيءِ نظر ڪو نه آئي. "اسان کي مٿي گودام ۾ ليٽي پوڻ گهرجي،" مون چيو. "پياني، ڇا تون سمجهين ٿو ته تون کائڻ جي لاءِ ڪا شيءِ ڳولهي لهي سگهين ٿو ۽ ان کي مٿي کڻي اچ؟" "مان ڏسندس،" پيانيءَ چيو. "مان به ڏسندس،" بونيلو چيو. "ٺيڪ آهي،" مون چيو. "مان مٿي ويندس ۽ گودام ڏانهن ڏسندس." مون پٿر جي هڪڙي ڏاڪڻ ڏٺي جيڪا اسطبل جي هيٺان کان مٿي پي ويئي. اسطبل جي اڳياڙيءَ کان خشڪ ۽ خوشگوار محسوس ٿي رهيو هو. سمورو چوپايو مال هليو ويو هو غالباً جڏهن انهن ان کي خالي ڪيو هو اهي ان کي پاڻ سان ڪاهي ويا هئا. گودام اڌ جيترو ٻُوسي سان ڀريل هو. اتي ڇت ۾ ٻه ڪڙڪيون هيون، هڪڙي تختين سان بند ڪيل هئي ٻي اتر واري پاسي سان ڇت سان ڍڪيل هئي. اتي هڪڙو ڍلوان هو شايد ان جي لاءِ ته جيئن ٻُوسي کي هيٺ چوپائي مال تائين ڪيرايو وڃي. مکيه فرش جي هيٺيان وارن شگافن مان روشنيءَ جا ڪرڻا آرپار ٿي رهيا هئا جتي بوسي وارين گاڏين کي بوسي سان ڀري مٿي آندو ويندو هو. مون ڇت تي مينهن جي وسڻ جي آواز کي ٻڌو ۽ گاه کي محسوس ڪيو ۽ جڏهن مان هيٺ ويس، مون کي سڪل ڇيڻن جي صاف بوءِ محسوس ٿي. اسان هڪڙي تختيءَ کي بيرم جي مدد سان ڍرو ڪري پئي سگهياسين ۽ هيٺ احاطي ۾ ڏاڪڻي ڪڙڪيءَ کان ٻاهر ڏسي پئي سگهياسين. ٻي ڪڙڪي اتر ڏي ٻاهر ٻنين واري پاسي ڏانهن کلي رهي هئي. اسان ڇت جي مٿان ۽ هيٺان کان ڪنهن به هڪڙي دريءَ کان ٻاهر نڪري پئي سگهياسين، يا جيڪڏهن ڏاڪڻيون ناقابلِ عمل هيون ته اسان بوسي جي ڍلوان جي هيٺان وڃي پئي سگهياسين. اهو هڪڙو وڏو گودام هو ۽ جيڪڏهن اسان کي ڪنهن جي اچڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ اچي وڃي ته ان صورت ۾ اسان بوسي ۾ لڪي پئي سگهياسين. اهو ڪنهن پلي هنڌ جهڙو پئي لڳو. مون کي يقين هو ته جيڪڏهن انهن اسان تي گولي نه هلائي ته اسان سڌو ڏکڻ ڏانهن نڪري سگهنداسين. اهو ناممڪن هو ته اتي جرمن هجن. اهي اتر کان اچي رهيا هئا سِويڊول کان هيٺان واري رستي کان. اهي ڏکڻ کان نه پئي اچي سگهيا. اطالوي ته اڃا وڌيڪ خطرناڪ هئا. اهي خوف ۾ ورتل هئا ۽ انهن هر انهيءَ شيءِ تي

گولي پئي هلائي جيڪا هنن جي نظر ۾ تي آئي. شڪست کان پوءِ واري گذري ويل رات جي وقت اسان ٻڌو هوسين تہ اتي اطالوي وردين ۾ ڪيترائي جرمن اتر ۾ ياچ ڪاڏل ماڻهن ۾ شامل ٿي ويا هئا. مون کي ان تي يقين نہ پئي آيو. اها انهن ڳالهين منجهان هڪڙي ڳاله هئي جيڪا اڪثر طور تي جنگ ۾ توهان کي ٻڌڻ ۾ ايندي آهي. اها انهن شين منجهان هڪ هئي جيڪا دشمن اڪثر توهان سان ڪندو آهي. اهو منجهائڻ جي لاءِ دشمن جي طرفان هلايل شوشو هو ڇاڪاڻ جو توهان کي خبر ئي ڪا نہ ٿي پئي تہ جرمنورديءَ ۾ توهان سان ڪير ساڻ هو. مون کي ان تي يقين نہ پئي آيو تہ جرمنن ايئين ڪيو هوندو. مون ان تي يقين نہ پئي ڪيو تہ انهن کي ايئين ڪرڻ جي ڪا گهرج هجي. اتي اسان جي ياچ کي منجهائڻ جي لاءِ اهڙو ڪجه ڪرڻ جي ڪا بہ ضرورت ڪو نہ هئي. اهو سڀ ڪجه فوج جي اقامت ۾ رستن جي اٽاٽ جي ڪري ٿيو هو. جرمنن کي اڪيلو ڇڏي ڏيڻ جو ڪنهن بہ حڪم جاري ڪو نہ ڪيو هو. پوءِ بہ اهي اسان کي جرمن سمجهي ماري رهيا هئا. انهن ايمو کي گولي هنئي هئي. بوسي مان سئي بوءِ اچي رهي هئي ۽ هڪڙي گودام ۾ پيل بوسي ۾ آهلجڻ درميان وارن سمورن سالن کي پرتي ڪري ڇڏيو. اسان بوسي تي آهليا پيا هئاسين ۽ پاڻ ۾ ڳالهائي رهيا هئاسين ۽ هڪڙي هوائي رائيفل سان ان مهل ماريل جهرڪيون جڏهن اهي هڪڙي ٽڪنڊي وٽان پنهنجي واهيرن مٿان ويهي رهيون هيون مٿي گودام جي ديوار واري اوچائيءَ ۾ ڳيا ڳيا ٿيل هيون. هاڻي اهو گودام نہ رهيو هو ۽ هڪڙي سال تائين شايد انهن سدا بهار وڻن کي ڪٽيو هو اتي فقط ڪانيون پيون هيون، وڻن جون سڪل چوٽيون، تاريون ۽ ٻارڻ جون ڪانيون ۽ اگن ٻوٽي جتي ان جو جهنگ موجود هو. توهان واپس وڃي نہ ٿا سگهو. جيڪڏهن توهان اڳتي وڃي نہ ٿا سگهو تہ پوءِ ڇا ٿيندو؟ توهان ڪڏهن بہ ملان ڏانهن واپس نہ ٿا وڃي سگهو. ۽ جيڪڏهن توهان ملان ڏانهن واپس وڃي سگهندا تہ پوءِ ڇا ٿيندو؟ مون اتر ۾ يوڊائن واري پاسي کان فائرنگ جو آواز ٻڌو. مان گهڻ مشينن کي فائرنگ ڪندي ٻڌي پئي سگهيس. اتي ڪا بہ گوليباري ڪو نہ ٿي رهي هئي. اتي ڪا شيءِ هئي. انهن اتي رستي تي ڪجه جٿا بيهاري ڇڏيا آهن. مون بوسي واري گودام جي اڌيڪي روشنيءَ هيٺ نهاريو ۽ مون پيانيءَ کي لهواري فرش تي بيٺل ڏٺو. هن کي هڪڙو ڊگهو قيمي جو رول هو ڪنهن شيءِ واري هڪڙي صراحي ۽ هن جي ٻانهن جي هيٺان شراب جون بہ بوتلون. ”مٿي اچ،“ مون چيو. ”اتي ڏاڪڻ آهي.“ پوءِ مون محسوس ڪيو تہ مون کي شيون ڪٽائڻ ۾ هن جي مدد ڪرڻ گهرجي ۽ هيٺ لهي ويس. بوسي تي ليٽڻ جي ڪري منهنجو مٿو ڏنڌلو ٿي ويو هو. مونکي زري گهٽ ننڊ اچي ويئي هئي. ”بونيلو ڪٿي آهي؟“ مون پڇيو. ”مان توکي ٻڌائيندس،“ پيانيءَ چيو. اسان ڏاڪڻ جي مٿان چڙهي وياسين. بوسي جي مٿان اسان شين کي ٺاهي رکيوسين. پيانيءَ ڍڪڻ واري اسڪرو سان گڏ پنهنجو چاقو ٻاهر ڪڍيو ۽ شراب جي هڪڙي ڍڪڻي کي ڇڪ ڏني. ”انهن تي مهرن جي ميڻ لڳل آهي،“ هن چيو. ”اهي لازماً ڀلا هئڻ گهرجن.“ هن مسڪرايو. ”بونيلو ڪٿي آهي؟“ مون پڇيو. پيانيءَ مون ڏانهن نهاريو. ”ٽينينٽ، هو هليو ويو“ هن چيو. ”هن باندي بڻجڻ پئي چاهيو.“ مان ڪجه بہ نہ ڪڇيس. ”هن کي خوف هو تہ اسان ماريا وينداسين.“ مون شراب جي بوتل کي پڪڙي رکيو ۽ ڪجه نہ ڪڇيم. ”توکي تہ خبر آهي نہ تہ اسان بحرحال جنگ کي تسليم نہ ٿا

ڪيون، تينينٽ.“ ”تون ڇو نہ ٿو وڃين؟“ مون پڇيو. ”مان توکي ڇڏڻ نہ ٿو چاهيان.“ ”هو ڪيڏانهن ويو؟“ ”مان نہ ٿو ڄاڻان، تينينٽ. هو بس هليو ويو.“ ”ٺيڪ آهي،“ مون چيو. ”ڇا تون قيمي واري رول کي ڪٽيندين؟“ پياني، مون ڏانهن اڏيڪي روشنيءَ ۾ نهاريو. ”مان ان کي پاڻ ۾ ڳالهائڻ دوران ڪٽيان ٿو“ هن چيو. اسان بوسي ۾ ويهي رهياسين ۽ قيمي واري رول کي ڪاڏوسين ۽ شراب پيتوسين. اهو شراب لازماً انهن ڪنهن شاديءَ جي موقعي لاءِ بچائي رکيو هوندو. اهو ايترو تہ پراڻو هو جو اهو پنهنجو رنگ مٽائي رهيو هو. .تون هن ڪڙڪيءَ کان ٻاهريان نهار،“ مون چيو. ”مان وڃي ڪري ٻي دريءَ کان نهاريان ٿو.“ اسان ٻئي هڪڙي بوتل مان پي رهيا هئاسين ۽ مون پنهنجي بوتل پاڻ سان کنئي ۽ مٿي هليو ويس ۽ بوسي تي سڌو ٿي ويهي رهيس ۽ سوڙهي دريءَ کان ٻاهر گهميل کيت ڏانهن نهاريم. مون نہ ٿي ڄاتو تہ مان ڇا کي ڏسڻ جي اميد لڳايون ويٺو هوس پر مان سواءِ کيتن جي ۽ شهتونن جي ٻي لباس وڻن ۽ وسندڙ مينهن جي ٻيو ڪجھ بہ ڏسي ڪو نہ سگهيس. مون شراب کي ڳيتيو ۽ ان سان مون کي ڪو قرار نہ مليو. انهن ان کي گهڻي وقت تائين رکي ڇڏيو هو ۽ اهو ٽُڪر ٽُڪر ٿي ويو هو ۽ ان جو معيار ۽ رنگ مٽجي ويو هو. مون ٻاهر اونداه کي ڇائجندي ڏٺو. اونداهي جلدي جلدي اچي ويئي. اها برسات سان گڏ هڪڙي تاريڪ رات ٿيڻ واري هئي. جڏهن اتي اونداهي ڇائنجي ويئي ان ڏانهن وڏيڪ لاءِ نهارڻ ڪنهن ڪم جو ڪو نہ هو. تنهن ڪري مان پيانيءَ ڏانهن هليو ويس. هو ننڊ پئجي ويو هو مون هن کي ڪو نہ جاڳايو پر ٿوريءَ گهڙيءَ جي لاءِ هن جي ڀرسان ويهي رهيس. هو ٿلهو متارو مڙس هو ۽ هو بد پرهيزيءَ وچان سمهي رهيو هو. ٿوريءَ دير کان پوءِ مون هن کي اٿاريو ۽ اسان هلڻ لڳاسين. اها هڪڙي عجيب رات هئي. مان نہ ٿو ڄاڻان تہ مون ڪهڙي توقع پئي رکي، شايد موت ۽ رات جي وقت ۾ گوليون وسڻ ۽ ڊوڙڻ جي، پر ڪجھ بہ ڪو نہ ٿيو. اسان خندق کان پرتي مکيہ رستي جي ڀرسان انتظار ڪرڻ لڳاسين. جڏهن جرمن بٽالين گذري رهي هئي پوءِ جڏهن اهي تپي ويا اسان رستو پار ڪيوسين ۽ اتر ڏانهن هليا وياسين. اسان منهن ۾ بہ پيرا جرمنن جي ويجهو ٿياسين پر انهن اسان کي ڪو نہ ڏٺو. اسان ڪنهن بہ اطالويءَ کي ڏسڻ جي بنا اتر کان قصبي وٽان گذري وياسين. پوءِ ٿوريءَ دير کان پوءِ پاڃ وارين مکيہ ڊارائن تي پهتاسين ۽ سموري رات تيگلياميننٽو ڏانهن هلندا رهياسين. مون محسوس نہ ڪيو هو تہ پاڃ ڪيتري نہ ديوقامت هئي. سمورو ملڪ هلي رهيو هو. ساڳيءَ طرح فوج پڻ. اسان سڄي رات هلندا رهياسين. گاڏين کان وڏيڪ بهتر وقت ڪاٽي آياسين. منهنجي جنگه ڏُکي رهي هئي ۽ مان ٽڪل هوس پر اسان سنو وقت ٺاريوسين. بونيلو لاءِ اهو ڪافي احمقاڻو لڳي رهيو هو جو هن قيدي ٿيڻ جو فيصلو ڪيو هو. اتي ڪو بہ خطرو ڪو نہ هو. اسان بنا ڪنهن حادثي جي ٻن فوجن جي درميان هلياسين. جيڪڏهن ايمو مارجي نہ وڃي ها تہ اتي ڪڏهن بہ ڪو خطرو نہ ٿئي ها. جڏهن اسان ريل جي رستي جي ڀرسان چٽيءَ روشنيءَ ۾ هئاسين اسان کي ڪنهن بہ ڪا اذيت ڪا نہ ڏني. موت اچانڪ پئي آيو ۽ اهو بلاجواز هو. مون کي حيرانگي ٿي رهي هئي تہ بونيلو ڪيڏانهن هليو ويو هو. ”تينينٽ، تون ڪيئن پيو محسوس ڪرين؟“ پيانيءَ پڇيو. اسان گاڏين ۽ جٿن سان پرهجوم هڪڙي رستي جي پاسي کان هلي رهيا هئاسين. ”ٺيڪ.“ ”مان هلڻ کان هلاک ٿي پيو آهيان.“

”ٺيڪ، اسان سڀني کي جيڪو ڪجه بہ ڪرڻو آهي سو آهي تہ هاڻي هلجي. اسان کي ڪا بہ پريشاني نہ ڪرڻ گهرجي.“ ”بونيلو هڪڙو احمق هو.“ ”هو هڪڙو احمق هو نيڪ آ نہ.“ ” ٽينينٽ، تون هن جي باري ۾ ڇا ڪندين؟“ ”مان نہ ٿو ڄاڻان.“ ”تون ڄاڻين ٿو تہ جيڪڏهن جنگ جاري رهي تہ اهي هن جي خاندان جي لاءِ گنديون مشڪلاتون ڪڙيون ڪندا.“ ”جنگ جاري نہ رهندي،“ هڪڙي سپاهيءَ چيو. ”اسان گهر ڏانهن وڃي رهيا آهيون.“ ”جنگ ختم ٿي ويئي.“ ”هرڪو گهر ڏانهن وڃي رهيو آهي.“ ”اسان سڀ گهر ڏانهن هلي رهيا آهيون.“ ”ٽينينٽ، اچ،“ پياڻيءَ چيو. هن انهن کان ٽارو ڪرڻ پئي چاهيو. ”ٽينينٽ؟ ڪير هڪڙو ٽينينٽ آهي. اي باسو گِلي اُفائيشِلي! (A basso gli ufficiali! اطالوي - گهٽ درجي وارو آفيسر - مترجم) ”آفيسر مرده باد!“ پياڻيءَ مون کي ٻانهن کان پڪڙيو. ”بهتر آهي تہ مان توکي تنهنجي نالي سان پڪاريان“ هن چيو. ”اهي مشڪلات پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪري سگهن ٿا. انهن ڪجه آفيسرن کي گوليون هنيون آهن.“ ”اسان انهن کان اڳ هنيوسين. ”مان ڪا بہ اهڙي رپورٽ نہ ٿاهيندس جنهن سان هن جي خاندان کي ڪا تڪليف پهچي.“ مان پنهنجي گفتگوءَ کي جاري رکندي اڳتي وڌندو رهيس. ”جيڪڏهن جنگ ختم ٿي ويئي آهي تہ ان سان ڪو بہ فرق ڪو نہ پوندو،“ پياڻيءَ چيو. ”پر مان نہ ٿو مڃان تہ ڪو اها ختم ٿي ويئي آهي.“ ”اسان کي جلدي خبر پئجي ويندي،“ مون چيو. ”مان نہ ٿو سمجهان تہ اها پوري ٿي ويئي آهي. سڀ اهو سمجهن ٿا تہ اها ختم ٿي ويئي آهي پر مان يقين نہ ٿو ڪيان.“ ”وِيوا لا پيس! (Viva la Pace ــ اطالوي - امن زنده آباد ــ مترجم) هڪڙي سپاهيءَ رڙ ڪندي چيو. ”اسان گهر ڏانهن وڃي رهيا آهيون!“ ”جيڪڏهن اسان سڀيئي گهر هليا وڃون اهو بهتر رهندو،“ پياڻيءَ چيو. ”ڇا تون گهر ڏانهن وڃڻ پسند ڪو نہ ڪندين؟“ ”ها.“ ”اسان ڪڏهن بہ ڪو نہ هلنداسين. مان نہ ٿو سمجهان تہ اها ختم ٿي ويئي.“ ”اينڊِيا مو اي ڪاسا!“ (Andiamo a casa! اطالوي ــ اچو گهر هلون!) ”اهي پنهنجون رائفلون اڇلائي رهيا آهن،“ پياڻيءَ چيو. ”اهي انهن کي هيٺ مٿي اڇلائي رهيا آهن جڏهن اهي مارچ ڪري رهيا آهن. انهي کان پوءِ اهي رڙيون ڪري رهيا آهن.“ ”انهن کي گهرجي تہ اهي پنهنجون رائفلون سنڀاري رکن.“ ”اهي سمجهن ٿا تہ جيڪڏهن اهي پنهنجون رائيفلون اڇلائي ڇڏيندا تہ انهي سان هو انهن کي وڙهڻ کان بس ڪرائي ڇڏيندا.“ رات ۾ ۽ برسات ۾، رستي جي پاسي کان هلندي مان ڏسي پئي سگهيس تہ ڪيترن ئي جٿن کي اڃا تائين پنهنجون رائيفلون هيون. انهن ٿوپين وٽان ڦاسائي رکيون هنيون. ”توهان ڪهڙي برگيڊ مان آهيو؟“ هڪڙي آفيسر سڏ ڪيو. ”برگيٽا ڊِي پيس ــ امن واري برگيڊ،“ ڪنهن دانهن ڪئي. ”امن جي برگيڊ!“ آفيسر ڪجه بہ نہ ڪڇيو. ”هو ڇا ٿو چوي؟ آفيسر ڇا ٿو چوي؟“ ”آفيسر مرده باد. امن زنده باد!“ ”اچ،“ پياڻيءَ چيو. اسان ٻن برطانوي ايمبولنسن وٽان متياسين، جيڪي گاڏين جي رڪاوٽ ۾ ڦٿو ڪيون ويون هيون. ”اهي گوريزيا جون آهن،“ پياڻيءَ چيو. ”مان ڪارين کي سڃاڻان ٿو.“ اهي اسان کان اڳ ۾ روانا ٿيا هئا.“ ”اهي سوير پرو هليا هئا.“ ”مون کي حيرانگي ٿي رهي آهي تہ ڊرائيور آهن ڪٿي؟“ ”غالباً مٿي اڳتي.“ ”جرمن يُوڊائن جي ٻاهريان رڪيا آهن،“ مون چيو. ”اهي سمورا ماڻهو درياه پار پوندا.“ ”ها،“ پياڻيءَ چيو. ”انهي جي ڪري مان سمجهان ٿو تہ جنگ جاري رهندي.“ ”جرمن اچي سگهن ٿا،“ مون

چيو. " "مونکي حيرت آهي تہ اهي اڃا چو نہ رهيا آهن." "مان نہ ٿو ڄاڻان. مان هن قسم جي جنگ جي باري ۾ نہ ٿو ڄاڻان." "مان سمجهان ٿو تہ انهن کي پنهنجي سوارين جو انتظار آهي." "مان نہ ٿو ڄاڻان." پيانيءَ چيو. اڪيلو هئڻ مهل هو ڪافي شائستہ هو. جڏهن هو ٻين سان گڏ هو هو ڪافي تند و تيز ڳالهائي رهيو هو. "لوئيگي، ڇا تون شادي شده آهين؟" "توکي خبر آهي تہ مان شادي شده آهيان." "ڇا ان جي ڪري تو قيدي بڻجڻ نہ پئي چاهيو؟" "اهو هڪڙو سبب آهي." "تينينٽ، ڇا تون شادي شده آهين؟" "نہ." "نہ ئي وري بونيلو." "تون ڪنهن شادي شده ماڻهوءَ پاران ڪجه بہ نہ ٿو ٻڌائي سگهين. پر مونکي سمجهڻ گهرجي تہ هڪڙو شادي شده شخص پنهنجي گهر واريءَ ڏانهن واپس وڃڻ چاهيندو" مون چيو. مان زالن جي باري ۾ ڳالهائڻ ۾ خوشي محسوس ڪندس. "ها." "تنهنجا پير ڪيئن آهن؟" "اهي ڪافي دکي رهيا آهن." سج لهڻ کان ٿورو پهريان اسان تيگليامينتو جي ڪناري کي پهتاسين ۽ هيٺ سيلاب زده درياه جي پرسان پل جو تعاقب ڪيوسين جتان سموري نقل وحمل پار ٿي رهي هئي. "انهن کي هن درياه وٽ تاخير ڪرڻ جي قابل ٿيڻ گهرجي." پيانيءَ چيو. اونداهيءَ ۾ سيلاب اوچو نظر اچي رهيو هو. پاڻيءَ ۾ ڪُن هئا ۽ اهو ڪشادو هو. ڪاٺ واري پل لڳ ڀڳ هڪڙي ميل جي ٽئين حصي جي دوريءَ تي هئي، ۽ درياه، جيڪو اڪثر ويڪري پٿرائين تري جي تنگ آبي رستن ۾ پل کان گهڻو هيٺ وهندو هو. ڪاٺ جي تختن سان لڳو لڳ هو. اسان ڪناري جي پرسان وياسين ۽ پوءِ اسان پل کي پار ڪندڙ هجوم وچان پنهنجو رستو ڪڍيوسين. ٻوڏ کان ڪجه فٽن جي مفاصلي تي برسات ۾ آرام سان هلندي، هجوم ۾ وڏي زور آزمائي ڪئي سين، پيادل فوجي دستي جي صندوق بلڪل اڳيان هئي، مون پاسي کان درياه کي ڏٺو. هاڻي ڄاڻڻ جو اسان پنهنجي رفتار جاري نہ پئي رکي سگهياسين مون پاڻ کي ڪافي ساڻو محسوس ڪيو. پل پار ڪرڻ ۾ ڪا فرحت ڪو نہ هئي. مون کي تعجب پئي ٿيو تہ جيڪڏهن ڪو جهاز ان تي ڏينهن جو بم ڦٽو ڪري تہ اهو ڪيئن لڳندو." "پياني،" مون چيو. "تينينٽ، مان هتي آهيان." "هو ڀُت ۾ ٿورو اڳيان هو. ڪو بہ ڳالهائي ڪو نہ رهيو هو. اهي سڀ جيترو جلدي ٿي سگهي پار پوڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا: صرف انهي جي باري ۾ سوچي رهيا هئا. پل جي صفا آخر ۾ اتي آفيسر ۽ ڪيرابنيري بيٺل هئا جيڪي روشنين جا چمڪاٽ ڪري رهيا هئا. مون انهن کي خطِ فلڪيءَ جي برعڪس واري خاڪي ۾ ڏٺو. اسان جيئن ئي انهن جي ويجهو پهتاسين مون هڪڙي آفيسر کي قطار ڏانهن هڪڙي ماڻهوءَ ڏانهن نشاندهي ڪندي ڏٺو. هڪڙو ڪيرابنيري هن جي پويان ويو ۽ ان ماڻهوءَ کي ٻانهن کان جهليندي ٻاهر نڪري آيو. هن ان کي رستي کان پري بيهاري ڇڏيو. اسان لڳ ڀڳ انهن جي پنيان اچي رهيا هئاسين. آفيسر قطار ۾ موجود هر ماڻهوءَ کي چڪاسي رهيا هئا، ڪنهن ڪنهن مهل هڪٻئي سان مخاطب ٿيندي، اڳتي ويندي ڪنهن شخص جي منهن ۾ روشني هڻندي. انهن ڪنهن ٻئي کي انهي مهل ٻاهر ڪڍيو جڏهن اسان ان جي بلڪل پنيان هئاسين. مون انهي ماڻهوءَ کي ڏٺو. هو ليفٽيننٽ ڪولونيل هو. جيئن ئي انهن هن تي روشنيءَ جو تجلو وڌو مون هن جي ٻانهن تي پيتيءَ ۾ ستارا ڏٺا. هن جا وار پورا هئا ۽ هو ننڍڙو ۽ زبرو هو. ڪيرابنيري آفيسرن هن کي قطار جي پويان ڇڪيو. جيئن ئي اسان پنيان کان آياسين مون انهن

مان هڪ يا ٻن ڄڻن کي پاڻ ڏانهن ڏسندي ڏٺو. هڪڙي مون ڏانهن اشارو ڪيو ۽ هڪڙي ڪيرابنيريءَ سان مخاطب ٿيو. مون ڪيرابنيريءَ کي پاڻ ڏانهن ايندي ڏٺو هو قطار جي ڪناري کان سڌو سنئون مون ڏانهن اچي رهيو هو. انهي کان پوءِ مون هن کي منهنجي گلي بند کان جهليندي محسوس ڪيو. ”توسان ڪهڙو مسئلو آهي؟“ مون چيو ۽ هن کي منهن ۾ ڌڪ هنيم. مون هن جي ڇهري کي ٽوپيءَ جي هيٺان ڏٺو مٿي وريل مڇون ۽ هن جي ڳلن مان وهندڙ خون. هڪڙو ٻيو ڄڻو اسان ڏانهن ڪاهي پيو. ”توسان ڇا مسئلو آهي؟“ مون چيو. هن ڪو به جواب ڪو نه ڏنو. هو مونکي پڪڙڻ جي موقعي لاءِ واجهائي رهيو هو. مون پنهنجي پستول کي ڍرو ڪرڻ جي لاءِ پنهنجي ٻانهن کي پوئتي ورايو. ”ڇا تون نه ٿو ڄاڻين ته تون هڪڙي آفيسر کي هٿ لائي نه ٿو سگهين؟“ هڪڙي ٻئي مون کي پويان کان جهلي ورتو ۽ منهنجي ٻانهن کي اهڙو ته مروڙو ڏنو جو اها ڪانڇي کان ٻاهر مڙي ويئي. مان هن سان گڏ مڙي ويس ۽ ٻئي ڄڻي مون کي ڳچيءَ کان جهليو. مون هن کي پنين ۾ لت وهائي ڪڍي ۽ مون پنهنجي ساڄي گوڏي کي هن جي سٿر تي وهائي ڪڍيو. ”جيڪڏهن هو مزاحمت ڪري ته هن کي گولي هڻي ڇڏيو“ مون ڪنهن کي چوندي ٻڌو. ”انهي جو مطلب ڇا آهي؟“ مون رڙ ڪرڻ چاهي پئي پر منهنجو آواز ايترو اوچو ڪو نه هو. هاڻي انهن مون کي رستي جي پاسي کان بيهاري ڇڏيو. ”جيڪڏهن هو مزاحمت ڪري ته هن کي ماري ڇڏيو“ هڪڙي آفيسر چيو. ”هن کي پٺيءَ کان پڪڙي بيهو.“ ”تون ڪير آهين؟“ ”توکي خبر پئجي ويندي.“ ”تون ڪير آهين؟“ ”جنگي پوليس.“ هڪڙي ٻئي آفيسر چيو. ”توهان مون کي هڪڙي پاسي ٿيڻ جي لاءِ چو نه ٿا چئو بجاءِ جو هي هوائي جهاز مونکي پڪڙي بيهن؟“ انهن ڪو به جواب ڪو نه ڏنو. انهن کي جواب نه ڏيڻو هو. اهي جنگي پوليس وارا هئا. ”هن کي اتي ٻين سان گڏائي بيهاريو“ پهرين آفيسر چيو. ”توهان ڏسو ٿا ته هو اطالوي پوري لهجي ۾ ڳالهائي رهيو آهي.“ ته پوءِ توهان، توهان ـــ“ مون چيو. ”هن کي ٻين کان پري ڪيو“ پهرين آفيسر چيو. انهن مونکي رستي جي هيٺان درياه جي پرسان هيٺ آفيسرن جي قطار ۾ ماڻهن جي هڪڙي گروه ۾ ڇڏيو. جيئن اسان انهن ڏانهن هلڻ لڳاسين گوليون هلايون ويون. مون رائيفلن جا تجلا ۽ وضاحتون ٻڌيون. اسان گروه ڏانهن آياسين. اتي چار آفيسر گڏوگڏ بيٺل هئا، جنهن جي اڳيان هڪڙو شخص بيٺو هو جنهن جي هر پاسي کان هڪڙو ڪيرابنيري بيٺو هو. ماڻهن جو هڪڙو گروه ڪيرابنيرين جي حفاظت ۾ بيٺو هو. ٻيا چار ڪيرابنيري سوال جواب ڪندڙ آفيسرن جي پرسان بيٺا هئا، جيڪي پنهنجي ننڍڙي گهنڊ مِشن کي ٽيڪ ڏيو بيٺا هئا. اهي وڏين ٽوپين وارا ڪيرابنيري هئا ٻه ڄڻا جيڪي مونکي وٺي آيا هئا انهن مونکي ان گروه ڏانهن ڌڪو ڏنو جتي مونکي سوالن جوابن جي انتظار لاءِ ڇڏيو ويو. مون انهن ماڻهن ڏانهن نهاريو جن کان آفيسر سوال جواب ڪري رهيا هئا. اهو سرمئي وارن وارو ننڍڙو ليفٽيننٽ ڪولونيل هو جنهن کي انهن قطار مان ڇڪي ٻاهر ڪيو هو. سوال جواب ڪندڙن وٽ سموري قابليت هئي، سرد مهري ۽ پاڻ تي دسترست انهن اطالوين تي جيڪي فائرنگ ڪري رهيا هئا ۽ جن ڪا به فائرنگ ڪو نه پئي ڪئي. ”تنهنجي برگيڊ؟“ هن انهن کي ٻڌايو. ”ريجمينٽ؟“ هن انهن کي ٻڌايو. ”تون پنهنجي ريجمينٽ سان گڏ ڇو نه آهين؟“ هن انهن کي ٻڌايو. ”توکي خبر ناهي ته

هڪڙي آفيسر کي پنهنجي فوجي دستن سان گڏ هئڻ گهرجي؟“ هن هائوڪار ڪئي. اهو سڀ ختم ٿي ويو. هڪڙي ٻئي آفيسر ڳالهايو. ”اهو تون ۽ تو جهڙن ٻين ماڻهن جي سبب ٿي آهي جنهن جي ڪري اسان جي مقدس اباڻي ڌرتيءَ تي وحشي ڪاهي آيا آهن.“ ”مان توهان کان معافيءَ جو طلبگار آهيان،“ ليفٽيننٽ ڪرنل چيو. ”توهان جهڙن جي دغابازي جي نتيجي ۾ اسان سوڀ جي ميوي کان محروم رهيا آهيون.“ ”ڇا توهان ڪڏهن ڪنهن ڀاڄ ۾ شامل رهيا آهيو؟“ ليفٽيننٽ ڪرنل پڇيو. ”اٽليءَ کي ڪڏهن به پوئتي هٽڻ نه گهرجي.“ اسان اتي برسات ۾ بيٺا هئاسين ۽ انهي کي ٻڌي رهيا هئاسين. اسان آفيسرن ڏانهن منهن ڪيو بيٺا هئاسين ۽ باندي اڳيان بيٺو هو ۽ هڪڙو هلڪي قد وارو اسان جي هڪڙي پاسي کان. ”جيڪڏهن توهان مونکي مارڻ ٿي چاهيو ٿا،“ ليفٽيننٽ ڪرنل چيو ”مهرباني ڪري مون کان وڌيڪ آڏي پڇا ڪرڻ بنا ماري ڇڏيو. سوال احمقاڻو آهي.“ هن صليب جو نشان ناهيو. آفيسرن پاڻ ۾ ڳالهايو. هڪڙي چٽي پنن جي پيڊ تي ڪجھ لکيو. ”پنهنجي فوجي دستن کي ڇڏي ڏنائين، گولي هڻڻ جو حڪم صادر ڪيو ويو.“ هن چيو. ٻه ڪيرابنيري ليفٽيننٽ ڪرنل کي درياه جي ڪنڌيءَ ڏانهن وٺي ويا. هو برسات ۾ هلندو رهيو هڪڙو پوڙهو شخص جنهن جي ٽوپي لٿل هئي، جنهن جي هڪڙي پاسي کان ڪيرابنيري هو. مون انهن کي هن کي گولي هڻندي ڪو نه ڏٺو پر مون گولين جو آواز ٻڌو. اهي ڪنهن ٻئي کان آڏي پڇا ڪري رهيا هئا. هي آفيسر پڻ پنهنجي فوجي دستن کان الڳ ٿي ويو هو. هن کي وضاحت پيش ڪرڻ جي اجازت ڪو نه ڏني وئي. جڏهن انهن پنن جي پيڊ تان جملا پڙهڻ شروع ڪيا هو رڙيون ڪرڻ لڳو ۽ جڏهن هو هن کي گولي هڻي ماري رهيا هئا انهي مهل هڪڙي ٻئي همراه کان آڏي پڇا ڪري رهيا هئا. اهي گهڻي قدر ٻئي ماڻهوءَ کان آڏي پڇا واري نقطي ۾ مشغول هئا جڏهن ته انهن پهريان کان آڏي پڇا ڪيل شخص کي گولي هڻي ڇڏي هئي. اهڙيءَ طرح بظاهر اتي اهو ڪجھ ڪرڻ کان علاوه هنن وٽ ٻيو ڪجھ به ڪو نه هو. مون نه پئي ڄاتو ته ڪٿي مون کي آڏي پڇا جي لاءِ انتظار ڪرڻ گهرجي يا هڪڙو وقفو وٺڻ گهرجي. مان واضح طور تي اطالويورديءَ ۾ هڪڙو جرمن ڏسجي رهيو هوس. مون ڏٺو ته انهن جا دماغ ڪيئن نه حرڪت ۾ هئا، جيڪڏهن انهن وٽ دماغ آهن ۽ جيڪڏهن اهي ڪم ڪري رهيا آهن. اهي سڀ نوجوان هئا ۽ اهي پنهنجي وطن جو دفاع ڪري رهيا هئا. ٻي فوج کي ٽيگليامينٽو ۾ سڌاريو ويو هو. اهي ميجر ۽ ان کان اڳتي جي رينڪ وارا ايگزيڪيوٽنگ آفيسر هئا جيڪي پنهنجي فوجي دستن کان الڳ ڪيا ويا هئا. اهي پڻ سراسري طور تي اطالوي ورديءَ ۾ جرمن انتشار پسندن سان معاملا طئه ڪري رهيا هئا. انهن کي فولادي ٽوپلا پاتل هئا. اسان مان فقط ٻن ڄڻن کي فولادي ٽوپلا پاتل هئا. ڪجھ ڪيرابنيرين کي اهي ٽوپلا پاتل هئا. ٻين ڪيرابنيرين کي ويڪرا ٽوپلا پاتل هئا. اسان برسات ۾ بيٺاسين ۽ هڪ هڪ ڪري ٻاهر نيا وياسين آڏي پڇا ۽ گولي کائڻ لاءِ. هن مهل تائين هنن تقريباً هر انهيءَ ماڻهوءَ کي ماري ڇڏيو هو جنهن کان هنن آڏي پڇا ڪئي هئي. آڏي پڇا ڪندڙن ٻي رحماڻي انصاف سان ايتري ته خوبصورت لاتعلقي ۽ عقيدت پئي رکي جو ماڻهن کي موت جي منهن ۾ ڌڪڻ لاءِ انهن کي ڪو ٻئو پولوٽي ڪو نه پئي ٿيو. اهي هڪڙي قطار واري ريجمينٽ جي ڪرنل کان آڏي پڇا ڪري رهيا هئا.

اسان سان گڏ ٿورو وقت پهريان ٽي ٻيا آفيسر شامل ڪيا ويا هئا. ”هن جي ريجمينٽ ڪٿي هئي؟“ مون ڪيرابنيري ڏانهن نهاريو. اهي نون ايندڙن ڏانهن نهاري رهيا هئا. ٻيا ڪرنل ڏانهن ڏسي رهيا هئا. مان چقمو ڏيڻ جي لاءِ هيٺ جهڪي پيس، ٻن ماڻهن جي وچان ڇڪ ڏنم. ۽ درياهه ڏانهن ڊوڙڻ لڳس، منهنجو ڪنڌ هيٺ هو. مان ڪناري وٽان ٿاٻڙجي پيس ۽ پاڻيءَ ۾ ڦهڪو ڪيم. پاڻي ڪافي ٿڌو هو ۽ مان ان جي اندر ايترو وقت رڪيل رهيس جيترو مون کان پڄي سگهيو. مان پاڻ کي لهر ۾ گولائيءَ سان چڪر هڻندي محسوس ڪري پئي سگهيس ۽ اندر تيستائين رڪجي بيٺس جيستائين مون سمجهيو ته مان ڪڏهن به واپس وري نه سگهندس. انهي منٽ دوران جڏهن مان ٻاهر نڪري آيس مون هڪڙو ساهه کنيو ۽ وري هيٺ هليو ويس. اتي ڪيترن ئي ڪپڙن ۽ منهنجي جوتن سميت رڪجي رهڻ آسان پئي لڳو. جڏهن مان ٻئي واري مٿي واپس آيس مون پنهنجي اڳيان ڪاٺ جو هڪڙو ٽڪڙو ڏٺو ۽ ان تائين پهچي ان کي هڪڙي هٿ ۾ سوگهو جهلي بيٺس. مون ڪنڌ ان جي پويان رکي ڇڏيو ۽ ايتري قدر جو ان ڏانهن نظر کڻي نهاريم به ڪو نه. مون ڪناري کي ڏسڻ نه پئي گهريو. جنهن مهل مان اتان ڀڳو هوس انهي مهل اتي ٺڪاو هلي رهيا هئا. جڏهن مان زري گهٽ پاڻيءَ جي مٿان هوس مون انهن کي ٻڌو پئي. هاڻي کي به ٺڪاو ڪو نه پئي ٻڌڻ ۾ آيا. ڪاٺ جو ٽڪرو لهرن ۾ لڏي رهيو هو ۽ مون ان کي هڪڙي هٿ سان پڪڙي رکيو هو. اهو ڪافي تيزيءَ سان هلندي محسوس ٿي رهيو هو. درياهه جي وهڪري ۾ ڪوڙ ساترو ڪاٺ هو. پاڻي ڪافي ٿڌو هو. مان پاڻيءَ جي مٿان هڪڙي جزيري جي ٻوٽن مان پار پيس. مون ڪاٺ جي ٽڪڙي کي ٻنهي هٿن سان پڪڙي رکيو ۽ ان کي مون اڳتي جي طرف لاءِ نيئي وڃڻ لاءِ ڇڏي ڏنو. هاڻي ساحل نظرن کان اوجهل هو.

31

جڏهن لهر ڦرڻ تيءَ سان حرڪت ڪندي هجي توهان کي سڌ ئي نه پوندي ته توهان هڪڙي درياه ۾ ڪيترو وقت اندر هئا. اهو هڪڙو طويل وقت نظر اچي سگهي ٿو ۽ اهو هڪڙو مختصر وقت به ٿي سگهي ٿو. پاڻي ٿڌو ۽ سيلاب زده هو ۽ اتان ڪيترين ئي شيون گذريون جيڪي درياه جي چڙهڻ سان ڪناري ڏانهن لڙهي ويون. مان خوشنصيب هوس جو مون کي جهلڻ لاءِ هڪڙو ڪاٺ جو ٽڪڙو هٿ اچي ويو ۽ مان برف جهڙي ٿڌي پاڻيءَ ۾ پنهنجي ڪاڏي ڪاٺ تي رکي انهي کي ٻنهي هٿن سان جيترو ٿي سگهيو پڪڙيندي لڙهندو رهيس. مون تي پنن ۾ پئجي ويندڙ وڪڙن جو خوف طاري هو ۽ مان پر اميد هوس ته اسان ڪناري ڏانهن هلنداسين. اسان درياه جي اندر هيٺ هڪڙي ڊگهي خم ۾ هليا وياسين. اتي ڪافي روشنيءَ جو آغاز ٿي رهيو هو تنهن ڪري مان خطِ ساحل جي پرسان ٻوٽا ڏسي پئي سگهيس. اتي اڳيان ڪان ٻوٽن وارو جزيرو هو ۽ لهر ڪناري ڏانهن هلڻ لڳي. مون کي تجسس پئي ٿيو ته جيڪر مان پنهنجا جوتا ۽ ڪپڙا لاهي ڪناري ڏانهن ترڻ شروع ڪيان، پر مون اهو فيصلو ملتوي ڪري ڇڏيو. مون ڪڏهن به ڪنهن به شيءِ جي باري ۾ ڪو نه سوچيو سواءِ ان جي ته ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان مان ڪناري وٽ پهچندس، ۽ جيڪڏهن مان اگهاڙن پيرن سان ڪناري تي قدم ڄمائيندس ته اها خراب حالت هوندي. مون کي ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان ميسٽر تائين پهچڻو هو (Mestre: وينس جو گهڻي قدر آباد خشڪيءَ وارو وڏو حصو. وينٽرو اٽر اٽليءَ ۾ ـــ مترجم) مون ڪناري کي ويجهو ايندي، پر وري پري لڏندي ۽ پوءِ نزديڪ ترين ٿيندي ڏٺو. اسان گهڻي قدر آهستي آهستي لڙهي رهيا هئاسين. مون کي بيد جي جهڳٽن مان ٽاريون نظر اچڻ لڳيون. ڪاٺ آهستي آهستي جهولي رهيو هو اهڙيءَ طرح جو ڪنارو منهنجي پٺيان هو ۽ مون ڄاڻي ورتو ته اسان هڪڙي ڳُن ۾ هئاسين. اسان آهستي آهستي چوڌار ڦيرائي ڪاڏي سين. جيئن ئي مون پيهر ڪنڌيءَ ڏانهن نهاريو جيڪا هاڻي ڪافي ويجهو هئي، مون هڪڙي ٻانهن سان جهلڻ جي ڪوشش ورتي ۽ ٻيءَ سان ترندي ۽ لتون هلائيندي ڪناري ڏانهن وڌڻ لڳس، پر مان ان کي ڪناري جي ايترو نزديڪ آڻي ڪو نه سگهيس. مون کي خوف ورائي ويو ته اسان ڳُن سان گڏ ٻاهر هليا ويندا سين، ۽ ٻئي هٿ سان جهليندي، مون پنهنجي پيرن کي مٿي سٽ ڏني جو اهي ڪاٺ جي پاسي کان ٿي بيٺا ۽ ان کي وڏي زور سان ڪناري ڏانهن ڌڪو ڏنم. مان جهنگلي ٻوٽن جو جهڳٽو ڏسي پئي سگهيس، پر پنهنجي سگھ آهر گڏ ڪيل منهنجي قوت جي مقدار ۽ تار جي باوجود لهر مون کي پاڻ سان کنيو پئي وئي. پوءِ مون سوچيو ته مان پنهنجي جوتن جي ڪري ٻڏي ويندس، پر مون پاڻيءَ ۾ هٿڻ ۽ هڪلڻ جاري رکيو ۽ پوءِ مون ڏٺو ته ڪنارو مون ڏانهن سري رهيو هو ۽ مون ڳرن قدمن واري دهشت سان ترڻ ۽ ان کي مات ڏيڻ جي ڪوشش جاري رکي. مان بيد جي ٽاريءَ سان لٽڪي بيٺس پر مون ۾ پاڻ کي مٿي ڇڪڻ جي سگھ ڪا نه هئي پر مون ڄاتو پئي ته هاڻي مان نه ٻڏندس. ڪاٺ تي مون کي ڪڏهن به ٻڏڻ جو احساس ڪو نه ٿيو هو. مون جدوجهد جي ڪارڻ

پنهنجي معدي ۾ ڇاتيءَ کي ڪوڪلو۾ سست محسوس ڪيو ۽ مان ٽارين کي پڪڙي بيٺس ۽ انتظار ڪرڻ لڳس. جڏهن سستيءَ جو احساس ختم ٿي ويو مان بيد جي ٻوٽن ۾ اندر ڇڪجي بيٺس ۽ وري ساهه پٽيم، منهنجي ٻانهن ڪنهن جهنگلي جڙي ٻوٽيءَ سان هئي، ۽ مان مضبوطيءَ سان ٽارين کي جهليو بيٺو هوس. انهي کان پوءِ مون ٻاهر رڙهڻ شروع ڪيو. بيد جي درميان ۾ ڪناري ڏانهن ڇڪيندي، اها اڌ ڏينهن جيتري روشني هئي ۽ مون کي ڪو به ڏسڻ ۾ ڪو نه آيو. مان ڪناري تي سڌو ٿي ويٺس ۽ درياهه ۾ برسات جي وسڪاري کي ٻڌڻ لڳس. ٿوريءَ دير کان پوءِ مان اٿي بيٺس ۽ ڪناري سان هلڻ شروع ڪري ڏنم. مون ڄاتو پئي ته اتي ليٽِسانزا تائين درياهه جي آرپار ڪا به پل ڪو نه هئي. مون سمجهيو اها سين وِيٽو جي آمهون سامهون ٿي سگهي ٿي. مان انهي تي ويچارڻ لڳس ته مون کي ڇا ڪرڻ گهرجي. اڳيان اتي درياهه ڏانهن ويندڙ هڪڙي ڪاهي هئي. مان ان ڏانهن ويس. هن مهل تائين مون کي ڪو به نظر ڪو نه آيو هو ۽ مان ڪجه ٻوٽن جي پرسان ڪاهيءَ جي ڪناري تي هيٺ ويهي رهيس ۽ مون پنهنجا جوتا لاٿا ۽ انهن ۾ پيل پاڻي هاري ڇڏيم. مون پنهنجو ڪوٽ لاٿو، منهنجي پيسن ۽ ڪاغذن سميت منهنجو بٽون اندرين کيسي ۾ آلو ٿي ويا هئا ۽ انهي کان پوءِ مون ڪوٽ کي نپوڙيو. مون پنهنجا ٽرائوزر لاٿا ۽ انهن کي پڻ نپوڙيم، انهي کان پوءِ پنهنجي قميض ۽ اندرين ڪپڙن کي نپوڙيم. مون پاڻ کي ٿڦڪيون هنيون ۽ پاڻ کي مهٽيو ۽ وري ڪپڙا اوڙهي ڇڏيم. مون کان منهنجي ٽوپي وڃائجي ويئي هئي. پنهنجو ڪوٽ پائڻ کان پهريان مون پنهنجي ڪپڙن جي ٻانهن تان ستارا ڪٽيا ۽ انهن کي پنهنجي پيسن سميت اندرئين کيسي ۾ وجهي ڇڏيم. منهنجا پيسا آلا ٿي ويا هئا پر اهي صحيح سلامت هئا. مون انهن جي ڳڻپ ڪئي. اتي ٽي هزار ۽ ڪجه ٻيا لاير هئا. منهنجا ڪپڙا آلا ۽ لڳلڳدار لڳي رهيا هئا ۽ مون پنهنجي ٻانهن کي ٿڦڪي هنئي ته جيئن خون جي گردش جاري رهي. مون چڊي کي اُٽيو هو ۽ مون اهو نه سوچيو ته جيڪڏهن مان هلندو رهيس ته مون کي ٿڌ لڳي سگهي ٿي. انهن رستي تي منهنجو پستول مون کان کسي ورتو هو مون پستول رکڻ واري چمڙائين ٿيليهيءَ کي پنهنجي ڪوٽ جي هيٺان وجهي ڇڏيو. مون وٽ ڪا به ٽوپي ڪو نه هئي ۽ اتي برسات ۾ ٿڌ پئجي رهي هئي. مون مٿي واهه جي ڪناري سان هلڻ شروع ڪيو. اها ڏينهن جي روشني هئي ۽ ملڪ آلو هيٺاهون ۽ اداس نظر اچي رهيو هو. ڪيٽ بي لباس ۾ آلا هئا، رستي کان گهٽو اڳتي مان ميدان کان ٻاهر هڪڙي ڪيمپينائل کي ڏسي پئي سگهيس.(campanile: سينٽ مارڪ ڪيمپينائل وينس، اٽليءَ ۾ سينٽ مارڪ بيسِلِيڪا جو منارو جيڪو پيازا سين مارڪو ۾ واقع آهي ـ مترجم) مان مٿي هڪڙي رستي تي چڙهي آيس. اڳيان مون ڪجه فوجي دستن کي رستي جي هيٺان ايندي ڏٺو. مون رستي جي پرسان ڄنگهه منڊڪائي هلڻ شروع ڪيو ۽ اهي مون وٽان گذري ويا ۽ انهن مون ڏانهن ڪو به ڌيان ڪو نه ڏنو. اهي هڪڙي گهنڊ مِشن کي عليحده ڪيو مٿي درياهه ڏانهن وڃي رهيا هئا. مان رستي تي هلندو رهيس. انهي ڏينهن مون وينس وارو ميدان پار ڪيو. اهو هيٺين سطح وارو ملڪ آهي جيڪو برسات ۾ اچا به وڌيڪ هموار ٿي ويندو آهي. سمونڊ جي پاسي کان اتي لوڻيانيون ڍٻيون آهن ۽ تمام ٿورا دڳ آهن. سمورا رستا درياهه جي منهن وٽان ٿيندي سمونڊ ڏانهن هلن ٿا ۽ ملڪ مان گذرڻ جي لاءِ توهان

ڪي واهه جي پرسان وارن رستن وٽان هلڻ گهرجي. مان اتر کان ڏکڻ جي پاسي ڏانهن ملڪ مان پار پئجي رهيو هوس ۽ ٻن ريلوي لائينن ۽ ڪيترن ئي پيچرن تان گذري آيو هوس ۽ آخرڪار مان هڪڙي رستي جي پڇاڙيءَ ۾ هڪڙي ريلوي لائين جي مٿان پهتس جيڪا هڪڙي ڍنڍ کان ٿورو پرتي ڊوڙي رهي هئي. اها وينس کان ٽرائيسٽ ڏانهن ويندڙ مکيه لائن هئي، جنهن سان هڪڙو مضبوط ۽ اوچو ڪنارو هو. هڪڙي رستي جو ٿوس ترو ۽ ٻٽي پٽڙي. پٽڙين جي هيٺان واري هڪڙي رستي وٽ هڪڙي جهنڊي واري قيام گاهه (اسٽيشن) هئي ۽ اتي سپاهين کي پهرو ڏيندي ڏٺم. مٿي لائين ۾ اتي ڍنڍ ۾ چوڙ ڪندڙ هڪڙي وهڪري جي مٿان هڪڙي پل هئي. مون پل وٽ پڻ هڪڙي گارڊ کي ڏٺو. اتر ۾ کيتن کي پار ڪندي مون هڪڙي ريل کي هن پٽڙيءَ وٽان گذرندي ڏٺو هو جيڪا هڪڙي ڊگهي رستي تائين هموار ميدان ۾ صاف نظر اچي رهي هئي، ۽ مون سوچيو ته هڪڙي ريل پورٽوگرُوآرو مان به اچي سگهي ٿي. مون گارڊ کي ڏٺو ۽ ڪناري تي ويهي رهيس ته جيئن مان پٽڙيءَ جي ٻنهي طرفن کان ڏسي سگهان. پل تي بيٺل گارڊ لائين جي مٿان واري رستي ڏانهن هليو ويو. انهي کان پوءِ هن ڦيرو ڪاڏو ۽ واپس پل ڏانهن هليو ويو. مان ويٺو رهيس، ۽ بکايل هوس، ۽ ريل جو انتظار ڪري رهيو هوس. هڪڙي جيڪا مون کي نظر آئي اها ايتري ته ڊگهي هئي جو ان جي انجڻ تمام گهڻو آهستي حرڪت ڪري رهي هئي ۽ مون کي يقين هو ته مان ان تي چڙهي سگهان ٿو. جڏهن مون زري گهٽ ڪنهن ريل جي اچڻ جي اميد ڪرڻ ئي ڇڏي ڏني هئي مون هڪڙي ريل کي ايندي ڏٺو. انجڻ، سنئين سڌي اچي رهي هئي، جيڪا آهستي آهستي ڊگهي ٿي ويئي. مون پل وٽ بيٺل پهريدار کي ڏٺو. هو پل جي پرسان واري پاسي جي ويجهو بيٺو هو پر هو پٽڙين جي ٻئي پاسي کان هو. انهي سان هو نظرن کان اوجهل رهندو جڏهن ريل گذرندي. مون انجڻ کي نزديڪ ٿيندي ڏٺو. اها مشڪل سان هلي رهي هئي. مان اتي ڪيترين ئي گاڏين کي ڏسي پئي سگهيس. مون ڄاتو پئي ته اتي ريل ۾ گارڊ ٿي سگهن ٿا، ۽ مون اهو ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي ته اهي ڪٿي بيٺا هئا، پر ٻاهر نظر ڊوڙائيندي، مون کي ڪجه به ڏسڻ ۾ ڪو نه پئي آيو. انجڻ لڳ ڀڳ اتي هئي جتي مان ويٺو هوس، جڏهن اها آمهون سامهون ٿي، تان جو سطح جي مٿان ڪم ڪندي ۽ دونهون ڇڏيندي، ۽ مون ماهر فنياتن کي گذرندي ڏٺو مان اٿي بيٺس ۽ گذرندڙ ڪارين جي نزديڪ قدم وڌائڻ لڳس. جيڪڏهن پهريدار مون کي ڏسي رهيا هئا ته مان پٽڙين وٽان بيٺل ٿوري شڪ واري شيءِ هيس. ڪيترين ئي سامان واريون گاڏيون گذري ويون. تهان پوءِ مون هڪڙي هيٺاهين واري کليل گاڏي ڏٺي جنهن جي نموني کي اهي گونڊولس سڏيندا هئا، جيڪا هڪڙي ٿلهي ڪپڙي سان ڍڪيل هئي. مان اتي تيستائين بيٺل رهيس جيستائين اها لڳ ڀڳ ٽپي ويئي، انهي کان پوءِ ٽپو ڏئي ان جي پٺيان کان راڊن کي جهلي انهن کي ڇڪ ڏنم. مان گونڊولا ۽ ان جي پٺيان اوچي سامان واري گاڏيءَ جي پناهه ۾ ريڙهجڻ لڳس. مون اهو سوچيو به ڪو نه ته مون کي ڪنهن ڏٺو به يا نه. مان هٿن وارن ڏنڊن کي جهليو بيٺو هوس ۽ هيٺ جي طرف ڪرونڊڙو ٿي ويس، منهنجا هٿ جوڙن تي هئا. اسان لڳ ڀڳ پل جي آمهون سامهون هئاسين. مون گارڊ کي ياد ڪيو. جيئن ئي اسان هن وٽان گذرياسين هن مون ڏانهن ڏٺو. هو هڪڙو ڇوڪرات هو ۽ هن جو ٽوپلو پڻ هن جي حساب کان وڏو هو. مون هن ڏانهن نفرت

ڀريل نگاهن سان تڪيو ۽ هن ٻئي طرف ڏسڻ شروع ڪيو. هن سمجهيو تہ مون کي ريل سان ڪا شيءِ ڪرڙي هئي. اسان گذري چڪا هئاسين. مون هن کي اڳا تائين ٻي ڇين ڏٺو هو ٻين گاڏين کي گذرندي ڏسي رهيو هو ۽ اهو ڏسڻ جي لاءِ جهڪيس تہ ٿلهو ڪپڙو ڪهڙي نموني ٻڌل هو. ان کي ڦندا ڏنل هئا ۽ اهو ڪناري کان ٿلهي ڏوريءَ هيٺ ٻڌل هو. مون پنهنجو چاقو ٻاهر ڪڍيو ڏوريءَ کي ڪٽيو ۽ پنهنجي ٻانهن کي اندر ٽپايو. اتي ٿلهي ڪپڙي ۾ نوس اپار هو جيڪو مينهن ۾ اڄا بہ سخت ٿي رهيو هو. مون مٿي ۾ اڳيان جي طرف نهاريو. اتي اڳيان کان مال بردار گاڏيءَ تي هڪڙو گارڊ بيٺو هو پر هو اڳتي جي طرف نهاري رهيو هو. مون ڪنگوري جنهگلي کي ڇڏي ڏنو ۽ ٿلهي ڪپڙي جي هيٺان ڇپ ماري ويهي رهيس. منهنجي پيشاني ڪنهن شيءِ سان ٽڪرائجي ويئي جنهن سان مون کي شديد ڏک لڳو ۽ مون پنهنجي ڇهري تي خون کي محسوس ڪيو پر مان اندر رڙهندو رهيس ۽ اتي سڌو ٿي وينس. انهي کان پوءِ مون گول چڪر کاڌو ۽ ڪپڙي کي هيٺ ٻڌي ڇڏيم. مان هيٺ ٿلهي ڪپڙي ۾ بندوقن سان گڏ هوس. انهن مان صاف تيل ۽ مک (گِريس) جي بوءِ اچي رهي هئي. مان ويهي رهيس ۽ ٿلهي ڪپڙي تي پوندڙ مينهن ۽ پٽڙين جي مٿان مال بردار گاڏيءَ جي هلڻ جي آواز کي ٻڌڻ لڳس. اتي تمام ٿورڙي روشني داخل ٿي رهي هئي ۽ مان ويهي ڪري بندوقن ڏانهن نهاري رهيو هوس. مون سوچيو اهي لازمي طور تي ٽئين فوج کان اڳيان ڇڏيون ويون آهن. منهنجي پيشانيءَ ۾ لڳل ڏک سڄي ويو ۽ مون رت کي روڪڻ لاءِ خاموشي اختيار ڪئي ۽ ان کي ڄمي وڃڻ لاءِ ڇڏي ڏنو. انهي کا پوءِ سواءِ ڪٽ جي مٿان واري حصي جي مون باقي واري خشڪ خون کي پري ڪيو. اهو ڪجه بہ ڪو نہ هو. مون وٽ ڪو بہ رومال ڪو نہ هو پر پنهنجي آڱرين سان محسوس ڪندي جتي بہ خشڪ خون هو مون ان کي اگهي صاف ڪيو. برسات جي انهي پاڻيءَ سان جيڪو مٿان ڪپڙي مان ٽمي رهيو هو ۽ ان کي پنهنجي ڪوٽ جي ٻانهن سان اگهي صاف ڪيم. مون نمايان ٿيڻ نہ پئي چاهيو. مون ڄاتو پئي تہ ان کان اڳ جو اهي ميسٽر پهچن مون کي لهڻو پوندو ڇاڪاڻ جو اهي انهن بندوقن جي نگهباني ڪرڻ شروع ڪندا. انهن کي ڪي بہ بندوقون وڃائڻيون نہ هيون يا وساري نہ ڇڏڻيون هيون. مان پيانڪ حد تائين بک ۾ پاه ٿي رهيو هوس.

32

سڏي گاڏيءَ جي فرش تي ويٺي ويٺي جتي منهنجي پرسان ٿلهي ڪپڙي جي هيٺان بندوقون پيون هيون مان آلو ٿي ويو هوس. ۽ مون کي ٿڌ ۽ بک ورائي ويئي هئي. آخرڪار مون ڦيرو ڏنو ۽ پنهنجي پيٽ کي سڌو ڪري ليٽي پيس منهنجو مٿو منهنجي ٻانهن تي هو. منهنجو گوڏو غير لچڪدار ٿي ويو پر اهو ڪافي تسلي بخش هو. ويلينٽيني هڪڙو زبردست ڪم ڪري ويو هو. مون اڌ جيتري ڀاڃ کي پيرن وسيلي طئہ ڪيو هو ۽ تيگليامينتو وارو حصو هن جي گوڏي سان تري آيو هوس. اهو بلڪل هن جو گوڏو هو. ٻيو گوڏو منهنجو پنهنجو گوڏو هو. ڊاڪٽرن مون تي تجربا ڪيا هئا ۽ انهي ڪان پوءِ اهو وڏيڪ لاءِ منهنجو جسم ڪو نہ رهيو هو. مٿي ۽ پيٽ جي اندريان وارو حصو منهنجو هو جنهن سان سوچي نہ پئي سگهيس. فقط ياد ڪري پئي سگهيس ۽ اهو بہ ايترو گهڻو ياد نہ پئي رهيو. مان ڪيٿرائن کي ياد ڪري پئي سگهيس پر مون ڄاتو پئي تہ جيڪڏهن مان هن جي باري ۾ سوچيندس تہ مان پاڳل ٿي ويندس جڏهن مون کي هن مهل تائين اها پڪ ڪو نہ هئي تہ ڪو مان هن کي ڏسي سگهندس. تنهن ڪري مان هن جي باري ۾ نہ سوچيندس. هن جي باري ۾ فقط ٿورو. فقط ٿورو آهستي آهستي گاڏيءَ جي هلڻ ۽ ٽڪ ٽڪ ڪرڻ سان گڏ. ۽ ٿلهي ڪپڙي مان ايندڙ ڪجه روشنيءَ سان گڏ ۽ مان ڪيٿرائن جي ياد سان گڏ گاڏيءَ جي فرش تي پيل. گاڏيءَ جي فرش جيان نوس ٿي ويل مان سوچ کان خالي فقط محسوسات. گهڻو گهڻو دور. آلا ڪپڙا ۽ هر واري فرش جو ٿورو ٿورو ڦرڻ ۽ اندر ۾ اڪيلو ۽ ڪپڙن سان تنها ۽ هڪڙي زال لاءِ نوس فرش. مون هڪڙي هموار گاڏيءَ جي فرش سان ڪو انس نہ پئي رکيو نہ ئي بندوقن سان جن جي مٿان ٿلهي ڪپڙي جو اوڇڻ چڙهيل هو ۽ ان مان ويسلِين جي ڏاتوئي بوءِ اچي رهي هئي. يا هڪڙي ٿلهي ڪپڙي سان جنهن مان برسات جو پاڻي سمي رهيو هو. البت هڪڙي ٿلهي ڪپڙي جي هيٺان هئڻ ڪافي سٺو آهي ۽ بندوقن سميت ڪافي آرامده پڻ. پر مون ڪنهن ٻئي کي چاهيو پئي جنهن جي اتي هئڻ کي تان جو فرض بہ نہ ٿو ڪري سگهجي. هاڻي مان ڪافي صاف ۽ بي رحميءَ سان ڏسي رهيو هوس. ايتري بي رحميءَ سان نہ جيترو واضح ڪوڪلائپ سان. سمجهو تہ توهان پاڻ کي بي معنيٰ ڏٺو. پنهنجي پيٽ تي ليٽندي. توهان جي موجودگيءَ ۾ جڏهن اتي ٻينل هڪڙي فوج کان گاڏي گذري ويئي ۽ ٻي اڳتان اچي رهي هئي. توهان پنهنجون سموريون گاڏيون وڃائي ڇڏيون آهن ۽ توهان جي ساٿين فرش تي هلندڙن جيان پنهنجي محڪمي جو ذخيرو هڪڙي باه ۾ وڃائي ڇڏيو هجي. جڏهن تہ اتي بيمہ ڪاري (انشورنس) جو ڪو عمل بہ ڪو نہ هو. هاڻي توهان ان مان نڪري چڪا آهيو. توهان جي مٿان هاڻي وڏيڪ ذميداريون ڪو نہ هيون. جيڪڏهن اهي فرش تي هلندڙن کي هڪڙي آڳ کان پوءِ محڪمي جي ذخيري ۾ انهي ڪارڻ گوليون هڻن ڇاڪاڻ جو اهي اڪثر معمول واري لهجي ۾ ڳالهائن ٿا. تڏهن يقيناً فرش تي هلندڙن جو ٻيهر ڪاروبار لاءِ ڪليل ذخيري ڏانهن ورڻ غير متوقع هوندو. انهن کي ٻيا ماڻهو پرتي ڪيل نظر اچي سگهن ٿا. جيڪڏهن اتي ڪي ٻيا ملازم هجن ۽ پوليس انهن کي پاڻ سان وٺي نہ ويئي هجي. ڪاوڙ درياه ۾ ڪنهن بہ ذميداري سان گڏ ڌوپجي ويئي

هئي. البت اها ان مهل جهڪي ٿي ويئي هئي جڏهن ڪيرابنيري پنهنجي هٿن سان منهنجي ڳلي بند ڪان جهليو هو. مون وردي کي لاهي ڦٽو ڪرڻ پئي چاهيو البت مون کي ٻاهرين نمونن جي ڪا بہ پرواه ڪا نہ هئي. مون ستارا لاهي ڦٽو ڪيا هئا، پر اهو سڀ ڪجه سهولت لاءِ هو. اهو ڪو شان وشوڪت جو نقطو ڪو نہ هو. مان هنن جي برخلاف ڪو نہ هوس. مون انهن لاءِ سموري سٺي قسمت جي خواهش ڪئي. اتي سٺا بہ هئا، ۽ بهادر بہ هئا، خاموش بہ هئا ۽ باشعور بہ هئا، ۽ اهي ان جي لائق بہ هئا. پر اهو وڏيڪ لاءِ منهنجو مظاهرو ڪو نہ هو ۽ مون خواهش پئي ڪئي تہ هيءَ ڪمبخت ترين ميسٽر ۾ پهچي ۽ مان ڪجه کائي وٺان ۽ سوچڻ بند ڪيان. مون کي رڪٽو پوندو. پيانيءَ انهن کي ٻڌائي ڇڏيندو تہ انهن مون کي گولي هڻي ماري ڇڏيو. انهن کيسن کي چڪاسيو هو ۽ انهن ماڻهن جا ڪاغذ ٻاهر ڪڍيا هئا جن کي انهن ماري ڇڏيو هو. انهن وٽ منهنجا ڪاغذ ڪو نہ هوندا. اهي مونکي ٻڏي ويل قرار ڏيندا. مون کي تعجب پئي ٿيو تہ رياستن (آمريڪا) ۾ انهن کي ڇا ٻڌڻ ۾ ايندو. زخمن جا تاب نہ سهندي مري ويو يا ٻيا ڪي سبب. پلي حضرت عيسيٰ مسيح جو قسم مان بک ۾ ورتل هوس. مون کي تعجب پئي ٿيو تہ ميس ۾ پادريءَ سان ڇا وهيو واپريو هوندو. ۽ رنالڊيءَ جو ڇا ٿيو هوندو. غالباً هو پورڊينون وٽ هو. جيڪڏهن اهي گهڻو واپس نہ ويا هجن. ٺيڪ، مان هاڻي هن کي ڪڏهن بہ ڏسي ڪو نہ سگهندس. هاڻي مان انهن مان ڪنهن بہ هڪ کي ڏسي ڪو نہ سگهندس. اها زندگي ختم ٿي چڪي هئي. مان نہ ٿو سمجهان تہ هن کي ڪا آتشڪ هئي. اهي چوندا آهن، جيڪڏهن توهان وقت سر ان کي ڏسي وٺو تہ بحرحال اها ڪا ايتري ڳنڀير بيماري ڪو نہ هئي. پر هو ڳڻتي ڪندو هوندو. جيڪڏهن مان ان ۾ مبتلا هجان ها تہ مان پڻ ڳڻتي ڪيان ها. جيڪو بہ ورتل هجي ها اهو ڳڻتي ڪري ها. مان سوچڻ جي نہ ڪري رهيو هوس. مون کي کائڻ جي لڳل هئي. يا خدا، ها. کائڻ ۽ پيئڻ ۽ ڪيٿرائن سان گڏجي سمهڻ. ٿي سگهي ٿو تہ اڄوکي رات ۾. نہ اهو ناممڪن هو. پرسياڻي رات جو ۽ هڪڙي سٺي ماني ۽ چادرون ۽ ڪڏهن بہ ساٿ هلڻ بنا ڪاڏي نہ وڃبو. غالباً ڪمبخت جلديءَ ۾ هلڻو آهي. هوءَ هلي ويندي. مون ڄاتو پئي تہ هوءَ هلي ويندي. ”اسان ڪڏهن راهي ٿينداسين؟“ اها ڪجه سوچڻ جي ڳاله هئي. اتي رات ٿي رهي هئي. مان وينو هوس ۽ سوچي رهيو هوس تہ اسان ڪيڏانهن راهي ٿينداسين. اتي ڪيترا ئي هنڌ هئا.

ڪتاب چوٿون

33

جيئن ئي اها صبح جو ساجهر باڪ ڦٽڻ ڪان پهريان اسٽيشن تي جهڪي ٿي ويئي مون مِلان ۾ ريل گاڏيءَ تان ٽپو ڏنو. مون پٽڙيءَ کي پار ڪيو ۽ ٻاهر ڪجه عمارتن جي درميان نڪري آيس ۽ گهٽيءَ ڏانهن وڌي آيس. هڪڙو مئخانو کليل هو ۽ مان ان ۾ ڪجه ڪافي پيئڻ جي لاءِ اندر گهڙي ويس. اتي صبح جي ساجهر واري بوءِ اچي رهي هئي، ٻهاريل مٽيءَ جي مهڪ، ڪافيءَ جي پيالن ۾ پيل چمچن جي بوءِ ۽ شراب جي پيالن مان نڪتل آلن دائرن جي بوءِ. مالڪ بار جي پويان وينو هو. هڪڙي ميز تي ٻه سپاهي ويٺا هئا. مان بار وٽ اٿي بيٺس ۽ ڪافيءَ جو هڪڙو گلاس پيتم ۽ بريڊ جو هڪڙو ٽڪرو کاڌم. ڪافي سياهي مائل سفيد هئي، ۽ مون کير مان ملائي صاف ڪئي مٿيون حصو بريڊ جي هڪڙي ٽڪڙي سان صاف ڪيو. مالڪ مون ڏانهن نهاريو. ”توکي گريپا جو هڪڙو گلاس کپي؟“ ”نہ مهرباني.“ ”منهنجي طرفان،“ هن چيو ۽ هن هڪڙي ننڍڙي گلاس ۾ اوتيو ۽ ان کي مون ڏانهن ڌڪو ڏنو. ”محاذ تي ڇا هلي رهيو آهي؟“ ”مان ڄاڻان نہ چاهيندس.“ ”اهي شراب ۾ ٻڏل آهن،“ ٻن سپاهين ڏانهن پنهنجو هٿ وڌائيندي هن چيو. مان هن تي يقين ڪري پئي سگهيس. اهي شراب ۾ ٻڏل لڳي رهيا هئا. ”مون کي ٻڌاءِ،“ هن چيو. ”محاذ تي ڇا هلي رهيو آهي؟“ ”مان محاذ جي باري ۾ ڄاڻان نہ ٿو گهران.“ ”مون توکي ديوار تان هيٺ لهندي ڏٺو. تون ريل تان لٿين.“ ”اتي هڪڙي وڏي ڀاڄ ٿي آهي.“ ”مون اخبارن ۾ پڙهيو آهي. ڇا پيو ٿئي؟ ڇا اها ختم ٿي ويئي؟“ ”مان ايئين نہ ٿو سمجهان.“ هن هڪڙي ننڍڙي بوتل مان گلاس کي گريپا سان ڀري ڇڏيو. ”جيڪڏهن تون ڪنهن مصيبت ۾ آهين،“ هن چيو ”مان توکي پناه ڏئي سگهان ٿو.“ ”مان مشڪل ۾ نہ آهيان.“ ”جيڪڏهن تون مشڪل ۾ آهين تہ هتي مون وٽ ترسي پئو.“ ”عمارت ۾. ڪيترائي هتي ٽڪيل آهن. ڪو بہ جيڪو مشڪل ۾ هوندو آهي اهو هتي ترسندو آهي. ”ڇا ڪيترائي مصيبت ۾ آهن؟“ ”اهو مصيبت تي دارومدار رکي ٿو. تون هڪڙو ڏکڻ آمريڪي آهين؟“ ”نہ.“ ”اسپيني ڀاشا ايندي آهي؟“ ”ٿورڙي.“ هن بار کي اگهيو. ”هاڻي ملڪ کان ٻاهر نڪرڻ مشڪل آهي پر ڪنهن بہ صورت ۾ اهو ناممڪن ناهي.“ ”مان نڪرڻ جي خواهش نہ ٿو رکان.“ ”تون هتي جيترو وقت بہ چاهين رهي سگهين ٿو. تون پاڻ ڏسندين تہ مان ڪهڙي قسم جو انسان آهيان.“ ”مون کي هن صبح ڏاران وڃڻو آهي پر مان واپس اچڻ جي لاءِ پتو ياد رکندس.“ هن پنهنجو ڪنڌ لوڏيو. ”جهڙي نموني تون ڳالهائي رهيو آهين انهي مان لڳي ٿو تہ تون واپس ڪو نہ ورندين. مان سمجهان ٿو تہ تون حقيقي مشڪلات ۾ آهين. “ ”مان مشڪل ۾ آهيان. ”پر مان پنهنجي هڪڙي دوست جي ڏس پتي کي ترجيح ڏيان ٿو.“ مون ڪافيءَ جي ادائگي طور هڪڙو ڏهن ليرن وارو نوٽ بار تي رکيو. ”مون سان گڏ هڪڙي گريپا

ٿي وڃي،“ مون چيو. ”اها ضروري ناهي.“ هڪڙي ٿي وڃي.“ هن به گلاس اوتيا. ”ياد رکجانءِ،“ هن چيو. ”هيڏانهن اچ. ڪنهن بئي ماڻهوءَ وٽ پناه نه وٺجانءِ. هتي تون صفا صحيح سلامت رهندين.“ ”مون کي يقين آهي.“ ”توکي يقين آهي نه؟“ ”ها.“هو ڳنڀير هو. ”ته پوءِ مان توکي هڪڙي ڳاله چوان ٿو. انهي ڪوٽ سان گڏ ٻاهر نه وڃ.“ ”ڇو؟“ ”ان جي ٻانهن تي ڪتجي ويل ستارن جا نشان واضح نظر اچن ٿا. ڪپڙو هڪڙي ٻئي رنگ جو آهي.“ مون ڪجه به نه چيو. ”جيڪڏهن تو وٽ ڪي به ڪاغذ نه آهن ته مان توکي ڪاغذ ڏئي سگهان ٿو. ”ڪهڙا ڪاغذ؟“ ”موڪل جا ڪاغذ.“ ”مون کي ڪاغذن جي ڪا به ضرورت ڪونهي. مون وٽ ڪاغذ آهن.“ ”ٺيڪ آهي،“ هن چيو. ”پر جيڪڏهن توکي ڪاغذ گهرجن جيئن تون چاهين انهي مطابق مان حاصل ڪري سگهان ٿو.“ ”اهي ڪاغذ ڪيتري رقم جا آهن؟“ ”اهو انهي تي دارومدار رکي ٿو ته اهي ڪهڙي قسم جا آهن. رقم معقول آهي.“ ”هينئر مون کي ڪنهن جي به ضرورت ڪونهي.“ هن بي اطميناني جو اظهار ڪندي پنهنجي ڪلهي کي لوڏيو. ”مان بلڪل به ٺيڪ آهيان،“ مون چيو. جڏهن مان ٻاهر ويس هن چيو. ”اهو نه وسارجانءِ ته مان تنهنجو دوست آهيان.“ ”نه.“ ”مان توسان ٻيهر ملندس،“ هن چيو. ”ٺيڪ آهي،“ مون چيو. ٻاهر مون پاڻ کي استيشن کان پري رکيو. اتي جتي ملٽري پوليس وارا هئا. ۽ هڪڙي ڪرائي جي ٽانگي تي ويهي رهيس. مون ڊرائيور کي اسپتال جو پتو ٻڌايو. اسپتال ۾ مان حماليءَ جي ننڍڙي ڪاٽي ڏانهن ويس. هن جي گهر واريءَ مون کي ڳلي سان لڳايو. هن منهنجي هٿ کان پڪڙيو. ”تون واپس وري آيو آهين. تون امان ۾ آهين.“ ”ها.“ ”چا تو ناشتو ڪيو آهي؟“ ”ها.“ ”تينينت، تون ڪيئن آهين؟“ ”تون ڪيئن آهين؟“ هن جي زال پڇيو. ”ٺيڪ.“ ”چا تون اسان سان گڏجي ناشتو ڪو نه ڪندين؟“ ”نه، توهان جي مهرباني. مون کي ٻڌايو ته، مس بارڪلي، هاڻي هتي اسپتال ۾ آهي“ ”مس بارڪلي؟“ ”اها انگريز عورت نرس.“ ”هن جي معشوقه،“ گهر واريءَ چيو. هن منهنجي ٻانهن تي ٿڦڪي هنئي ۽ مسڪرائي ڏنائين. ”نه،“ حماليءَ چيو. ”هوءَ هلي ويئي آهي.“ ”منهنجي دل ٻڏڻ لڳي.“ ”توکي يقين آهي؟“ ”منهنجو مطلب آهي ڊگهي سونهري وارن واري دوشيزه.“ ”ها مان اعتماد سان چوان ٿو. هوءَ استريسا ڏانهن هلي ويئي آهي.“ ”هوءَ ڪڏهن ويئي آهي؟“ ”هوءَ به ڏينهن پهريان هڪڙي ٻي انگريز عورت سان گڏ ويئي آهي.“ ”ٺيڪ آهي،“ مون چيو. ”مان چاهيان ٿو ته توهان منهنجي لاءِ ڪجه نه ڪيو. توهان ڪنهن کي به نه ٻڌائجو ته توهان مون کي ڏٺو. اهو ڪافي اهم آهي.“ ”مان ڪنهن کي به نه ٻڌائيندس،“ حماليءَ چيو. مون هن کي هڪڙو ڏهن ليرن وارو نوٽ ڏنو. هن اهو واپس موٽائي ڇڏيو. ”مان توسان وچن ٿو ڪيان ته مان ڪنهن کي به ڪو نه ٻڌائيندس،“ هن چيو. ”مون کي ڪا به رقم نه گهرجي.“ ”سگنور تينينت، اسان تنهنجي لاءِ ڇا ڪري سگهون ٿا؟“ هن جي زال پڇيو. ”فقط ايترو،“ مون چيو. ”سمجه ته اسان ٻوڙا ٿي وياسين،“ حماليءَ چيو. ”توهان مون کي هر اها شيءِ ٻڌائيندئو جيڪا مان ڪري سگهان ٿو؟“ ”ها،“ مون چيو. ”الوداع. مان توهان سان وري ملندس. اهي دروازي وٽان بيهندي، مون ڏانهن نهاري رهيا هئا. مان ٽانگي ۾ ويهي رهيس ۽ ڊرائيور کي سائيمنس جو پتو ڏنم. هو انهن راڳ جو مطالعو ڪندڙن منجهان هڪ هو جنهن کي مون ڄاتو پئي. سائيمنس پورتا ميگينتا جي طرف گهڻو اڳتي قصبي ۾ رهندو هو. هو بستر ۾ ساڪن هو

۽ جڏهن مان هن کي ڏسڻ ويس تہ هو ستو پيو هو. ”هينري، تون ايتري بري انداز سان سوير پرو اٿيو آهين،“ هن چيو. ”مان صبح سوير واري ريل تي آيو آهيان.“ ”هي سموري ياج ڇا لاءِ آهي؟ ڇا تون محاذ وٽ هئين؟ ڇا تون هڪڙو سگريٽ پيئندين؟ اهي اتي ميز تي دٻيءَ ۾ پيا آهن. اهو هڪڙو وڏو ڪمرو هو جنهن جي ديوار جي پرسان هڪڙو پلنگ پيل هو. پريان ڪنڊ کان هڪڙو پيانو ۽ هڪڙي الماڙي ۽ هڪڙي ميز پيل هئي. مان بستر جي پرسان پيل هڪڙي ڪرسيءَ تي ويهي رهيس. سائيمنس وهاڻن تي ٽيڪ ڏئي ويهي رهيو ۽ سگريٽ پيئڻ لڳو. ”سم، مان پيچيده صورتحال ۾ آهيان،“ مون چيو. ”مان بہ“ هن چيو. ”مان هميشہ مشڪل صورتحال ۾ هوندو آهيان. ڇا تون سگريٽ نہ ڇڪيندين؟“ ”نہ“ مون چيو. ”سوئزلينڊ ڏانهن وڃڻ جو طريقيڪار ڪهڙو آهي؟“ ”تو لاءِ؟ اطالوي توکي ملڪ کان ٻاهر وڃڻ ڪو نہ ڏيندا.“ ”ها. مان اهو ڄاڻان ٿو. پر سوئس. اهي ڇا ڪندا؟“ ”اهي توکي نظر بند ڪري ڇڏيندا.“ ”مان ڄاڻان ٿو. پر ان جو ٽڪنيڪي پهلو ڪهڙو آهي؟“ ”ڪجهہ بہ نہ. اهو ڪافي آسان آهي. تون ڪاڏي بہ وڃي سگهين ٿو. مان سمجهان ٿو تہ توکي فقط رپورٽ ڪرڻو آهي يا ڪجهہ نہ ڪجهہ. ڇو؟ ڇا تون پوليس کان ڀڄي رهيو آهين؟“ ”اڃا تائين ڪجهہ بہ واضح ناهي.“ ”جيڪڏهن تون نہ چاهين تہ ڀلي مون کي نہ ٻڌاءِ. پر ان کي ٻڌڻ دلچسپ رهندو. هتي ڪجهہ بہ ڪو نہ ٿو ٿئي. مان هتي پياسينزا ۾ صفا ناڪام ٿي ويس.“ ”مون کي بيحد افسوس آهي.“ ”او ها مان ڪافي خراب رهيس. مون سٺو پڙهي ڳاتو. مان ٻيهر هتي لائيرِيڪو ۾ ان جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان.“ ”مان هتي رهڻ پسند ڪندس.“ ”تون بيحد ٻاجهارو آهين. تون ايتري بدحواسي ۾ نہ آهين، ها نہ؟“ ”مان نہ ٿو ڄاڻان.“ ”جيڪڏهن تون نہ ٿو چاهين تہ مون کي نہ ٻڌاءِ. تون ڪمبخت محاذ کان ڀاڙو ڪيئن ڪري آئين؟“ ”مان سمجهان ٿو تہ مان انهي کي ڇڏي آيس.“ ”يلا ڇوڪرا. مون هميشہ ڄاتو پئي تہ تون عام فهم آهين. بحرحال ڇا مان تنهنجي ڪا مدد ڪري سگهان ٿو؟“ ”تون بيحد مصروف آهين.“ ”نہ ايترو نہ. منهنجا پيارا هينري، ايترو نہ. ڪا بہ شيءِ ڪرڻ ۾ مون کي سرهائي محسوس ٿيندي.“ ”تون لڳ ڀڳ منهنجي قد ڪاٺ جهڙو آهين. ڇا تون ٻاهر وڃي ڪري عام ماڻهن جهڙا ڪپڙا وٺي ايندين؟ مون وٽ ڪپڙا آهن پر اهي سڀ روم ۾ پيا آهن.“ ”تون اتي رهندو آهين، ها نہ؟“ اهو هڪڙو گندو هنڌ آهي. تون اتي ڪيئن رهي سگهين ٿو؟“ ”مون هڪڙو ماهرِ تعميرات ٿيڻ پئي چاهيو.“ ”اهو هنڌ انهيءَ لاءِ ناهي. ڪپڙا خريد نہ ڪر. توکي جيترا بہ ڪپڙا کپن مان توکي ڏيندس. مان توکي پورو ايندس جنهن ڪري تون هڪڙي عظيم ڪاميابي ماڻيندين. انهي الماڙيءَ ڏانهن وڃ. اتي هڪڙو ننڍڙو هنڌ آهي. توکي جيڪي ڪجهہ بہ کپي اهو کڻ. منهنجا پيارا ساٿي، توکي ڪي بہ ڪپڙا خريد ڪرڻ جي ڪا بہ ضرورت ڪونهي.“ ”سم، بجاءِ ان جي مان اهي خريد ڪرڻ چاهيندس.“ ”منهنجا پيارا ساٿي، مون لاءِ اهو آسان رهندو تہ تون ڀهريان اهي مون وارا ڪپڙا پاءِ ۽ پوءِ ٻئي گڏجي هلي ڪري ٻاهريان خريد ڪري اچون. ڇا تو وٽ پاسپورٽ آهي؟ تون پاسپورٽ جي بغير گهڻو ٻاهر نہ ٿو وڃي سگهين.“ ”ها. مون وٽ اڃا تائين پاسپورٽ آهي.“تہ پوءِ منهنجا پيارا ساٿي، ڪپڙا پاءِ ۽ پراڻي هيلوينشيا ڏانهن هلون.“ ”اهو ايترو آسان ناهي. مون کي ڀهريان متي استريسا ڏانهن وڃڻو آهي.“ ”پنهنجو مثال پاڻ، منهنجا پيارا ساٿي.

تون فقط هڪڙي ٻيڙيءَ جو ونجه آر پار ڦيراءِ.“ ”جيڪڏهن مان ڳائڻ جي ڪوشش نہ ڪري رهيو هوندس، مان توسان گڏجي هلندس. مان پوءِ بہ توسان هلندس.“ ”تون سوئس انداز ۾ ڳائي سگهين ٿو.“ .منهنجا پيارا ساٿي، تہ پوءِ مان سوئس انداز ۾ ڳائيندس. جيتوڻيڪ مان حقيقت ۾ پڻ ڳائي سگهان ٿو. اهو عجيب حصو آهي. ”مان شرط لڳايان ٿو تہ تون ڳائي سگهين ٿو.“ هو واپس پلنگ تي آهلجي سگريٽ پيئڻ لڳو. ”گهٽي شرط نہ لڳاءِ. پر جيتوڻيڪ مان ڳائي سگهان ٿو. اهو ڪمبخت ڪافي مزاحيہ آهي، پر مان ڪري سگهان ٿو. مان ڳائڻ کي پسند ڪيان ٿو. ٻڌ.“ هو آفريڪي انداز ۾ رنيڻ لڳو هن جي ڳچي ڦوندارجي ويئي، هن جون نسون ٻاهر نڪري بيٺيون. ”مان ڳائي سگهان ٿو“ هن چيو. ”پوءِ ڪٽي اهي پسند ڪن يا نہ.“ مون دريءَ کان ٻاهر ڏٺو. ”مان هيٺ وڃي پنهنجي ٽانگي کي روانو ڪندس.“ ”منهنجي پنيان اچ، منهنجا پيارا ساٿي، ۽ اسان ناشتو ڪنداسين.“ هن بستر کان ٻاهر قدم وڌايا. سڌو ٿي بيهي رهيو. هڪڙو گهرو ساه کنيائين ۽ هيٺ جهڪڻ واريون مشقون ڪرڻ شروع ڪيائين. مان ڏاڪڻين تان هيٺ لهي ويس ۽ ٽانگي واري کي پيسا ادا ڪيم.

34

عام ڪپڙن ۾ مون پاڻ کي هڪڙي ڀهروپي جيان محسوس ڪيو. مان گهڻي وقت کان وٺي هڪڙي وردي ۾ هوس ۽ مون پنهنجي بدن تي ڪپڙن جي چڪجي بيهڻ واري احساس جي ڪمي محسوس ڪئي. ٽرائوزر ڪافي سست لڳي رهيا هئا. مون ملان وٽان استريسا جي لاءِ هڪڙي ٽڪيٽ خريد ڪئي هئي. مون هڪڙي نئين ٽوپي پڻ ورتي هئي. مان سِمر جي ٽوپي پائي نه سگهيس پر هن جا ڪپڙا ڪافي سٺا هئا. انهن مان تماڪ جي بوءِ اچي رهي هئي ۽ جيئن ئي ريل جي ڪمري (ڪمپارٽمينٽ) ۾ وينس ۽ دري کان ٻاهر ڏسڻ لڳس نئين ٽوپي ڪافي نئين محسوس ٿيڻ لڳي ۽ ڪپڙا ڪافي پراڻا محسوس ٿيڻ لڳا. مون پنهنجو پاڻ کي ايترو اداس ۽ گهميل محسوس ڪيو جيترو لومبارڊ جا اهي کيت جيڪي دري منجهان ٻاهر نظر اچي رهيا هئا. اتي ريل جي ڪمري ۾ ڪجه هواباز (پائيليٽ) ويٺا هئا جن مون ڏانهن گهٽو ڌيان نه ڏنو. انهن مون ڏانهن نهارڻ کان پرهيز پئي ڪيو ۽ منهنجي عمر جي هڪڙي شهري کان هو ڪافي حقارت ڪري رهيا هئا. مون کي توهين جو احساس نه ٿيو. جي اهي منهنجا ڀهريان وارا پراڻا ڏينهن هجن ها ته مان انهن کي بي عزتو ڪيان ها ۽ انهن سان وڙهي پوان ها. اهي گيليريٽ وٽ لهي ويا ۽ مون پاڻ کي اڪيلو ڏسندي ڪافي سرهائي محسوس ڪئي. مون وٽ اخبارون هيون پر مان اهي پڙهي ڪو نه رهيو هوس ڇاڪاڻ جو مون جنگ جي باري ۾ پڙهڻ نه پئي چيو. مون جنگ کي وسارڻ پئي چاهيو. مون عليحده طور تي امن اختيار ڪيو هو. مون پنهنجو پاڻ کي بدبخت تنها محسوس ڪيو ۽ جڏهن ريل استريسا ڏانهن هلڻ لڳي ته مون کي سرهائي ٿي. اسٽيشن کان پوءِ مون هوٽل کان حمالين کي ڏسڻ جي توقع ڪئي پر اتي ڪو به ڪو نه هو. مند گهڻي وقت کان پوري ٿي چڪي هئي ۽ ريل وٽان ڪو به نه مليو. مان ريل تان پنهنجي ٿيلهي سميت هيٺ لٿس. اهو سِمر جو ٿيلهو هو ۽ اهو کڻڻ ۾ ڪافي هلڪو هو. لڳ ڀڳ سمورو خالي هو سواءِ ٻن قميضن جي. ۽ برسات ۾ اسٽيشن جي ڇت جي هيٺان بيهي رهيس جڏهن ته ريل هلي ويئي هئي. مون اسٽيشن وٽ هڪڙي ماڻهو کي ڏٺو ۽ ان کان معلوم ڪيم مٿان هن کي ڄاڻ هجي ته ڪهڙا هوٽل کليل هئا. گرانڊ هوٽل ۽ ڊيس آئيلز بوروميز ۽ ٻيا ڪيترا ئي ننڍڙا هوٽل جيڪو سارو سال کليل رهندا هئا کليل هئا.

مون هلندڙ برسات ۾ آئيلز بارو مِيس جي لاءِ ٿيلها کڻندي هلڻ شروع ڪيو. مون هڪڙي ٽانگي کي گهٽي جي هيٺان ايندي ڏٺو ۽ ڊرائيور کي اشارو ڏنم. هڪڙي ٽانگي ۾ سوار ٿي پهچڻ بهتر هو. اسان وڏي هوٽل وٽ ٽانگي جي داخلا واري هنڌ ڏانهن سوار ٿياسين ۽ دربان هڪڙي ڇٽي سان ٻاهر نڪري آيو ۽ هو ڪافي مهذب لڳي رهيو هو. مون هڪڙو سٺو ڪمرو ورتو. اهو ڪافي وڏو ۽ روشن هو ۽ انهي کان ٻاهر ڍنڍ نظر پئي آئي. ڪڪر هيٺ ڍنڍ جي مٿان هئا ۽ پر اها سج جي روشني سان اجا به خوبصورت ٿي ويندي. مان پنهنجي گهر واري جي لاءِ منتظر هوس. مون چيو. اتي هڪڙو ٻٽو پلنگ هو. جنهن تي اطلس سان ملندڙ جلندڙ چادر ڏنل هئي. هوٽل ڪافي عاليشان هو. مان هيٺ

طويل احاطن ڏانهن ويس، جيڪي بار ڏانهن ويندڙ ڪمرن وچان ويڪرين ڏاڪڻين جي هيٺان هئا. مون بار واري همراه کي چاتو پئي ۽ هڪڙي اوچي اسٽول تي ويهي رهيس ۽ نمڪين بادام ۽ پٽاٽن جون چپپسون کائڻ لڳس. مارٽيني (martini : شراب جي بٽايل هڪڙي ڪارڪ) ٿڌي ۽ صاف محسوس ٿي رهي هئي. ”بورگِيزي (borghese: اعليٰ اطالوي خاندان ـ مترجم)، تون هتي ڇا ڪري رهيو آهين؟“ ٻي مارٽيني ملائڻ کان پوءِ بار واري همراه پڇيو. ”مان موڪل تي آهيان. روبصحت موڪل تي.“ ”هتي ڪو به ڪونهي. مان نه ٿو ڄاڻان ته انهن هوٽل کولي ڇو رکيو آهي.“ ”ڇا تو مڇيءَ جو شڪار پئي ڪيو؟“ ”مون ڪجه خوبصورت مڇيون پڪڙيون آهن. هن سال ڪنڊي سان شڪار ڪندي تون ڪجه خوبصورت مڇيون پڪڙي سگهين ٿو.“ ”ڇا توکي ڪڏهن اها تماڪ ملي جيڪا مون تو ڏانهن ڏياري موڪلي هئي؟“ ”ها.“ ”ڇا توکي منهنجو ڪارڊ ڪو نه مليو؟“ مون ٺهڪ ڏنو. مان تماڪ وصول ڪرڻ جي قابل ڪو نه ٿي سگهيو هوس. اها آمريڪي سلفيءَ واري تماڪ هئي جيڪا هن مون کي ڏيڻ چاهي پئي، پر منهنجي رشتيدارن انهي جي روانگيءَ کي روڪي ڇڏيو هو يا انهن پاڻ وٽ محفوظ ڪري ڇڏي هئي. بحرحال اها ڪڏهن به ڪو نه آئي. ”مان ڪڏهن ڪٿي نه ڪٿي ڪجه حاصل ڪندس،“ مون چيو. ”مون کي ٻڌاءِ ڇا تو شهر ۾ ٻن انگريز ڇوڪرين کي ڏٺو؟“ ”اهي ٽئين ڏينهن هتي آيون هيون.“ ”اهي هوٽل ۾ نه آهن.“ ”اهي نرسون آهن.“ ”مون به نرسيون ڏٺيون آهن. هڪڙو منٽ بيه، مان ڳولهي لهان ٿو ته اهي ڪٿي آهن.“ ”انهن مان هڪڙي منهنجي گهر واري آهي،“ مون چيو. ”مان هتي هن سان ملڻ آيو آهيان.“ ”ٻي منهنجي گهر واري آهي.“ ”مان مذاق نه ٿو ڪيان.“ ”منهنجي احمقاڻي مذاق کي درگذر ڪجو“ هن چيو. ”مان سمجهي ڪو نه سگهيس.“ هو هليو ويو ۽ بلڪل ٿوري وقت لاءِ غائب ٿي ويو. مون زيتون، نمڪين بادام ۽ پٽاٽن جون ڪاترون (چپسون) کاڌيون ۽ پنهنجو پاڻ کي عام ڪپڙن ۾ بار جي آئيني جي پويان ڏٺو. ساقي (بار وارو) واپس موٽي آيو. ”اهي اسٽيشن جي قريب هڪڙي ننڍڙي هوٽل ۾ آهن.“ هن چيو. ”ڪجه سموسن جي باري ۾ ڇا خيال آهي؟“ ”مان انهن جي لاءِ گهنٽي وڄائيندس. تون سمجهين ٿو نه ته هتي ڪجه به ڪونهي، هاڻي هتي ڪو به ماڻهو ڪونهي.“ ”ڇا واقعي ۾ اتي ڪو به ڪونهي؟“ ”ها. اتي تمام ٿورڙا ماڻهو آهن.“ سموسا اچي ويا ۽ مون ٽي سموسا کاڌا ۽ مارٽيني جو هڪڙو سوايو جوڙو پيتو. مون ڪڏهن به ڪا شيءِ ايتري ٿڌي ۽ صاف ڪو نه چکي هئي. انهن جي واپرائڻ سان مون پاڻ کي نفيس طبع محسوس ڪيو. مون وٽ تمام گهڻو ڳاڙهو شراب هو خراب ڪافي ۽ گريپا هئي. مان آرامده سدا بهار ٻوٽي جي اڳيان اوچي اسٽول تي ويهي رهيس، جنهن جي اڳيان آرسيون ۽ پتل هو ۽ ڪجه به سوچي نه رهيو هوس. بار واري همراه مون کان ڪو سوال ڪيو. ”جنگ جو ذڪر نه ڪر،“ مون چيو. جنگ پري طويل رستي تي هئي. ٿي سگهي ٿو اتي ڪا جنگ نه هجي. هتي ڪا به جنگ ڪو نه هئي. انهي کان پوءِ مون محسوس ڪيو ته اها منهنجي لاءِ ختم ٿي ويئي هئي. پر مون کي اها محسوسات ڪو نه هئي ته اها حقيقت ۾ ختم ٿي ويئي هئي. مون هڪڙي اهڙي ٻار جيان محسوس ڪيو جيڪو اهو سوچي رهيو هجي ته ڪنهن مخصوص گهنٽي ۾ ڳوٺ جي ان اسڪول واري عمارت ۾ ڇا هلي رهيو هوندو جتان هو گسائي آيو هو. جڏهن مان انهن جي

هوٽل ڏانهن ويس ڪيٽرائن ۽ فرگوسن انهي مهل رات جي ماني وٽ هيون. احاطي وٽان ٻيهندي مون انهن کي ميز وٽ ڏٺو. ڪيٽرائن جو چهرو مون کان هٽيل هو ۽ مون هن جي وارن جي چڳ ۽ ڳلڙن ۽ حسين ڳچيءَ ۽ ڪلهي کي ڏٺو. فرگوُسن ڳالهائي رهي هئي. جڏهن مان گهڙي پيس هوءَ ٻيهجي ويئي. "منهنجا خدا،" هن چيو. "هيلو" مون چيو. "چو— تون آهين!" ڪيٽرائن چيو. هن جو چهرو ٻهڪي پيو. هن کي اعتبار ئي نہ پئي آيو ۽ هوءَ بي انتها خوش نظر اچڻ لڳي. مون هن کي چمي پاتي. ڪيٽرائن جو چهرو شرم وچان سرخ ٿي ويو ۽ مان هيٺ ميز وٽ ويهي رهيس. "تو ڏاڍو سنو پريشان ڪيو آهي،" فرگوُسن چيو. "توهان هتي ڇا ڪري رهيون آهيو؟ ڇا توهان ڪجھ کاڌو آهي؟" "نہ." اها ڇوڪري جيڪا مانيءَ جي خدمت تي مقرر هئي اندر گهڙي آئي مون هن کي پاڻ لاءِ هڪڙي پليٽ کڻي اچڻ جو چيو. ڪيٽرائن سمورو وقت مون ڏانهن نهاريندي رهي، هن جي اکين ۾ خوشي هئي. "تون انهن پراڻن ڪپڙن ۾ ڇا ڪري رهيو آهين؟" فرگوسن پڇيو. "مان نينڊڙي الماڙي ساڻ ڪري آيو آهيان." "تون ڪنهن الجهن ۾ آهين." "مسڪراءِ، فرگِي. فقط ٿورو مسڪراءِ." "مان توکي ڏسڻ کان پوءِ شادمان ناهيان. مان ڄاڻان ٿي تہ تو هن ڇوڪريءَ کي ڪيتري مصيبت ۾ وجهي ڇڏيو آهي. تون خوشيءَ وارو نظارو نہ آهين." ڪيٽرائن مون ڏانهن ڏسندي مسڪرايو ۽ ميز جي هيٺان پنهنجي پير سان مون کي ڇهيو. "فرگِي، مون کي ڪنهن بہ الجهن ۾ نہ وڌو آهي. مان پاڻ پنهنجين پريشانين ۾ گهيريل آهيان." "مان هن سان نہ ٿي ٻيهي سگهان،" فرگوسن چيو. "هن پنهنجي مڪار اطالوي چالن سان توکي سواءِ برباد ڪرڻ جي ٻيو ڪجھ بہ ڪو نہ ڪيو آهي. آمريڪي طالوين کان بہ برا آهن." "اسڪاچ وري ايترا با اخلاق آهن،" ڪيٽرائن چيو. "منهنجو اهو مطلب ڪو نہ هو. منهنجو مطلب هن جي اطالوي مڪاري وارو هو." "ڇا مان مڪار آهيان، فرگي؟" "تون آهين. تون مڪار کان بہ برو آهين. تون هڪڙي نانگ جيان آهين. هڪڙو نانگ جنهن کي اطالوي وردي پاتل آهي. جنهن جي ڳچيءَ ۾ هڪڙي ٽوپي ڦيرايل آهي." "هاڻي مون کي اطالوي وردي پاتل ڪونهي." "اهو تنهنجي مڪاريءَ جو هڪڙو ٻيو نمونو آهي. تون سڄو سانوڻ پيار جو چڪر هلائيندو رهيين ۽ هن ڇوڪريءَ کي حامل بڻايئي ۽ هاڻي مان سمجهان ٿي تہ تون وري لڪي لڪي هليو ويندين." مون ڪيٽرائن ڏانهن ڏسي مسڪرايو ۽ هن مون ڏانهن ڏسي مسڪرايو. "اسان ٻئي لڪي لڪي هليا ينداسين." هن چيو. "توهان ٻئي هڪجهڙا آهيو" فرگوسن چيو. "مون کي تو تي شرم ٿو اچي، ڪيٽرائن بارڪلي. تو وٽ ڪو شرم ڪو حياءُ ۽ ڪا غيرت ڪونهي ۽ تون اهڙي ئي مڪار آهين جهڙو هو آهي." "نہ، فرگِي،" ڪيٽرائن هن کي چيو ۽ هن جي هٿ تي هٿ ڦيرايائين. "سرِ عام منهنجي خلاف نہ ڳالهاءِ. تون ڄاڻين ٿي تہ اسان هڪٻئي کي پسند ڪنديون آهيون." "پنهنجو هٿ پري ڪر،" فرگوسن چيو. هن جو چهرو سرخ هو. "جيڪڏهن تو وٽ شرم وحياءُ هجي ها تہ ڪو نہ ڪو فرق پوي ها. پر خدا ڄاڻي تو تہ ڪيترن مهينن کان تون حامل آهين ۽ ان کي مذاق ٿي سمجهين ۽ اهي سڀ مسڪراهٽون تنهنجي چهري تي ان لاءِ آيون آهن ڇاڪاڻ جو تنهنجو ورغلائيندڙ واپس موٽي آيو آهي." هن روئڻ شروع ڪري ڏنو. ڪيٽرائن هن جي مٿان ڦري آئي ۽ پنهنجي ٻانهن هن جي چوگرد ڦيرايائين. جيئن ئي هوءَ فرگوسن کي دلاسو ڏيڻ جي لاءِ اٿي بيني، مون هن جي هڏ ڪاٺ

۾ ڪنهن بہ قسم جي ڪابہ تبديلي محسوس ڪو نہ ڪئي. ”مون کي ڪا بہ پرواہ ڪونهي،“ فرگوسن سڏڪڻ لڳي. ”مان سمجهان ٿي تہ اهو ڀيانڪ آهي.“ ”اتي، اتي، فرگِي،“ ڪيٿرائن هن کي دلاسو ڏيڻ لڳي. ”مان شرمنده ٿينديس. روءِ نہ، فرگي. نہ روءِ، پراڻي فرگي.“ ”مان روئان نہ ٿي،“ فرگي سڏڪو ڏنو. ”مان نہ ٿي روئان. سواءِ ان ڀيانڪ شيءِ جي جنهن جي تون ور چڙهي ويئي آهين.“ هن مون ڏانهن نهاريو. ”مان تو کان نفرت ٿي ڪريان،“ هن چيو. ”هوءَ مون کي تو کان نفرت ڪرڻ کان روڪي نہ ٿي سگهي. تون غليظ مڪار آمريڪي اطالوي.“ هن جون اکيون ۽ نڪ روئڻ جي ڪري سرخ ٿي ويا. ڪيٿرائن مون ڏانهن ڏسي مسڪرايو. ”ڇا تون مون کي پنهنجي ٻانهن ۾ جڪڙي هن ڏانهن مسڪرائي نہ رهي آهين.“ ”فرگِي، تون اجايو پئي سمجهين.“ ”مان اهو ڄاڻان ٿي،“ فرگوسن سڏڪو ڏنو. ”توهان ٻنهي منجهان ڪنهن بہ هڪ کي مون تي ڪو بہ اعتراض نہ ڪرڻ گهرجي. مان تمام گهڻو اداس آهيان. مان پنهنجي وس ۾ ناهيان. مان اهو ڄاڻان ٿي. مان فقط توهان ٻنهيءَ کي خوش ڏسڻ چاهيان ٿي.“ ”اسان خوش آهيون،“ ڪيٿرائن چيو. ”تون هڪڙي مٺڙي فرگِي آهين.“ ”فرگوسن وري روئڻ لڳي. ”جهڙي نموني توهان هلي رهيا آهيو مان توهان کي اهڙي نموني سان خوش ڏسڻ نہ ٿي چاهيان. توهان ٻئي شادي ڇو نہ ٿا ڪيو؟ تو وٽ ڪا ٻي زال تہ ناهي، يا اٿئي؟“ ”نہ،“ مون چيو. ڪيٿرائن ٽهڪ ڏنو. ”انهي ۾ کلڻ جي ڪهڙي ڳاله آهي،“ فرگوسن چيو. ”ڪيترن ئي مردن کي ٻيون زالون هونديون آهن.“ ”فرگِي، اسان شادي ڪنداسين،“ ڪيٿرائن چيو ”جيڪڏهن انهي سان توکي خوشي ملي ٿي تہ.“ ”مون کي خوش ڪرڻ جي لاءِ نہ. توهان کي شادي شاده هئڻ گهرجي.“ ”اسان تمام گهڻو مصروف رهيا آهيون.“ ”ها. ”مان ڄاڻان ٿي. مصروف ٻارن کي پيدا ڪرڻ جي لاءِ.“ مون سمجهيو هوءَ وري روئڻ واري هئي پر بجاءِ ان جي هن تلخ مزاجي اختيار ڪئي. ”مان سمجهان ٿي تہ تون اڄوڪي رات هن سان دور هلي ويندينءَ؟“ ”ها،“ ڪيٿرائن چيو. ”جيڪڏهن هو چاهي ٿو تہ.“ ”منهنجو ڇا ٿيندو؟“ ”ڇا تون اڪيلو رهڻ کان خوفزده آهين؟“ ”ها، مان آهيان.“ ”تہ پوءِ مان تو وٽ هونديس.“ ”نہ، تون هن سان هلي وڃ. جلدي هن سان هلي وڃ.“ ”فرگي، معقول ٿي.“ ”مان چوان ٿي تہ ڦٽا فٽ هن سان هلي وڃ. توهان ٻئي هليا وڃو.“ ”تہ پوءِ اچ تہ هلون،“ مون چيو. مان فرگيءَ کان بيزار ٿي پيو هوس. ”تون مون کي ڇڏڻ چاهين ٿي. تون سمجهين ٿي تہ تون مون کي تان جو رات جي ماني کائڻ لاءِ اڪيلو ڇڏي ويندينءَ. مون هميشہ اطالوي ڍنڍن تي اڪيلو وڃڻ چاهيو ۽ اهو بس ايئين ئي آهي. او، او“ هوءَ سڏڪڻ لڳي، انهي کان پوءِ هن ڪيٿرائن ڏانهن ڏٺو ۽ بس ٿي ويئي. ”اسان رات جي مانيءَ تائين ٽڪنداسين،“ ڪيٿرائن چيو. ”۽ جيڪڏهن تون چاهين ٿي تہ مان توکي اڪيلو ڇڏي نہ ڏيان ۽ ترسي پوان تہ پوءِ مان توکي ڇڏي نہ ڏينديس. فرگي، مان توکي اڪيلو ڇڏي نہ وينديس.“ ”نہ. نہ. مان چاهيان ٿي تہ تون وڃ. مان چاهيان ٿي تون وڃ.“ هن هن جي اکين کي اگهيو. ”مان ڪيتري نہ بي عقلي ٿي ويئي آهيان. مهرباني ڪري مون کي غلط نہ سمجهجو.“ مانيءَ جي خدمت لاءِ مقرر ڪيل ڇوڪري انهي سموري روج راڙي تي پريشان ٿي ويئي هئي. هاڻي جڏهن اها ٻئي ڀيري آئي اها اهو ڏسي ڪافي پرسڪون ٿي ويئي تہ شيون ڪافي بهتر ٿي ويون هيون. انهي رات جو هوٽل ۾، اسان جي ڪمري ۾ ٻاهريان طويل احاطي سان گڏ ۽ دروازي کان ٻاهر پيل اسان جا

جوتا، ڪمري جي فرش تي پيل ٿلهو قالين، ڪڙڪين کان ٻاهر پوندڙ برسات ۽ ڪمري ۾ روشني ۽ فرحت ۽ خوشي، انهي کان پوءِ ٻاهر روشني ٿيڻ ۽ ان سان هموارا چادرن تي اپرندڙ جوش ۽ بستر جي نرمي، اهو احساس ته اسان گهر ڏانهن واپس موٽي آيا آهيون، اهو احساس ته اسان وڏيڪ تنها نه آهيون، رات جو جاڳي ڏسڻ ته اسان ٻئي موجود آهيون ۽ ڪاڏي هليا نه ويا آهيون؛ باقي سڀ ڪجه ڪوڙ هو. جڏهن اسان ٿڪجي پياسين اسان سمهي رهياسين ۽ جڏهن اسان مان ڪو سجاڳ پئي ٿيو ته ٻيو پڻ ازخود جاڳي پئي پيو جنهن ڪري اڪيلائيءَ جو ڪو احساس ڪو نه هو. اڪثر ڪري هڪڙو مرد اڪيلي رهڻ جو خواهشمند هوندو آهي ۽ هڪڙي ڇوڪري پڻ تنها رهڻ جي خواهش رکندي آهي ۽ جيڪڏهن اهي هڪٻئي کي چاهيندا هجن ته اهي هڪٻئي تي ڪامندا پڻ آهن، پر مان سچ سان چئي سگهان ٿو ته اسان ڪڏهن به اهڙو ڪجه محسوس ڪو نه ڪيوسين. اسان هڪٻئي سان گڏ هوندي اڪيلائي محسوس ڪري پئي سگهياسين، پر اها ٻين جي برخلاف هئي. اهڙو ڪجه مون سان فقط هڪڙي دفعي پيش آيو. جڏهن مان گهڻين ڇوڪرين سان گڏ هوندو هوس مان تنها هوندو هوس ۽ اهو ئي رستو آهي جنهن سان توهان تمام گهڻو تنها ٿي سگهو ٿا. پر اسان ڪڏهن به تنها ڪو نه هئاسين ۽ جڏهن به اسان گڏ هئاسين اسان کي ڪو به خوف ڪو نه پئي ٿيو. مون ڄاتو پئي ته رات ڏينهن جيان ساڳي ناهي: ته سڀ شيون مختلف آهن، ته رات جون شيون ڏينهن جو بيان ڪري نه ٿيون سگهجن، ڇاڪاڻ جو اهي پوءِ ڪو وجود نه ٿيون رکن، ۽ رات اڪيلن انسانن جي لاءِ ڀيانڪ وقت ٿي سگهي ٿو هڪ دفعو جڏهن انهن جي تنهائي جو آغاز ٿي وڃي. پر ڪيٿرائن سان گڏ اتي رات جو لڳ ڀڳ ڪو به فرق نه پئي ٿيو سواءِ ان جي ته اهو اڃا به بهتر وقت هو. جيڪڏهن ڪو انسان هن دنيا کي گهڻو حوصلو، بهادري ۽ شجاعت عطا ڪرڻ چاهي ٿو ته دنيا کي اهڙن انسانن کي مارڻو آهي، ٽوڙڻو آهي، اهڙيءَ طرح يقيناً اها انهن کي ماري ئي ڇڏيندي آهي. دنيا هر ماڻهوءَ کي ٽوڙي ٿي ۽ پوءِ ٽٽل هنڌن تي ڪيترائي مضبوط ٿي ويندا آهن. پر اهي جيڪي ٽٽڻ نه ٿا چاهن انهن کي ماريو وڃي ٿو. اها تمام سٺن، معزز ۽ بهادر انسانن کي غيرجانبداراڻي نموني سان ماري ٿي. جيڪڏهن توهان انهن منجهان هڪ نه آهيو توهان به يقين ڪري سگهو ٿا ته اها توهان کي پڻ ماريندي پر اتي ان لاءِ ڪا خاص جلدي نه ڪئي ويندي. مون کي صبح جو جاڳڻ ياد ٿو اچي. ڪيٿرائن ستل هئي ۽ سج جي روشني ڪڙڪين وسيلي اندر اچي رهي هئي. برسات بند ٿي وئي هئي ۽ مون پلنگ کان ٻاهر ۽ فرش جي آرپار ڪڙڪيءَ ڏانهن قدم رکيو. هيٺ باغ هئا، جيڪي ان مهل بي لباس هئا پر روز بروز سهڻا ٿيندا پئي ويا، روڙيدار رستا، وڻ، ڍنڍ وٽان پٿر جون ديوارون ۽ سج جي روشنيءَ ۾ ڍنڍ هئي جنهن جي پٺيان پهاڙ هئا. مان ڪڙڪيءَ کان ٻاهر ڏسي رهيو هوس ۽ جڏهن مان پوئتي مڙيس ڏٺم ته ڪيٿرائن جاڳي رهي هئي ۽ مون ڏانهن نهاري رهي هئي. "جاني، ڪيئن آهين؟" هن چيو. ڇا اهو حسين ڏينهن ناهي؟" "تون ڪيئن پئي محسوس ڪرين؟" "مان هاڻي ڪافي بهتر پايان ٿي. اسان هڪڙي حسين رات گذاري سين. " "ڇا تون ناشتو ڪرڻ چاهين ٿو؟" هن ناشتو ڪرڻ پئي چاهيو. مون به اهو ئي چاهيو پئي ۽ اسان اهو پلنگ تي ڪيوسين، نومبر جي سج جي روشني ڪڙڪيءَ کان اندر اچي رهي هئي، ۽ ناشتي جي طشتري منهنجي جهوليءَ ۾ رکيل هئي.

”ڇا توکي اخبارون گهرجن؟ تون اڪثر اسپتال ۾ اخبارون گهرندو هئين؟“ ”نہ،“ مون چيو. ”هاڻي مون کي اخبارون نہ گهرجن.“ ”ڇا اهو ايترو خراب هو جو تون تان جو ان جي باري ۾ پڙهڻ بہ نہ ٿو گهرين؟“ ”مان ان جي باري ۾ پڙهڻ نہ ٿو گهران.“ ”ڪاش مان بہ توسان گڏ هجان ها تہ مان پڻ ان جي باري ۾ ڄاڻي سگهان ها.“ ”جيڪڏهن اهو صحيح سلامت منهنجي دماغ ۾ آيو تہ مان توکي ان جي باري ۾ سڀ ڪجھ ٻڌائيندس.“ ”پر جيڪڏهن انهن توکي ورديءَ جي بنا ڏٺو تہ ڇا اهي توکي گرفتار نہ ڪندا؟“ ”اهي غالباً مون کي گولي هڻي ڇڏيندا.“ ”تہ پوءِ اسان هتي نہ ٽڪنداسين. اسان ملڪ کان ٻاهر نڪري وينداسين.“ ”مان ان جي باري ۾ ڪجھ نہ ڪجھ سوچيندس.“ ”اسان ٻاهر هليا وينداسين. جاني توکي احمقاڻا موقعا نہ وٺڻ گهرجن. مون کي ٻڌاءِ تہ تون ميسٽر کان ملان تائين ڪيئن پهتين؟“ ”مان ريل تي آيس. انهي مهل مون کي وردي پاتل هئي.“ ”ڇا تون ان مهل مصيبت ۾ هئين؟“ ”ايترو نہ. مون وٽ تحرڪ جي هڪڙي پراڻي ترتيب هئي. مون ان تي ميسٽر ۾ تاريخون مقرر ڪيون.“ ”جاني، تون هتي ڪنهن بہ وقت گرفتار ٿيڻ جي قابل آهين. مان اهو نہ ٿي ڇاهيان. اهڙي قسم جي ڪا بہ شيءِ ڪرڻ احمقاڻو آهي. جيڪڏهن اهي توکي ڪٽي هليا ويا تہ پوءِ اسان ڪيڏانهن وينداسين؟“ ”اچ تہ ان جي باري ۾ سوچون. مان ان جي باري ۾ سوچي سوچي ٿڪجي پيو آهيان.“ ”جيڪڏهن اهي توکي گرفتار ڪرڻ آيا تہ پوءِ تون ڇا ڪندين؟“ ”انهن کي گولي هڻي ڇڏيندس.“ ”تون سمجهين ٿو نہ تہ تون ڪيترو نہ احمق آهين. مان توکي هوٽل کان ٻاهر وڃڻ نہ ڏيندس جيستائين اسان هتان هليا نہ ٿا وڃون.“ ”اسان ڪيڏانهن وڃڻ وارا آهيون؟“ ”جاني، مهرباني ڪري ايئين نہ ڳالهاءِ. جيڏانهن تون چوندين اسان تيڏانهن هلنداسين. پر ڪو هنڌ ڳولهي لہ جيڏانهن اسان جلدي جلدي هليا هلون.“ ”سوئزلينڊ ڍنڍ جي هيٺان آهي، اسان اوڏانهن هلي سگهون ٿا.“ ”اهو خوبصورت رهندو.“ اتي ٻاهر جهڙالو ٿي رهيو هو ۽ ڍنڍ تي اونداه ڇائنجي رهي هئي. ”ڪاش اسان کي هميشہ مجرمن جيان رهڻو نہ پوي،“ مون چيو. ”جاني، ايئين نہ چئو. تو ڪجھ عرصو ڏوهارين جيان نہ گهاريو آهي. اسان سنو وقت ماڻڻ وچي رهيا آهيون.“ ”مان هڪڙي مجرم جيان محسوس ڪيان ٿو. مون فوج سان دغابازي ڪئي آهي.“ ”جاني، مهرباني ڪري هوش ۾ اچ. اها فوج سان دغابازي ناهي. اها فقط اطالوي فوج آهي.“ مون ٽهڪ ڏنو. ”تون هڪڙي سني ڇوڪري آهين. اچ تہ واپس بستر ڏانهن هلون. مون کي بستر ۾ سڪون ايندو آهي.“ ٿوريءَ دير کان پوءِ ڪيٿرائن چيو ”تون هڪڙي مجرم جيان محسوس نہ ٿو ڪرين، ها نہ؟“ ”نہ،“ مون چيو. ”تڏهن نہ جڏهن مان توسان هوندو آهيان.“ ”تون اهڙو تہ احمق ڇوڪرو آهين،“ هن چيو. ”پر مان تنهنجو خيال رکنديس. جاني، ڇا اهو شاندار ناهي، جو مون کي ڪا بہ صبح جي بيماري بَري ڪونهي؟“ ”اهو عاليشان آهي.“ ”تون ان جي ساراه نہ ٿو ڪرين تہ توکي ڪيتري نہ زبردست زال ملي آهي. پر مون کي ان جي ڪا پرواه ناهي. مان توکي اهڙي هنڌ ڏانهن وٺي ويندس جتي اهي توکي گرفتار نہ ڪري سگهندا ۽ پوءِ اسان هڪڙو حسين وقت گهارينداسين.“ ”اچ تہ جلدي جلدي هلون.“ ”اسان هلنداسين، جانِ من. مان جنهن بہ هنڌ تي تون چاهيندينءَ توسان گڏجي هلندس.“ ”اچ تہ في الحال ڪنهن بہ شيءِ جي باري ۾ سوچڻ بند ڪري ڇڏيون.“ ”نيڪ آهي.“

35

ڪيٽرائن ڊنڊ جي پرسان هڪڙي ننڍڙي هوٽل ڏانهن فرگوسن کي ڏسڻ ويئي ۽ مان بار ۾ ويهي اخبارون پڙهڻ لڳس. اتي بار ۾ چمڙي واريون آرامده ڪرسيون هيون ۽ مان انهن مان هڪ تي ويهي رهيس ۽ تيستائين پڙهندو رهيس جيستائين ساقي (بار وارو) اتي آيو. فوج ٽيگليامينٽو وٽ مهاڏو اٽڪائي ڪو نہ سگهي هئي. اها پِي آوَ ڏانهن موٽ کائي رهي هئي. مون کي پي آوَ ياد هو. سين ڊونگا جي ويجهو مٿي محاذ ڏانهن ويندي ريل جو رستو اتان گذرندو هو. اهو ڪافي اونهو ۽ سست هو ۽ اهو ڪافي سوڙهو هو. اتي هيٺاهين ۾ مڇرن سان ستيل ڍنڍيون ۽ واه هئا. اتي خوبصورت محل نما ڪجه جايون هيون. هڪڙي پيري، جنگ کان پهريان، مٿي ڪورٽِينا دي ايمپيزو ڏانهن ويندي مان ان جي پرسان پهاڙن ۾ ڪيترن ئي ڪلاڪن تائين ويو هوس. مٿي اهو سينگاري مڇيءَ سان پريل هڪڙي وهڪري جيان لڳي رهيو اهو مٿاڇرن ڦهلائن ۽ پٿرن جي هيٺان وارن تلائن سان گڏ آرام سان وهي رهيو هو. اتان کان رستو ڪيڊور ڏانهن مڙي رهيو هو. مون کي تعجب پئي ٿيو تہ فوج جيڪا اتي مٿي هئي اها هيٺ ڪيئن اچي سگهي ٿي. بار وارو همراه اندر گهڙي آيو. ”ڪائوُنٽ گريفِي تنهنجي باري ۾ پڇي رهيو هو“ هن چيو. ”ڪير؟“ ”ڪائونٽ گريفي. توکي ياد آهي اهو پوڙهو شخص جيڪو جڏهن تون پهريان هتي آيو هئين هتي آيو هو.“ ”ڇا هو هتي آهي؟“ ”ها، هو پنهنجي ڀائيٽي سان گڏ هتي آيو آهي. مون هن کي ٻڌايو تہ تون هتي هئين. هو چاهي ٿو تہ تون هن سان بليئرڊ کيڏ.“ ”هو ڪٿي آهي؟“ ”هو چهل پهل ڪري رهيو آهي.“ ”هو ڪيئن آهي؟“ ”هو پهريان کان جوان آهي. هن ڪاله رات جو شيمپين جون ٽي ڪاڪ ٽيلون (بک وڌائڻ جا مشروب) رات جي ماني کائڻ کان اول پيتيون.“ ”هن جي بليئرڊ راند ڪيئن هلي رهي آهي؟“ ”سٺي. هن مون کي مات ڏني. جڏهن مون هن کي ٻڌايو تہ مان هتي هوس هو ڏاڍو خوش ٿيو. هن سان کيڏڻ جي لاءِ هتي ڪو بہ ڪونهي.“ ڪائونٽ گريفي چورانوي سالن جي ڄمار جو هو. هو ميٽرنچ جو هڪڙو همعصر هو ۽ هو سفيد وارن ۽ مڇن وارو ۽ خوبصورت اندازن وارو جهونو شخص هو. هن آسٽريا ۽ اٽليءَ ۾ سفارتڪاريءَ جون خدمتون سرانجام ڏنيون هيون هن جي جنم ڏڻ جون تقريبون ملان جا عظيم سماجي موقعا تصور ڪيا ويندا هئا. هو هڪ سئو سالن جي ڄمار کان مٿي هئڻ جي باوجود بہ حال حيات هو ۽ هڪڙي هموار رواني‍ءَ سان بليئرڊ جي راند کيڏندو هو جيڪا هن جي چورانوي سالن جي ڄمار جي نزاڪت جي بلڪل ابتڙ هئي. بدليل موسم جي ڪري مان جڏهن اسٽريسا وٽ هوس منهنجي هن سان ملاقات ٿي هئي ۽ جڏهن اسان بليئرڊ جي هڪڙي راند رچائي رهيا هئاسين ان مهل اسان شيمپين پي رهيا هئاسين. مان سمجهان ٿو تہ اها هڪڙي عاليشان رسم هئي ۽ هن مون کي هڪڙي سئو ۾ پندرنهن پوائنٽون ڏنيون ۽ مون کي هارائي ڇڏيو. ”تو مون کي ڇو نہ ٻڌايو تہ هو هتي آهي؟“ ”مون کان اهو وسري ويو.“ ”ٻيو هتي ڪير آهي؟“ ”ڪو بہ اهڙو ڪونهي جنهن کي تون سڃاڻيندو هجين. اتي مجموعي طور تي فقط ڇه ماڻهو آهن.“ ”هاڻي تون ڇا ڪري رهيو آهين؟“

”ڪجھ به نه.“ ”اڄ ته ٻاهر مڇي مارڻ هلون.“ ”مان صرف هڪڙي ڳھنٽي جي لاءِ هلي سگھان ٿو.“ ”اڄ. ڪلوئنڙو ڪٽي اڄ.“ بار واري همري ڪوٽ پاتو ۽ اسان ٻاهر هليا وياسين. اسان هيٺ وياسين ۽ هڪڙي ٻيڙيءَ ۾ چڙهياسين مون ونجھ پئي هلايو جڏهن ته بار وارو همراه ٻيڙيءَ جي پوئين پاسي کان ٿي وينو ۽ هڪڙي ويڙهي واري ڏوريءَ کي ڊرو ڪندو ويو جنهن جي پڇاڙيءَ ۾ داڻو ۽ وزن ڏنل هو ڊنڊ ۾ رهندڙ سينگاري مڇيءَ کي ڦاسائڻ لاءِ. اسان ڪناري جي لڳو لڳ ونجھ هلائيندا رهياسين. بار وارو همراه هٿ ۾ ڏوريءَ کي جھليو ويٺو هو ۽ رکي رکي ان کي پوئتي سٽون ڏئي رهيو هو. ڊنڊ کان اسٽريسا متروڪ لڳي رهيو هو. اتي بي لباس وڻن جون ڊگھيون قطارون هيون. وڏا هوٽل ۽ بند پيل وِلا هئا. مون آئيسولا بيلا جي آرپار ونجھ هلايو ۽ ديوارن جي قريب پهتس، جتي پاڻي ڪافي تيزيءَ سان گهرو ٿي رهيو هو ۽ اتي اسان پٿر جون ديوارون ڏٺيوسين جيڪي صاف پاڻيءَ ۾ آڏِ تراش نموني سان هيٺ پئي ويون، ۽ انهيءَ کان پوءِ مٿي ۽ مهاڻن جي ٻيٽ جي پرتائين ڦهليل هيون. سج هڪڙي ڪڪر جي هينان هو ۽ پاڻي تاريڪ لسو ۽ ڪافي ٿڌو هو. اسان کي مڇيءَ جي هڪڙي ٻه سٽ نه لڳي جيتوڻيڪ اسان مٿي ايندڙ مڇيءَ جا پاڻِيءَ تي نهي ٻيهندڙ دائرا ڏٺاسين. مون مٿي مهاڻن جي ٻيٽ جي آمهون سامهون ونجھ هلايو اتي جتي ٻيڙيون اڀيون ڪيل هيون ۽ ماڻهو جار اُڻي رهيا هئا. ”ڇا اسان کي هڪڙو جام پيئڻ گهرجي؟“ ”نيڪ آهي.“ مون ٻيڙي مٿي پٿر جي گهاٽ تي آندي ۽ بار واري همراه رسيءَ کي ڇڪيو ٻيڙيءَ جي تري ۾ ويني ان کي ويڙهيو ۽ ٻيڙيءَ جي مٿئين حصي واري ڪناري کان ويڙهي ۾ ڪنڊيا هٽي بند ڪيو. مون ٻاهر نڪري ٻيڙيءَ کي ٻڌو. اسان هڪڙي ننڍڙي ڪيفي ۾ وياسين. هڪڙي خالي ڪاٺ جي ميز تي ويهي رهياسين ۽ خوشبودار سفيد شراب جو حڪم ڏنوسين. ”ڇا تون ونجھ هلائيندي ٿڪجي پيو آهي؟“ ”واپسيءَ تي مان هلائيندس.“ هن چيو. ”ونجھ هلائڻ مون کي پسند آهي.“ ”متان تنهنجي ڏور جهلڻ سان ڀاڳ کلي پوي.“ ”نيڪ آهي.“ ”مون کي ٻڌاءِ ته جنگ ڪيئن هلي رهي آهي؟“ ”تمام گهٽي فرسوده.“ ”مون کي واپس موٽڻو ناهي. مان ڪائونٽ گريفيءَ جيان تمام پوڙهو ٿي ويو آهيان.“ ”تي سگهي اجا توکي وڃڻو پوي.“ ”ٻئي سال اهي منهنجي ڪلاس کي گهرائيندا. پر مان نه ويندس.“ ”تون ڇا ڪندين؟“ ”ملڪ کان ٻاهر هليو ويندس. مان جنگ ڏانهن نه ويندس.“ ”مان هڪڙي دفعي حبش ديش (ايبيسينيا) ۾ جنگ ڏانهن ويو هوس.“ ”تون ڇاڪاڻ ويو هئين؟“ ”مان نه ٿو ڄاڻان. مان هڪڙو احمق هوس.“ ”هڪڙو ٻيو خوشبودار سفيد جام کپي؟“ ”نيڪ آهي.“ بار واري همراه واپس ونجھ هلايو. اسان اسٽريسا کان پرتي تائين ڊنڊ ۾ ڦرياسين ۽ انهي کان پوءِ ڪناري کان گهڻو دور نه هيٺ جي طرف وياسين. مون سُڪ سان ويڙهيل ڏوريءَ کي جهليو ۽ ويڙهي جي ڦرڻ جي ڪري نبض جي مدهم حرڪت کي محسوس ڪيو جڏهن ته مون نومبر جي ڊنڊ واري تاريڪ پاڻيءَ ۽ متروڪ ڪيل ساحل ڏانهن نهاريو. بار واري همراه هٿن سان ڊگها ڦيراٽا پئي ڏنا ۽ اڳتي ڌڪجڻ جي ڪري ٻيڙي جهٽڪو ڏنو. هڪڙي دفعي مون کي سٽ لڳي ڏوري اچانڪ سخت ٿي ويئي ۽ پوئتي جهٽڪو ڏنائين. مون پوئتي ڇڪيو ۽ زنده سينگاريءَ جو وزن محسوس ڪيو ۽ انهيءَ کان پوءِ ڏوري وري هيڏي هيڏي ڦرڻ لڳي. اها مون کان ڇڏائجي ويئي. ”ڇا اها وڏي پئي محسوس ٿي؟“ ”ڪافي وڏي.“ ”هڪڙي ڀيري جڏهن مان ٻاهر اڪيلي سر

ڪنڊي سان مڇيءَ جو شڪار ڪرڻ جي لاءِ روانو ٿيو هوس مون ڏوري پنهنجي ڏندن ۾ ڦاسائي هئي ۽ هڪڙو جهٽڪو آيو جنهن زري گهٽ منهنجا ڏند اکيڙي ٻاهر پئي ڪيا. ” ”بهترين طريقو اهو آهي تہ توهان ان کي پنهنجي ڄنگه جي مٿان رکو“ مون چيو. ”انهي ڪان پوءِ توهان ان کي محسوس ڪري سگهو ٿا ۽ توهان جا ڏند وڃائجڻ کان بچي ويندا. “ مون پنهنجو هٿ پاڻيءَ ۾ وجهي ڇڏيو. اهو ڪافي ٿڌو هو. هاڻي اسان زري گهٽ هوٽل جي آمهون سامهون هئاسين. ” ”مون کي اندر وٺو آهي،“ بار واري همراه چيو. ”مون ڏوريءَ کي ڇڪيو ۽ ان کي ٻنهي پاسن کان ناهموار هڪڙي ڪاٺيءَ سان ويڙهي ڇڏيو. بار واري همراه پٿر ۾ هڪڙي ننڍڙي ٻوٽي جي پاڙ ۾ ٻيڙيءَ کي ٻڌي ڇڏيو ۽ ان کي هڪڙي زنجير ۽ تالي سان ٻڌي ڇڏيو. ”جڏهن بہ توکي اها گهرجي،“ هن چيو ”مان توکي چابيون ڏيندس. “ ”مهرباني. “ هو مٿي هوٽل ڏانهن ويو ۽ بار ڏانهن ويو. مون صبح جو ايترو سوير هڪڙو ٻيو جام نہ پئي چاهيو تنهن ڪري مان مٿي ڪمري ڏانهن هليو ويس. نوڪرياڻي ڪمري کي تازو تازو صاف ڪري ويئي هئي ۽ اجا تائين ڪيٿرائن واپس ڪو نہ آئي هئي. مان پلنگ تي آهلجي پيس ۽ ڪجه بہ نہ سوچڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هوس. جڏهن ڪيٿرائن واپس وري آئي هوءَ ٻيهر نيڪ ٺاڪ هئي. ”فرگوسن هيٺ ڏاڪڻين تي آهي،“ هن چيو. هوءَ مانجهاندو ڪرڻ جي لاءِ اچي رهي هئي. مون ڄاتو پئي تہ تون دل ۾ نہ ڪندين،“ ڪيٿرائن چيو. ”نہ،“ مون چيو. ”جانِ من، ڇا ڳاله آهي؟“ ”مان نہ ٿي ڄاڻان. ”مان ڄاڻان ٿي. تون ڪجه بہ ڪو نہ ڪندين. تون چاهين ٿو تہ سڀ ڪجه مان کيان ۽ مان وڃان ٿي. “ ”اهو سچ آهي. “ ”مون کي افسوس آهي، جاني. مان ڄاڻان ٿو تہ هڪدم ڪجه بہ نہ ڪري سگهڻ يقيناً هڪڙي ڀيانڪ محسوسات هئڻ گهرجي. “ ”منهنجي زندگي هرشيءِ سان ڀرپور رهي آهي،“ مون چيو. “هاڻي جيڪڏهن تون مون سان نہ هوندينءَ تہ دنيا ۾ مون وٽ ڪا بہ شيءِ نہ رهندي. “ ”پر مان توسان هوندس. مان صرف ٻن ڪلاڪن جي لاءِ هليو ويو هوس. اتي اهڙي ڪاشيءِ آهي جيڪا تون ڪري سگهين؟“ ”مان بار واري همراه سان گڏ مڇي مارڻ ويو هوس. “ ”ڇا اهو مزيدار هو؟“ ”ها. “ ”جڏهن مان هتي نہ هجان منهنجي باري ۾ نہ سوچيندي ڪر. “ ”اهو طريقو مون محاذ تي ڪتب آندو. پر اتي ڪرڻ جي لاءِ ڪا نہ ڪا شيءِ هوندي هئي. “ ”اوٿيلو (شيڪسپيئر جي ناٽڪ جو مرڪزي ڪردار ــ مترجم) پنهنجي قبضي سميت هليو ويو“ هن مون کي چيڙائڻ جي ڪئي. ”اوٿيلو هڪڙو حبشي هو“ مون چيو. ”ٻيو تہ مان حاسد ناهيان. مان فقط توسان ايترو پيار ٿو ڪيان جو ٻي ڪا شيءِ آهي ئي ڪا نہ. “ ”ڇا تون هڪڙو سنو ڇوڪرو ٿيندين ۽ فرگُوسن سان سنو هلندين؟“ ”مان هميشہ فرگوسن سان سنو هلندو آهيان رڳو هوءَ مون کي پاراتا ڏيڻ بند ڪري، “ ”هن سان سنو ٿي هل. سوچ تہ اسان وٽ ڪيترو آهي ۽ هن وٽ ڪجه بہ ناهي. “ ”مان نہ ٿو سمجهان تہ هن کي اهو ڪجه گهرجي جيڪو اسان وٽ آهي. “ ”جاني تو جهڙو اهڙو ڏاهو ڇوڪرو، ايترو ڪو نہ ٿو ڄاڻي. “ ”مان هن سان سنو هلندس. “ ”مان ڄاڻان ٿي تون هلندين. تون ڪافي مٺڙو آهين. “ ”هوءَ بعد ۾ هتي ڪونہ ٽڪندي، ها نہ؟“ ”نہ. مان هن مان جند ڇڏائيندس. “ ”۽ انهي ڪان پوءِ اسان هتي مٿي ايندا سين. “ ”يقيناً. تون ڇا ٿو سمجهين مان ڇا ٿي ڪرڻ چاهيان؟“ اسان فرگوسن سان مانجهاندو ڪرڻ جي لاءِ ڏاڪڻين ڪان هيٺ لهي وياسين. هوءَ هوٽل ۽ ڪاڏي ڪائڻ واري ڪمري جي درخشانيءَ

کان تمام گهڻو متاثر هئي. اسان سفيد ڪيپريءَ جي بوتلن جي هڪڙي جوڙي سميت هڪڙو سٺو مانجهاندو ڪيوسين. ڪائونٽ گريفي ڪاڏي ڪائڻ واري ڪمري ۾ آيو ۽ اسان کي نوڙي سلام ڪيائين. هن جو ڀائيٽيو جيڪو ٿورو گهڻو منهنجي ڏاڏي جهڙو هو. اهو هن سان گڏ هو. مون ڪيٿرائن ۽ فرگوسن کي هن جي باري ۾ ٻڌايو ۽ فرگوسن ڪافي متاثر ٿي ويئي. هوٽل ڪافي وڏو هو ۽ عاليشان ۽ خالي پر کاڌو سٺو هو شراب مزيدار هو ۽ آخر ۾ شراب اسان کي ڪافي سٺو محسوس ڪرايو. ڪيٿرائن کي وڌيڪ بهتر محسوس ڪرڻ جي ڪا بہ طلب ڪو نہ هئي. هوءَ تمام گهڻو خوش هئي. فرگوسن تمام گهڻو خوش ٿي ويئي. مون پڻ تمام سٺو محسوس ڪيو. مانجهاندي کان پوءِ فرگوسن پنهنجي هوٽل ڏانهن هلي ويئي. هن چيو تہ مانجهاندي کان پوءِ هوءَ ڪجھ گهڙين جي لاءِ آرام ڪرڻ وڃي رهي هئي. منجهند جو دير سان ڪنهن اسان جي دروازي کي ڪڙڪايو. "ڪير آهي؟" .ڪائونٽ گريفي ڄاڻڻ چاهي ٿو اگر توهان هن سان بليئرڊ کيڏڻ چاهيو ٿا." "مون پنهنجي گهڙيءَ ڏانهن نهاريو. مون ان کي لاهي ڇڏيو هو ۽ اها وهاڻي جي هيٺان پيئي هئي. "جاني، توکي وڃڻو آهي ڇا؟" ڪيٿرائن پڇ پڇ ڪئي. "مان سجهان ٿو بهتر آهي تہ مان وڃان." گهڙيءَ ۾ سوا چار وڃي رهيا هئا. ٻاهر ڏانهن مون زور سان چيو. "ڪائونٽ گريفيءَ کي ٻڌايو تہ مان پنجين بجي بليئرڊ جي ڪمري ۾ ايندس." سوا پنجين بجي ڌاران مون ڪيٿرائن کي الوداعي چمي پاتي ۽ غسل خاني ڏانهن ڪپڙا مٽائڻ ويس. پنهنجي ٽاءِ کي ٻڌندي ڏيندي مون پنهنجو پاڻ کي عام ڪپڙن ۾ عجيب محسوس ڪيو. مون کي لازماً ياد رکڻ گهرجي تہ مان ڪجھ وڌيڪ قميضون ۽ جورابا خريد ڪندس. "ڇا تون گهڻو وقت ٻاهر هوندين؟" ڪيٿرائن پڇيو. هوءَ بستر ۾ ڪافي حسين لڳي رهي هئي. "ڇا تون مون کي ڦڻي ڪڻي ڏيندين؟" مون هن کي پنهنجي وارن کي ڦڻي ڏيندي ڏٺو پنهنجي ڪنڌ کي اهڙي نموني جهليندي جو هن جي وارن جو سمورو وزن هڪڙي پاسي ڏانهن ٿي ويو. اتي ٻاهر اونداه ڇانيل هئي ۽ پلنگ جي مٿان واري روشني هن جي وارن ۽ ڳچيءَ ۽ ڪلهن جي مٿان چمڪي رهي هئي. مان هن ڏانهن سري ويس ۽ هن کي چمي پاتم ۽ جنهن هٿ ۾ هن کي ڦڻي جهليل هئي انهي کي پڪڙيم ۽ هن جو ڪنڌ وهاڻي جي پٺيءَ سان لڳو. مون هن جي ڳچيءَ ۽ ڪلهن کي چميو. هن سان ايترو پيار ڪندي مون پاڻ کي مدهوش محسوس ڪيو. "مان دور وڃڻ نہ ٿو چاهيان." "مان توکي دور وڃڻ نہ ڏيندس." "تہ پوءِ مان نہ ٿو وڃان." "ها. وڃ اهو ٿوري گهڙيءَ لاءِ هوندو ۽ پوءِ تون موٽي ايندين." "اسان هتي مٿي رات جي ماني کائينداسين." "جلدي وڃ ۽ جلدي موٽي اچ." مون ڪائونٽ گريفيءَ کي بليئرڊ جي ڪمري ۾ ڏٺو. هو ڏک هڻڻ جي مشق ڪري رهيو هو بليئرڊ جي ميز جي مٿان هيٺ ايندڙ روشنيءَ ۾ ڪافي ڪمزور نظر اچي رهيو هو. روشنيءَ کان ٿورو پرڀرو تاش جي پتن واري هڪڙي ميز تي چانديءَ جي رنگ جهڙي برف واري ٻالٽي پيئي هئي جنهن کي ڳچيون ۽ ڍڪڻ هئا برف جي مٿان شيمپين جون بہ بوتلون پيون هيون. جڏهن مان ميز جي ويجهو پهتس ڪائُونٽ گريفي سڌو ڪڙو ٿي بيٺو ۽ مون ڏانهن وڌڻ لڳو. هن پنهنجو هٿ ٻاهر ڪڍيو. "اها نهايت ئي خوشيءَ جي ڳاله آهي جو توهان هتي آهيو. توهان ڪافي مهربان آهيو جو مون سان کيڏڻ آيا آهيو." "مون کان اهو سڀ پڇڻ جي لاءِ توهان جون ڀلايون ۽ ڀال." "ڇا توهان بلڪل ٺيڪ آهيو.

انهن مون کي ٻڌايو تہ توهان اِسونزو ۾ زخمي ٿي پيا هئا. مون کي اميد آهي تہ توهان ٻيهر چاڪ چڱا ڀلا ٿي ويا آهيو.“ ”مان بلڪل ٺيڪ آهيان. ڇا توهان ٺيڪ رهيا آهيو؟“ ”او مان هميشہ ٺيڪ رهندو آهيان. پر مان پوڙهو ٿي رهيو آهيان. هاڻي مون پوڙهائپ جون نشانيون پڪڙيون آهن.“ ”مان ان کي تسليم ڪري نہ ٿو سگهان.“ ”ها. ڇا توهان هڪڙيءَ جي باري ۾ ڄاڻڻ چاهيو ٿا؟ مون لاءِ اهو آسان آهي تہ مان اطالوي ٻاشا ۾ ڳالهايان. مان پنهنجي تربيت ڪندو آهيان پر مان ڏسان ٿو تہ جڏهن مان ٿڪجي پوندو آهيان تہ اطالويءَ ۾ ڳالهائڻ مون کي سئولو لڳندو آهي. سو مان ڄاڻان ٿو تہ لازماً مون کي پوڙهو ٿيڻ گهرجي.“ ”اسان اطالوي ڳالهائي سگهون ٿا. مان پڻ ٿورو ٿڪل آهيان.“ ”او، پر جڏهن توهان ٿڪجي پوندئو تہ توهان جي لاءِ انگريزيءَ ۾ ڳالهائڻ آسان رهندو.“ ”آمريڪي.“ ”ها. آمريڪي.“ ”توهان مهرباني ڪري آمريڪن ڳالهائجو. اها ڪافي زبردست ٻاشا آهي.“ ”مان ورلي ڪڏهن آمريڪين کي ڏسندو آهيان.“ ”توهان انهن کي لازماً ياد ڪندا. ڪو بہ يا تہ پنهنجي ڏيه واسين کي ياد ڪندو آهي يا وري ڏيه واسي نارين کي. مان ان تجربي کان واقف آهيان. ڇا اسان کيڏون يا توهان گهڻو ٿڪل آهيو؟“ ”مان سچ پچ ٿڪل نہ آهيان. مون هڪڙي مذاق پئي ڪئي. توهان مون کي کهڙو بدلو ڏيو ٿا (handicap: بليئرڊ راند ۾ هينڊيڪيپ ـ بدلو۔ رانديگر جي سراسرين تي منحصر هوندو آهي. جيڪو رعايت طورهڪڙي مقابلي ۾ گهٽ مهارت رکندڙ رانديگرن کي ڀلوان رانديگرن جي خلاف ڏنو ويندو آهي. جيڪو اصولي طور تي کٽڻ جي برابر امڪانن جي دستيابي ڪندو آهي. رانديگر پنهنجي مخصوص معيارن جي برخلاف مقابلو ڪندا آهن. جيڪو سراسريءَ کان بهتر کيڏي ٿو، اهو لازماً انهن کي هارائي ٿو جن کي هڪڙو ”برو ڏينهن“ ـ "Bad day“ مليو۔ مترجم) ”ڇا توهان تمام گهڻو کيڏي رهيا هئا؟“ ”هرگز بہ نہ.“ ”توهان ڪافي سٺي نموني سان کيڏو ٿا. هڪڙي سئو ۾ ڏي پوائنٽون؟“ ”توهان منهنجي گهڻي ساراه ڪيو ٿا.“ ”پندرنهن؟“ ”اهو بهتر رهندو پر توهان پوءِ بہ مون کي مات ڏئي ڇڏيندا.“ ”ڇا اسان داو تي کيڏون؟“ توهان هميشہ داوَ تي کيڏڻ جا خواهشمند رهيا آهيو؟“ ”ٺيڪ آهي. مان توهان کي ارڙنهن پوائنٽون ڏيندس ۽ اسان هڪڙي پوائنٽ تي هڪڙي فرينڪ جي لاءِ کيڏنداسين.“ هن بليئرڊ جي هڪڙي زبردست راند کيڏي ۽ بدلي سان پنجاه ۾ مان فقط چار اڳتي هوس. ڪائونٽ گريفي ديوار تي هڪڙي بٽڻ کي ڇڪي ساقيءَ لاءِ گهنٽي وڄائي. ”مهرباني ڪري هڪڙي بوتل کولجو.“ هن چيو. انهي کان پوءِ مون کي، ”اسان ٿورو محرڪ وٺنداسين.“ شراب برف سان ٿڌو هو ۽ ڪافي خشڪ ۽ سٺو هو. ”ڇا اسان اطلويءَ ۾ ڳالهايون؟ ڇا توهان کي ڪافي ناگوار لڳندو؟ اها هاڻي منهنجي ڪمزوري بڻجي ويئي آهي.“ اسان راند رچائيندا رهياسين، ڏڪن دوران شراب جا ڍڪ پيئندا رهياسين، اطالويءَ ۾ ڳالهائيندي، پر تمام ٿورڙو ڳالهائيندي، گهڻو ڌيان راند تي ڏنوسين. ڪائونٽ گريفي هڪ سئين پوائنٽ ناهي ۽ بدلي سان گڏ مان فقط چورانوي پوائنٽن تي هوس. هن مسڪرايو ۽ منهنجي ڪلهن تي ٿڦڪي هنئي. ”هاڻي اسان هڪڙي ٻي بوتل پيئنداسين ۽ تون جنگ جي باري ۾ ٻڌائيندين.“ هن منهنجي ويهي رهڻ جو انتظار ڪيو. ”ڪنهن ٻي شيءِ جي باري ۾.“ مون چيو. ”تون ان جي باري ۾ ڳالهائڻ نہ ٿو چاهين؟“ ٺيڪ آ. تون ڇا پڙهي رهيو هئين؟“ ”ڪجه بہ نہ.“ مون

چيو. ”مون کي افسوس آهي مان ڪافي موڳو ٿي ويو آهيان.“ ”نہ. پر توهان کي پڙهڻ گهرجي.“ ”زمانہ جنگ“ (وار ٽائيم ــ اخبار ـ مترجم) ۾ ڇا لکيل آهي؟“ ”اتي ”لِي فُو هڪڙي فرانسيسيءَ جو بارڀُس. اتي ”مسٽر برِٽلنگ انهي مان ڏسي ٿو آهي. (اخبار ۾ ڇپيل ڪالم ــ مترجم) ”نہ هو نہ ٿو ڏسي.“ ”ڇا ”هو انهي مان نہ ٿو ڏسي. اهي ڪتاب اسپتال ۾ هئا.“ ”تون انهي مهل پڙهي رهيو هئين؟“ .”ها, پر ڪجھ بہ خاص ڪونهي.“ ”مون سمجهيو مسٽر برٽلنگ انگريز مڊل ڪلاس جي روح جو سٺو مطالعو رکي ٿو.“ ”مان روح جي باري ۾ نہ ٿو ڄاڻان.“ ”غريب ڇوڪرا. اسان مان ڪو بہ روح جي باري ۾ نہ ٿو ڄاڻي. ”ڇا تون عقيدي پرست آهين؟“ ”رات جو.“ ڪائونٽ گريفي مسڪرايو ۽ پنهنجي هٿن سان گلاس کي موڙي ڇڏيائين. ”مون توقع پئي ڪئي تہ مان جيئن جيئن پوڙهو ٿيندو ويندس مان پرهيزگار ٿي ويندس پر ڪنهن بہ طرح سان مان نہ ٿي سگهيو آهيان,“ هن چيو. ”اها وڏي افسوس جي ڳاله آهي.“ ”ڇا توهان موت کان پوءِ ڀيهر زنده رهڻ پسند ڪندئو؟“ مون پڇيو ۽ يڪدم موت جو ذڪر ڪندي مون پاڻ کي احمق محسوس ڪيو. پر هن انهي لفظ کي برو نہ ورتو. ”اهو زندگيءَ تي دارومدار رکندو. هيءَ زندگي تمام گهڻي مزيدار آهي. مان تاحيات جيئڻ پسند ڪندس,“ هن مسڪرايو. ”مون کي ڪافي ويجهو آهي.“ اسان چمڙي جي گهرين ڪرسين تي ويٺا هئاسين, شيمپين برف جي ٻاٽليءَ ۾ هئي ۽ اسان جا گلاس ميز تي اسان جي درميان رکيل هئا. ”جيڪڏهن توهان ايترو پوڙهو ٿي گذاريو جيترو مون گذاريو آهي توهان کي ڪيترين ئي عجيب شيون نظر ايندي.“ ”توهان ڪڏهن بہ پوڙها نہ ٿا لڳو.“ ”اهو جسم آهي جيڪو پوڙهو ٿي ويو آهي. ڪڏهن ڪڏهن مون کي خوف ٿيندو آهي تہ مان هڪڙي آڱر کي ايئين ڀڃي ڇڏيندس جيئن ڪو چاڪ جي ڪانيءَ کي ڀڃندو آهي. ۽ روح پوڙهو نہ آهي ۽ ايترو ڏاهو بہ ناهي.“ ”توهان ڏاها آهيو.“ ”اهو عظيم مغالطو آهي; پوڙهي ماڻهوءَ جي ڏاهپ. اهي ڏاهپ ڏانهن نہ وڌندا آهن. اهي محتاط ٿيندا ويندا آهن.“ ”شايد اها ئي ڏاهپ آهي.“ ”اها ڪافي بي ڪشش ڏاهپ آهي. توهان لاءِ سڀ کان وڌيڪ اهم ڪير آهي؟“ ”ڪو جنهن سان مان پيار ڪيان ٿو.“ ”مون سان بہ ساڳي ئي حالت آهي. اها ڏاهپ ناهي. ڇا توهان زندگيءَ کي اهم سمجهو ٿا؟“ ”ها.“ ”مان بہ. ڇاڪاڻ جو مون وٽ اهو ئي سڀ ڪجھ آهي. ۽ جنم ڏٺن جون تقريبون ڪونرائڻ,“ هن ٺهڪ ڏنو. ”توهان غالباً مون کان وڌيڪ ڏاها آهيو. توهان جنم ڏٺن جون تقريبون نہ ڪونرائيندا آهيو.“ اسان ٻنهي شراب پيتوسين. ”توهان واقعي ۾ جنگ جي باري ۾ ڇا ٿا سمجهو؟“ مون پڇيو. ”مان سمجهان ٿو تہ اها فرسوده آهي.“ ”ان ۾ ڪير سوڀارو ٿيندو؟“ ”اٽلي.“ ”ڇو؟“ ”اهي هڪڙي نوجوان قوم آهن.“ ”ڇا هميشہ نوجوان قومون جنگين ۾ سوڀاريون ٿينديون آهن؟ اهي هڪڙي وقت جي لاءِ لائق هونديون آهن.“ ”انهي کان پوءِ ڇا ٿيندو آهي؟“ ”اهي پوڙهيون قومون بڻجي وينديون آهن.“ ”توهان چيو تہ توهان ڏاها نہ آهيو.“ ”پيارا ڇوڪرا, اها ڏاهپ ناهي. اها ڪلبيت (cynicism) آهي.“ ”اهو مون کي ڪافي ڏاهپ ڀريو پاسي ٿو.“ ”اهو مخصوص طور تي ناهي. مان توهان کي ٻئي پاسي کان مثالن جا حوالا ڏئي سگهان ٿو. پر اهو خراب ناهي. ڇا اسان جي شيمپين پوري ٿي ويئي آهي؟“ ”لڳ ڀڳ.“ ”ڇا اسان کي وڌيڪ پيئڻ گهرجي؟ تهان پوءِ مون کي لازماً ڪپڙا بدلائڻا آهن. ”شايد هاڻي اسان جي لاءِ بهتر ناهي.“ ”ڇا توهان

پڪ سان چئو پيا تہ توهان کي وڏيڪ طلب ناهي؟“ ”ها.“ ”هو اتي بيٺو.“ ”مان اميد ٿوڪيان تہ توهان ڪافي خوشنصيب رهندا ۽ خوش ۽ گهڻو گهڻو صحتمند.“ ”توهان جي مهرباني. ۽ مان اميد ٿوڪيان تہ توهان تاحيات رهندا.“ ”توهان جي مهرباني. مون وٽ آهي. ۽ جيڪڏهن توهان ڪڏهن بہ پرهيزگار بڻجي وڃو تہ جيڪڏهن مان مري وڃان تہ مون لاءِ دعا گهرجو. مون پنهنجي ڪيترن ئي دوستن کي ايئين ڪرڻ لاءِ چيو آهي. مون پنهنجو پاڻ پرهيزگار ٿي وڃڻ جي توقع ڪئي هئي پر اهو نہ ٿي سگهيو آهي.“ مان سمجهان ٿو تہ هو ڏک وچان مسڪرائي رهيو هو پر مان ٻڌائي ڪو نہ سگهيس. هو ڪافي پوڙهو هو ۽ هن جي چهرو ڪافي گهنجيل هو. هڪڙي مسڪراهٽ ايترين لڪيرن کي استعمال پئي ڪيو جو چهري جون سموريون ترتيبون ضايع پئي ٿي ويئيون. ”مان ڪافي پرهيزگار ٿي سگهان ٿو“ مون چيو. ”بحرحال، مان توهان لاءِ دعاگو رهندس.“ ”مون هميشہ پرهيزگار ٿيڻ جي توقع ڪئي هئي. منهنجو سمورو خاندان ڪافي پرهيزگاري ڪندي گذاري ويو. پر ڪنهن بہ طرح سان اها (مون ڏانهن) ڪو نہ آئي. ”اهو ڪافي سويرو آهي“. .ٿي سگهي ان کي ڪافي دير ٿي ويئي هجي.“ ”ٿي سگهي ٿو منهنجا مذهبي احساس گهڻي وقت تائين زنده رهيا هجن“ ”منهنجا پنهنجا فقط رات جي وقت ۾ ايندا آهن.“ ”تہ پوءِ توهان محبت ۾ مبتلا آهيو. اهو نہ وسارجو تہ اهو مذهبي احساس آهي.“ ”توهان ايئين مڃو ٿا؟“ ”يقيناً.“ هن هڪڙو قدم ميز ڏانهن وڌايو. ”توهان کيڏڻ لاءِ ڪافي مهربان هئا.“ ”اها هڪڙي عظيم مسرت هئي.“ ”اسان مٿي ڏاڪڻين تي گڏ هلنداسين.“

36

انهي رات هڪڙو طوفان هلي رهيو هو ۽ مان برسات کي درين جي شيشن سان ٽڪرائجڻ جي آواز تي جاڳي پيس. اها کليل کڙڪيءَ مان اندر اچي رهي هئي. ڪنهن دروازي کي کڙڪايو هو. مان ڪافي آرام سان دروازي ڏانهن ويس، تہ جيئن ڪيٿرائن جي سڪون ۾ ڪو خلل نہ پوي، ۽ ان کي کوليم. اتي ساقي بيٺو هو. هن کي ڏگهو ڪوٽ پاتل هو ۽ هن کي آلو ٽوپلو ڪنيل هو. ”ٽينينٽ، ڇا مان توسان ڳالهائي سگهان ٿو؟“ ”ڇا ڳاله آهي؟“ ”اهو ڪافي ڳنڀير مسئلو آهي.“ مون هيڏانهن هوڏانهن نظر ڦيرائي. ڪمرو تاريڪ هو. مون دريءَ کان فرش تي پاڻي ڏٺو. ”اندر اچ،“ مون چيو. مان هن کي ٻانهن کان پڪڙي اندر غسل خاني ڏانهن وٺي ويس؛ دروازو ٻيڪڙائي ڇڏيم ۽ روشني ٻاريم. مان وهنجڻ واري ٻاٿي جي ڪناري تي ويهي رهيس. ”ڇا ڳاله آهي، ايمِلييو؟“ ”ڇا تون مشڪل ۾ آهين؟“ ”نہ. ٽينينٽ، تون مشڪل ۾ آهين؟“ ”ها؟“ ”اهي توکي صبح جو گرفتار ڪري رهيا آهن.“ .ها؟“ ”مان توکي ٻڌائڻ آيس. مان ٻاهر شهر ۾ هوس ۽ انهن کي هڪڙي ڪيفي ۾ ڳالهائيندي ٻڌم.“ ”مان سمجهان ٿو.“ ”هو اتي اٿي بيٺو هن جو ڪوٽ آلو هو، پنهنجي آلي ٽوپلي کي جهليندي هن ڪجه بہ نہ چيو.“ ”اهي مون کي گرفتار ڪرڻ ڇو ٿا چاهن؟“ ”جنگ سان جُڙيل ڪنهن ڳاله جي سبب.“ ”ڇا تون ڄاڻين ٿو ڇا ڳاله آهي؟“ ”نہ. پر مان ڄاڻان ٿو تہ انهن کي خبر آهي تہ تون هڪڙي آفيسر طور هتي هئين ۽ هاڻي تون هتي بنا ورديءَ جي آهين. هن ڀاڃ کان پوءِ اهي هر ڪنهن کي گرفتار ڪري رهيا آهن.“ ”مون هڪڙي منٽ جي لاءِ سوچيو.“ ”اهي ڪهڙي وقت تي مون کي گرفتار ڪرڻ ايندا؟“ ”صبح جو. مون کي وقت جي باري ۾ ڄاڻ ناهي.“ ”تون ڇا ڪرڻ جي صلاح ڏيندين؟“ ”هن پنهنجو ٽوپلو ڌوئڻ واري پيالي ۾ رکيو. اهو ڪافي آلو هو ۽ اهو فرش تي ڳڙي رهيو هو. ”جيڪڏهن توهان کي گرفتاريءَ جو خوف آهي تہ ڪجه بہ ناهي. پر هن حالت ۾ گرفتار ٿيڻ ڪافي برو آهي.“ ”مان گرفتار ٿيڻ نہ ٿو چاهيان.“ ”تہ پوءِ سوئزرلينڊ هليو وڃ.“ ”ڪيئن؟“ ”منهنجي ٻيڙيءَ ۾.“ ”اتي هڪڙو طوفان هلي رهيو آهي،“ مون چيو. ”طوفان جهڪو ٿي ويو آهي. اهو ڪٺن آهي پر تون بلڪل ٺيڪ ٺاڪ رهندين.“ ”اسان کي ڪڏهن وڃڻ گهرجي؟“ ”ترت. اهي صبح جو سوير توکي گرفتار ڪرڻ جي لاءِ اچي سگهن ٿا.“ ”اسان جي ٿيلهن جو ڇا ڪجي؟“ ”انهن ۾ سامان وجهي سيل ستوڪ ڪيو. پنهنجي عورت کي تيار ڪر. مان انهن جي سنڀار لهندس.“ ”تون ڪٿي هوندين؟“ ”مان هتي انتظار ڪندس. مان نہ ٿو چاهيان تہ ڪو بہ مون کي احاطي جي ٻاهريان ڏسي.“ ”مون دروازو کوليو، ان کي ٻيڪڙايو ۽ سمهڻ واري ڪمري ڏانهن هليو ويس. ڪيٿرائن جاڳي رهي هئي. ”اهو ڇا آهي، جاني؟“ ”اهو سڀ ڪجه ٺيڪ آهي، ڪيٽ،“ مون چيو. ”ڇا تون ترت ڪپڙا مٽائڻ پسند ڪندينءَ ۽ هڪڙي ٻيڙيءَ ۾ سوئزلينڊ هلندينءَ؟“ ”ڇا تون؟“ ”نہ،“ مون چيو. ”مان واپس بستري ڏانهن وڃڻ پسند ڪنديس.“ ”اهو ڇاڪاڻ ڪري رهيو آهين؟“ بار وارو همراه چوي ٿو تہ اهي مون کي صبح جو گرفتار ڪري رهيا آهن.“ ”ڇا بار وارو پاڳل ٿي ويو آهي؟“ ”نہ.“ تہ پوءِ جاني،

مهرباني ڪري، جلدي ڪر ۽ ڪپڙا پائي وٺ تہ جيئن اسان شروع ڪري سگهون.“ هوءَ بستر جي پاسي ڪان اٿي ويئي. هوءَ اڃا تائين ننڊاکڙي هئي. ”ڇا غسل خاني ۾ اهو بار وارو آهي؟“ ”ها.“ ”تہ پوءِ، مان پاڻ کي ڍوئي صاف ڪو نہ ڪنديس. جاني، مهرباني ڪري ڪنهن ٻئي طريقي سان ڏس، ۽ مان صرف هڪڙي منٽ ۾ ڪپڙا مٽائيندس.“ جيئن ئي هن پنهنجو رات وارو چوغو لاٿو مون هن جي پُوري پٺي ڏٺي ۽ پوءِ مان ٻئي طرف ڏسڻ لڳس ڇاڪاڻ جو هن مون کي طلب پئي ڪيو. هوءَ هڪڙي ٻار سان ٿوري موٽي ٿيندي پئي ويئي ۽ هن نہ پئي چاهيو تہ مان ان کي ڏسان. مون مينهن جي وسڪاري کي دريءَ وٽان ٻڌندي ڪپڙا مٽايا. مون وٽ ٿيلهن ۾ وجهڻ جي لاءِ ايترو ڪجھ ڪو نہ هو. ”ڪيٽ، جيڪڏهن توکي ضرورت پوي تہ منهنجي ٿيلهي ۾ ڪافي گنجائش آهي.“ ”مون لڳ ڀڳ پيري ڇڏيو آهي،“ هن چيو. ”جاني، مان بيحد بيوقوف آهيان، پر بار وارو شخص غسل خاني ۾ ڇو آهي؟“ ”شش ـ هو اسان جا ٿيلها هيٺ پهچائڻ لاءِ انتظار ڪري رهيو آهي.“ ”هو بيحد سٺو آهي.“ ”هو هڪڙو پراڻو دوست آهي،“ مون چيو. ”مون هن کي هڪڙي ڀيري ڪجھ سلڦيءَ وارو تماڪ موڪليو هو.“ ”مون تاريڪ رات ۾ ڪليل کڙڪيءَ ڏانهن نهاريو. مان ڍنڍ کي ڏسي ڪو نہ سگهيس، فقط رات ۽ مينهن پر هوا جهڪي ٿي ويئي هئي.“ .جاني، مان تيار آهيان،“ ڪيٽرائن چيو. ”ٺيڪ آهي.“ مان غسل خاني جي دروازي ڏانهن ويس. ”ايميليو هي ٿيلها وٺ،“ مون چيو. بار واري ٻہ ٿيلها کنيا. ”تون اسان جي مدد ڪرڻ لاءِ ڪافي سٺو آهين،“ ڪيٽرائن چيو. ”محترمہ ڪا ڳالھ ناهي،“ ساقيءَ چيو. ”مان توهان جي ان جي لاءِ مدد ڪري رهيو آهيان تہ جيئن مان پاڻ نہ مشڪل ۾ اڙجي وڃان.“ ”ٻڌ،“ هن مون کي چيو. ”مان انهن کي نوڪرن جي ڏاڪڻين وٽان ڪٽي ٻيڙيءَ تائين پهچائيندس. توهان بلڪل ايئين ٻاهر وڃو جڻ توهان ڪا ڇهل پهل ڪري رهيا آهيو.“ ”اها ڇهل پهل جي لاءِ هڪڙي حسين رات آهي،“ ڪيٽرائن چيو.”اها هڪڙي گندي رات آهي نيڪ آ.“ ”مان خوش ٿيان ها جيڪر مون وٽ هڪڙي ڇٽي هجي ها،“ ڪيٽرائن چيو. اسان هيٺ احاطي ڏانهن وياسين ۽ هيٺ ٿلهي قالين سان ڍڪيل ويڪرين ڏاڪڻين تان لٿاسين. ڏاڪڻين جي قدمن ۾ حمالي ميز جي پٺيان وينو هو. هو اسان کي ڏسي حيران ٿي ويو. ”سائين، توهان ٻاهر تہ نہ ٿا وڃو نہ؟“ هن چيو. ”ها،“ مون چيو. .اسان ڍنڍ جي پرسان طوفان کي ڏسڻ وڃي رهيا آهيون.“ ”سائين، توهان وٽ ڪا ڇٽي ڪونهي ڇا؟“ ”نہ،“ مون چيو. “هن ڪوٽ تان پاڻي ترڪي ويندو آهي.“ هن ان ڏانهن شڪ وچان ڏٺو. ”سائين، مان توهان لاءِ ڇٽي آڻيان ٿو“ هن چيو. هو هليو ويو ۽ هڪڙي وڏي ڇٽيءَ سان واپس موٽي آيو. ”سائين، اها ٿوري وڏي آهي.“ هن چيو. مون هن کي ڏهن ليرن جو هڪڙو نوٽ ڏنو. ”او سائين، توهان ڏاڍا سٺا آهيو. توهان جي وڏي وڏي مهرباني.“ هن چيو. هو دروازي کي کولي بيهي رهيو ۽ اسان ٻاهر برسات ۾ وياسين. هن ڪيٽرائن ڏانهن ڏسي مسڪرايو ۽ ڪيٽرائن هن ڏانهن ڏسي مسڪرايو. ”ٻاهر طوفان ۾ نہ بيهو“ هن چيو. ”توهان آلا ٿي ويندئو سائين ۽ محترمہ.“ هو فقط ٻيو حمالي هو ۽ هن جي انگريزي تهائين لفظي ترجمو هئي. ”اسان واپس موٽي ايندا سين،“ مون چيو. اسان رستي جي هينان هڪڙي اجگر ڇٽيءَ جي هينان گهمياسين ۽ رستي ڏانهن ويندڙ تاريڪ پنل باغيچن منجهان لنگهياسين ۽ رستي جي آرپار ڍنڍ جي پرسان جهنگلي واري مارگ ڏانهن وياسين. هاڻي هوا ساحل

ڪان دور گهلي رهي هئي. اها نومبر جي هڪڙي ٿڌي ۽ نَم هوا هئي ۽ مون ڄاتو پئي تہ جبلن ۾ برفباري ٿي رهي هئي. اسان اڳتي آياسين گهاٽ وٽ ننڍڙن ٻوٽن جي پاڙن سان ٻڌل زنجيرون لڳل پيڙين وٽان گذرياسين جتي ساقيءَ جي ٻيڙي هئڻ گهرجي. پٿر جي برعڪس پاڻي تاريڪ هو. ساقي وڻن جي قطارن جي پر ڪان ٻاهر قدم وڌايا. ”ٿيلها ٻيڙيءَ ۾ آهن،“ هن چيو. ”مان توهان کي ٻيڙيءَ جي لاءِ ادائگي ڪرڻ گهران ٿو“ مون چيو. ”تو وٽ ڪيتري رقم آهي؟“ ”ايتري ڪونهي.“ ”تون مون کي بعد ۾ پيسا موڪلجانءِ. اهو ٺيڪ رهندو.“ ”ڪيترا؟“ ”توکي ڇا کپي.“ ”مون کي ٻڌاءِ ڪيترا.“ .جيڪڏهن تون پهچي وڃين تہ مون ڏانهن پنج سئو فرينڪ موڪلجانءِ. جيڪڏهن تون پار پئجي وئين تہ تون ان کي برو نہ پائيندين.“ ”بلڪل ٺيڪ.“ ”هي سموسا وٺو.“ هن مون ڏانهن هڪڙي ٿيلهي وڌائي. جيڪو ڪجه بہ مئخاني ۾ پيو هو. اهو سڀ هتي آندو اٿم. هيءَ هڪڙي برانڊيءَ جي بوتل آهي ۽ هڪڙي شراب جي بوتل.“ مون انهن کي پنهنجي ٿيلهي ۾ وجهي ڇڏيو. ”مون کي انهن جي ادائگي ڪرڻ ڏيو.“ ”ٺيڪ آهي، مون کي پنجاه لاير ڏيو.“ مون اهي هن کي ڏئي ڇڏيا. ”برانڊي سٺي آهي،“ هن چيو. ”توهان اها پنهنجي گهر واريءَ کي ڏيڻ کان نہ گهٻرائجو. بهتر آهي تہ هوءَ ٻيڙيءَ ۾ گهڙي.“ هو ٻيڙيءَ کي جهلي بيٺو اها پٿر جي ديوارن جي مخالف هيٺ مٿي ٿي رهي هئي ۽ مون ڪيٿرائن کي اندر گهڙڻ ۾ سهائتا ڪئي. هوءَ ٻيڙيءَ جي پٺئين پاسي ڪان ويهي رهي ۽ پنهنجي ٽوپيءَ کي پنهنجي چوگرد ڦيرائي ڇڏيائين. ”ڇا تون ڄاڻين ٿو تہ ڪاڏي هلڻ گهرجي؟“ ”اڳتي ڍنڍ ڏانهن.“ ”تون ڄاڻين ٿو تہ اهو ڪيترو دور آهي؟“ ”لُواِينو ڪان اڳتي.“ ”لُواِينو، ڪينيرو، ڪينوِبيو، ترانزانو ڪان اڳتي.“ ”جيسين توهان بريساگو تائين نہ پهچو توهان سوئزرلينڊ ۾ نہ ٿا هجو. توهان کي مونٽِي تمارازا ڪان گذرڻو پوندو.“ ”ڇا وقت ٿيو آهي؟“ ڪيٿرائن پڇيو. ”اهي فقط يارنهن وڄي رهيا آهن،“ مون چيو. ”جيڪڏهن تون سارو وقت ونجه هلائيندو رهيين تہ توکي لازماً اتي ستين بجي صبح ڌاران هئڻ گهرجي.“ ”ڇا اهو ايترو پري آهي؟“ ”اهو پنجٽيه ڪلوميٽر پري آهي.“ ”اسان کي ڪيئن هلڻ گهرجي؟ هن برسات ۾ اسان کي هڪڙي قطب نما (ڪمپاس) جي ضرورت آهي.“ ”نہ. اِسولا بيلا ڏانهن هلاءِ. انهي ڪان پوءِ ٻئي طرف اِسولا ميدر ڏانهن هل هوا سان گڏ هل. هوا توکي پيلينزا ڏانهن وٺي ويندي. توکي روشنيون نظر اينديون. انهي ڪان پوءِ اڳتي ساحل ڏانهن هل.“ ”ٿي سگهي ٿو هوا مَٽجي وڃي.“ ”نہ،“ هن چيو. ”هيءَ هوا ٽن ڏينهن جي لاءِ اهڙي ئي رخ ۾ هلندي رهندي. اها سڌو سنئون ميتارون ڪان اچي رهي آهي. اتي شرط لڳائڻ جي لاءِ هڪڙي دٻي آهي.“ ”هاڻي مون کي ٻيڙيءَ لاءِ ڪجه ادا ڪرڻ ڏي.“ ”نہ مان بلڪ هڪڙو موقعو چاهيندس. جيڪڏهن تون ان مان پار پئجي وئين تہ تون جيڪو ڪجه بہ سري سگهئين مون کي ادا ڪندين.“ ”ٺيڪ آهي.“ ”مان نہ ٿي سمجهان تہ تون ٻڏي ويندين.“ ”اهو ٺيڪ آهي.“ ”هوا سان گڏ اڳتي ڍنڍ ڏانهن هل.“ ”بلڪل ٺيڪ.“ مون ٻيڙيءَ ۾ قدم رکيو. ”ڇا تو هوٽل جي لاءِ رقم ڇڏي هئي؟“ ”ها. ڪمري ۾ هڪڙي لفافي ۾.“ ”ٺيڪ آهي. ڀلا ڀاڳ، ٽينينٽ.“ ”ڀلا ڀاڳ. اسان تنهنجو ڪيترو ئي دفعا شڪريو ادا ڪيون ٿا.“ ”جيڪڏهن تون ٻڏي وئين تہ تون منهنجو شڪريو ادا ڪو نہ ڪندين.“ ”هو (بار وارو) ڇا ٿي چوي؟“ ڪيٿرائن چيو. ”هو چوي ٿو ڀلا ڀاڳ.“ ”ڀلا ڀاڳ،“ ڪيٿرائن چيو. ”تنهنجي وڏي مهرباني.“ ”ڇا تون

تيار آهين؟“ ”ها.“ ”اها هڪ طرف مڙي ويئي ۽ اسان کي ڏڪو آيو. ساقي اسان ڏانهن ناپسنديدگيءَ وچان هٿ جو اشارو ڪيو. مون هوٽل جي روشنين کي ڏٺو ۽ ٻاهرين طرف ونجه هلائڻ لڳس. سڏو سنئون ٻاهر جيسين اهي نظرن کان اوجهل ٿي ويون اتي بلڪل هڪڙي سمونڊ جهڙو وهڪرو هو پر اسان هوا سان گڏ هلي رهيا هئاسين.

37

مان رات جي تاريڪيءَ ۾ هوا جي آمهون سامهون ٽيندي ونجه هلائيندو رهيس. اتي ڪافي اونداهي چانيل هئي، ۽ هوا سرد هئي. مان ٻيڙيءَ جي پنيان کان ڪيٿرائن کي ڏسي رهيو هوس پر مان پاڻيءَ کي ڏسي ڪو نہ پئي سگهيس جتي ونجهن وارا منيا ٻڏل هئا. ونجه ڊگها هئا ۽ انهن جي مٿان ٻاهر کسڪڻ کان بچائڻ جي لاءِ ڪو بہ چمڙو ڪو نہ آيل هو. مون ڪاهيو مٿي ڪڙو ٽيس، اڳتي مڙي ويس، پاڻيءَ کي ڏنم. ان جا ڦهنگا لڳندا رهيا ۽ مان ڏوڪيندو رهيس. جيترو آرام سان مان هلائي سگهيس ڪاهيندو رهيس. مان ونجهن کي ٻاهر جهلي نہ پئي سگهيس ڇاڪاڻ جو هوا اسان سان گڏ هئي. مون ڄاتو پئي تہ منهنجي هٿن ۾ لڦون پئجي وينديون ۽ مون جيتري دير ٿي سگهيو ان کي دير ڏئي ڇڏي. ٻيڙي هلڪي هئي ۽ اها آرام سان هلي رهي هئي. مون ان کي تاريڪ پاڻيءَ وٽان ڇڪيو. مان ڏسي نہ پئي سگهيس، ۽ مون اميد ڪئي تہ اسان جلد ئي پيلنزا جي آمهون سامهون ٽينداسين. اسان ڪڏهن بہ پيلينزا ڪو نہ ڏٺو هو. هوا ڍنڍ جي مٿان گهلي رهي هئي ۽ اسان انهي هنڌ تان گذرياسين جتان رات جو پيلينزا نظر ۾ نہ ٿي آيو ۽ اسان کي ڪڏهن بہ روشنيون ڏسڻ ۾ ڪو نہ آيون. جڏهن اسان آخر ۾ ڍنڍ کان گهڻو پرتي ۽ ساحل جي ويجهو ڪجه روشنيون ڏٺيوسين اهو انتِرا هو. پر هڪڙي ڊگهي وقت لاءِ اسان کي ڪا بہ روشني نظر ڪو نہ آئي، نہ ئي اسان کي ڪنارو نظر آيو پر آرام سان اونداهيءَ ۾ لهرن سان گڏ ڪاهيندا رهياسين. ڪڏهن ڪڏهن جيئن ئي لهر ٻيڙيءَ کي مٿي اپاريو مون ونجهن کي پاڻيءَ ۾ ڇڏي ڏنو. اهو بلڪل ڪٺن هو. پر مون ونجه هلائڻ جاري رکيو. جيسين اچانڪ اسان هڪڙي پٿر واري نقطي جي برعڪس جيڪو اسان جي اڳيان اپاميو بيٺو هو ساحل جي قريب هئاسين: لهرون ان سان ٽڪرائي رهيون هيون، اهي تمام گهڻو مٿي اڇل ڏئي رهيون هيون، مون ساڄي پاسي واري ونجه کي زور سان ڇڪ ڏني، ۽ ٻئي سان پاڻيءَ کي پٺ ڏني ۽ اسان ٻاهر وري ڍنڍ ۾ گهڙياسين: ٻاهر اپاميل هنڌ نظرن کان اوجهل ٿي ويو ۽ اسان اڳتي ڍنڍ ڏانهن هلي رهيا هئاسين. ”اسان ڍنڍ جي آرپار آهيون،“ مون ڪيٿرائن کي چيو. ”اسان پيلينزا کي ڏسڻ نہ ٿا هلون ڇا؟“ ”اسان ان کان پري ٿي وياسين.“ ”جانِ من، تون ڪيئن آهين.“ ”مان ٺيڪ آهيان.“ ”مان ٿوريءَ گهڙيءَ جي لاءِ ونجه هلايان.“ ”نہ مان ٺيڪ آهيان.“ ”ويچاري فرگوُسن،“ ڪيٿرائن چيو. ”صبح جو هوٽل ڏانهن ايندي ۽ ڏسندي تہ اسان هوٽل ۾ نہ آهيون.“ ”مان ان جي باري ۾ ايترو فڪرمند نہ آهيان،“ مون چيو. ”جيترو ڍنڍ جي سوئس واري حصي ۾ سج اڀرڻ کان اول محصولاتي محافظن جو فڪر اٿم مٿان اهي اسان کي ڏسي نہ وٺن.“ ”ڇا اهو هڪڙو پرانهون پنڌ آهي؟“ ”اهو هتان کان ڪجه ٽيهن ڪلو ميٽرن جي مفاصلي تي آهي.“ مون سموري رات ونجه هلايو. آخرڪار منهنجا هٿ ايترا تہ سڄي ويا جو مان انهن کي ونجهن ۾ مشڪل سان ورائي پئي سگهيس. اسان ساحل تي ڪيترائي ڀيرا زري گهٽ پاش پاش ٿي وياسين. ”مون مناسب طور تي ساحل جو ڪنارو اختيار ڪيو هو ڇاڪاڻ جو مون تي ڍنڍ ۾ پلجي وڃڻ ۽ وقت جي ضايع ٿي وڃڻ جو خوف طاري هو. ڪنهن ڪنهن

مهل اسان ايترو تہ ويجهو هئاسين جو اسان وٽن جي هڪڙي قطار ۽ ساحل جي پرسان رستي کي ڏسي پئي سگهياسين جنهن جي پنيان جبل هئا. برسات رڪجي ويئي ۽ هوا ڪڪرن کي اهڙي نموني ڌڪي ويئي جو اسان کي چنڊ چمڪندي نظر اچڻ لڳو ۽ پوئتي نهاريندي مان ڪيستاگنولا جي تاريڪ هنڌ ۽ سفيد جهڳ ساڻ ڍنڍ ۽ انهي کان پرتان ڏسي پئي سگهيس. ۽ اوچن برفاني پهاڙن مٿان چنڊ کي ڏسي پئي سگهياسين. انهي کان پوءِ ٻيهر چنڊ جي مٿان ڪڪر ڇانئجي ويا ۽ جبل ۽ ڍنڍ نظرئي نہ ٿي آئي، پر اهي پهريان کان هلڪا هئا ۽ اسان ڪناري کي ڏسي پئي سگهياسين. مان ان کي صفا صاف ڏسي پئي سگهيس ۽ اوڏانهن پيلينزا واري رستي جي پرسان هڪلڻ لڳس جيڏانهن جيڪڏهن محصولاتي محافظ (ڪسٽم گارڊز) بيٺا هئا تہ اهي ان کي ڏسي ڪو نہ سگهندا. جڏهن چنڊ ٻيهر ظاهر ٿيو اسان ساحل تي جبلن جي لاهين تي سفيد رنگ جي وِلائن کي ڏسي پئي سگهياسين ۽ سفيد رستي ڏانهن جيڪو اتي وٽن جي وچان نظر اچي رهيو هو. سارو وقت مان ئي ونجه هلائي رهيو هوس. ڍنڍ ويڪري ٿي ويئي ۽ ان جي آرپار ساحل تي جبلن جي قدمن ۾ ٿي طرف کان اسان کي ڪجه روشنيون نظر آيون ۽ مون سمجهيو تہ اهو لازماً لُو اِينو هوندو. جيڪڏهن اهو واقعي ۾ هو تہ اسان سنو وقت جوڙي رهيا هئاسين. مون ونجهن کي اندر جي طرف ڇڪيو ۽ واپس نشست تي ويهي رهيس. مان ونجه هلائي هلائي تمام گهڻو ٿڪجي پيو هوس. منهنجون ٻانهون ۽ ڪلها ۽ پُٺا ونجي ويا ۽ منهنجا هٿ سور ڪري رهيا هئا. ”مان ڇٽيءَ کي جهلي سگهان ٿي،“ ڪيٿرائن چيو. ”اسان ان کي بادبان طور استعمال ڪندي هوا سان گڏ هلي سگهون ٿا.“ ”ڇا تون هلائي سگهين ٿي؟“ ”مان ائين پايان ٿي.“ ”تون هن ونجه کي پڪڙ ۽ ان کي پنهنجي ٻانهن ۾ جهلي رک ۽ مان ڇٽي جهليان ٿو.“ مان واپس ٻيڙيءَ جي پٺ ڏانهن ويس ۽ هن کي ڏيکاريم تہ ونجه کي ڪيئن پڪڙجي. مون وڏيءَ ڇٽيءَ کي کنيو جيڪا حماليءَ مون کي ڏني هئي ۽ ٻيڙيءَ جي اڳئين پاسي کان ٿي وينس ۽ ان کي کولي ڇڏيم. اها هوا سان ٽڪرائيندي کلي ويئي. مون جهنگهون ٻنهي پاسن ڏانهن ٽيڙيندي ان کي ٻنهي پاسن کان پڪڙيو. منيو نشست جي مٿان وريل هو. ان ۾ هوا پرجي ويئي ۽ مون ٻيڙيءَ کي اڳتي ڌڪجندي محسوس ڪيو جڏهن تہ مون ٻنهي ڪنڊن کان جيترو مون کان پڄي سگهيو اوتري زور سان سوگهو ڪيو. انهي سان انهيءَ کي شديد ڇڪ آئي. ٻيڙي تيزيءَ سان هلڻ لڳي. ”اسان خوبصورتيءَ سان هلي رهيا آهيون،“ ڪيٿرائن چيو. مون کي صرف ڇٽيءَ جون تارون نظر اچي رهيون هنيون. ڇٽيءَ مان وڏو زور ۽ ڇڪ پيدا ٿي ۽ مون پاڻ کي ان سان گڏ هلندي ڏٺو. مون پنهنجي پيرن کي قابو ڪيو ۽ ان تي جهلي بيٺس، انهي کان پوءِ اها اچانڪ مڙي ويئي؛ مون پنهنجي پيشانيءَ تي هڪڙي تار جي ٽڪرائجڻ جو آواز ٻڌو، مون مٿيان واري حصي کي پڪڙڻ جي ڪوشش ڪئي جيڪو هوا جي ڪري مڙي رهيو هو ۽ اها سموري اکڙي ويئي ۽ اها اندريان کان ٻاهر نڪري آئي ۽ مان هڪڙي اندريان کان ٻاهر ٿي ويل منيي سان جهنگهون ٽيڙيو وينو هوس، ڦاٽل ڇٽيءَ سان، جتي مان ان کي هوا سان پريل بادبان بڻايو وينو هوس. مون نشست تان منيو کولي ڇڏيو ڇٽيءَ کي ٻيڙيءَ جي اڳئين پاسي ۾ رکيم ۽ ڪيٿرائن ڏانهن ونجه هلائڻ لاءِ ويس. هوءَ ٽهڪ ڏئي رهي هئي. هن منهنجي هٿ کان ورتو ۽ ٽهڪن ۾ ويڙهجي ويئي. ”ڇا ڳاله آهي؟“ مون

ونجه ورتو. ”تون ان کي پڪڙڻ مهل ڪل جهڙو لڳي رهيو هئين.“ ”مان بہ ايئين سمجهان ٿو.“ ”ڪاوڙ نہ ڪر پيارا. اهو بيحد مزيدار هو. تون ڪنارن ڪان ڇٽيءَ کي جهليندي زري گهٽ ويه فٽ ويڪرو پئي لڳين ۽ تمام گهڻو مهربان .“ ٿهڪ ڏيندي هن جو زري گهٽ ساه پئي منجهيو. ”مان ونجه هلائيندس.“ ”ٿورو ساه پٽ ۽ هڪڙو جام پيءُ. اها هڪڙي عاليشان رات آهي ۽ اسان هڪڙي ڊگهي رستي سان هليا آهيون.“ ”مان ٻيڙيءَ کي لهرن جي اڇل ڪان پري رکندس.“ ”مان توکي هڪڙو جام پيئاريندس. انهيءَ ڪان پوءِ ٿوريءَ گهڙيءَ جي لاءِ ساهي پٽجانءِ، پيارا.“ مان ونجهن کي مٿي جهلي بيٺس ۽ اسان انهن جي بادبانيءَ سان هلڻ لڳاسين. ڪيٿرائن ٿيلهو کولي رهي هئي. هن برانڊيءَ جي بوتل منهنجي حوالي ڪئي. مون پنهنجي کيسي ۾ پيل چاقوءَ سان ان جو ڍڪڻو لاٿو ۽ جام کي هڪڙي ڊگهي ڍُڪيت ڏني. اهو هموار ۽ گرم هو ۽ ان جي سموري گرمائش منهنجي اندر ۾ اوتجي ويئي ۽ مون پاڻ کي گرم ۽ خوش محسوس ڪيو. ”اها پياري برانڊي آهي،“ مون چيو. چنڊ وري غائب ٿي ويو پر مان ساحل کي ڏسي رهيو هوس. اتي هڪڙي ڊگهي رستي سان ڍنڍ ۾ اڳيان ويندڙ هڪڙو ٻيو هنڌ پاسي رهيو هو. ”ڇا تون ڪافي گرم ٿي ويئي آهين، ڪيٽ؟“ ”مان شاندار آهيان. مان ٿوري ٻلوان ٿي آهيان.“ ”اهو پاڻي ٻاهر ڪڍ ۽ تون پنهنجا پير اندر رکي سگهين ٿي.“ انهي ڪان پوءِ مون ونجه هلائڻ شروع ڪيا ۽ ونجهن جي تالن جي آواز کي ۽ ٻيڙيءَ مان پاڻي ڪڍڻ واري ٻالٽيءَ جي پرجڻ ۽ ان مان پاڻيءَ جي ٻاهر نڪرڻ جا آواز پوئين نشست جي هيٺان ٻڌا. ”ڇا تون مونکي ٻيڙيءَ مان پاڻي ڪڍڻ واري ٻالٽي ڏيندينءَ؟“ مون چيو. ”مان هڪڙو ڍڪ پيرڻ چاهيان ٿو.“ ”اها بيحد گندي آهي.“ ”انهي جو خير آهي. مان انهي کي صاف ڪيان ٿي.“ مون ڪيٿرائن کي ان کي پاسي وٺان ڌوئيندي ٻڌو. مون برانڊي پيئڻ ڪان پوءِ پياس محسوس ڪئي ۽ پاڻي برف جهڙو ٿڌو هو. ايترو ٿڌو جو منهنجا ڏند سور ڪرڻ لڳا. مون ساحل ڏانهن نهاريو. اسان ڊگهي هنڌ جي قريب هئاسين. اتي خليج ۾ روشنيون هيون. ”مهرباني،“ مون چيو ۽ هن کي ٻالٽي واپس ڪيم. ”تنهنجو سدائين مرحبا آهي،“ ڪيٿرائن چيو. ”جيڪڏهن تون چاهين تہ اجا بہ گهڻو موجود آهي.“ ”ڇا تون ڪجه کائڻ چاهين ٿو؟“ ”نہ. اسان کي ٿوري گهڙيءَ کان پوءِ بک ورائيندي. اسان تنهن مهل تائين جي لاءِ بچائي رکنداسين.“ ”ٺيڪ آهي.“ جيڪو ڪنهن هنڌ جيان نظر آيو پئي اهو هڪڙي اوچي ڇڄي نما پهاڙ هو. مان ان ڪان گذرڻ جي لاءِ ڍنڍ ڪان وڌيڪ اڳتي ويس. هاڻي ڍنڍ ڪافي سوڙهي هئي. ٻيهر چنڊ ظاهر ٿيو گارڊيا ڊي فِنينزا (guardia di finanza - اطالوي - اقتصادي پوليس - مترجم) جيڪڏهن اسان کي ڏسي رهي هوندي تہ انهن کي پاڻيءَ تي اسان جي ٻيڙي ڪاري نظر ايندي هوندي. ”ڪيٽ، تون ڪيئن آهين؟“ مون پڇيو. ”مان بلڪل ٺيڪ آهيان. اسان ڪٿي آهيون؟“ ”مون کي سمجه ۾ نہ ٿو اچي اسان کي لڳ ڀڳ اٺن ميلن ڪان وڌيڪ جو پنڌ ڪرڻو آهي.“ ”اهو ونجه هلائڻ جي لاءِ طويل رستو آهي، تون غريب منڙا. ڇا تون مري نہ پيو آهين؟“ ”نہ. مان بلڪل ٺيڪ آهيان. منهنجا هٿ سڄي ويا آهن پر انهن جو خير آهي.“ اسان ڍنڍ ڏي اڳتي وياسين. اتي ساڄي ڪناري تي پهاڙن ۾ هڪڙي رڪاوٽ هئي ٻاهر جي طرف ڪان هڪڙي همواري هڪڙي هيٺاهين ڪناري سان جنهن جي باري ۾ مون سوچيو تہ اهو ڪينوبيو هو. مان ٻاهر جي طرف نڪتل هڪڙي

ڏڳهي رستي وٽ رڪجي ويس ڇاڪاڻ جو اهو هاڻي ڪان هو جو اسان محافظن جي تمام گهڻي خطرناڪ حصي وٽ هئاسين. اتي هڪڙي ٻئي ساحل ڪان ٿورو اڳتي هڪڙو مقبري نما ٽوپي پهريل اوچو جبل هو. مان ٿڪجي پيو هوس. اهو ونجه هلائڻ لاءِ وڏو مفاصلو ڪو نه هو پر جڏهن توهان تربيت کان ٻاهر هجو ته اهو هڪڙو طويل رستو ٿي پئي سگهيو. مون ڄاتو پئي ته مون کي سوئس پاڻيءَ ۾ پهچڻ کان اول ان جبل مان گذرڻو آهي ۽ گهٽ ۾ گهٽ وڌيڪ پنج ميل اڳتي ڍنڍ ڏانهن وڃڻو آهي. چنڊ هاڻي لڳ ڀڳ هيٺ هو پر اهو آسمان کان هيٺ وڃڻ کان پهريان وري ڪڪرن سان ڇائنجي ويو ۽ اتي ڪافي انڌيرو ڇائنجي ويو. مان ٿوريءَ دير تائين ونجه هلائيندي ڍنڍ کان ٻاهر سٺي نموني ترسيم. انهي کان پوءِ ساه پٽيم ۽ ونجهن کي جهلي بيٺس ته جيئن هوا ان جي مُنين کي ڏڪي سگهي. ”مون کي ٿوريءَ دير جي لاءِ هلائڻ ڏي“ ڪيٿرائن چيو ”مان نه ٿو سمجهان ته توکي هلائڻ گهرجي.“ ”احمق. اهو منهنجي لاءِ نيڪ رهندو. اهو مون کي گهڻو غيرلچڪدار ٿيڻ کان بچائيندو.“ ”مان نه ٿو سمجهان ڪيٽ ته توکي هلائڻ گهرجي.“ ”پرهيز سان ونجه هلائڻ هڪڙي حامله عورت جي لاءِ ڪافي سٺو آهي.“ ”نيڪ آهي، تون ٿورو آرام سان هلائجانءِ. مان پوئتي ويندس، انهي کان پوءِ تون پوئتي ٿجانءِ. جڏهن تون واپس ورين ته ٻيڙيءَ جي ٻنهي مٿين حصن کان جهلي هلجانءِ. مان ٻيڙيءَ جي پويان پنهنجي ڪوٽ سميت وينس ۽ ان جا ڳلي بند ڪليل هئا ۽ ڪيٿرائن کي ونجه هلائيندي ڏسڻ لڳس. هن ڪافي سٺي نموني سان ونجه پئي ورايا پر اهي ڪافي ڊگها هئا ۽ انهن هن کي تنگ پئي ڪيو. مون ٿيلهو کوليو ۽ سموسن جو هڪڙو جوڙو کاڌو ۽ برانڊيءَ جو هڪڙو جام پيتو. انهي هرشيءِ کي بهتر بڻائي ڇڏيو ۽ مون هڪڙو ٻيو جام پيتو. ”جيڪڏهن تون ٿڪجي پيئي آهين ته مون کي ٻڌاءِ“ مون چيو. انهي کان ٿورو دير بعد. ”ٻاهر ونجه ڏانهن ڌس ڪٿي اهو تنهنجي پيٽ کي ته نه ٿو لڳي.“ ”جيڪڏهن اهو ان کي لڳو ته ـــــ“ ڪيٿرائن ونجه هلائيندي چيو ”زندگي گهڻي سادي هئڻ گهرجي ـــ“ مون برانڊيءَ جو هڪڙو ٻيو جام پيتو. ”تون ڪيئن پيئي هلين؟“ ”بلڪل نيڪ.“ ”جڏهن تون روڪڻ چاهين ته مون کي ٻڌائجانءِ.“ ”نيڪ آهي.“ مون برانڊيءَ جو هڪڙو ٻيو جام پيتو انهي کان پوءِ ٻيڙيءَ جي ٻن مٿين پاسن کي قابو ڪيو ۽ اڳتي هلڻ لڳس. ”نه مان. خوبصورتيءَ سان ڪاهي رهي آهيان.“ ”ٻيڙيءَ جي پوئين پاسي ڏانهن وڃ. مون عاليشان آرام ڪيو آهي.“ ”ٿوريءَ گهڙيءَ جي لاءِ، برانڊيءَ سان گڏ. مون آساني ۽ آرام سان ڪاهيو.“ ”انهي کان پوءِ مون ڪيکڙا پڪڙڻ شروع ڪيا ۽ مان انهن کي ڪٽي ڪري انهن مان نڪرندڙ زردات جو سرمئي سواد وٺي رهيو هوس ڇاڪاڻ جو مون برانڊي پيئڻ کان پوءِ تمام گهڻو ونجه هلايو هو. ”مون کي پاڻيءَ ڇڪو پيئار، پيئاريندينءَ نه؟“ مون چيو. ”اهو سئولو آهي،“ ڪيٿرائن چيو. باک ڦٽڻ کان پهريان اتي بوندا باري پوڻ لڳي. هوا هيٺ هٽي يا وري اسان انهن جبلن جي تحفظ ۾ هئاسين جن انهي موڙ کي گهيري رکيو هو جيڪي ڍنڍ جوڙيا هئا. جڏهن مون ڄاتو ته باک ڦٽڻ واري آهي مان آرام سان ويهي رهيس ۽ سختيءَ سان ونجه ورائڻ لڳس. مون نه پئي ڄاتو ته اسان ڪٿي هئاسين ۽ مون ڍنڍ جي سوئس واري پاسي ۾ گهڙڻ پئي چاهيو. جڏهن اتي باک ڦٽڻ جي ابتدا ٿيڻ لڳي ۽ اسان ڪناري جي بلڪل قريب هئاسين. مان پٿرائون ساحل ۽ وڻ ڏسي پئي سگهيس.

”اهو ڇا آهي؟“ ڪيٿرائن پڇيو. مان ونجهن تي آهلجي ويس ۽ ان جي آواز کي ٻڌڻ لڳس. اها هڪڙي موٽر واري ٻيڙي هئي. مان مٿي ساحل جي ويجهو ڪاهڻ لڳس ۽ چپ چاپ هوس. انجڻ جو آواز ويجهو ٿيڻ لڳو. انهي کان پوءِ برسات ۾ اسان پنهنجي پنيان کان ٿورو پرڀرو موٽر واري ٻيڙيءَ کي ڏٺوسين. اتي اقتصادي پوليس وارا چار ڄڻا هئا جيڪي پنهنجي ٻيڙيءَ جي پنيان کان ويٺا هئا، انهن جا سرپيچي ٽوپلا هيٺ ڇڪيل هئا. انهن جي ٽوپين جا گلي بند مٿي مڙيل هئا ۽ انهن جون ننڍڙيون گهنڊ مشينيون انهن جي پٺن جي آرپار لٽڪيل هيون. اهي سڀيئي صبح جو ايترو سوير ننڊاکڙا لڳي رهيا هئا. مان انهن جي ٽوپلن تي پيلاڻ ۽ انهن جي گلي بندن تي پيلا نشان ڏسي پئي سگهيس. موٽر واري ٻيڙيءَ جي انجڻ پاڻيءَ ۾ ڦڙ ڦڙ ڪري رهي هئي ۽ اها وسڪاري ۾ نظرن کان اوجهل هئي. جيڪڏهن اسان سرحد جي ايترو ويجهو ٿي ويا آهيون مون نہ پئي چاهيو تہ رستي تي اسان جو ڪو رڪوالو آڏو پاءُ ڪري. مان ٻاهر رکجي ويندس جتان مان ڪناري کي ڏسي سگهان ۽ مون وسندڙ مينهن ۾ هڪڙي گهنٽي جي ٽين چوٿائيءَ جيترو ونجه هلايو. اسان هڪ دفعو ٻيهر هڪڙي موٽر واري ٻيڙيءَ جو آواز ٻڌوسين پر مون خاموشي اختيار ڪئي جيسين انجڻ جو آواز ڍنڍ جي آرپار هليو ويو. ”مان سمجهان ٿو تہ اسان سوئزرلينڊ ۾ آهيون، ڪيٽ.“ مون چيو. ”واقعي؟“ ”ان کي ڄاڻڻ لاءِ اتي ٻيو ڪو بہ رستو ڪونهي جيسين اسان سوئس جٿن کي نہ ڏسون.“ ”يا سوئس بحري فوج کي.“ ”سوئس بحري فوج اسان جي لاءِ ڪو ڇرچو ناهي. اسان جنهن آخري ٻيڙيءَ جو آواز ٻڌوسين اها غالباً سوئس بحري فوج هئي.“ ”جيڪڏهن اسان سوئزرلينڊ ۾ آهيون تہ پوءِ اچ تہ هڪڙو وڏو نيرانو ڪيون. اسان وٽ زبردست رول آهن ۽ مکڻ ۽ منو مُربو (جيم) آهي سوئزرلينڊ ۾.“ هاڻي صاف ڏينهن ٿي ويو هو ۽ زبردست وسڪارو جاري هو. اڃا تائين ڍنڍ جي مٿان هوا گهلي رهي هئي ۽ اسان سفيد جهڳ کي ڍنڍ جي مٿان پاڻ کان پري ٿيندي ڏسي رهيا هئاسين. مون کي يقين ٿي ويو تہ اسان سوئزرلينڊ ۾ هئاسين. اتي وڻن جي پنيان ساحل کان ڪيترائي گهر هئا ۽ ساحل کان اڳتي هڪڙي رستي وٽان پٿراون گهرن سان هڪڙو ڳوٺ هو. اتي ٽڪرين تي ڪجه ولاز ۽ هڪڙو گرجا گهر هو. مان هڪڙي رستي ڏانهن ڏسي رهيو هوس جيڪو ساحل کي پهريدارن سان گهيرڻ لاءِ مقرر ٿيل هو پر مون کي ڪو بہ نظر ڪو نہ آيو. رستو هاڻي ڍنڍ جي قريب ٿي ويو ۽ مون هڪڙي سپاهيءَ کي هڪڙي ڪيفي کان ٻاهر رستي تي ڏٺو. هن کي هڪڙي سليٽي سائي رنگ جي وردي پاتل هئي ۽ هڪڙو جرمنن جهڙو ٽوپلو پاتل هو. هن جي صحتمنداڻي صورت هئي ۽ ڏندن کي صاف ڪرڻ واري هڪڙي ننڍڙي برش جهڙيون مڇون هيون. هن اسان ڏانهن نهاريو. ”هن ڏانهن هٿ لوڏ،“ مون ڪيٿرائن کي چيو. هن هن ڏانهن هٿ لوڏيو ۽ سپاهيءَ شرمساريءَ وچان مسڪرايو ۽ هن پڻ پنهنجي هٿ کي لوڏيو. مون ونجه هلائڻ کان جان ڇڏائي ورتي هئي. اسان ڳوٺ جي پاڻيءَ کان متصل حصي وٽان گذري رهيا هئاسين. ”اسان کي لازماً سني نموني سرحد جي اندر هئڻ گهرجي،“ مون چيو. ”جانِ من، اسان کي پڪ ڪرڻ گهرجي. اسان نہ ٿا چاهيون تہ اهي اسان کي سرحد ڏانهن واپس ورائي ڇڏين.“ ”محاذ واپسيءَ جو هڪڙو طويل رستو آهي. مان پايان ٿو تہ هي محصولاتن وارو قصبو آهي. مون کي پورو يقين آهي تہ اهو برِيساگو آهي.“ ”ڇا اتي اطالوي نہ ٿا ٿي سگهن؟ هڪڙي

محصولاتن واري قصبي ۾ اتي اڪثر طور تي ٻئي ڏريون هونديون آهن.“ ”جنگ جي وقت ۾ نه هونديون آهن. مان نه ٿوسمجهان ته اهي اطالوين کي سرحد پار ڪرڻ ڏيندا.“ اهو ڏسڻ ۾ هڪڙو ننڍڙو ۽ زبردست قصبو هو. اتي گهاٽ وٽ ڪيترين ئي مڇيءَ مارڻ وارين ٻيڙين هيون ۽ چار چاريدان ۾ رکيل هئا. اتي نومبر جو زبردست وسڪارو پئجي رهيو هو پر اهو ايتريقدر جو برسات جي باوجود به خوشيءَ سان پرپور ۽ صاف نظر اچي رهيو هو. ”ته پوءِ ڇا اسان قدم رکون ۽ نيرانو ڪيون.“ ”ٺيڪ آهي.“ مون ڪاٻي پاسي کان ونجه کي زور سان ڇڪيو ۽ ويجهو سري آيس. پوءِ جڏهن اسان گهاٽ جي قريب هئاسين مان سڌو ٿي بينس ۽ ٻيڙيءَ کي لڳولڳ آندم. مون ونجهن کي اندر ڇڪيو. هڪڙي لوهي دائري کي سوگهو ڪيم. مٿي آلي پٿر تي قدم بوس ٿيس ۽ سوئزرلينڊ ۾ هوس. مون ٻيڙيءَ کي ٻَڌو ۽ هيٺ ڪيٿرائن لاءِ پنهنجو هٿ جهلي بينس. ”.مٿي اچ. ڪيٽ. اها هڪڙي عظيم محسوسات آهي.“ ”ٿيلهن جي باري ۾ ڇا ڪجي؟“ ”انهن کي ٻيڙيءَ ۾ ڇڏي ڏي.“ ڪيٿرائن مٿي قدم رکيا ۽ اسان ٻئي سوئزرلينڊ ۾ گڏ هئاسين. ”ڪيترو نه خوبصورت ملڪ آهي،“ هن چيو. ”ڇا اهو عاليشان ناهي؟“ ”اچ ته هلون ۽ ناشتو ڪيون!“ ”ڇا اهو عاليشان ملڪ ناهي؟ مان پنهنجي جوتن جي هيٺان محسوس ٿيندڙ رستي سان پيار ڪيان ٿي.“ ”مان ايترو ته ونجي ويو آهيان جو مان ان کي سٺي طريقي سان محسوس ئي نه ٿو ڪري سگهان. پر اهو ڪنهن عاليشان ملڪ جيان محسوس ٿئي ٿو. جانِ من. ڇا تون محسوس ڪرين ٿي ته اسان هتي آهيون ۽ ان واهيات هنڌ کان نڪري چڪا آهيون؟“ ”ها مان ڪيان ٿي. مان واقعي ڪيان ٿي. مون ان کان پهريان ڪڏهن به ٻي ڪنهن به شيءِ کي ايئين محسوس نه ڪيو آهي.“ ”گهرن ڏانهن ته نهار. ڇا اهو هڪڙو زبردست چئوسُول ناهي؟ اتي هڪڙي جاءِ آهي جتي اسان ناشتو ڪري سگهون ٿا. ”ڇا برسات عمدي ناهي؟ انهن وٽ اتي اٽليءَ ۾ ڪڏهن به ههڙي برسات ڪو نه پوندي هئي. اها بارش خوشين سان معمور آهي.“ ”۽ اسان هتي آهيون. جان من! ڇا تون محسوس ڪرين ٿي ته اسان هتي آهيون؟“ اسان ڪيفي جي اندر وياسين ۽ هڪڙي صاف سُٿري ڪاٺ جي ميز تي ويهي رهياسين. اسان ايترو پرجوش هئاسين جڻ اسان خماريل هجون. هڪڙي زبردست صاف سٿري عورت جنهن کي پيش بند پهريل هو آئي ۽ اسان کان معلوم ڪيائين ته اسان ڇا پئي چاهيو. ”رول. جيم. ۽ ڪافي،“ ڪيٿرائن چيو. ”مون کي افسوس آهي. اسان وٽ جنگ جي وقت دوران رول ناهن.“ ”ته پوءِ بريڊ.“ ”مان ڪجه ڊبل روٽيون سيڪي سگهان ٿي.“ ”ٺيڪ آهي.“ ”مان ڪجه پڪل اندا پڻ گهران ٿو.“ ”معزز ماڻهوءَ لاءِ ڪيترا اندا هجن؟“ ”ٽي.“ ”جانِ من. چار وٺ.“ ”چار اندا.“ ”عورت هلي ويئي. مون ڪيٿرائن کي چمي پاتي ۽ هن جي هٿ کي زور سان ٻيڪڙايو. اسان هڪٻئي ڏانهن ۽ ڪيفي ڏانهن نهاريوسين. ”دلبر. دلبر. ڇا اهو حسين ناهي.“ ”اهو عاليشان آهي،“ مون چيو. ”جيڪڏهن اتي رول ناهن ته مان ان کي برو نه ٿي پايان،“ ڪيٿرائن چيو. ”مون انهن جي باري ۾ ساري رات سوچيو هو. پر مان ان کي برو نه ٿي پايان. مان ان کي بلڪل به برو نه ٿي پايان. ”مان سمجهان ٿو ته اهي جلد ئي اسان کي گرفتار ڪندا.“ ”ڪا ڳاله ناهي. جاني. اسان پهريان ناشتو ڪنداسين. تون ناشتي کان پوءِ گرفتار ٿي وڃڻ کي برو ڪو نه سمجهندين. ۽ پوءِ اتي اهڙو ڪجه ڪرڻ جي لاءِ هنن وٽ ڪجه به ڪونهي. اسان

سٺي بيهڪ وارا برطانوي ۽ آمريڪي شهري آهيون. "تو وٽ هڪڙو پاسپورٽ آهي، آهي نہ؟" "يقيناً. او اچ تہ انهيءَ جي باري ۾ نہ ڳالهايون. اچ تہ خوش ٿيون." "مان ڪا بہ خوشي ڪري نہ ٿو سگهان،" مون چيو. هڪڙي خاڪستري رنگ جي ٻلي هڪڙي اهڙي پڇ سان جنهن کي اها هڪڙي ڪنڀ جيان هلائي رهي هئي اسان جي ميز واري فرش تان گذري ۽ منهنجي ڄنگه جي پنيان مڙي هر وقت ڏيمي ڏيمي آواز ۾ ميائون ميائون ڪندي پاڻ کي منهنجي ڄنگه سان مهٽي رهي هئي. مان هيٺ تائين جهڪي ويس ۽ ان جي مٿان نرميءَ سان هٿ ڦيرايم. ڪيٿرائن مون ڏانهن خوشيءَ وچان مسڪرايو. "ڪافي اچي رهي آهي،" هن چيو. انهن اسان کي ناشتي کان پوءِ گرفتار ڪيو. اسان هڪڙي ڳوٺ وچان ٿورو پنڌ پياسين انهيءَ کان پوءِ اسان گهاٽ ڏانهن پنهنجا ٿيلها کڻڻ وياسين. هڪڙو سپاهي ٻيڙيءَ جي مٿان پهرو ڏئي رهيو هو. "ڇا هيءَ توهان جي ٻيڙي آهي؟" "ها." "توهان ڪٿان پيا اچو." "اڳيان ڍنڍ کان." "تہ پوءِ مان توهان کي چوان ٿو تہ مون سان گڏ هلو." "ٿيلهن جي باري ۾ ڇا خيال آهي؟" "توهان ٿيلها پاڻ سان گڏ کڻي سگهو ٿا." مون ٿيلها کنيا ۽ ڪيٿرائن منهنجي پرسان هلڻ لڳي ۽ سپاهي اسان جي پويان هو هو اسان کي پراڻي محصول گهر ڏانهن وٺي ويو. محصول گهر ۾ هڪڙي سنهڙي ملتريءَ واري ليفٽيننٽ اسان کان سوال ڪيو. "توهان جي قوميت ڪهڙي آهي؟" "آمريڪي ۽ برطانوي." "مون کي پنهنجا پاسپورٽ ڏسڻ ڏيو. مون هن کي پنهنجو پاسپورٽ ڏنو ۽ ڪيٿرائن پنهنجي هٿ واري ٿيلهي مان ٻاهر ڪڍيو. هن ان کي ڪافي وقت لاءِ چڪاسيو. "توهان ههڙي طريقي سان سوئزرلينڊ ۾ ڇاڪاڻ داخل ٿيا؟" "مان هڪڙو رانديگر آهيان،" مون چيو. "ونجه هلائڻ منهنجو وڏو مشغلو آهي." "توهان هتي ڇا لاءِ آيا آهيو؟" "سرديءَ جي راندين لاءِ. اسين سياح آهيون ۽ اسان سرديءَ جون رانديون رچائڻ گهرون ٿا." "هيءَ سرديءَ جي راندين رچائڻ جو هنڌ ناهي." "اسان اهو ڄاڻون ٿا. اسان اوڏانهن وڃڻ چاهيون ٿا جتي اهي سردين جون رانديون رچائيندا آهن." "توهان اٽليءَ ۾ ڇا ڪري رهيا هئا؟" "مان فنِ تعمير جو مطالعو ڪري رهيو هوس. منهنجي سئوٽ آرٽ جو مطالعو ڪري رهي هئي." "توهان اتان ڇو ڇڏيو؟" "اسان سردين جون رانديون رچائڻ گهرون ٿا. ڪو هلندڙ جنگ دوران فنِ تعمير جو مطالعو ڪري نہ ٿو سگهي." "توهان مهرباني ڪري اتي ئي ترسندا جتي توهان آهيو" ليفٽيننٽ چيو. هو واپس عمارت ۾ اندر گهڙي ويو ۽ اسان جي پاسپورٽن سان گڏ موٽي آيو. "جاني، تون شاندار آهين،" ڪيٿرائن چيو. "ساڳي ئي رستي تي هل. ڇا تون سردين جون رانديون رچائڻ چاهين ٿي؟" "ڇا تون آرٽ جي باري ۾ ڪجھ بہ ڄاڻين ٿي؟" "روبنز" ڪيٿرائن چيو. "ڍگهو ۽ ٿلهو" مون چيو. "ٽائيشن،" ڪيٿرائن چيو. (Titian: ٽِي زيانو ويسيلي Tiziano Vecelli يا ٽِي زيانو ويسِليئو Tiziano Vecellio جنهن کي انگريزيءَ ۾ ٽائيشن ڪوٺيو ويندو آهي، هڪڙو اطالوي مصور هو جيڪو سورنهين صدي جي وينيس جي اسڪول جو مکيہ رڪن هو. ـ مترجم) "ٽائيشن جيان ڇڏيل وارن وارو،" مون چيو. "مينٽيگنا جي باري ۾ ڇا خيال آهي؟" (Mantegna: اينڊريا مينٽيگنا Andrea **Mantegna** پندرهين صديءَ جو اطالوي مصور ـ مترجم) "ڏکيا سوال نہ ڪر،" "ڪيٿرائن چيو. "جڏهن تہ البت مان ان جي باري ۾ ڪافي تلخيءَ سان ڄاڻان ٿو." "تلخيءَ سان،" مون چيو. "ڪوڪن جا ڪيترائي

سوراخ.“ ”تون ڏسندين ته مان تو لاءِ هڪڙي سٺي گهر واري ٻڌنديس،“ ڪيٿرائن چيو. ”مان تنهنجي گراهڪن سان آرٽ جي باري ۾ ڳالهائڻ جي قابل ٻڌنديس.“ .هوڏانهن هو اچي ٿو“ مون چيو. سنهڙو ليفٽيننٽ محصول گهر جي ويڪر وٽان هيٺ آيو هن جي هٿ ۾ اسان جا پاسپورٽ هئا. ”مون کي توهان کي لوڪارنو ڏانهن موڪلڻو پوندو،“ هن چيو. ”توهان هڪڙو ٽانگو پڪڙي سگهو ٿا ۽ هڪڙو سپاهي توهان سان گڏ هلندو.“ ”نيڪ آهي،“ مون چيو. ”ٻيڙيءَ جي باري ۾ ڇا ٿا چئو؟“ ٻيڙي ضبط ڪئي ويئي آهي. توهان جو انهن ٿيلهن ۾ ڇا آهي؟“ هو ٻنهي ٿيلهن ڏانهن ويو ۽ برانڊيءَ جي هڪ چوٿائي واري بوتل کي مٿي جهلي بيٺو. ”ڇا توهان مون سان پيئڻ ۾ شامل ٿيندا؟ مون پڇيو. ”نه توهان جي مهرباني.“ هو سڌو ٿي بيٺو. ”توهان وٽ ڪيترا پيسا آهن.“ ”پنجويه سئو لاير.“ ”هو طرفداراڻي انداز سان متاثر هو. ”تنهنجي سئوٽ وٽ ڪيترا آهن؟“ ڪيٿرائن وٽ ٻارنهن سئو لايرن کان ٿوري مٿي رقم هئي. ليفٽيننٽ خوش ٿي ويو. اسان سان هن جي جابراڻي ورتاءُ ۾ گهٽتائي اچي ويئي. ”جيڪڏهن توهان سرديءَ جي راند کيڏڻ چاهيو ٿا،“ هن چيو، ”وينجن هڪڙو هنڌ آهي. منهنجي والد جو وينجن ۾ تمام زبردست هوٽل آهي. اهو سارو وقت کليل رهندو آهي. ”اهو ڪافي شاندار آهي،“ مون چيو. ”ڇا توهان مون کي نالو ڏئي سگهو ٿا؟“ ”مان اهو هڪڙي ڪارڊ تي لکندس.“ هن ڪافي شائستگيءَ سان ڪارڊ منهنجي حوالي ڪيو. ”سپاهي توهان کي لوڪارنو ڏانهن وٺي ويندو. هو توهان جا پاسپوٽ پاڻ وٽ رکندو. مان ان جو افسوس ٿو ڪيان پر اهو لازمي آهي. مان پڪي اميد ٿو ڪيان ته اهي توهان کي لوڪارنو ۾ هڪڙي ويزا يا پوليس جو تحريري اجازت نامو ڏيندا.“ هن ٻه پاسپورٽ سپاهيءَ جي حوالي ڪيا ۽ ٿيلها کڻندي اسان هڪڙي ٽانگي جو حڪم ڪرڻ لاءِ ڳوٺ ڏانهن هلڻ شروع ڪيوسين.“ ”هاءِ،“ ليفٽيننٽ سپاهيءَ کي سڏ ڪيو. هن جرمن لهجي ۾ هن کي چيو. سپاهيءَ پنهنجي رائيفل کي پٺيءَ ۾ لٽڪايو ۽ ٿيلها مٿي کنيا. ”اهو هڪڙو عظيم ملڪ آهي،“ مون ڪيٿرائن کي چيو. ”اهو ڪافي باعمل آهي.“ ”توهان جي تمام گهڻي مهرباني،“ مون ليفٽيننٽ کي چيو. هن پنهنجو هٿ لوڏيو. ”خدمت گذاري!“ هن چيو. اسان پنهنجي پهريدار جي پويان ڳوٺ ۾ وياسين. سپاهي اڳين نشست تي ڊرائيور سان گڏ ويٺو ۽ ٽانگي سوار لوڪارنو ڏانهن هڪلڻ لڳو. لوڪارنو ۾ اسان کي ڪو به برو وقت پيش نه آيو. انهن اسان کان پڇا ڳاڇا ڪئي پر اهي شائسته هئا ڇاڪاڻ جو اسان وٽ پيسا ۽ پاسپورٽ هئا. مان نه ٿو سمجهان ته انهن کهاڻيءَ جي ڪنهن به لفظ کي تسليم ڪيو هجي ۽ مون سمجهيو ته اها احمقاڻي هئي پر اها هڪڙي قانوني عدالت جيان هئي. انهن کي ڪا به معقول شيءِ گهربل ڪو نه هئي، انهن ڪجه ٽڪنيڪي شيءِ پئي چاهي ۽ پوءِ بنا ڪنهن وضاحت جي انهي جي حمايت پئي ڪئي. پر اسان وٽ پاسپورٽ هئا ۽ اسان پيسا خرچ ڪرڻ وارا هئاسين. تنهنڪري انهن اسان کي عارضي ويزا ڏني. ڪنهن به وقت تي اها ويزا واپس ٿي پئي سگهي. اسان جيڏانهن به ويندا سين اسان پوليس کي رپورٽ ڪنداسين ”ڇا اسان جيڏانهن به وڃڻ چاهيون وڃي سگهون ٿا؟“ ”ها.“ ”اسان ڪيڏانهن هلڻ چاهيون ٿا“ ”ڪيٽ، تون ڪيڏانهن هلڻ چاهيندين؟“ ”مونٽرس / مونٽرو Montreux“. ”اهو هڪڙو زبردست هنڌ آهي،“ اهلڪار چيو. ”مان سمجهان ٿو توهان کي اهو هنڌ پسند ايندو.“ ”هتي

لوڪارنو ۾ هڪڙو زبردست هنڌ آهي،“ هڪڙي ٻئي اهلڪار چيو. ”مون کي يقين آهي توهان ان کي هتي لوڪارنو ۾ پسند ڪندا. لوڪارنو ڪافي پرڪشش هنڌ آهي.“ ”اسان ڪنهن اهڙي هنڌ کي پسند ڪنداسين جتي ڪا سرديءَ واري راند هجي.“ ”اتي مونترو ۾ سرديءَ واري ڪا بہ راند ڪونهي.“ ”مان توهان کان معافيءَ جو طلبگار آهيان،“ هڪڙي ٻئي اهلڪار چيو. ”منهنجو تعلق مونترو سان آهي. اتي مونترو اوبرلينڊ بيرنوئس ريلوي وٽ يقيناً سرديءَ واري راند آهي.“ ”انهي کان انڪار ڪرڻ توهان لاءِ غلط هوندو.“ ”مان ان کان انڪار نہ ٿو ڪيان. مون صرف اهو چيو تہ مونترو ۾ سردين واري ڪا بہ راند ڪونهي.“ ”مان انهي تي اعتراض واريان ٿو،“ ٻئي اهلڪار چيو. ”مان ان بيان تي اعتراض واريان ٿو.“ ” مان بيان تي قائم آهيان.“ ”مان ان بيان تي اعتراض واريان ٿو. مان پاڻ سر مونترو جي گهٽين ۾ برف جي گاڏيءَ تي گهميو آهيان. مون اهو هڪڙو دفعو نہ پر ڪيترا ڀيرا ڪيو آهي. برف گاڏيءَ تي هلڻ يقيناً سردين واري راند آهي.“ ٻيو اهلڪار مون ڏانهن مڙيو. ”سائين، ڇا توهان برف گاڏيءَ تي هلڻ کي سردين جي راند تصور ڪيو ٿا؟ مان توهان کي چوان ٿو تہ هتي لوڪارنو ۾ اهو ڪافي آرامده هوندو. توهان کي صحتمنداڻي موسم ملندي، توهان کي پرڪشش ماحول ملندو. توهان ان کي تمام گهڻو پسند ڪندا.“ ”لُوجِنگ (luging: برف گاڏيءَ تي هلڻ) ڇا آهي؟“ مون پڇيو. ”توهان ڏسو ٿا هن ڪڏهن لُوجنگ جي باري ۾ ڪونہ ٻڌو آهي!“ ٻئي اهلڪار جي لاءِ اهو وڏي پئماني تي معنيٰ خيز هو. هن کي اهو ٻڌي ڪافي سرهائي ٿي. ”لُوجنگ،“ پهرين اهلڪار چيو ”ٽوبوگيننگ،“ آهي. (tobogganing: برف گاڏي) ”مان امتياز رکڻ لاءِ معافي ٿو وٺان،“ ٻئي اهلڪار پنهنجو ڪنڌ لوڏيو. ”مون کي لازماً وري بہ امتياز رکڻ گهرجي. ٽوبوگن لُوج کان ڪافي مختلف آهي. ٽوبوگن ڪينيڊا ۾ ڪاٺِ جي تختين مان جوڙي ويندي آهي. لُوج ڦيٿن سان گڏ هڪڙي عام برفاني گاڏي آهي. درستگي بہ ڪاشيءِ هوندي آهي.“ ”ڇا اسان ٽوبوگن ڪري نہ ٿا سگهون؟“ .يقيناً توهان ڪري سگهو ٿا،“ پهرين عملدار چيو. ”توهان تمام بهتر نموني سان ڪري سگهو ٿا. مونترو ۾ ڪينيڊا جون انتهائي زبردست ٽوبوگنس وڪرو ڪيون وينديون آهن. اوڪس برادرز ٽوبوگنس وڪرو ڪندا آهن.“ ”اهي پنهنجون ٽوبوگنس درآمد ڪندا آهن.“ ٻيو اهلڪار مڙي ويو. ”ٽوبگيننگ،“ هن چيو ”جي لاءِ برف زار ۾ ٻڌايل هڪڙو خاص رستو گهربل هوندو آهي. توهان مونترو جي گهٽين ۾ ٽوبوگن ڪري نہ ٿا سگهو. توهان هتي ڪٿي ترسي رهيا آهيو؟“ ”اسان نہ ٿا ڄاڻون،“ مون چيو. ”اسان بريساگو کان بلڪل نڪري وياسين . ٽانگو ٻاهر آهي.“ ”توهان مونترو ڏانهن وڃڻ ۾ ڪا بہ غلطي نہ ڪجو،“ پهرين اهلڪار چيو. ”توهان کي موسم دلڪش ۽ خوبصورت نظر ايندي. سردين جي راند لاءِ توهان کي گهڻو مفاصلو درڪار نہ هوندو. ”جيڪڏهن توهان واقعي ۾ سردين جي راند کيڏڻ چاهيو ٿا،“ ٻئي اهلڪار چيو ”توهان کي اينگيڊائن يا مورِن ڏانهن وڃڻو پوندو. سردين جي راند جي لاءِ توهان کي مونترو ڏانهن وڃڻ جي لاءِ ڏنل صلاح جي مون کي لازماً مخالفت ڪرڻ گهرجي.“ ”مونترو کان مٿي ليس ايوانٽس وٽ اتي سردين جون هر قسم جون زبردست رانديون رچايون وينديون آهن.“ مونترو جي حامي پنهنجي ساٿيءَ جو ڏيان ڇڪرائيندي چيو. ”حضرات،“ ”مون چيو. ”مونکي افسوس آهي تہ اسان کي هلڻ گهرجي. منهنجي سئوٽ ڪافي

ٺڪل آهي. اسان آزمائشي طور تي مونٽرو ڏانهن ويندا‎سين. “ ”مان توهان کي مبارڪباد ڏيان ٿو“ پهرين اهلڪار منهنجو هٿ جهليو. ”مان سمجهان ٿو توهان لوڪارنو کي ڇڏي ڪري پڇتائيندا،“ ٻئي اهلڪار چيو. ”توهان ڪنهن بہ قيمت تي مونٽرو وٽ پوليس کي رپورٽ ڪندا. “ ”اتي پولس وٽ ڪنهن بہ قسم جي ڪا بہ ناخوشگواري پيش نہ ايندي،“ پهرين اهلڪار مون کي يقين ڏياريو. ”توهان کي سمورا باشنده انتهائي شائستہ ۽ دوستاڻا ملندا. “ ”توهان ٻنهيءَ جي تمام وڏي مهرباني،“ مون چيو. ”اسان توهان جي صلاح کي تمام گهڻو واکاڻيون ٿا. “ ”الوداع،“ ڪيٿرائن چيو. ”توهان ٻنهيءَ جي تمام گهڻي مهرباني. “ اهي تعظيم وچان اسان جي لاءِ جهڪي بيٺا لوڪارنو جو حامي ڪجه ٿڏائپ مان جهڪي بيٺو. اسان ٽانگي ۾ هيٺ سُري ويناسين. ”منهنجا خدا، جاني،“ ڪيٿرائن چيو. ”ڇا اسان جلديءَ ۾ پڇي نہ ٿا سگهون؟“ مون هڪڙي هوٽل جو نالو ڪنيو جيڪو هڪڙي اهلڪار ٽانگي سوار کي تجويز ڪيو هو. هن مهارون مٿي ڪيون. ”تو فوج کي وساري ڇڏيو آهي،“ ڪيٿرائن چيو. ٽانگي جي پاسي کان سپاهي بيٺو هو. مون هن کي ڏهن ليرن جو نوٽ ڏنو. ”مون وٽ اڃا تائين سوئس پيسا نہ آهن،“ مون چيو. هن منهنجو شڪريو ادا ڪيو، سلام ڪيو ۽ هليو ويو. ٽانگو هلڻ لڳو ۽ اسان هوٽل پهتاسين. ”تو مونٽرو جو انتخاب ڪيئن ڪيو؟“ مون ڪيٿرائن کان پڇيو. ”ڇا تون واقعي ۾ اوڏانهن وڃڻ چاهين ٿي؟“ ”اهو پهريون هنڌ هو جنهن جي باري ۾ مان هڪدم سوچي سگهيس،“ هن چيو. ”اهو خراب هنڌ ناهي. اسان مٿي پهاڙن ۾ ڪو نہ ڪو هنڌ ڳولهي سگهون ٿا. “ ”ڇا تون ننڊاکڙو آهين؟“ ”مان هينئر صفا سُن ٿي ويو آهيان. اسان هڪڙو سٺو آرام ڪنداسين. معصوم ڪيٽ، تو هڪڙي ڏکي بري رات گذاري. “ ”مون هڪڙو حسين وقت گذاريو“ ڪيٿرائن چيو. ”خاص طور تي جڏهن تو ڇتيءَ کي بادبان بڻائي هلايو. “ ”ڇا تون محسوس ڪرين ٿو تہ اسان سوئزرلينڊ ۾ آهيون؟“ ”نہ، مون کي افسوس آهي. “ ”مان سجاڳ ٿيندس ۽ اها حقيقيت نہ هوندي. “ ”اهو سچ آهي، جاني، ڇا اهو سچ ناهي؟“ ”مان هيٺ اسٽيزيون ڏانهن ملان ۾ توکي بلڪل بہ ڇڏڻ نہ وڃي رهيو آهيان. “ ”مان اميد ڪيان ٿو تہ اهو ايئين نہ هجي. “ ”ايئين نہ چئو. اهو مونکي ڊيڄاري ٿو. ٿي سگهي ٿو اهو اتي هجي جيڏانهن اسان هلي رهيا آهيون. “ ”مان ايترو تہ مدهوش آهيان جو مان نہ ٿو ڄاڻان،“ مون چيو. ”مون کي پنهنجا هٿ ڏسڻ ڏي. مون انهن کي ٻاهر ڪڍيو. انهن ٻنهي ۾ لڦون پئجي ويون هيون. “ ”منهنجي پاسي ۾ ڪو بہ سوراخ ڪونهي،“ مون چيو. ”گستاخانہ نہ ٿي. “ مون ڪافي ٿڪل محسوس ڪيو ۽ مٿي ۾ مونجه پئي لڳي. سموري خوشي هلي وئي هئي. ٽانگو گهٽيءَ وٽان هلي رهيو هو. ”ويچارا هٿ،“ ڪيٿرائن چيو.

ڪتاب پنجون

38

انهي خزان ۾ برفباري دير سان ٿي. اسان جبلن جي پاسي کان صنوبر جي وڻن سا گهيريل ڪاٺ جي هڪڙي خاڪ رنگي گهر ۾ رهياسين ۽ اتي رات جو پارو ڄمي ويو جنهن جي ڪري صبح جو سينگار جي ميز تي رکيل ٻن جڳن ۾ پاڻيءَ جي مٿان سنهڙي برف ڄمي ويئي. مسز گُٽنِجين صبح جو سوير دريون بند ڪرڻ جي لاءِ ڪمري ۾ گهڙي آئي ۽ چينيءَ جي هڪڙي ڏگهي چلهي ۾ باه ٻارڻ شروع ڪيائين. صنوبر جي وڻن مان ڪڙ ڪڙ جا آواز اچڻ لڳا ۽ باه جا شعلا اٿڻ لڳا ۽ انهي کان پوءِ باه چلهي ۾ گجگوڙ ڪرڻ لڳي ۽ ٻئي واري مسز گُٽنِجين پاڻ سان گڏ باه جي لاءِ وڏين ڪاٺين جا ٽڪڙا ۽ گرم پاڻيءَ جي لاءِ هڪڙو جڳ کڻي آئي. جڏهن ڪمرو گرم ٿي ويو هوءَ ناشتو کڻي آئي. پلنگ جي مٿان ويهي ناشتو ڪندي اسان ڍنڍ جي آرپار فرانس واري پاسي کان ڍنڍ ۽ جبلن کي ڏسي پئي سگهياسين. اتي جبلن جي چوٽين تي برف ڄميل هئي ۽ اسان ڍنڍ ۽ جبل ڏسي پئي سگهياسين. جبلن جي چوٽين تي برف پيل هئي ۽ ڍنڍ ميٺاهين آسماني رنگت جي هئي. ٻاهر، پهاڙي بنگلي جي پويان هڪڙو رستو هو جيڪو مٿي جبل ڏانهن پئي ويو. رستن تي ٿهي ويل ڦيٿن جا پٽا ۽ ڏگهيون سوڙهيون جبلن جون قطارون ڄمي ويل پاري جي ڪري فولاد جيان سخت ٿي ويون هيون، ۽ رستو هموار يءَ سان ٻيلن وچان ۽ پهاڙن جي چوگرد مٿي چڙهي اوڏانهن پئي ويو جتي چراگاه هئا، واديءَ جي آرپار چراگاهن ۾ موجود گودام ۽ حُجرا جهنگ جي متصل هئا. وادي ڪافي اونهي هئي ۽ اتي تري ۾ هڪڙو وهڪرو هو جيڪو هيٺ ڍنڍ ۾ وهي رهيو هو ۽ جڏهن واديءَ جي آرپار هوا پئي گهلي ته پٿرن ۾ ان وهڪري جو آواز ٻڌڻ ۾ پئي آيو. ڪڏهن ڪڏهن اسان رستي کان پري ۽ صنور جي وڻن وچان هڪڙي رستي تي هوندا هئاسين. ٻيلي جو فرش گهمڻ مهل نرم لڳندو هو. پارو ان کي ايترو سخت نه بڻائيندو هو جيترو رستي کي بڻائي ڇڏيندو هو. پر اسان اسان رستي جي سختيءَ جو ڪو اونهو ئي ڪو نه پئي ڪيوسين ڇاڪاڻ جو اسان جي جوتن جي ترن ۾ ڪوڪا لڳل هئا ۽ اسان جي جوتن جي ڪڙين ۾ لڳل ڪوڪا ڦيٿن جي نشانن تي ڄمي ويل پاري کي ٽُڪي رهيا هئا ۽ ڪوڪاون جوتن سان رستي تي هلڻ سنو ۽ قوت بخشيندڙ هوندو هو. پر جهنگ ۾ هلڻ دلڪش هو. اسان جي گهر جي اڳيان جتي اسان رهائش پذير هئاسين جبل نشيبي انداز سان هيٺ ننڍڙي ميدان ۾ ڍنڍ وٽان هيٺ پئي ويو ۽ اسان گهر جي بر آمدي ۾ اس ۾ ويهندا هئاسين ۽ هيٺ پهاڙن جي پاسي کان رستي جي ورن وڪڙن ۽ هيٺين پهاڙ جي پاسي کان صحن وارين انگور جي ولين کي ڏسندا هئاسين. هاڻي خزان جي رت ۾ سموريون وليون فنا ٿي ويون هيون ۽ کيت پٿرن جي ديوارن سان تقسيم ڪيل هئا، ۽ انگور جي ولين جي هيٺان ڍنڍ جي ساحل جي پر سان سوڙهي ميدان

۾ قصبي جا گهر هئا. اتي ڍنڍ تي ٻن وڻن وارو هڪڙو ٻيٽ هو ۽ ان جا وڻ مڇيءَ جي ٻيڙيءَ جي ٻن سڙهن جيان نظر اچي رهيا هئا. ڍنڍ جي ٻئي طرف کان جبل لهوارا ۽ نوڪدار هئا ۽ هيٺ ڍنڍ جي آخر ۾ پهاڙن جي سلسلن درميان رون (Rhone) واديءَ جو هموار ميدان هو. ۽ واديءَ کان اڳتي جتي جبلن ان کي پاڻ کان ڪٽي پئي ڇڏيو اتي ڊينٽ ڊُو مِيڊِي (Dent du Midi) هو. اهو هڪڙو اوچو برفاني جبل هو ۽ اهو واديءَ تي مسلط هو پر اهو ايترو ته پري هو جو ان هڪڙو پاڇولو به ڪو نه پئي ڻاهيو. جڏهن سج روشن ٿي ويندو هو اسان برآمدي ۾ مانجهاندو ڪندا هئاسين پر باقي وقت ڏاڪڻين کان مٿي هموار ڪاٺ جي ديوارن واري هڪڙي ننڍڙي ڪمري ۾ کائيندا هئاسين جنهن جي هڪڙي ڪنڊ کان هڪڙو وڏو چلهو پيل هوندو هو. اسان قصبي مان ڪتاب ۽ رسالا ورتاسين ۽ تاش جي قائدن ۽ ضابطن جي باري ۾ مستند ڪتاب جي هڪڙي ڪاپي خريد ڪئي سين ۽ اسان ٻن هٿن وارين راندين جي باري ۾ سکيوسين. هڪڙي چلهي وارو ننڍڙو ڪمرو اسان جي رهڻ لاءِ هو. اتي به آرامده ڪرسيون ۽ ڪتابن ۽ رسالن لاءِ هڪڙي ميز هئي ۽ جڏهن ماني کائڻ پوءِ اها واندي ٿي ويندي هئي اسان ڪاڏي واري ميز تي تاش راند کيڏندا هئاسين. مسٽر ۽ مسز گٽنجين ڏاڪڻين کان هيٺ رهندا هئا ۽ اسان انهن کي ڪڏهن ڪڏهن شام جي وقت ڳالهائيندي ٻڌندا هئاسين ۽ اهي هڪٻئي سان تمام خوش پڻ هئا. هو هڪڙُو مکيه بيرو ٿي گذريو هو ۽ هن نوڪرياڻيءَ طور انهي هوٽل ۾ ڪم ڪيو هو ۽ انهن انهي هنڌ کي خريد ڪرڻ جي لاءِ پنهنجا پيسا جمع ڪيا هئا. انهن کي هڪڙو پٽ هو جيڪو هڪڙي مکيه بيري جي تعليم پرائي رهيو هو. هو زيورڪ ۾ هڪڙي هوٽل ۾ هو. اتي هڪڙو ديوان خانو هو جتي اهي شراب ۽ بيئر وڪرو ڪندا هئا. ۽ ڪڏهن ڪڏهن شام جو اسان ٻاهر رستي تي رڪندي جانورن وارين گاڏين جو آواز ٻڌندا هئاسين. ۽ ماڻهو قدم وڌائي مٿي ڏاڪڻين تي چڙهي ديوان خاني ۾ شراب پيئڻ ويندا هئا. رهائش واري ڪمري کان ٻاهر احاطي ۾ هڪڙي ڪاٺ جي پيتي رکيل هئي ۽ مان باه کي ان کان پري ڪندو هوس. پر اسان مٿي گهٽيءَ دير تائين ڪونه ويهندا هئاسين. اسان رات جو وڏي خلوت گاه ڏانهن هليا ويندا هئاسين ۽ جڏهن مان ڪپڙا مٽائيندو هوس مان دريون کولي رات ۽ ٽريل ستارن ۽ دريءَ کان هيٺ صنوبر جي وڻن کي ڏسندو هوس ۽ پوءِ جيترو جلدي ٿي سگهندو هو مان بستر ۾ گهڙي ويندو هوس. اهو دلڪش بستر هوندو هو جتي هوا ڪافي سرد ۽ صاف هوندي هئي ۽ دريءَ کان ٻاهر تاريڪي ڇانيل هوندي هئي.

جنگ ٻئي ڪاليج جي فٽبال جي راندين جيان ڪوهين ڏور هلي ويئي هئي. پر مون اخبارن مان معلوم ڪيو ته اهي اجا تائين جبلن ۾ وڙهي رهيا هئا ڇاڪاڻ جو اتي برفباري ڪو نه ٿي هئي.

ڪڏهن ڪڏهن اسان جبلن کان هيٺ مونترو ڏانهن پنڌ پوندا هئاسين. اتي هڪڙو رستو هو جيڪو هيٺ جبل ڏانهن ويندو هو پر اهو هموار هو ۽ تنهن ڪري اسان اڪثر طور تي رستو وٺي هيٺ ويڪري سخت رستي تي هلندا هئاسين جيڪو کيتن جي وچان هو ۽ انهي کان پوءِ انگورن جي ولين جي پٿر وارين ديوارن جي وچان هو ۽ اجا هيٺ رستي جي پرسان ڳوٺ جي گهرن جي درميان هو. اتي ٽي ڳوٺ هئا. فونٽانيِوينٽ (Fontanivent) ۽ ٻين جا نالا مون کان وسري ويا آهن. انهي کان پوءِ رستي جي پرسان اسان هڪڙي پراڻي مربع جي صورت ۾ ٺهيل پراڻي شاندار محل وٽان

گذرندا هئاسين جيڪو جبلن جي پاسي کان پهاڙ جي هڪڙي ٻاهر نڪتل حصي تي هئو جنهن سان صحن وارا انگورن جي ولين جا کيت هوندا هئا. هر ولِ مٿي جهلي بيهڻ جي لاءِ هڪڙي ڪاٺيءَ سان ٻڌل هئي. انگور جون وليون خشڪ ۽ ميٽاهيون هيون ۽ ڌرتي برف جي لاءِ تيار هئي ۽ هيٺ ڍنڍ هموار ۽ فولا جيان خاڪستري هئي. رستو شاندار محل کان ڏکڻ درجي هيٺ پئي ويو ۽ پوءِ ساڄي طرف پئي مڙيو ۽ هموارِي سان گهٽو هيٺ پئي ويو ۽ اهو ڪنڪرن سان پيوند ٽيل هو ۽ اهو مونٽرو ۾ هو. مونٽرو ۾ اسان ڪنهن کي به ڪو نه سڃاڻيندا هئاسين. اسان ڍنڍ جي پرسان گهمندا هئاسين ۽ هنجن کي ڏسندا هئاسين ۽ ڪيٽرن ئي ساموندي ٻگهن ۽ ساموندي ڪبرين کي ڏسندا هئاسين جيڪي مٿي اڏامندا رهندا هئا ۽ جڏهن اسان انهن جي ويجهو ويندا هئاسين اهي هيٺ پاڻيءَ ڏانهن ڏسندي دانهون ڪندا هئا. ٻاهر ڍنڍ تي اتي ننڍڙين بدڪن جا ولر هوندا هئا. اهي ننڍڙيون ۽ ڪارڙيون هونديون هيون جيڪي جڏهن ترنديون هيون ته انهن جي پٺيان کان پاڻيءَ تي لڪيرون ٺهنديون ونديون هيون. قصبي ۾ اسان مکيه ڳليءَ جي پرسان هلندا هئاسين ۽ دوڪانن جي درين ۾ ڏسندا هئاسين. اتي ڪيترائي وڏا هوٽل هئا ۽ ماڻهو اسان کي ڏسي خوش ٿيندا هئا. اتي وار سجائڻ واري حجم جي هڪڙي زبردست جاءِ هوندي هئي جتي ڪيٽرائن پنهنجا وار ٺهرائڻ لاءِ ويندي هئي. ان کي هلائڻ واري عورت ڪافي ملڻسار هئي ۽ خوش مزاج هئي ۽ فقط اها ئي واحد عورت هئي جنهن کي اسان مونٽرو ۾ ڄاڻيندا هئاسين. جڏهن ڪيٽرائن اتي هوندي هئي مان اڳتي هڪڙي بيئر واري هنڌ ڏانهن هليو ويندو هوس ۽ ميونخ جي ڪارسُري بيئر جي بوتل پيئندو هوس ۽ اخبارون پڙهندو هوس. مان ڪوريئر ڊيلا سير ۽ پيرس کان ايندڙ آمريڪي ۽ انگريزي اخبارون پڙهندو هوس. سمورن اشتهارن تي پابندي عائد ڪيل هئي، اهو سمجهيو ويندو هو ته ان سان دشمن سان رابطي کي ٻنجوڏئي سگهجي ٿو. اخبارن ۾ بريون خبرون هونديون هيون. هر هنڌ هر شيءِ بريءَ طرح سان هلي رهي هئي. مان ڪارسُري بيئر جي هڪڙي ڳري منگهي سان پوپان هڪڙي ڪنڊ ۾ وينو هوس ۽ جليبي نما بسڪوٽن جو هڪڙو روغني پنو ڪوليم مون نمڪين ذائقي خاطر جليبي نما بسڪوٽ کاڌا ۽ انهن بيئر سان گڏ زبردست سواد پئي ڏنو ۽ تباهيءَ جي باري ۾ پڙهيم. مون سمجهيو ڪيٽرائن اچي ويندي پر هوءَ ڪو نه آئي، تنهنڪري مون اخبارون ريڪ تي ٽنگي ڇڏيون، پنهنجي بيئر جي ادائگي ڪيم ۽ هن کي ڏسڻ لاءِ اڳتي گهٽيءَ ڏانهن ويس. ڏينهن ٿڌو ۽ تاريڪ ۽ خزان سان معمور هو ۽ گهر جا پٿر ٿڌا لڳي رهيا هئا. ڪيٽرائن اجا تائين حجم جي دوڪان تي ويٺي هئي. عورت هن جي وارن کي مهٽي رهي هئي. مان ننڍڙي ڪمري ۾ ويهي رهيس ۽ ان ڏانهن ڏسڻ لڳس. اهو ڏسڻ جوش کان خالي نه هو ۽ ڪيٽرائن مسڪرايو ۽ مون سان ڳالهايو ۽ منهنجو آواز جوش جي ڪري ٿورو ٿلهو هو. چمٽن مان مزيدار ٽَڪ ٽَڪ جو آواز اچي رهيو هو ۽ مان ٽن آرسين ۾ ڪيٽرائن کي ڏسي پئي سگهيس ۽ اتي ڪمري ۾ اهو ڪافي من موهيندڙ ۽ گرم هو. انهي کان پوءِ انهي عورت ڪيٽرائن جا وار مٿي ڪري ڇڏيا، ۽ ڪيٽرائن آرسيءَ ۾ نهاريو ۽ انهن کي ٿورو تبديل ڪيو انهي مان ميخون ڪيڻ ۽ وجهڻ لڳي، انهي کان پوءِ اٿي بيهي رهي هئي. "مون کي افسوس آهي جو مون ايترو وقت لڳائي ڇڏيو." "سائين جن ڪافي دلچسپي ورتي. ڇا توهان نه ورتي سائين؟" عورت

مسڪرائي ڏنو ”ها.“ مون چيو. اسان ٻاهر نڪري وياسين ۽ اڳتي ڳليءَ ڏانهن هليا وياسين. اتي سردي هئي ۽ هوا گهلي رهي. ”او جاني مان توسان پيار ڪيان ٿو“ مون چيو. ”ڇا اسان سنو وقت نہ پيا گهاريون؟“ ڪيٿرائن چيو. ”ڏس، اچ تہ ڪنهن هنڌ تي هلون ۽ چانهن جي بجاءِ بيئر پيئون. اهو نوجوان ڪيٿرائن لاءِ تمام گهڻو سنو آهي. اهو هن کي ننڍڙو رکي ٿو. ”نوجوان ڪيٿرائن،“ مون چيو ”اهو نڪمو.“ ”هوءَ سني رهي آهي،“ ڪيٿرائن چيو.”هوءَ تمام ٿورڙيون مشڪلاتون پيدا ڪري ٿي. ڊاڪٽر چوي ٿو تہ بيئر منهنجي لاءِ سنو رهندو ۽ هن کي ننڍڙو رکندو.“ ”جيڪڏهن توهان هن کي ڪافي ننڍڙو ۽ ٻڍائي رکندئو ۽ هن کي ڪو ٻار پيدا ٿيو، تي سگهي اهو هڪڙو گهوڙيسوار هجي.“ ”مان سمجهان ٿو جيڪڏهن اسان واقعي ۾ هن ٻار کي جنم ڏيڻ چاهيون ٿا تہ اسان کي شادي ڪرڻ گهرجي،“ ڪيٿرائن چيو.
اسان ڪنڊ واري ميز وٽ بيئر واري هنڌ تي هئاسين. اتي ٻاهر اونداهي ٿي رهي هئي. اهو اڃا سوير پرو هو پر ڏينهن ميرانجهڙو هو جنهن ڪري لڳي رهيو هو جڻ سج سوير پرو لهي رهيو هجي. ”اچ تہ هاڻي ئي شادي ڪيون،“ مون چيو. ”ڪيٿرائن چيو“ ”اها هاڻي ڪافي ناگوار آهي. مان صاف طور تي چوان ٿي مان ڪنهن جي بہ اڳيان وچي هن رياست ۾ شادي ڪو نہ ڪنديس.“ ”ڪاش اسان شادي شده هجون ها.“ ”مان سمجهان ٿو اهو ڪافي بهتر هجي ها. پر، جاني، اسان ڪڏهن ڪنداسين؟“ ”مان نہ ٿي ڄاڻان.“ ”مان ڪجه بہ نہ ٿي ڄاڻان. مان هن شاندار مادراڻي رياست ۾ شادي نہ ٿي ڪري سگهان.“ ”تون مادراڻا ناهين.“ ”او ها، مان آهيان، جاني.“ ”حجامت ڪرڻ واريءَ مون کان پڇيو پئي تہ ڪٿي اها اسان جي شروعات تہ ڪو نہ هئي؟“ مون هن سان ڪوڙ ڳالهايو. ”نہ. اسان کي ٻہ ڇوڪرا ۽ ٻہ ڇوڪريون آهن.“ ”اسان ڪڏهن شادي ڪنداسين؟“ ”ڪنهن بہ وقت جڏهن مان وري سنهڙي ٿي وڃان. مان هڪڙي عاليشان شادي ڪرڻ چاهيان ٿي جتي هر ڪو اهو سوچي رهيو هجي تہ هڪڙو ڪيڏو نہ خوبصورت نوجوان جوڙو آهي.“ ”۽ توکي ڪا بہ چنتا ناهي؟“ ”جاني، اسان کي ڪا بہ چنتا ڇو ڪرڻ گهرجي؟“ ”مون فقط هڪڙي دفعي تڏهن برو محسوس ڪيو هو جڏهن مون پاڻ کي ملان ۾ هڪڙي طوائف محسوس ڪيو هو ۽ اها محسوسات فقط ستن منٽن تائين برقرار رهي هئي ۽ ٻيو تہ اتي ڪمري ۾ ڪافي آرائشي سجاوتون هيون. ڇا مان تو لاءِ سني زال ناهيان؟“ ”تون هڪڙي دلربا گهر واري آهين.“ ”تہ پوءِ تمام گهڻي فنڪاري نہ ڪر، جاني. مان جيئن ئي سنهڙي ٿي ويس مان توسان شادي ڪري ڇڏيندس.“ ”نيڪ آهي“. ”ڇا تون سمجهين ٿو تہ مون کي هڪڙو ٻيو بيئر پيئڻ گهرجي؟ ڊاڪٽر چيو تہ منهنجا ٻنڊڻ صفا سوڙها آهن ۽ جيڪڏهن اسان نوجوان ڪيٿرائن کي ننڍڙو رکون تہ اهو سڀ ڪجه بهتري لاءِ هوندو.“ ”هن ٻيو ڇا چيو؟“ مان پريشان ٿي ويس. ”ڪجه بہ نہ. منهنجي خون جو دٻاءُ صفا صحيح آهي، جاني. هن منهنجي خون جي دٻاءُ جي تمام گهڻي تعريف ڪئي.“ ”هن تنهنجي ٻنڊڻن جي سوڙهي هئڻ بابت ڇا چيو؟“ ”ڪجه بہ نہ. هرگز ڪجه بہ نہ. هن چيو تہ مون کي برف تي ترڪڻ نہ گهرجي.“ ”بلڪل نيڪ.“ ”هن چيو جيڪڏهن مون اهو پهريان نہ ڪيو آهي تہ هاڻي ان جي ڪرڻ لاءِ گهڻي دير ٿي چڪي آهي. هن چيو جيڪڏهن مان ڪِري نہ پوان تہ مان برف تي ترڪي سگهان ٿي.“ ”هو وڏيءَ دل وارو هڪڙو

مسخرو آهي.“ ”هو واقعي زبردست هو. اسان کي جڏهن ٻار پيدا ٿيندو اسان هن کي گهرائينداسين.“ ”ڇا تو هن کان شادي ڪرڻ جي باري ۾ معلوم ڪيو؟“ ”نه. مون هن کي ٻڌايو ته اسان سالن کان وٺي شادي شده آهيون. جاني تون ڇاڻين ٿو ته جيڪڏهن مان توسان شادي ڪنديس ته مان هڪڙي آمريڪن ٿي ويندس ۽ ڪنهن به وقت جڏهن اسان آمريڪي قائدي تحت شادي ڪري وٺنداسين ته ٻار جائز ٻڻجي ويندو.“ ”تو اهو ڪٿان معلوم ڪري ورتو؟“ ”ڪتب خاني ۾ نيويارڪ جي دنيا جي جنتريءَ ۾.“ ”تون هڪڙي عظيم ڇوڪري آهين.“ ”هڪڙي آمريڪي عورت ٻڻجي وڃڻ ۾ مون کي خوشي محسوس ٿيندي ۽ اسان آمريڪا هليا ويندا سين. ها نه جاني؟“ ”مان نياگرا جا آبشار ڏسڻ چاهيان ٿي.“ ”تون هڪڙي زبردست ڇوڪري آهين.“ ”اتي ڪا ٻي شيءِ به آهي جنهن کي مان ڏسڻ گهران ٿي پر مون کي اها ياد نه ٿي اچي.“ ”مال منڊي؟“ ”نه. مان ان کي ياد نه ٿي ڪري سگهان.“ ”وول ورٿ جي عمارت؟“ ”نه.“ ”گرانڊ ڪينيون؟“ ”نه. پر مان ان کي ڏسڻ چاهينديس.“ ”اهو ڇا هو؟“ ”گولڊن گيٽ. ها مان ان کي ڏسڻ چاهيان ٿي.“ ”گولڊن گيٽ ڪٿي آهي؟“ ”سين فرانسيسڪو ۾.“ ”ته پوءِ اچ ته اوڏانهن هلون. مان هر حال ۾ سين فرانسيسڪو ڏسڻ چاهيان ٿي.“ ”نيڪ آهي. اسان اوڏانهن هلنداسين.“ ”هاڻي اچ ته مٿي پهاڙ ڏانهن هلون. واقعي؟ ڇا اسان ايم.او.بي وٺي سگهون ٿا؟“ ”ٿوريءَ دير کان پوءِ پنجين وڳي بعد اتي هڪڙي ريل ايندي.“ ”اچ ته ان کي پڪڙيون.“ ”نيڪ آهي. مان پهريان هڪڙو وڌيڪ بيئر پيئندس.“ ”جڏهن اسان اڳتي گليءَ ڏانهن هلڻ لاءِ نڪري آياسين ۽ اسٽيشن جي لاءِ ڏاڪڻيون چڙهياسين اتي ڪافي سردي هئي. رون واديءَ جي هيٺان هڪڙي ٿڌڙي هير گهلي رهي هئي. اتي دوڪانن جي درين ۾ روشنيون هيون ۽ اسان مٿاهين گليءَ وٽان لهواري پٿر واري ڏاڪڻ تي چڙهياسين. انهي کان پوءِ اڳيان اسٽيشن جي لاءِ هڪڙي ٻي ڏاڪڻ تي چڙهياسين. اتي برقي ريل بيٺي هئي، جنهن جون سموريون روشنيون ٻري رهيون هيون. ”اتي هڪڙو گهڙيال لڳل هو جيڪو ان جي رواني ٿيڻ جو وقت ڏيکاري رهيو هو. گهڙيال جا ڪانٽا ان جي روانگيءَ جو وقت پنج لڳي ڏه منٽ ڏيکاري رهيا هئا. مون اسٽيشن جي گهڙيال ڏانهن نهاريو. انهي مطابق اڃا پنج منٽ پيا هئا. جيئن ئي اسان ريل ۾ سوار ٿياسين مون موٽر واري همراه ۽ ڪنڊيڪٽر کي اسٽيشن جي مئخاني کان ٻاهر ايندي ڏٺو. اسان ريل ۾ ويهي رهياسين ۽ دري کولي ڇڏي سين. ريل بجليءَ وسيلي گرمايل هئي ۽ اها ٻوساٽيل هئي پر دريءَ مان تازي ٿڌڙي هوا اچي رهي هئي. ”ڪيٽ، ڇا تون ٿڪجي پيئي آهين؟“ مون پڇيو. ”نه مان. زبردست محسوس ڪري رهي آهي آهيان.“ ”اهو ايترو ڊگهو سفر نه آهي.“ ”مون کي سفر ڪرڻ پسند آهي،“ هن چيو. ”منهنجي ڪا به ڇنتا نه ڪر جاني. مان عمدو پئي محسوس ڪيان.“ ناتال کان ٿي ڏينهن پهريان تائين ڪا به برفباري ڪو نه ٿي. هڪڙي ڏينهن صبح جو جڏهن اسان سجاڳ ٿياسين اتي برفباري ٿي رهي هئي. اسان بستر ۾ ٽڪيل رهياسين باه چله ۾ تڙڪات ڪري رهي هئي ۽ اسان برفباري کي ڏسي رهيا هئاسين. مسز گٽنجين ناشتي واري طشتري کڻي ويئي ۽ چلهي ۾ وڌيڪ ٻارڻ وجهي ويئي. اهو هڪڙو وڏو برفاني طوفان هو. هن چيو ته اهو اڌ رات ڌاران شروع ٿيو هو. مان دريءَ ڏانهن ويس ۽ ٻاهر نظر ڦيرايم پر رستي جي آرپار ڏسي ڪو نه سگهيس. اتي انتهائي تيز هوا گهلي رهي هئي ۽ ان سان گڏوگڏ

برفباري پئي ٿي رهي هئي. ”مان واپس بستر ڏانهن ويس ۽ اسان اتي آهلجي ويٺاسين ۽ پاڻ ۾ ڳالهائڻ لڳاسين.“ ”ڪاش مان برف تي هلي سگهان ها.“ ڪيٿرائن چيو. ”برف تي هلي ڦري نه سگهڻ مون کي فرسوده پاسجي ٿو.“ ”اسان هڪڙي برف تي هلڻ واري گاڏيءَ تي چڙهنداسين ۽ رستي کان هيٺ هلنداسين. اهو تو لاءِ هڪڙي ڪار ۾ سواري ڪرڻ کان وڌيڪ خراب ناهي.“ ”ڇا اهو مشڪل نه هوندو؟“ ”اسان ان کي پرکي سگهون ٿا.“ ”مان اميد ٿو ڪيان ته اهو ايترو مشڪل نه هوندو.“ ”انهي کان پوءِ اسان برف ۾ هڪڙو چڪر هڻنداسين.“ ”مانجهاندي کان پوءِ“ ڪيٿرائن چيو. ”انهي سان اسان کي سٺي بک لڳندي.“ ”مان هميشه بکايل هوندي آهيان.“ ”مان به.“ اسان ٻاهر برف ڏانهن وياسين اتي انهي جا ڍڳ جمع ٿي ويا هئا جنهن ڪري اسان گهڻو پري پنڌ ڪري ڪو نه سگهياسين. مان اڳتي هليو ويس ۽ اسٽيشن کان هيٺ هڪڙو رستو ٺاهيم پر جڏهن اسان اتي پهتاسين اسان کي لڳو ته اسان گهڻو اڳتي نڪري آيا آهيون. برفباري وسي رهي هئي تنهن ڪري اسان مشڪل سان ڏسي پئي سگهياسين ۽ اسان اسٽيشن جي ڀرسان هڪڙي ننڍڙي سراءِ ۾ وياسين ۽ هڪٻئي کي هڪڙي بُرش سان ڇنڊيوسين ۽ هڪڙي ميز تي ويهي رهياسين ۽ خوشبودار شراب پيتوسين. ”اهو ڪافي وڏو طوفان آهي.“ شراب پيش ڪرڻ واري عورت چيو. ”ها.“ ”هن سال ڪافي دير سان برفباري ٿي آهي.“ ”ها.“ ”ڇا مان چاڪليٽ کائي سگهان ٿي؟“ ڪيٿرائن چيو. ”يا مانجهاندي جو وقت صفا نزديڪ آهي؟ مان هميشه بک ورتل هوندي آهيان.“ ”هڪڙو پلي کاءُ“ مون چيو. ”مان هڪڙو خشڪ ميوي سان گڏ کائيندس“ ڪيٿرائن چيو. ”اهي ڪافي سٺا آهن.“ ”ڇوڪريءَ چيو. ”اهي مون کي ڪافي پسند آهن.“ ”مان هڪڙو ٻيو خوشبوءَ وارو شراب پيئندس“ مون چيو. جڏهن اسان واپس مٿي رستي ڏانهن هلڻ لاءِ ٻاهر آياسين ته اسان وارو رستو برف سان ڍڪجي ويو هو. جتي اڳ ۾ گُرخا هوندا هئا اتي فقط مدهم گوشيدار شگاف هئا . برف اسان جي منهن سان ٽڪرائي رهي هئي جنهن ڪري اسان مشڪل سان ڏسي پئي سگهياسين. اسان پاڻ کي اگهي صاف ڪيوسين ۽ مانجهاندي لاءِ روانا ٿياسين. مسٽر گُتنجين اسان لاءِ مانجهاندو کڻي آيو.“ ”سڀاڻي اتي برفباري تي هلڻ جو سلسلو شروع ٿي ويندو“ هن چيو. ”ڇا توهان برفباريءَ ۾ ترڪڻ پسند ڪندا آهيو هينري؟“ ”نه پر مان سکڻ چاهيان ٿو.“ ”توهان آسانيءَ سان سکي ويندئو. منهنجو ڇوڪرو ناتال جي ڪري هتي ايندو ۽ هو توهان کي سيکاريندو.“ ”اهو ڪافي سٺو آهي. هو ڪڏهن ايندو؟“ ”سڀاڻي رات جو.“ جڏهن اسان مانجهاندي کان پوءِ ننڍڙي ڪمري ۾ چلهي جي ڀرسان ويٺا هئاسين ۽ ٻاهر دريءَ ڏانهن هيٺ وسندڙ برفباريءَ ڏانهن نهاري رهيا هئاسين ڪيٿرائن چيو ”جاني، ڇا تون ڪنهن سير جي لاءِ ڪنهن نه ڪنهن هنڌ ڏانهن پنهنجي سر پاڻ نه ويندين ڇا، ۽ اتي وڃي ڪري ماڻهن کي ڏسڻ ۽ برفباريءَ تي ترڪڻ جو مزو ڪو نه وٺندين ڇا؟“ ”نه. مان ڇاڪاڻ وڃان؟“ ”ڪڏهن ڪڏهن مون کي اهو سوچڻ گهرجي ته تون ڪڏهن ڪڏهن مون کان علاوه ٻين ماڻهن کي ڏسڻ چاهيندو هوندين.“ ”ڇا تون ٻين ماڻهن کي ڏسڻ چاهيندينءَ؟“ ”نه. مان به نه چاهيندس.“ ”مان ڄاڻان ٿي. پر تون مختلف آهين. مان هڪڙي ٻار کي پيٽ ۾ پالي رهي آهيان ۽ ان سان مان ڪجھ به نه ڪرڻ سان مطمئن رهان ٿي. مان سمجهان ٿي ته هاڻي مان بيحد احمق آهيان

۽ مان تمام گهڻي جَڪَ هڻان ٿي ۽ مان سمجهان ٿي تہ توکي ٻاهر وڃڻ گهرجي ان سان تون مون مان بيزار نہ ٿي پوندين.“ ”ڇا تون چاهين ٿي تہ مان هليو وڃان؟“ ”نہ. مان چاهيان ٿي تہ تون هُج.“ ”اهو ئي تہ مان ڪري رهيو آهيان.“ ”هيڏانهن اچ.“ هن ڇيو. مون کي تنهنجي مٿي تي ڪنهن شيءِ سان ٽڪرائجڻ جو نشان محسوس ٿئي ٿو.“ هن پنهنجي آڱر ان جي مٿان گهمائي. ”جاني، ڇا تون ڏاڙهي رکرائيندين؟“ ”ڇا تون چاهين ٿي تہ مان اها رکرايان؟“ ”اهو ڪافي مزيدار رهندو. مان توکي هڪڙي ڏاڙهيءَ ۾ ڏسڻ کي پسند ڪنديس.“ ”ٺيڪ آهي. مان اها رکرائيندس. مان ان کي هن منٽ کان وٺي ڇڏي ٿو ڏيان. اهو هڪڙو پلو خيال آهي. انهي سان مون کي ڪجه نہ ڪجه ڪرڻ جو موقعو ملندو.“ ”ڇا تون ان جي لاءِ پريشان آهين ڇاڪاڻ جو تو وٽ ڪرڻ جي لاءِ ڪجه بہ ڪونهي؟“ ”نہ. مان ان کي پسند ڪيان ٿو. مان هڪڙي عمدي زندگي گهاريان پيو. ڇا تون نہ پيئي گهارين؟“ ”مون وٽ هڪڙي عمدي زندگي آهي. پر مونکي پئو ٿو ٿئي ڇاڪاڻ جو هاڻي مان ٿلهي ٿي ويئي آهيان تنهن ڪري مان تنهنجي لاءِ بيزاري پيدا ڪري رهي هونديس.“ ”او ڪيٽ، تون نہ ٿي ڄاڻين تہ مان تنهنجي لاءِ ڪيترو پاڳل آهيان.“ ”انهي نموني سان“ ”جنهن نموني ۾ تون آهين. مان هڪڙو بهترين وقت گهاري رهيو آهيان. ڇا اسان هڪڙي سٺي زندگي نہ گهاري رهيا آهيون؟“ ”مان گهاريان پئي. پر مون سمجهيو ٿي سگهي ٿو تون بي چين هجين.“ ”نہ. ڪڏهن ڪڏهن مون کي محاذ جي باري ۾ ۽ انهن ماڻهن جي باري ۾ حيرت ٿيندي آهي جن کي مان سڃاڻان ٿو پر مون کي ان جي ڪا بہ پرواہ ناهي. مان ڪنهن بہ شيءِ جي باري ۾ ايترو نہ سوچيندو آهيان.“ ”توکي ڇا جي باري ۾ حيرت ٿيندي آهي؟“ .پادريءَ ۽ رنالڊيءَ جي باري ۾ ۽ ڪيترائي ٻيا ماڻهو جن کي مان سڃاڻان ٿو. پر مان انهن جي باري ۾ گهڻو ڪو نہ سوچيندو آهيان. مان جنگ جي باري ۾ سوچڻ نہ ٿو گهران. مان انهي مان گذري چڪو آهيان.“ ”هاڻي تون ڇا جي باري ۾ سوچي رهيو آهين؟“ ”ڪجه بہ نہ.“ ”ها تون ڪجه سوچي رهيو هئين. مون کي ٻڌاءِ.“ ”مون کي انهي تي حيرت ٿي رهي هئي تہ ڪٿي رنالڊيءَ کي آتشڪ هو بہ يا نہ.“ ”ڇا تون بس ايترو سوچيندو آهين؟“ ”ها.“ ”ڇا هن کي آتشڪ هو؟“ ”مان نہ ٿو ڄاڻان.“ ”مون کي خوشي آهي تہ اهو توکي ڪونهي. ڇا توکي انهي جهڙي ڪا بہ شيءِ ڪڏهن ٿي؟“ ”مونکي سوزاڪ ٿيو هو.“ ”مان انهي جي باري ۾ ٻڌڻ نہ ٿي گهران. جاني، ڇا اهو ڪافي دردناڪ هو؟“ ”تمام گهڻو.“ ”ڪاش اهو مون کي هجي ها.“ ”نہ اهو توکي ٿي نہ ٿو سگهي.“ ”ها ٿي سگهي ٿو. ڪاش اهو مون کي ٿئي ها جيئن توکي ٿيو هو. ڪاش مان تو وارين سڀني ڇوڪرين وٽ ترسان ها تہ جيئن مان تولاءِ انهن سان کل پوڳ ڪيان ها.“ ”اها هڪڙي خوبصورت تصوير آهي.“ ”توهان کي سوزاڪ ٿي وڃي اها ڪا خوبصورت تصوير نہ ٿي ٿي سگهي.“ ”مان اهو ڄاڻان ٿي. هاڻي برف ڏانهن نهار.“ ”مان اڃا بہ تو ڏانهن نهارڻ پسند ڪندس. جاني، تون پنهنجا وار وڏا ڇو نہ ٿي ڪرين؟“ ”ڪيترا وڏا؟“ ”بس ٿورڙا وڏا هجن.“ ”اهي هاڻي ڪافي وڏا آهن.“ ”نہ. انهن کي ٿورو وڌو ٿيڻ جي لاءِ ڇڏي ڏي ۽ مان پنهنجا وار ڪترائي سگهان ٿو ۽ اسان بلڪل هڪجهڙا ۽ هڪ لڳنداسين هڪڙو سياہ رنگ، وارن ۽ اڪين وارو ۽ ٻي سونهري رنگ، وارن ۽ اکين واري.“ ”مان توکي تنهنجا وار ڪترائڻ ڪو نہ ڏينديس.“ ”اهو ڪافي مزيدار رهندو.“ ”انهن مون کي بيزار ڪري ڇڏيو آهي. اهي رات جو بستر ۾

بيحد پريشاني ڏين ٿا.“ ”مان انهن کي پسند ڪيان ٿي.“ ”ڇا تون انهن جي ننڍڙي هئڻ کي پسند ڪندينءَ؟“ ”مان ڪري سگهان ٿي. مان انهن کي اهڙي جو اهڙو پسند ڪيان ٿي.“ ”اهي ننڍڙا سهڻا لڳندا. پوءِ اسان ٻئي هڪجهڙا لڳنداسين. او جاني، مان توکي تمام گهڻو چاهيان ٿو مان ٻه تو جهڙو ئي ٿيڻ چاهيان ٿو.“ ”تون آهين. اسان هڪجهڙا ئي آهيون.“ ”مان اهو ڄاڻان ٿو. رات جو اسان هڪجهڙا ٿي ويندا آهيون.“ ”راتيون عظيم آهن.“ ”مان چاهيان ٿي ته اسان پاڻ ۾ ملي جلي وڃون. مان نه ٿي چاهيان ته تون هليو وڃ. مون فقط اهو ئي چيو. جيڪڏهن تنهنجي دل گهري ٿي ته تون هليو وڃ. پر جلدي واپس وري اچجانءِ. انهي لاءِ جو جانب، جڏهن مان توسان گڏ نه هوندي آهيان مون کي جيئڻ اجايو لڳندو آهي.“ ”مان ڪڏهن به ڪاڏي ڪو نه ويندس،“ مون چيو. ”جڏهن تون اتي نه هوندو آهين مان ڪنهن ڪم جي نه هوندي آهيان. وڌيڪ لاءِ مون وٽ ڪا حيات نه هوندي آهي.“ ”مان چاهيان ٿو ته تو وٽ ڀرپور زندگي هجي. مان چاهيان ٿو ته تو وٽ هڪڙي عمدي زندگي هجي. پر اها اسان گڏ گهارينداسين، ها نه؟“ ”۽ هاڻي تون چاهين ٿي ته مان پنهنجي ڏاڙهيءَ جي واڌ ويجه کي روڪي ڇڏيان يا انهي کي وڌڻ لاءِ ڇڏي ڏيان؟ ”ڇڏي ڏي. انهي کي ڇڏي ڏي ته پلي اها وڏي ٿي وڃي. اها ڪافي متحرڪ ڪندي. ٿي سگهي اها نئين سال تائين وڏي ٿي وڃي.“ ”ڇا هاڻي تون شطرنج کيڏڻ چاهيندينءَ؟“ .مان اها بلڪ توسان کيڏڻ چاهينديس.“ ”نه. اچ ته شطرنج کيڏون.“ ”۽ انهي کان پوءِ اسان کيڏنداسين؟“ ”ها.“ ”نيڪ آهي.“ مون شطرنج جي راند جو بورڊ ٻاهر ڪڍيو ۽ ان جي پيادن کي ترتيب سان رکيو. اتي اڃا ٻاهر برفباري ٿي رهي هئي. هڪڙي دفعي رات جو مان جاڳي پيس ۽ ڏٺم ته ڪيٽرائن پڻ جاڳي رهي هئي. چنڊ دريءَ وٽان چمڪي رهيو هو ۽ دريءَ جي شيشن ۾ لڳل سلاخن مان بستر تي پاڇولا ناهي رهيو هو. ”منڙي، ڇا تون جاڳي رهي آهين؟“ ”ها. ڇا توکي ننڊ نه ٿي اچي؟“ ”مان بلڪل انهي مهل جاڳي پيس جڏهن مان اهو ويچاري رهي هيس ته جڏهن مان توسان پهريون دفعو ملي هئس ته مان ڪيتري نه پڳلي هوندي هيس. ڇا توکي ياد آهي؟“ .تون بلڪل ٿورڙي پڳلي هئينءَ.“ ”هاڻي مان ڪڏهن به اهڙي نه آهيان. هاڻي مان عاليشان آهيان. تون عاليشان ايتري ته منڙي انداز سان پئي چوين. وري چئو عاليشان.“ ”عاليشان.“ ”او تون منڙي آهين. ۽ هاڻي مان ايتري پڳلي نه آهيان. مان فقط، گهڻي، گهڻي، گهڻي خوش آهيان.“ ”سمهي پئو“ مون چيو. ”نيڪ آهي. اچ ته بلڪل ساڳي ئي لمحي ۾ سمهي پئون.“ ”نيڪ آهي.“ ”پر اسان سمهي ڪو نه سگهياسين. مان بلڪل هڪڙي ڊگهي وقت تائين جاڳي رهيو هوس ۽ شين جي باري ۾ سوچي رهيو هوس ۽ ڪيٽرائن کي ستل ڏسي رهيو هوس، چنڊ جي روشني هن جي چهري تي چمڪي رهي هئي. انهي کان پوءِ مان پڻ سمهي پيس.

39

جنوريءَ جي اڌ ڌاران منهنجي ڏاڙهي وڌي ويئي ۽ سيارو سرد روشن ڏينهن ۾ ۽ سخت سرد راتين ۾ بدلجي ويو هو. اسان وري رستن تي هلي پئي سگهياسين. برف تي هلندڙ گاه واريون گاڏيون ۽ ڪاٺ واريون گاڏيون ۽ اهي بُنڊ جيڪي پهاڙ تان هيٺ گهليا ويا هئا انهن تي برف توس نموني سان ڄمي ويئي هئي. سموري ملڪ جي مٿان برف ڇانيل هئي، ويندي هيٺ مونترو تائين. ڍنڍ جي ٻئي پاسي کان سمورا پهاڙ سفيد هئا ۽ رون واديءَ جو ميدان ڍڪيل هو. اسان پهاڙ جي ٻئي پاسي کان بيئنِس ڊي ايلياز ڏانهن ڊگها پنڌ ڪياسين. ڪيٿرائن کي ڪوڪا لڳل نيري تري وارا جوتا ۽ هڪڙي ٽوپي پاتل هئي ۽ هن کي هٿ ۾ هڪڙو لڪڻ هو جنهن کي تکيون فولادي نوڪون لڳل هيون. هوءَ ٽوپيءَ ۾ ايتري ٿلهي لڳي نه رهي هئي ۽ اسان ايترو تيز نه پئي هلياسين پرجڏهن هوءَ ٿڪجي پئي پيئي ان مهل اسان رستي جي پرسان پيل بُندن تي ويهي ساه پٽڻ لاءِ ٿورو وقت رڪجي پئي وياسين. اتي بينس ڊي ايلياز وٽ وڻن ۾ هڪڙي سراءِ هئي جتي ڪاٺير شراب پيئڻ لاءِ ترسندا هئا، ۽ اسان اندر ويهي چلهي جو سيڪ وٺندا هئاسين ۽ مصالن ۽ ليمي وارو گرم ڳاڙهو شراب پيئندا هئاسين. اهي ان کي گِلُووين چوندا هئا ۽ اهو پاڻ کي گرم ڪرڻ لاءِ ۽ خوشيءَ کي ملهائڻ لاءِ ڪافي سنو هو. سراءِ اندريان تاريڪ ۽ دونهاٽيل هئي ۽ جڏهن بعد ۾ اسان ان کان ٻاهر پئي نڪتاسين ٿڌي هوا تکائپ سان اسان جي ڦڦڙن ۾ پئي گهڙي ويئي ۽ ساه کڻڻ مهل اسان جي نڪ کي بي حِس پئي ڪري ڇڏيائين. اسان واپس سراءِ ڏانهن نهاريوسين جنهن جي درين مان روشني نڪري رهي هئي ۽ ڪاٺيرن جا ٻاهر بيٺل گهوڙا پاڻ کي گرم رکڻ لاءِ زمين تي داڙوڙا هڻي رهيا هئا ۽ پنهنجا ڪنڌ ڌوڻي رهيا هئا. انهن جي منهن تي ڏنل ڇڪن تي پارو ڄمي ويو هو ۽ انهن جي ساهن مان گهلندڙ هوا ۾ گرم پارو نڪري رهيو هو. گهر ڏانهن رستي تي ويندي ڪجه گهڙين لاءِ اهو هموار ۽ ترڪڻو هو ۽ جتي گهوڙا بيٺل هئا اتان کان وٺي ڪاٺ کي گهلڻ واري رستي جي پڇاڙيءَ تائين اتي برف نارنگي رنگ اختيار ڪري ويئي هئي. انهي کان پوءِ رستو صاف طور تي برف سان ڍڪيل هو ۽ اهو جهنگ وچان گذري رهيو هو ۽ ٻه ڀيرا گهر ڏانهن واپس موٽندي اسان لومڙيون ڏٺيوسين. اهو ڪافي عمدو ملڪ هو ۽ هر واري جڏهن ٻه اسان ٻاهر پئي وياسين اهو ڪافي مزيدار لڳندو هو.

”هاڻي توکي شاندار ڏاڙهي اچي ويئي آهي،“ ڪيٿرائن چيو. ”اها ڪاٺيرن جي ڏاڙهين جيان لڳي ٿي.“ ”ڇا تو انهي ماڻهوءَ کي ڏٺو جنهن کي ڪنن ۾ ننڍڙيون سونيون واليون پاتل هيون؟“ ”اهو جابلو ٻڪرن جو شڪاري آهي،“ مون چيو. ”اهي انهن کي ان لاءِ پائيندا آهن ڇاڪاڻ جو اهي چوندا آهن ته انهن سان اهي بهتر نموني ٻڌي سگهن ٿا.“ ”واقعي؟ مان انهي کي ڪو نه ٿي مڃان. مان سمجهان ٿي ته اهي انهن کي اهو ڏيکارڻ لاءِ پائيندا آهن ته اهي جابلو ٻڪرن جا شڪاري آهن.“ ”ڇا هتي ويجهڙ ۾ ڪٿي جابلو ٻڪر آهن؟“ ”ها، ڊينٽ ڊي جَمن کان پريرو.“ ”لومڙيءَ کي ڏسڻ ۾ ڪافي مزو آيو.“ ”جڏهن اها سمهي پوندي آهي اها پاڻ کي گرم رکڻ لاءِ پنهنجي پڇ کي پنهنجي چوگرد ورائي

ڇڏيندي آهي.“ ”اها لازماً هڪڙي دلڪش محوسات هوندي.“ ”مان هميشه اهڙي پڇ هئڻ جي خواهشمند رهي آهيان. ڇا اهو مزيدار نه هوندو جيڪر اسان کي به هڪڙي لومڙيءَ جيان پڇ هجي ها؟“ ”انهي سان مشڪل سان ڪپڙا پائي سگهجن ها.“ ”اسان کي اهڙا ڪپڙا ناهڻا پون ها، يا ڪنهن اهڙي ملڪ ۾ رهڻو پوي ها جتي ڪنهن به شيءِ سان ڪو به فرق ڪو نه پوندو هجي. ڇا اهو زبردست ناهي جو اسان ڪڏهن به ڪنهن کي ڪو نه ٿا ڏسون؟ تون ماڻهن کي ڏسڻ ڪو نه ٿو گهرين، جاني، ها نه؟“ ”نه.“ ”ڇا اسان هتي فقط هڪڙي منٽ لاءِ ويهون؟“ اسان ٻُنڍن تي هڪٻئي سان لڳو لڳ ويهي رهياسين. اڳيان رستو جهنگ وچان هيٺ پئي ويو. ”هوءَ اسان ٻنهيءَ جي درميان حائل ڪو نه ٿيندي. يا هوءَ ٿيندي؟ ننڍڙي شرير ٻچڙي.“ ”نه. اسان هن کي ٿيڻ نه ڏينداسين.“ ”اسان پيسن جي حوالي ڪان ڪيئن آهيون؟“ ”اسان وٽ ڪوڙ ساترا پيسا پيا آهن. انهن آخري سائيٽ ڊرافٽ کي مان ڏنو.“ ”ڇا هاڻي جڏهن تنهنجي خاندان وارا ڄاڻن ٿا ته تون سوئزرليند ۾ آهين ڇا اهي توکي پنهنجي ضابطي ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪو نه ڪندا؟“ ”غالباً. مان انهن کي ڪجه نه لکندس.“ ”ڇا تو انهن کي نه لکيو آهي؟“ ”نه. فقط سائيٽ ڊرافٽ.“ ”خدا جو شڪر آهي جو مان تنهنجي خاندان جو حصو نه آهيان.“ ”مان انهن ڏانهن تار موڪليندس.“ ”انهن جي باري ۾ ڪا به چنتا نه ڪجي؟“ ”مان ڪيان ٿو پر اسان ايترو ته وڙهياسين جو آخرڪار انهن مون مان هٿ ڪڍي ڇڏيا.“ ”مان سمجهان ٿي ته مان انهن کي ڪافي پسند ڪنديس.“ ”اچ ته انهن جي باري ۾ ڳالهائڻ بند ڪيون نه ته مون کي انهن جو فڪر ورائي ويندو.“ ٿوريءَ دير ڪان پوءِ مون چيو ”جيڪڏهن تو ٿڪ پيجي ورتو آهي ته پوءِ اچ ته هلون.“ ”مون ٿڪ پيجي ورتو آهي.“ اسان اڳتي هيٺ رستي ڏانهن هلڻ لڳاسين. اتي رات ٿي رهي هئي ۽ برف اسان جي جوتن جي هينان چيڪاٽ ڪري رهي هئي. رات خشڪ ۽ ٿڌي ۽ ڪافي چٽي هئي. ”مان تنهنجي ڏاڙهيءَ سان پيار ڪيان ٿي،“ ڪيٿرائن چيو. ”اها هڪڙي عظيم ڪاميابي آهي. اها ڪيتري نه سخت آهي ۽ غضبناڪ آهي ۽ اها ڪافي نرم آهي ۽ هڪڙي عظيم خوشي آهي.“ ”ڇا تون مون کي انهي جي بنا وڌيڪ پسند ڪرين ٿي؟“ ”مان ايئين سمجهان ٿي. جاني، تون ڄاڻين ٿو مان هاڻي پنهنجا وار ڪترائي نه رهي آهيان جيسين ننڍڙي ڪيٿرائن نه ٿي ڄمي. مان هاڻي ڪافي ٿلهي ۽ مامتا سان پرپور لڳان ٿي. پر جڏهن اها پيدا ٿي چڪي هوندي ۽ جڏهن مان وري سنهڙي ٿي وينديس مان انهي مهل انهن کي ڪترائيندس ۽ پوءِ مان تو لاءِ هڪڙي نئين عمدي ۽ مختلف ڇوڪري بڻجي وينديس. انهن کي ڪترائڻ لاءِ ٻئي ڄڻا گڏجي هلنداسين، يا وري مان اڪيلي هلي وينديس ۽ موٽي ايينديس ۽ توکي حيرت ۾ وجهي ڇڏينديس.“ مون ڪجه به ڪو نه چيو. ”تون اهو نه چئي سگهندين ته مان نه هلندس، يا چوندين؟“ ”نه. مان سمجهان ٿو اهو جذبن کي ڪافي پڙڪائيندڙ هوندو.“ ”او، تون تمام گهڻو منڙو آهين. ۽ جاني، ٿي سگهي مان گهڻي سهڻي ٿي پوان ۽ ايتري سنهڙي ٿي وڃان جو تون هڪ دفعو ٻيهر مون تي عاشق ٿي پوين.“ ”جهنم،“ مون چيو. ”مان هاڻي به توسان بيحد پيار ٿو ڪيان. تون ڇا ٿي ڪرڻ گهرين؟ مون کي برباد ڪرڻ ٿي گهرين؟“ ”ها. مان توکي برباد ڪرڻ ٿي چاهيان.“ ”سنو“ مون چيو. ”مان پڻ اهو ئي ته چاهيان ٿو.“

40

اسان هڪڙي سٺي زندگي گذاري سين. اسان جنوري ۽ فيبروريءَ جا مهينا گذارياسين ۽ سيارو ڪافي سٺو رهيو ۽ اسان تمام گهڻو خوش هئاسين. جڏهن گرم هوا گهلڻ لڳي تڏهن اتي ٿورو ڳرڻ جو عمل شروع ٿيڻ لڳو ۽ برف نرم ٿيڻ لڳي ۽ هوا بهار جيان محسوس ٿيڻ لڳي، پر اڪثر صاف سخت ٿڌ وري ٻيهر اچڻ لڳي ۽ سياري وري موٽ کاڌي. مارچ ۾ سياري ۾ پهريون خلل پيو. رات جو اتي برسات پوڻ لڳي. اتي صبح تائين برسات جاري رهڻ لڳي ۽ انهي سان برف ڳرڻ لڳي ۽ پهاڙن جي پاسن کي اداس ڪري ڇڏيائين. اتي ڍنڍ ۽ واديءَ جي مٿان ڪڪر ڇائنجي ويا. اتي مٿي جبل تي برسات وسي رهي هئي. ڪيٿرائن کي ڳرا جورابن وارا جوتا پاتل هئا ۽ مون مسٽر گُٽنجين جا ربڙ وارا جوتا پائي رکيا هئا ۽ اسان پگهريل برف ۽ رستن تان برف کي ڌوئي صاف ڪري ڇڏيندڙ وهندڙ پاڻيءَ وچان هڪڙي ڇتيءَ جي هيٺان اسٽيشن ڏانهن پنڌ پياسين. هڪڙي مئخاني وٽ مانجهاندي کان اول هڪڙو خوشبودار شراب پيئڻ لاءِ رڪياسين. ٻاهر اسان وسڪاري جو آواز ٻڌي پئي سگهياسين. ”ڇا تون سمجهين ٿي ته اسان کي قصبي ڏانهن هلڻ گهرجي؟“ ”تون ڇا ٿو سمجهين؟“ ڪيٿرائن پڇيو. ”جيڪڏهن سيارو ختم ٿي ويو ۽ برسات جاري رهي ته هتي رهڻ بي لطف هوندو.“ ”ننڍڙي ڪيٿرائن جي اچڻ ۾ اجا ڪيترو وقت لڳندو؟“ ”هڪڙي مهيني جي لڳ ڀڳ. يا شايد ان کان ٿورو بعد.“ ”اسان هيٺ وڃي ڪري مونترو ۾ قيام ڪري سگهون ٿا.“ ”اسان لاسين ڏانهن ڇو نه هلون؟ شفاخانو به اتي ئي آهي.“ ”ٺيڪ آهي. پر مون سمجهيو مٿان اهو هڪڙو وڏو قصبو نه هجي.“ ”اسان هڪڙي وڏي قصبي ۾ گهڻو تنها ٿي سگهون ٿا ۽ لاسين بهتر ٿي سگهي ٿو.“ ”اسان ڪڏهن هلون؟“ ”مون کي پرواه ناهي. جاني، جڏهن به تون چاهين. جيڪڏهن تون نه ٿو چاهين ته مان پڻ هن هنڌ کي ڇڏڻ نه چاهيندس.“ ”ڏسئون ته موسم ڪهڙو ٿي ڦيرو کائي.“ اتي ٽن ڏينهن تائين برسات پوندي رهي. هاڻي پهاڙن جي پاسي کان اسٽيشن جي هيٺان سموري برف غائب ٿي ويئي هئي. رستو مٽيءَ هاڻي هڪڙي واهڙ جو ڏيک ڏئي رهيو هو. اهو ٻاهر نڪرڻ جي حوالي کان گهڻو آلو ۽ پگهريل هو. برسات جي ٽئين ڏينهن صبح جو اسان هيٺ قصبي ڏانهن وڃڻ جو فيصلو ڪيوسين. ”اهو سڀ ڪجه ٺيڪ آهي، مسٽر هينري،“ گُٽنجين چيو. ”توهان کي مون کي ڪنهن به قسم جو اطلاع نامو ڏيڻ جي ڪا به ضرورت ڪونهي. مان نه ٿي سمجهان ته توهان هاڻي خراب موسم جي آمد جي ڪارڻ وڌيڪ ترسڻ گهرندا.“ ”اسان کي هر حال ۾ ميڊم جي ڪري اسپتال جي ويجهو رهڻو آهي،“ مون چيو. ”مان سمجهان ٿي،“ هن چيو ”ڇا توهان ڪڏهن ڪڏهن، ٻار سميت هتي اچي ترسڻ گهرندا؟“ ”ها، جيڪڏهن توهان وٽ ڪمرو هوندو ته.“ ”بهار ۾ جڏهن اهو سٺو ٿڄي ويندو توهان اچي ڪري مزو ولي سگهو ٿا. اسان ننڍڙي ٻار کي هڪڙي نرس سان گڏ هڪڙي وڏي ڪمري ۾ رکي سگهون ٿا جيڪو هاڻي بند پيل آهي ۽ توهان ۽ توهان جي خاتون ساڳي ئي ڪمري ۾ رهي ڪري ڍنڍ ڏانهن نهاري سگهو ٿا.“ ”مان توهان ڏانهن واپس موٽي اچڻ جي باري ۾ لکندس،“ مون چيو. اسان سامان بند ڪيوسين ۽ انهي ريل تي روانا ٿياسين جيڪا مانجهاندي کان پوءِ رواني ٿي. مسٽر

۽ مسز گٽنجين اسان سان گڏ هيٺ اسٽيشن ڏانهن هليا ۽ هن هڪڙي ڪاٺ واري گاڏيءَ تي پگهريل برف وچان اسان جو سفري سامان کنيو. اهي وسندڙ بارش ۾ اسٽيشن جي پرسان بيهي اسان ڏانهن هٿ لوڏي الوداع ڪري رهيا هئا. ”اهي تمام گهڻا منڙا ماڻهو هئا،“ ڪيٿرائن چيو. ”اهي اسان جي لاءِ ڏاڍا سٺا هئا.“ اسان مونٽرو کان لاسين جي لاءِ ريل تي سوار ٿياسين. دريءَ کان ٻاهر انهي هنڌ ڏانهن ڏسندي جتي اسان رهيا هئاسين ۽ اسان کي ڪڪرن جي سبب جبل نظر ڪو نه پئي آيا. ريل وِيوِي ۾ بيهي رهي، پوءِ هلڻ لڳي، هڪڙي پاسي کان ڍنڍ وٽان گذرندي ۽ ٻئي پاسي کان آلن ميٿاهن کيتن ۽ اجڙي ويل ٻيلن ۽ گهميل گهرن کان گذرندي. اسان لاسين پهتاسين ۽ هڪڙي وچٿري هوٽل ۾ قيام ڪيوسين. جيئن ئي اسان گهٽين منجهان ۽ هوٽل ۾ ٽانگي واري داخلي رستي ۾ گهڙياسين اتي اجا برسات پئجي رهي هئي. سندس ڪوٽ جي اڳيان واري ته تي پٽل جي چاٻين سان گڏ دربان، لفٽ، فرش تي وڇايل قالين، ۽ هيڪاندي چمڪ سان هٿ منهن ڌوئڻ وارا بيسڻ، پٽل جا پلنگ ۽ وڏي آرامده خلوت گاه گٽيجينز وارن کان پوءِ اهو سڀ ڪجھ عظيم آسائش لڳي رهيو هو. ڪمري جي درين کان ٻاهر هڪڙي لوهي جهنگلي واري هڪڙي ديوار سان هڪڙو گهميل باغيچو نظر اچي رهيو هو. گهٽيءَ جي آر پار، جيڪا نشيبي انداز ۾ لهواري هئي، ساڳيءَ ديوار ۽ باغيچي سان گڏ هڪڙو ٻيو هوٽل هو. مون ٻاهر وسندڙ برسات ڏانهن ڏٺو جيڪا باغيچي جي چشمي تي وسي رهي هئي. ڪيٿرائن سموريون بتيون ٻاري ڇڏيون ۽ سامان کي ٻاهر ڪڍڻ شروع ڪري ڏنائين. مون هڪڙي وسڪي ۽ سوڊا جو آرڊر ڏنو ۽ بستر تي آهلجي مون جيڪي اسٽيشن تان اخبارون خريد ڪيون هيون انهن کي پڙهڻ لڳس. اهو مارچ 1918ع، هوءِ جرمن جارحيت فرانس ۾ شروع ٿي چڪي هئي. مون وسڪي ۽ سوڊا پيئي ۽ پڙهڻ ۾ مشغول هوس جڏهن ته ڪيٿرائن سامان کي کولي رهي هئي ۽ ڪمري ۾ هيڏانهن هوڏانهن گهمي ڦري رهي هئي. ”جاني، تون ڄاڻين ٿو ته مون کي ڇا وڻٺو آهي؟“ هن چيو. ”ڇا؟“ ”ٻار جا ڪپڙا. اتي ڪي ماڻهو ڪونهن جيڪي جڏهن منهنجو وقت پرجي اچي ته ٻار جي شين کان بغير منهنجو هٿ ونڊائي سگهن.“ ”تون اهي خريد ڪري سگهين ٿي.“ ”مان ڄاڻان ٿي. اهو ئي ته مان سڀاڻي ڪري وٺنديس. مان معلوم ڪري وٺنديس ته ڇا ڇا ضروري آهي؟“ ”توکي ڄاڻڻ گهرجي. تون هڪڙي نرس هوندي هئينءَ.“ ”پر اسپتال ۾ تمام ٿورڙن سپاهين کي ٻار هوندا هئا.“ ”مون کيو.“ هن مون کي وهاڻو وهائي ڪڍيو ۽ وسڪي ۽ سوڊا هارجي ويئي. ”مان تو لاءِ ٻئي جو آرڊر ڪيان ٿي،“ هن چيو. ”مون کي افسوس آهي مون ان کي هاري ڇڏيو.“ ”اتي ڪو ايترو بہ ڪو نہ بچيو هو. مٿي پلنگ تي اچ.“ ”نہ. مون کي ڪوشش ڪرڻي آهي ۽ هن ڪمري کي ڪنهن شيءِ جيان نظر ايندڙ بنائڻو آهي.“ ”ڪنهن جهڙو؟“ ”اسان جي گهر جهڙو.“ ”اتحادي فوج جا جهنڊا ٽنگي ڇڏ.“ ”او بس ڪر.“ ”اهو وري چئو.“ ”بس ڪر.“ ”تون اهو ڪافي محتاط طريقي سان چوين ٿي،“ مون چيو. ”ڇڻ تہ تون ڪنهن کي بہ مجروح ڪرڻ نہ ٿي چاهين.“ ”مان نہ ٿي چاهيان.“ ”تہ پوءِ مٿي پلنگ تي اچ.“ ”ٺيڪ آهي.“ هوءَ آئي ۽ بستر تي ويهي رهي. ”جاني، مان ڄاڻان ٿي تہ مان تو لاءِ ڪنهن مزي جي نہ رهي آهيان. مان هڪڙي وڏي اٽي واري ڊرم جيان ٿي وئي آهيان.“ ”نہ تون نہ آهين. تون خوبصورت آهين ۽ تون منڙي آهين.“ ”تو جو مون سان شادي ڪئي آهي مان ڪنهن گهڻي اڏنگي

شيءِ جيان ٿي ويو آهيان.“ ”نہ تون نہ آهين. تون هر وقت وڌيڪ حسين آهين.“ ”پر، جاني، مان وري سنهڙي ٿي وينديس.“ ”تون هاڻي سنهڙي آهين.“ ”تون پي رهيو آهين.“ ”صرف وسڪي ۽ سوڊا.“ ”اجا پيو بہ اچي رهيو آهي،“ هن چيو. ”۽ پوءِ ڇا اسان هتي مٿي رات جي ماني گهرايون؟“ ”اهو بهتر رهندو.“ ”انهي کان پوءِ اسان ٻاهر نہ هلنداسين، ها نہ؟ اسان اڄوڪي رات بلڪل اندر هونداسين.“ ”۽ کيڏنداسين،“ مون چيو. ”مان ڪجھ شراب پيئندس،“ ڪيٿرائن چيو. ”اهو مون کي نقصان نہ پهچائيندو. ٿي سگهي ٿو اسان پنهنجو پراڻي وارو ڪجھ ڪيپري گهرايون.“ ”مان ڄاڻان ٿو اسان ڪري سگهون ٿا.“ ”هن سائيز جيترا انهن وٽ اتي هوٽل ۾ اطالوي شراب هوندا.“ بيري دروازو کڙڪايو هو هڪڙي گلاس ۾ برف سان گڏ وسڪي کڻي آيو ۽ هڪڙي طشتريءَ تي گلاس کان علاوه هڪڙي سوڊا جي بوتل بہ هئي. ”توهان جي مهرباني،“ مون چيو. ”انهي کي اتي هيٺ رکي ڇڏيو. ڇا توهان مهرباني ڪري ٻن ڄڻن جي رات جي ماني ۽ ڪيپريءَ جون بہ خشڪ بوتلون برف ۾ هتي مٿي کڻي ايندئو.“ ”ڇا توهان پنهنجي رات جي مانيءَ جو آغاز سُوپ سان ڪرڻ چاهيو ٿا؟“ ”ڪيٽ، ڇا توکي سُوپ گهرجي؟“ ”مهرباني.“ ”هڪڙي ڄڻي لاءِ سُوپ کڻي اچو.“ ”توهان جي مهرباني، سائين.“ هو ٻاهر هليو ويو ۽ دروازو ورائي ڇڏيائين. مان واپس اخبارن ڏانهن هليو ويس ۽ اخبار ۾ جنگ جي باري ۾ پڙهڻ لڳس ۽ آهستي آهستي برف جي مٿان وسڪيءَ ۾ سوڊا اوتڻ لڳس. مون کي انهن کي ٻڌائڻو هو تہ وسڪيءَ ۾ برف نہ وجهو. انهن کي ڇڏيو تہ اهي الڳ سان برف کڻي اچن. انهي طريقي سان پتو پوندو تہ اتي ڪيتري مقدار ۾ وسڪي هئي ۽ اها سوڊا جي ڪري اچانڪ گهٽي ڇڏي نہ ٿي ويندي. مان وسڪيءَ جي هڪڙي بوتل وٺندس ۽ انهن کي برف ۽ سوڊا آڻڻ جو چوندس. اهو معقول طريقو هو. سٺي وسڪي ڪافي خوشگوار هئي. اها زندگيءَ جي خوشگوار حصن مان هڪ هئي. ”جاني، تون ڇا پيو سوچين؟“ ”وسڪيءَ جي باري ۾.“ ”وسڪيءَ جي باري ۾ ڇا؟“ ”تہ اها ڪيتري نہ سٺي آهي.“ ڪيٿرائن چپ ڪڍيو. ”ٺيڪ آهي.“ اسان هوٽل ۾ ٽي هفتا ٽڪياسين. اهو خراب ڪو نہ هو. کاڌي وارو ڪمرو اڪثر ڪري خالي هوندو هو ۽ گهڻو تڻو اسان رات جو پنهنجي ڪمري ۾ ئي کائيندا هئاسين. اسان قصبي ۾ گهمياسين ۽ اُوچي (Ouchy) کان هيٺ ڪِراڙين وارو ريل جو رستو ورتوسين ۽ ڍنڍ جي پرسان گهمياسين. موسم بلڪل گرم ٿي وئي ۽ اها بهار جيان هئي. اسان خواهش ڪئي سين تہ ڪاش اسين واپس پهاڙن ۾ هجون پر بهار جي موسم فقط ڪجھ ڏينهن تائين برقرار رهي ۽ انهي کان پوءِ سياري جي سخت سردي ٻيهر موٽڻ لڳي. ڪيٿرائن اڳتي قصبي ۾ ٻار جي لاءِ گهربل شيون خريد ڪيون. مان هڪڙي ڪثرت گاه (جمنازيم) ۾ محرابي ڇت ۾ ڪثرت خاطر مُڪي بازي ڪرڻ ويس. مان اڪثر ڪري صبح جو اوڏانهن ويندو هوس جڏهن ڪيٿرائن دير تائين بستر ۾ هوندي هئي. ڪوڙي بهار جي ڏينهن ۾ اهو ڪافي سٺو هوندو هو مُڪي بازيءَ کان پوءِ ۽ غسل ڪرڻ بعد، گهٽيءَ ۾ هلڻ هوا ۾ بهار جي مهڪ کي محسوس ڪرڻ ۽ هڪڙي ڪيفي ۾ ويهڻ لاءِ ٻيهي رهڻ ۽ ماڻهن کي ڏسڻ ۽ اخبار پڙهڻ ۽ هڪڙو مهڪدار شراب پيئڻ: انهي کان پوءِ هيٺ هوٽل ڏانهن وڃڻ ۽ ڪيٿرائن سان گڏجي مانجهاندو ڪرڻ. باڪسنگ واري جمنازيم ۾ پروفيسر مڇون پهريندو هو ۽ هو ڪافي مختصر ۽ بي قائدي هو ۽ جيڪڏهن هن جي بعد شروع ڪبو هو تہ

هو ان کي ڇيهون ڇيهون ڪري ڇڏيندو هو. پر اتي ڄم ۾ ڪافي مزو ايندو هو. اتي سٺي هوا ۽ روشني هوندي هئي ۽ مان ڪافي محنت سان ڪم ڪندو هوس، رسي تي ٽينگون ڏيڻ، پاڇولي واري باڪسنگ ڪرڻ، پيٽ جي ڀر واريون مشقون ڪرڻ، زمين جي هڪڙي ننڍڙي حصي تي سج جي روشنيءَ تي آهلجڻ جيڪا کليل کڙڪيءَ مان ايندي هئي، ۽ وقتي طور تي مکي بازي ڪرڻ مهل پروفيسر کي ڇرڪ پرائڻ. مان ڀهريان سوڙهي ڊگهي شيشي جي اڳيان پاڇولي واري باڪسنگ ڪري ڪو نہ سگهيس ڇاڪاڻ جو ڏاڙهيءَ واري هڪڙي ماڻهوءَ کي باڪسنگ ڪندي ڏسڻ ڪافي عجيب پئي لڳو. پر آخرڪار مون ان کي صرف انوکو سمجهيو. جيئن ئي مون باڪسنگ ڪرڻ شروع ڪئي مون ڏاڙهي ڪوڙائڻ پئي چاهي پر ڪيٿرائن مون کي ايئين ڪرڻ ڪو نہ ڏنو. ڪڏهن ڪڏهن مان ۽ ڪيٿرائن هڪڙي ٽانگي ۾ ٻاهرڳوٺ ڏانهن سواري ڪرڻ لاءِ ويندا هئاسين. جڏهن ڏينهن مزيدار هئا تڏهن سواري ڪرڻ زبردست هو ۽ اسان ٻہ سٺا هنڌ معلوم ڪياسين جتي اسان سواري ڪري ڪائي پئي سگهياسين. هاڻي ڪيٿرائن گهڻو پري هلي نہ پئي سگهي ۽ مون ڳوٺ جي رستن جي پرسان هن سان گڏجي سواري ڪرڻ کي پسند پئي ڪيو. جڏهن اتي ڪو سٺو ڏينهن هوندو هو اسان وٽ هڪڙو شاندار وقت هوندو هو ۽ اسان ڪڏهن بہ برو وقت ڪو نہ ڏٺوسين. اسان ڄاتو پئي تہ ٻار هاڻي ڪافي نزديڪ هو ۽ انهي اسان ٻنهيءَ ۾ انهي احساس کي پئي اپاريو جڻ تہ ڪا شيءِ اسان ڏانهن تيزيءَ سان اچي رهي هجي ۽ اسان ڪابہ گهڙي هڪ ٻئي کان الڳ ٿي ضايع ڪرڻ نہ چاهيندا هجون.

41

هڪڙي صبح جو مان لڳ ڀڳ ٽين بجي ڏاران جاڳي پيس ۽ ڪيٿرائن کي پلنگ تي لرزندي ٻڌم. "ڪيٽ، تون ٺيڪ تہ آهين؟" "جاني، مونکي ڪجھ سور پيا پون." "باقائده طور تي؟" "نہ، ايترا گھڻا نہ." "جيڪڏهن اهي توکي باقاعده طور تي ٿي رهيا آهن تہ پوءِ اسان اسپتال ڏانهن هلنداسين." مان ڪافي ننڊ ۾ ورتل هوس ۽ وري ننڊ ۾ گھيرجي ويس. ٿوريءَ دير کان پوءِ مان ٻيهر جاڳي پيس. "بهتر رهندو تہ تون ڊاڪٽر کي گھراءِ وٺ." ڪيٿرائن چيو. "مان سمجهان ٿي اهو هتي آهي." مان فون ڏانهن ويس ۽ ڊاڪٽر سان ڳالهايم. "ڪيترا پيرا سور اچي رهيا آهن؟" هن پڇيو. "ڪيٽ، اهي ڪيترا پيرا اچن ٿا؟" "مان سمجهان ٿي هر مُني گھنٽي ۾." "تہ پوءِ توهان کي اسپتال ڏانهن وڃڻ گھرجي،" ڊاڪٽر چيو. "مان ڪپڙا پھري پنهنجو پاڻ جلد ئي اوڏانهن وڃان ٿو." "مون فون رکي ڇڏيو ۽ پوءِ اسٽيشن جي ڀرسان گيريج واري کي فون ڪري ٽيڪسي موڪلڻ لاءِ چيم. ڪنهن بہ گھڻي وقت تائين فون جو ڪو جواب ڪو نہ ڏنو. انهي کان پوءِ مون هڪڙي ماڻهوءَ کي هٿ ڪيو جنهن واعدو ڪيو تہ هو هڪدم هڪڙي ٽيڪسي ڏياري موڪليندو. ڪيٿرائن ڪپڙا بدلائي رهي هئي. هن جو ٿيلهو انهي سموري سامان سان ڀريل هو جيڪو هن کي ۽ ننڍڙي ٻار کي اسپتال ۾ گھربل هو. ٻاهر احاطي ۾ مون لفٽ جي لاءِ گھنٽي وڄائي. اتان ڪو بہ جواب ڪو نہ مليو. مان هيٺ ڏاڪڻين ڏانهن هليو ويس. اتي ڏاڪڻين کان هيٺ سواءِ رات جي پهريدار جي ٻيو ڪو بہ ڪو نہ هو. مون پنهنجو پاڻ لفٽ کي مٿي آندو، ان ۾ ڪيٿرائن جو ٿيلهو رکيم، هن ان ۾ قدم رکيو ۽ اسان هيٺ هلڻ لڳاسين. رات جي پهريدار اسان جي لاءِ دروازو کوليو ۽ اسان ٻاهر پٿر جي ٿلهي ٽڪڙي تي ڏاڪڻين جي ڀرسان داخلي دروازي جي هيٺان ويهي ڪري ٽيڪسيءَ جي آمد جو انتظار ڪرڻ لڳاسين. رات چٽي هئي ۽ ستارا ٻاهر نڪتل هئا. ڪيٿرائن ڪافي پرجوش هئي. "مان خوش آهيان تہ ان جي شروعات ٿي ويئي،" هن چيو. "هاڻي ٿوريءَ دير کان پوءِ اهو سڀ ڪجھ ختم ٿي ويندو." "تون هڪڙي سٺي بهادر ڇوڪري آهين." "مان خوفزده نہ آهيان. البت، مان چاهيان ٿي تہ جيڪر ٽيڪسي اچي وڃي." اسان ان کي اڳتان گھٽيءَ وٽان ايندي ٻڌوسين ۽ ان جون اڳيان واريون بتيون ڏٺيوسين. اها داخلي دروازي ۾ مڙي ويئي ۽ مون ڪيٿرائن کي اندر گھڙڻ ۾ مدد ڪئي ۽ ڊرائيور ٿيليهي کي اڳيان رکي ڇڏيو." "اسپتال ڏانهن هل،" مون چيو. اسان داخلي دروازي کان ٻاهر نڪري وياسين ۽ اڳتي ٽڪريءَ ڏانهن هلڻ لڳاسين. اسان اسپتال ۾ اندر گھڙي وياسين ۽ مون ٿيلهو پاڻ سان کنيو. اتي ميز وٽ هڪڙي عورت ويٺي هئي جنهن ڪيٿرائن جو نالو عمر، پتو رشتيدار ۽ مذهب هڪڙي ڪتاب ۾ لکيو. هن چيو تہ هن جو ڪو بہ ڌرم ڪو نہ هو ۽ عورت وٽيءَ ۾ انهي لفظ جي پٺيان هڪڙي ليڪ ڏئي ڇڏي. هن ان کي ڪيٿرائن هينريءَ جو نالو ڏنو. "مان توکي مٿي تنهنجي ڪمري ڏانهن نيئي ويندس،" هن چيو. اسان هڪڙي لفٽ ۾ مٿي چڙهي وياسين. عورت ان کي روڪيو ۽ اسان قدم ٻاهر رکياسين ۽ هيٺ هڪڙي احاطي ۾ ان جي پٺيان هلياسين. ڪيٿرائن

منهنجي ٻانهن کي مضبوطيءَ سان پڪڙي رکيو. ”هي ڪمرو آهي،“ عورت چيو. ”ڇا تون مهرباني ڪري ڪپڙن کان آجي ٿي ڪري بستر ۾ ويندينءَ؟ هي توهان جي پهرڻ لاءِ نائيٽ گائُون آهي.“ ”مون وٽ نائيٽ گائون آهي،“ ڪيٿرائن چيو. ”توهان جي لاءِ بهتر آهي ته توهان هي نائيٽ گائون پهريو“ عورت چيو. مان ٻاهر نڪري ويس ۽ وسيع و عريض ڪمري ۾ هڪڙي ڪرسيءَ تي ويهي رهيس. ”توهان هاڻي اندر اچي سگهو ٿا،“ عورت دروازي جي چائنٺ وٽان چيو. ڪيٿرائن هڪڙي سوڙهي بستر تي آهليل هئي هن کي هڪڙو لسو چوڪنڊو ڪٽيل نائيٽ گائون پاتل هو جنهن مان لڳو پئي جڻ ته اهو ڪنهن ناهموار چادر سازيءَ مان جوڙيو ويو هجي. هن مون ڏانهن ڏسي مسڪرايو. ”هاڻي مون کي سٺا سور پئجي رهيا آهن،“ هن چيو. عورت پنهنجي چيله تي هٿ رکيو بيٺي هئي سورن جو هڪڙي گهڙيءَ وسيلي وقت پيئي رهي هئي. ”ڊاڪٽر ڪٿي آهي؟“ مون پڇيو. ”هو هيٺ ننڊ پيو آهي. جڏهن هن جي ضرورت پوندي ته هو هتي ايندو.“ ”هاڻي، ميڊم لاءِ مون کي ڪجه نه ڪرڻ گهرجي،“ نرس چيو. ”ڇا توهان مهرباني ڪري وري ٻاهر نڪري ويندئو؟“ مان ٻاهر هال ۾ هليو ويس. اهو ٻن ڪڙڪين وارو ۽ هيٺ گذرگاه تائين بند دروازن وارو هڪڙو خالي هال هو. مان ڪرسيءَ تي ويهي رهيس ۽ فرش ڏانهن ڏسڻ لڳس ۽ ڪيٿرائن لاءِ دعا ڪرڻ لڳس. ”توهان اندر اچي سگهو ٿا،“ نرس چيو. مان اندر هليو ويس. ”هيلو جاني،“ ڪيٿرائن چيو. ”اهي ڪيئن آهن؟“ ”هاڻي اهي بلڪل لڳاتار اچي رهيا آهن.“ هن جو منهن مٿي ٿي ويو. پوءِ هن مسڪرايو. ”اهو صفا حقيقي هو. نرس، تون ٻيهر منهنجي پٺيءَ تي هٿ رکندينءَ؟“ ”جيڪڏهن اهو تنهنجي ڪا مدد ڪري سگهي ته،“ نرس چيو. ”جاني، تون هليو وڃ،“ ڪيٿرائن چيو. ”ٻاهر وڃ ۽ ڪا شيءِ وٺي کاءُ. مان هي هڪڙي وڏي وقت تائين ڪنديس.“ ”پهريون سُور اڪثر ڊگهو هوندو آهي،“ نرس چيو. ”مهرباني ڪري ٻاهر وڃ ۽ ڪاشيءِ وٺي کاءُ،“ ڪيٿرائن چيو. ”واقعي، مان ٺيڪ آهيان.“ ”مان ٿوريءَ دير لاءِ ترسندس،“ مون چيو. سور بلڪل باقاعده آيا پئي، پوءِ وري گهٽجي پئي ويا. ڪيٿرائن ڪافي پرجوش هئي. جڏهن برا سور پئي آيا هن انهن کي سٺو پئي ڪوٺيو. جڏهن اهي رڪجي پئي ويا هوءَ مايوس پئي ٿي ويئي ۽ شرمنده محسوس ڪري رهي هئي ."جاني، تون ٻاهر هليو وڃ،“ هن چيو. ”مان سمجهان ٿي تون مون کي بلڪل خود آگاهيءَ ۾ مبتلا ٿو ڪرين.“ ”هن جو چهرو هڪ جاءِ تي ٽڪ هٽي بيٺو. ”اتي. اهو بهتر هو. مان هڪڙي سٺي گهر واري ٿي ڪري بنا ڪنهن حماقت جي هن ٻار کي جنم ڏيڻ چاهيان ٿي. مهرباني ڪري هليو وڃ ۽ ڪو ناشتو واشتو ڪر، جاني، ۽ پوءِ موٽي اچ. مان توکي وساري نه ڇڏينديس. نرس مون لاءِ شاندار آهي.“ ”توهان وٽ ناشتي ڪرڻ لاءِ جهجهو وقت آهي،“ نرس چيو. ”ته پوءِ مان ويندس. الوداع، منڙي،“ ”الوداع،“ ڪيٿرائن چيو. ”۽ منهنجي لاءِ به زبردست ناشتو آڻجانءِ.“ ”مان ناشتو ڪٿي ڪري سگهان ٿو؟“ مون نرس کان پڇيو. ”هيٺ گهٽيءَ ۾ چوڪنڊيءَ وٽ هڪڙو ڪيفي آهي،“ هن چيو. ”هاڻي اهو کليل هئڻ گهرجي.“ اتي ٻاهر اجالو ٿي رهيو هو. مان هيٺ خالي گهٽيءَ ۾ ڪيفي ڏانهن هلڻ لڳس. اتي دريءَ ۾ هڪڙي روشني هئي. مان اندر گهڙي ويس ۽ هڪڙي سيفد رنگ واري ڌاتوئي مئخاني وٽ بيٺس هڪڙي پوڙهي ماڻهوءَ مون کي سفيد شراب ۽ انڊي ۽ مکڻ مان ٺاهيل هڪڙو رول پيش ڪيو. رول ڪالهوڪو

رکيل هو مون ان کي شراب ۾ ٻوڙيو ۽ پوءِ ڪافيءَ جو هڪڙو گلاس پيتم. ” ”توهان هن مهل جو هتي ڇا ڪري رهيا آهيو؟“ پوڙهي ماڻهوءَ مون کان پڇيو. ”منهنجي گهر واري اسپتال ۾ ويم لاءِ ويل آهي. “ ”ڇئبو ايئين. مان توهان لاءِ بهتر اميد جو خواهشمند آهيان. “ ”مون کي شراب جو هڪڙو ٻيو گلاس ڏيو. “ هن ان کي بوتل مان اوتيو ۽ ان کي ٿورو سوايو اونڌو ڪري ڇڏيو جنهن ڪري ڪجه شراب سفيد ڏاتوءَ تي هارجي ويو. مون اهو گلاس پيتو، قيمت ادا ڪيم ۽ ٻاهر هليو ويس. ٻاهر گهٽيءَ جي پرسان گهرن مان ڪچري لاءِ ڦٽو ڪيل دٻا پيل هئا جيڪي ميڙيندڙ جي انتظار ۾ هئا. هڪڙو ڪتو انهن منجهان هڪڙي دٻي ۾ نُوسي رهيو هو. ”توکي ڇا گهرجي؟“ مون پڇيو ۽ دٻي جي اندر نهاريم اهو ڏسڻ لاءِ ته مٿان ان ۾ ڪاشيءِ هجي ته مان ان کي ٻاهر ڪڍي ڏيان؛ ان جي مٿاڇري ۾ سواءِ ڪافيءَ جي تهن، مٽي ۽ ڪجه سڪي ويل گلن جي ٻيو ڪجه به ڪو نه هو. ”ڪتا، انهي ۾ ڪا به شيءِ ڪونهي،“ مون چيو. ڪتو گهٽيءَ جي آرپار هليو ويو. مان مٿي اسپتال ۾ ڏاڪڻين تان چڙهي انهي منزل جي هيٺان واري هال ڏانهن ويس جتي ڪيٿرائن موجود هئي. مون دروازو کڙڪايو. اتان ڪو به جواب ڪو نه مليو. مون دروازو کوليو. ڪمرو خالي هو سواءِ ڪيٿرائن جي ٿيلهي جي جيڪو هڪڙي ڪرسيءَ تي پيو هو ۽ هن جو گائون جيڪو هڪڙي ڪنڊي تي ديوار ۾ ٽنگيل هو. مان ٻاهر هيٺ هال ڏانهن نڪري ويس، ڪنهن نه ڪنهن ماڻهوءَ جي واجهائڻ لاءِ. مون هڪڙي نرس کي ڏٺو. ”ميڊم هينري ڪٿي آهي؟“ ”هڪڙي عورت بلڪل هينئر ويم گهر ڏانهن ويئي آهي. “ ”اها ڪٿي آهي؟“ ”مان توهان کي ڏيکاريان ٿي. “ هوءَ مون کي هيٺ هال جي آخر تائين وٺي ويئي. ڪمري جو دروازو ٿورو کليل هو. مان ڪيٿرائن کي هڪڙي ميز تي ليٽيل ڏسي پئي سگهيس، هن جي مٿان چادر ڏنل هئي. نرس هڪڙي پاسي کان بيٺي هئي ۽ ڊاڪٽر ميز جي ٻئي پاسي کان ڪجه سلينڊرن جي پرسان بيٺو هو. ڊاڪٽر هٿ ۾ ربڙ جي هڪڙي نقاب کي جهليو بيٺو هو جيڪو هڪڙي ٽيوب سان جڙيل هو. ”مان توهان کي هڪڙو گائون ڏيندس ۽ توهان اندر وڃي سگهو ٿا،“ نرس مون کي چيو. ”مهرباني ڪري، هيڏانهن اندر اچو.“ هن مون کي سفيد گائون پهرايو ۽ ان کي هڪڙي ٻي ضرر ميخ سان ڳچيءَ جي پنيان بند ڪيو. ”هاڻي تون اندر وڃي سگهين ٿو“ هن چيو. مان اندر ڪمري ۾ گهڙي ويس. ”هيلو جاني،“ ڪيٿرائن هڪڙي جهيڻي آواز ۾ چيو. ”مان گهڻو نه ٿي ڪري سگهان. “ ”توهان مسٽر هينري آهيو؟“ ڊاڪٽر پڇيو. ”ها. هرشيءِ ڪيئن پئي هلي؟“ ”شيون ڪافي بهتر نموني هلي رهيون آهن،“ ڊاڪٽر چيو. ”اسان هتي اندر آياسين اتي جتي سورن لاءِ گيس جي دستيابي آسان آهي. “ ”مون کي اهو هاڻي گهرجي،“ ڪيٿرائن چيو. ڊاڪٽر هن جي چهري جي مٿان ربڙ وارو نقاب رکي ڇڏيو ۽ ان ۾ لڳل هڪڙي گهڙيءَ کي ڦيرايو ۽ مان ڪيٿرائن کي گهرا ۽ تکڙا ساه کڻندي ڏسي رهيو هوس. انهي کان پوءِ هن نقاب کي ڇڪي پري ڪري ڇڏيو. ڊاڪٽر وال بند ڪري ڇڏيو. ”اها ڪا ايتري وڏي سُور جي ٿاٽ ڪو نه هئي. انهي کان ٿورو پهريان مون کي سُور جي هڪڙي وڏي ٿاٽ آئي هئي. ڊاڪٽر مون کي ٻاهريان صاف ڪيو. تو ڪيو هو نه ڊاڪٽر؟“ هن جو آواز عجيب لڳي رهيو هو. اهو ڊاڪٽر جي لفظ تي مٿي ايري ٿي آيو. ڊاڪٽر مسڪرائي ڏٺو. ”مان چاهيان ٿي ته سُور جي اها ٿاٽ وري ٻيهر اچي،“ ڪيٿرائن چيو. هوءَ پنهنجي

منهن تي ربڙ کي مضبوطيءَ سان جهلي بيٺي ۽ تيزيءَ سان ساهه کڻي رهي هئي. مون هن کي ٿورو چنگهندي ڏٺو. انهي کان پوءِ هن نقاب کي ڇڪي پري ڪيو ۽ مسڪرايائين. "اها وڏي ٿاٺ هئي،" هن چيو. "اها اڃا وڏي ٿاٺ هئي. جاني، تون ڪا به ڳڻتي نه ڪر. تون هليو وڃ. وڃ هڪڙو ٻيو ناشتو ڪر." "مان هتي ترسندس،" مون چيو. اسان لڳ ڀڳ صبح جو ٽين بجي ڌاران اسپتال ڏانهن ويا هئاسين. منجهند تائين ڪيٿرائن اڃا به اسپتال ۾ هئي. سور وري سست ٿي ويا هئا. هوءَ هاڻي ڪافي ٿڪجي پيئي هئي ۽ هيٺي ٿي ويئي هئي پر هوءَ اڃا تائين مسرور هئي. "جاني، مان ڪنهن به ڪم جي ناهيان،" هن چيو. "مون کي گهڻو افسوس آهي. مون سمجهيو مان ان کي گهڻي آسانيءَ سان ڪري ويندس. هاڻي هڪڙي ٿاٺ اٿي رهي آهي." هن نقاب تائين پهچڻ جي لاءِ پنهنجو هٿ وڌايو ۽ ان کي پنهنجي منهن جي مٿان جهلي بيٺي. ڊاڪٽر گهڙيءَ جي چاٻيءَ کي ڦيرايو ۽ هن کي ڏسڻ لڳو. ٿوريءَ دير کان پوءِ سور جي اها ٿاٺ ختم ٿي ويئي. "اها ايتري گهڻي ڪو نه هئي،" ڪيٿرائن چيو. هن مسڪرايو. "مان گيس جي باري ۾ اٽڪاڻ آهيان. اها حيرت انگيز آهي." "اسان ڪجهه گهر ڏانهن ڪٽي هلنداسين،" مون چيو. "ٻي ٿاٺ اٿي رهي آهي،" ڪيٿرائن جلديءَ ۾ چيو. ڊاڪٽر گهڙيءَ کي ڦيرايو ۽ پنهنجي واچ ڏانهن ڏسڻ لڳو. "هاڻي ڪيترو وقفو اچي ٿو؟" مون پڇيو. "لڳ ڀڳ هڪڙي منٽ جو." "ڇا توهان مانجهاندو نه ڪندئو ڇا؟" "جلد ئي،" هن چيو. "ڊاڪٽر، توهان کي ڪجهه نه ڪائڻ گهرجي،" ڪيٿرائن چيو. "مون کي ڪافي افسوس آهي جو مان ايترو وقت وٺان ٿي. ڇا منهنجو ور مون کي گيس نه ٿو ڏئي سگهي؟" "جيڪڏهن توهان چاهيو ٿا ته،" ڊاڪٽر چيو. "توهان انهي کي عدد ٻه ۾ ڦيرايو." "مان ڏسان ٿو" مون چيو. اتي گهڙيءَ ۾ هڪڙو نشان هو جيڪو هڪڙي منيي سان ڦري رهيو هو. "هاڻي اهو مون کي ڪپي،" ڪيٿرائن چيو. هن نقاب کي پنهنجي منهن تي زور سان جهليو. مون گهڙيءَ کي ٻه عدد تي ڦيرايو ۽ جڏهن ڪيٿرائن پنهنجي منهن تان نقاب هٽائي ڇڏيو مون انهي کي بند ڪري ڇڏيو. ڊاڪٽر اهو ڏاڍو سٺو ڪيو جو مون کي ڪجهه نه ڪجهه ڪرڻ جو موقعو فراهم ڪيائين. "ڇا اهو تو ڪيو جاني؟" ڪيٿرائن پڇيو. هن منهنجي ٻانهن جي ڪارائيءَ تي هٿ ڦيرايو. "يقيناً." "تون تمام گهڻو پيارو آهين." گيس جي ڪري هن تي ڪجهه غشو طاري ٿي ويو هو. "مان هڪڙي طشتريءَ ۾ ٻئي ڪمري ۾ ڪائيندس،" ڊاڪٽر چيو. "توهان ڪنهن به مهل مون کي گهرائي سگهو ٿا." جڏهن وقت گذري ويو مون هن کي ڪائيندي ڏٺو. انهي کان پوءِ ٿوري دير بعد، مون ڏٺو ته هو هيٺ آهلجي هڪڙو سگريٽ پي رهيو هو. ڪيٿرائن تمام گهڻو ٿڪجندي ويئي. "ڇا تون سمجهين ٿو ته مان ڪڏهن به هن ٻار کي جنم ڏئي سگهان ٿي؟" هن پڇيو. "ها، يقيناً تون ڪري سگهين ٿي." "مون کان جيتري ڪوشش پڄي ٿي مان ڪري رهي آهيان. مان انهي کي هيٺ جي طرف ڌڪيان ٿي پر سور چڙهي ٿا وڃن. اتي ٻي ٿاٺ اٿي رهي آهي. من انهي سان اچي وڃي." ٻين بجي ڌاران مان ٻاهر هليو ويس ۽ مانجهاندو ڪيم. اتي ڪيفي ۾ ڪجهه ماڻهو ويٺل هئا جن جا ڪرش يا سفل (kirsch: marc) ميوات خاص طور تي صوف ۽ انگورمان ٺهيل ٻي رنگ براندي) جا گلاس ميزن وٽ پيل هئا. مان هڪڙي ميز تي ويهي رهيس. "ڇا مان ڪجهه ڪائي سگهان ٿو؟" مون بيري کان پڇيو. "مانجهاندي جو وقت گذري چڪو آهي." "ڇا اتي

هر وقت جي لاءِ ڪاشيءِ نہ هوندي آهي ڇا؟" "توهان کي ڪَتي گوبي ملي سگهي ٿي." "مون کي ڪَتي گوبي ۽ بيئر ڏيو." "آڏيو يا جرمن ليبل وارو؟" "هلڪو آڏيو." بيرو ڪتي گوبيءَ جي هڪڙي ڊش کڻي آيو جنهن جي مٿان سوئر جي ران جو هڪڙو ٽڪڙو رکيل هو ۽ قيمي جو هڪڙو رول جيڪو شراب ۾ ٻڏل گرم گوبيءَ ۾ پوريل هو. مون اهو کاڌو ۽ بيئر پيتو. مان ڪافي بکايل هوس. مون ميز وٽ ڪيفي ۾ ويٺل ماڻهن کي ڏٺو. هڪڙي ڪنڊ تي اهي تاش کيڏي رهيا هئا. منهنجي اڳيان ٻہ ڄڻا ميز تي هڪٻئي سان مخاطب هئا ۽ اهي سگريٽ نوشي ڪري رهيا هئا. ڪيفي دونهاٽيل هو. انهي سفيد ڏاتوئي مئخاني ۾, جتي مون ناشتو ڪيو هو, هاڻي ان جي پنيان ٽي ماڻهو بيٺا هئا: پوڙهو ماڻهو, هڪڙي گول مٿول عورت جنهن کي ڪارا ڪپڙا پاتل هئا اها هڪڙي دخل جي پنيان ويٺي هئي ۽ ميزن تي پيش ڪيل هر هڪ شيءِ جو رڪارڊ پئي رکيائين, ۽ اتي هڪڙي پيش بند سان ڇوڪرو ويٺل هو. مون کي حيرت ٿي رهي هئي تہ انهي عورت کي ڪل ڪيترا ٻار هئا ۽ ايترن ٻارن جو هئڻ ڪيئن پاسندو هوندو. جڏهن مون ڪتي گوبي کائي بس ڪئي مان واپس اسپتال ڏانهن هليو ويس. هاڻي گهٽي صفا صاف هئي. اتي ڪچري لاءِ ڦٽو ڪيل ڪي بہ دٻا پيل ڪو نہ هئا. ڏينهن جهڙالو هو پر سج انهي منجهان اچڻ جي ڪري رهيو هو. مان لفٽ ۾ مٿي هليو ويس, ان کان ٻاهر قدم رکيم ۽ هيٺ هال ڏانهن ڪيٿرائن جي ڪمري ڏانهن هليو ويس, جتي مون پنهنجو سفيد چوغو ڇڏيو هو. مون ان کي پهريو ۽ ان کي ڳچيءَ جي پنيان ميخن سان بند ڪري ڇڏيو. مون پنهنجو پاڻ کي آرسيءَ ۾ ڏٺو ۽ مان هڪڙي ڏاڙهيءَ سان جعلي ڊاڪٽر جيان لڳي رهيو هوس. مان هال کان هيٺ واري ڪمري ڏانهن ويس. ڪمرو بند هو ۽ مون ان کي ڪڙڪايو. ڪنهن بہ ڪو بہ جواب ڪو نہ ڏنو تنهن ڪري مون منيو ڪوليو ۽ اندر گهڙي ويس. ڊاڪٽر ڪيٿرائن جي پرسان ويٺو هو. نرس ڪمري جي ٻي پڇاڙيءَ ۾ ڪجھ ڪري رهي هئي. "هي آهي توهان جو ور," ڊاڪٽر چيو. "او, جانب, مون وٽ ڪافي حيرت انگيز ڊاڪٽر آهي," ڪيٿرائن چيو. "هو مون کي تمام گهڻي حيرت انگيز ڪهاڻي ٻڌائي رهيو هو ۽ جڏهن بريءَ طرح سور جي ٿاٽ اٿي تہ هن مون کي عجيب طريقي سان ساري جو سارو ٻاهر ست ڏني. هو حيرت انگيز آهي. ڊاڪٽر تون حيرت انگيز آهين," "تون نشي ۾ آهين," مون چيو. "مان اهو ڄاڻان ٿي," ڪيٿرائن چيو "پر توکي اهو چوڻ نہ گهرجي." "تہ پوءِ اهو مون کي ڏي. اهو مونکي ڏي" هن نقاب کي گرفت ۾ آندو ۽ هلڪا ۽ اونها ساهہ کڻڻ لڳي, سهڪندي, مصنوعي ساهہ کڻڻ جو اوزار ٽِڪ ٽِڪ جو آواز ڪرڻ لڳو. هن هڪڙو ڊگهو ٽڏو ساهہ کنيو ڊاڪٽر پنهنجو کاٻو هٿ اوڏانهن ڪيو ۽ نقاب کي پري ڪري ڇڏيو. "اها هڪڙي وڏي ٿاٽ هئي," ڪيٿرائن چيو. هن جو آواز ڪافي عجيب لڳي رهيو هو. "مان هاڻي نہ ٿي مري سگهان, جاني. جتي مون کي مرڻو هو مان ان هنڌ کي ڇڏي آئي آهيان. ڇا تون خوش نہ آهين؟" "تون انهي هنڌ ۾ وري نہ گهڙنديئين." "نہ مان نہ گهڙنديس. جيتوڻيڪ مان ان کان ڊڄان بہ نہ ٿي. جاني, مان نہ مرنديس." "تون ڪا بہ اهڙي احمقاڻي شيءِ ڪو نہ ڪنديئين," ڊاڪٽر چيو. "تون نہ مرنديئين ۽ نہ ئي پنهنجي ور کان جدا ٿينديئين." "او نہ. مان نہ مرنديس. مان نہ مرنديس. مري وڃڻ بيوقوفي آهي. اتي اها ٿاٽ اٿي پئي. اهو مون کي ڏي." ٿوريءَ دير کان پوءِ ڊاڪٽر مون کي چيو, مسٽر هينري توهان ڪجھ گهڙين جي لاءِ ٻاهر ويندئو ۽ مان

هڪڙي چڪاس وٺندس.“ ”هو ڏسندو تہ مان ڪيئن ڪري رهي آهيان،“ ڪيٿرائن چيو. ”جاني، تون بعد ۾ اچي سگهين ٿو، ڇا هو نہ ٿو اچي سگهي، ڊاڪٽر؟“ ”ها،“ ڊاڪٽر چيو. ”مان هن لاءِ حڪم جاري ڪندس تہ هن کي ڪڏهن اچڻ گهرجي.“ مان دروازي کان ٻاهر هليو ويس ۽ هيٺ هال ڏانهن انهي ڪمري ڏانهن هليو ويس جتي ٻار جي جنم کان پوءِ ڪيٿرائن کي اچڻو هو. مان اتي هڪڙي ڪرسيءَ تي ويهي رهيس ۽ ڪمري ڏانهن ڏسڻ لڳس. مون وٽ ڪوٽ ۾ اخبار پيل هئي جيڪا مون تڏهن خريد ڪئي هئي جڏهن مان مانجهاندي لاءِ ٻاهر ويو هوس ۽ مان ان کي پڙهڻ لڳس. ٿوريءَ دير کان پوءِ مون ان کي پڙهڻ بند ڪيو ۽ بتيون وسائي ڇڏيم ٻاهر ڇائنجندڙ اونداه ڏانهن نهارڻ لڳس. مون کي حيرت پئي ٿي تہ ڊاڪٽر هن مهل تائين مون کي گهرائڻ لاءِ ڪنهن کي ڇو نہ موڪليو هو. ٿي سگهي منهنجو پري رهڻ بهتر هجي. غالباً هن مون کي ڪجه وقت لاءِ پري رکڻ پئي چاهيو. مون پنهنجي گهڙيءَ ڏانهن نهاريو. ڏهن منٽن جي اندر هن مون کي گهرائڻ جي لاءِ جيڪڏهن ڪنهن نہ ڪنهن کي روانو نہ ڪيو تہ مان ڪنهن بہ صورت ۾ هيٺ هليو ويندس. غريب، غريب پياري ڪيٽ. ۽ همبستر ٿيڻ جي اها قيمت هئي جيڪا توکي چڪائڻي پئجي ويئي. اهو ڦندي جو انت هو. هڪٻئي سان محبت ڪرڻ جو سِلو ماڻهن کي اهو ئي ملندو آهي. ڪنهن بہ قيمت تي، گيس لاءِ خدا جو شڪر آهي. جيڪڏهن اڳ ۾ بيهوشِيءَ جي دوا ڏني ويجي ها تہ اها ڪيئن هجي ها؟“ هڪ دفعو ان جي شروعات ٿي، اهي ڀَن ڏارا ۾ هئا. حمل دوران ڪيٿرائن نئو بَني هئي. اهو خراب ڪو نہ هو. هوءَ مشڪل سان ڪڏهن بيمار ٿي هجي. هن کي يڪو تڪليف ڪو نہ هئي پر تڏهن جڏهن هوءَ پڇاڙيءَ ۾ پهتي ۽ بس. هاڻي انهن هن کي خاتمي تي پهچائي ڇڏيو. تو ڪڏهن بہ ڪاشيءِ ڪو نہ ماڻي. دوزخ دفع ٿي وڃ! توڻي جو اسان پنجاه پيرا شادي ڪيون ها تہ بہ اهو ساڳيو ڪجه ئي ٿئي ها. ۽ جيڪڏهن هوءَ مري وڃي تہ پوءِ ڇا؟ هوءَ نہ مرندي. اڄڪله عورتون ويم دوران نہ ٿيون مرن. اهو تہ سمورا مڙس سوچيندا آهن. ها، پر جيڪڏهن هوءَ مري وڃي تہ ڇا؟ هوءَ نہ مرندي. هوءَ فقط هڪڙي بري وقت مان گذري رهي آهي. پهريون سور اڪثر دير ڪري ڇڏيندو آهي. هوءَ فقط بري وقت مان گذري رهي آهي. بعد ۾ اسان هڪٻئي کي چونداسين تہ ڪيڏو نہ برو وقت هو ۽ ڪيٿرائن چوندي اهو حقيقت ۾ ايترو برو وقت ڪو نہ هو. پر ڇا جيڪڏهن هوءَ مري وڃي؟ هوءَ مري نہ ٿي سگهي. ها، پر جيڪڏهن هوءَ مري وڃي تہ پوءِ ڇا؟ مان توکي ٻڌايان ٿو هوءَ نہ ٿي مري سگهي. تون احمق نہ ٿي. اها فقط فطرت آهي جنهن هن کي دوزخ ۾ وجهي ڇڏيو آهي. اهو صرف شروعاتي سور آهي، جيڪو لڳ ڀڳ هميشہ دير ڪندو آهي. ها پر جيڪڏهن هوءَ مري وڃي تہ ڇا؟ هوءَ مري نہ ٿي سگهي. هوءَ ڇو مري وڃي؟ هن جي مري وڃڻ جو ڪهڙو جواز آهي؟ اتي فقط هڪڙو ٻار آهي جنهن کي جنم وٺڻو آهي، ملان ۾ گذاريل سٺين راتين جي ضمني پيداوار. اهو مشڪلات پيدا ڪري ٿو ۽ جڏهن جنم وٺندو تون ان ڏانهن نهاريندين ۽ ٿي سگهي انهي سان لاڏ ڪوڏ ڪرين. پر جيڪڏهن هوءَ مري ويئي تہ پوءِ؟ هوءَ نہ مرندي. پر جيڪڏهن هوءَ مري وڃي تہ پوءِ؟ هوءَ نہ مرندي. هوءَ بلڪل ٺيڪ آهي. پر جيڪڏهن هوءَ مري وڃي تہ پوءِ؟ هوءَ نہ ٿي مري سگهي. پر جيڪڏهن هوءَ مري وڃي تہ پوءِ؟ اوهِ، انهي جي باري ۾ ڇا ڪجي؟ جيڪڏهن هوءَ مري وڃي تہ پوءِ؟ ڊاڪٽر ڪمري ۾

اندر گهڙي آيو. ”ڊاڪٽر، اهو ڪيئن پيو هلي؟“ ”اهو نہ پيو هلي،“ هن چيو. ”توهان جومطلب ڇا آهي؟“ ”فقط اهو. مون هڪڙي ڇڪاس ورتي.“ هن ڇڪاس جي نتيجن جو تفصيل پيش ڪيو. ”انهي کان پوءِ مون ڏسڻ لاءِ انتظار ڪيو. پر اهو نہ ٿو هلي.“ ”توهان ڪهڙي صلاح ڏيندا؟“ ”اتي ٻہ شيون آهن. ٻن مخالف پاسن کان لڳل ڏارائن واري ڇمٽي وسيلي اعليٰ ولادت جيڪا چير ڦاڙ ڪري سگهي ٿي ۽ اها ڪافي خطرناڪ ٿي سگهي ٿي ۽ انهي کان علاوه اها ممڪن طور تي ٻار جي لاءِ بہ بري ٿي سگهي ٿي، ۽ ٻيو پيٽ کي چيري ٻار ڪڍڻ.“ ”پيٽ کي چيري ٻار ڪڍڻ جا ڪهڙا خطرا لاحق ٿي سگهن ٿا؟“ جيڪڏهن هوءَ مري وڃي تہ پوءِ! ”اهو هڪڙي عام ولادت کان وڌيڪ خطرناڪ نہ هئڻ گهرجي.“ ”ڇا اهو توهان پاڻ سر ڪندا؟“ ”ها. ممڪن طور تي مون کي هڪڙو ڪلاڪ درڪار هوندو جنهن دوران مان شين جي تياري ڪندس ۽ گهربل ماڻهن کي هٿ ڪري وٺندس. شايد انهي کان بہ ٿورو گهٽ وقت لڳي.“ ”توهان ڇا ٿا سمجهو؟“ ”مان پيٽ کي چيرو ڏئي ٻار ڪڍڻ جي صلاح ڏيندس. جيڪڏهن اتي منهنجي زال هجي ها تہ مان پيٽ کي چيرو ڏئي ٻار ڪڍڻ جي صلاح ڏيان ها.“ ”انهي جا بعد وارا ڪهڙا اثر هوندا آهن؟“ ”ڪي بہ نہ. اتي صرف هڪڙو داغ رهجي ويندو آهي.“ ”سرايت (انفيڪشن) جي باري ۾ ڇا چوندا؟“ ” هڪڙي ڇمٽي واري اعليٰ ڄم کان وڌيڪ جيترا خطرا نہ هوندا آهن.“ ”جيڪڏهن توهان شروع بہ ڪيو ۽ ڪجه ڪري بہ نہ سگهو تہ پوءِ؟“ ”توهان کي آخرڪار ڪا نہ ڪا شيءِ تہ ڪرڻي ئي پوندي. مسٽر هينري تہ اڳ ۾ ئي گهڻو هنيانءُ هاري ويٺو آهي. جيترو جلدي جراحي ڪبي اها اوتروئي محفوظ رهندي.“ ”جيترو جلدي ٿي سگهي جراحي ڪيو“ مون چيو. ”مان ويندس ۽ هدايتون ڏيندس.“ مان ويم واري ڪمري ۾ ويس. نرس ڪيٿرائن سان هئي جيڪا ميز تي ليٽيل هئي، چادر جي هيٺان ٿلهڙي، پيلي ۽ ٿڪل نظر ايندڙ. ”ڇا توهن کي ٻڌايو تہ هو اهو ڪري سگهي ٿو؟“ ”هن پڇيو. ”ها.“ ”ڇا اهو عاليشان نہ آهي. هاڻي اهو سڀ ڪجه هڪڙي ڪلاڪ ۾ پورو ٿي ويندو. جاني، مان زري گهٽ پوري ٿي ويئي آهيان. مان سموري پڃي پور ٽيڻ واري آهيان. مهرباني ڪري اهو (گيس جو نقاب) مون کي ڏي. اهو ڪم نہ ٿو ڪري. او، اهو ڪم نہ ٿو ڪري!“ ”هڪڙو ٻيو سلينڊر ڪٽي اچو“ مون نرس کي چيو. ”اهو هڪڙو نئون سلينڊر آهي.“ ”جاني، مان بلڪل هڪڙي احمق آهيان،“ ڪيٿرائن چيو. ”پر اهو وڌيڪ ڪم نہ ٿو ڪري.“ هن دانهون ڪرڻ شروع ڪيون. ”او، مون اهو ان جي لاءِ گهريو تہ جيئن هن ٻار کي جنم ڏئي سگهان ۽ ڪا مشڪلات پيدا نہ ڪيان، ۽ هاڻي مان صفا پوري ٿي ويئي آهيان ۽ سموري پور پور ٿي ويئي آهيان ۽ اهو ڪم نہ ٿو ڪري. او جاني، اهو هرگز بہ ڪم نہ ٿو ڪري. جيڪڏهن اهو فقط رڪجي وڃي ۽ جيڪڏهن مان مري ويس تہ ان جي ڪا پرواه نہ اٿم. او جاني براءِ ڪرم، انهي کي بيهاري ڇڏ. اتي اهو اچي پيو. او او او!“ هن سسڪيون ڀريندي نقاب مان ساه کنيو. ”اهو ڪم نہ ٿو ڪري. جاني، مون کي ٻُرو م پائنج. مهرباني ڪري دانهون نہ ڪر. مون کي برو م پائنج. مان صفا چُور چُور ٿي ويئي آهيان. تون غريب منڙا. مان توسان بيحد پيار ڪيان ٿي ۽ مان ٻيهر سٺي ٿي ونديس. مان هن واري سٺي ٿي ونديس. اهي مون کي ڪاشيءِ ڏئي نہ ٿا سگهن؟ جيڪر اهي مون کي ڪا شيءِ ڏئي سگهن.“ ”مان ان کي ڪم ڪرڻ جي لائق بڻائيندس. مان انهي کي صفا کولي ڇڏيندس.“ ”اها

(آڪسيجن) هاڻي مون کي ڏي.“ مون گهڙيءَ کي صفا کولي ڇڏيو ۽ جيئن ئي هن مشڪل ۾ گهرو ساهه کنيو هن جا هٿ نقاب تي ڍرا ٿي ويا. مون گيس کي بند ڪري ڇڏيو ۽ نقاب کي مٿي ڪري ڇڏيو.“ هوءَ ڏگهو ساهه پچائي واپس موٽي آئي. ”اهو ڪافي خوبصورت هو جاني. او تون منهنجي لاءِ گهڻو سٺو آهين.“ ”تون همت کان ڪم وٺ مان اهو هر وقت نه ٿو ڪري سگهان. اهو توکي ماري سگهي ٿو.“ ”مون ۾ وڌيڪ همت نه رهي آهي، جاني. مان سموري چڪنا چور ٿي ويئي آهيان. انهن مون کي ٽوڙي ڇڏيو آهي. اهو مان هاڻي ڄاڻان ٿي.“ ”هر ڪو انهي رستي تي گامزن آهي.“ ”پر اهو هنيان هڄائيندڙ آهي. اهي ان کي تيستائين جاري رکن ٿا جيستائين اهي توهان کي ٽوڙي نه ٿا ڇڏين.“ ”هڪڙي گهنٽي ۾ اهو سڀ ڪجهه ختم ٿي ويندو.“ ”ڇا اهو حسين ناهي؟ جاني، مان نه مرنديس، يا مان مري وينديس؟“ ”نه مان وچن ٿو ڪيان ته تون نه مرندينءَ.“ ”ڇاڪاڻ جو مان مرڻ نه ٿي چاهيان ۽ توکي ڇڏڻ نه ٿي چاهيان. پر مان ان سان ايترو ته ٿڪجي پيئي آهيان ۽ مون کي محسوس ٿئي ٿو جڻ مان مرڻ واري آهيان.“ ”بيوقوف. هر ماڻهوءَ کي ايئين لڳندو آهي.“ ”ڪڏهن ڪڏهن مان سمجهندو آهيان ته مان مرڻ وارو آهيان.“ ”تون نه مرندينءَ. تون مري نه ٿي سگهين“ ”پر ڇا جيڪر مان مري وڃان؟“ ”مان توکي ڪو نه ڇڏيندس.“ ”اهو جلديءَ ۾ مون کي ڏي. اهو مون کي ڏي!“ انهي کان بعد، ”مان نه مرنديس. مان پاڻ کي پاڻ مرڻ نه ڏينديس.“ ”يقيناً تون نه ڏيندينءَ.“ ”تون مون وٽ ترسندين.“ ”انهي کي ڏسڻ لاءِ نه.“ ”نه، فقط اتي هڄ.“ ”يقيناً مان هر وقت اِتي ئي هوندس.“ ”تون منهنجي لاءِ تمام گهڻو سٺو آهين. اُتي، اهو مون کي ڏي. مون کي ڪجهه وڌيڪ ڏي. اهو ڪم نه ٿو ڪري!“ مون گهڙيءَ کي ٽن ۾ ڦيرايو پوءِ چئن ۾. مون اميد ڪئي ته ڊاڪٽر واپس موٽي ايندو. مان ٻن کان مٿي وارن عددن کان خوفزده هوس. آخرڪار هڪڙو نئون ڊاڪٽر نرسن سان گڏ اندر گهڙي آيو ۽ انهن ڪيٿرائن کي هڪڙي ڦيٿن واري اسٽريچر تي رکيو ۽ اسان هال کان هيٺ هلڻ لڳاسين. اسٽريچر تيزيءَ سان لفٽ ۾ هيٺ هال ڏانهن هلڻ لڳو جتي هر ڪنهن کي جڳهه بنائڻ لاءِ لفٽ جي ديوار سان گُڏ ۾ ويهڻو پيو. پوءِ مٿي، انهي کان پوءِ ان جو دروازو کليو ۽ لفٽ کان ٻاهر نڪري اهو ربڙ جي ڦيٿن تي جراحي واري ڪمري ڏانهن هلڻ لڳو. مان ڊاڪٽر کي سڃاڻي ڪو نه سگهيس ڇاڪاڻ جو هن کي ٽوپي ۽ نقاب پاتل هو. اتي هڪڙو ٻيو ڊاڪٽر ۽ نرسون پڻ هيون. ”مون کي ڏيڻ لاءِ انهن وٽ ڪجهه آهي،“ ڪيٿرائن چيو. ”مون کي ڏيڻ لاءِ انهن وٽ ڪجهه آهي. او ڊاڪٽر مهرباني ڪري مون کي ايترو ڪجهه ڏيو جو ڪا ڀلائي ٿي پوي!“ هڪڙي ڊاڪٽر هن جي منهن تي گيس جو نقاب چاڙهي ڇڏيو ۽ مون دروازي مان نهاريو ۽ جراحي واري ڪمري جي ننڍڙي روشن وسيع سماعت گاهه کي ڏٺو. ”توهان ٻئي دروازي ۾ اندر وڃي سگهو ٿا ۽ اتي ويهي سگهو ٿا،“ هڪڙي نرس مون کي چيو. اتي هڪڙي جهنگلي جي پنيان ميزون پيل هيون جن وٽان سفيد ميز ۽ روشنيون ڏسڻ ۾ ٿي آيون. مون ڪيٿرائن ڏانهن ڏٺو. نقاب هن جي منهن تي ڍنل هو ۽ هوءَ هاڻي صفا خاموش هئي. انهن اسٽريچر کي اڳتي ڪيو. مان اتان هٽي ويس ۽ هيٺ هال ڏانهن هلڻ لڳس. ٻه نرسون برآمدي جي داخلا ڏانهن تڙ تڪڙ ڪري رهيون هيون. ”اها پيٽ کي چيرڻ واري جراحي آهي،“ هڪڙي چيو. ”اهي پيٽ کي چيرو ڏيڻ واري جراحي ڪرڻ پيا وڃن.“ ٻئي ڄڻي ٿهڪ ڏنو. ”اسان بلڪل وقت تي

آهيون. ڇا اسان خوشنصيب نہ آهيون؟" اهي انهي دروازي ۾ ويا جيڪو بر آمدي ڏانهن پئي ويو. هڪڙي ٻي نرس گڏوگڏ آئي. هوءَ پڻ تڙ تڪڙ ۾ هئي. "تون هاڻي ئي اوڏانهن وڃ. هاڻي ئي وڃ." هن چيو. "مان ٻاهر ويهان ٿي." هوءَ تڪڙي اندر گهڙي ويئي. مان هال کان هيٺ ۽ مٿي گهمي رهيو هوس. مان اندر گهڙڻ کان خوفزده هوس. اتي اونداهي هئي پر دريءَ مان ايندڙ روشنيءَ مان مان ڏسي پئي سگهيس تہ اتي برسات وسي رهي هئي. مان هال جي آخري ڪنڊ وٽ هڪڙي ڪمري ۾ گهڙي ويس ۽ شيشي جي الماڙيءَ ۾ بوتلن تي لڳل ليبلن کي ڏٺم. انهي کان پوءِ مان ٻاهر نڪري آيس ۽ خالي هال ۾ ويهي رهيس ۽ جراحي واري ڪمري جي دروازي ڏانهن ڏسڻ لڳس. هڪڙو ڊاڪٽر ٻاهر نڪري آيو جنهن جي پٺيان هڪڙي نرس هئي. هن جي ٻن هٿن ۾ ڪا شيءِ جهليل هئي جيڪا هڪڙي تازو ڪُل لٿل سيهڙ جيان نظر اچي رهي هئي ۽ انهي سان گڏوگڏ گذرگاه ڏانهن تڪڙا تڪڙا قدم کڻڻ لڳو ۽ هڪڙي ٻئي دروازي کان اندر گهڙي ويو. مان هيٺ دروازي ڏانهن هليو ويس جنهن جي هو اندر هو ۽ انهن کي هڪڙي نئين ڄاول ٻار بابت وٽ پڪڙ ڪندي ڏٺم. ڊاڪٽر مون کي ڏيکارڻ لاءِ ان کي مٿي جهلي بيٺو. هو هن کي کڙين وٽان جهلي بيٺو ۽ هن کي ٺڪڪي هنيائين. "ڇا هو ٺيڪ ٺاڪ آهي؟" "هو عظيم الشان آهي. هن جو وزن پنج ڪلو ٿيندو." مون کي هن جي باري ۾ ڪو بہ احساس ڪو نہ هو. مون کي اهو محسوس ڪو نہ ٿيو تہ منهنجو هن سان ڪنهن بہ حساب ۾ ڪو تعلق هو. مون ۾ پدراڻي جذبات جو ڪو بہ احساس محسوس ڪو نہ ٿيو. "ڇا توهان پنهنجي پٽ تي ناز نہ ٿا ڪيو؟" نرس پڇيو. اهي هن کي ڌوئي ڪري ڪنهن شيءِ ۾ ويڙهي رهيا هئا. مون هن جي ننڍڙي ڪاري صورت ۽ هٿ ڏٺو پر مان هن کي چر پر ڪندي يا روئندي نہ پئي ڏسي سگهيس. ڊاڪٽر هن سان ٻيهر ڪجه ڪري رهيو هو. هو مايوس نظر اچي رهيو هو. "نہ." مون چيو. "هن لڳ ڀڳ پنهنجي ماءُ کي ماري ڇڏيو." "ان ۾ انهي ننڍڙي محبوب جو ڪو بہ قصور ڪونهي. ڇا تو کي ڇوڪرو نہ کپي؟" "نہ." مون چيو ڊاڪٽر هن سان مصروف هو. هن ان کي پيرن کان پڪڙي مٿي ڪيو ۽ هن کي ٺڪڪي هنئي. مان هن کي ڏسڻ جي لاءِ اتي انتظار ۾ ويهي ڪو نہ رهيس. مان هال کان ٻاهر هليو ويس. مان هاڻي اندر وڃي ڪري ڏسي پئي سگهيس. مان دروازي جي اندر گهڙي ويس جيڪو بر آمدي کان هيٺ ٿورو پرتي هو. جيڪي نرسون جهنگلي وٽان بيٺيون هيون انهن مون کي پاڻ ڏانهن اچڻ جو اشارو ڪيو. مون پنهنجو ڪنڌ ڌوڻيو. مان جتي بيٺو هوس اتان کان پڻ مان گهڻو ڪجه ڏسي پئي سگهيس. مون سوچيو ڪيٿرائن مري چڪي آهي. هوءَ مئل نظر اچي رهي هئي. هن جي منهن جو جيترو حصو مان ڏسي پئي سگهيس انهي مان هوءَ ٻي رنگ نظر اچي رهي هئي. هيٺ، روشنيءَ ۾، ڊاڪٽر، ٻن بليڊن واري چمٽي جي حرڪت جي ڪري اڊيڙيل ٿلهي ڪناري واري زخم کي ٽوپي رهيو هو. هڪڙي ٻئي ڊاڪٽر جنهن کي نقاب پاتل هو انهي بيهوشيءَ واري دوا ڏني. نقاب پوش ٻن نرسن هن جي هٿن ۾ گهربل شيون پئي پڄايون. اهو تحقيقات جي خاڪي جيان نظر اچي رهيو هو. جيئن ئي مان ڏسي رهيو هوس تنهن مهل مون کي خيال آيو تہ مان انهي کي مڪمل طور تي ڏسي پئي سگهيس، پر مون کي خوشي ٿي جو مون اهو سڀ ڪجه پنهنجي اکين سان ڪو نہ ڏٺو. مان نہ ٿو سمجهان تہ مان انهن کي وڍ ٽڪ ڪندي ڏسي سگهان ها، پر مون زخم کي هڪڙي مٿي اپريل

ڏگهي پٽري نشان ۾ بند ٿيل ڏٺو جيڪو هڪڙي موچيءَ جي ڪم جيان تڪڙ ۾ مهارت سان سيتل نظر اچي رهيو هو ۽ مان ڪافي خوش ٿيس. جڏهن زخم بند ٿي ويو مان ٻاهر هال ڏانهن هليو ويس ۽ وري هيٺ مٿي هلڻ لڳس. ٿوريءَ دير ڪان پوءِ ڊاڪٽر ٻاهر نڪري آيو. ”هوءَ ڪيئن آهي؟“ ”هوءَ بلڪل ٺيڪ آهي. ڇا تو هن کي ڏٺو؟“ هو ٿڪل لڳي رهيو هو. ”مون توهان کي ٽوپيندي ڏٺو. ڪٽ جو نشان ڪافي وڏو نظر اچي ٿو.“ ”تون ائيئن سمجهين ٿو؟“ ”ها. ڇا اهو هموار ٿي ويندو؟“ ”او، ها.“ ٿوريءَ دير ڪان پوءِ انهن ڦيٿن واري اسٽريچر کي ٻاهر آندو ۽ ان کي جلدي جلدي هال کان لفٽ ڏانهن نيئي ويا. مان انهي جي پر ڏانهن هليو ويس. ڪيٿرائن چنگهي رهي هئي. ڏاڪڻين کان هيٺ انهن ان کي سندس ڪمري واري پلنگ تي رکيو. مان پلنگ جي پيرن کان هڪڙي ڪرسيءَ تي ويهي رهيس. اتي ڪمري ۾ اونداه هئي. ڪيٿرائن پنهنجو هٿ ٻاهر ڪڍيو. ”هيلو جاني،“ هن چيو. هن جو آواز ڪافي جهيڻو ۽ ٿڪل هو. ”هيلو تون منڙي.“ ”اهو ڪهڙي قسم جو ٻار هو؟“ ”شش ـــ نہ ڳالهاءِ،“ نرس چيو. ”اهو ڇوڪرو آهي. اهو ڊگهو ويڪرو ۽ ڪارو آهي.“ ”ڇا هو ٺيڪ آهي؟“ ”ها،“ مون چيو. ”هو ٺيڪ آهي.“ مون نرس کي پاڻ ڏانهن عجيب نظرن سان نهاريندي ڏٺو. ”مان بيحد ٿڪجي پيئي آهيان،“ ڪيٿرائن چيو. ”۽ مان دوزخ جيان دُکي رهي آهيان. ڇا تون بلڪل ٺيڪ آهين پيارا؟“ ”مان ٺيڪ آهيان. ڳالهاءِ نہ.“ ”تون مون لاءِ حسين هئين. او دلبر مان بُريءَ طرح سان دُکي رهي آهيان. هو ڏسڻ ۾ ڪيئن ٿو اچي؟“ ”هو هڪڙي کل لٿل سيهڙ جيان ۽ هڪڙي پوڙهي ماڻهوءَ جي سُڪڙيل صورت جيان نظر اچي ٿو.“ ”توهان لازماً ٻاهر هليا وڃو“ نرس چيو. ”ميڊم هينري لاءِ لازمي آهي تہ هوءَ نہ ڳالهائي.“ ”مان ٻاهر ويندس.“ مون ڪيٿرائن کي چمي پاتي. هوءَ ڪافي بي رنگ، نٻل ۽ ٿڪل هئي. ”ڇا مان توهان سان ڳالهائي سگهان ٿو؟“ مون نرس کي چيو. هوءَ مون سان گڏ هال کان ٻاهر نڪري آئي. مان هال کان ٿورو هيٺ گهميس. ”ٻار سان ڪهڙو مسئلو آهي؟“ مون پڇيو. ”ڇا توهان کي خبر نہ آهي؟“ ”نہ.“ ”هو زنده نہ هو.“ ”هو مئل هو؟“ ”اهي هن کي ساه کڻائي ڪو نہ سگهيا. ناڙو هن جي ڳچيءَ جي چوگرد وڪوڙيل هو يا اهڙو ڪجه.“ ”ڇئبو تہ هو مري ويو.“ ”ها. اها ڪيتري نہ شرم جوڳي ڳاله آهي. هو اهڙو تہ زبردست سٻر ڇوڪرو هو.“ ”نہ،“ مون چيو. ”بهتر آهي تہ توهان واپس ميڊم ڏانهن وڃو.“ ”مان هڪڙي ميز جي اڳيان ڪرسيءَ تي هيٺ ويهي رهيس اتي جتي نرسون موجود هيون هڪڙي پاسي کان ڪِلپن تي رپورٽون ٽنگيل هيون ۽ مون دريءَ جي ٻاهر طرف نهاريو. مون کي دريءَ جي آرپار واري روشنيءَ مان سواءِ اونداه ۽ وسندڙ مينهن جي ٻيو ڪجه بہ نظر ڪو نہ آيو. ڇئبو تہ اهو ائيئن هو. ٻار مئل هو. انهي جي ڪري ئي ڊاڪٽر ايترو ٿڪل پئي لڳو. تہ پوءِ انهن انهي سان گڏ ڪمري ۾ اهڙي قسم جو ورتاءُ ڇو ڪيو؟ هنن سمجهيو تہ هو غالباً ساه کڻڻ شروع ڪندو. مان لادين هوس پر مون ڄاتو پئي تہ هن جي بپتسما ڪئي ويئي هوندي. پر جيڪڏهن هن ڪڏهن هرگز بہ ساه کنيو ئي نہ هجي تہ پوءِ ڇا. هو ڪڏهن بہ حيات هو ئي ڪو نہ. سواءِ ڪيٿرائن جي اندر. مون هن کي اڪثر ڪري هن جي پيٽ ۾ لتن جي چر پر کي محسوس ڪيو هو. ننڍڙو معصوم ٻار. مون دوزخ کان اهڙيءَ طرح ٻوساٽجي وڃڻ جي ڪامنا ڪئي. نہ مان ٻوساٽجڻ نہ ٿو چاهيان. موت جو اهوسمورو تماشو اتي اڄا جاري رهڻو ناهي. هاڻي ڪيٿرائن مري

ويندي. اهو اهو ڪجھ هو جيڪو ڪجھ تو ڪيو. تون مري ويئين. تون بي خبر هئين تہ اهو ڇا بابت هو. تو وٽ ڪڏهن بہ سکڻ جو وقت ڪو نہ هو. انهن توکي اندر ڌِڪي ڇڏيو ۽ انهن توکي قائدا ٻڌايا ۽ پهريون دفعو جڏهن انهن توکي اڌي جي ٻاهريان پڪڙيو هو انهي مهل انهن توکي ماريو هو. يا انهن توکي ايمو جيان بي سبب ماري ڇڏيو. يا رنالڊيءَ جيان انهن توکي آتشڪ جي مرض ۾ مبتلا ڪيو. پر انت ۾ انهن توکي ماري ئي ڇڏيو. تون انهي تي اعتماد ڪري سگهين ٿو. آسپاس رھ ۽ اهي توکي ماري ڇڏيندا. هڪڙي دفعي ڇانوٽيءَ ۾ مون باھ جي مٿان هڪڙو بنڊ رکيو هو ۽ اهو ماڪوڙين سان پريل هو. جيئن ئي انهي سڙڻ شروع ڪيو، ماڪوڙيون هشامن جي صورت ۾ ٻاهر نڪري آيون ۽ اهي پهريان مرڪز ڏانهن ويئيون جتي مچ ٻري رهيو هو. انهي کان پوءِ واپس ورڻ لڳيون ۽ بُنڊ جي پڇاڙيءَ ڏانهن ڀڄڻ لڳيون. جڏهن اهي ان جي پڇاڙِيءَ ۾ سٽجي ويئيون اهي مچ ۾ ڪِرڻ لڳيون. ڪجھ ٻاهر نڪري ويئيون، انهن جو شرير سڙيل ۽ هموار هو ۽ اهي بنا انهيءَ ڄاڻ جي تہ اهي ڪيڏانهن وڃي رهيون هيون هلنديون رهيون. پر انهن مان گهڻي قدر باھ ڏانهن ويئيون ۽ انهي کان پوءِ اهي واپس بنڊ جي پڇاڙيءَ ڏانهن ويئيون ۽ انهن پڇاڙيءَ ۾ موجود ٿڌي هنڌ تي سٽ ڪئي ۽ آخرڪار اهي باھ ۾ ئي ڪِريون. مون کي ياد آهي انهي مهل مون سوچيو هو تہ اهو دنيا جو انت هو ۽ هڪڙي مسيحا بڻجڻ جو ۽ بنڊ کي باھ مان ڪڍي ان کي اوڏانهن ڦٽو ڪرڻ جو هڪڙو شاندار موقعو موجود هو جتي اهي زمين تي پير کوڙي سگهن. پر مون ڪجھ بہ ڪو نہ ڪيو مون هڪڙي قلعِي ڪيل پاڻيءَ سان پريل پيالي کي بنڊ جي مٿان هاري ڇڏيو هو تہ جيئن وسڪيءَ ۾ پاڻي ملائڻ کان پهريان مان پيالي کي خالي ڪري سگهان. مان پايان ٿو تہ ٻرندڙ بنڊ تي هاريل پاڻيءَ سان پريل پيالي ماڪوڙين ۾ فقط انتشار پيدا ڪيو. اهڙيءَ طرح هاڻي مان هال ۾ وينو هوس اهو ٻڌڻ لاءِ تہ ڪيترائن ڪيئن هئي. نرس ٻاهر ڪو نہ آئي، تنهن ڪري ٿوريءَ دير کان پوءِ دروازي ڏانهن ۽ انهي کي ڪافي آرام سان کولي اندر نهاريم. مان پهرين نظر ۾ ڏسي ڪو نہ سگهيس ڇاڪاڻ جو اتي هال ۾ هڪڙي چمڪندڙ روشني هئي ۽ اتي ڪمري ۾ اونداھ هئي. انهي کان پوءِ مون پلنگ جي پرسان نرس کي ويٺل ڏٺو. نرس پنهنجي آڱر کي پنهنجي چپن تي رکي ڇڏيو انهي کان پوءِ مٿي اٿي بيني ۽ دروازي ڏانهن اچڻ لڳي. "هوءَ ڪيئن آهي؟" مون پڇيو. "هوءَ بلڪل ٺيڪ آهي،" نرس چيو. "توهانکي واپس وڃڻ گهرجي ۽ پنهنجي رات جي ماني کائو انهي کان پوءِ جيڪڏهن توهان چاهيو تہ پلي موٽي اچو." مان هيٺ هال ڏانهن ويس انهي کان پوءِ ڏاڪڻين کان هيٺ لٿس ۽ اسپتال جي دروازي جي ٻاهريان نڪري آيس ۽ هيٺ تاريڪ ڳليءَ ۾ وسندڙ مينهن ۾ ڪيفي ڏانهن هليو ويس. اهو اندريان چمڪندڙ روشنيءَ سان جڳمڳائي رهيو هو ۽ اتي ميزن تي ڪيترائي ماڻهو ويٺل هئا. مون کي ويهڻ لاءِ ڪا بہ جاءِ نظر ڪو نہ آئي، ۽ هڪڙو بيرو اڳتي مون ڏانهن سري آيو ۽ هن مون کان منهنجو آلو ڪوٽ ۽ ٽوپي ورتي ۽ هن مون کي هڪڙي ميز وٽ هڪڙي بزرگ جي آرپار هڪڙي جاءِ ڏيکاري بزرگ بيئر پي رهيو هو ۽ شام جي اخبار پڙهي رهيو هو. مان هيٺ ويهي رهيس ۽ بيري کان پڇا ڪيم اڄوڪو خاص طعام ڪهڙو هو. "ڏڳي جو گوشت پر اهو ختم ٿي ويو آهي." "مان ڇا کائي سگهان ٿو؟" "سوئر جي ران جو گوشت ۽ انڊا، پنير سان گڏ انڊا، يا ڪَٽي گوبي." "مون اڄ منجهند

ڏاران ڪٿي گوبي ڪاڏي هئي،“ مون چيو. ”اهو سچ آهي،“ هن چيو. ”اهو سچ آهي. توهان اڄ منجهند جو ڪٿي گوبي ڪاڏي هئي.“ هو هڪڙو درمياني عمر جو شخص هو جيڪو مٿي جي چوٽيءَ کان گنجو هو ۽ هن جا وار ان گنج جي مٿان چمڪي رهيا هئا. هن جي ٻاجهاري صورت هئي. ”توهان کي ڇا گهرجي؟ سوئر جي ران ۽ انڊا يا انڊن سان گڏ پنير؟“ ”سوئر جي ران ۽ انڊا،“ مون چيو. ”۽ بيئر.“ ”هڪڙو سونهري رنگت وارو آڌيو؟“ ”ها،“ مون چيو. ”مون کي ياد اچي ٿو،“ هن چيو. ”توهان اڄوڪي منجهند جو سونهري رنگت وارو هڪڙو آڌيو پيتو هو.“ مون سوئر جي ران ۽ انڊا کاڌا ۽ بيئر پيتو. سوئر جي ران ۽ انڊا هڪڙي گول ٿالهيءَ ۾ پيل هئا سوئر جي ران ان جي هيٺان هئي ۽ انڊا ان جي مٿان هئا. اها ڪافي گرم هئي ۽ پهريون گرنهن وات ۾ وجهڻ سان مون کي پنهنجي وات کي ٺارڻ لاءِ بيئر جو هڪڙو ڍڪ ڀرڻو پيو. مان بکايل هوس ۽ مون بيري کان ٻئي آرڊر جي باري ۾ پڇيو. مون بيئر جا ڪيترائي گلاس پيتا. مان ڪنهن به شيءِ جي باري ۾ ڪجهه به ڪو نه سوچي رهيو هوس پر منهنجي سامهون ويٺل همراه جي اخبار پڙهي رهيو هوس. اها برطانوي محاذ تي پيش رفت جي باري ۾ هئي. جڏهن هن محسوس ڪيو ته مان هن جي اخبار جي پُٺ کي پڙهي رهيو هوس هن ان کي ويڙهي ڇڏيو. مون بيري کي هڪڙي اخبار آڻڻ لاءِ چوڻ جو سوچيو پر مان پنهنجي سوچ کي يڪجاءِ ڪري ڪو نه سگهيس. اتي ڪيفي ۾ گرمي هئي ۽ هوا خراب هئي. ميزن تي ويٺل ڪيترائي ماڻهو هڪٻئي کان آشنا هئا. اتي تاش جون ڪيتريون ئي رانديون هلي رهيون هيون. بيرا مئخاني کان ميزن تائين شراب پهچائڻ ۾ مصروف هئا. ٻه ماڻهو اندر گهڙي آيا ۽ انهن کي ويهڻ لاءِ ڪا به جاءِ نظر ڪو نه آئي. اهي ميز جي آمهون سامهون بيهي رهيا جتي مان ويٺو هوس. مون هڪڙي ٻئي بيئر جو حڪم ڏنو. مان اڃا تائين اتان اٿڻ لاءِ تيار ڪو نه هوس. اسپتال ڏانهن موٽي وڃڻ اڃا سوير پرو هو. مون ڪجهه به نه سوچڻ ۽ مڪمل طور تي خاموش رهڻ جي ڪوشش ڪئي. ماڻهو چوگرد بيٺا رهيا پر ڪو به اٿڻ لاءِ تيار ڪو نه هو انهي ڪري اهي ٻاهر هليا ويا. مون هڪڙي ٻي بيئر پيتي. هاڻي اتي منهنجي اڳيان ميز تي طشترين جو انبار پيل هو. منهنجي آمهون سامهون ويٺل همراه پنهنجون عينڪون لاهي ڇڏيون، انهن کي هڪڙي دٻيءَ ۾ وجهي ڇڏيائين، پنهنجي اخبار کي ويڙهي ڇڏيائين ۽ ان کي پنهنجي کيسي ۾ وجهي ڇڏيائين ۽ هاڻي پنهنجي مشروب واري گلاس کي پڪڙي ويهي رهيو ۽ ٻاهر ڪمري ڏانهن نهاري رهيو هو. مان هلندڙ بارش ۾ اڳتي اسپتال ڏانهن هلڻ لڳس. ڏاڪڻين کان مٿي مان هال کان هيٺ اينڊڙ نرس سان مليس. ”مون هاڻي هاڻي توهان لاءِ هوٽل ڏانهن فون ڪئي،“ منهنجي اندر مان ڪا شيءِ ڪِري پيئي. ”ڇا ٿيو آهي؟“ ”مسز هينريءَ کي خون جو جريان هو.“ ”ڇا مان اندر وڃي سگهان ٿو؟“ ”نه، اڃا نه. ڊاڪٽر هن سان گڏ آهي.“ ”ڇا اهو خطرناڪ آهي؟“ ”ڇا اهو تمام گهڻو خطرناڪ آهي؟“ نرس اندر ڪمري ۾ گهڙي ويئي ۽ دروازو بند ڪري ڇڏيائين. مان ٻاهر هال ۾ ويهي رهيس. منهنجي اندر مان هر شيءِ هلي ويئي. مون سوچيو ئي نه هو. مان سوچي ئي نه پئي سگهيس. مون ڄاتو پئي ته هوءَ مرڻ واري آهي ۽ مون دعا ڪئي ته هوءَ سلامت رهي. هن کي مرڻ نه ڏجانءِ. او خدا، مهرباني ڪري هن کي مرڻ نه ڏجانءِ. پيارا خدا، هن کي مرڻ نه ڏجانءِ. پيارا خدا، هن کي مرڻ نه ڏجانءِ مهرباني ڪري، مهرباني ڪري، مهرباني ڪري هن کي مرڻ

نہ ڏجانءِ. خدايا، هن کي مرڻ کان بچائج. تو ٻار کي ورتو پر هن کي نہ مارجانءِ. انهي جو خير آهي پر هن کي نہ مارجانءِ. مهرباني ڪري، مهرباني ڪري، پيارا خدا، هن کي مرڻ نہ ڏجانءِ. نرس دروازو کوليو ۽ پنهنجي آڱرين سان مون کي اچڻ جو اشارو ڪيو. مان هن جي پٺيان ڪمري ڏانهن ويس. جڏهن مان اندر گهڙيس ڪيٿرائن مٿي نہ پئي نهاريو. مان پلنگ جي پرسان مٿان ڪان ٿي بيٺس. ڊاڪٽر آمهون سامهون پلنگ جي پاسي کان بيٺو هو. ڪيٿرائن مون ڏانهن ڏٺو ۽ مسڪرايائين. مان پلنگ جي مٿان جهڪي ويس ۽ روئڻ لڳس. "غريب، دلبر،" ڪيٿرائن ڪافي نرميءَ وچان چيو. هوءَ بي رنگ نظر اچي رهي هئي. "تون بلڪل نيڪ آهين، ڪيٽ،" مون چيو. "تون بلڪل نيڪ ٿي ويندينءَ." "مان مري رهي آهيان،" هن چيو. انهي کان پوءِ ٿورو رڪجي ويئي ۽ چيائين، "مان ان کان نفرت ڪيان ٿي." مون هن جي هٿ کان پڪڙيو. "مون کي هٿ نہ لاءِ،" هن چيو. مون هن جي هٿ کي ڇڏي ڏنو. هن مسڪرايو. "غريب، دلبر. جيترو بہ مون کي ڇهڻ چاهين ٿو تون ڇه." "ڪيٽ، تون بلڪل نيڪ ٿي ويندينءَ. مان ڄاڻان ٿو تون بلڪل نيڪ ٿي ويندينءَ." "جيڪڏهن ڪجه بہ ٿي پوي مون تو ڏانهن هڪڙو خط لکڻ چاهيو هو پر مان ايئين ڪري ڪو نہ سگهيس." "ڇا تون چاهين ٿي تہ مان ڪنهن پادريءَ يا ڪنهن کي بہ تنهنجي ڏسڻ لاءِ گهرائي وٺان؟" "صرف تون،" هن چيو. انهي کان ٿوريءَ دير بعد، "مان نہ ٿي ڊڄان. مان صرف ان کان نفرت ٿي ڪيان." "توهان کي ايترو ڳالهائڻ نہ گهرجي،" ڊاڪٽر چيو. "نيڪ آهي،" ڪيٿرائن چيو. "ڪيٽ، ڇا تون چاهين ٿي تہ مان تنهنجي لاءِ ڪجه ڪيان؟ ڇا مان تنهنجي لاءِ ڪجه بہ آڻيان؟" ڪيٿرائن مسڪرائي ڏنو. "نہ." پوءِ ٿوريءَ دير بعد، "تون ڪنهن ٻي ڇوڪريءَ سان اسان جون شيون ڪو نہ ڪندين، يا ساڳيون ئي شيون نہ چوندين، ها نہ؟" "ڪڏهن بہ نہ." "البت، مان چاهيان ٿي تہ تون ڇوڪرين سان هُج." "مون کي اهي نہ گهرجن." "توهان تمام گهڻو ڳالهائي رهيا آهيو،" ڊاڪٽر چيو. "مسٽر هينريءَ کي لازماَ ٻاهر وڃڻ گهرجي. هو ٻيهر واپس اچي سگهي ٿو. توهان نہ مري رهيا آهيو. توهان کي احمق نہ ٿيڻ گهرجي." "نيڪ آهي،" ڪيٿرائن چيو. "مان واپس وري ايندس ۽ توسان گڏجي راتيون گهاريندس،" هن چيو. اهو چوڻ هن جي لاءِ تمام گهڻو مشڪل هو. "مهرباني ڪري ڪمري کان ٻاهر نڪري وڃو" ڊاڪٽر چيو. "توهان ڳالهائي نہ ٿا سگهو." ڪيٿرائن مون کي اکِ هنئي، هن جو چهرو بي رنگ هو. "مان ٻاهر ٿي ويندس،" مون چيو. "دلبر، گهبراءِ نہ،" ڪيٿرائن چيو. "مون کي رتيءَ برابر بہ خوف ڪونهي. اها فقط هڪڙي گندي چال آهي." "تون پياري، بهادر منڙي،" مان ٻاهر هال ۾ انتظار ڪرڻ لڳس. مون هڪڙي ڊگهي وقت تائين انتظار ڪيو. نرس دروازي ڏانهن آئي ۽ مون ڏانهن سري آئي. "مون کي افسوس آهي تہ مسز هينري تمام گهڻي بيمار آهي،" هن چيو. "مون کي هن لاءِ افسوس آهي." "ڇا هوءَ مري ويئي؟" "نہ، پر هوءَ بيهوش آهي." ايئين لڳي ٿو جڻ هن کي هڪڙي پٺيان ٻيو خون جو جريان اچي رهيو هجي. اهي ان کي روڪي ڪو نہ سگهيا. مان ڪمري ڏانهن ويس ۽ اتي تيستائين بيٺو رهيس جيستائين هوءَ فوت نہ ٿي ويئي. هوءَ سارو وقت بيهوش هئي، ۽ هن کي مري وڃڻ ۾ گهڻو وقت ڪو نہ لڳو. ڪمري کان ٻاهر، هال ۾، مون ڊاڪٽر سان ڳالهايو، "ڪا اهڙي شيءِ جيڪا مان اڄوڪي رات ڪري سگهان؟" "نہ. ڪرڻ لاءِ ڪجه بہ ڪونهي. ڇا مان توهان کي

توهان جي هوٽل تائين ڇڏي اچان؟“ ”نہ، توهان جي مهرباني. مان ٿوريءَ دير لاءِ هتي ترسڻ گهران ٿو.“ ”مان ڄاڻان ٿو تہ اتي ڇوڙڻ لاءِ ڪجھ بہ ڪونهي. مان توهان کي ٻڌائي نہ ٿو سگهان.“ ”نہ،“ مون چيو. ”ڇوڙڻ لاءِ ڪجھ بہ ڪونهي.“ ”شب خير،“ هن چيو. ”مان توهان کي توهان جي هوٽل تائين ڇڏي نہ ٿو سگهان.“ ”نہ، توهان جي مهرباني.“ ”فقط اها ئي شيءِ ڪرڻ لاءِ باقي هئي،“ هن چيو ”آپريشن مان ثابت ٿيو تہ ـــ“ ”مان انهي جي باري ۾ ڳالهائڻ نہ ٿو چاهيان،“ مون چيو. ”مان توهان کي توهان جي هوٽل تائين وٺي وڃڻ کي پسند ڪندس.“ ”نہ، توهان جي مهرباني.“ هو هيٺ هال ڏانهن هليو ويو. ”هاڻي توهان اندر اچي نہ ٿا سگهو“ هڪڙي نرس چيو. ”ها مان اچي سگهان ٿو“ مون چيو. ”توهان انهي جي باوجود بہ نہ ٿا اچي سگهو.“ ”تون نڪري وڃ،“ مون چيو. ”ٻي پڻ.“ پر جڏهن مون هنن کي ٻاهر ڪڍي ڇڏيو ۽ دروازو بند ڪري ڇڏيم ۽ بتيون وسائي ڇڏيم اهو ڪنهن بہ فائدي جو ڪو نہ هو. اهو ڪنهن مورت کي الوداع ڪرڻ جيان لڳي رهيو هو. ٿوريءَ دير کان پوءِ مون اسپتال کي ڇڏي ڏنو ۽ هلندڙ مينهن ۾ هوٽل ڏانهن واپس موٽي ويس.

*** ***